161

اڄ پڻ ڇڪيم ڇاڪ



مرتب

جي - ايم - سيّد

سنڌي اديبن جي ڪوآپريٽو سوسائٽي لميٽيڊ،
٨ - منظور چيمبرس، گاڏي کاتو،
حيدرآباد سنڌ.

191

اڄ پڻ چڪيم چاڪ

مرتب:
جي. ايم. سيد

سنڌي اديبن جي ڪوآپريٽو سوسائٽي لميٽيڊ،
٨ - منظور چيمبرس، گاڏي کاتو،
حيدرآباد سنڌ

فهرست

ڇاپو پهريون   جون، ١٩٧٧ع   هڪ هزار ڪاپيون

[مرتب جا سڀ حق ۽ واسطا قائم]

قيمت: ٢٠-٠٠ رپيا

هيءُ ڪتاب اسٽار پرنٽرس، پائي خان جي چاڙهي، حيدرآباد سنڌ ۾
ڇپيو، ۽ مسٽر ع. ق. شيخ، سيڪريٽري سنڌي اديبن جي
ڪوآپريٽو سوسائٽي لميٽيڊ، حيدرآباد سنڌ، ان کي ڇپائي، ٨- منظور
چيمبرس، گاڏي کاتو، حيدرآباد سنڌ مان پڌرو ڪيو.

اج پٹ چکیم چاک

مهاڳ

سياست کان سواءِ منهنجي نيازمندي ۽ لاڳاپو سنڌ جي مشهور اديبن، عالمن ۽ شاعرن سان بہ پئي رهيو آهي. ساٺن ڪذريل ۵۰ سالن اندر منهنجون ملاقاتون ۽ خط و ڪتابت پئي وهي آهي. مون حتي الامڪان ڪوشش ڪئي آهي تہ انهن جي لکپڙهہ محفوظ ڪيان، جنهن جا سوين فائيل پرجي ويا آهن. هن کان اڳ مون ٽن صاحبن جي خطن جي انتخاب جا مجموعا ڇپايا آهن: جهڙوڪ (۱) رهاڻ (سيران محمد شاه جا خط)، (۲) ساهڙ جا سينگار (علامہ آءِ. آءِ. قاضيءَ جا خط) ۽ (۳) پير علي محمد شاه راشديءَ جا خط.

ٻيا بزرگ جن سان منهنجو لاڳاپو پئي رهيو آهي، تن مان ڪيترا گذر ڪري ويا آهن ۽ ڪي اڃا زنده آهن. انهن مان ڪيترن جي حياتيءَ جو احوال بہ مون پنهنجي ڪتاب "جنب گذاريم جن سين" ۾ ڏنو آهي. ليڪن ڪيترا اهڙا آهن، جن جو اڃا احوال نہ ڏيئي سگهيو آهيان. ايترن سارن صاحبن جا جدا جدا ڪتاب ڇپائڻ وڏو مشڪل مسئلو هو. پر ڪن دوستن مشورو ڏنو تہ اهي هستيون سنڌ جي تاريخ ۾ اهم جڳهہ والارين ٿيون، تن جا مون ڏانهن لکيل خط، منهنجي لائبرريءَ کان ٻاهر نہ ڪري، ڪتابي صورت ۾ عام ماڻهن تائين پهچڻ گهرجن. ائين ڪرڻ سان اهي آئيندي جي تاريخ جو حصو بڻجي ويندا. تنهنڪري، مون انهن هزارين آيل خطن مان هرهڪ صاحب جا ڪجهہ خط چونڊي، هن ڪتاب ۾ ڏنا آهن. انهيءَ مان اڃا

اميد ٿو ڪريان تہ هڪ طرف سندن يادگيري قائم رهندي، ۽ ٻئي طرف آنهن بزرگن جي نيازمنديءَ ۽ لاڳاپي جو فرض ادا ڪري سگهندس.

سن — — غلام مرتضيٰ
٢٣ مارچ، ١٩٧٥ع

مرحوم شمس العلماءُ ميرزا قليچ بيگ صاحب

ميرزا صاحب جي نام ناسي ۽ اسم گراميءَ کان هرڪو واقف آهي. سندس سوين تصنيفون اسان وٽ يادگيريءَ لاءِ ڪافي آهن. مون سندس حياتيءَ جو احوال اڳيئي "جنب گذاريم جن سين" ڪتاب ۾ ڏيئي ڇڏيو آهي، هتي صرف مون ڏانهن سندس موڪليل ١٢ محفوظ خطن مان ٥ چونڊ خط پيش ڪريان ٿو.

(١)

ٽنڊو ٺوڙهو
٢٢- مارچ ١٩٢٦ع دام الطافڪم!
سيد صاحب ولاسراٽب مشفق مڪرم

سلامن بعد لکجي ٿو ته اوهان جو خط ١٦ مارچ وارو بمع ريزوليوشن پهتو، پڙهي خوش ٿيس، جو اوهان جي دل جو ميل انهيءَ حد زياده هو، جو منهنجو روبرو انڪار به انهيءَ کي روڪي نه سگهيو. انهيءَ حسن ظن ۽ صدق دل جي ڪري اوهان جو شڪرگذار آهيان.

باقي جنهن مجلس ۽ پارٽيءَ جو ذڪر ڪيو اٿوَ، تنهن ۾ حاضر رهڻ کان مون کي معافي ڏجو. اهڙي مجموعي ۾ ۽ اهڙي موقعي تي حاضر رهڻ شرم ٿو اچي. حقيقت ۾ اهڙي قسم جي يادگيريءَ جو نشان ڪنهن به ماڻهوءَ جي مئي کان پوءِ هئڻ گهرجي، نه سندس جيئري. انهي نظر کان مون هڪ ٻن دوستن



مرزا قليچ بيگ



حڪيم فتح محمد سيوهاڻي



مولوي دين محمد وفائي



سادو واسواڻي



ڊاڪٽر گربخشاڻي

لکيو هو، پر مون لکيو هو تہ کنھن ٻئي وقت اوهان وٽان ٿي وڃبو. اتفاق سان انگريزي مهيني جي ٢٥ تاريخ مون کي کنھن ڪم لاءِ لاڙڪاڻي وڃڻو آهي. ارادو ڪيو اٿم تہ انهيءَ جي اڳئين ڏينهن يعني ٢٤ تاريخ اوهان وٽان ٿيندو وڃان، پر خبر نہ آهي تہ اوهان ڳوٺ آهيو يا ٻاهر هجو تہ ڪارڊ لکڻ سان اڳواٽ خبر ڏجو تہ خاطري ٿئي، نہ تہ سڌو هليو وڃان.

بهتر ائين ٿيندو تہ جمعي جي ڏينهن ٢٣ تاريخ پيهرن واريءَ گاڏيءَ ۾ ڪونڙيءَ کان نڪران ۽ سن ۾ لهان، ڏين ڇئين بجي ڌاري. رات اوهان وٽ رهي، ٻئي ڏينهن صبح واريءَ گاڏيءَ ۾ لاڙڪاڻي هليو وڃان.

اتي رهي سيد متابي شاهہ جو پٽ ۽ آمريءَ وارو سيد ڏتي بخش شاهہ بہ ڏسي سگهان، تہ چڱو. نہ تہ بہ ڪو پيغام ڏانهنس [سيد ڏتي بخش ڏانهن] موڪلجو تہ ٢٤ تاريخ صبح واريءَ گاڏيءَ ۾ مون کي آمري اسٽيشن تي گڏجي، جي ٿي سگهيس- جو مون کي هميشه آمريءَ اچڻ لاءِ ٻئي چيو اٿس.

زياده سلام

- قليچ بيگ

[نوٽ:- سن ۾ ڪونہ آيو - يا تہ پروگرام مهمل ڪيائين، يا آءٌ ڳوٺ ڪونہ هوس!]

(٣)

ٽنڊو ٺوڙهو

٢٨- جنوري، ١٩٢٧ع سلامت!

سيد صاحب ولامراتب مشفقي مکرم

سلامن بعد لکجي ٿو تہ اوهان جو خط ٢٥ تاريخ وارو

جي لکيل سوانح عمري سنهنجي بابت ڇاپائڻ نه ڏني، ۽ چيو وين ته انهيءَ جو موقعو مُنهنجي ڪان پوءِ آهي. انهيءَ هوندي به جي اوهان جي اهڙي خواهش هوندي ته پنهنجي پُٽن يا پوٽين سان هڪڙي ڪي چوندس ته حاضر رهي. يا جي منهنجي پوٽيي مرزا منوچهر بيگ، ڊپوٽي ڪليڪٽر سيوهڻ جي، کي وقت هوندو ته آهو ايندو، جو اڻان ويجهو آهي. آءٌ پاڻ پوءِ ڪنهن ٻئي وقت، جي حياتي ۽ قسمت هوندي، ته اچي اوهان وٽان هڪ ڏينهن اندر گهمي ويندس، ۽ پنهنجا اڳوڻا ڏٺان ۽ مڪان وري ڏسي خوشي حاصل ڪندس.

اميد ته خوش چڱا ڀلا هوندا.

زياده خير و السلام

ــ قليچ بيگ

[نوٽ:- تعلقي لوڪلبورڊ مانجهند، سن-اسٽيشن روڊ تي، ميرزا صاحب جي يادگار قائم ڪرڻ لاءِ سندس نالي تي ڪمان وارو دروازو ٺهرائيي، آن جي افتتاح ڪرڻ لاءِ هڪ مجلس گهرائڻ ۽ چانهه پارٽي ڪرڻ، ۽ آن موقعي تي سنڌ جي مکيه عالمن کي گهرائڻ جو ارادو ڪيو هو. ڪيس ان جي افتتاح ڪرڻ لاءِ خط لکيو ويو هو. ان جي جواب ۾ هيءُ خط آيل هو.]

(۲)

ٽنڊو ٺوڙهو
۱۶- اپريل، ۱۹۲۶ع

سيد صاحب ولامراتب مشفقي مکرمي سلامت!

سلامن بعد لکجي ٿو ته اسان ڏي سڀ خير آهي. الحمدلله.

اميد ته اوهان ڏي به سڀ خير هوندو!

اوهان اڳي ڪنهن خاص موقعي تي ايڏانهين اچڻ لاءِ

ان موقعي تي تعليمي ۽ تنظيمي ڪانفرنس بہ رکي ويئي هئي، ڪمس افتتاح ۽ صدارت لاءِ لکيل هو.]

(۴)

ٽنڊو ٺوڙهو

۵- فيبروري، ۱۹۲۷ع

سيد صاحب ولا مراتب، سلامت!

سلامن بعد لکجي ٿو تہ اوهان جو ڪاغذ وري ڪونہ پهتو، جنهن مان ڪانفرنس يا ڪمان جي پوري خبر پوي. ٻهراڻل تاريخ ۾ باقي هڪڙو ڏينهن آهي. مون کي گهڻي خوشي ٿي آهي تہ اوهان کي ۽ ڪن ٻين بزرگن ۽ دوستن کي ملڻ جو موقعو ملندو، پر في الحال اچي نٿو سگهجي. طبيعت برابر ناساز آهي. جي حياتي ۽ قسمت آهي تہ ڪنهن ٻئي وقت ملبو. باقي جي مسلمان صاحب گڏ ٿين ۽ ڪانفرنس گڏ ٿئي، تہ جيڪا تقرير مون کي ڪرڻي ٿئي ها، سا لکي هن سان گڏ ڏپال ۾ بوڪ پوسٽ ڪري ٿو موڪليان. اها منهنجي طرفان اوهين پڙهي ٻڌائجو، ۽ منهنجي پاران عذرخواهي بہ ڪجو، ۽ خير جي دعا بہ ڪجو تہ خدا شل انهي چڱي ڪم ۾ موچاري مت ڏئين.

جيڪي ٿي گذري، تنهن جي خبر ڏجو ۽ بوڪ پوسٽ پهچڻ جو اطلاع ڏجو- تقرير ٿيڻ بعد اها مون ڏي موڪلجو.

- قليچ بيگ

(۵)

ٽنڊو ٺوڙهو

۸- جنوري، ۱۹۲۹ع

مهربان سيد صاحب ولا مراتب سلامت!

سلامن کان پوءِ لکجي ٿو تہ اوهان جو خط ۷ تاريخ

پهتو. اوهان جي خير و عافيت جو حال ٻڌي خوش ٿيس. الحمدلله، خدا تعاليٰ جي مهربانيءَ سان هر طرح خير آهي.

ڪمان جي تيار ٿيڻ جو ٻڌي خوشي ٿي. خدا ڪري ته سياڳي ٿئي ۽ گهڻي ڪم اچي. ان جي ڪوٺ لاءِ دستور موجب بهتر هو ته ڪو وڏو آفيسر ڪولي. ڪليڪٽر صاحب نه ٿي سگهي، ته اوهان جو ڊپوٽي ڪليڪٽر صاحب ڪولي. جي لکندئون ته انهيءَ ٺهرايل تاريخ تي اهو ڪم ڪري سگهندا. ٻيءَ صورت ۾ جيئن اوهان جي مرضي. آءٌ اها ڪوليان، سا ڳالهه سهي ۽ مناسب نٿي لڳي، باقي ڪيل انجام موجب آءٌ اچي اها ڏسندس.

پر جي اوهان جي ڪانفرنس ۷ فيبروريءَ ٿيڻي آهي، ۽ اوهان جي خواهش اهڙي آهي، ته هڪڙي ڏينهن لاءِ اچي سگهندس، ۽ علمي ترقيءَ جي نسبت ۾ تقرير ڏيئي سگهندس.

اگرچ سياري جي موسم آهي ۽ هن پيريءَ جي عمر ۾ نڪرڻ مشڪل نظر ٿو اچي، پر اوهان جي خوشي ۽ ٻين جي فائدي لاءِ صبح جو اچي، وري شام يا رات جو موٽي ويندس. ليڪن پهرين مون کي خبر گهرجي ته انهيءَ ڪانفرنس ۽ ميلي تي اچڻ وارا ماڻهو ڪهڙي قسم جا هوندا، ۽ سرڪار جي برخلاف ڪي ڪجهه چوڻ ۾ ته نه ايندو. متان سوراجي، خلافتي يا ٻيا ڪي ماڻهو حاضر ٿي، نامناسب گفتگو ڪن. اهڙي خاطري اڳواٽ گهرجي. اها به خبر ڏجو ته انهيءَ ڪانفرنس جو پريزيڊنٽ يا صدر ڪير ٿيڻو آهي.

جواب اچڻ تي آءٌ وقت کان اڳ جواب ڏيندس.

زياده سلام،
— قليچ بيگ

[نوٽ:- من ۾ باب قليچ نالي سان دروازو ٺهرائي تيار ڪرايو سون، ان جي افتتاحي مجلس شاهه حيدر جي ميلي جي موقعي تي رکي هئيسون.

مولوي حڪيم فتح محمد سيوهاڻي

مولوي فتح محمد صاحب نہ رڳو وڏو عالم، بيڌپو قوم پرست سياستدان ۽ حاذق حڪيم هو، پر هڪ اعليٰ درجي جو محبتي انسان هو. سون سان خاص سرپيانہ رستو هوس.

سندس زندگيءَ جو احوال سون "جذب گذاريم جن سين" ۾ ڏنو آهي. هن جا سون ڏي سوڪليل هڪ سو (١٠٠) کن خط محفوظ آهن. حق تہ ائين هو تہ سمورن خطن کي جدا ڪتابي صورت ۾، حڪيم صاحب جي حياتيءَ جي احوال سان گڏ، تيار ڪري ڇپائجي ها؛ پر جوانيءَ ۾ ائين نہ ڪيو ويو؛ هن وقت ڪيترا ڪتاب لکي، ٿڪجي پيو آهيان. ان ڪم لاءِ تندرستي اجازت نٿي ڏئي. اهڙان آهي تہ باوجود ڪيترين ڪوششن جي پين ساٿين مولوي صاحب بنسبت ڪو مستند ڪتاب نہ لکيو آهي. لاچار هتي ١٤ خط، "برگ سبز تحفہ درويش" طور پيش ڪريان ٿو.

(١)

ڪراچي [ڪارڊ]

ڊسمبر، ١٩٢٥ع

سائين منهنجا! السلام عليڪم

اڄ آءٌ وري موسم جي مطابقت سان ياد ڏياريان ٿو تہ ماڪي انجام موجب ڪانہ مرحمت فرمايئو. ماڪيءَ جي سخت ضرورت آهي. پڪيءَ طرح ٻڌو اٿم تہ هاڻي ماڪي اوهان جي پاسي پرينءَ پر پيلي ۾ جام ٿي آهي. مهرباني فرمائي، جيئن وعدو فرمايو هوو، تيئن

وارو پهتو. احوال معلوم ٿيو. ارمان آهي ته ميلي يا ساليانيءَ جلسي لئي آءٌ حاضر ٿي نه سگهندس.

منهنجي طبيعت برابر ناهي.

اوهان جي رٿ ڪتابن جوڙڻ بابت تمام چڱي آهي، مگر مڪمل طرح اُن جو قائم رهڻ محال ٿو ڏسجي. خدا ڪري ته ڪامياب ۽ فتحياب ٿئي! آءٌ انهيءَ ڪم ۾ پنهنجي ميڪا مدد ڏيڻ لاءِ تيار آهيان.

اميد ته اوهين خوش چڱا ڀلا آهيو.

— قليچ بيگ

[نوٽ:- مون ڪيس لکيو هو ته لکنو جي ندوه جي دارالمصنفين وانگر هتي ڪو ادبي ادارو ناهي، سنڌي ادب کي زور وٺائجي. ان جو جواب ڏنو اٿس.]

رکي، پوريءَ ايمانداريءَ ۽ اخلاص سان بيهاري ويا. تعليمي ماهرن مان خانبهادر اميدوار بيٺو. اڄ درخواست پريزيڊنٽ کي روبرو ڏنائين. آءٌ ۽ سڀئي ساٿي صاحب به حاضر هئاسين. سون کي چئي ويا آهن ته آءٌ به ”مان نه مان، خالہ جان، مين تيرا مهمان!“ وانگر هر روپرو ميمبريءَ لاءِ ڪٿي اميدوار بيهان. خدا گواهه آهي، منهنجي مذاق جي خلاف آهي ميمبريءَ لاءِ اميدوار بيهڻ- جو پاڻ انهيءَ قصي مان ڇاڙون ڪونه؛ پر گهڻن يارن چيو آهي؛ انهيءَ ڪري ڪٿي ته بيهان. بشرطيڪ بنا خوشامد ۽ منٿ جي چونڊ ڏيان. اميد ته سون کي منٿ ۽ خوشامد ڪرڻي نه پوندي، جو شاه صاحب حاجي عبدالرحيم شاه ۽ اوهان صاحب خير سان وينا آهيو.

— فتح محمد

(٣)

.... ١٩٢٧ع [ڪارڊ]

سائين منهنجا!

السلام عليڪم. نوازشنامو مليو، احوال معلوم ٿيو. آءٌ به ٻه ڏينهن مشغول هوس، جو امير امان الله صاحب جي لاءِ فارسيءَ ۾ ائڊريس تيار ڪرڻ جو ڪم مون تي رکيو ائن، جا جلد ئي هڪ ٻن ڪلاڪن ۾ تيار ڪري ڏنيم، پر وري انهيءَ تي ڪاميٽيءَ ۾ پيش ٿيڻ وقت بحث مباحثا ٿيندا رهيا. تنهن ۾ ٻه ڏينهن لڳي ويا. هاڻي جڏهين گورنمينٽ پاس ڪري، اوهين ضرور به ضرور انهي موقعي تي اچجو. ١١ ڊسمبر تي امير صاحب اچڻو آهي. ويهه روپيا استقباليه ڪاميٽيءَ جي ميمبريءَ لاءِ ڏيڻا آهن. هرڪنهن کان وٺن ٿا، خود مون به ٢٠ روپيا ڏنا آهن. اهڙي موقعي تي اوهان ضرور هجو، هرگز نه گسجو.

ماڪي هڪ ڏينُ ڪن ضرور موجود ڪرائي ڏيندا. ماڪيءَ کان سواءِ ڪراچيءَ ۾ اسان جون دوائون تيار ٿي نه ٿيون سگهن ۽ خراب ٿيو وڃن. انهيءَ ڪري لاچار بار بار عرض ڪرڻ جي جي تڪليف ڏيان ٿو. جيڪڏهن نه ٿي سگهي، ته به خبر ڏيڻ فرمائيندا، ته پوءِ ڪنهن ٻئي کي تڪليف ڏيان.

— فتح محمد

[نوٽ:- اُن وقت ماڙيءَ جي ٻيلي ۾ ماکي گهڻي ٿيندي هئي. لاڳاپي وارن ماڻهن کان اٽڪل تي چار ٿين ۲۰ سيرن جهڙا سال بسال تحفي طور ملندا هئا، جن مان اڪثر هڪ مولوي صاحب جي خدمت ۾ عرض رکندو هوس. هيءُ خط اُن جي يادگيريءَ لاءِ آهي. مولوي صاحب جا گهڻا واقف هئا، جيڪڏهن ڪن تي ڪم رکن ها ته موڪلي سگهن ها، پر پاڻ مون کي پنهنجي اولاد وانگر سمجهي، بنا حجاب جي لکندا هئا.

مولوي صاحب جي اڪثر خطن تي تاريخون ڪونه هونديون هيون، آهي ٽپال جي مهرن تان هٿ ڪري لکان ٿو.]

(۲)

۱- ڊسمبر، ۱۹۲۵ع [ڪارڊ]

محترم بنده ــ السلام عليڪم

اول خط پوءِ تار پهتي. احوال معلوم ڪيو ويو. اڄ جاءِ ورتي ويئي، پنهنجو تالو چاڙهيو ويو. مسواڙ ۲۵ روپيا اڳواٽ ڏني ويئي. پهرين ڊسمبر کان مسواڙ چالو ٿي. هاڻي ڪو ماڻهو موڪليو ته اچي صفائي ڪرائي، فرنيچر ۽ سامان وغيره وڇائي ڇڏي.

اڄ سيٺ جعفر صاحب خواجو ۽ ارباب حاجي خميسو پيئي آيا. خانبهادر ميان ولي محمد صاحب کي چيئرمنيءَ لاءِ زور

خادم آهيان. اگرچه اجڪلهه ڪم گهٽو اٿم ۽ فرصت به ڪانهيم، جو تفسير قرآن شريف لکڻ پيو، ان ڪري قلمي ۽ ٻيا ڪم پڄن ٿي نٿا، ته به تاريخ هندستان ۽ دينيات جي رسالن جي تصنيف ۽ تاليف جو ڪم به هليو اچي. پنهنجي روزگار جو ڌنڌو به درپيش آهي. بهرحال جڏي جيءَ ڪي پيو وهائجي. بدن ويچارو وهُو ڏڪو آهي، ڪوڙو ۽ گوهير نه آهي. ان ڪري بيجا بوجو مٿس وڌو وڃي ٿو ۽ هو سهي وڃي ٿو.

— فتح محمد

(٥)

١٠- فبروري، ١٩٢٨ع [ڪارڊ]

محترم معظم بنده سلمڪم الله!

السلام عليڪم! اوهان وٽان خير سان موڪلائي، جنگشاهيءَ ڏان لهي، سجاول وڃي پهتاسون. سائين منهنجا، انهيءَ سفر جيڪا هن دفعي تڪليف پهچائي آهي، سا سڄي عمر ياد رهندي. سيءَ به ڪو اصلي انهن راتين ۽ ڏينهن ۾ اچي پلٽيو هو. سڄي سپاري جي ڪسر انهيءَ وقت نڪري رهي هئي. سو سرديءَ هتي ساري وڌوسين. باوجوديڪ سيڪنڊ ڪلاس جو سفر هو، ته به سخت سرديءَ سببان گاڏي سڄي برفستان ٿي ويئي هئي. ميان مير محمد شاه صاحب کان معلوم ڪندا ته ڇا حال هو. خدا پناهه ڏني. آءٌ ته بيمار ٿي اچي ڪراچيءَ پهتس، پر شڪرانا وب جا بجا آڻيان ٿو ته رب توفيق ڏنيم، جو اهڙي وقت ۾ پنهنجو خرچ ڪري به انهيءَ خدمت لاءِ اوهان وٽ ۽ سجاول ۾ حاضر ٿي سگهيس. آفرين صد آفرين آهي اوهان جي اولوالعزمانه همت تي، جو هرطرح جو هرج خرچ، تڪليفون ۽ تعذيبون سهي، قوم

سنڌ مان ڪيترن ئي زميندارن ۽ معززن جا پيسا اچي ويا آهن.
٢٠ روپيا هڪدم حاجي عبدالله هارون جي نالي موڪليندا.
"الهلال" لاءِ اميد ته لکي ڇڏيندس، تسلي ڪندا. هن
نوٽيس جو ترجمو ڪرايم؛ خبر نه ٿي پوي ته هو ڪير آهي.
ممڪن آهي ائين به آهي، جيئن اوهان سمجهيو آهي. پر جيڪا
رقم اوهان ڏني هئي ڪِرائي جي، اها ته برابر ڏنل آهي. پر
شايد هڪ مهيني جي نوٽيس ڪان سواءِ آٿيا آهيو. آنهيءَ
ڪري، "سچو واٽيو ونهيون سنڀالي" موجب ڪيو اٿن.

اوهان کي هڪ هفتي اندر جواب ڏيڻو آهي. ان ڪري
بهتر آهي ته جڏو مڏو جواب يڪدم اتاهون جڊيشل ڪورٽ
جي نالي لکي يا لکائي موڪليو.

هينئر منشي محمود کان خبر پيئي آهي، جيئن مون لکيو
هو، ته هڪ مهيني جي نوٽيس کان سواءِ و يا آهيو. انهيءَ ڪري
نوٽيس نڪتو آهي. اهو جاءِ جو مالڪ ڏيوالي ۾ ويو آهي، سو
سرڪار اهي ڳالهيون ڳولي لڌيون آهن،

— فتح محمد

(٤)

٢٢- مئي، ١٩٢٧ع [ڪارڊ]

سائين منهنجا — السلام عليڪم!

نوازش نامو رجسٽر شده پهتو، احوال معلوم ٿيو. بر وقت
حڪم جي تعميل ڪئي ويئي. سپاٽي کان وٺي ڪم شروع
ٿيندو ۽ لسٽ ۾ موڪليل سيٺي کي پهچائبو ۽ موڪلبو. قسطن
۾ ڪم پورو ٿيندو. شايد ڇهه ستقسطون ٿين. آءٌ حڪم جو تابع ۽

آهي. انهيءَ ڪري، انتظار ٿي پيو آهي. خداوند تعاليٰ محفوظ ۽ ڪامياب رکندوَ، آمين! جيڪڏهن انهيءَ بابت ڪا دلجاءِ جهڙي خبر هجي ته ضرور رفع انتظار لاءِ مطلع فرمائيندا.

'الهلال' اخبار شايع ٿيڻ بند ٿي ويئي آهي، مگر اڄڪلهه 'همدرد' عجيب و غريب مضامين سان ۽ بلند پايي سان نڪري ٿي. آءٌ به گهرائيندو آهيان. مولانا محمدعلي صاحب ولايت اسهيل آهي. ان جا عجيب غريب خط ولايت مان آيل به منجهس پون ٿا. سو ان ڪري اوهان جي نالي به گهرائي آهي ۽ برادرم ميان عبدالقيوم جي نالي به آرڊر ڪيو آهي. اميد ته وي-پي ٿي اوهان وٽ ايندي. مهرباني ڪري وي-پي وٺندا.

پيو سڀ خير

حال احوال کان واقف ڪرڻ فرمائيندا.

— فتح محمد

(٦)

٢٤- آگسٽ، ١٨٢٨ع [ڪارڊ]

سائين سنهنجا، السلام عليڪم!

نوازش‌نامو رسيو، احوال خير جو معلوم ٿيو. سائين، سچ پڇو ته مون کي ڏاڍو انتظار آهي. خدا ڪري اوهان ته ڪنهن به صورت ۾ چونڊجو. بهتر ائين هو ته اوهان پنهنجي ٽڪ ۾ نالو به ڏيئي ڇڏيو ها.

خير- گذشته را صلواة، آئنده را احتياط. آءٌ اڪين سان انهيءَ ڪم لاءِ سيوهڻ واسطي حاضر آهيان. اڄ يعني هيئنر خميس ڏينهن صبح جو ڪوئيٽا ميل ۾ سجاول روانو ٿيان ٿو. آچر جي شام جو موٽندس. ١٤- تاريخ سنڌي ڪاڇوٽي سيدن جون شاديون آهن. آهي گذارڻ بعد انشاءالله ڪا تاريخ مقرر ڪري هلنداسين. اگرچه سائين ولي محمد شاه فقط اوهان کان

جي خدمت ڪريو ٿا. تڏهين حيف آهي اسان کي، جو ڪم از ڪم اچي حاضر به نه ٿيون.

آءٌ به جيئن سجاول سان آيو آهيان، تيئن بيمار به آهيان ۽ انهيءَ هوندي وري ڪم به گهڻو اٿم. بيمارن جي وش، فرصت اصل ڪانه، هي خط به وچ وچ ۾ پيو لکان.

چنچر ڏينهن، وري پرين ۾ ويندس، ميان مراد علي شاهه صاحب جي علاج لاءِ.

روز سنئيرندو هوس ته اوهان ڏانهن خط لکان، پر فرصت نٿي ڪانه ملندي هيم. اڄ زور سان فرصت حاصل ڪري خط لکان ٿو.

پيو عرض ته اوهان جي ۲۵ روپين مان باقي اٺ آنا بچيا آهن- مولوي فضل الحق، مولوي حافظ خان محمد، مولوي محمد عثمان دهلوي، ميان عبدالغفور سولانا صاحب همشيرزادو- انهن چئن جو ڪرايو اوٺ موٽ هڪ طرف ڪراچيءَ کان سن ۽ ٻئي طرف سن کان جنگشاهي وغيره تي ۲۴ روپيا خرچ ٿيا.

حاجي شاه بخش صاحب کي مـون پنهنجي طرفان خرچ ڪري، سچو سفر سجاول سوڌو ڪرايو هو.

اسيد ته اوهان خوش باش هوندا.

— فتح محمد عفي عنه

[نوٽ:- سن ۾ شاهه حيدر جي ميلي تي سڌايل تعليمي ۽ سماجي ڪانفرنس جي موقعي تي سن آيل هئا.]

(۵)

۱۷- اگسٽ، ۱۹۲۸ع [ڪارڊ]

سائين منهنجا، السلام عليڪم!

اميد ته بخيريت هوندا، آمين. ٻڌو اٿم ته مخالفن اوهان ۽ سيٺ طيب عليءَ جي لوڪلبورڊ اليڪشن ۾ اپوزيشن ڪرائي

آءٌ خاص طرح سوڻي ڪري، ’ڪُراڙي‘ کي پاڻ سان وٺي، بنگلو ڏيکارڻ ويس. اندر گهڙي، سڄو ’ڪراڙي‘ کي ڏيکاريم. خدا جي قدرت، بنگلي جو مالڪ، آءٌ سڪيورا، به آئي اچي نڪتو. روبرو چيومانس تہ ”شاه صاحب ڇني اوهان جي نالي لکي موڪلي آهي.“ چيائين تہ ”ڇگو ٿيو، نہ تہ آءٌ هئي کي ڏيڻ وارو هوس، سنهنجون چاهيون بہ اوهان وٽ هيون.“ آخر ڏيکاريائين تہ سيني آئوٽ هائوسن ۽ بورچي خانن کي وائيٽ واش ڪرايو هئائين ۽ ڪجهہ ڪمپائونڊ جي بہ صفائي ڪئي هئائين. پوءِ تہ ساري بنگلي جي پٽين کي سزدورن هٿان صفا ڪرائي، ٻهاريون ڏيارائي، سامان ڪالهہ روانو ڪيم. سامان رواني ڪرڻ مهل اوچتو اوهان جو ماڻهو شيدي بہ اچي نڪتو. بہ گلم، ٽي کٽون ۽ ٻيو سڀهو سامان، مٽ، گهگهيون وغيره سڀ موڪلي ڏنم. باقي سامان هت رهيو. هاڻ اچڻ شرط ڪجهہ ڪرسيون، ٽيبل، ٽپائي ضرور وٺي پوندي. ٻيو تہ جيسين ڪو وجهہ جهڙو سامان هٿ اچي، تيسين تہ ڪجهہ وٺجي.

بورچي نوڪر کي ٽانون ٽپن جي صفائيءَ ۽ رٿ سان رکڻ ۽ سامان سڄو باانتظام رکڻ جي نوڪرن کي هدايت ڪندا رهندا، جو نوڪر البت سست ۽ ڇيڳرا ڏسجن ٿا.

اوهان جو سُوٽ واشنگ وارن ساڙيو هو، سو لڪائي تہ ورتو هومانس تہ پري ڏيندو، پر پوءِ آخر ڦري ويو. ٽيو ڏينهن نيٺ دب ڪيدي مانس. حساب ڪري، تيرهن روپيا ڏيئي ويو، جي وٺي رکيامانس. ڪالهہ مسٽر شاهنواز شاه گڏيم. چيائين تہ آدم سوماو وارو بنگلو سينٽرل بئنڪ کان ٦٠ روپيا مسواڙ تي ورتو اٿس. مالڪيءَ جا ويهہ روپيا ڏيندو. سچ يا ڪوڙ، سو خدا کي خبر.

معاف ڪجو، ڪارڊ لکان ٿو.

— فتح محمد

ٻه ٻاهر ڪينهي، مگر مون کي پنهنجو همرڪاب ڪري هلندا، ته آءٌ نه، نه ڪندس.

هينئر وقت تنگ آهي، زياده لکي نٿو سگهان. مون کي جڏهن به حڪم ڪندؤ ته حاضر. سيٺ صاحب کي به اڳيو پوءِ وٺيو هلون ته چڱو- سو جيڪڏهن اها صلاح هجي ته سيٺ صاحب کي لکي ڇڏجو. وري هاڻ صلاح ۾ آيو اٿم ته قاضي عبدالرحمان کي به شاه صاحب ڏانهن وٺي هلجي. سيٺ کي لکندا ته قاضيءَ کي تيار ڪري- هيءَ ضروري صلاح ڄاڻندا.

زياده خير و السلام

- فتح محمد

[نوٽ:- ضلعي لوڪلبورڊ ڪراچيءَ جي ميمبرن جون چونڊون هيون. آءٌ جهرڪن جي تڪ مان اميدوار بيٺو هوس، جتي منهنجي خلاف ديوان شيوارام وارن غلام‌محمد جاکري کي اميدوار بيهاريو هو. ۽ مون پنهنجي تڪ مانجهند مان زمين جو کاتو ڪرائي، ڊل پري، سيٺ طيب‌علي علويءَ کي اميدوار بيهاريو هو. ديوانن رئيس فقيربخش ڪاڇيءَ کي بيهاريو هو. ڪيس منت ڪئي ويئي، پرهو نه مڙيو. ان ڪري صلاح بيٺي ته سائين ولي محمد شاهه سيوهاڻيءَ جي معرفت ڪيس منت ڪري هٿ ڪڻائجي. آن لاءِ مولوي صاحب کي لکيل هو. آخر اتي وڃي ڪيس هٿ ڪٽايوسون.]

[ڪارڊ] (۷)

سائين منهنجا، السلام عليڪم!

نوازش‌نامو پهتل آهي. آءٌ ٻه ٽي ڏينهن واندوئي ڪونه هوس. ناتال جي ڪري ساريءَ سنڌ، سکر، روهڙي، لاڙڪاڻي، نواب شاهه، نوشهري، جيڪب آباد جي طرفن کان واقف نه واقف مهمان اچي نڪتا هئا. ڳالهه ئي نه پڇو- خير! آخر ٽيون ڏينهن،

ڪيترو به اوهان تي صلاحڪارن ڪان زور پوي.

ٽي صلاح آهي ته "الوحيد" کي امداد ڏيڻ بابت مون کان پڇيو هوو، سو "الوحيد" کي ضرور امداد ڏيڻ گهرجي. آن کان سواءِ هيءَ صلاح منهنجي ڪاوگر چاهجو تـه هرو پرو سرڪار پرست نه ٿي وڃجو. قومي خودداري ۽ قومي ڳالهين جي اخلاقي حمايت بلڪل نه ڇڏجو، ۽ اندروني طرح قومي ڪارڪنن کي مدد امداد ڏيندا رهندا. شيخ صاحب پاري ماڻهوءَ کي وقت بوقت اخلاقي مدد ڏيئي ڪيس همٿائيندا رهندا. مثلاً ڪلڪتي ڪانگريس ۾ وڃڻا آهن، ته اهڙي وقت ۾ بطور ڪرايو وغيره پنجاه ڪن روپيا پس غائبانه موڪلي ڏيندا ته بهترين ڳالهه آهي. قومي پيپرن (اخبارن) ۽ قومي ڪارڪنن کي درپرده مددون پهچائڻ بهترين پاليسي آهي. شيخ صاحب کي رب ٿو ڇڏي، اوهان جهڙا همدرد گهٽائي اٿس. اوهان جي مدد معمولي حالت ۾ شايد هرگز قبول نه ڪندو. مگر ڪانگريس يا ڪنهن ڪانفرنس ۾ وڃڻ لاءِ خرچ ڪرايي طور پنهنجي ماڻهوءَ هٿ موڪلي ڏيندئوس ته شايد انڪار نه ڪري.

شاهنواز شاه جي ذاتي خبر ڪانهيم، مگر پاڻيان ٿو ته هُو اهڙن موقعن تي ائين ڪندو آهي.

هنن بنده ڳان خدا ۽ متوڪل علي الله کي ضرورت اهڙن وقتن تي رهندي آهي. هيءَ صلاح آهي پنهنجي طرفان لکان ٿو، نه چاهجو ته ڪنهن جي اشاري سان آهي. وٺيو يا نه وٺيو، سا ڳالهه ٻي آهي.

ڪڏي مدرسي لاءِ بـه گرانٽ پنهنجي وقت ۾ ضرور ڏيارجو، جو نواب شاه ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ بـه هڪڙي معمولي عربي مدرسي کي گرانٽ ڏنو آهي.

هي خيال ۽ صلاحون خيال ۾ آيون اٿم، سي لکي

(٨)

٣٠- نومبر، ١٩٢٨ع

جناب شاه صاحب سلمهٗ!

السلام عليڪم و دعاي خيرا اوهين رات شايد خيرن سان ڳوٺ روانا ٿيا. مون ميز تي چاهي ڪانه ڏني، جنهن مان سمجهيم ته شايد رهجي پيا آهيو. پوءِ صبح سان آءٌ ڊاڪٽر سعيد صاحب وٽ ويس. ڊاڪٽر صاحب مون ڪان اوهان جي بنسبت پڇيو ته لائق آهي يا هرو پرو ڪٽي مسلمانن زور ڪري چونڊيو اٿس. ڊاڪٽر صاحب کي مون جو سمجهايو، سو هتي لکڻ جو ضرور ڪونهي. پوءِ مون کي پنهنجي موٽر تي چاڙهي آيو ۽ چيائين ته آءٌ اهڙي لائق نوجوان کي باوجود عدم فرصت ۽ عدم واقفيت جي به ضرور گڏبس. اچي اوهان جي در تي بيٺاسين. آءٌ پهرين چڙهي ويس، مگر تالو لڳو پيو هو. ڊاڪٽر صاحب جو شڪريو مون اوهان جي طرفان بجا آندو. پوءِ ڪنهن وقت رڙن وزٽ وٺس ڏيڻ ڪٽي هلنداسين. بنگلي لاءِ پنهنجي دوست کي اڄ گهرايم. هو صاحب تلاش ڪرڻ ويو آهي. ”مستي لاج“ لاءِ چيائين ته فرنشڊ به ڪينهي ۽ نه ئي ڪوچ ۽ پلنگ وغيره پيل اٿس.

وڌيڪ عرض ته اوهين اخبارن جي نڪته چينيءَ ڪري ڊسڪريج نه ٿجو. انشاء الله اوهان پنهنجي متانت ۽ تدبر سان دشمن کي ثابت ڪري ڏيکاريندؤ ته اوهان لائق هئا ۽ آهيو!

ٻيو منهنجو عرض آهي ته اهڙي رسز وٺو، جو قاضي ۽ کبول وغيره به راضي رهن، دشمن ۽ مخالف نه ٿي پون ۽ اوهان جي پوزيشن به قائم رهي. مگر ٿنهن هوندي به هيءَ صلاح منهنجي هڏي ڇڏيندا، جو متان روبرو وقت نه ملي؛ پريزيڊنٽيءَ جي پاورس مان هڪ ذرو به وائيس پريزيڊنٽ کي نه ڏج. چاهي

اگرچ دنيا ۾ اوهان زميندارن کي ڪئي ملڪيتون موجود هجن ۽ پوين لاءِ اهي ملڪيتون پس انداز ڪري سگهجن ٿيون، پر ته به نقد ڪجهه انهي نموني سان ڇڏڻ يا بشرط زندگي پاڻ وصول ڪرڻ هڪ ترغيب آهي، پنهنجي لاءِ ۽ پوين لاءِ به. تنهن کان سواءِ زبردستيءَ جي بچت جي پاڻ کي عادت پوي ٿي.

سيد ميان مراد علي شاه صاحب به وڏو زميندار آهي ۽ سيڪجهه وارو آهي، پر ته به سچو ويهن هزارن جو ويمو ڪري ڇڏيو اٿس. هيءُ ڪم تمام چڱو آهي. مون به پنهنجي غربت آهر ڏهن هزارن جو ڪري ڇڏيو آهي. حياتي آهي ته وٺنداسين، نه ته پوين کي تنهن ڏکئي وقت ملي پوندو. هيءَ ڪمپني بلڪل سيف ۽ مضبوط ڪن صدين جي آهي. نيون ڪمپنيون معتمد عليه نه آهن.

اوهان ڪوڙو منهن ڪري، جيئن ارادو ڪيو اٿوَ، تيئن اڄڻ شرط ويمو ڪري ڇڏيو، ۽ هڪڙي قسط بروقت ڏيئي ڇڏجو. پوءِ جيئن دستور آهي ته پاڻهي ڪوشش سان وقت تي قسطون پيون ڏيون.

ويچاري سرڳواسي پريزيڊنٽ ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ، راءِ بهادر شيوارام، کي اوهان جي پريزيڊنٽيءَ نيٺ ساري ڪيرائي وڌو. ڪراچي بينڪ ڪُٽي پيئي. هاڻ مٿس مقدما ٿيا آهن. حيدرآباد ۾ حصيدارن ۽ وڪيلن جي شاهي ميٽنگ ڊايريڪٽرن جي خلاف ٿيڻ واري آهي ۽ قانوني ڪاروائيءَ جي تجويز رٿي اٿن. ويچارو مُئو، سمجهو ته مري ويو. لوڪلبورڊ هن جو پردو ۽ پناهه هئي، سا نُٽي پيئي. جيڪڏهن اها پناهه نه هجيس ها، ته اڳيئي ڇٽي ٿي وڃي ها. هڪدم اپ ٽو ڊيٽ وڏي ماڻهوءَ ٿيڻ جا نتيجا اجهي اهي آهن، خدا پناهه ۾ رکي!

اوهان لاءِ موٽر هڪڙو هٽ ڪيو اٿم. شايد اُنين سوين

چڙيانو ٿو. آءٌ رات گهڻي قدر بي مزه هوس، انهي ڪري سوداءُ پڇائيندي هي خيال ٻه انهيءَ وقت آيم ته اوهان کي لکان.

والسلام. — فتح محمد

(۹)

۱۲- مارچ، ۱۹۲۹ع

جناب شاهه صاحب محترم دام محبڪم!

السلام عليڪم - عيد مبارڪ باد! آءٌ ڪجهه وقت بيمار ٿي پيو هوس. رات ڏينهن ڪتابن جي مطالعي، لکڻ ۽ جاڳڻ هٿي بيمار ڪري وڌم. پر رتيل ڪم کي ڇڏيان ڪونه ٿو. هينئر ٻه چوگرد ڪتاب اٿم ۽ آءٌ ڪوچ ۾ وينو ڪم ڪريان.

روز سنيريس ٿي ته عيد مبارڪ لکي ڇڏيان. عدم فرصت ۽ علالت يا ڪاهليءَ جي ڪري دير ٿيندي ٿيندي اڄ پوين ڏينهن اچي ٿيو آهي. انهيءَ ڪري اڄ لازم سمجهي، لکان ٿو. اميد ته هيءُ خط منهنجو عافيت ۽ آرام، خوشحاليءَ ۽ فاوغ الباليءَ جي حالت ۾ اچي ملندو. آءٌ پانيان ٿو ته اوهين عيد ڪان پوءِ جلد ئي ڪراچيءَ ايندا ته ملنداسون. البت باوجود شهر ۾ رهڻ جي ٻه آءٌ اوهان جي خدمت ۾ حاضر ٿيڻ ڪان قاصر رهيو آهيان، جنهنڪري شرمسار آهيان.

تنهن ڏينهن مسٽر ناگراڻي ويمي جي ايجنٽ سان خيال ڪيو هوم ته گڏجي اچي حاضري پري، سبڪدوش ٿيان، پر آن ڏينهن ٻه واند ڪائي ڪانه هيم. پوءِ مسٽر ناگراڻيءَ خبر ڪئي ته اوهان جو تبديل ٿيل بنگلو مشڪل سان لڌو هئائين. اوهان ويمي بابت پڪو ارادو ڪري، مسٽر ناگراڻيءَ کي چٺي ڇڏيو آهي، سو تمام چڱو ڪيو. اگرچ دنيا ۾ اوهان زميندارن کي ڪٽي ملڪيتون موجود هجن، پر پوين لاءِ تمام چڱو ڪيو.

ته هُج ۽ گستاخيءَ سان وجي مجبور ڪيونس، ته اسان جي مدرسي لاءِ ڪجهه ڪا تدبير سوچي ۽ آن کي نفعي پهچائڻ جي ڪوشش ڪري. پر قاضي صاحب اسان سان چڱو برتاءُ نه ڪيو ۽ سخت بيپرواهيءَ ۽ بي اتفاقيءَ سان پيش آيو، ۽ هرهڪ ڳالهه ۾ اسان کي دلگير ۽ شڪسته دل ڪرڻ لڳو. حتاڪ چيائين ته "اوهان کي ڪوبه ووٽ ڪونه ملندو، خود مسلمان به ڪونه ڏيندا ۽ غير مسلمان ته پري ٿيا." ۽ چيائين ته "خود شاه صاحب به راضي نه آهي. جنهن نموني اوهان جي اسڪالرشپن جو سوال رکيل آهي، تنهن صورت ۾ قيامت تائين فيصل ڪونه ٿيندو." پوءِ ته آءٌ ۽ مولانا صاحب جن رنج ٿي اٿياسين ۽ معلوم ڪيوسين ته قاضي صاحب اندروني طرح اسان جي برخلاف ورڪ ڪري رهيو آهي ۽ هُو اسان کي مدد ملڻ ۾ راضي نه آهي. ممڪن آهي آنهيءَ ۾ سندس سربين جو اشارو هجي. پوءِ ته آءٌ نا اميد ٿي، سندس هلت کان، کيس چوڻ لڳس ته "اسان سان ايتريقدر بي اتفاقي ڪرڻ مناسب نه هئي. اسان کي رنج ڪري ڪيو ٿا، اسان جو ذاتي ڪم ڪونه هو، خدائي ڪم لاءِ اوهان جي در تي آيا هئاسين، ڪم از ڪم همدردانه نموني سان ته پيش اچو ها. جيڪڏهن اهو نمونو اٿو، ته اسان جي دل سان به دانهن ٿي نڪري ته خدا آن جي جزا ڏيندءِ!" خير پوءِ ته قاضي صاحب به وات هنيو ۽ مون کي به جيڪي چوڻو هو، سو چيومانس. هي ته منهنجي هٿن جو ڇوڪرو ۽ شاگرد آهي، آءٌ هن جي ڪهڙي پرواه ڪندس! اڃا سندس دنيوي عزت اسان جي مقابلي ۾ ڪجهه به نه آهي، ۽ نڪي سندس احسان جو ڪو مون تي حق آهي، بلڪ اسان جا احسان وقت به وقت مٿس هوندا. خير زمانو آهي. اهو به آهو هو، جو گذري ويو. هاڻي به هاڻي آهي، جو به گذري ويندو. هن گيلتي ۽ بي بقا عزت ڏي ڪو ڀروسو ڪونهي! آءٌ اوهان

ملي پوي. هُو هڪ هزار چون ٿا، پر اميد ته گهٽ ڪرائي وجهبو. ميان محمد دائم چئنس سکر براج روينيو آفيسر جو موٽر آهي، پڇم ته وڪڻُو اٿس، سر ترسايو اٿمانس. سندس موٽر منهنجو ڏٺل ۽ چڙهيل آهي، پر هاڻي ڪونه ڏٺو اٿم. جيڪڏهن موٽر جو خيال هجي ته انهي لاءِ ۽ ويمي لاءِ پيسا آڻيندا. جيڪڏهن العقل پاڻ ڪي موٽر وٺڻ لاءِ تيار نه سمجهو، ته بس. پيسا ميان محمد دائم کان ڪجهه وڪائي به سگهبا. اگرچ هن ڪي به نئون موٽر ونٽو آهي. سون ڪي اچا روبرو سليو ڪينهي، پر اها حقيقت سندس پئيوالي کان مون پڇي، تنهن تي لکي ڇڏيومانس ته تڪڙ ڪري، نه وڪڻي. مون کان پڇي. اوهان جو نالو ڪونه ڏسيو اٿمانس. جيڪڏهن سمجهو ته ائين وقت پيو گذري ته پوءِ بس.

خبر نه آهي ته اوهان جي نئين بنگلي ۾ موٽر جي رهڻ جي جاءِ آهي يا نه؟

ميان مراد علي شاهه جو موٽر هتي اچڻو آهي، سو اوهان جي بنگلي ۾ ڪٽي بيهاربو. بشرطيڪ طنبيلو هوندو، نه ته پيو بندو بست ڪندو.

زياده خير و السلام

— فتح محمد

(١٠)

ڪراچي

٢٤- جنوري، ١٩٣١ع

عاليجناب شاهه صاحب سلمهٗ!

السلام عليڪم و دعاي خير! آءٌ ۽ مولانا محمد صادق صاحب جن اڄ قاضي صاحب ميان عبدالرحمان وٽ ويا هئاسين

جي تہ اها قسمت آهي، جو جن ڪي اسين پنهنجني وقت ڪم اچون، سي ئي اسان ڪي آڏو اچن. انهيءَ ڪري، هاڻي تہ سچ پچو هين دنيا ۽ دنيا وارن مان طبيعت اهڙي ڪٽ ۽ نا اميد ٿي پيئي آهي، جو هن زندگيءَ جي بجاءِ موت پسند ٿو اچي. ربُ شال آخرت ۾ ڪو اجر جو ذخيرو رحمت فرمائي، باقي دنيا ۾ تہ ڇڱن ڪمن لاءِ ڪو يار مددگار ڪونهي. دنيا جي تڪليفن لاءِ تہ ڪو غمگسار اصل ڪونهي. خير، شال سڀئي خوش هجو! اسان جون تقصيرات معاف ڪجو. اسان جي طرفان آئنده ڪو بہ ڏوراپو نہ ملندو. اسان جو مدرسو جيڪڏهن نيڪ نيتيءَ تي مبني آهي، تہ رب نگهبان ۽ مددگار ٿيندس. مگر دنيا ۽ دنيا وارن جي دون تي ڏڪا کائڻا پون ٿا. جڏهانڪر سون قاضي صاحب ڪي ڪنيل چٺي اخبارن رستي لکي هئي، تڏهانڪر هي شخص اسان جي مدرسي جو بہ دشمن ٿي پيو آهي. اوهين تہ دشمن اميد تہ ڪين هوندا، مگر بيپرواهہ بادشاهہ ضرور آهيو. انهيءَ ڪري جيڪڏهن ڪا تڪليف نہ ڏبي، تہ ڪم از ڪم قديم خانداني تعلقات تہ قائم رهندا. هن زماني ۾ اهي بہ غنيمت آهن. والسلام

— فتح محمد

(١١)

ڪراچي
١٣- فيبروري، ١٩٣١ع

سائين منهنجا!

السلام عليڪم — نوازشنامو ٽپال رستي، مهربانين، عنايتن، قربن ۽ محبت پريل پهتو. رب سلامت رکندو، آمين! آءٌ اوهان جي انهيءَ اخلاق حسنہ جو شڪرگذار آهيان.

ڪي هيءُ احوال فقط هن سبب ڪان لکان ٿو، جو قاضي صاحب
جي ڳالهائڻ مان معلوم ٿيو ته خود اوهان جي مرضي نه آهي
اسان جي مدرسي کي فائدي پهچائڻ جي، ۽ پڻ هي به قاضي
صاحب جي ڳالهائڻ مان معلوم ٿيو ته مون اوهان کي البته
هُجَ ڪري ڏوراپن جا خط لکيا آهن، سي اوهان کي ناگوار
گذريا آهن. چو ته هر هر قاضي صاحب ائين پئي چيو ته ”اوهان
پين سان به ڪُڌرا ۽ تکا هلو ٿا (يعني پين لوڪلبورڊ وارن سان)،
انهيءَ ڪري اوهان سان آهي ونج آهن.“ مون چيومانس ته
”ڀلا ٻڌاءِ ته آءٌ ڪنهن سان کهرو ۽ تِکو هليو آهيان؟“ ته
چوڻ لڳو ته ”آهي پاڻهي اوهان کي چوندا.“ مون خيال ڪيو
ته پئي ڪنهن کي به مون نه تِکو لکيو آهي ۽ نه تکو چيو
آهي. البته دل ۾ آيم ته اوهان سان سا هُجَ ڪندو آهيان.
اها ڳالهه شايد قاضي صاحب اشاري ۾ ٿو چويم. خير جيڪڏهن
ائين آهي ته اوهان منهنجي لکڻ کي ناگوار سمجهي، قاضيءَ
وٽ ظاهر ڪيو آهي، ته آئينده اهڙي هُجَ نه رکبي، بهرحال
ڏک ٿئي ٿو ته ’جنين لاءِ مياس، سي ڪلهي ڪانڌي نه ٿيا!‘
مون به هڪ نيڪ ۽ خدائي ڪم لاءِ ئي لکيو ۽ چيو، پر
معلوم ٿو ٿئي ته مون غلطي ٿي ڪئي.

ميران محمد شاه ڪنهين ڏينهن وزارت لاءِ ووٽ واسطي
آيو هو ته سنڌس لاءِ شيخ صاحب کي مون اوهان جي روبرو
ڇا چيو؟ ۽ آخر ڪم ڪرايو. مگر ميران محمد شاه صاحب
مرحوم برادرم قاضي عبدالقيوم جي فرزند اڪبر جي خلاف
حيدرآباد ۾ ماڻهن کي پيو ڪاري. محمد اڪبر منهنجو يتيم پالئيو
پنهنجي پيءُ واريءَ جاءِ ميونسپل لاءِ اميدوار اينڊز اليڪشن ۾
ٿو بيهي ۽ شاه صاحب به ٿو بيهي ۽ پيا به ٿا بيهن، ته بجاءِ
هن جي، جو هن کي پنهنجو ننڍو ڀاءُ سمجهي، پاڻ همٿائي،
سو ته ٿهيو، پر هٿئين ماڻهن کي برخلاف اثر پيو ويهاوي. اسان

بر اين مژده گر جان فشانم رواست،
ڪه اين مژده آسائش جان هست!

الله ڪيس شال وڏي حياتي ۽ بخت بلند ارزاني فرمائيندس ۽ شال صالح ۽ سعادتمند ڪريس - آمين! مون هڪ ٻن سيڪنڊن ۾ خيال ڪرڻ مان نورچشم صاحبزادي جو تاريخي نالو "سيد فخرالدين شاه" هٿ ڪيو آهي- يعني هن خط لکندي خيال ۾ آيو اٿم. اهڙيءَ طرح 'سيد فخر ملڪ شاه' 'سيد ظفرمند' ۽ 'آل حضور شاه' به تاريخي فقرا ٿي سگهن ٿا. رب شل بخشي، بچائي ڏييو، آمين!

منهنجي طرفان بيشمار مبارڪون قبول فرمائيندا.

والسلام

- فتح محمد حڪيم

(١٣)

ڪراچي
١٠- آڪٽوبر، ١٩٣٧

سائين منهنجا!

السلام عليڪم و دعائي خير- نوازشنامو هڪڙو اڄ، ٻيو اڳ پيئي پهتل آهن. اڳئين خط ۾ موڪليل مضمونن مان هڪڙو مضمون هن هفتي درج ڪيو ويو آهي. ٻيا مضمون به درجي بدرجي درج ٿيندا رهندا. جڏهن ته اسان جي اخبار هفتيوار آهي، تڏهن هڪدم ايڏا ۽ ايترا مضمون درج نٿا ٿي سگهن. پر اوهان جا مضمون جيڪڏهن مسلم پبلڪ جي نظر مان اچي سگهندا، ته اسان جي اخبار جي معرفت اچي سگهندا. "هندو" اخبار ۾ درج ٿين ٿا، پر مسلمان گهٽ پڙهي سگهندا. "الوحيد" ته ڪڏهن به آهي درج نه ڪندي. اسان ارادو ڪيو آهي ته "اصلاح" ڪي

نورچشم محمد اڪبر جي ڪاميابيءَ جي ڀيٽي، اوهان جي دعا سان، ڪانهي، ۽ نڪي شاه صاحب جي مخالفت هن کي ناڪامياب ڪندي. مگر سندن وريي جو ڏک ٿيو، جو لکيو هوم، ۽ دنيا جي حالت تي متعجب ٿي، لکيو هوم، ته اسين ساڻن سان ڪيئن هلون، ۽ بدلو ڇا ٿو ملي! شاه صاحب اهڙي گفتگو خود نورچشم محمد اڪبر سان روبرو ڪئي هئي- خيرا انهيءَ جو خيال نه ڪندا.

مون کي ٻه اکر سائين جن کي ڳوٺ لکڻا هئا، پر اخبارن مان معلوم ٿيو ته اوهين خير سان هتي آيل آهيو، تڏهن هيٺي لکي موڪليان ٿو. والسلام

– حڪيم فتح محمد

(١٢)

ڪراچي

٢٠- جولاءِ، ١٩٣٣ع دام محبتڪم!

جناب شاه صاحب محترم بنده

السلام عليڪم و دعائي خير- آءٌ پندرهن ڏينهن لاءِ ٻاهر هندستان طرف ويل هوس. ڊرمپور، سملا، سرهند، دهلي، آگرو، اجمير وغيره ڏسندو، ڪالهه ڪراچيءَ ۾ آيو آهيان. ڪالهه "الوحيد" ۾ هيءَ مژده جانفزا ڏٺيم ته اوهان صاحبن کي الله تبارڪ پنهنجي لطف ۽ ڪرم سان فرزند ارجمند عنايت فرمايو آهي. اها خوشخبري مون لاءِ ڪا معمولي ڪانه هئي، ڇو ته خدا شاهد آهي ته هميشه اهو افسوس ۽ حسرت هوندي هيم، ته اوهان کي فرزند آهي ئي ڪونه- رب پنهنجي فضل سان شال ڏنيو! سو انهيءَ خبر منهنجيءَ دل کي بيحد خوشي پهچائي.

ميلو آهي ١٨-١٩-٢٠ شعبان. آءٌ جيڪڏهن ميرو خان مان ١٦ تاريخ موٽي سيوهڻ اچان، ته ١٧-١٨-١٩-٢٠، اهي چار ڏينهن سيوهڻ ۾ ۽ ٣ ڏينهن ميرو خان جي پاسي، يعني هڪ هفتو سڄو انهيءَ طرف صرف ڪرڻو پوي. مگر اجا ميرو خان جي پاسي ڪان پڪي تاريخ ڪانہ لکجي آئي آهي ۽ اها بہ پڪ اجا ڪانهي تہ ڪانفرنس ڪندا يا نہ؟ خير- آءٌ انهيءَ هوندي بہ سيوهڻ واري موقعي کي غنيمت سمجهي، دل و جان سان حاضر آهيان. بيشڪ بندوبست ڪندا، ۽ مون تي بہ جيڪو ڪم رکڻو هجي سو رکندا. منهنجون بہ جايون پنهنجون حاضر آهن، جي سامان سميت خالي آهن. انهيءَ موقعي تي آنهن ۾ شاه صاحب مهمان لاهيندو آهي، پر آءٌ ويندس تہ ڪونہ لاهيندو. اوهين مهرباني فرمائي جلد مون کي پڪ وٺي لکندا، تہ آءٌ حڪم ڪيل بندوبست ڪريان. جواب جو منتظر رهندس.

زياده خير و السلام!

- حڪيم فتح محمد

نوٽ:- ميلن کي جيڪڏهن اهڙن ڪمن لاءِ ڪم آڻجي تہ پوءِ خرابيءَ مان چڱائي ٿي سگهي ٿي، نہ تہ آءٌ اهڙن ميلن ۾ خير صلاحي وجهڻ پسند ڪو نہ ڪندو آهيان. - فتح محمد

(١٤)

ڪراچي

٢٩- آڪٽوبر، ١٩٣٧ع

سائين منهنجا!

السلام عليڪم و دعائي خير- اج گهڻن سالن ڪان پوءِ اوهان کي هيءُ خط اوهان جي ڳوٺ لکان ٿو. ڏسان ٿو تہ اسان جي سنڌ جا مسلمان سخت ڪان سخت ۽ جلد ڪان جلد

روزانو ڪجي ۽ مناسب سستيءَ قيمت ۾ ڏجي. پر آن لاءِ سرمائي ۽ اوهان ڀارن روشن خيال، آزاد طبع حضرات جي مدد ۽ مهربانيءَ جي ضرورت آهي. خدا جي فضل سان "اصلاح" ٿوري ئي وقت ۾ سڄيءَ سنڌ ۾ هردلعزيزي حاصل ڪئي آهي. مخالف ۽ موافق مڃين ٿا ته "اصلاح" ڇا حسن ترتيب، ڇا عمدگي مضامين، ڇا سياسي راءِ زني، ڇا حق گوئي ۽ ڇا بي ريائي ۽ بي طمعيءَ ڪري، بيشڪ بينظير آهي. بهرحال جيڪڏهن حياتي آهي ته "اصلاح" کي آزاد راءِ اخبار جي اعليٰ معيار تي آڻي، سنڌ جهڙي غافل ۽ بيخبر پرڳڻي جي غافل ۽ بيخبر پبلڪ يعني مسلمانن لاءِ هڪ 'آرگن' بنائينداس. انشاء الله!

شاه صاحب! سنڌ جي مسلمانن ۾ آزاديءَ ۽ اصول جي ٻوجهه ۽ سمجهه پيدا ڪرڻ جي سخت ڪان سخت ضرورت آهي. جيسين سنڌ جا مسلمان سجاڳ نه ٿيندا، جيسين غريب هاري سجاڳ نه ٿيندا، جيسين منجهن سياسي فهم پيدا نه ٿيندو، تيسين خودغرض ليڊرن جي چنبن ڪان هرگز هرگز آزاد ٿي نه سگهندا. مسلمان هڪ طرف ظلم جو شڪار ٿي رهيا آهن، ٻئي طرف ميرن ملاڪڙن ۽ بدعات و خرافات ۾ گرفتار ٿي چڪا آهن. انهن سڀني خرابين جو واحد علاج آهي "عام تعليم ۽ پوليٽيڪل ميدان جي باخبري." ڇا ڪجي، مرض آهن سوتمار ۽ گهڻا، ۽ مريض ٻه آهن بي سمجهه ۽ بيشمار. وري انهن اخلاقي بيمارين جا حڪيم ۽ طبيب آهن ٿورا. خدا ڪو پنهنجو فضل ۽ رحم ڪري، نه ته ليکي پورو ئي نٿو پئي سگهجي.

اوهان سيوهڻ جي ميلي جي موقعي تي ڪانگريسي پرچار ۽ لائوڊ جي رستي عام کي آواز پهچائڻ لاءِ لکيو آهي. اها ڳالهه ته منهنجي دل وڻان آهي ۽ آءٌ هر طرح تيار آهيان. پر مون کي ١٤ ۽ ١٥ شعبان جي سيروخان ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ضلعي جميعت العلماء جي اجلاس ۾ وڃڻو آهي، جو اڳيئي انجام وٺي ڇڏيو اٿن.

پهچي ڪين سگهنداسين، مگر تاهم ڪجهه ته ڪجي.

تنهن لاءِ رٿيو اٿم ته بالضرور مختصر پيماني تي پريس قائم ڪجي- تنهن لاءِ مون پنهنجي خرچ سان نئين ٽائيپ خريد ڪئي آهي، جنهن تي به سوين روپيا خرچ آيا آهن ۽ اڃا به ايندا. باقي هڪڙي مشين ۽ ان سان تعلق رکندڙ سامان گهرجي. پنهنجن خاص الخاص دوستن ۽ رفيقن مان چند معزز صاحبان دل و دوست حضرات ڪٺ ڪيا ويا آهن، جي اندروني طرح معقول مدد ڪندا. اهي اهڙا آهن، جن وٽ منهنجي لاءِ عزت گهڻي، بلڪ محبت آهي. هنن قبول ڪيو آهي. جملي خرچ ١٢-١٣ سؤ لڳندا، تن مان ستن اٺن سون جو بندوبست ٿي ويو آهي، آنهن خاص الخاص حضرات صاحبدل ۽ دماغ دوستن ۾ اوهان جو نالو به داخل آهي. ٻهرين ٻين سان ڳالهه ٻولهه ۽ خط ڪتابت ڪري، دلجاءِ حاصل ڪري، پوءِ اوهان ڏي لکان ٿو. منهنجو ارادو آهي ته آءٌ اوهان وٽ هن ڪم لاءِ پاڻ چڙهي اچان، ته اوهان تي بار پوان، ته هن ڪم ۾ نه فقط پنهنجي طرفان ڪشاده دلي ڏيکاريو، بلڪ پاڻ جهڙن ٻين کان به وٺي ڏيو ۽ مون ڏانهن گڏجي هلو. مون کي يقين آهي ته جيڪڏهن ايندس ته اوهين مون کي منهنجي شان موافق هن قومي ڪم ۾ مدد ڪرڻ کان نه گسندا، پر هيءَ به پڪ اٿم ته آءٌ ۽ اوهين ڪن ٻين وٽ گڏجي هلنداسين، ته خالي هٿين ڪين موٽنداسين. اوهان کي خبر آهي ته منهنجو هڪ هڪ ڏينهن قيمتي آهي، ٻاهر وڃان ته ڏينهن ڏينهن جي وڏي في ملندي اٿم، مگر آءٌ پيا ڪم ڪاريون ڇڏي به هن ڪم لاءِ وقت جي قرباني ڪندس. رڳو اوهان جي رفاقت گهرجيم. مهرباني فرمائي تمام جلد جواب ڏيڻ فرمائيندا. جواب نه ڏيندا، ته به آءٌ اچي نڪرندس؛ پوءِ جيڪڏهن خدانخواسته اوهين ڳوٺ نه هوندا ته مون کي گهڻي تڪليف پهچندي ۽ منهنجو وقت اجايو ويندو. وڌيڪ ڇا عرض ڪريان، جيترو درد دل مسٽر

ڪوشش ڪان سواءِ دنيا ۾ رهڻ جي لائق ٿي ڪين ٿيندا. آخر سنڌ جا غريب مسلمان به ته خدا جي مخلوق آهن. هو بہ هڪ شاندار تاريخ جا مالڪ آهن. هو جهالت ۽ دنيا جي حالات کان بيخبر هئڻ ڪري ذليل زندگي گذاري رهيا آهن. افسوس، جو هنن جا پنهنجا ليڊر به خود غرض ۽ هنن جي جهالت سان ناجائز فائدو وٺندڙ آهن. غير مسلم اصحاب به فقط هريجن ۽ اڇوتن جي خدمت ۾ رڌل آهن، غريب ۽ جاهل مسلمانن جي سڌرڻ ۽ سڌارڻ ڏانهن هنن جو توجهه ورندو ئي ڪونهي. پر ان ڳالهه جي سيار هنن تي ايتري نه آهي، جيتري اسان تي آهي. اسين حاڪم حقيقيءَ وٽ جوابدار ۽ گنهگار آهيون. غير مسلم اصحاب به پنهنجي لاءِ ڪو نه ڪو خدمت جو ميدان هٿ ڪيو آهي. هو به ڇگو ڪم ڪري رهيا آهن.

انهن ڳالهين تي سوچيندي رات جو ننڊ ڏي ڦٽيو پويم. اسان کي آزاديءَ ۽ سياست جي ميدان ۾ اچڻ سان گڏو گڏ اڀوجهه ۽ بي علمن کي به باعلم ۽ باخبر ڪرڻو آهي. اسان کي قول سان گڏ عمل به موجود ڪرڻ گهرجي. قرآن شريف ۾ فرمايل آهي ته "لِمَ تَقُولُونَ مَا لَا تَفْعَلُونَ. ڪَبُرَ مقتاً عند الله ان تقولوا ما لاتفعلون"– 'اها ڳالهه ڇئو ڇو ٿا، جا ڪريو نه ٿا يا ڪرڻي نه اٿو. ڇوڻ ۽ نه ڪرڻ الله تعاليٰ کي سخت ناراض ڪري ٿو.' واجب آهي اسان ۽ اوهان تي ته سڀڪو پنهنجي پنهنجي حال ۽ خيال آهر خدمت کي لڳي وڃي، عملي طرح. آخر مون پنهنجي لاءِ ائين ئي مناسب سمجهيو آهي ته آءٌ پنهنجي قلم سان قوم جي خدمت ڪريان. قلم منهنجو رفيق زندگي آهي ۽ آءٌ قلم جو رفيق. آءٌ سال بسال اهڙي مفيد لٽريچر جا ڪتاب ڪيترائي لکان ٿــو. مگر مسلمانن جي ڪيا پريس ڪانهي، جنهن ۾ ڇاپائجن ۽ ملڪ ۾ ارزان اشاعت ڪرائجي– جيئن عيسائي مشنري پنهنجو لٽريچر بلڪل سهانگو تقسيم ڪري رهيا آهن. اگرچه اسين انهن کي

مولوي قاضي حاجي حڪيم اسدالله شاه صاحب ٽکڙائي

قاضي صاحب وڏو اهل دل، عالم ۽ فاضل هو. سون سان اولاد وانگر پيار هوس. ٽکڙائي سيدن سان جيڪو پورو لاڳاپو ٿيو، اُن جو باعث قاضي صاحب ۽ سندس پيءُ پاڻ، چاچا حاجي عبدالحڪيم شاهه عرف سيد وڏو ۽ حاجي علي اصغر شاهه هئا. سندن حياتيءَ جو احوال "جنب گذاريم جن سين" ۾ ڏنل آهي. هتي صرف قاضي صاحب جي جملي محفوظ ۹ خطن مان ۽ خط ڏيان ٿو.

خدا جي لطف سان سندس پوٽو ساڳيئي نالي سان وڏو تعليم يافتو پيدا ٿيو آهي. رب ڪري منجهس قاضي صاحب وانگر غرض کان پري رهڻ جي خاصيت، سيد وڏي واري سخت ۽ حاجي علي اصغر شاهه جهڙي بيباڪي ۽ همت پيدا ٿئي!

(۱)

۲۴- رجب، ۱۳۴۲ هه

برخوردار ميان سيد غلام مرتضيٰ شاهه صاحب.

بخدمت عالي درجت معادت پناهه شرافت دستگاهه!

بعد تسليمات و تحيات زاڪيات معلوم فرمائيندا ته هت سڀ خيريت ۽ خيريت ولا سطلوب!

مقصد ته عنايت نامو اوهان جو پهتو، حقيقت معلوم ٿي. ڪاغذ گهڻن طرفن روانا ٿي چڪا آهن. ڪن ڪن هنڌن اوهان صاحبن جا ڪاغذ اڳيئي پهچي ويا هئا، جيئن ته حاجي سيد عبدالرحيم شاهه صاحب سجاول واري لکيو ته سون کي ڪاغذ پهچي ويو، ۽ لکيائون ته "جيڪڏهن حرمين شريفين قسمت نه ٿي،

ٺهراماڻيءَ لاءِ هڪ اصول يا دوستيءَ، هم سايگيءَ يا حسن ظن جي بنياد تي ڏيکاريو اٿو، جيڪڏهن آن جو ڪو حصو به هن ڪم ۾ ڏيکاريندا ته ڪم تي پسوندو. پوءِ اخبار ”اصلاح“ وغيره به آسانيءَ سان پنهنجي ئي پريس ۾ نڪري سگهندي. نيت اجا به وڌيڪ ڪم ڪرڻ جي آهي، پر حال ابتدا ته ڪجي. جواب تمام جلد مرحمت فرمائيندا. هن خط کي تار سمجهندا.

والسلام

- فتح محمد حڪيم

جيڪو صدر ٿيندو، سو اهي ڳالهيون خطبي صدارت ۾ چاڙهيندو.
انشاءالله انجمن ڪامياب ويندي. اسان به تاڪيد لکيا
آهن. اوهان، مهرباني ڪري، پنهنجي طرفان جلد ۾ جلد اعلان
"الوحيد" ۾ شايع ڪرائي ڇڏيو، جو جيسيتائين جلسو ٿئي،
تيسيتائين پيو ڇپجي. آءٌ هوند لکي موڪليان ها، پر اوهان طرفان
ٿيندو، آن ڪري اعلان لکي موڪلجو. مضمون اوهان صاحبن
کي معلوم آهي. جناب پير الهيار شاهه صاحب کي به تاڪيد لکندا
ته مٽيارين جا سادات پاڻ سان آڻين.

— اسدالله الحسيني

(٢)

حيدرآباد

خلافت آفيس — سلمه‌الله تعالى

١- شعبان ١٣٤٢ هه — نجابت دستگاه، سيد غلام مرتضي شاهه
برخوردار، نورالابصار، سعادت پناهه،

بعد سلامن ۽ شوق ملاقات جي معلوم ڪندا ته هت سڀ
خير آهي، خيريت اوهان جي مطلوب.

مقصد ته ڪاغذ اوهان جو پهتو هو، مگر جواب ۾ دير ٿي
آءٌ حيدرآباد آيو آهيان. اميد ته "الوحيد" ۾ اوهان اعلان ڪيو
هوندو. خط سيٺي طرفن ڏانهن موڪليا ويا آهن. باقي اچڻ نه
اچڻ انهن جي اختيار آهي. خطبو صدارت نه ڪو سون لکيو آهي،
نڪو لکڻ جو ارادو اٿم، ڇو ته ان جي معنيٰ ٿيندي ته آءٌ انهيءَ
عهدي لاءِ سعيڪار ۽ ڪوشان آهيان. مگر جي بر تقدير هن
نيازمند کي منتخب ڪيو ويو، ته پوءِ تقريري خطبو صدارت
بر وقت پڙهيو ويندو.

اميد ته چيرمن جو خطبو استقباليه لکي ڇڏيو هوند

تہ ايندس.“ محمد ڪامل شاه کي بہ ڪاغذ اوهان صاحبن جو پهتو هو- پاڻ بمبئي ويا آهن، اميد تہ پاڻ يا سندن پاران محمد سليم شاه صاحب ايندو.

۲- اسان هيٺين تفصيل وارين جاين تي ڪاغذ موڪلي ڏنا آهن: سعيدپور، قنبر علي شاه جو ڳوٺ لڳ سعيدپور، ڏاڏاهه، تلهار، سجاول، ڪوراڙي لڳ سونڊا، جوڻا لڳ ٽنڊو غلام حيدر، ناڳو شاه، ملاڪاتيار، شيخ ڀرڙ، هوٺ پوٽا لڳ سٺياري، اڏل شاه، سيد اپوڙو لڳ ٽنڊو ڄام، واهوٺ، ڳوٺ علي محمد شاه بڙيسر، مڪان پال پوڇڙا لڳ ٽنڊو الهيار، حيدرآباد، گهليون، ٽنڊو فضل، ڏورا هنگورا، سادات حڪيماڻي لڳ ٽنڊو غلام حيدر.

اڃا بہ جيڪي رهيل آهن، جي اسان جي نزديڪ آهن، انهن کي موڪليا ويندا- جهڙوڪ ڪوڪر، پارچاڻي، چارين. اوهان ”الوحيد“ ۾ ضرور اعلان ڪري ڇڏيو تہ باقي رهيل سادات بہ خبردار رهن.

۳- پير ڀٽائيءَ ۾ بلڙيءَ واري جي اچڻ جي خبر پڙهي، خوشي ٿي. جيڪا تجويز ڪئي اٿن تہ پيرن مان صدر نہ ٿئي، اها ڳالهہ چڱي آهي، پر پير الهيار شاهہ صاحب جي صدارت تي اعتراض ڪونہ ونداه.

۴- قاعدي موجب چيرمن انجمن استقباليہ ڪميٽيءَ جو ڏيڻ گهرجي، جو مرحبائي خطبو پڙهندو، جنهن ۾ مهمانن جو شڪريو ۽ قصور خدمات جو اعتراف، ۽ انهيءَ شهر ۽ ساڪنن جي بنياد جو احوال وغيره هوندو- ٽنهن ڪان پوءِ ڪاروائي شروع ٿيندي. چيرمن اوهين صاحب ٿيندا، تنهنڪري خطبو ڏاهي ڇڏجو. باقي خطبو صدارت جو، جنهن ۾ اهل بيت جا اڳيان اجدادي ڪارناما، هن وقت جو انقلاب، پسماندن جي حالت تي تنقيد، انجمن جي ضرورت ۽ ساداتن جي تاريخ اجمالي، ۽ ڇا ڇا ڪرڻ گهرجي، ان لاءِ سمجهاڻي وغيره تي مرتب ٿيندو، جو

مولوي دين محمد صاحب کي ان باري ۾ امداد خريدارن جي ڏيڻي آهي.

۳- شجري جي ڇپجڻ لاءِ رمضان کان پوءِ جلد ئي بندوبست ڪجو، جو ڪتاب تيار ٿئي، محرم واري اجلاس ۾ پيش ٿئي ۽ سادات ۾ تقسيم ڪري وڪرو ڪرائجي. تنهن لاءِ سيڪريٽري صاحب کي تاڪيد لکندس، اوهين به لکجوس- تاريخ مقرر ڪري، ته حيدرآباد گڏ ٿجي. ان باري ۾ [لکپڙهه جو] جلدي نيڪال ڪجي.

پيو سڀ خير.

- اسدالله الحسيني

(٤)

۸- ربيع الاول، ۱۳۴۳ هه

ميان سيد غلام مرتضيٰ شاه !

خدمت ۾ جناب سعادت ماب اخوي اعزيم

بعد تسليمات پيغامات جي معلوم فرمائيندا ته هتي سڀ خير آهي ۽ خيريت اوهان جي مطلوب.

مقصد ته سن واري جلسي بابت رنڍين جي بندش جو رزوليوشن پاس ڪيو ويو- هو خصوصا صدر صاحب جي مرضيءَ ۽ انجام تي اهو پاس ٿيو. اسين منتظر هئاسون ته ان لاءِ چا ٿو ٿئي، پر پوءِ پير صاحب اخبار ”الوحيد“ ۾ اعلان ڪيو ۽ اوهان صاحبن ۽ ٻين معتبر ذريعن کان خبر ملي ته پير صاحب رزوليوشن ۽ ”الوحيد“ واري اعلان جي ڪابه پورائي ڪانه ڪئي، بلڪ وعده خلافي ڪري، پنهنجي صداوت ۽ انجمن جي بي حرمتي ڪئي، ۽ رنڍيون اچي ويئون. اهڙيءَ حالت هوندي، انجمن ۾ رهڻ بلڪل نامناسب آهي. تنهنڪري اسان دستبردار

٢- مهرباني ڪري جناب فاضل محمد هاشم "مخلص" سيڪريٽري خلافت ڪاميٽي، ضلعي حيدرآباد کي انهيءَ جلسي لاءِ دعوت ڏيندا. هُو صاحب قصيدو مجلس ۾ پڙهندو.

پيو سڀ خير آهي- جواب ڳوٽ لکندا.
- اسدالله الحسيني

(٣)

١٠- رمضان، ١٣٤٢ ه

ميان سيد غلام مرتضيٰ شاه
سيادت پناهہ، نجابت دستگاهہ، شاهہ صاحب

بعد السلام عليڪم و رحمةالله و برڪاته' جي معلوم فرمائيندا تہ هت سڀ خيريت آهي ۽ خيريت اوهان جي مطلوب. مقصد تہ ڪاغذ اوهان صاحبن جـو پهتو حقيقت ڪلي معلوم ٿي. خلافت شريف بابت جيڪي ڳالهيون آهن، سي اميد تہ روبرو سمجهائي ڇڏيندس. اوهان تيسين تائين پاڻان يا ٻئي ڪنهن جي تحريڪ تي ان ڪم ۾ دست‌اندازي نہ ڪجو، ڇو جو هي مسئلو نازڪ مذهبي آهي. ان ۾ اڳهن جيڪي جماعتون مرڪزي خلافت ۽ جمعيت‌العلماء جون قائم آهن، سي فيصلو ڪنديون،۽ منهنجي ذاتي راءِ جيڪا آهي سا وڏو مضمون جوڙي، "الوحيد" ڏانهن موڪليم- ڇپيو پوءِ ڏسندا.

٢- رسالو "توحيد" اسلامي رسالو آهي، جنهن ۾ اسلام جي اشاعت ۽ سياسي مسئلا تمام چڱا آهن. مگر افسوس، جو هندن جون اخباروں ۽ رسالا حشرات‌الارض وانگر پکڙيل آهن ۽ اسلامي اخبارون ۽ رسالا فقط "الوحيد" ۽ "توحيد" آهن، سي بہ مسلمانن جي بي توجهيءَ ڪان ڪريل حالت ۾ آهي. اوهان مهرباني ڪري رسالي "توحيد" جي خريداري منظور ڪري، وي ٻي منظور ڪندا.

مولوي محمد صادق صاحب کڏي وارو

مولوي صاحب سنڌ ۾ ڪراچي مدرسه مظهرالعلوم، کڏي، جا مهتمم هئا. جميعت العماء سنڌ جا صدر ۽ ديوبندي عالمن مان هئا. آزاد خياليءَ ڪري، نظربندي به ڪاٽي هئائون. خلافت جي ڏينهن کان سائن واقفيت هئي- ازان سواءِ مولوي فتح محمد صاحب جي ڪري سائن نيازمندي وڌي ويئي. سندن ڪيترا خط سون وٽ محفوظ آهن، جن مان ڪجهه هيٺ ڏيان ٿو.

(١)

١٧- نومبر، ١٩٢٧ع بسم الله الرحمٰن الرحيم

الحمدالله والسلام علي عباده الذين اصطفي

اما بعد-

السلام عليڪم و رحمة الله وبرڪاته' - اسان وٽ هر طرح خير يت آهي ۽ خير يت اوهان صاحبن جي هردم مطلوب ۽ مرغوب.

ماهوالمقصود هيءُ ته ٻڌڻ ۾ آيو آهي تـه لوڪلبورڊ ڊسٽرڪٽ ڪراچيءَ جي طرفان ملير ۾ اسپتال کا نکرڻي آهي، جنهن جي متعلق اوهان صاحبن جي خدمت ۾ گهڻيون درخواستون هندو مسلمانن جون آيل آهن. جن مان هڪ درخواست ڊاڪٽر حاجي غلام حسين خواجه جي به آهي، انهن متعلق عرض آهي ته ڊاڪٽر مٿيون تمام لائق ۽ شريف ماڻهو آهي. ڪئين سال قومي خدمت ڪندو رهيو آهي. اسين ڪانئس تمام چڱيءَ طرح واقف آهيون. هر طرح انهيءَ ڪم لاءِ موزون ۽ لائق آهي. هن جو پنهنجو دڪان

آهيون ۽ انجمن کان ڪناره ڪش ٿيون ٿا، ۽ پنهنجي عهدي جي استعيفا ڏينديس.

اميد تہ اوهين بہ ان تي غور ڪندا، ۽ آءٌ اوهان صاحبن کي مجبور نٿو ڪريان تہ اوهين بہ دستبردار ٿيو ۽ استعيفا ڏيو.

اوهان انجمن جي حالات تي غور ڪري، پنهنجي راءِ ان بابت موڪليندا تہ ڇا ڪندؤ؟ اسان تہ اهو ارادو ڪيو آهي جيڪو لکيوسين. اهڙو خط پير صاحب سيد محمد عالم شاه کي بہ لکيو اٿئون.

جواب ترت ڏيندا.

— اسدالله الحسيني

هن کي روکيو ويو، مگر هن الٽو اسان کي بيعزتو ڪيو. خير، گذشته آنچه گذشت. خدا تعاليٰ ميني کي هدايت ڪري، اسان کي به هن کي به. اوهان صاحبن وارو اعلان اسان جي هٿ ۾ آهي. هڪ دفعو جناب مولوي فتح محمد صاحب، مولوي دين محمد صاحب ۽ حقير جو مشترڪ جلسو ٿي چڪو آهي. وري ٻئي آچر تي رکيل آهي. جنهن ۾ حقير ۽ مولوي دين محمد صاحب مسودو تيار ڪري، ٻيو دفعو حڪيم صاحب جن سان گڏجي صاف ڪري، حاضر خدمت ڪندس. ڪجهه اسان کي مدرسي جي امتحانن ۽ طالبن کي رخصت ڪرڻ ۽ وڪيشن ڪري فرصت نه هئي، تنهنڪري تاخير ٿي. دعا ڪندا ته خدا تعاليٰ جل جلاله' توفيق بخشي.

فقط والسلام-

خادم،

محمد صادق

(۳)

۱۳- فيبروري، ۱۹۳۲ع

السلام عليڪم ورحمة الله وبرڪاته'- عيدمبارڪ صد مبارڪ! الحمدلله تعاليٰ اسان وٽ هر طرح خيريت آهي ۽ خيريت اوهان صاحبن جي هر وقت گهربل. اسان وٽ عيد جو چنڊ خميس جي رات، ۸ ماڻهن جي شهادت سان ثابت ٿيو. تنهنڪري عيد خميس جي ڏينهن ڪئيسون.

ٻيو ته اسان جي مدرسي تي خرچ جي تمام گهڻي ضرورت آهي. هڪ مدرسو عربيءَ جو هن سال وڌيو آهي. اوهان صاحبن جي ذمي مدرسي جا چاليهه روپيا بقايا آهن، ۽ مدرسي جو سال ختم ٿيو آهي، تنهنڪري مهرباني ڪري سڀ يا جيڪي ٿي

آهي. مگر قومي ڪمن جي مشغوليءَ ڪري وڌيڪ ترقي ڪري نٿو سگهي. في الحال ڪن مجبورين ڪري نوڪريءَ ڪرڻ جو خيال اٿن ۽ في الحال ميونسپل جا ميمبر به آهن. اسان جي گهڻن ڏينهن کان ساڻن دوستي آهي. وقت بوقت الجامع ۽ قومي ڪمن ۾ معقول مدد به ڏني اٿن. تنهنڪري اسين تمام گهڻي زور ۽ اميد سان اوهان جي خدمت ۾ سفارش ٿا ڪريون. اسان تي گهڻي مهرباني ٿيندي، ۽ گهڻو شڪرگذار رهنداسين.

ٻيو سڀ خير آهي.

فقط والسلام

— محمد صادق

(۲)

۳۰- جنوري، ۱۹۳۰ع

السلام عليڪم و رحمة الله و برڪاته. حضور جن جو نوازش نامو پهتو. احوال معلوم ٿيو. الحمدلله، اسان وٽ هر طرح خير آهي ۽ خيرعافيت اوهان صاحبن جي هميشه گهربل. بيشڪ سجاول ۾ اهڙي حالت اتفاق سان ٿي پيئي، جنهن جو وهم ۽ خيال به نه هو. خدا ڄاڻي، ڪڏهن به اهڙو اتفاق نه ٿيندو هو. هميشه محبت سان سمجهه فيصلا وغيره ٿي ويندا هئا. مگر خير، جيڪي ٿي ويو، انهيءَ تي افسوس نه ڪبو ۽ نه اهو خيال رکڻ گهرجي. اسان کي اوهان صاحبن جي طرفان بلڪل دل صاف آهي. ڪنهن قسم جو رنج يا ملال ناهي، ۽ اميد ته اوهين به پنهنجي ڪريمانه ۽ فياضانه روش سان اسان کي معاف فرمائيندا. البت مسٽر عبدالخالق جي زيادتين ڪري گهڻو ارمان آهي. انهيءَ کي اهڙو حق نه هو، ته سيني مولوين کي ۽ خصوصاً فتح علي صاحب کي اسان جي روبرو بدشد ڳالهائي. جنهن جي ڪري

(٥)

١٣- نومبر ١٩٦٦ع

بسم الله الرحمان الرحيم

الحمد لله و السلام علي عباده الذين اصطفي

اما بعد-

السلام عليكم و رحمة الله- اوهان صاحبن جو خط پهتو، احوال معلوم ٿيو. ڇوڪرن کي فارسي ۽ انگريزي درجي ۾ وٺي سگهنداسين. جيڪڏهن مدرسي ۾ داخل ڪيا ويندا ته ماني، ڪپڙا ۽ ڪتاب وغيره ضروريات سڀ مدرسي مان ملندا ۽ هڪ روپيو ماهوار ريزڪي خرچ لاءِ بہ ملندو. مگر في الحال سال ختم ٿيو آهي. جيڪڏهن رمضان شريف ۾ درخواست ڪندا، ته شوال ۾ مدرسي ۾ داخل ٿي سگهندا.

ٻيو سڀ خير آهي.

- فقط محمد صادق عفي عنه

مهتمم جامع اسلاميه و يتيم خانه،

حاجي عبد الله هارون، محله کڏو، ڪراچي.

سگهي، مني آوبر ذريعي موڪلي، شڪر گذاو فرمائيندا. توهان کي خدا تعالي اجر ڏيندو. انشاءالله تعالي!

فقط والسلام -

دعاگو نيازمند،

محمد صديق

(٤)

ڪراچي

١٧- اپريل

عالي جناب مستطاب سيد غلام مرتضي شاه صاحب

السلام عليڪم ورحمةالله وبرڪاته' - مڪتوب گرامي پهتو - ياد فرمائي ة جو شڪر گذار آهيان. جناب حضرت مولانا عبيدالله صاحب پنهنجي عاقل ۽ لاڙڪاڻي جمعية العلماء ڪانفرنس ۾ تشريف فرما ٿيا هئا. پوءِ لاڙڪاڻي مان امروٽ شريف، وڪ اسٽيشن تي تشريف فرما ٿيا. سندن ارادو هو ته في الحال هڪ مهينو ڪن اچا ۽ دهليءَ ۾ رهندا ۽ جيڪي سبق شروع ڪرايا اٿن، اهي ختم ڪرائي، پوءِ وري سنڌ، ڪراچي يا پير جهنڊي جي ڳوٺ ۾ ڪجهه وقت رهندا. اهڙيءَ طرح اسان کان جدا ٿيا. مگر هت اچي، ٻڪي خبر معلوم ٿي آهي ته پاڻ ٿرپارڪر ضلعي ۾، سانگهڙ ۾ آهن. اتان والله اعلم دهليءَ روانا ٿيا يا اچا سنڌ ۾ آهن. جيڪڏهن هن ڪان پوءِ اسان وٽ آيا، ته اسين انشاءالله تعالي ڪين اوهان صاحبن جو پيغام پهچائيندا سين ۽ حضور جن کي اطلاع به ڏيندا سين.

- محمد صادق

(٢)

١٣ ڊسمبر ١٩٣٢ع

مڪرمي شاهه صاحب!

السلام عليڪم - احوال هن ويت آهي ته مون ڪي هن سال ضلعي لوڪلبورڊ تڪ سڪرنڊ سان ميمبريءَ لاءِ اميدوار ٿيڻ جو وڏو ارادو آهي. اوهان براه مهرباني جيڪڏهن امداد جو واعدو ڏيو ته ٿيوءِ آءٌ ٢٠ ڊسمبر نامينيشن پيپر ڏيان. اوهان سيد ميان پيرشاهه وٽ مون سان گڏجي هلندا ۽ پي ٻه اوهان جي مون کي گهڻي مدد ملندي. ان لاءِ جيڪڏهن واعدو ڏيو ته ٿيوءِ ڪوشش ڪريان. جيئن ته ٢٠ ڊسمبر ١٩٣٢ع تي نامينيشن پيپر پرڻا آهن، ان ڪري آميد پريو جواب ملندو ته ٿيوءِ آءٌ ٻيهڻ لاءِ ڪوشش ڪندس. مون کي اميد آهي تہ منهنجي همت افزائيءَ لاءِ ضرور جواب ڏيندا. وقت تمام ٿورو آهي، ان ڪري جواب مهرباني فرمائي جلد موڪليندا.

نيازمند،

معاذ

(٣)

٢٥- اپريل، ١٩٤٠ع

محترم آنريبل شاهه صاحب!

السلام عليڪم - اوهان جو خط ٣- اپريل ۾ بجي اوهان سان ملاقات ڪرڻ لاءِ پهتو، جنهن ۾ اوهان هارين متعلق بحث مباحثي لاءِ وقت مقرر ڪيو آهي. آءٌ ڏاڍو شڪرگذار آهيان، جو اوهان هارين جي ڪم ۾ دلچسپي وٺڻ شروع ڪئي. آءٌ ڪوشش ڪندس ته مقرر وقت تي حاضر ٿيان ۽ بحث ۾ حصو وٺان. پر جيڪڏهن ڪنهن ضروري امر جي ڪري شرڪت نہ

مولوي حڪيم محمد معاذ

مولوي محمد معاذ، عبيدالاهي گروه جي مولوين مان ترقي پسند خيالن جو قومي ڪارڪن هو. سندس زندگيءَ جو احوال سون "جنب گذاريم جن سين" ۾ ڏنو آهي. سائس سنهنجو خلافت جي وقت کان وٺي لاڳاپو ۽ تعلقات رهيا هئا. اڪثر جڏهين نواب شاه ويندو هوس، ته ڪيس ملندو هوس. اهڙيءَ طرح سان خط وڪتابت جاري رهي. سندس چند خط هيٺ ڏيان ٿو.

(۱)

۱- ڊسمبر، ۱۹۲۵ع

مڪرمي و معظمي جناب شاهه صاحب!

السلام عليڪم

اوهان جي باعزت ڪاميابيءَ تي منهنجي پاران هديه مبارڪبادي قبول فرمائيندا. اوهان جي استقلال ۽ قومي همدرديءَ جي هاڪ ساريءَ سنڌ ۾ آهي. هن عنفوان شباب ۾ اهڙو خدمت جو موقعو قسمت وارن کي نصيب ٿيندو آهي. ان ڪري قوم جون اوهان ۾ گهڻيون اميدون آهن.

خداوند تعاليٰ کي عرض آهي ته اوهان کي پنهنجن اميدن ۾ فائز ڪندو. والسلام-

نيازمند معاذ

آزاد خيال ڪي تڪليف ڏيڻ مهذب دنيا ۾، اوهان جي هوندي، اوهان جي اقتدار هوندي، اوهان جي شايان شان نہ آهي. آءٌ اميد ٿو ڪريان تہ محمد امين جي رهائيءَ لاءِ اوهان ضرور خيال ڪندا.

جواب ڏيندا تہ مهرباني.

اوهان جو خادم،

معاذ

(۵)

نواب شاه

۳- فيبروري، ۱۹۴۶ع

محترم شاه صاحب!

اڄ رات هيءُ معلوم ڪري ڏاڍي خوشي ٿي، جو اوهان وري سنڌ جي سياست ۾ نئين جاڳرتا آڻڻ بعد ڪانگريس سان ساٿ ڏنو آهي. سنڌ گذريل وقت ۾ ڏاڍو سڙيو آهي. معاف ڪندا جيڪڏهن آءٌ ائين چوان تہ آن ۾ اوهان جي خاموشيءَ مجبورين جو بہ هٿ هو. هن وقت سچ پچ اوهان ڪانگريس سان ساٿ ڏيئي، ڪفارو ادا ڪيو آهي. شل الله تعاليٰ اوهان کي نيڪ ارادن ۾ ڪاميابي ڏئي. اسان غريبن جون خدمتون اوهان لاءِ هر وقت موجود آهن. شل اوهان سنڌ جي سٽڻ ڦاٽل هاري ناريءَ لاءِ ڪو ڪارسازيءَ جو ڪم ڪريو ۽ سنڌ کي ايندڙ زماني ۾ سرسبز ۽ شاداب ڪرڻ ۾ فتحياب ٿيو. اوهان کي مبارڪ هجي، جو اوهان هن نازڪ وقت ۾ ڪانگريس سان ساٿ ڏيئي، سنڌ کي رشوت خورن ۽ ظالم ڪامورن کان بچائڻ جو پڪو ارادو ڪيو آهي. وزارت ٺهڻ کان پوءِ ملنداسون ۽ وزارت کان ٻاهر بہ ڪم ڪرڻ لاءِ ڪو پروگرام رٿينداسون.

نيازمند، معاذ

ڪيان ته معاف ڪندا. اوهان جي ان نيڪ قدم لاءِ مزيد شڪريو.

هاري هندستان جو بنيادي ماڻهو آهي. سڄيءَ سنڌ جو دارو مدار هاريءَ تي آهي. سنڌ جو مستقبل هاريءَ جي سڌاري تي موقوف آهي. هاريءَ جي تعليم، ٻنيءَ جو سڌارو، هاريءَ جي رهڻي ڪهڻي، اهي سڀ نموني تي هونديون، ته پوءِ مستقبل به سٺو نظر اچي ٿو. ورنه هاريءَ جي جهالت ڪري سنڌ ۾ هميشه اهڙيون حالتون رهنديون، جهڙيون هن وقت آهن. ۽ هي به ممڪن آهي ته اسان هميشه هاريءَ جي جهالت مان ناجائز فائدو وٺي نه سگهنداسون. آخر هو سجاڳ ٿيندو. پر پلو ائين آهي ته اوهان جيڪي هاريءَ جي ووٽ تي سنڌ جا هلائيندڙ آهيو، ان لاءِ ڪافي غور ڪيو- نه رڳو لفظي پر عملي طرح سان. وليج سڌار جو ڪم گهڻو ڪري هاريءَ جي سک لاءِ هجي. هارين جا ڪم از ڪم ڪي سڌريل ڳوٺ هجن. هنن کي آتي تعليم، صحت، پاڻيءَ ۽ سڀيءَ زمين جو بندوبست هجي. هاريءَ ۽ زميندار جو تعلق به تڏهن سڌرندو، جڏهن هاري سڌريل هوندو. وڌيڪ روبرو-

راقم نيازمند معاذ

(٤)

٢٠- فيبروري، ١٩٤٢ع

محترم شاه صاحب قبلا!

السلام عليڪم- معاف ڪندا، هڪ تڪليف ٿو ڏيان. محمد امين کوسو اوهان جي حڪومت ۾ جيل ۾ وڃي ۽ اوهان جهڙو آزاد خيال ماڻهو هن لاءِ ڪجهه به نه ڪري، اها تعجب جي ڳالهه آهي. اوهان جي پارٽيءَ ۾ نه پر سڄيءَ اسيمبليءَ ۾ اوهان ئي آزاد خيال ۽ وسيع معلومات جا صاحب آهيو. دنيا جي دور ۾ پارٽيون ٺهنديون آهن، انهن جا اصول هوندا آهن. ٻه مخالف

ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻي

هيءُ صوفي منش، سنڌ جو وڏو عالم هو. ڪيترا سال ڊي. جي. سنڌ ڪاليج جو وائيس پرنسپال ۽ ڪجهه وقت پرنسپال رهيو. فارسيءَ جو وڏو ڄاڻو هو. مولانا روم تي عبور حاصل هوس. سندس سڪيه ڪارناسو شاهه عبداللطيف جي رسالي جو شرح لکڻ هو، جنهن جهڙو اڄاتائين ڪو به لکي نه سگهيو آهي. سندس زندگيءَ جو احوال "جنب گذاريم جن سين" ۾ ڏنل آهي. سائس نيازمنديءَ جو رستو به گهڻو هو. پر ۾ رهڻ ڪري، خط وڪتابت جي ضرورت ڪانه ٿي، جو اڪثر پيا ملندا هئاسون. سندس ٣ خط، تبرڪ طور، هتي پيش ڪريان ٿو.

(١) [انگريزي]

٢٦- جمشيد ڪوارٽرس، ڪراچي،
٥- نومبر، ١٩٣٣ع

پيارا شاهه صاحب!

مون کي اميد آهي ته توهان گلي جي خرابيءَ کان ڇاڪ ٿيا هوندا. منهنجي دوست گوبندرام چنديرام، جو چيف آفيسريءَ جي جڳهه لاءِ اميدوار آهي، ٻڌايو ته ڪمشنر مسٽر ٽهلراماڻيءَ جي مقرري نامنظور ڪئي آهي، تنهنڪري، توهان پيو ڪو ماٺهو رکندا. ان حالت ۾، آءٌ خاص مهرباني سمجهندس، جيڪڏهن توهان مسٽر چنديرام جي مدد ڪندا. هيءُ وڏو تجربيڪار، ايماندار ۽ سخت محنتي ماڻهو آهي. آءٌ سمجهان ٿو ته جيڪڏهن توهان ان ڪم کي پنهنجو ڪري هٿ ۾ ڪٽندا،

مولوي دين محمد وفائي صاحب

مولوي دين محمد وفائيءَ جي زندگيءَ جو احوال سون ”جنب گذاريم جن سين“ ۾ ڏنو آهي. پاڻ ”الوحيد“ جا ايڊيٽر هئا. بهترين ليکڪ ۽ اديب هئا. سائين ”الوحيد“ جي دور ۾ ۽ ان کان پوءِ تعلقات هلندا آيا. جيتوڻيڪ خط وڪتابت گهٽي ڪانه رهي، ته به ائين ناهي ته صفا آهو رستو ڪونه هو. نموني طور هڪ خط پيش ڪريان ٿو.

(١)

١٩٣٣ع

حضرت عاليجاه سيد غلام مرتضي شاه صاحب!

تسليم

الحمد لله، جو اوهان دادو ضلعي لوڪلبورڊ جا وائيس پريزيڊنٽ ٿيا آهيو. اميد ته تجربيڪاريءَ موجب ڪاروبار جون واڳون اوهان جي هٿن ۾ هونديون.

شيخ عبدالعزيز هڪ نوجوان نو مسلم جي روزگار لاءِ اوهان وٽ ڪن جون سفارشون پهچي چڪيون آهن. هو وڏيڪ سون ڪي به مستدعي ٿيو آهي، تنهنڪري سفارش جا چند الفاظ عرض ڪجن ٿا ته هن نومسلم جي اوهان کي سفارش هجي.

و السلام.

— دين محمد وفائي

ٿا. باوجود اُن جي، جنهن ڳالهه لاءِ آءٌ اوهان کي لکي رهيو آهيان، منهنجي نقطي نگاه موجب آها به اهڙي ئي اهم ڳالهه آهي.

اوهان کي خبر هوندي ته منهنجي سينيٽ جي ميمبرشپ جو مُدو ع- آگسٽ تي پورو ٿئي ٿو، ۽ وري اليڪشن جولاءِ جي شروعات ۾ ٿيندي. حاجي مولا بخش اڳ ۾ ورڪ شروع ڪري ڇڏيو آهي. جيستائين اوهان جهڙا دوست منهنجي مدد نه ڪندا، ته آءٌ ڪامياب نه ٿي سگهندس. جيڪڏهن حاجي مولا بخش کي منٿ ميڙ ڪري هٽ ڪٽائجي، ته ڏاڍو چڱو ٿيندو. پر جيڪڏهن هُو هٽ نه ڪٽي، ته ان حالت ۾ عرض آهي ته مهرباني ڪري اوهان هرڪا مدد مون کي ڪندا.

سيرانِ محمد شاه مون کي ٻڌايو ته اوهان دادن خان جو ووٽ منهنجي لاءِ وٺي سگهو ٿا. انهيءَ لاءِ توهان کي ۽ گل محمد شاه کي لکي رهيو آهيان. مهرباني ڪري، سردار عبدالرحيم کوسي کي به انهيءَ لاءِ چوندا.

هن ڳالهه کي پنهنجو ڪري سمجهندا ۽ هرڪا مدد ڏيندا.

— هوتچند

[نوٽ:- بمبئي يونيورسٽيءَ جي سينيٽ لاءِ ميمبر چونڊبا هئا. اُن ۾ اسيمبلي ميمبرن جي ووٽ جي ضرورت هئي. هيءُ خط اُن بنسبت لکيل آهي.]

ته هن جي مقرريءَ ۾ ڪا به مشڪلات ڪانه ٿيندي.
جيڪڏهن اوهان چاهيو، ته آءٌ هن کي اوهان سان ملڻ لاءِ چوان.

— هوتچند

[نوٽ:- دادو ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ جي چيف آفيسريءَ لاءِ لکيو اٿن.]

(٢) [انگريزي]

٢٦- جمشيد ڪوارٽرس، صدر، ڪراچي،
١٠- جون، ١٩٣٧ع

پيارا شاهه صاحب!

مون کي ميران محمد شاه کان اهو ٻڌي نهايت ڏک ٿيو آهي ته اوهان جي والده محترمه وفات ڪري ويئي آهي. مون سان به ٻه ٽي مهينا اڳ اهڙي حالت ٿي هئي. مون کي خبر آهي ته جو ڏک ۽ افسوس اوهان کي ٿيو هوندو سو ڪيترو قدر نه گهرو هوندو.

آءٌ خدا کان دعا گهران ٿو ته هو اوهان کي صبر جميل عطا فرمائي!

توهان جو مخلص

هوتچند

(٣) [انگريزي]

٢٦- جمشيد ڪوارٽرس، صدر، ڪراچي،
٨- مئي، ١٩٤١ع

پيارا شاهه صاحب!

معاف ڪندا، جو آءٌ اوهان جي قيمتي وقت ۾ دخل انداز ٿيان ٿو— جيئن ته اوهان مکيه مسئلن ۽ معاملن ۾ مشغول رهو

نہ ٿي ڏيئي سگھجي. آن لاءِ مون کي تمام گھڻو ڏک آهي. پر جيڪڏهن آءٌ بورڊ جو دستور ٽوڙي، کيس اسڪالرشپ ڏيندس، تہ آن جو بوجو مون تي پوندو. باقي جڏهن نئين ٽرم ۾ ڪجھ پيسا ملندا تہ پوءِ آن وقت سندس مدد ڪري سگھبي، جيئن گذريل سال ڪيو هوم.

ڪيترو وقت ٿيو آهي، هڪٻئي سان نہ مليا آهيون. اميد تہ اوهان خوش و خرم هوندا.

اوهان جو مخلص،

پناڻي

(٢) [انگريزي]

پرنسپال،
ڊي- جي- ڪاليج، ڪراچي،
٦- جون، ١٩٤١ع ڪميٽي، من
پيارا شاهه صاحب، چيرمن مسلم ليگ آرگنائيزيشن

توهان جو ڪتاب "پاڪستان ۾ مسلمان قوم" سنڌ ڪاليج لائبريءَ لاءِ پھتو. مھرباني!

توهان جو وفادار،
پرنسپال پناڻي
ڊي-جي- سنڌ ڪاليج، ڪراچي.

(٣) [انگريزي]

ڪسٽمز ڪوارٽرس، بمبئي،
٩- مارچ، ١٩٥٤ع

پيارا شاهه صاحب!

جڏهن توهان ١٣ جنوريءَ تي هتي بمبئيءَ آيا، تہ مون کي اوهان سان ملڻ جي گھڻي خواهش هئي. پر ڪجھ عرصي کان بيمار هئڻ ڪري، آءٌ اوهان سان ملي نہ سگھيس.

پرنسپال ايس - بي - پنٽي

هيءُ بزرگ اصل سيوهڻ جو وينل هو. پرنسپال شاهوانيءَ کان پوءِ سالن جا سال ڊي - جي- سنڌ ڪاليج جو پرنسپال ٿي رهيو. صوفي منش هو. سنتن ۽ فقيرن جي صحبت ۾ رهڻ جو شوق هوندو هوس. ڪنڊڙيءَ واري روحل فقير جي جاءِنشين نصير فقير وٽ مهينن جا مهينا وڃي رهندو هو. پيا هو وٽس رهندو هو. هن وٽ مذهبي ڀيد ڀاءُ ڪونه هو. سڀت جو پنبار هو. علم جو وڏو ساهر هو.

پاڪستان بنجڻ کان پوءِ هو لنڊي پارٽ هليو ويو. ان بعد به هڪ ٻه ڀيرا هتي سنڌ ۾ آيو ۽ ڪجهه وقت مفت پڙهائيءَ جون خدمتون انجام ڏنائين.

تازو هندستان ۾ وفات ڪئي اٿس. سندس احوال وقت سر هٿ نه اچڻ ڪري، ”جنب گذاريم جن سين“ ۾ ڏيئي نه سگهيو آهيان. تنهنڪري نذرانه عقيدت طور سندس ٻه خط هتي پيش ڪري، اهڙي لاثاني عالم جي ياد تازي ڪريان ٿو.

[انگريزي] (۱)

ڏيارام ڄيٺمل ڪاليج، ڪراچي، سنڌ
۲- جولاءِ، ۱۹۳۵ع

پيارا سيد!

آءٌ اوهان جي جاءِ تي ساڻ لاءِ آيس، پر توهان اڳ ۾ ئي حيدرآباد لاءِ روانا ٿي چڪا هئا.

شاگرد مون وٽ آيو. ڪيس اسڪالرشپ گهربل هئي. دستور آهي ته جيڪو شاگرد غير حاضر رهي، ان کي اسڪالرشپ

ساڌو ٽي - ايل - واسواڻي

هيءُ صاحب وڏو عالم، فقيرتن ۽ ساڌو بزرگ هو. هن کي پنهنجو آشرم ۽ هاءِ اسڪول هئا. معتقدن جو وڏو گروهه هوس. سنڌ جو عاشق هو. شاه، سچل ۽ دلپت صوفيءَ سان لڳاءُ هوس. سندس زندگيءَ جو احوال "جنب گذاريم جن سين" ۾ ڏنل آهي.

بدقسمتيءَ سان پاڪستان بنجڻ بعد هيءُ هتان لڏي ويو، پر آتي به سنڌ جي محبت قائم رکيائين. اسان کيس سنڌ اچڻ جي دعوت ڏني هئي، پر حالتون اهڙيون هيون، جو هو اچي نه سگهيو. ڪجهه وقت ٿيندو ته وفات ڪري ويو آهي. نذراني عقيدت طور سندس هڪ خط ۽ هڪ تار پيش ڪريان ٿو.

(۱) [انگريزي]

پونو

۷- سيپٽمبر، ۱۹۵۷ع پيارا ڀاءُ!

توهان جو قربن ڀريو خط ۽ آن سان گڏ پيارن ڀري تار به پهتي. ٻنهي مون کي ڏاڍو متاثر ڪيو. معاف ڪجو جو جواب ڏيڻ ۾ دير ٿي آهي. آءٌ اڄڪلهه پورو تندرست نٿو رهان. ان ڪري مهربان دوستن جي خطن جا جواب جلد ڏيئي نٿو سگهان. توهان ۽ دنيا جي ٻين حصن ۾ رهندڙ مهربان دوستن کان جوابن ۾ دير لاءِ محبت ۽ ادب سان معافي گهران ٿو.

اها ڳالهه مون لاءِ خوشيءَ جو باعث آهي ته منهنجي مٺڙي سنڌ شاهه لطيف جو سڳورو ڏينهن ملهائي رهي آهي. منهنجي وڏي خواهش هئي ته آءٌ هن بدن سان اچي، توهان جي

فيبروريءَ ۾ ڪرشنا مورتي هتي هو. هن 'سچ' جي مسئلي تي ڇهه ليڪچر ڏنا، جن منهنجي دل تي گهرو اثر ڪيو. ان بعد سوامي رامداس هتي آيو. هُو ١٩٣٨ع ۾، ڪراچيءَ ۾، مون وٽ اچي رهيو هو، ۽ پينشن تي لهڻ کان پوءِ آءٌ ٻن سالن لاءِ هن جي آشرم ۾ به وڃي رهيو هوس. منهنجي دل روحاني ڳالهين ۾ مشغول ٿي رهي آهي، ۽ اندر جي مسئلن کي سمجهڻ جي جي ڪوشش ٿي ڪئي اٿم.

مولوي فتح محمد سيوهاڻيءَ جي ڪتاب 'حيات النبي' منهنجي تمام گهڻي مدد ڪئي آهي، پر اجا ان کي پوريءَ طرح پڙهي نه سگهيو آهيان.

هن وقت آءٌ ڪاليج ۾ فزڪس، ڪيمسٽريءَ ۽ بايالاجيءَ تي ليڪچر ڏيندو آهيان، جن لاءِ ڪتابن کان به مدد وٺڻي پوندي آهي.

سنڌي ادب جي واڌاري لاءِ هتي پيا به چڱي ڪوشش ڪري رهيا آهن. ڪين شڪايت آهي ته پاڪستان ۾ رهندڙ سنڌي، سنڌي ادب جي ايتري خدمت نٿا ڪن، جيتري ڪرڻ گهرجي. هن پاسي وارا مدد ڪرڻ لاءِ تيار آهن، پر انهيءَ طرف کان ڪا ٿيرائي ڪانه ٿي ٿئين. توهان ان مسئلي ۾ ڪا مدد ڪري سگهندا؟ مون کي ٻڌائي سگهندا ته ان مسئلي بابت آءٌ ڪنهن سان لکپڙهه ڪريان، ڪتاب حاصل ڪريان؟ اتي جي ڪن اديبن جا نالا موڪلي سگهندؤ؟ هيٺين ڪتابن جي ضرورت اٿم، جي ملي ڪو نه ٿا سگهن. انهن جي هٿ ڪرڻ ۾ مدد ڪندا: (١) رهنماءِ شاعري، (٢) علم عروض، (٣) علم اقتصاد (اهي ٽيئي ڪتاب ٻڌان ٿو ته سنڌي ادبي بورڊ ڇاپيا آهن.)، (٤) سنڌي ڊڪشنري ياڳو ڀيرون، (٥) ادبي اهڃاڻ، (٦) سنڌي ٻوليءَ جي سونهن ۽ (٧) ٽوورنيءَ جو خون – ليکڪ چيٺانند.

مخلص ٿيٺاٽي.

[تار] (٢)

پونو
٧- سيپٽمبر، ١٩٥٧ع

تار لاءِ مهرباني. پيغام، ٽپال رستي، اڳي موڪليو اٿم. پنهنجا تعظيم ۽ آداب پياري شاه لطيف جي خدمت ۾ عرض رکان ٿو، جو لکن جي دلين جو مالڪ آهي.

- ٽي . ايل . واسواڻي .

مجلس ۾ شريڪ ٿيان، پر منهنجي طبيعت مون کي اچڻ کان مانع آهي. آءٌ توهان، حاتم ۽ ٻين عزيز ڀائرن سان، جيڪي سنڌ جي جدا جدا ڀاڱن مان انهيءَ تاريخ تي ملي رهيا آهيو، روحاني طرح گڏ آهيان. مون کي اميد آهي ته منهنجي پياري سنڌ شاهه لطيف جو سڀورو ڏڻ خوشيءَ ۽ امنگ سان ملهائيندي. آءٌ پنهنجا پيار پريا سلام موڪليان ٿو.

شاهه لطيف سنڌ جي صدين جو آواز آهي. هيءُ اهو انسان آهي، جو ڀائي به ٿو، جو وليءُ به آهي، جو هارين جو همدرد ۽ ڪکائين جهوپڙين ۾ رهندڙ غريبن جو غمخوار ڀاءُ آهي.


شاهه لطيف بي داغ شاعر ۽ صحرا جو درويش آهي.

مون گهڻا سال اڳ يورپ واري سفر ۾ شاهه جا جيڪي بيت پڙهيا، سي ساڳيا اڄ به آءٌ هن 'جلاوطنيءَ' جي وقت ۾ پڙهي رهيو آهيان.

آءٌ هن کي پنهنجي زندگيءَ جو وڏو رهبر ۽ فيض رسان سمجهان ٿو. آءٌ هن کي هڪ وڏو مصور ۽ عالمگير محبت جو پيغمبر سمجهان ٿو. سندس بيت پڙهندي، مون کي هڪ وڏي مصنف جا هي لفظ ياد ٿا پون: "مون کي ماڻهن جي ساراهه جا گيت لکڻ ڏي، مون کي پرواهه ناهي ته سندن قانون ڪير به لکي!"

آءٌ وري به ان عظيم المرتبت انسان ۽ شاعر آڏو ادب سان پنهنجو سيس نمايان ٿو، جو مغرب ۽ مشرق جي شاعرن ۽ درويشن ۾ وڏي ۾ وڏي شخصيت آهي! آءٌ پاڻ کان پڇان ٿو ته 'جيترو قدر هن اسان لاءِ ڪيو آهي، ان جي ڀيٽ ۾ اسان هن لاءِ ڇا ڪيو آهي؟'

— واسواڻي



جيٺمل پرسرام



لالچند امرڏنومل



خانبهادر ولي محمد حسن علي



طيب علي علوي



جمشيد نسروانجي

دادا چيتمل پرسرام گلراجاڻي

هيءُ سنڌ جو عظيم المرتبت عالم، صوفي منش، سون کي تصوف جو سبق ڏيندڙ، شاه جو عاشق، سچل جو چاڙهو ۽ بي تعصب بزرگ هو. سندس زندگي جو احوال سون "جنب گذاريم جن سين" ۾ ڏنو آهي. سون وٽ سندس کيترائي خط آهن، جن مان ڪجهه چونڊ خط پڙهندڙن جي معلومات لاءِ پيش ڪريان ٿو.

[انگريزي] (۱)

سنڌ هيرالڊ، راجا پرنٽنگ پريس،
امپيريل بئنڪ ڪراچيءَ جي سامهون،
ميڪلوڊ روڊ، ۸- فيبروي، ۱۹۲۹ع

پيارا سائين!

آءٌ هوند خوشيءَ سان اوهان جي ميٽنگ ۾ اچان ها، پر هڪ هفتي لاءِ حيدرآباد وڃي رهيو آهيان، ان ڪري حاضر ٿي نه سگهندس. منهنجون اوهان جي ڪم ۾ اوهان سان مڪمل همدرديون آهن.

— چيتمل پرسرام

[نوٽ:- "گوٺ سڌار" هلچل جي پهرين ڪانفرنس ۹- فبروريءَ لاءِ ڏنل ڪوٺ جو جواب موڪليو اٿس.]

[انگريزي] (٢)

سنڌ هيرالڊ،
ميڪلوڊ روڊ، ڪراچي،
١٣- آگسٽ، ١٩٣٠ع

پيارا سيد!

لوڪبورڊ نوٽيس موڪلڻ لاءِ مهرباني. بسل لوڪلبورڊ آفيس ۾ موڪليو اٿم ۽ ان جي ڪاپي اوهان ڏانهن موڪليان ٿو. مهرباني ڪري آن جي جلد منظور ڪرڻ جو بندوبست ڪندا.

تنهنجو پيار ڪندڙ
چيتمل پرسرام.

(٣)

سنڌ پراونشل باءِ انڊين ليگ، ڪراچي،

حيدرآباد، ٢٠- آگسٽ، ١٩٣٢ع

پيارا ڀاءُ غلام مرتضيٰ شاهه!

اميد ته اوهين ٻارن ٻچن سوڌو بلڪل خوش باش هوندا. ڪيڪو ۽ ماڻس به بلڪل نوبنا هوندا. ڪيڪي جو نالو ڇا رکيو اٿو؟ آءٌ هت حيدرآباد گذريل جمعي کان وٽي ڪم کي لڳو پيو آهيان، جو ٢٤- آگسٽ جنم اشٽميءَ تي هت 'سوديشي' ميلو آهي، جنهن لاءِ اوهان کي نينڊ ڏجي ٿي، جا ضرور قبوليندا. هت حيدرآباد واري ٽولي اسان جي ڀائرن جي، ڪن ڳالهين ۾ ڪراچيءَ کان سرس آهي. هت محبت جي وٺڊ وڌيڪ آهي ۽ هن شهر ۾ رڳو ڀڳو ماڻهو ناٽي ٻڌيان ڪين آهن. تنهنڪري دل پيئي چويم ته هت ويٺو هجان.

هينئر ميران محمد شاه کي گڏيس. آءٌ هوسڙيءَ ۲۵ تاريخ
ويندس. اوهان جو هت ۲٦ تاريخ اچڻ نهايت ضروري اٿو.
— چيٿمل پرسرام.

(٤)

سامهون امپيريل بئنڪ،
ميڪلوڊ روڊ، ڪراچي،
١٦ - مئي، ١٩٣٣ع

ڀاءُ غلام مرتضيٰ شاه صاحب!

هڪ عزيز جي چوڻ پٽاندر اوهان کي هڪ عرض ڪرڻو
اٿم. مسٽر چندبرام گوبندرام واڌواڻي، دادوءَ جي لوڪلبورڊ
جي چيف آفيسر انجنيريءَ لاءِ اميدوار آهي. هو صاحب هينئر
سرڪاري ڪاتي ۾ اسسٽنٽ انجنير ٿي رهيو آهي. مون
پنهنجي عزيز کي چيو آهي ته اوهان لاءِ حالتون تڪليف جون
آهن- پر مون کي اميد آهي ته اوهان کان جيڪا حقي ڪوشش
ٿي سگهي، سا هن لاءِ ڪندا. هن جي لائقيءَ تي انصاف جي
نظر ڪندا.

هت توهين ڪڏهين ٿا اچو!

نيازمند،

چيٿمل پرسرام.

(٥)

لاڙڪاڻو ١٩٣٣ع

ڀاءُ پيارا غلام مرتضيٰ شاهه!

اسان جو ڀاءُ مسٽر ويجهومل چندناڻي، سنڌ پراونشل
ڪواپريٽو بئنڪ (لاڙڪاڻي شاخ) جو مئنيجر، اوهان سان چار

اصل ۾ اهو خيال ڪيو هوم ته سَنَ جي شهر کي ڳوٺاڻي هلچل جو مرڪز بڻائيندا سون. اوائل ۾ آهي "ڳوٺاڻا خيال" اوهان جا آهن، پر هن وقت آءٌ پيو ڏسان ته ڪن سببن ڪري اوهان جي سَنَ جي ڊوڙ هن طرف گهٽ آهي. تنهن جو سبب به سياويڪ آهي. آءٌ وچ وارو چڱڪو ڏسي، پنهنجي عمر جو سُنوالو ڀاڱو شايد پورو ڪري آيو آهيان. تنهنڪري منهنجي وات نزول ڏي آهي، پر اوهين اڃا ته مٿينءَ منزل ڏي وڌندڙ آهيو. آءٌ شهرن جو حال ڏسي، منجهائڻ ڪڪ ٿيو آهيان. سندن خود مطلب منورتيءَ ۽ بيحيائيءَ کان منهنجي دل بيزار ٿيل آهي. پيو ته اسين شهرن وارا ديوان ۽ سيٺيون ۽ اوهين ڳوٺن وارا ميان صاحبو، زماني جا ڪانئوپاٽ آهيون. اسين مڙيئي عام جو آرام پنهنجي پيرن هيٺ رکي رهيا آهيون.

جيئن آءٌ چُٽِل هوس تيئن توهين جي ساڳيو من وکندڙ هجو ها، ته ڪَرَ ڳوٺاڻي خدمت بنسبت ڪجهه نه ڪجهه ڪريو ها. منهنجو سمورو من هن وقت هاريءَ جي دکي حالت منجهه گرفتار آهي. هاري معنيٰ غريب عام. هاڻ اهو به خيال آيو اٿم ته شايد حيدرآباد جو شهر، جو به ڳوٺن جو وڏو مرڪز آهي، تنهن کي چونه انهيءَ ڪم جو هيڊ ڪوارٽر ڪجي. پيو سنگتين سان پٺهان، چوانِ پيو ته 'باءِ انڊين' جي ڪم کي به ائين ٻيهارجي، جو ڳوٺن ۾ تحريڪ کي ڪٽي وجي سگهجي.

٢٤ تاريخ هت فقير محمد ۽ ٻيا اچڻا آهن. شيخ عبدالمجيد هت ٿو پڌجي. ٽينءَ رات پرمانند، لالا سنتداس ۽ آءٌ ۽ ٻيا گڏ ٿيا هئاسين. ١٢ بجي رات تائين ات هئاسين. سنڌ جي باري ۾ ڳالهيون هليون، جن جو احوال روبرو رکندس.

آوَتراءِ ايڏاهين توهان ڏي اچي ٿو. جيترو ٿي سگهيوَ، اوتري مدد ڪجوس.

اڄ ننڍي آدم آهيون. تو وٽ ٢٧ تاريخ ڌاري پهچنداسين.
اميد ته تون اتي هوندين.

(٢) ليڪ مون کي ڪونه پهتو- افسوس!

(٣) "سنڌڙي" جي باري ۾ ڇا ڪيو؟

(٤) اميد ته دستور کي لکي موڪليندا. هيءُ ڪم ضروري اٿو.

— چيئنمل پرسرام.

[ڪارڊ] (٧)

"سنڌڙي" ويڪلي، سکر، سنڌ.

٢١- آڪٽوبر، ١٩٣٣ع پيارا ڀاءُ!

اڄ اسين سکر پهتاسين. اوهين ڏنايو ته اتي ٣٠ يا ٣١ ڌاري هوندا يا نه؟، ۽ جي هوندا ته واسواڻي ۽ آءٌ هڪ اڌ ڏينهن لاءِ سن ايندا‌سين ۽ رهاڻ ڪنداسين.

آءٌ نوابشاهه ۾ سنگتين کي گڏيو هوس. معاذ ۽ معين‌الدين کي به صلاح هنيم ته هڪ هنڌ گڏجون. مون چيو ته حيدرآباد گڏجون يا سن ۾، يا چئو ته آءٌ گشت پورو ڪري، اوهان وٽ اچي، پوءِ صلاح مصلحت ڪري، ڪو هنڌ مقرر ڪريون، جيئن پنهنجي رٿن بنسبت ويچار ڪرڻ لاءِ دوست گڏ ڪريون. مون کي جواب موڪلج. مان سکهي ئي ابندس.

ائڊريس، "سنڌو" شڪارپور.

— چيئنمل.

[انگريزي ڪارڊ] (٨)

بسنت هال، حيدرآباد.

٩- نومبر، ١٩٣٣ع پيارا سيد!

مون ڪيترا خط لکيا آهن، پر جواب ڪونه پهتو آهي. تنهنڪري، سن ڪونه تو اچان. سڌو لاڙڪاڻي کان حيدرآباد

ڳالهيون ڪرڻ لاءِ سن ۾ ايندو. مسٽر ريجهومل منهنجو پراڻو دوست آهي ۽ هت لاڙڪاڻي واري ٿياسافيڪل لاج جو پريزيڊنٽ آهي. جڏهن لاڙڪاڻي ۾ اجا ڪوآپريشن جي ابتدائي هئي، تڏهن مون کي پنهنجي يادگيري آهي ته ڪيئن هن پورهيا پئي ڪيا. مون کي ڪراچيءَ ۾ سندس بزرگ ڀاءُ ديوان جيوترام رٽائرڊ ڊپٽي ڪليڪٽر کان معلوم ٿيو ته ڪوشش هلندڙ آهي ته مسٽر ريجهومل کي نقصان هيٺ آڻجي. ائين به چيو ٿو وڃي ته هاڻ هو پيڙو ٿيو آهي، وغيره وغيره. ڳالهيون، پڌي مون کي ٿهلراساڻيءَ جي چارج شيٽ جي اچي يادگيري پيئي. ادا، متان پُٽي صاحب جي ڪوآپريٽو راڄ ۾، ڪا ڪاروائي ٿي وڃي! ڀاءُ ريجهومل مون جيڏو آهي، پنجاهه ورهيه پورا ٿيا اٿس. جي سرڪار وٽ ٦٠ سالن جي عمر به قبول آهي ته سرڪار ۾ ٥٠ وقت خارج، سا ڳالهه ڪيئن!

آءٌ ان قصي ۾ اندر وڃڻ لاءِ تيار نه آهيان. ڇو ته مون کي ڪابه معلوميت ڪانه آهي. ۽ پيو ته مان نٿو ڀانيان ته هت ڪا شخصي مخالفت جي ڳالهه هوندي. مون مسٽر ريجهومل کي صلاح ڏني ته اچي اوهان سان چار ڳالهيون ڪري. ۽ ڪا غلط فهمي هجي ته لاهي. مون اها ڪيس خاطري ڏني آهي ته آهي ڪابه بي انصافي ٿيڻ ڪين ڏيندا.

اوهين مسٽر ريجهومل جون ڳالهيون ٿڌي سيني پڌي، هن کي تسلي ڏيندا.

نيازمند،

چيتمل پرسرام.

[رڪارڊ] (ب)

ٽنڊو آدم

١٤- آڪٽوبر ١٩٣٣

پيارا غلام مرتضيٰ شاهه!

(١) پروفيسر واسواڻي ۽ آءٌ ڪلهه گشت تي نڪتاسين.

(١٠)

هفتيوار "سنڌي"، ڪراچي، سنڌ
٣١- مارچ، ١٩٣٤ع

پيارا ڀاءُ غلام مرتضيٰ شاه!

روبرو ڳالهيون صوفي سماگم جون ڪيونسين. هيٺيان ڪم ضروري ٿيڻ گهرجن:-

١- ڀاءُ غلام حسين کان ڪافين جا نمونا حيدر، ويل وغيره وغيره جا، جيڪي به سڻ ۾ پڌايائين، سي هڪدم موڪليو، ته مان پروگرام ٺاهيان، ۽ پڻ ڇپايان، يا اخبار ۾ وجهان.

٢- پيڙهي فقير ۽ سندس همراهه ڪي ضرور لکو.

٣- فقير راضي ۽ غلام حسين ڪي پاڻ سان وٺي ايندا. جواب ملڻ بعد فقير صاحب جو ڀاڙو موڪليو ويندو. منگهي ڪي چاڻ ڪجو ته هت حاضر رهي، مان به لکندو مانس.

نياز مند،
چيتمل پرسرام

(١١) [انگريزي]

سنڌي آفيس، ڪراچي
٥- جون، ١٩٣٤ع

پيارا ڀاءُ سيد غلام مرتضيٰ شاه!

منهنجو ٣٢٥٠ روپين جو بل حيدرآباد زميندار بئنڪ ۾ گهڻي وقت کان رهيو پيو آهي. جيئن ته مسٽر هرچند راءِ آتي ڪم پيو ڪري، ان ڪي چوندا ته پيسا جلد ڏيڻ جو انتظام ڪري.

— چيتمل پرسرام

آيو آهيان. خبر ناهي ته ڪٿي آهيو. هندو-مسلم ڪانفرنس جي دعوت اوهان کي ملي هوندي. اوهان جي حاضري تمام ضروري آهي. مون کي توهان سان ڪيترن ئي مسئلن تي ڳالهائڻو آهي. توهان جا پيا ماڻهو هوشيار آهن. مون کي خبر نه آهي ته توهان ڇا پيا ڪريو! مون سر غلام حسين جي سنڌ ۾ گشت ٿي نگاه پئي وڪي آهي. سنڌين لاءِ اجا ڪجهه ڪونه ٿا ڪريو، شايد مشغول آهيو. حيدرآباد اچو ته مون سان ضرور ملجو، جو ضروري ڳالهيون ڪرڻيون آهن. جي نه آيا ته آءٌ سمجهندس ته توهان هاڻي دلچسپي ڇڏي ڏني آهي. توهان حيدرآباد اچي مون سان گڏ رهو.

— جيٺمل

(۹) [ڪارڊ]

حيدرآباد، بسنت هال،
ڇنڇر، ۳- مارچ، ۱۹۳۴ع

پيارا ڀاءُ غلام مرتضيٰ شاه!

آءٌ حيدرآباد، ۾ ڏينهن ٽيا ته آيس. آءٌ سڀاڻي ڀائي گنگومل ۽ واسوانيءَ سان گڏ اوهان وٽ سن ۾ اچان ٿو. اتي ڏينهن جو ساڍي ۳ بجي ڏاري پهچندس. اوهان سان ۾ ڳالهيون ڪري، رات واريءَ گاڏيءَ ۾ ڪراچيءَ ويندس. توهين ڪين گڏيا، تنهنڪري مون کي لاچار اتي اوهان کي هٿ ڪرڻو پيو. اميد ته ڀالڪ ٺيڪ هوندو.

نياز مند،
جيٺمل پرسرام

جاءِ تي ٧-٨ بجي اينڊس يا توهان اچي سون سان ڊياماٽيڪل
لاج ۾ ساڳئي وقت تي ملجو.

— چيٿمل

(١٤) [ڪارڊ- انگريزي]

دادو
ڊسمبر ١٩٣٦ع پيارا سيد!

چند دوست ١٣ تاريخ دادوءَ ۾ مسٽر جمشيد جي اسيمبليءَ
جي سروي لاءِ ملي رهيا آهن. حالتون تمام اميد افزا آهن. توهان
١٣- تاريخ ضرور اچجو. سنگهو ٺهلراماڻي سون وٽ وينو آهي.
مهرباني ڪري پنهنجو فوٽو بلاڪ ڪنيو اچجو.

— چيٿمل

(١٥)

ريل ۾ حيدرآباد ڏانهن،
١٩- ڊسمبر، ١٩٣٨ع دوست مهربان!

صوفي سماگم تي اوهان ڪراچيءَ ڪونہ آيا، نڪي شايد
حيدرآباد اچڻ وارا آهيو! ٢٢ تاريخ تاجپور ٿا وڃون، ٢٣- قطب
شاهہ، ٢٤ جهوڪ ٻاڙي، ٢٥- پٽ شاهہ، پوءِ اتر سنڌ.

اوهان ننڍا رهايو. دوستن سان سن اچڻ وارو ڏينهن فيصل
ڪري رهيو آهيان. اڃا فيصلو نہ ٿو ٿئي. تاريخ ٢- جنوريءَ ڪي
سنگتي هليا اچون، پر سوڙ مشڪل. ٣- تاريخ نوڪريءَ تي
ضرور چڙهڻو آهي، ۽ سواءِ شام جي ٻي گاڏي ڪانہ آهي. ٻن
هفتن کان بيمار آهيان ....

اوهان جي جواب لاءِ حيدرآباد انتظار ڪيندس — بيسنت
هال حيدرآباد.

نياز مند، چيٿمل

[ڪارڊ] (۱۲)

هفتيوار ”سنڌڙي“، ڪراچي،
۱۱- مئي، ۱۹۳۴ع

ڀاءُ پيارا غلام مرتضيٰ شاه!

۱- اميد ته اوهين، ڪٽنب سوڌا، خوش باش هوندا.
۲- بلڙي شريف وارن کي لکي موڪلجو ته صوفي سنگت وارا اتي ڀهرين جون جو ايندا. اسين بندوبست سڀ پنهنجو ڪنداسين. ڪن دوستن کي شايد جاءِ جي ضرورت ٿئي.
۳- جهوڪ شريف تي بندوبست ٿي ويو آهي. اوهان پٽ شاه تي ڪنهن ٽڏي جاءِ جي بندوبست لاءِ لکيو هوندو. جواب اچي ته مون کي ڏيارائيندا.
۴- هو ڪم ڪوآپريٽو ۾ ”سنڌڙيءَ“ وارو ڪين ٿيو، تنهن جي مون کي ڪڙڪ پئجي ويئي هئي. هاڻ ته حيدرآباد انسٽيٽيوٽ وارن نانهن ڪئي، جنهن ۾ اوهان تي ڪابه ميار ڪانه آهي. اوهان پنهنجي حد لائقي ڪئي. انهيءَ ۾ ڀلائي آهي. مرشد نٿو گهري ته آءٌ پنجاه ورهين ڪان پوءِ ڪنهن ڪسي ٿي پوان! سڀ ۾ ڀلو آهي.

نيازمند،

چيٺمل پرسرام

[ڪارڊ- انگريزي] (۱۳)

۳۰- آگسٽ، ۱۹۳۵ع

پيارا سيد!

مون کي توهان سان تمام ضروري ڪمن لاءِ ملڻو آهي. پنهنجيءَ سنگت کي ڪا گڏجاڻي ڪرڻ ضروري آهي.
ڏنگومل توکي وڌيڪ خبرچار موڪليندو. آءٌ موٽي سياڻي ڪراچيءَ ڪوئيٽا ميل ۾ ويندس. آءٌ تون وٽ تنهنجي

ٿئي ته اسين پنهنجو اهو ڪم جاري رکون. مان، تنهنڪري، هڪ دفعو پيهر هن ڪم ۾ تنهنجو سهڪار گهران ٿو. ڏکڻ هندستان جي پين ۾ سک ٿياسافسٽس سان منهنجي گفتگو ٿي آهي. مان اوهان کي عرض ٿو ڪريان ته ڊاڪٽر حشمتراء جي جاء (ماڊل ڪالوني) تي آچر ٢٤ جي شام، ٥ بجي، منهنجي طرفان گهرايل گڏجاڻيءَ ۾ شريڪ ٿيندا - جتي اسين غور ڪري ڏسنداسين ته ان باري ۾ منظم نموني ڪجهه ڪري سگهجي ٿو!

نيازمند، چيتمل پرسرام

[نوٽ:- ڪيس پنهنجي وزارت دوران سنڌ يونيورسٽي ڪاميٽيءَ تي رکيو هوم، سو گشت تان موٽڻ بعد هي خط لکيو اٿس.]

[انگريزي، چيمل] (١٧)

ڪراچي
١٠- آڪٽوبر، ١٩٤٢ع

سنڌ پيپلز پارٽي

پيارا دوست! توهان ڏسي ورتو آهي ته سنڌ جي سياست ۾ ڪهڙي خرابي داخل ٿي چڪي آهي، جا ڏينهون ڏينهن ابتر ٿيندي وڃي ٿي.

آءٌ، سنڌ جي گشت ڪرڻ بعد، آن جي الميہ ۽ نازڪ حالتن جو تجزيو ڪندي، هن راء جو ٿيو آهيان ته نين حالتن جي ڪري معاملا وڌيڪ نازڪ ٿيندا ويندا. تنهنڪري توهان کي عرض ٿو ڪجي ته هيو ڪو طريقو ٿي ڪونهي، سواء هن جي ته "سنڌ پيپلز پارٽيءَ" کي سياسي بنيادن تي وري نئين سر زنده ڪجي. اسان جي دوستن جو گروه انهيءَ مسئلي تي چند سالن کان غور ڪندو رهيو آهي ته سنڌ پيپلس ائسوسيئشن ٺاهي وڃي، جنهن جو پهو نالو "راڄ مهاڇڻ ڪانفرنس" هوندو. جنهن جا مقصد:

(١٦)

١٩٤٠ع

پنهنجي ٿياسافائي ڀاءُ ڏانهن!

پيارا ڀاءُ!

سنڌ يونيورسٽي ڪاميٽيءَ جي ڪم جي سلسلي ۾ ڏکڻ هندستان جو دورو ڪندي، پنهنجي استاد ۽ اڳواڻ ڊاڪٽر جي- ايس- اروندلي سان اديار ۾ ملاقات جو موقعو نصيب ٿيو. هن مهرباني فرمائي، ڪاميٽيءَ کي پاڻ وٽ مهمانن طور گهرايو. يـونيورسٽي معاملن سان گـڏ هندستان سان واسطو رکندڙ آن عظيم ڪم تي به خيالن جي ڏي وٺ ٿي، جنهن کي هو اڳتي وڌائي (يا تڪميل ڪري) رهيو آهي. مان سڌو سنوانئو سوال ڪيوسانس ته ٿياسافسٽس سندس اپيل جي موٽ ڪيتري قدر ڏيئي رهيا آهن؟ صاف لفظن ۾ هن جو جواب هو تـه موٽ نهايت گهٽ آهي. مون ڊاڪٽر کي ٻڌايو ته ان باري ۾ منهنجو پنهنجو تجربو پڻ مايوسي ڏياريندڙ آهي. جيتوڻيڪ اها ڳالهه ڏاڍو ڏک وسائيندڙ آهي، تڏهن به مان نا اميد نه آهيان ۽ مون کي پنهنجي ماسٽرس [هادين] تي وڏو اعتماد آهي، جن جي اشتياق ڏيـارڻ تي اسان جو عظيم اڳواڻ پنهنجو ڪم جاري رکيو اچي. مون کيس ٻڌايو ته سنڌ ۾ اسان مان ڪي اوهان جـي لائين تي ڪجهه ڪم ڪري رهيا آهن. اهو ٻڌي هـو خوش ٿيو. مون کيس عرض ڪيو ته هُو سنڌ اچي، اسان جي اهڙي نج ٿياسافيڪل ڪم لاءِ همت افـزائي ڪري، جيڪو هـن جي لائين تي ئي ممڪن هو، ۽ جنهن جي وسيلي نه صرف سنڌ جا مسئلا پـر هندستان ۽ دنيا جي مسئلن جي حل ٿيڻ جو به امڪان هـو. مون کي اهو ٻڌائيندي خوشي ٿي ٿئي ته مون کي هن ڪان ڪافي ڪاغذ مليا آهن، جن مان سندس اها خواهش ظاهر ٿي

(٤) هاري، مزوو (پوءِ اهي پري مزوريءَ وارا هجن يا تعليم يافته)، زمين ۽ ڪارخانن کي عوام جي فائدن لاءِ ڪتب آندو ويندو.

ابتدائي ميٽنگ اطلاع بعد مقرر ڪئي ويندي، جنهن ۾ توهان کي عرض آهي ته شامل ٿجو.

توهان جو خيرخواه،

چيتمل پرسرام

(١٨) [انگريزي]

حيدرآباد سنڌ

١٣- جون، ١٩٤٥ع

منهنجا پيارا جي. ايم. سيد!

آءٌ سَن جي سُن واري ماحول ۾ اچي رهيو آهيان. هتي ڪنهن وقت سخت گهٽ محسوس ٿي رهي آهي، آن ڪان پوءِ وريو ٿڌڙي هوا لڳي ٿي. اها ذهني حالت حيدرآباد سنڌ ۽ هندستان جي به آهي. ممڪن آهي سڄي دنيا انهيءَ چڪر ۾ هجي!

پيارا دوست! اوهان ملڪ جي حڪومتي معاملات ۾ مشغول ٿا ڏسجو، پر مون کي اهو ٻڌي خوشي ٿي آهي ته اوهان آهستي آهستي ان مان جان ڇڏائيندا ٿا وڃو!

انهيءَ لاءِ ٻيو ڪو به علاج ڪونهي، جنهن تي اسين بحث ڪري رهيا آهيون. ۽ آءٌ ان پراڻي مسئلي تي غور ڪري رهيو آهيان ته سنڌ ۾ هيٺين بنيادن تي ڪيئن امن آندو وڃي:

(١) آل سنڌ، (٢) آل پارٽيز، (٣) غير سياسي، (٤) راڄ مهاڄڻ ۽ (٥) عوام. سنڌ جي عوامي عهدنامي لاءِ ڪانفرنس سڏائڻ کپي، جنهن جا متا هجن: اَنُ، ايمانُ ۽ اَمُن ڪيئن حاصل ڪجن؟

آءٌ هتي صرف هڪ مهيني لاءِ آهيان، ۽ جيڪڏهن اسين

سنڌ جي خوشحالي، امن ۽ اتحاد هوندا.

پر سنڌ جي موجوده حالتن مطابق اهو ڪافي نه ٿيندو. وقت جي تقاضا آهي ته ملڪ ۾ نازڪ حالتون، جي هڪ ٻين کان پوءِ نمودار ٿينديون رهيون آهن يا ٿيڻ واريون آهن، انهن کي پوري تندهيءَ، فڪر ۽ جرئت سان منهن ڏنو وڃي - جهڙوڪ مارشل لا، ٻوڏون، ڏڪر جو ڏپ، بيماري. ان کان سواءِ جنگ جا ڪارا ڪڪر اهڙا تيار بيٺا آهن، جي ڪنهن به وقت وسي سگهن ٿا. ان لاءِ سمورين حالتن جي تقاضا اها آهي ته اسان کي گڏجي ڪو قدم کڻڻ گهرجي.

اسان جو مکيه مقصد اهو هئڻ گهرجي ته سڀني پارٽين کي، جيترو ٿي سگهي، هڪ گڏيل پليٽ فارم تي ملائجي، هڪڙي ڪامن سياسي ڪلب ۾ گڏ ڪجي.

جيئن ته ڏٺو ويو آهي ته هڪ پارٽي ۽ جماعت پنهنجو جدا وجود قائم رکڻ گهرندي آهي، ان ڪري اهو ضروري آهي ته اسان کي وقت به ملي. هڪ اداري جي صورت ۾ هڪٻئي سان تعاون ڪري، ڪم ڪرڻو پوندو.

ڪم ڪي سنئون ۽ سهوليت سان هلائڻ لاءِ ضروري آهي ته هڪ ادارو قائم ڪيو وڃي، جنهن جا مقصد ۽ متا واضح ۽ صاف هجن. تنهنڪري، آءٌ هيٺيون تجويزون اوهان جي آڏو عرض ڪيان ٿو:

(١) سنڌ پيپلز پارٽي آئيني بنيادن تي ڪم ڪندي. ان جو پروگرام سوشلسٽ هوندو، يعني سماج ۾ سڀڪو پنهنجي وسعت آهر، پنهن کي ضرورت موجب مدد ڏئي.

(٢) سنڌ پيپلز پارٽي، هندستان جي آزاديءَ لاءِ ڪم ڪندي، جو ڪم انسان ذات جي عام آزاديءَ جي مطابق هوندو.

(٣) سنڌ پيپلز پارٽي، سنڌ جي تعمير ۽ عام ماڻهن جي فائدي لاءِ پروگرام ٺاهي، ان مطابق ڪم ڪندي.

جيتوڻيڪ آن مان توکي ڪو فائدو رسي نہ سگهندو. سچ پچ تون باهم جهڙين مشڪلاتن مان گذري رهيا آهيو.

توهان بخوبي ڄاڻندا هوندا تہ ان وقت کان وٺي جڏهن ١٦ سال اڳ اسان جي واقفيت ٿي هئي، مون کي اوهان لاءِ ڪيترو احساس رهي ٿو!

وري نئين مشڪلات پيدا ٿي آهي، جنهن ۾ اسان سڀني کي وري نئين سر آزمايو ويندو. آن جو علاج صرف اهو آهي تہ سنڌ مان انساني تحريڪ هلائي وڃي.

گهڻو وقت اڳ ڪرشنا موورتيءَ فرمايو هو ۽ اڄ بہ چوي ٿو تہ انسان جا ٻہ دشمن آهن: ڪٽر قومپرستي ۽ دقيانوسي مذهب!

— چيتمل پرسرام

(٢١)

١٢٠- جمشيد ڪوارٽرس، ڪراچي
٥- جون، ١٩٤٧ع

سنڌڙي:

”لُڙ، لهرين ۾ لُڙهيو وڃان ٿي،
مُئيءَ جي مداوت، ڪج جا ميهار!“

ميهار:

”متان ٿيــن ملور، آءٌ اوڏو ئي آهيان،
ڏسڻ ۾ ڪر ڏور، پر حد ٻنهي جي هيڪڙي!“

پيارا،

وينا واڻــون نهاريون. هاڻ ٻڌون ٿا تہ پريتم اڄا ٢٥- ايندو. گهر جي بہ خبر ٻڌيسون. اميد تہ جلد خوشباش ٿيندا.

اچوکيون خبرون ٻڌيون هوندءِ، پر منهنجي دل ڪانہ ٿي لُڏي.

انهيءَ مشن ۾ ڪامياب ٿيون ته توهان ملڪ جي گهڻي خدمت ڪري سگهو ٿا. مون پنهنجو ١٦ جولاءِ تي ٻاهر وڃڻ بند ڪري ڇڏيو آهي. اها ڪانفرنس پاڻ ڪي ١٤-١٥ تي سڏائڻ گهرجي. آءٌ ڪراچيءَ لاءِ اڄ ئي شام جو نڪري رهيو آهيان. مون کي پنهنجو پروگرام موڪل ته آءٌ اوهان سان ٢٠ ڪان وٺي رهان ۽ گڏجي ڪم ڪريون.

منهنجي تجويز آهي ته نهچلداس ۽ محمد علي شاهه سنڌ جي سڀني شهرن ۽ ضلعي هيڊڪوارٽرن ۾ وڃي، گشت ڪري، حالتون درست ڪن.

صوفي سماگم جي ميٽنگ ۾ ڪڏهن گهرائي رهيا آهيو؟ جلد جواب موڪل - جمشيد ڪوارٽرس ڪراچيءَ جي ائڊريس تي.

- جيٺمل پرسرام

[ڪارڊ انگريزي] (١٩)

روهڙي
٢١- فيبروري، ١٩٤٦ع

آءٌ سياڻي سکر مان سنڌ لاءِ نڪرندس، ١١ بجي سکر مان نڪري، رات جو ساڍي ٩ بجي سن پهچندس. پروفيسر واسواڻي شڪارپور مان مون سان گڏ چڙهندو، ۽ رام موٽواڻي لاڙڪاڻي مان چڙهندو. اميد ته خوش هوندا!

- جيٺمل

[انگريزي] (٢٠)

ٿياسافيڪل سوسائٽي، ڪراچي
٢- آگسٽ ١٩٤٦ع

منهنجا پيارا جي - ايم - سيد!

آءٌ توهان جي هلچل کي پوري غور سان ڏسي رهيو آهيان

لالچند امرڏنو مل

لالچند امرڏني مل جو احوال سون "جنب گذاريم جن سين" ۾ ڏنو آهي. هيءُ صاف گو، با همت ۽ هڪ سٺو اديب هو. هن ڪيترائي ڪتاب لکيا. هيءُ ايترو ته صاف گو هو، جو سندس نالو ئي ڏکر مشهور ٿي ويو.

سندس لکيل ڪتاب "محمد رسول الله" نهايت عمدو آهي. "سون ورنيون ڏليون" سهڻو ترجمو ڪيو اٿس. جڏهن مون "سنڌي ادب جو صلاحڪار بورڊ" مقرر ڪيو هو، ته آن جو هن ڪجهه وقت سيڪريٽري ٿي ڪم ڪيو هو. مون سان سندس اچ وڃ ۽ لاڳاپو گهڻو ۽ گهرو هو. چيتمل پرسرام جو ساٿي ۽ سائٿ هو. سندس به خط هيٺ ڏيان ٿو.

(١)

منگهن مل بلڊنگ،
بندر روڊ، ڪراچي
٤- فيبروري، ١٩٣٢ع

جناب شاه صاحب!

بعد از سلامن جي لکجي ٿو ته مسٽر چيتي مل جيڪو آنهيءَ ڏهاڙي اوهان ڪي ڪاغذ لکيو، انهيءَ جو جواب اوهان صاحبن وٽان اڃا نه آيو آهي. اميد ته اوهان لکيءَ ۾ مسٽر چيتي مل ۽ ٻين جي رهائش جو بندوبست ڪيو هوندو.

خاطريءَ لاءِ به اڪر مون کي يا چيتي مل کي لکي موڪليندا ته هتان ڇنڇر ڏهاڙي رات واري، گاڏيءَ ۾ وڃڻ جو

اس چشم موري ني عجب اسرار ديکا ٿا،
ڪ بيچ ابر دي آفتاب ڪا انوار ديکا ڏا!

(سچل)

سڄڻ جي سڄڻ منجهان، پڌون ٿا ته سنڌ جو ڏهن سالن
وارو آواز قلمبند ٿي چڪو آهي.

اسان جي "روح رهاڻ" وري ڇپجي چڪي آهي. سوڪلبي.

— جي - پي - جي
(چيتمل پرسرام گلراجاڻي.)

جمشيد نسروانجي ميهتا

هيءُ ڪراچيءَ جي پارسي خاندان جو بزرگ هو. سالها سال ڪراچي ڪارپوريشن جو پريزيڊنٽ ٿي رهيو. سندس ساري زندگي خدمت خلق ۾ گذري. هو ساري عمر مجرد (ڇڙهو) رهيو. سندس زندگيءَ جو سارو احوال "جنب گذاريم جن سين" ۾ ڏنو اٿم.

هيءُ اهڙو بزرگ هو، جنهن جو ڪودشمن ڪونه هو، ۽ نه ئي هيءُ ڪنهن جو دشمن هو. سڄي عمر سادگيءَ سان گذاريائين.

مون کي ساڻس ٿياسافيڪل سوسائٽي، سينٽرل ڪوآپريٽو بئنڪ، ڪراچي ڪارپوريشن، "ڳوٺ سڌار" هلچل ۽ ٻين تحريڪن جي سلسلي ۾ گڏجي ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو.

سندس ڪيترائي خط آيل آهن، جن سان ڪجهه پنهنجن خطن سان گڏ هتي پيش ڪريان ٿو. انهن خطن مان گهڻن جو تعلق "سنڌ سڌار هلچل" سان هو.

جي. ايم. سيد، صدر ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ، ڪراچي، طرفان،

سنڌ جي قومي ڪارڪنن، سياستدانن ۽ تعليمي ماهرن

ڏانهن خط

لوڪلبورڊ آفيس، ڪراچي
١- جنوري، ١٩٢٩ع

پيارا سائين!

منهنجي موجوده سوچ ۽ مقصدن ۾ اها ڳالهه اهم پئي وهي آهي ته ڪراچي ضلعي جي ترقيءَ ۽ تعمير لاءِ ڪجهه

ويچار ڪجي • هيءُ خط (ڪاغذ) اوهان کي سڀاڻي جمعي ڏهاڙي اچي پهچندو.

زياده نياز

ـ لالچند

[نوٽ:- مسٽر چتومل ٿڌائي ۽ هيءُ لکيءَ جي چشمن تي وڃي رهيا هئا. انتظام لاءِ مون کي لکيو هئائون، جو مون ڪيو.]

[ڪارڊ] (٢)

نزد بمبئي گيريج، بمبئي

٦- جولاءِ، ١٩٤٨ع

ادا سائين !

اسان جو پريتم چيتمل پرسرام، اڄ صبح جو ٢ بجي، واهه وباني وٺي ومندو رهيو.

پڇاڙيءَ وارا ست ڏينهن هتي جي سينٽ جارج هاسپيٽل ۾ رهيل هو. علاج گهڻيئي ڪيا ويا، پر ڪڏهن فرق ڪونه ڪيو.

ـ لالچند امر ڏنو مل

حالت سڌارڻ لاءِ وليج پنچات ائڪٽ لاڳو ڪرائي، ڪين سڌريل زندگي گذارڻ لاءِ رستو ڏسڻ؛ (٦) ڳوٺاڻن جي حالت سڌاري، ڪين جديد تهذيب جي رهڻي ڪهڻيءَ سان روشناس ڪرائڻ؛ (٧) مال جي واڌاري ۽ حفاظت لاءِ پرو پيگنڊا ذريعي مشورا ڏيڻ؛ (٨) ننڍپڻ جي شاديءَ تي بندش وجهڻ ۽ ٻين اهڙين خرابين کان ماڻهن کي پلڻ؛ (٩) ڳوٺن ۾ مسافرخانا اڏائي، رستا درست ڪرائي، اسپتالون کولائي ۽ ٻيون اهڙيون ڳالهيون مروج ڪري، ڳوٺاڻن جي زندگيءَ کي مهذب بنائڻ؛ (١٠) ڳوٺاڻن هنرن کي هٿي ڏيئي، نئين سر زنده ڪرڻ؛ (١١) زميندار بئنڪون، خريد فروخت سوسائٽيون ۽ هائوسنگ سوسائٽيون برپاڪرائي، آبادگارن جي مدد ڪرڻ؛ (١٢) نشي جي رواج کي گهٽ ڪرڻ لاءِ آپاءَ وٺڻ؛ وغيره.

آخر ۾ آءٌ اوهان کي عرض ڪندس ته اوهان مون سان ذاتي طور مٿين ڳالهين جي حصول لاءِ تعاون ڪندا. مون کي پڪ آهي ته توهان جي مدد ۽ همدرديءَ سان آءٌ انهيءَ ڪم ۾ ڪامياب ٿي سگهان ٿو.

توهان جو مخلص،

جي. ايم. سيد

(١)

[انگريزي] [جواب]

طرفان: جمشيد نسروانجي ميهتا،
پريزيڊنٽ، ڪراچي ميونسپالٽي.

ڏانهن: سيد غلام مرتضيٰ شاهه،
چيرمن، ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ، ڪراچي.

ڪريان، ته جيئن ان جو معيار زندگي (Standard of living) بلند ۽ مهذب ملڪن جهڙو ٿئي.

هتي جا رهاڪو هر معاملي ۾ پوئتي پيل ۽ اڻ پڙهيل آهن. سندن حالت نهايت افسوسناڪ آهي. هتي جي ذڪريل ۽ پوئتي پيل ماڻهن لاءِ منهنجو هڏُ ڪُرڪي ٿو ۽ منهنجي دلي خواهش آهي ته روشنيءَ جي مشعل ٻاري، ڪين جهالت جي اونداهيءَ مان ڪڍي، امن ۽ خوشحاليءَ سان روشناس ڪرائي، مجبوريءَ ۽ غربت سان ٻاهر ڪڍان.

آءٌ اهو معلوم ڪري نهايت خوش ٿيو آهيان ته اوهان صاحب به آن ڏس ۾ ڪجهه نه ڪجهه ڪري رهيا آهيو. آءٌ اوهان کي اوهان جي سماجي زندگيءَ جي گرانقدر خدمات تي مبارڪباد ٿو ڏيان. گڏوگڏ عوام جي هڪ دوست جي حيثيت ۾ آءٌ حق بجانب ٿيندس، جيڪڏهن اوهان جي مدد ۽ همدردي ڪراچي ضلعي جي ڳوٺاڻن جي بهبوديءَ واسطي حاصل ڪرڻ لاءِ عرض ڪريان. ان ڏس ۾ آءٌ هڪ پروگرام رٿڻ گهران ٿو، ۽ نهايت احسانمند ٿيندس، جيڪڏهن اوهان اڳتي وڌي، پنهنجن راين ۽ مشورن سان ان ڪم ۾ منهنجي مدد ڪريو. توهان ان ڳالهه ۾ ته مون سان ضرور شامل راءِ ٿيندا ته ڳوٺاڻا ماڻهو زندگيءَ جي هر معاملي ۾ پوئتي هئڻ سبب خاص توجهه ۽ سڌاري جا مستحق آهن؛ پر ڪي ڳالهيون اهڙيون آهن، جي ترت توجهه طلب آهن، جهڙوڪ:

(١) زالن کي گهرجي بهتر ڪم ڪار، ويم جي تڪليف ۽ اولاد جي پرورش واسطي خاص هدايتون ڏيڻ؛ (٢) هارين جي حالت سڌارڻ لاءِ سندن جماعتون ناهڻ؛ (٣) مالدارن جي حالت بهتر ڪرڻ لاءِ سندن جماعتون ناهڻ؛ (٤) مير بحرن جي معيار زندگي بلند ڪرڻ لاءِ سندن جماعتون جوڙڻ؛ (٥) ڳوٺاڻن جي

يونينون“ به ذاهيون آهن هن. معزز ماڻهوءَ، سندس گفتگو دوران، مون کي ٻڌايو ته جيڪڏهن ڪيس ٻاهرئين ڪنڊي ۾ هڪ ننڍي جڳهه ڏني وڃي ته هُو هتي اچڻ پسند ڪندو، ۽ انهيءَ قسم جو ڪم ڪندو، جو مدراس ۾ ڪري چڪو آهي. مون ان سلسلي ۾ جاچ ڪئي آهي ۽ پتو پيو اٿم ته هِت يا ٺٽي ميربحر ۽ ڪجهه ٻيا خوب اهڙا آهن، جن کي ميربحرن تي پورو پورو ضابطو آهي. اهي ايڏا ته طاقتور آهن، جو سندن طاقت ڪمزور ڪرڻ لاءِ هڪ محڪم ۽ مسلسل ڪوشش جي ضرورت پوندي. آءٌ خود به منتظر آهيان ته ان سلسلي ۾ پوري ڪوشش وٺان. آءٌ اوهان کي مڪمل يقين ڏياريان ٿو ته هن سلسلي ۾ اوهان جي هر مدد ڪرڻ لاءِ تيار آهيان.

نُڪتا (٥، ٦، ٧، ٨): اهي سڀ مسئلا تڏهين ئي بخوبي حل ڪري سگهبا، جڏهن اسان وٽ مئجڪ لئنٽرن (جادو بتيون) ۽ جوشيلن مقررن جو هڪ جٿو هجي. منهنجي خيال ۾ اسان جي هڪ اهڙي سماجي خدمتگار جماعت هجي، جا ٻهراڙين ۾ وڃي، ماڻهن جي مدد ڪري. آن کان سواءِ جوشيلن ورڪرن جو هڪ ننڍڙو گروهه به موجود هجي. ان بعد ئي اسين هن اسڪيم تي عمل ڪري سگهون ٿا.

نُڪتو (٩): هن لاءِ اسان کي پئسي جي ضرورت کان سواءِ حڪومت تي به مسلسل دٻاءُ وجهڻو پوندو ته هوءَ ٻهراڙين ۾ مسافرخانا، ووڊ رستا ۽ اسپتالون ٺهرائڻ واسطي لوڪلبادين جي مدد ڪري. منهنجي خيال ۾ اسان کي حڪومت کان اهو مطالبو ڪرڻ گهرجي ته ٻهراڙين ۾ مسافرخانا، رستا ۽ اسپتالون جوڙايون وڃن. هن سلسلي ۾ اوهان وٽ ئي ڪا رٿ هجي ته ان کان واقف ڪندا.

نُڪتو (١٠): مهرباني ڪري مون کي اهو ٻڌائيندا ته ٻهراڙين ۾ ڪهڙا گهوٽاٽا هنر مروج آهن. آءٌ انهن جي هر ممڪن

ميونسپل آفيس، ڪراچي
۲۲- جنوري، ۱۹۲۹ع

پيارا سائين!

آءٌ خوشيءَ سان ظاهر ٿو ڪريان ته اوهان جو ۲۰ تاريخ وارو خط پهتو، مهرباني.

آءٌ دل و جان سان اوهان جي مدد ڪرڻ لاءِ تيار آهيان، ۽ توهان ڪي عوام جي بهتريءَ لاءِ پنهنجون خدمتون پيش ڪريان ٿو. مون اوهان جي پروگرام کي پوري غور سان پڙهيو آهي، ۽ هيٺ آن جي هر ڳالهه تي بحث ڪري رهيو آهيان ته انهن مسئلن کي ڪهڙيءَ ريت حل ڪيو وڃي:

نُڪتو ۱: هڪ ته اوهان جي تجويز مطابق، تعليم يافته عورتن جو هڪ اهڙو گروهه هٿ ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو ٿيندو، جو پهراڙيءَ ۾ وڃي، زالن کي هدايتون ڏئي. جيستائين اسان کي قربانيءَ جو جذبو رکندڙ زالون پيدا نه ڪيون آهن، تيستائين اهو نهايت مشڪل مسئلو ٿيندو- خاص طور تي سنڌ، ۾ جاڪاڻ ته سفر لاءِ روڊ، رستا ۽ مسافريءَ جون سهوليتون ميسر نه آهن. جيڪڏهن اوهان پهراڙيءَ جي ڪنهن مخصوص ٽڪري کي هٿ ۾ کڻي، ڪم ڪرڻ گهرو، ته پوءِ آءٌ هن مسئلي تي اوهان سان مفصل بحث ڪندس.

نُڪتا ۲ ۽ ۳: ٻئي ۽ ٽئين سوال جي جواب ۾ آءٌ ايترو پڇڻ گهران ٿو ته توهان ڪهڙيون جماعتون ٺاهڻ گهرو ٿا ۽ ڪهڙن مقصدن لاءِ؟

نُڪتو ۴: چوٿين سوال جي جواب ۾ ايترو چوندس ته مون ان معاملي بابت مدراس جي هڪ معزز ماڻهوءَ سان پڻ ڳالهايو آهي، جنهن کي مير بحرن جي حالت سڌارڻ لاءِ خاصي دلچسپي آهي، ۽ هن مير بحرن جون ڪيترون ”ڪوآپريٽو

اهـا حقيقت آهي تہ اوهان جون خدمتون سنڌو ماتا لاءِ يڪتا رهيون آهن، ۽ مون کي فخر ٿئي ٿو تہ ان ڳالهہ جو اظهار ڪريان تہ اوهان ڪهڙيءَ طرح غريب ۽ پٺتي پيل ماڻهن جي خدمت ڪئي آهي! منهنجو موجوده مقصد پڻ انهيءَ ساڳئي سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي، جو توهان شروع ڪيو آهي. منهنجو ارادو آهي تہ قومي ڪارڪنن جي هڪ گڏجاڻي ڪوٺايان، تہ جيئن سماجي خدمت لاءِ گڏجي ڪا وٿ تيار ڪجي. اوهان کي ان ڪم ۾ ماهر سمجهي، آءٌ اوهان جي صلاح ۽ مدد گهران ٿو. انهيءَ مقصد هيٺ، آءٌ هيٺيون نوٽ، پنهنجي تجويزن جي تشريح طور، موڪليان ٿو، تہ توهان وڌيڪ رهبري ڪري سگهو:

(١) ٻهرين رٿ ٻن طريقن سان حاصل ڪرڻي آهي:-

هڪ تہ زالن کي گهرو ڪمن، تندرستيءَ ۽ بيمارين لاءِ تعليم ۽ تربيت ڏيڻي آهي. انهيءَ ڪم واسطي ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ ”ميڊوائيف“ مقرر ڪرڻ لاءِ درخواستون گهرايون آهن، جي اڄ چڪيون آهن. آن جي مقرري مهيني ٻن اندر ڪري سگهبي. ڪيس سنڌن ڪم لاءِ هڪ مئجڪ لئنٽرن وٺي ڏبي، جا ڪيس ليڪچر ڪرڻ وقت مدد گار ٿيندي. ان نموني ممڪن آهي تہ چڱا نتيجا نڪرن.

ٻيو طريقو اهو آهي تہ ان مقصد جي حصول لاءِ ڪي پرآپڪاري (قرباني ڏيندڙ) ۽ خدمت خلق جي جذبي سان پرپور ’زالون ڪارڪن‘ پيدا ڪجن، جي ڳوٺن ۾ وڃي، زالن ۾ اتساهہ پيدا ڪن. ڪراچي ضلعو هن وقت ريلوي ۽ رستن وسيلي ڳنڍيو پيو آهي، تنهنڪري ورڪرن کي ڳوٺن ۾ وڃڻ وقت ڪابہ تڪليف ڪانہ ٿيندي. ازانسواءِ اهڙن ورڪرن جو ڳوٺن ۾ چڱيءَ ريت استقبال ڪيو ويندو ۽ اسان جا مقامي آفيسر ۽ زبردست ساڻن ملي، ڪين هر قسم جي مدد ۽ سهوليت فراهم ڪندا. جيڪڏهن اهو پروگرام عمل ۾ آندو ويو تہ پوءِ سوال

مدد ڪرڻ چاهيان ٿو. جيڪڏهن اوهان جي ذهن ۾ اهڙي ڪا رٿ آهي ته جيئن انهن ڳوٺاڻن هنرن کي نئين سر جياري، انهن جي مدد ڪئي وڃي ۽ انهن کي پوريءَ طرح منظم ڪيو وڃي، ته آءٌ مدد لاءِ حاضر آهيان.

نُڪتو (١١): هن ڏس ۾ اسان هر ممڪن ڪوشش وٺي وهيا آهيون.

نُڪتو (١٢): اهو مشڪل نه آهي ته اسان حڪومت تي دٻاءُ وجهي، گانجي ۽ ٻين نشيدار شين جا دڪان بند ڪرائي ڇڏيون. هڪ طرف اسان کي اها ڪوشش ڪرڻ گهرجي ۽ ٻئي طرف اسان کي پروپيگنڊا ڪرڻ ۽ پمفليٽ ورهائڻ کپن. جهڙيءَ ريت ٦، ٧ ۽ ٨ سوال جي جواب ۾ مون مشورو ڏنو آهي.

توهان جي ڪاميابين جو خواهشمند

جمشيد.

وضاحتي خط [انگريزي]

ڪراچي

٢٧- جنوري، ١٩٢٩ع

طرفان: غلام مرتضيٰ شاه،

پريزيڊنٽ ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ، ڪراچي.

ڏانهن: جمشيد ن. ميهتا،

پريزيڊنٽ، ڪراچي ميونسپالٽي.

سائين!

اوهان جو خط پهتو. آءٌ اوهان جو تهدل سان شڪرگذار آهيان، جو اوهان جلد ۽ همت‌افزا جواب ڏيڻ فرمايو آهي.

آن مان اڪثر ضايع ٿيو وڃين ٿي. باوجود آن جي جو هُو گهڻي تعداد ۾ مڇي مارين ٿا، پر ترت وڪري جي مارڪيٽ نه هئڻ ڪري، وياج خورن جي چنبي ۾ وڃيو ڦاسن، جنهنڪري ڪين پنهنجي پيدائش جو گهڻو حصو نصيب نٿو ٿئي. اهڙيءَ طرح هُو قرضدار ٿيو پون. ڪين ان ڪان بچائڻ لاءِ اها ڳالهه نهايت ضروري آهي ته سندن سماجي جماعتون ٺاهيون وڃن. ان ڪم لاءِ ڪين تقريرن ذريعي آماده ڪري سگهجي ٿو. اهو مقصد حاصل ڪرڻ مشڪل نه ٿيندو، ڇاڪاڻ ته هو ڳوٺن ۾ هزارن جي تعداد ۾ گڏ رهن ٿا.

ساڳيءَ طرح ڏنڊن ۽ درياهه جي ڪناري تي رهندڙ ميربحرن لاءِ به پروپيگنڊا ڪري سگهجي ٿي. هُو چار مهينا درياهه ۾ پلا ماريندا آهن، باقي عرصو ڏنڊن ۽ درياه جي ڍورن (لهي ويل وهڪرن) ۾ مڇي مارڻ پوندي اٿن. درياهه جا مقاطعا ڳري اگهه تي نيلام ڪيا وڃن ٿا. ميربحرن ويچارن جا وسائل اهڙا نه آهن، جو هُو آهي ڪٽي سگهن. آءٌ سمجهان ٿو ته ميربحرن لاءِ جماعتون ٺاهي، آنهن کي ڪوآپريٽو سوسائٽين طرفان مدد ڏيئي، سگهجي ٿي. ائين ڪرڻ سان مير بحر مقاطعن جا ٺيڪا ڪٽي سگهندا ۽ نون طريقن سان مڇي مارڻ جو هنر به سکي سگهندا. اهڙيءَ ريت هنن کي وڌيڪ فائدو حاصل ٿيندو ۽ وياج خورن جي چنبي مان به پاڻ ڇڏائي سگهندا.

ان مسئلي بنسبت آءٌ مختصراً ڪجهه رٿون پيش ڪريان ٿو:

١- ميربحرن جون ڪوآپريٽو سوسائٽيون ٺاهيون وڃن.

٢- مير بحرن جون سماجي جماعتون ٺاهي، سندن حقن جي حفاظت ۽ شڪايتن دور ڪرڻ لاءِ ڪم ڪيو وڃي.

٣- سندن تعلقي وار گڏيل جماعتون برپا ڪيون وڃن ۽ ان معاملي کي پوريءَ طرح نباهڻ لاءِ هڪ مکيه ورڪر

اٿندو ته آن جو خرچ ڪيئن برداشت ڪيو وڃي؟ ان لاءِ منهنجي تجويز آهي ته يا ته جدا فنڊ ڪٺا ڪيا وڃن يا لوڪلبارڊز کي عرض ڪيو وڃي ته آهي مدد ڪن. هيٺيان مقصد، انهيءَ پروگرام جا مکيه نُڪتا ٿي سگهن ٿا:

١- زالن کي ويم ۽ نرسنگ لاءِ هدايتون ڏنيون وڃن،
٢- زالن کي عام رواجي زالاڻين بيمارين جا علاج ٻڌايا وڃن؛
٣- زالن کي گهرو ڪم، جهڙوڪ سبڻ، ساني پچائڻ وغيره بابت عام معلومات ميسر ڪئي وڃي.

جيڪڏهن انهن نُڪتن کي هٿ ۾ کڻي، ڪم شروع ڪيو ويندو ته مون کي يقين آهي ته اسان زالن مان جهالت دور ڪري، کين موجوده زماني جي ضروريات بابت ڪجهه واقفيت پهچائي سگهنداسون.

(٢) ٻي ۽ ٽي تجويز لاءِ آءٌ هيٺيان رايا پيش ڪريان ٿو:

منهنجي رٿ آهي ته هڪ سڪاني جماعت ٺاهي وڃي، جنهن جا ميمبر هر مهيني ٻئي پاڻ ۾ ملي گڏجاڻيون ڪن ۽ تجويزون رٿين. سندن ڪم جديد طريقي تي آبادي ڪرائڻ، واپار جون هدايتون ڏيڻ ۽ ڳوٺاڻن جي سڌاري لاءِ ڪوشش هئڻ گهرجي. ان لاءِ زراعتي ۽ ڪوآپريٽو سوسائٽيون کولائجن، ۽ نيون تجويزون تلاش ڪجن ته تعليم کي ڪهڙيءَ ريت عام ڪيو وڃي. اهڙيون جماعتون هر ٽپي ۽ تعلقي ۾ ٺاهي، انهن جون ساليانيون ڪانفرنسون ڪوٺائجن.

(٣) چوٿين تجويز لاءِ منهنجا هيٺيان رايا آهن:

اسان وٽ ٻن قسمن جا ميربحر موجود آهن، هڪڙا سمنڊ ۾ مڇي ماريندڙ، ۽ ٻيا درياهه ۽ ڍنڍن تي مڇي ماريندڙ. هڪڙا سمنڊ جي ڪناري تي گهرڙا اڏيو، سال جي ڪن مهينن ۾ مڇي ماري، گذر ڪندا آهن. سندن پيدائش به گهٽي آهي، پر

ٻهرئين قسم جي ڪاسبين لاءِ خاص توجهه جي ضرورت آهي، ڇاڪاڻ تہ اهي جماعتي زندگيءَ ۾ هڪ مکيہ عنصر ڳڻيا وڃن ٿا. آهي اسان جون ترت ضرورتون پوريون ڪن ٿا، ان ڪري ڪين خاطر خواه مدد جي ضرورت آهي. جيتوڻيڪ هنرن وارن جو ٻيو گروهہ بہ پوري توجهہ جو لائق آهي. انهن ڳوٺاڻن هنرن کي نئين سر زنده ڪرڻ لاءِ پئسي ۽ ماهرن جي ضرورت پوندي. ان طرف توجهہ ڏيئي، اسان پنهنجي قديم ڳوٺاڻن هنرن کي، جي اڄڪلهہ ختم ٿيندا پيا وڃن، زنده ڪري سگهنداسون.

آءٌ اهو بہ اوهان کي ذهن نشين ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان تہ اسان جي ڳوٺاڻن ڪاسبين ۽ هنرمندن جي حالت بهتر نہ آهي. سندن هنر تباهہ ٿيندو (گهٽبو) وڃي ٿو. جيڪو ڪجهہ بچيو آهي، سو رواجي قسم جو آهي، ۽ اهو جديد ضروريات جي پورائيءَ جي لائق نہ رهيو آهي.

توهان غور ڪري ڏسندا تہ ڪاشيءَ ۽ جنڊيءَ جا ٿانوَ، جي هالن ۽ نصرپور ۾ ٺهندا آهن؛ لونگين ۽ ڀرت جو ڪم، جو ٺٽي ۾ ٿيندو آهي؛ کيس، گربيون ۽ سوسيون، جي نصرپور ۽ هالن ۾ ٺهنديون هيون، سي اڄ ڪهڙيءَ حالت ۾ وڃي رسيون آهن؟ ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ هنن سڀني هنرن جي همت افزائي ڪئي وڃي، تہ جيئن انهن کي ترقي وٺائي، جديد ضروريات جو لائق بنائي سگهجي. ازانسواءِ زراعت ۾ بہ جديد طرز جي سڌاري جي ضرورت آهي.

منهنجي هانءَ ۾ وڏيون پون ٿا، جڏهن هي حالتون ڏسان ٿو. آءٌ سمجهان ٿو تہ ڳوٺاڻن ۽ سندن هنرن جي بدحاليءَ جو مکيہ ڪارڻ اسان جو معاشرو آهي. ان ڪري ضرورت آهي تہ اسين ڪارڪنن سان ۽ پئسو همٿ ڪري ٻاهر نڪري، انهن ختم ٿيندڙ

مقرر ڪرڻ گهرجي. توهان جنهن ماڻهوءَ جو نالو پيش ڪيو آهي، ان کي آماده ڪريو ته هُو هيءُ ڪم هٿ ۾ کڻي، هن پوئتي پيل سوسائٽيءَ جي گروه لاءِ ڪجهه خدمت ڪري.

(٤) تجويزون ٥ کان ٨ تائين مڪمل غور ۽ خوض طلب آهن. مون کي پڪ آهي ته اوهان مون سان شامل راءِ ڏيندا ته سمجهدار ڪارڪنن جي هڪ گڏجاڻي ڪوٺائي، انهن مسئلن تي تفصيلي بحث ڪري، ڪو واضح قدم کنيو وڃي. ان بعد هر ڪم ڪن چونڊ ماڻهن جي حوالي ڪري، پروگرام شروع ڪرڻ گهرجي.

(٥) تجويز ٩ بنسبت مون هڪ اسڪيم هٿ ۾ کنئي آهي، جڏهن اها تيار ٿي ويئي ته پوءِ اسان ان لاءِ حڪومت کان مدد وٺي، ان جي سرانجامي ڪري سگهنداسون.

(٦) ڏهين تجويز کي چڱيءَ ريت سمجهڻ لاءِ، ڳوٺن جي هيٺئين قسم جي ڪاسبين کي مدنظر رکي، پروگرام رٿو پوندو:

١- لوهار، ٢- واڍا، ٣- ڪنڀر، ٤- ڪوري، ٥- موچي، ٦- ڌوٻي، ٧- ڪنٻي، ٨- سونارا- انهه مختلف ڌنڌن وارن کي هڪ گروهه ۾ شمار ڪري سگهجي ٿو.

ٻئي گروهه ۾ هيٺين هنرن وارا شامل ڪري سگهجن ٿا:

١- واڻ يا رسا وٽيندڙ ماڻهو، ٢- تنڊا ۽ ٽونريون (وڇائڻ ۽ جاين ڍڪڻ لاءِ) ٺاهيندڙ ماڻهو، ٣- ٻُهارا، ڇڄيون، ڍڪيون ۽ وڃڻا ٺاهيندڙ ماڻهو، ٤- اُن ڪتڻ ۽ اُٽڻ وارا ماڻهو، جي غاليچا، فراسيون، توبرا ۽ خرزينون ٺاهيندا آهن، ٥- گاگرا ۽ ڇڄ (اَنُ صفا ڪري لاءِ) ٺاهيندڙ ماڻهو، ٦- چمڙي مان پيتيون، دٻيون وغيره ٺاهيندڙ ماڻهو، ٧- مُوڙا ۽ چِڪون ٺاهيندڙ ماڻهو.

انهن ٻنهي قسم جي ڪاسبن جي سڌاري ۽ همت افزائيءَ جي گهڻي ضرورت آهي.

موزون نہ ٿيندي، ۽ آءٌ اوهان جي چاءِ پارٽيءَ ۾ شريڪ نہ ٿي سگهندس، ڇاڪاڻ تہ مون پڻ ساڳيءَ تاريخ تي ڪلفٽنيءَ تي ميونسپل ڪائونسلرن کي گهرايو هو. پر هن وقت مون پنهنجي راءِ بدلائي آهي. تنهنڪري سبب، اسان وري ٻئي هفتي ڪلفٽنيءَ ويندا سون. ان ڪري اوهان ميٽنگ ڀلي رکو. آءٌ ايندس!
اوهان جو مخلص،
جمشيد

(٤) [انگريزي]

ڪراچي
٢٣- فيبروري ١٩٢٩ع

محترم سيد غلام مرتضيٰ شاه!
توهان جو خط هينئر ئي پهتو اٿم. آن جي جواب ۾ عرض تہ مون کي سڀاڻي پوسٽ ۽ ٽيليگراف يونين جي ميٽنگ ۾ شريڪ ٿيڻو آهي. هو سالياني اجلاس ۾ گڏ ٿي رهيا آهن، ان ڪري اسان مان ڪيترائي آتي ويندا. تنهنڪري افسوس سان چوڻو ٿو پوي تہ آءٌ سڀاڻي ٤ بجي واريءَ ميٽنگ ۾ اچي نہ سگهندس. اسان کي ڪا ٻي تاريخ مقرر ڪرڻ گهرجي.
توهان جو مخلص،
جمشيد

[نوٽ:- 'ڳوٺ سڌار هلچل' بابت ڪونسل ميٽنگ جي باري ۾ منهنجي موڪليل خط جو جواب آهي. پاڻ ان جو صدر ۽ آءٌ سيڪريٽري هوس.]

(٥) [انگريزي]

ڪراچي
٥- جولاءِ، ١٩٢٩ع

پيارا سيد!
توهان جو "ڊنر" بنسبت دعوت نامو پهتو. اوهان کي

هنرن کي هٿي ڏياري، پنهنجي ملڪ کي ترقي وٺارايون.

(٧) ٻارهين ۽ ٻارهين تجويز تي ميٽنگ ۾ غور ٿي سگهي ٿو.

آخر ۾ آءٌ وري به اوهان جو شڪريو ٿو ادا ڪريان، جو اوهان تڪليف ڪري، هن معاملي ۾ دلچسپي وٺي رهيا آهيو. مون کي اميد آهي ته ان مسئلي ۾ اوهان پنهنجي همدردي، مدد ۽ مشورن سان مون کي نوازيندا رهندا، ته جيئن اسان گڏجي، گهوٽاڻن جون حالتون درست ڪري سگهون.

توهان جو مخلص،

جي. ايم. سيد.

(٢) [انگريزي]

ڪراچي

١- فيبروري، ١٩٢٩ع

پيارا سيد غلام مرتضيٰ شاه!

توهان طرفان، ٩ فيبروريءَ جو دعوتنامو موصول ٿيو آهي، مهرباني! مون پڻ ساڳئي ڏينهن تي ڊسلوڻي واٽر ورڪس تي ميونسپل ڪائونسلرن جي ميٽنگ ڪوٺائي آهي. اها وڏي مهرباني سمجهندس، جيڪڏهن اوهان پنهنجي پروگرام جو ڏينهن بدلائيندا، ڇاڪاڻ ته مون کي ان ڏينهن کان سواءِ ٻيو ڪو موزون ڏينهن ميسر نه آهي، جنهن تي ميونسپل ڪائونسلرن جي گڏجاڻي ڪري سگهان.

توهان جو مخلص،

جمشيد

(٣) [انگريزي]

ڪراچي

٢- فيبروري، ١٩٢٩ع

پيارا غلام مرتضيٰ شاهه!

ڪالهه مون اوهان کي لکيو هو ته ٩ تاريخ مون لاءِ

بنگلي ۾ اچي، هتي اوهان جي روح کي محسوس ڪري رهيو آهيان.

اوهان جو جمشيد

[نوٽ:- سنڌ اسيمبليءَ جي اليڪشن جي موقعي تي دادو ضلعي مان ڪيس بيهاريو ويو هو. اِن ڏس ۾ سن آيو هو.]

(٨) [انگريزي]

ڪراچي
٢٤- مئي، ١٩٣٧ع

پيارا سيد!

توهان جو خط پهتو. ٣- جون تي "رسائي ۽ لاڀي" لاءِ وزير اعليٰ ميٽنگ سڏائي آهي. بهتر ائين ٿيندو، ته اسان انتظار ڪري ڏسون ته اُتي ڪهڙو ٿو فيصلو ٿئي. توهان جي پيش ڪيل ٺهراءَ "ڊيل جي واڌاري" بنسبت، توهان ڪي جلد جواب موڪليندس.

اوهان جو،
جمشيد

(٩) [انگريزي]

ڪراچي
٢١- جون، ١٩٣٧ع

پيارا سيد!

توهان جو ١٩- تاريخ وارو خط اڄ مليو اٿم، اوهان کي محسوس ٿئي ٿو ته اسان طرفان گورنر يا ٻئي ڪنهن وڏي عملدار وٽ شڪايت وڃي ٿي، ته اسان وٽ ثابتيون ۽ حقيقتون هٿ ۾ هجن. توري به پُل اسان جي پوزيشن ۽ ڪيس وڃائي ڇڏيندي. آن ڪري آءٌ حقيقتن کان واقف ٿيڻ لاءِ منتظر آهيان.

آءٌ پنهنجي وس آهر خدمت ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. پر

معلوم هوندو، ته آءٌ "سبزي خور" آهيان. انتظام ڪري سگهو ته بهتر، نه ته مانيءَ بدران ميوو، يا فروٽ ۽ چانهه جي ڪوپ پيئڻ تي اڪتفا ڪندس.

اوهان جو،
جمشيد

[نوٽ:- ڪراچيءَ جي ڪليڪٽر، مسٽر هڊ جي مون دعوت جهلي هئي، ان لاءِ لکيو اٿس.]

[انگريزي] (٦)

ڪراچي
٢١- مئي، ١٩٣٠ع

پيارا سيد!
توهان بمبئي گورنمينٽ جي سيڪريٽريءَ ڪي پنهنجي موڪليل خط جي ڪاپي مون ڏانهن موڪلي هئي، جا پڙهي اٿم. ڇا، اوهان جي اها مرضي آهي ته اها گورنمينٽ ڪي موڪليان، يا ان لاءِ پروپيگينڊا ڪئي وڃي؟

اوهان جو مخلص،
جمشيد

[نوٽ:- ڪراچي لوڪلبورڊ جي معاملي ۾، ڪراچيءَ جي ڪليڪٽر مسٽر گبسن دستاندازي ڪئي هئي، ان بنسبت لکيل آهي.]

[انگريزي] (٧)

سن
٢٤- جنوري ١٩٣٧ع

پيارا سيد!
آءٌ اوهان جي ڳوٺ آهيان ۽ اوهان ٻاهر آهيو! آءٌ اوهان جي

شيخ عبدالحق عبدالله

ائڊمنسٽريٽو آفيسر ڊ-ل- اسڪولبورڊ، ڪراچي.

هن صاحب جي زندگيءَ جو احوال سون "جنب گذاريم جن سين" ۾ ڏنو آهي. هيءُ نهايت ئي مخلص هڏ ڏوڪي ڪارڪن هو. هن کي سنهنجي سينڌي اسڪيمن ۽ تجويزن ۾ دلچسپي هئي. سن ۾ جيڪي تعليمي ۽ سماجي ڪانفرنسون سڏائيندو هوس، انهن سان اڪثر ۾ ايندو هو، ۽ سنهنجي هر تعليمي ۽ سماجي ڪم ۾ دلچسپي وٺندو هو.

[انگريزي] (١)

ڪراچي
٥- جنوري، ١٩٢٩ع

طرفان: شيخ عبدالحق،
ائڊمنسٽريٽو آفيسر، ڊسٽرڪٽ اسڪولبورڊ ڪراچي،
ڏانهن: سيد غلام مرتضيٰ شاه صاحب.

پيارا سائين!

توهان جي ١- جنوري ١٩٢٩ع جي خط جي جواب ۾ پنهنجي هيٺين راءِ پيش ڪريان ٿو:-

اهو موضوع منهنجي سمجهہ موجب تمام وسيع هئڻ سان گڏ مشڪل ۽ منجهيل آهي. نہ اُن لاءِ ڪي روايتون آهن، ۽ نہ ئي عوام طرفان ڪا خاص گهر ڪيل آهي. اُن ڪري اوهان جيڪي ادارا ٺاهڻ گهرو ٿا، تن تي غور ڪري، هڪ

اوهان کي معلوم هوندو ته آءٌ سدائين ان راءِ جو پئي رهيو آهيان ته اهڙي ڪا به ڳالهه نه ڪجي، جنهن ۾ آءٌ يا منهنجا دوست غلط بيانيءَ جا مرتڪب ٿين، تنهنڪري جڏهن ڪراچيءَ اچو، ته گڏجي مشورو ڪجي. آءٌ هر صورت ۾ ان ڪم ڪرڻ لاءِ تيار آهيان، پر مون کي تجربي سيکاريو آهي ته جيسين تائين ڪا حقيقت هٿ ۾ نه هجي، تيسين قدم کڻڻ درست نه آهي. سرڪار ۽ پبلڪ ادارا، هميشه ان ڪوشش ۾ هوندا آهن، ته پنهنجي ماڻهن جي طرفداري ڪن. انهيءَ ۾ هُو هڪ حد تائين حق بجانب به آهن. آن ڪري آءٌ منتظر آهيان ته سڀ حقيقتون هٿ ڪري، پوءِ گورنمينٽ وٽ وفد جي صورت ۾ وڃان. اسان کي ڪٽي سؤ سيڪڙو پڪ هجي، پر صرف اها ڳالهه ڪافي نه آهي. اسان کي پنهنجو ڪيس، سرڪار آڏو پيش ڪري، ثابت ڪرڻو آهي. تنهنڪري جڏهين توهان هتي ايندا، ته ملي ان ڳالهه تي ويچاريندا سين.

اوهان جو،

جمشيد

[نوٽ:- سر غلام حسين مسٽر ٿهلراماڻيءَ تي زور رکيو هو ته هُو مون کي گورنمينٽ طرف ڪرڻ لاءِ مجبور ڪري. هن جي ڪٽي جواب تي ڪيس دادوءَ جي چيف آفيسريءَ تان لاهي، سنڌ جاءِ تي مسٽر کهڙي جي سالي عبداللطيف کي رکيو ويو. آن تي مون جمشيد کي لکيو هو ته گورنر وٽ وفد وٺي وڃي، حقيقت جي آگاهي ڪجي. ان جي جواب ۾ اِهو خط لکيو اٿن.]

پوندو، جن کي اهو اختيار ڏنو وڃي ته پيا ميمبر گڏ ڪري، هيٺين قسمن جون ڪاميٽيون ٺاهين:

١- تعليمي ڪاميٽي، ٢- صحت ڪاميٽي، ٣- صفائي ڪاميٽي، ۽ ٤- امداد باهمي ڪاميٽي.

(٥) آءٌ هتي ڇاڻايل ڪاميٽين جا ڪم ڇاڻي واڻي تفصيل سان بيان نٿو ڪريان، ڇاڪاڻ ته منهنجي سمجهه موجب ته اهڙو فيصلو هرهڪ ڪاميٽيءَ کي خود ڪرڻ گهرجي. ان ڪري آءٌ وڌيڪ تفصيل ۾ وڃڻ نٿو گهران ته انهن مسئلن کي ڪهڙيءَ ريت حل ڪيو وڃي.

(٦) جيستائين اقتصادي ۽ سماجي حالتن جي سڌاري جو تعلق آهي، ته انهن جو هڪ ئي علاج آهي، ۽ اهو آهي تعليم. پبلڪ تقريرون ان ڏس ۾ زياده مددگار ثابت ٿي سگهنديون. پيشه ور طبقن جون جماعتون ٺاهڻ به ضروري آهن. تمام ٿورن ماڻهن کي ڄاڻ آهي ته پيسو ڪيئن گڏ ڪجي، پر اڪثريت کي اهو به پتو نه آهي ته خرچ ڪيئن ڪيو وڃي ۽ ڪهڙيءَ ويت پنهنجن مسئلن کي نباهجي؟ ڇاڪاڻ ته ڪين اها به خبر نه آهي ته ڏنڌو ڪهڙي نموني ڪرڻ گهرجي! ان ڪري، منهنجي تجويز آهي ته ملڪ جي ڪن خاص حصن ۾ تجارتي ۽ فني تعليم ڏيارڻ تمام ضروري آهي.

آخري پر نهايت اهم ڳالهه فنڊ گڏ ڪرڻ آهي. اهي زياده نه ته به ڪافي هئڻ ضروري آهن. ماڻهو موجوده دور ۾ سندن ترقيءَ لاءِ اجا اعزازي طور ڪم ڪرڻ نه سگهيا آهن، نه ان لاءِ وٽن ذريعا ميسر آهن، نه ئي وقت موجود اٿن. بهرحال، ان ڪم لاءِ پيسو ضروري آهي.

مٿين ڇئن ڪمن لاءِ، ڇئن آفيسرن کي گهڻو وقت لڳندو. هو سولائيءَ سان پهراڙين ۾ ڳوٺاڻن ۽ آفيسرن کي تربيت ڏيئي سگهندا.

منظم جماعت وسيلي آهي هلائڻ گهرجن، جنهن جو پروگرام جدا جدا مسئلن تي مشتمل هجي.

(٢) جيئن ته هيءُ پروگرام تمام وسيع آهي، آن ڪري ان جي عمل ۾ آڻڻ لاءِ منڍ ۾ درجي بدرجي وڌڻ گهرجي؛ ۽ سڀ ڳالهيون هڪ وقت هلائڻ نه گهرجن. منهنجي تجويز آهي نه ڏاڪي به ڏاڪي سڌارو ڪجي. ان ڪان سواءِ ان مسئلي جي حل ۽ حاصل ڪرڻ لاءِ عوام جي تعليم بہ ايتري ئي ضروري آهي، جيتري آنهن ماڻهن جي چونڊ ضروري آهي، جيڪي اهو ڪم ڪرڻ گهرن ٿا. ماڻهن ۾ گڏجي ڪم ڪرڻ ۽ گڏيل ڪوشش ڪرڻ جو جذبو پيدا ڪرڻ گهرجي. هِن ملڪ ۾ انهن مسئلن تي جيڪي ڪجهه ٿي گذريو آهي، اهو ليڪچرن ۽ ٻيءَ پروپيگنڊا وسيلي ماڻهن جي ذهنن ۾ ويهارڻ گهرجي.

(٣) ڪجهه ماڻهن جو تعداد پگهار تي رکجي، جي عوام ۾ وڃي، انهن مقصدن جي تعليم ڏين ۽ ان لاءِ اسڪول ماسترن، ڊيڪ منشين ۽ سب اوورسيئرن کان مدد وٺي، ڪم هلائڻ گهرجي. کين ان خدمت گذاريءَ لاءِ وقت به وقت نوازيو وڃي. انهن ڳوٺاڻن آفيسرن کي آهستي آهستي ڳوٺن ۾ بالغن جي تعليم جي جوابداري سونپي ۽ کين پيسا ڏيئي همٿايو وڃي. لئبرري ۽ ميجڪ لينٽرس ضروري ڳالهيون آهن. انهن ماڻهن جو ڪم اهو هجي ته رات جا ڪلاس کولين، مڪاني جلسا ڪن ۽ لئبررين جو انتظام ڪن. اهو لوڪل آفيسرن جو وڏو عملو، ضلعي جي ليڪچرارن (يا ڪو ٻيو نالو ڏجين) جي ماتحت رکيو وڃي.

(٤) ان تحريڪ جي شروعات ضلعي ۾ به يا ٽي ڪانفرنسون ڪوٺائي ڪرڻ گهرجي. اهي ڪانفرنسون مرڪزي "ضلعي سڌار" ائسوسيئشن لاءِ پنهنجا نمائندا چونڊين ائسوسيئشن کي مرڪزي حيثيت هئڻ ڪري، ان کي وڏيڪ ننڍين ڪاميٽين ۾ ورهائڻو

(٢) ڳوٺاڻن هنرن کي نئين سر زنده ڪري ترقي وٺارائڻ؛
(٣) ڳوٺاڻن کي جديد تهذيب کان واقف ڪري، سندن موجوده حالتن سان پيٽ وسيلي، کين ترقيءَ ۽ سڌاري لاءِ آماده ڪرڻ؛
(٤) ماڻهن کي نون هنرن ۽ ڌنڌن جي واقفيت ڏيڻ؛
(٥) ڳوٺاڻن مان دقيانوسي خيال دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ، جيڪي کين ترقيءَ کان مانع رکيو ويٺا آهن؛
(٦) ماڻهن مان فضول خرچيءَ جون رسمون ڪڍي، کين قناعت سيکارڻ؛
(٧) پورهيت عوام جي معيار زندگي بلند ڪرڻ لاءِ قدم کڻڻ؛
(٨) ڳوٺن ۾ واپار جا سڌريل طريقا مروج ڪرڻ؛
(٩) مڪاني ميلن کي تبديل ڪري، انهن تي سماجي ۽ تعليمي ڪانفرنسون سڏائي، عوام مان تقريرون ۽ ميجڪ لينٽرن ذريعي جهالت کي دور ڪرڻ؛
(١٠) ادبين جون جماعتون ٺاهي، سنڌي ادب ۽ زبان کي ترقي وٺائڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ؛
(١١) ڳوٺاڻن ۾ اخبار پڙهڻ جو شوق پيدا ڪرڻ؛
(١٢) عوام کي ووٽ جي صحيح استعمال ۽ سندن حالتن سڌارڻ لاءِ مشورا ڏيڻ؛
(١٣) رات جا اسڪول (Night Schools) کولائڻ؛
(١٤) زالاڻي تعليم لاءِ پورا انتظام ڪرڻ؛
(١٥) ڳوٺن ۾ زالن جي موجوده' نه بيان ڪرڻ جهڙي حالت' دور ڪرڻ لاءِ کين سڌريل طريقي گهرو ڪم ڪار سيکارڻ جو انتظام ڪرڻ- جهڙوڪ سبڻ، سڻي ماني ٺاهڻ، ويم وقت علاج ڪرڻ لاءِ صلاحون ڏيڻ، وغيره؛
(١٦) هارين جيءَ حالت سڌارڻ ۽ سندن حقن جي حفاظت لاءِ جماعتون ٺهرائڻ؛

مون کي اميد آهي تہ اهڙيءَ ريت ٻورن ٻني ڏينهن ۾ ڪجهہ نتيجا نڪري سگهندا.

توهان جو مخلص،
شيخ عبدالحق.

گشتي خط [انگريزي]

ڊ. ل. آفيس، ڪراچي، سنڌ.
۱۰- جنوري، ۱۹۲۹ع

سنڌ جي ڪيہ ورڪرن، سياستدانن ۽ تعليمي ماهرن ڏانهن،
جي.ايم. سيد، پريزيڊنٽ، ضلعي لوڪلبورڊ ڪراچيءَ طرفان!

پيارا سائين!

اميد تہ اوهان کي منهنجو اڳيون خط، ڳوٺاڻن جي بهبوديءَ ۽ سڌاري لاءِ ڪم ڪرڻ بابت، پهتو هوندو. ان ڏس ۾ ڪن دوستن طرفان تجويز ڏني ويئي آهي تہ ان مسئلي ۾ دلچسپي وٺندڙ ڪن خاص دوستن جي هڪ گڏجاڻي ڪوٺائجي، ۽ گڏجي ڪو مثبت پروگرام رٿي، ڪم شروع ڪجي.

آءٌ تنهنڪري هڪ گڏجاڻي ۹ فيبروري ۱۹۲۹ع تي ۵ بجي شام، منهنجي بنگلي گارڊن ڪوارٽر، لوبو اسٽريٽ، قاسم ولاجي سامهون، سڏائي رهيو آهيان. جيڪڏهن اوهان ان ۾ شامل ٿي، بحث مباحثي بعد ڪي تجويزون رٿي، پروگرام ٺاهڻ ۾ مدد ڪندا، تہ آءٌ نهايت شڪر گذار رهندس.

آءٌ ايجنڊا طور ڪي نُڪتا بہ اوهان آڏو عرض رکان ٿو، جي زير بحث ايندا:

(۱) عام ماڻهن مان جهالت دور ڪرڻ لاءِ بالغن جي تعليم جو انتظام ڪرڻ؛

[انگريزي] (٢)

جناب سيد غلام مرتضيٰ شاه،
جنرل سيڪريٽري، ضلعي ڳوٺ سڌار تحريڪ.

سائين منهنجا!

اوهان ڳوٺ سڌار جي محرڪ ۽ سڌارن جي حمايتيءَ جي حيثيت سان، ڪراچي ضلعي ۽ ڪراچي شهر جي چونڊ ساٿين جي هڪ ميٽنگ سڏائي هئي. توهان کي حق آهي تہ آتي موجود حضرات مان اميد رکو تہ هر ساٿيو (جنهن مسئلي سان واسطو رکندڙ هجي) ڪي صلاحون ۽ تجويزون اوهان کي موڪلي ڏئي. ان سلسلي ۾ آءٌ شروعات ڪريان ٿو:

(١) سون وٺ، تعليم جي تشريح ۾، دل، اکين، هٿن ۽ دماغ جي تربيت داخل آهي. بالغن جي تعليم، منهنجي نظر ۾، ملڪ جي عام تعليم لاءِ نهايت ضروري آهي. هن وقت ملڪ جي اهم ضرورت اها آهي تہ عام بيداري ڪهڙيءَ ريت پيدا ڪئي وڃي! جيڪڏهن اسان اها پيدا ڪري سگهياسون، تہ پوءِ اسان جو مستقبل نهايت اميد افزا ٿيندو. ان عام بيداريءَ جي راهہ ۾ وڏي رڪاوٽ پيسي جي اڻ هوند آهي - جيتوڻيڪ سماجي رسمون بہ ان ڏس ۾ وڏو پارٽ ادا ڪن ٿيون، خصوصاً زالن جي ترقيءَ جي راهہ ۾.

(٢) توهان کي بخوبي پروڙ هوندي تہ هر ملڪ جي تعليم جي تاريخ ۾ 'لياقت ۽ تعداد' جي وچ ۾ وڏو تصادم ٿيئي رهيو آهي. ٻئي ايڏا اهم آهن، جو هڪ کي ٻئي جي خرچ يا هرج تي ڇڏي نٿو سگهجي. لياقت عام طرح سان تعداد مان ئي حاصل ڪري سگهبي آهي، پر رڳو لياقت مان خاص نتيجو حاصل ڪري نٿو سگهجي. ۽ اهوئي دليل آهي، جو عام زوري تعليم جا حمايتي پيش ڪن ٿا. اسان جي ملڪ ۾ جيڪي مکيہ حقيقتون

(١٧) مالدارن جي حقن جي حفاظت ۽ حالتن درست ڪرڻ لاءِ سندن جماعتون ٺاهرائڻ؛
(١٨) ننڍپڻ جي شادين کي روڪڻ ۽ ٻين بدرسمن دور ڪرائڻ جو انتظام ڪرڻ؛
(١٩) ڳوٺن ۾ مسافرخانا، اسپتالون، پبلڪ پارڪ، ۽ راندين جي ميدانن ٺهرائڻ لاءِ انتظام ڪرائڻ؛
(٢٠) ڪوآپريٽو تحريڪ هيٺين بنيادن تي ڳوٺن ۾ شروع ڪرڻ:
(الف) زميندار بئنڪون کولائڻ، (ب) خريد فروخت سوسائٽيون برپا ڪرڻ، (ت) هائوسنگ سوسائٽيون قائم ڪرڻ، (ث) مالدارن جون جماعتون ٺاهڻ، (ج) ميربحرن جون جماعتون ٺهرائڻ، (ح) هارين جون جماعتون ٺهرائڻ؛
(٢١) نشيدار شين جي واهپي تي بندش وجهڻ؛
(٢٢) زوريءَ ۽ مفت تعليم جو انتظام ڪرڻ؛
(٢٣) ڳوٺاڻن جي تندرستيءَ، صفائيءَ ۽ ٻارن جي تربيت لاءِ هفتا ملهائي، پرچار ڪرڻ؛
(٢٤) باغات طرف ماڻهن ۾ چاهه جاڳائڻ؛
(٢٥) ڳوٺاڻيون جماعتون ٺاهي، کين سندن مشڪلاتن ۽ تڪليفن کان ٻاهر نڪرڻ لاءِ گڏيل ڪوشش ذريعي آماده ڪرڻ؛
(٢٦) سوديشي تحريڪ کي زور وٺائڻ لاءِ، ملڪي شين واپرائڻ جو حرص پيدا ڪرائڻ؛
(٢٧) ماڻهن مان بيروزگاري دور ڪرڻ لاءِ ڳوٺاڻا ڪارخانا جاري ڪرائڻ؛ ۽
(٢٨) ميربحرن جي حالت درست ڪرڻ.

اوهان جو مخلص،

جي. ايم. سيد.

آهي، جن ۾ ٩٤٠٥ ڇوڪرا ۽ ٢٠١٤ ڇوڪريون پڙهي رهيون آهن. سرڪاري اسڪولن ۾ ٧٣٥ ٻار مٿين ڪلاسن ۾، ۽ ٥٨٩٩ هيٺين ڪلاسن ۾ آهن. اهڙيءَ طرح اوهان کي معلوم ٿيندو ته مٿين درجن ۾ شاگردن جو تعداد صرف ١١ سيڪڙو آهي، جا ڳالهه تعليم جي گهٽجڻ لاءِ خاص ويچار جوڳي آهي. انهن انگن اکرن مان معلوم ٿيندو ته رڳو سيڪيولر تعليم ماڻهن جي ذهن تي اثر ڪرڻ کان ناڪام رهي آهي.

ٻيو مکيه عنصر جو، ملا اسڪولن جي تعليم بنسبت آهي، سو اهو آهي ته سرڪار تعليم جو ضابطو اسڪول بورڊن جي حوالي ڪيو آهي، پر مُلا اسڪول ان قانون کان مستثنيٰ آهن. جيستائين مُلا اسڪول جدا انتظام هيٺ هوندا، تيستائين ضلعي ۾ عام تعليم جي سلسلي ۾ ربط پيدا ٿيڻ ڏاڍو مشڪل آهي. ان ڪري آءٌ اوهان جي ويچار لاءِ هيٺيون تجويزون پيش ڪريان ٿو:

(١) ملا اسڪولن کي لوڪل اٿارٽيز جي حوالي ڪيو وڃي.

(٢) اسڪولن جي ورهاست ٻن گريڊن ۾ ڪئي وڃي: هڪ گريڊ پرائمري ڪورس جو پنجين درجي تائين هجي، ۽ ٻيا اسڪول اهڙا هجن، جتي سيڪنڊ گريڊ تعليم لاءِ فرسٽ گريڊ شاگردن کي داخل ڪيو وڃي.

(٣) اسڪول ڳوٺن ۾ کوليا وڃن، جتي اٽڻ، درزڪي ڪم ۽ واڍڪي ڪم جي به تربيت ۽ تعليم ڏني وڃي. اهڙي قسم جو هڪ ڪلاس، ذهن رواجي اسڪولن کان وڌيڪ ڪارائتو ثابت ٿيندو.

(٤) والنٽيري بنياد تي نوان اسڪول انهيءَ سهوليت سان کولائڻ وڌيڪ ڪارائتا ٿيندا ته انهن جي کولڻ ۽ تبديل ڪرڻ ۾ ڪا به قانوني ونڊڪ نه هجي.

(٥) سيني سنڌي اسڪولن ۾ قرآن پڙهائڻ لاءِ مُلا رکيا

آهن، تن کي منهن ڏيڻ گهرجي، نظريا ڪيڏا به ڪٺي وڏا ۽ اصولن وارا هجن.

(٣) ماڻهن جي موجوده سماجي، اقتصادي يا جاگرافيائي حالتن کي سامهون رکي، آءٌ عام زوريءَ تعليم کي ترسائڻ جي حق ۾ آهيان. جيستائين حالتون وڌيڪ سازگار ٿين، تيستائين اسان ۽ اوهان کي اهي سڌارا ۽ طريقا عمل ۾ آڻڻ ۽ اختيار ڪرڻ گهرجن، جن مان عوام ۾ عام بيداري پيدا ٿئي. ائين ڪرڻ سان اسان جي ايندڙ نسلن ۾ پاڻ تي ڀاڙڻ جي عادت پيدا ٿيندي. تنهنڪري منهنجي سمجهه موجب، اجا عام زوري تعليم مروج ڪرڻ لاءِ ماحول پوريءَ طرح تيار نه ٿي سگهيو آهي، ۽ منهنجي نقطي نگاه موجب موجوده تعليم گهڻي قدر ناڪام به ثابت ٿي آهي. ڪجهه غور ڪري ڏسڻ سان معلوم ٿيندو ته اسان جي ابتدائي ۽ ثانوي تعليم تي ڪيتري نه گهڻي فضول خرچي ٿي رهي آهي. اسان پيو ڪجهه نه ڪري سگهون، نڌهن به ان خرابيءَ کي گهٽائڻ لاءِ ته ڪوشش ڪرڻ کپيسون.

(٤) انهيءَ ابتدائي وسارڪ ڪان پوءِ، آءٌ اوهان اڳيان ١- ڇوڪرن جي تعليم ٢- بالغن جي تعليم ۽ ٣- ڇوڪرين جي تعليم بابت، پنهنجون تجويزون پيش ڪريان ٿو:

١- ڇوڪرن جي تعليم

لوڪلبورڊ، ميونسپل ۽ سرڪاري تسليم ٿيل اسڪولن جو تعداد، ڪراچي ضلعي ۾، هن وقت ١٢٠ آهي، جن ۾ ٦٦٣٤ ٻار پڙهن ٿا. انهن مان ٥٩٤٣ ڇوڪرا ۽ ٦٩١ ڇوڪريون آهن. ضلعي ۾ رجسٽرڊ مُلا اسڪولن جو تعداد ١٣١ آهي، جن ۾ ٤٧٨٥ ٻار آهن، جن ۾ وري ٣٤٦٢ ڇوڪرا ۽ ١٣٢٣ ڇوڪريون آهن. اهڙيءَ ريت ضلعي ۾ جملي اسڪولن جو تعداد ٢٥١

ڪامياب ٿين .

(٢) انهن ملن کي بونس ڏنو وڃي، جي مقرر تعداد ڇوڪرين ۽ ڇوڪرن جو گڏ ڪري، تعليم ڏين .

(٣) نئين مر ڪشاده دليءَ سان اسڪالرشپون ڏنيون وڃن .

(٤) ڪتاب، سليٽون ۽ قلم وغيره شاگردن کي مفت ڏنا وڃن .

(٥) مثلا اسڪولن ۾ رواجي ٽيڪسٽ بوڪن بدران اسلامڪ ريڊر مروج ڪيا وڃن .

اوهان جو مخلص،

شيخ عبدالحق،

ائڊمنسٽريٽو آفيسر، ضلعو ڪراچي .

وجن، ننڍن اسڪولن ۾ ٿوري وقت ۽ وڏن اسڪولن ۾ سدائين لاءِ!

(٦) ملا اسڪولن کي، جڏهن ۽ جتي به گهرج ٿئي ته وڏيڪ اسسٽنٽ ڏنا وڃن.

(٧) اسڪولن لاءِ جتي پڪيون جايون ميسر نه ٿي سگهن، اتي لانڍيون جوڙايون وڃن.

٢- بالغن جي تعليم

ان سلسلي ۾ آءٌ هيٺيون سفارشون ڪريان ٿو:

(١) ڳوٺن ۾ لائبرريون کوليون وڃن.

(٢) ضلعي لاءِ به ميجڪ لينٽرن (جادو بتيون) خريد ڪيون وڃن، جن سان هڪ اسڪول لاءِ ۽ هڪ عام ماڻهن لاءِ هجي.

(٣) هر ضلعي ۾ هڪ ليڪچرار مقرر ڪيو وڃي، جو ماڻهن ۾ تعليمي شعور پيدا ڪرڻ لاءِ پروپيگنڊا ڪندو رهي.

(٤) سرڪار طرفان سَرنديءَ وارن جي تحريص وسيلي رات جا اسڪول کوليا وڃن.

٣- زناني تعليم

ملڪ ۾ وڏي پيماني تي زناني تعليم عام ڪرڻ لاءِ ماحول تيار نه آهي. نه عوام ۾ ان طرف چاهه آهي، ۽ نه ئي ڳوٺن ۾ پڙهائڻ لاءِ گهربل تعداد ماستريائڻين جو موجود ٿي سگهندو. تنهنڪري في الحال اسان کي گڏيل تعليم (Co-Education) تي راضي رهڻ گهرجي. ڪن جاين تي جيڪڏهن صرف زناني اسڪول جي گهر ڪئي وڃي ته ان کي پورو ڪيو وڃي.

گڏيل تعليم کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ، ڪجهه تجويزون پيش ڪريان ٿو:

(١) انهن ماسترن کي خاص الائونس ڏنا وڃن، جي مقرر تعداد ڇوڪرين جو گڏ ڪري، انهن جي پڙهائڻ ۾

عرض ڪريان ٿو ته چونڪ گذريل ۴ يا ۵ ورهين لاڪر پريزيڊنٽ هندو صاحب رهيو آهي، ۽ جيئن ته هاڻي تعليم جو سرشتو لوڪل بورڊ جي حوالي اچڻو آهي ۽ ڪراچي ضلعي جي مسلمانن جي تعليم، بنسبت ٻين ضلعن جي مسلمانن جي، گهڻي پست پيل آهي، جنهن لاءِ ڪماحقه ڪوشش ڪرڻ مناسب آهي - انهن سڀني سببن ڪري، ضروري آهي ته هن موقعي تي ڪو لائق مسلمان پريزيڊنٽ انتخاب ٿئي. بمعہ نظر انهن سڀني حالتن جي عرض ته ازروي قومي همدردي، سڀئي صاحب گڏجي، هڪ مسلمان اميدوار چونڊي، ان کي ووٽ ڏيڻ جو تدارڪ ڪندا، ته باعث فخر قوم جو ٿئي. محمدن ائسوسيشن جو ڪم نه آهي ته ڪنهن هڪ فرد بشر جي سفارش ڪن، پر ڪوبه اهل اسلام جو صاحب چونڊجي ته ائسوسيشن جي مُدعا پوري ٿيندي. فقط هن طرح ٿيندو ته ڪثرت راءِ جنهن مسلمان صاحب کي لائق سمجهي ان کي سڀئي صاحب مهرباني ڪري ووٽ ڏين، ته آن ۾ يڪجهتي رهندي ۽ قوم جي بهبودي حاصل ٿيندي.

بر رسولان بلاغ باشد و بس! والسلام-

خادم قوم ولي محمد حسنعلي،

جنرل سيڪريٽري، سنڌ محمدن ائسوسيشن

(۲)

۲۰- اپريل، ۱۹۲۶ع

جناب محترم معظم!

السلام عليڪم و رحمة الله و برڪاته-

هن طرف هر طرح خيريت آهي. اميد ته اوهين صاحب به خوش باش هوندا.

۲۷- تاريخ اسڪولبورڊ جي چيرمن ۽ وائيس چيرمن جي چونڊ بابت ميٽنگ ٿيڻي آهي. اهو چڱو موقعو آهي، جو پاڻ

خانبهادر ولي محمد حسن علي

خانبهادر ولي محمد سنڌ جي مايه ناز تعليمي ماهر حسن علي آفنديءَ جو فرزند هو. هو ڪجهه وقت سنڌ مدرسي ڪراچيءَ جو پرنسپال ٿي رهيو. ان بعد ڊپٽي ڪليڪٽر ٿيو، ۽ پينشن کان پوءِ سنڌ مدرسي جو سيڪريٽري ٿي ڪم ڪندو آيو. ڪيس ١٩٢٦ع ڌاري ضلعي لوڪلبورڊ ڪراچيءَ جي اسڪول بورڊ جو چيرمن چونڊيو هوسون. هن سان منهنجا سولوي فتح محمد سيوهاڻيءَ جي معرفت ۽ سنڌ محمدن ائسوسيشن جي سيڪريٽري هئڻ ڪري گهاٽا تعلقات ٿي ويا هئا. سندس زندگيءَ جو احوال ”جنب گذاريم جن سين“ ۾ ڏنل آهي. سندس چند خط هن ڪتاب ۾ ڏجن ٿا.

(١)

مرڪيولر مخفي

خورشيد لاج،
رام باغ روڊ، ڪراچي
١٣- آڪٽوبر، ١٩٢٥ع

بخدمت جناب صاحب من سلمه‘!

السلام عليڪم- جناب عالي تاريخ ٣ هلندڙ مهيني جي سنڌ محمدن ائسوسيشن جي مئنيجنگ ڪاميٽيءَ جي ميٽنگ ڪراچيءَ ۾ بندي جي بنگلي تي گڏ ٿي. آئي ڪراچي ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ جي پريزيڊنٽ جي چونڊ بابت، آن آفيشل طرح سان ذڪر هليو. مون کي ارشاد ٿيو ته سڀني ميمبرن اهل اسلام جي خدمت ۾

ڏينهن سومر جي، ٤ بجي شام جو، لاڙڪاڻي ۾ ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ جي بنگلي ۾ منعقد ڪئي ويئي آهي. تنهنڪري استدعا آهي ته مهرباني ڪري، تشريف فرمائي ممنون ڪندا.

ڪم:

١. سنڌ مدرسي بورڊ تي انسوسيشن طرفان ڇهه ميمبر چونڊڻ.
٢. سنڌ ملڪ کي بمبئي کاتي کان ڌار ڪري، جدا پراونس ڪجي، تنهن بابت صلاح مصلحت .
٣. ٻيو به جيڪو ڪم جناب پريزيڊنٽ صاحب پيش ڪري.

العبد، ولي محمد حسنعلي

(٥)

١٩٢٧ع

جناب عالي من دام لطفه!

السلام عليڪم - نوازش نامو پهتو، گهڻي مهرباني. آن جي جواب ۾ لکجي ٿو ته اسان کي اميد آهي ته جنهن صاحب جو نالو اوهان لکيو آهي، ان کان به ڪو بهتر آفيسر هن ضلعي کي ميسر ٿئي، تنهنڪري عرض آهي ته جيستائين سينئي اميدوارن جي لسٽ جناب ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر صاحب جن وٽان اچي، تيستائين مهرباني ڪري، ڪنهن کي انجام نه ڏيندا. اسڪولن جي بهتري انهيءَ ۾ آهي. آئيندي مالڪ آهيو. اسان مسٽر ڪنٽرئڪٽر صاحب کي لکيو آهي ته اهڙي ياداشت جلد موڪلي.

والسلام فقط بنده،

ولي محمد حسنعلي.

[نوٽ :- سون ڪيس تجويز موڪلي هئي ته شيخ عبدالحق کي جيڪب آباد مان گهرائي، ڪراچي ضلعي جو ائڊمنسٽريٽو آفيسر ڪري رکجي. هيءُ جواب انهيءَ سلسلي ۾ آهي.]

۾ چار مسلمان پائر گڏ ٿي، قومي مسئلن تي غور ۽ ويچار ڪريون ۽ مسلمانن جي تعليمي بهتريءَ لاءِ ڪي مفيد ڳالهيون سوچيون. انهيءَ حسن اتفاق جي موقعي تي آءٌ اوهان صاحبن، قومي ۽ اسلامي ڀائرن ۽ بزرگن ۾ محبت ۽ شفقت جي اميد رکي، عرض ٿو ڪريان ته مهرباني فرمائي، ۲۷- تاريخ صبح جو بوقت ۱۲ بجي منهنجي غريب خاني تي تشريف فرمائي، ماحاضر به تناول فرمائيندا ۽ خيالات ڪان به هڪٻئي کي بهرور ڪندا- پيو ته اجابت دعوت سان ضرور سرفراز ڪندا.

ٻيون عرض ته بهتر صلاح آهي ته انهيءَ ميٽنگ ڪان پوءِ ٻئي ڏينهن تي اسڪولبورڊ جي ميٽنگ ڪري، ڪي ضروري امور طي ڪري ڇڏجن- جهڙوڪ، ائڊمنسٽريٽو آفيسر ۽ سپروائيزرن جون جايون به پري ڇڏجن. چو ته بار بار اوهان صاحبن کي انهن ميٽنگن لاءِ ڪراچيءَ اچڻ جي ضرور تڪليف ڏيندي. اميد ته هيءَ صلاح اوهان کي پسند ايندي.

خاڪسار،

خادم قوم، ولي محمد حسنعلي

(۳) [ڪارڊ]

۴- اپريل ۱۹۲۷ع

جناب عالي!

تسليمات بعد عرض ته تاريخ ۱۱- اسڪولبورڊ جي ميٽنگ لاءِ ايندا. مهرباني ڪري، ڪراچيءَ ۾ مون وٽ رهندا.

والسلام.

بنده ولي محمد حسنعلي

(۴) [ڪارڊ]

ڪراچي

۲۴- اپريل، ۱۹۲۷ع

جناب عالي من سلمهٗ!

سنڌ محمدن ائسوسيشن جي ميٽنگ تاريخ ۲- مئي ۱۹۲۷ع،

ڪل ٣٠ روپيا چندو، ھن خط پهچڻ شرط ھڪدم مني آرڊر ڪري، موڪلڻ فرمائيندا.

زياده خير والسلام.

بنده،

ولي محمد حسنعلي.

(٨) [انگريزي]

ڪراچي،
٢٢- مارچ، ١٩٢٨ع

مون کي اميد آھي ته توھان ھيڊ ماستر من کان منھنجي ۽ ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر جي من اچڻ جو احوال ٻڌو ھوندو، ته ٢٨ تاريخ مارچ تي من جي جلسي ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ اچي رھيا آھيون.

اسان من ۾ ھڪ ڏينھن رھنداسون- وھبو توھان وٽ ٿي، مھرباني ڪري، ٢٨ تاريخ اتي رھندا. توھان جو اسٽئنڊنگ ڪاميٽيءَ جي ميٽنگ ۾ حاضر رھڻ تمام ضروري نه آھي، پر جيڪڏھن چڱو ڪم ھجي، ته پوءِ ڀلي حاضر رھجو.

ولي محمد حسنعلي،
چيئرمن، اسڪولبورڊ، ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ،
ڪراچي.

(٩) [ڪارڊ]

ڪراچي،
٢٥- آڪٽوبر، ١٩٢٨ع

جناب عالي من سلمه،

بعد از تسليمات جي واضح ھجي ته جناب گورنر صاحب

[ڪارڊ] (٦)

ڪراچي،
٢٧- آڪٽوبر ١٩٢٧ع

جناب عالي من سلمه،

بعد از اشتياق ملاقات ۽ سلامن جي لکجي ٿو ته اوهان صاحبن ذاتهن ڏه خط اڳ خدمت ۾ عرض رکيل آهن، جن جو جواب اڄ ڏينهن تائين مرحمت ڪونه ٿيو آهي. اسان کي ائڊريس ڇپائڻ وقت انهن صاحبن جا نالا ڏيڻا آهن، جي صاحب شريڪ ٿيندا. وقت تمام تنگ ٿيندو ٿو وڃي، تنهنڪري اوهان صاحب هن خط ڏسڻ شرط واپسي ٽپال ۾ سڌ ڏيندا، ته اوهين جناب وائسراءِ هند جي ائڊريس وقت هت اچي شامل ٿيندا يا نه؟

٢- اوهان صاحب مهرباني ڪري سنڌ محمدن ائسوسيئشن جو چندو ٢٠ (ويهه) روپيا ۽ ائڊريس ۾ شامل ٿيڻ جو چندو ڏهه (١٠) روپيا، واپسي ٽپال ۾ مني آرڊر ڪري موڪلڻ فرمائيندا.

و السلام-

العبد ولي محمد حسنعلي،
سيڪريٽري، محمدن ائسوسيئشن، ڪراچي.

[ڪارڊ] (٧)

٨- نومبر ١٩٢٧ع

جناب عالي من سلمه،

بعد سلامن جي واضح هجي ته اوهان صاحبن جو ائڊريشن ڪارڊ، جناب وائسراءِ هند جي ائڊريس ۾ شريڪ ٿيڻ جو، اسان وٽ رکيل آهي، جو اوهان صاحبن کي هت ڪراچيءَ ۾ ڏنو ويندو. اوهان صاحب مهرباني ڪري، ائسوسيئشن جو ۽ ائڊريس جو

مباحثو ڪري، ڪو پروگرام ٺاهي ونجي.

آءٌ هي ظاهر ڪرڻ کان رهي نٿو سگهان ته اوهان جي خط ۾ پيش ڪيل پروگرام تمام وڏو آهي. آءٌ اوهان کي نهايت خوش نصيب سمجهندس، جيڪڏهن اوهان ان مان صرف ٻه ٽي نڪتا حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو!

منهنجي ناچيز راءِ موجب، ڪراچي ضلعي جي رهاڪو سنڌي مسلمانن جي اولين ۽ اهم گهرج ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي تعليم ڏيارڻ آهي.

منهنجي راءِ موجب ٻئي ڪنهن به صوبي کي مفت ۽ زوري تعليم جي ايتري ضرورت نه آهي جيتري سنڌ کي آهي. ان جي شروعات سيڪنهن ضلعي ۾ اول ڇوڪرن کان ڪجي. پر جيئن ته اوهان ڄاڻو ٿا ته ان سوال جو گهڻو مدار پئسي تي آهي، ان ڪري اوهان جهڙي لائق ۽ پرجوش پريزيڊنٽ جو پهريون فرض اهو آهي ته اوهان پنهنجي بورڊ کي تحريص ڏياريو ته لوڪل فند کي وڌائي، جيئن زوري تعليم جو بوجو برداشت ڪري سگهجي. جيڪڏهن اوهان سرڪار جي فندن منظور ٿيڻ تائين انتظار ڪندا، ته پوءِ اهو مقصد قيامت تائين پورو ٿي ڪونه سگهندو.

ٻي اهم ڳالهه تعليم جو نصاب آهي، جو منهنجي ناقص سمجهه موجب موجوده وقت لاءِ نهايت ناموزون آهي. گذريل اسڪولبورڊ جي ميمبر جي تجربي بعد، توهان کي پتو پيو هوندو ته، مختلف سببن ڪري، انهيءَ ۾ ڪهڙيون تڪليفون ۽ رڪاوٽون درپيش هيون، جي تعليم کاتي کي لوڪل اٿارٽيءَ ۽ حڪومت طرفان لاحق ٿيون ٿي. اسان کي تعليم جي سرشتي مدارڻ لاءِ ڪا به آزادي ڪانه هئي.

مون کي اميد آهي ته توهان جهڙي جوشيلي ۽ همدرد

بمبئيءَ جا، ٣١- آڪٽوبر ١٩٢٨ع هت ڪراچيءَ ۾ وارد ٿيندا ۽ کين مرحبا جي ائڊريس ساڳيءَ تاريخ، ١١ بجي، فريئر هال ۾ سنڌ محمدن ائسوسيئشن جي طرفان ڏيڻي آهي. جنهن بابت مهربان مسٽر محمد ايوب کهڙي صاحب اوهان جي خدمت ۾ اڳي لکيو آهي. پر اجا اوهان وٽان نه ١٠ روپيا خرچ بابت پهتا آهن، نڪو اطلاع پهتو آهي، ته اوهين انهيءَ موقعي تي تشريف آڻيندا. مهرباني ڪري، هن نيازنامي پهچڻ شرط، ١٠ روپيا خرچ بابت مني آرڊر طور موڪلڻ فرمائيندا، ۽ پڻ اطلاع ڏيندا ته انهيءَ موقعي تي اوهين صاحب ايندا يا نه؟ مهرباني ڪري، مٿين تاريخ ٣١ تي صبح جو پوري ١١ بجي، فريئر هال ۾ تشريف فرمائي، ممنون ڪندا.

– ولي محمد حسنعلي

(١٠) [انگريزي]

ڪراچي
١٠- جنوري ١٩٢٩ع

طرفان: خانبهادر ولي محمد حسنعلي،
چيرمن، ڊسٽرڪٽ اسڪولبورڊ، ڪراچي

ڏانهن: غلام مرتضيٰ شاهه،
پريزيڊنٽ، ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ، ڪراچي

پيارا سائين!

اوهان جو آن- آفيشل ليٽر، ١- تاريخ وارو مليو. مون کي اوهان جي ضلعي جي عوام جي حالت دوست ڪرڻ جي مقصدن ۽ مرادن سان پوري همدردي آهي. منهنجي تجويز آهي ته هڪ چند تجربيڪار دوستن جي ميٽنگ سڏايو، جنهن ۾ بحث

طيب علي علوي

سيٺ طيب علي علي ڀائي علوي ڪراچيءَ جي بوري جماعت جو سڪ ساٿو تي گذريو آهي. نوي ورهين جي عمر ۾ سال ١٩٦٤ع ۾ وفات ڪيائين. مون سان سندن مشفقانو رستو آخر دم تائين. قائم رهيو. هو علم دوست، محنتي، بي غرض دوستيءَ جو سچو ۽ انٿڪ قومي ڪارڪن هو. سندس زندگيءَ جو احوال "جنب گذاريم جن سين" ۾ ڏنو اٿم. هتي سندس اوائلي خطن مان ٥ خط پيش ڪريان ٿو.

[انگريزي] (١)

ڪراچي
٩- اپريل، ١٩٢٨ع

پيارا ڀاءُ!

هيءُ خط لکي رهيو آهيان، ته مهرباني ڪري مسلم ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽيءَ جي ميٽنگ ۾ اچي شريڪ ٿيندا، جا ١٤- اپريل، ٦ بجي، ميسرس علي ڀائي ڪريمجيءَ جي آفيس، نيپيئر روڊ تي سڏائي رهيا آهيون. ميٽنگ ۾ ضرور ايندا، جو اڄ اهم سوال فيصل ڪرڻا آهن.

اوهان جو مخلص،
طيب علي علوي

پريزيڊنٽ جي موجودگيءَ ۾، تعليم ڪاتو وڏيڪ فائدو حاصل ڪري سگهندو.

اوهان جو مخلص،

ولي محمد حسنعلي

(١١)

ڪراچي

٢، فيبروري ١٩٢٩ع.

طرفان: جناب بهادر ولي محمد حسنعلي

چيرمن، ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ، ڪراچي

ڏانهن: جي - ايم - سيد

پريزيڊنٽ، ضلعو لوڪلبورڊ، ڪراچي

پيارا سائين!

توهان جي خط نمبر ٢٦٣٩، ٢٩- جنوري ١٩٢٩ع جي جواب ۾ شڪريو ادا ٿو ڪريان، جو اوهان پنهنجي پروگرام جي نڪتن تي غور ڪرڻ لاءِ مون کي ميٽنگ ۾ گهرايو آهي، پر افسوس اٿم، جو وقت ۽ جاءِ موزون نه هئڻ ڪري آءٌ ميٽنگ ۾ حاضر ٿي نه سگهندس.

ازانسواءِ، آءٌ پروگرام تمام وڏو ٿو ڏسان، جنهن جو حاصل ٿيڻ ڏکيو آهي. گهڻو ڪري سڀئي سوال گهڻي پيسي جا محتاج آهن، انهن جو حاصل ڪرڻ مشڪل ٿيندو.

ان کان سواءِ آءٌ صرف تعليمي ماهر هئڻ جي حالت ۾ (جيڪڏهن آءٌ پاڻ کي انهيءَ لسٽ ۾ شمار ڪريان)، سمجهان ٿو ته جيڪي به توهان جي خط ۾ ڄاڻايل پيا مسئلا آهن، تن جي سرانجاميءَ يا مشوري لاءِ آءٌ ڪارگر ٿي نه سگهندس- خاص طور تي سماجي ۽ اقتصادي حالتن جي سلسلي ۾، جي پروگرام ۾ شامل آهن.

اوهان جو مخلص،

ولي محمد حسنعلي

(٣)

١٣- آگسٽ، ١٩٢٨ع

حضرت شاه صاحب!

السلام عليڪم-

اوهان جو نوازش نامو پهتو، مگر حيرت ٿي، جو اوهان لکيو آهي ته مون اوهان کي ياد نه ڪيو آهي. هوڏانهن برابر ٻه خط اوهان ڏانهن موڪليا اٿم، جن مان هڪ ۾ ڪليڪٽر جو آرڊر به آهي، جو اوهان جي ملاحظي لاءِ موڪليو اٿم. ڳالهه هيئن آهي ته فقير بخش ڪاڇيءَ کي منهنجي مقابلي ۾ لوڪلبورڊ ۾ ويهڻ جي اجازت ملي آهي، باقي منهنجو ناسينيشن پيپر رد ڪونه ٿيو آهي. جنهنڪري اسان ٻئي چڪري ڪائينداسون. وڌيڪ وري پوءِ. اوهان جي ملاحظي لاءِ ڪليڪٽر جي آرڊر جو نقل موڪليان ٿو، ڏسي اطمينان ڪندا.

٢- اوهان جي مقابلي ۾ جاڪرو ويٺو آهي، تنهنڪري چڱو ٿئي ته فقير بخش يا جاڪري ٻنهي مان هڪ کي هٽ ڪٽائجي، ته پوءِ اسان کي ڪم ڪرڻ ۾ سهوليت ٿيندي. جاڪري بابت ڪليڪٽر جو خط اوهان کي مليو آهي يا نه مليو آهي، سو به لکندا.

اوهان جانچ ڪري اطلاع ڏيندا، ته منهنجا موڪليل ٻئي خط ڇو نه اوهان کي مليا آهن- حالات خيريت لکندا رهندا.

قاضي عبدالرحمان پڻ مون کي ٻڌايو ته هن به اوهان ڏانهن لکيو آهي. مهرباني ڪري جانچ ڪري ٻڌائيندا ته هي خط اوهان کي ڇو نه مليا؟ هڪ خط اوهان کي ٢- آگسٽ ۽ ٻيو خط ٧- آگسٽ تي موڪليو ويو هو.

اوهان جو مخلص،

طيب علوي

(۲)

حيدرآباد

۱- جولاءِ ۱۹۲۸ع دام لطفه'

جناب محترمي و مڪرمي شاه صاحب،

السلام عليڪم- هِي چار ڏينهن ٿيندا، صاحب جن کي هڪ خط ارسال خدمت ڪيو اٿم، جو اميد ته پهتو هوندو. ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ جي ووٽرن جي لسٽ ۾ منهنجو نالو داخل ٿي ويو آهي. هاڻي منهنجي ميمبري جي اميدواريءَ جو پيپر داخل ڪرڻو آهي . سون اوهان کي نامينيشن پيپر جو فارم به موڪلي ڏنو آهي. پر اوهان اڃا جواب ڪونه موڪليو آهي. هاڻي مهرباني ڪري جلد ئي ووٽر صاحبن جي دستخطن سان (هڪ پروپوز ڪندڙ ٻيو آن جي تائيد ڪندڙ) ڀري موڪلڻ فرمائيندا ته روبرو ڊپٽي ڪليڪٽر کي ڏيئي اچان . پر هي ماڻهو آهي خود موڪليندا، جن کي ڊپٽي ڪليڪٽر وٽ وٺي وڃڻو آهي. اها مهرباني اوهان ضرور ڪندا، جو ڪراچي وڃڻ کان اڳ مٿيان ٻه ماڻهو فارم سميت موڪلڻ فرمائيندا. چاڪاڻ ته آءٌ جيڪڏهن موٽي ڪراچيءَ ويس ته پوءِ وري اچڻ مشڪل ٿيندو.

حيدرآباد ۾ سون کي اوهان صاحب هيٺينءَ ائڊريس تي خط روانو ڪندا.

زياده خير و السلام.

– طيب علي ڀائي،
معرفت حسن علي شيخ علي ڀائي،
ڪنٽرئڪٽر، صدو بازار، حيدرآباد.

ملندو. منهنجو هڪ دوست مسٽر ڊبليو. اناوو، سيوهڻ وڃڻ گهري ٿو. هُو ٥-٦ نومبر تي بمبئي مان نڪرندو. هيءُ روسي، عربي ۽ پارسي ادب جو ڄاڻو آهي. هيءُ ڪجهه سال ڪلڪتي ۾ "رايل ايشياٽڪ سوسائٽي، بنگال" ۾ ڪم ڪندو هو. هن هن وقت بمبئيءَ ۾ ڪوجنا پيو ڪري، ۽ ڪجهه لکڻ چاهي ٿو. هيءُ سيوهڻ صرف ان لاءِ پيو وڃي ته آتي ڪي تصوف تي قلمي ڪتاب ڏسي سگهي. مهرباني ڪري، ولي محمد شاه کي لکندا ته هو مسٽر اناوو کي جيتري قدر ٿي سگهي ان ڪم ۾ مدد ڪري. آءٌ مسٽر اناوو کي لکان ٿو ته هو سيوهڻ لهڻ مان ميان ولي محمد شاه سان وڃي ملي، ڇاڪاڻ ته ٽائيم ڪونهي، جو توهان جي جواب جو انتظار ڪري بعد ۾ مسٽر اناوو کي لکان.

اميد ته خوش هوندا.

— طيب علي علوي

(۴)

-۲۳ آگسٽ، ۱۹۲۸ع

مشفق مهربان سيد غلام مرتضيٰ شاه صاحب — دام اقباله،!

بعد السلام عليڪم جي عرض ته هن کان اڳ به ۳ خط خدمت ۾ موڪليل آهن. تنهن کان پوءِ فقير بخش ڪاڇيءَ جيڪا اپيل ڪليڪٽر کي ڪئي هئي، اُن جو نيڪال جيڪو ڪليڪٽر صاحب ڪيو، تنهن جو نقل به توهان کي ڏياري موڪليم. قاضي صاحب ميان عبدالرحمان به توهان صاحبن کي ڪيترا خط لکيا — ڪم از ڪم ۴ ته منهنجي روبرو لکيائين. مگر توهان صاحبن نه ڪو منهنجي خط جو جواب موڪليو، نه قاضي صاحب جي خطن جو. گهڻي عرصي گذرڻ بعد توهان جو هڪ خط پهتو ۽ قاضي صاحب کي به توهان اهڙي نموني جو خط لکيو. ان کان پوءِ اسان علي محمد لائقپوريءَ کي هٿان تاريخ ۱۷- آگسٽ تي توهان صاحبن ڏي موڪليو ته سموري حقيقت توهان کي روبرو ٻڌائي ۽ اليڪشن جو به ڪم ڪري، جو اميد ته پهچي ويو هوندو ۽ اوهان جي هدايت موجب اليڪشن جو ڪم ڪندو هوندو. مهرباني ڪري اُن بابت وڌيڪ حال احوال جلد لکڻ فرمائيندا.

خاڪسار
طيب علي علوي

(۵) [انگريزي]

ڪراچي
-۳۱ آڪٽوبر، ۱۹۳۰ع

پيارا غلام مرتضيٰ شاه —

خبر نه اٿم ته سن آهيو يا ٻئي هنڌ.

مون کي اميد آهي ته هيءُ خط اوهان کي وقت تي



حاتم علي علوي




حڪيم عبدالخالق مورائي



سوامي گووند آنند



رستم خورشيد سڌوا



شيخ عبدالمجيد سنڌي

حاتم علي علوي

هيءُ منهنجو ذاتي دوست، سيٺ طيب علي علويءَ جو ننڍو ڀاءُ، وڏو عالم، صاحبدل ۽ سنو ڪارڪن هو. ڪراچي ميونسپالٽيءَ جو ميئر رهي چڪو هو. سندس وڌيڪ احوال "جنب گذاريم جن سين" ۾ ڏنل آهي.

مون سان ١٩٢٧ع کان واقفيت ٿيس ۽ دوستانو رستو آخر گهڙيءَ تائين قائم رکيائين. سندس سوين خط مون وٽ محفوظ آهن، جن مان چند اوائل جا خط هتي پيش ڪريان ٿو.

(١) [انگريزي]

ڪراچي

٢٢- ڊسمبر ١٩٢٨

پيارا دوست!

توهان جو خط پهتو. آءٌ اڄ شام جو "شيعا ڪانفرنس" لاءِ ٻاهر وڃي رهيو آهيان. سڪر ۾ شيعا ڪانفرنس جي سيڪريٽريءَ جي معرفت مون کي لکي سگهو ٿا. ڪانفرنس ٢٩ تي ٿيندي، ۽ پوءِ اسين اوهان وٽ سن ايندا سون. ٻه دوست مون سان گڏ هوندا. توهان اسان لاءِ انتظار نه ڪجو. اسين توهان کي منچر تي ٻه ملي سگهنداسون، پر اهو پاسو ڏٺل نه آهي، انهيءَ ڪري توهان ئي مهرباني ڪري خبر ڏيندا ته ڪهڙيءَ طرح اَچي ملجي.

توهان جو خدا جي ناليءِ ۾ دوست،

حاتم.

(٢) [انگريزي]

ڪراچي،
١- مئي، ١٩٢٩

پيارا دوست!

اها ڪيڏي نہ تعجب ڏياريندڙ ڳالهہ آهي، جو ٽن ٽن وارن دوستن مون کي پنهنجي پيتي اڃا نہ موڪلي آهي، مهرباني ڪري پيتي جلد موٽرائيندا، ٻہ هفتا گذري ويا آهن.

توهان جو،
حاتم.

(٣) [انگريزي]

١١- جون، ١٩٢٩ع

پيارا دوست!

توهان جي غيرموجودگيءَ ۾، توهان جي نالي سنڌ سينٽرل ڪوآپريٽو بئنڪ جو هڪ شيئر (Share) اوهان لاءِ ورتو اٿم. ڊائريڪٽرن کي پنجاهہ روپين جي هڪ حصي کان وڌيڪ وٺڻ جي ضرورت نہ آهي. جنهن صورت ۾ هتي موڙي جمع ڪرڻ جو سوال نہ آهي، ان ڪري مون هڪ حصو ١٠ روپئين جو ورتو آهي.

مون اوهان جي ڪار جي پوشن لاءِ درزيءَ سان بندوبست ڪري ڇڏيو آهي ۽ ڪپڙو بہ ورتو اٿم. اميد تہ منهنجي هدايت موجب پنهنجو ”شوفر“ ڪار ڪٺي درزيءَ وٽ ويو هوندو.

اوهان جو حاتم.

هتي اهي ئي ساڳيون حالتون آهن، جيڪي اوهان هوندي
هيون. دنيا ڪي ساڳيءَ طرح هلڻ جو عجيب صبر آهي!

شفيع دائوديءَ ۽ مرتضيٰ منگهي پير تي هلڻ لاءِ چيو، ان
ڪري گذريل خميس تي مون اوهان جي موٽر گهرائي ورتي، پر
اهو پروگرام ڪونه بيٺو، ۽ ان جي عيوض ڏسلوٽيءَ وياسون.

گذريل رات طيبجيءَ وارن لطيف ۽ اسان کي ڊنر تي
گهرايو هو. اهو منهنجي ڪارگذارين جو هڪ حصو آهي. اوهان
کي پڪ هئڻ گهرجي ته دل جي ڪوجنا به هلي رهي آهي.

توهان جي غير حاضريءَ ۾ آءٌ قاضيءَ وارن کي ملي
ڪونه سگهيو آهيان.

— حاتم.

[انگريزي] (٦)

ڪراچي
٢٧- سيپٽمبر، ١٩٢٩ع

پيارا دوست!

توهان جو محبت ڀريو خط مليو.

مون اڄ صبح جو پنهنجي اسڪول جو متو ”محبت ۽
خدمت“ تجويز ڪيو آهي. پر اهي ڪهڙي نموني خدمت ڪري
سگهندا، جن وٽ محبت نه آهي، ۽ محبت جو ثبوت تيستائين
ڪيئن ملي سگهندو، جيستائين اسان خدمت نٿا ڪريون؟

هن خط سان گڏ هڪ رپورٽ جي ڪاپي، جا اسان
پنهنجي اسڪول جي ڪم جي تيار ڪئي آهي، اوهان ڪي
موڪليان ٿو.

توهان کي معلوم آهي ته هتي عام جذبو اهو پاتو
وڃي ٿو ته آءٌ مسلمانن جي مفاد لاءِ ڪم نٿو ڪريان. جيتوڻيڪ

(۴) [انگريزي]

ڪراچي،
۴- جولاءِ، ۱۹۲۹ع

پيارا دوست!

آءٌ ساڍين ۷ بجي ”ايئرو ڪلب“ جي ميٽنگ تان ٿي، اوهان وٽ ايندس. اڄ ڊرگ روڊ طرف گهمڻ هلنداسون، جيڪڏهن ۵ بجي اچي ويس ته اڳ ۾ هلنداسون.

قلم تازو- مون کي خبر نه آهي ته مرزا قليچ بيگ وفات ڪري ويو آهي.

اوهان جو حاتم.

(۵) [انگريزي]

ڪراچي،
۲۶- آگسٽ، ۱۹۲۹ع

پيارا دوست!

توهان جو خط پهتو، ان لاءِ آءٌ ڪجهه نه چوندس- عرضدار کي ڪجهه به ظاهر ڪرڻو نه آهي. خالق پنهنجي رضا آهر، تنهنجي شهر ۽ اسان جي صوبي تان سڀ تڪليفون دور ڪندو. چئو آمين!

مون شاهنواز شاهه سان به طويل ملاقاتون ڪيون آهن. شايد اوهان کي خبر هوندي ته ميران محمد شاهه هتي هو، اوهان جي بنگلي تي فنڪشن ۾ مليا هئاسون. ان بعد ساڳيءَ ڏي شام جو گربخشاڻيءَ جي دعوت تي ملياسون. شاهنواز شاهه کي ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ جي ايندڙ ميٽنگ جو پتو آهي الائي نه؟ ڪلفٽن تي موٽر ۾ وڃي رهياهئاسون ته مون ڪيس ان بابت ٿورو اشارو ڏنو هو.

آءٌ سمجهان ٿو، اوهان کي تندرستي برقرار رکڻ جي ابتدائي اصولن جي به ڄاڻ نه آهي. توهان تندرستيءَ جي بحاليءَ طرف ڌيان ئي ڪونه ٿا ڏيو. اڃا نوجوان آهيو، پر ان جو اثر پوڙهپڻ ۾ پوندو.

تپ کان ڪوئنين وٺي رهيا آهيو يا نه؟

— حاتم.

(٨) [انگريزي]

ڪراچي
٨- فيبروري، ١٩٣٠ع

پيارا دوست!

آءٌ ڪالهه صبح جو هتي پهتو آهيان. وقت نه ملڻ ڪري اوهان سان ملي نه سگهيس. آءٌ اڄ ئي واپس وڃڻو آهيان.

معلوم هجي ته مون کي اڄ اڍائي بجي ڪوآپريٽو انسٽيٽيوٽ جي ميٽنگ ۾ وڃڻو آهي، ٣ بجي بئنڪ مئنيجر سان ۽ ٤ بجي رجسٽرار سان ملڻو اٿم. ٥ بجي ٿياسافيڪل هال ۾ ڳوٺاڻين زالن جي سڌاري لاءِ ائسوسيئشن جي ميٽنگ آهي، جنهن ۾ پروفيسر ڀيرواڻي شڪارپور کان ۽ مس ڀگت حيدرآباد کان ايندا. اميد آهي ته مشوري بعد، ڳوٺاڻين زالن جي سڌاري لاءِ ڪجهه پروگرام ٺاهي سگهنداسون.

منهنجي خواهش آهي ته پاڻ ٻارهين بجي کان اڳ ملون، جو ڪيترن ئي مسئلن تي ڳالهائڻو آهي. مون کي خبر آهي ته اڄ توکي مئنيجنگ ڪاميٽيءَ جي ميٽنگ ۾ وڃڻو آهي ۽ شايد شام جو واندو نه ٿي سگهين— ان ڪري اميد ته ٽائيم بچائي، مون وٽان ڪم از ڪم اڌ ڪلاڪ ڪن ۾ ٿي ويندين.

جي - ايم- سيد

اها سراسر تهمت آهي. ڪراچي ايگزيڪيوٽو ڪاميٽيءَ طرفان مقرر ڪيل ڊسٽرڪٽ رليف ڪاميٽيءَ ۾ چيرمن، سيڪريٽري ۽ ميمبر مون سڀ مسلمان رکيا آهن، جنهن تي هندن طرفان سخت احتجاج ٿيو آهي. اِن معاملي تي، جڏهين روبرو ملنداسون تہ ڳالهائينداسون.

مٿين رپورٽ، گشت تان موٽڻ بعد، هڪ نئي ڏينهن ۾ ڊرافٽ ڪري، ڇپي ۽ ورهائي ويئي.

جمشيد ڪوارٽرز ۾ جملي ٢ لک، ٥١ هزار وال زمين ورهائي ويئي آهي، جنهن ۾ مسلمانن کي صرف ١١ هزار وال ڏني ويئي آهي. آءٌ ڪين چئي رهيو آهيان تہ مسلمانن سان انصاف ڪن، تہ تہ ٻيءَ صورت ۾ اسان ڪليو ڪلايو مقابلو ڪنداسون.

زال، شراب ۽ راڳ ڪان منواءِ، ٻي ڪهڙي ڳالهہ آهي، جا پاڻ وسارڻ سيکاري ٿي؟ جيڪڏهن سڀڪجهہ هڪڙو ئي آهي، تہ پوءِ هي مسلسل جدائيءَ جو خيال ڇو آهي؟ محبت ڪجي ۽ برداشت ڪجي. اهو مسئلو جو غور هيٺ هجي، ان ۾ ايستائين اميد رکجي، جيستائين اميد ماڻهوءَ کي ڪمزور مان سگهارو بنائي سگهي.

تنهنجو،

خُدا جي راهہ ۾ دوست

حاتم.

[انگريزي] (٧)

٧- ڊسمبر، ١٩٢٩ع

پيارا دوست!

توهان جو خط مليو. ڪرشنا مورتي بيمار آهي، آن ڪري سنڌ ۾ نٿو اچي. تنهنڪري، ڪيترائي نا اميد ٿيا آهن.

[انگريزي] (۱۱)

۲۳- اپريل ۱۹۳۰ع

پيارا دوست!

هينئر هينئر توهان جو خط مليو اٿم. مون هن وقت تائين اوهان کي خط ڪونه لکيو، ڇاڪاڻ ته آءٌ ڪوشش ۾ لڳو پيو هوس. جمشيد وٽ وڃي، ڪيس سڀ ڳالهه سمجهايم. انهيءَ وچ ۾ ايسٽر جي موڪل ٿي ويئي. هيءَ وري پيو دفعو ڪمشنر وٽ ويو، پر هُو توهان کي ميونسپالٽيءَ تي نه ڪٽڻ جو فيصلو ڪري چڪو آهي. مسٽر پرائيس، رچرڊسن، پرتاب سنگهه، ڊاڪٽر اتم سنگهه ۽ گبول ميونسپالٽيءَ تي ناسينيٽ ڪيا ويندا. اوهان چيو ته گزدو مون وٽ ملڻ ايندو، پر نه آيو. "الوحيد" مان ڪابه اميد رکڻ نه کپي.

قاضيءَ جي درخواست، ڊسلوافائيل ڪري ڇڏي. آن بعد مون آها "سنڌ آبزوور" ۾ ڇپڻ لاءِ موڪلي ۽ ان مسئلي تي منهنجي ۽ جمشيد جي وچ ۾ جا لکپڙهه ٿي، سا به موڪليم. اهو سڀڪجهه اخبار ۾ ڇپيو ويو. ان بعد قاضيءَ وري پيءَ اخبار ۾ جواب ڏنو آهي ته جمشيد ڪوڙو آهي. اسان ڪيس جواب ڏيڻ نٿا گهرون. جيڪڏهن هو ڪورٽ ۾ وڃڻ چاهي ته پلي وڃي. ان لاءِ هڪ هفتو مُدو اٿس.

توهان جو سروير مون وٽ خبر چار لاءِ اچڻو هو، پر ڪونه آيو. مون کي ڪا خبر نه آهي ته جاءِ جو مالڪ منيوالا مونيو آهي يا نه؟

حاجي عبدالله هارون گول ميز ڪانفرنس ۾ وڃڻ گهري ٿو، ۽ شايد ڪامياب ٿئي. اهو چڱو ٿيندو. مون اوهان کي ٻڌايو هو ته اوهان زميندار گڏجي، پنهنجو ڪو عيوضي موڪلڻ جي ڪوشش ڪريو. جيتوڻيڪ اها ڳالهه اوهان جي هٿ ۾ نه آهي، پر گول ميز ڪانفرنس ۾ توهان طرفان سنڌ جي جدائيءَ

[ساڳئي خط تي]

صبح جي مئنيجنگ ڪاميٽيءَ جي ميٽنگ مان واندو ٿي، سڌو اوهان سان اچي ملندس.

— حاتم

[انگريزي] (۹)

ڪراچي
۲۶- مارچ، ۱۹۳۰ع

پيارا دوست!

اڄ رات، گاڏي ليٽ هئڻ ڪري، ۱۲ بجي پهتو آهيان. مسٽر ميرچندانيءَ، اچوڪو ڏينهن، ۴ بجي ابراهيم حيدريءَ هلڻ لاءِ مقرر ڪيو آهي. ڇو ته اچ سڀ مير بحر عيد لاءِ آيل آهن، ان ڪان پوءِ سيئي مڇي مارڻ لاءِ ٻاهر نڪري ويندا. اسان ڪين چوائي موڪليو هو ته ساڻن ملڻ اچي رهيا آهيون. اچ مسٽر قاضي عبدالخالق اوڏانهن ويل آهي. اميد ته توهان اسان سان گڏجي هلندا ۽ نا اميد نه ڪندا.

— جي - ايم - سيد

[ساڳئي پني تي] — مون کي ۴ بجي، گهران موٽر ۾ ڪنيو هلجو.

— حاتم

[انگريزي] (۱۰)

۱۲- مارچ، ۱۹۳۰ع

پيارا دوست!

مون اڄ صبح جو گبسن سان گفتگو ڪئي آهي. آءٌ ۱۵- تاريخ ڇنڇر ڏينهن، ۲ بجي وڃي رهيو آهيان. اميد ته ان کان اڳ ۾ هڪڙي ڀيرو سان ملڻ ٿيندو.

سلام چاڳلا ۽ نور شاه کي ڏج ۽ پاڻ به مطالع ڪج.

— حاتم

[انگريزي] (۱۲)

کراچي
۲۹- اپريل، ۱۹۳۰ع

پيارا دوست!

اوهان جو ۲۶- تاريخ وارو خط پهتو-

توهان کي اها خبر تہ ضرور هوندي، تہ عبدالله هارون هئي آچر تي، سر محمد شفيع ۽ مسٽر جناح کسي سکر ۾ لنچ ڏني آهي. آتي اهي سکر براج جي سوال تي غور ڪندا، ۽ گول ميز ڪانفرنس ۾ عيوضي موڪلڻ بنسبت صلاح مشورو ڪندا. هُن گهڻن زميندارن کي گهرايو آهي ۽ سنڌ محمدن ائسوسيشن جي ميٽنگ بہ سڏائي اٿس. اوهان بہ شايد اتي وڃو!

اوهان جو اسڪولبورڊ تي هئڻ ڪو ضروري نہ آهي. منهنجي سمجهہ موجب، جيڪڏهن مسلمانن ۾ ڪو سياسي فڪر آهي تہ انهن مان هڪ کي استعيفا ڏيئي، اوهان کي ميونسپالٽيءَ تي آڻڻ گهرجي. سرڪار طرفان اوهان کي ميونسپالٽيءَ تي نہ چونڊڻ جو اهو ئي جواب ڏئي سگهي ٿو. اهو تڏهن ٿيندو، جڏهن اوهان هتي اچو، جيڪڏهن پيو ڪو ان لاءِ تيار نہ ٿيو، تہ پوءِ لاچار مون کي استعيفا ڏيڻي پوندي. اها مون لاءِ نهايت خوشيءَ جي ڳالهہ ٿيندي، جو آءٌ پنهنجي دوست لاءِ ڪا جاءِ خالي ڪريان.

اسڪول بورڊ لاءِ مون صادق عليءَ سان وعدو ڪيو آهي تہ هو اسان جي ووٽن کان سواءِ اچي نہ سگهندو. باوجود ان جي، توهان جڏهين هتي ايندا تہ ان معاملي تي گفتگو ڪنداسون. مخالف، طيب عليءَ جي برخلاف بہ، اميدوار ڪٿو ڪري رهيا آهن.

دل مجروح اٿم، پر مک تي مرڪ آهي.

تنهنجو دوست، حاتم.

لاءِ پروپيگنڊا، تہ ٿي سگھندي.

جنھن ڳالھہ جو مون کي گھڻو فڪر آھي، سو مڪر براج جو معاملو آھي. آءٌ نٿو ڄاڻان تہ سنڌ ۾ ڪو ھڪ بہ اھڙو مسلمان ھجي، جنھن کي سنڌ جي مستقبل بابت ڪجھہ خبر ھجي. آءٌ ڏسان پيو تہ سنڌ جي مسلمانن جي زندگي سکر براج تي مدار رکي ٿي ۽ ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ اھي ئي ان بابت وڌيڪ سست آھن.

سر ويب، يورپين جي فائدي لاءِ، ھڪ سنڊيڪيٽ ٺاھڻ جي ڪوشش پيو ڪري. لالجي نارائڻجي، بمبئيءَ جي ھندو مل اونرس جي فائدي لاءِ، بمبئيءَ ۾ ساڳيءَ لائين تي ڪم ڪري پيو. مون کي ڊپ صرف اھو آھي، تہ جيستائين اسين سجاڳ نہ ٿينداسون، تہ اھي سنڌ جي مستقبل مان فائدو حاصل ڪري ويندا. اسان جا مسلمان ڀائر وڃي هاري وھندا، جيئن ھينئر آھن. جيڪڏھن سنڌ جا وڏا زميندار اھو سمجھيو ويٺا آھن تہ براج جي زمين جو وڏو حصو کين ملندو، تہ اھا سندن ڀُل آھي. گورمينٽ انھن کي نہ ڏيندي. ڪيترن زميندارن وٽ بي انداز ملڪيت آھي. منھنجي راءِ آھي تہ انھيءَ پيسي مان سنڊيڪيٽ ٺاھي، مسلمانن لاءِ زمين حاصل ڪئي وڃي- زميندارن کي ان ڪم ۾ پنھنجو پيسو سيڙائڻ گھرجي. ھنن لاءِ زمين وٺڻ واسطي ان کان وڌيڪ فائدي واري ڳالھہ ڪا نہ ٿيندي. ھن کي پنھنجي پئسي جو فائدو ملندو، پر ان معاملي ۾ دلچسپي ڪير وٺي؟ منھنجي سمجھہ موجب، جي- ايم- سيد اڪيلو ئي آھي، جو ائين ڪري سگھي ٿو. اوھان لا تعداد جماعتون ٺاھڻ ڇڏي ڏيو. جو وقت انھن جي قاعدن قانونن جوڙڻ ۾ صرف ڪريو ٿا، سو بچايو. روزانو ڪيترا ڀيرا اسان نماز ۾ چئون ٿا تہ 'اسين تنھنجي عبادت ڪريون ٿا ۽ توکان ئي مدد گھرون ٿا.'

— حاتم.

پٽڻي ڪي سنڌ جي جدائيءَ متعلق ڏيٺو آهي. اوهان ڪي ٣٠ تاريخ تائين خطبي تيار ڪرڻ جو وقت ڏجي ٿو.

اهان جو

جي.ايم. سيد.

[ساڳئي خط تي]

پيارا دوست!

مون کي معلوم ٿيو آهي ته سنڌ جي جدائيءَ جو سوال ڪنهن به صورت ۾ گول ميز ڪانفرنس آڏو نه ايندو. پر جيڪڏهن ڪٿي اچي به، ته اسان هنن سان چانهه تي گفتگو ڪري سگهون ٿا. هن وقت واندا آهيو يا نه، ته ماما وٽ مسز طيبجيءَ جي ووٽ لاءِ هلون. ان کان پوءِ ميونسپل ڪارپوريشن جي ميٽنگ تي هلبو.

— حاتم

(١٥) [انگريزي]

ڪراچي

١٥- جنوري، ١٩٣١ع

پيارا دوست!

اوهان جو خط پهتو.

معاف ڪندا، آءٌ ٿي ڏينهن يعني آچر تائين ڪانگريس جي جلوس ۾ ضرور حاضر رهندس - امڪان آهي ته اتي لانگي چارج به ٿئي.

مسٽر سليويا هيءُ خط هٿو هٿ آڻي ٿو ۽ پنهنجو مسئلو به پيش ڪندو، آءٌ جڏهن مدرسي ۾ پڙهندو هوس، ته هيءُ مسٽر سليويا اسان جو استاد هوندو هو. اڄ جيڪڏهن منهنجي انگريزي چڱي آهي. يا هندستان جي تاريخ تي عبور اٿم، ته

(١٣) [انگريزي]

لتو لين، ڪراچي،
٢٩- جون، ١٩٣٠ع

پيارا دوست!

اوهان جو خط پهتو- آءٌ اوهان وٽ خوشيءَ سان اچان ها، پر سڀاڻي ڪلفٽن تي راڌا سواميءَ سنت جي ليڪچر ٻڌڻ لاءِ ٽائيم مقرر ڪيو آهي. منهنجي ته مرضي هئي ته اوهان کي وٺي هلان ها ته جيئن هن کي ٻڌي سگهو، ڇاڪاڻ ته سندس تقريرون ٻڌڻ لائق آهن. آءٌ صبح جو ساڍي ٧ بجي تائين اتي هوندس. ساڍي ٩ بجي، سنڌ مدرسي ۾ اسٽئنڊنگ ڪاميٽيءَ جي گڏجاڻي آهي، جنهن ۾ پرنسپال جي مقرريءَ جو اهم سوال فيصل ٿيڻو آهي. ان ڪري جيڪڏهن واندا هجو ته ملجي، يا ڪو ٻيو ٽائيم جيڪو مناسب ٿي سگهي، مقرر ڪريو.

اوهان جو مخلص
جي.ايم. سيد.

[ساڳئي پني تي]
سڀاڻي ٧ بجي مون وٽ اچجو ته ڪلفٽن گڏجي هلنداسون، هيئنر ٻاهر پيو وڃان.

— حاتم

(١٤) [انگريزي]

ڪراچي،
٢٠- سيپٽمبر، ١٩٣٠ع

پيارا دوست!

مهرباني ڪري استقباليه خطبو لکو، جيڪو جناح ؟

(۱۷) [انگريزي]

ڪراچي ايدا ريو پوئر ويلفيئر انسوسيشن

۹- مارچ، ۱۹۳۱ع

پيارا دوست!

انسوسيشن لاءِ اوهان جو ساليانو چندو ڪونہ پياريو ويو آهي. هيءُ سال جو پويون مهينو آهي. آءُ اوهان کي هيءُ خط لکي، عرض ٿو ڪريان تہ مهرباني ڪري چندو جلد موڪلڻ فرمائيندا.

- حاتم علوي،

آنرري خزانچي، اسڪول فار بلائينڊ، ڊيف ۽ پوئر بوائز.

(۱۸) [انگريزي]

ڪراچي

۲۹- جون، ۱۹۳۱ع

پيارا دوست!

مسٽر دستور اوهان جي بئنڪ جي شخصي ميمبرن جي لسٽ موڪلي هوندي- ڪل ۳۰۰ آهن، هتي اليڪشن ورڪ هلي رهيو آهي. مهرباني ڪري توهان عظيم خان کي لکو ۽ پاڻ بہ ڪوشش ڪري، پنهنجي لشڪر سميت، چونڊ وقت پهچي وڃو. مون کي چيو ويو آهي تہ جهانگير پنٿڪيءَ خانبهادر عظيم خان کي دڙڪو ڏنو آهي تہ هو وزير کي ڀڏائيندو تہ خانبهادر ووٽرن تي زورباو آڻي، اليڪشن تي اثر وجهي رهيو آهي، ۽ ان ڪان سواءِ وزير کي چوندو تہ خانبهادر کي ميٽنگ ۾ اچڻ نہ ڏئي.

اهو سڀ هن استاد جي مهابي آهي. هيءُ هڪ بهترين. استاد آهي، سنڌس هيٺ اسان جي مدرسي ۾ ضروري آهي. مهراني ڪري، هن جي معاملي ۾ اهڙو قدم کڻجو، جيئن هيءُ سنڌ مدرسي ۾ ضرور رهي. نوازش.

توهان جو

حاتم.

[انگريزي] (١٦)

١٦- فيبروري، ١٩٣١ع

پيارا شاهه صاحب!

اوهان کي خبر هوندي ته ڪراچيءَ ۾ ڪو سٺي ۾ سٺو اسڪول آهي، جنهن ۾ معياري تعليم ڏني ويندي هجي، ته اهو اسان جو ڪراچي انڪيڊمي اسڪول آهي. ورهين کان اهو ادارو اسان هلائيندا پيا اچون. چند شخصن جي ڪلهن تي اهو بوجو ذرا ڳرو ٿي پيو آهي. ڪراچي ميونسپالٽيءَ سيڪنڊري اسڪولن کي گرانٽ ڏيڻ بند ڪري ڇڏي آهي، ان ڪري ته ويتر بوجهه زياده ٿي پيو آهي. خرچن برداشت ڪرڻ لاءِ اسان سوسائٽي جا نوان ميمبر حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون. آءٌ خط سان گڏ توهان کي هاءِ اسڪول جون رپورٽون ۽ پراسپيڪٽس (سول مٿا) به موڪليان پيو. اوهان ان جي قاعدن مان معلوم ڪري سگهندا ته آن جي ميمبر ٿيڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ چاليهه (٤٠) روپيا في ڏيٽي پوندي آهي. آءٌ اوهان کي ميمبر بنايان ٿو، ۽ اميد ٿو ڪريان ته في ڏياري موڪليندا.

توهان جو

حاتم.

ڪشمير تمام خوبصورت ملڪ آهي. آنهن جاين تي نه وڃجو، جتي سيڪو وينڊو آهي. آهي سڀيون جايون نه آهن. تون انهن کان دور، اڪيلو ٻاهر نڪري وڃج. سون کي اميد آهي ته انهن نظارن ۾ اوهان کي روح جي راحت نصيب ٿيندي. هن دفعي اوهان ڏکڻ کان وٺي آتر تائين ڏکهو سفر ڪيو آهي. جيتوڻيڪ روحاني طرح ڪيترو ٻه فائدو حاصل ٿيو، پر پئسي ۾ غريب ٿي ويندا.

اوهان جو

حاتم.

(٢٠) [انگريزي]

ڪراچي،

٩- جنوري، ١٩٣٢ع

پيارا کهڙا!

مون کي، گورنر بمبئيءَ کي محمدن ائسوسيئشن طرفان استقباليه ڏيڻ بابت، تنهنجو ڇپيل سرڪيولر ڪارڊ پهتو. آءٌ اوهان کي عرض ڪندس ته ائڊريس ۾ سنڌ جي جدا ٿيڻ بابت سرڪار جي شڪرگذاري ڪئي وڃي، پر ڇيو وڃي ته سيڪريٽري آف اسٽيٽ سنڌ جي صاف جدا ٿيڻ جي ڳالهه ظاهر نه ڪئي آهي، ان ڪري مسلمانن جي دل ۾ شڪ پيدا ٿي پيو آهي؛ ان لاءِ هزايڪسلنسيءَ کي گهرجي ته مٿينءَ اٿاوٽيءَ جي ڏيان تي آها ڳالهه آڻي، حڪومت طرفان اهڙو اظهار ڪرايو وڃي، ته سرڪار سنڌ کي مڪمل صوبائي خود مختياري ڏيئي، ١٩٣٤ع ۾ پين صوبن جهڙو صوبو بنائيندي.

توهان مهرباني، ڪري، سيڪريٽري مسلم ڪانفرنس کي لکي موڪليو ته آهي ان گمراهيءَ ۾ نه رهن، ته سنڌ ڪا واقعي

اوهان خانبهادر کي پڌايو ته هن جي دڙڪي جو اثر نه ٿيندو. پر جيڪڏهن هو مجبورا نه اچي، تڏهن به ووٽر موڪلڻ جي ڪوشش ڪري، جيئن ايندڙ چنچر ڏينهن هتي پهچي وڃن. سوسائٽيءَ وارن ميمبرن جي لسٽ اڳيئي خانبهادر کي موڪليل آهي.

اوهان جو خادم.

(۱۹) [انگريزي]

علوي منزل، ڪراچي
۱۰- آگسٽ، ۱۹۳۱ع

پيارا دوست!

مون کي اوهان جي لفافي تان اهو پڙهي، خوشي ٿي آهي ته اوهان ميڊنس هوٽل ۾ رهيا آهيو. ان مان معلوم ٿئي ٿو ته اوهان ڪارونيشن واري هوٽل ۾ رهيل آهيو. سمڪن آهي ته هڪ ٻه ڏينهن هجو، پر اهڙين هوٽلن ۾ رهڻ مان اوهان کي يورپي لوڪن جي رهڻي ڪهڻيءَ جو پتو پئجي سگهندو. آءٌ وڏيڪ ان ڪري خوش ٿيو آهيان، جو اوهان هن وقت ڪشمير ۾ آهيو. شايد مريءَ جي رستي ويا آهيو. اوهان لاءِ واپسي ايبٽ آباد جي رستي کان بهتر ٿيندي. باراسولا تائين "هائوس بوٽ" ۾ سير ڪجو ۽ پوءِ موٽر جي سواري ڪجو. ڪشمير ۾ گهمڻ جهڙا هنڌ ڪيترائي آهن، جهڙوڪ گلمرگ، گندوبل، اسلام آباد، ڪانگلن وغيره. هن وقت موسم بهترين آهي. اتي فروٽ تمام گهڻو ۽ سستو ملي ٿو، پر مٿان پالجي کي کوکا فروٽ جا گهر لاءِ وٺو- هڪ ته پاڙو مهانگو آهي، ٻيو ميوو رستي تي هتي پهچڻ کان اڳ سڙي ويندو.

توهان ڪشمير ۾ ان وقت ويا آهيو، جڏهين هندو مسلم فساد هلندڙ آهن. اوهان جتي به وڃو، ته آڏي محبت جو ٻج پوکجو- اتحاد ۽ امن جي گفتگو ڪجو.

ته ڪافي ڪجهه وجائي ويهنداسون. ان ڪري ضروري آهي ته ڪيئن به ڪري ”واسنا“ ۾ سيٽون وزرو ڪرايو.

تنهان جو حاتم

[انگريزي] (٢٢)

ڪراچي
٨- مارچ، ١٩٣٣ع

پيارا دوست!

اوهان جو خط پهتو. اوهان جيڪڏهن ڪراچي ضلعي لوڪلبورڊ جا چيرمن ٿي سگهو، ته پوءِ سندس تجويز ڀلي قبول ڪريو. پر جيڪڏهن خانبهادر [محمد پريل ڪلهوڙو] اهڙو پوڙهو آهي، جيئن اوهان لکيو آهي ته گهڻو وقت وهي نه سگهندو، ته پوءِ ڪهڙي ضمانت آهي ته هو ڪيل واعدا پورا ڪندو! ڇا هُو اهڙو ماڻهو آهي، جنهن جي وعدي تي اعتبار ڪري سگهجي؟ جيڪڏهن هُو جلدي مري وڃي، ته آيا پيو ڪو سندس اهڙو اثر وارو ماڻهو آهي، جو هن جي ڪيل واعدن جي پوئواري ڪري؟ جيڪڏهن سنهنجي سوالن جا جواب ”هائو“ ۾ هجن، ته پوءِ ڀلي سندس تجويز قبول ڪريو، پر جيڪڏهن ڀڪ نه هجي، ته پوءِ ڪوشش ڪريو پريزيڊنٽ ٿيڻ جي!

اوهان جو مخلص،

حاتم.

[انگريزي] (٢٣)

ڪراچي
٣- جون، ١٩٣٣ع

پيارا ڀاءُ!

مون کي معلوم ٿيو آهي ته اسان جي مخالفن، اسان جي

جدا ٿي ويئي آهي، ۽ مسلمانن جي ١٣ گهرن مان اها هڪ گهر پوري ٿي ويئي آهي، پر آهي اڃا به سرڪار ٿي زور وجهن ته اهڙو واضح اعلان ڪري، دلين مان شڪ دور ڪري.

اوهان جو حاتم.

[نوٽ:- هيءَ ڪهڙي ڏانهن موڪليل خط جي ڪاپي مون ڏانهن موڪلي، ڇيو اٿس، ته آءٌ به اِن ڏس ۾ ڪوشش ڪريان.]

(٢١) [انگريزي]

ڪراچي
١٦- فيبروري، ١٩٣٢ع

پيارا دوست

مون گهڻي ڪوشش ڪئي ته اوهان سان فون تي ڳالهايان، ۽ پروگرام وٺي پاڻ ۾ ملون، پر ڪامياب نه ٿي سگهيس. اميد ته اڄ شام جو جمشيد جي آفيس ۾ اوهان سان ملبو. ڪالهه توهان جو پيغام ريجهوءَ جي معرفت پهتو ۽ ان مطابق تنهنجي سيٽ اسٽيمر ”ويٽا“ ۾ ١٨- فيبروريءَ تي ٢ بجي رزرو ڪرائي ڇڏي اٿم. مون ڪوشش ڪئي ته ”واسنا ميل“ ۾ رزرو ڪرايان، پر جيئن ته ميران محمد شاهه اڳ ۾ ئي ”ويٽا“ ۾ سيٽ رزرو ڪرائي آهي، ان ڪري مون بهتر سمجهيو ته بمبئيءَ جي مسافريءَ ۾ اسان نيئي گڏ هجون.

جي - ايم. سيد

[ساڳئي پني تي]

”ويٽا“ بمبئيءَ ۾ گهٽ ڪري ١٢ بجي پهچندو آهي، يا اڃا به دير سان. صوبائي ڪائونسل جي ميٽنگ ١٢ بجي شروع ٿيندي. اوهان جيڪڏهن ميٽنگ اٽينڊ ڪري نه سگهيا،

(۲۵) [انگريزي]

۸- اپريل، ۱۹۴۱ع

پيارا دوست!

اوهان جو ۱- تاريخ وارو خط، رئيس احمد خان ساڪري واري مون وٽ آندو. مون هن کي قرض جي مهلت لاءِ ٽائيم وٺي ڏنو آهي. هن جي گهُر هئي ته قرض ۾ ڇوٽ به ملي ۽ قسطون به ڏينس.

توهان جو ٻيو خط، ٦ تاريخ، فقير محمد مگريو مون وٽ کڻي آيو. سندس سوال کي مسٽر دستور وٽ پيش ڪيم- مسٽر مگرٽي مون کي جيڪي ڳالهيون ٻڌايون هيون، سي غلط ثابت ٿيون. مسلمانن مان ٻي ڪهڙي توقع رکي ٿي سگهجي؟ ازانسواءِ، غلانبي شاهه ۽ محمد حيات جوڻيجو ٻيئي هن جي برخلاف آهن. باوجود ان جي، آءٌ جيترو ٻهچي سگهيو، سندس مدد ڪندس.

ٻيءَ خميس تي اخبارن ۾ قـرآن جي معنيٰ تي منهنجو مضمون ايندو. پڙهڻ بعد، اوهان جي راءِ معلوم ڪرڻ گهران ٿو. مون اوهان جو مضمون "مسلم وائيس" ۾ پڙهيو آهي.

مون کي تعجب آهي، اوهان مدراس ڇو نه ويا. جيڪڏهن اوهان آل انڊيا سوالن ۾ پورو پارٽ ادا ڪرڻ گهرو ٿا، ته اهڙا موقعا و ڄائڻ نه گهرجن. اِن مان اوهان جو تجربو وڌندو.

اوهان جو مخلص حاتم.

[نوٽ:- آل انڊيا مسلم ليگ جو اجلاس هو، آءٌ کن مجبورين ڪري وڃي نه سگهيو هوس. اُن بابت لکيو اٿس.]

اسڪول بلڊنگ خلاف، ڪمشنر کي درخواست ڪئي آهي،
مهرباني ڪري جانچ ڪري ڏيندا ته اها ڳالهه ڪيتري قدر
درست آهي.

اوهان جو
طيب علي علوي.

ساڳئي خط ۾

پيارا دوست!

جڏهن اوهان انصاريءَ وٽ وڃو ته مهرباني ڪري هن
معاملي بنسبت مڪمل معلومات حاصل ڪندا. آءٌ سوائين پنجين
بجي اوهان جي جاءِ تي خبر وٺڻ ايندس. اگر سمڪن ٿي سگهي،
ته درخواست جي ڪاپي پاڻ سان کنيو ويندا.

ـــ حاتم.

(٢٤) [انگريزي]

علوي منزل، ڪراچي
٨- جون، ١٩٣٤ع

پيارا سائين!

"ينگ مين بورا ائسوسيشن"، سر شاهنواز خان ڀٽي کي
بمبئيءَ جي گورنر ٿيڻ تي، ڪراچي ڪلب ۾ اربع ڏينهن، ١٣-
جون ١٩٣٤ع تي هڪ بجي دعوت ڏيئي رهي آهي. آءٌ چاهيان
ٿو ته آتي وڏ ۾ وڏ ماڻهو اچن.

آنرري سيڪريٽري مسٽر صادق علي شيخ غلام حسين کي
آنهن ماڻهن جو اطلاع ڪرڻو آهي، جي اچڻا آهن. جيڪڏهن
اوهان کي ڪو ماڻهو آڻڻو آهي ته آن لاءِ هن کي اطلاع ڪري،
٣ روپيا ڏانهس ڏياري موڪليندا.

اوهان جو حاتم.

مون کي توهان سان تبادلہ خيالات جو گھڻو شوق آهي. مگر افسوس جو اڳئين دفعي موقعو نہ ملي سگھيو. اميد تہ توهان جي هت اچڻ تي ضرور پاڻ لاءِ اها خوش قسمتي حاصل ڪندس.

توهان جو مخلص،

قاضي خدا بخش

(٢)

ڪراچي

١٠- ڊسمبر، ١٩٢٦ع

مڪرمي جناب شاه صاحب!

بعد سلامن مسنونن جي عرض تہ عبدالرحيم اڄ هت پهتو- چيائين تہ ڪن مڪاني ماڻهن طرفان ڊيڇارڻ ڪري، بد دل ٿي موٽي آيس. سمجهائڻ تي ڪيس عقل آيو آهي. پنهنجي خوشيءَ سان موٽي نوڪريءَ لاءِ اچي ٿو. مون کي دوباره توهان کي سفارش ڪرڻ ۾ شرم ٿو ٿئي. مگر شريفن جو وري بہ شريفن کي خيال ٿيندو.

آهٔ اميد ٿو ڪريان تہ هن کي ساڳيءَ جاءِ جو حڪم ڏيئي، مون کي ممنون فرمائيندا. وڌيڪ عرض تہ سندس رهائش وغيره لاءِ پڻ موزون سفارش ڪندا تہ احسان ڄاڻندس. مون کي ڪاهہ سند ملي.

هن طرف ڪو ڪم ڪار هجي تہ ضرور لکندا. والسلام.

قاضي خدا بخش

[انگريزي] (٣)

قاضي خدا بخش

معرفت ٽي. جي. ايلفنسٽن بئريسٽر ڪراچي

١٣- مارچ، ١٩٢٨ع

پيارا شاه صاحب!

مون کي معلوم ٿيو آهي، تہ ڪراچي ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ

قاضي خدا بخش، وڪيل

قاضي خدابخش، وڪيل، موري جي قاضين مان هو. ڪراچيءَ ۾ وڪالت ڪندو هو. خلافت ۽ ڪانگريس تحريڪ ۾ خاص حصو ورتو هئائين. قومپرست خيال رکندڙ هو. ڪراچيءَ ۾ ايترو مقبول هو، جو ڪراچي ڪارپوريشن جو ميئر چونڊجي سگهيو. مون سان خاص تعلقات هئس.

مون کي افسوس آهي، جو سندس زندگيءَ جو احوال "جنب گذاريم جن سين" ۾، انهيءَ وقت پوري مواد نه ملڻ سبب، داخل ڪري نه سگهيس. جيڪڏهن ڪتاب جي ٻي ايڊيشن ڇپي، ته سندس فرزند ميان قاضي نبي بخش هٿان سندس حياتيءَ جو تازو مليل مواد، ان ۾ داخل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي. هيٺ سندن مون ڏانهن آيل ڪجهه خط پيش ڪجن ٿا.

(۱)

۳۲- نيو هارون بلڊنگ، بندر روڊ، ڪراچي
۸- آڪٽوبر، ۱۹۲۶ع

مڪرمي- السلام عليڪم!

عرض ته مون توهان کي روبرو درخواست ڪئي هئي ته منهنجي هڪ عزيز کي ڊڪ منشگيري وٺي ڏيڻ ۾ مدد فرمايو. آن عزيز جي عريضي هن سان گڏ موڪليان ٿو ۽ اميد ٿو ڪريان ته توهين ضرور مهرباني فرمائي، مدد ڪندا.

ڇوڪري کي نڪهري جي شڪايت هئڻ سبب، ڪانئس وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ مشڪل ٿي، ان ڪري لاچار ڪيس نوڪريءَ جي تلاش تي مجبور ٿيڻو پيو آهي.

ته درخواست ڪجي يا نه! جيڪڏهن اوهان اها صلاح ڏيو ته آءٌ درخواست ڪريان، ته پوءِ منهنجو سارو دارومدار اوهان جي مدد تي رهندو.

اها به خبر موڪليندا ته درخواست ڪرڻ جي آخري تاريخ ڪهڙي آهي؟

مهرباني ڪري، هن خط جو جواب جلد ڏيندا.

اوهان جو مخلص،
قاضي خدا بخش

(٥)

ڊيونول روڊ، ڪراچي
٢٠- جولاءِ ١٩٢٨ع

مڪرمي جناب شاه صاحب!

بعد السلام عليڪم جي عرض ته توهان جي اسڪولبورڊ ۾ هڪ هندو ميمبر جي جاءِ خالي ٿي آهي. غالباً ڪو هندو صاحب ئي انهيءَ تي چونڊيو ويندو.

منهنجي هڪ دوست جو عزيز، مهراج پرشوتمداس وڪيل ٺٽي جو، به اميدوار بيٺو آهي. مان نهايت مشڪور ٿيندس، جي توهين صاحب پنهنجو ووٽ مٿين صاحب يعني مهراج پرشوتم داس کي ڏيندا.

مهرباني ڪري، سيد مقبول شاه صاحب کي پڻ سفارش ڪندا. مون کي اميد آهي ته. توهين صاحب هيءُ ڪم ڪري مون کي شڪرگذاريءَ جو موقعو ڏيندا.

جواب باصواب ڪان سرفراز ڪندا ته عين احسان!

توهان جو مخلص،
قاضي خدا بخش، وڪيل، ڪراچي

سلير ۾ اسپتال کولڻ گهري ٿو، ۽ آن لاءِ اميدوارن کان درخواستون گهرايون ويون آهن . اوهان منهنجي ڀاءُ عبدالخالق کي پوريءَ ريت سڃاڻو. کيس اٺن سالن جو تجربو آهي، جنهن مان ڇهه سال ته رڳو ڪراچيءَ ۾ پرئڪٽس ڪئي اٿس. هن کي مغربي دوائن جي ايليوپٿي ۽ هوميوپٿي سسٽم سان پوري واقفيت آهي. هيءُ هوميوپٿي سسٽم ۾ هئنمن ڪاليج ڪلڪتي جو ڊپلوما به ڪيل آهي. ڇا، توهان کان اهو ممڪن ٿي سگهندو ته ڪوشش ڪري، هن کي اها جاءِ وٺرائي ڏيو؟ منهنجي ڀاءُ اجا تائين درخواست نه ڪئي آهي. توهان کان جواب اچڻ بعد هيءُ درخواست ڪندو. آءٌ اوهان جو نهايت شڪرگذار ٿيندس، جيڪڏهن اوهان ان معاملي ۾ ڪجهه مدد ڪندا. جيڪڏهن هن کي سلير ۾ جڳهه نه ملي سگهي، ته اهو ممڪن ٿي سگهي ٿو يا نه، ته اوهان ان کي ڪنهن ٻئي هنڌ لوڪلبورڊ ڊسپينسريءَ ۾ حڪيم ڪري سگهو؟

اوهان جو مخلص،
قاضي خدا بخش

(٤) [انگريزي]

ڪراچي
٣٠- جون، ١٩٢٨ع

پيارا شاه صاحب!

مون کي معلوم ٿيو آهي تہ چيف آفيسر ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ جي جاءِ خالي ٿي آهي، ۽ اميدوارن کان درخواستون گهرايون ويئون آهن. هڪ دوست مون کي به تجويز ڏني آهي ته آءٌ به ان لاءِ درخواست ڪريان . آءٌ ان ڳالهه تي غور ڪري رهيو آهيان ته ان جاءِ لاءِ درخواست ڪريان يا نه؟ آءٌ خوش ٿيندس، جيڪڏهن اوهان مهرباني فرمائي، مون کي صلاح ڏيندا

قاضي حڪيم عبدالخالق مورائي.

هيءُ موري جي قاضين مان، قاضي خدابخش وڪيل، ڪراچي ميونسپالٽيءَ جي ميمبر، جو پاءُ هو. هن ڪيترين تصنيفن ڪمن، ۾ هڪ بهترين ليکڪ هو. اها اسان جي خوش قسمتي هئي، جو سندس خدمتون اسان کي ضلعي ڪراچيءَ ۾ ”ڳوٺ سڌار هلچل“ لاءِ ميسر ٿي سگهيون. سندس ضلعي جي گشت ۾ هن جيڪي رپورٽون پيش ڪيون، تن کي هوند ڪنو ڪجي، ته هڪ تاريخي رڪارڊ ٿهي پوي. ازالسواءِ هو ”ڪوآپريٽو“ رسالو به ايڊٽ ڪندو رهندو هو.

مون کي افسوس آهي ته سندس حياتيءَ جو بيان وڌيڪ تفصيل سان نه سلڻ ڪري، آءٌ ”جنب گذاريم جن سين“ ۾ ڏيئي نه سگهيو آهيان. بهرحال سندس به چار خط ۽ رپورٽون هت ڏيئي، سندس خدمات جي اعتراف جو فرض ڪجهه قدر پورو ڪريان ٿو.

(١)

نسروانجي بلڊنگ، ميچي ميائي روڊ، ڪراچي،
١٩- سيپٽمبر، ١٩٢٩ع

جناب محترم!

السلام عليڪم و رحمة الله وبرڪاته. حڪم موجب آءٌ ٩- سيپٽمبر ١٩٢٩ع تي حيدرآباد راءِ بهادر ديوان پريتمداس

[انگريزي] (٦)

ڪراچي

١٥- نومبر ١٩٢٩ع

پيارا شاه صاحب!

ڪالهه سيوهڻ کان موٽڻ بعد، اهو ٻڌي نهايت ارمان ٿيو ته توهان جي ڌيءُ، جنهن توهان کي ماءُ وانگر نپايو هو، وفات ڪري ويئي آهي. توهان کي جيڪو ڏک رسيو هوندو، سو تمام گهرو ۽ گهڻو هوندو. پر اسان کي خدا جي ڪرتيءَ تي راضي رهڻو آهي. آءٌ توهان کي پنهنجي طرفان دلي عذرخواهي پيش ڪريان ٿو ۽ اميد ٿو ڪريان ته خدا سائين اوهان جي ڌيءَ کي جنت ۾ جاءِ عطا فرمائي ۽ توهان کي ان ڏک برداشت ڪرڻ لاءِ صبر جميل عطا ڪري- آمين.

- قاضي خدا بخش

(٢)

٥- عبدالله خان بلڊنگ،
ڪچهري روڊ، ڪراچي،
٣١- آڪٽوبر، ١٩٢٩ع

جناب محترم!

السلام عليڪم- نامه نامي و ياد آوريءَ لاءِ شڪريو.

اميد ته هيلتائين جاءِ تي عافيت ٿي ويئي هوندي. منهنجي دلي دعا آهي ته شافع مطلق صحت ڪامل شفا ۽ عاجل عطا فرمائي- آمين!

حڪم جي تعميل ڪئي ويئي، خاطري ڪندا.

ابراهيم حيدريءَ بابت ڪيل رپورٽ جي ڪاپي هن سان گڏ اوسال خدمت آهي، نومبر جي شروع ۾ ڳوٺهار وڃڻ بعد ٻاهر روانو ٿيندس. اوهان ڀرين مجاول وڃڻ لاءِ فرمايو هو ۽ هاڻي تازو ساڪري لاءِ لکيو آهي. نوازش روءِ مطلع فرمائيندا ته ڀريائين مجاول وڃان يا ساڪري؟ منهنجي خيال ۾ مجاول بهتر ٿيندو، ڇاڪاڻ ته مجوزه ناول لکڻ لاءِ مون کي ٺٽي جا موجوده ڪاوخانا ۽ قديم عمارتون ڏسڻ جو خيال آهي. منڌ جو هيءُ قديم شهر آهي ۽ ناول جو تعلق جيڪڏهن انهيءَ شهر سان رکبو ته زياده موزون ٿيندو. آئينده جيڪا مرضي مبارڪ.

انسپيڪٽريءَ جي جاءِ لاءِ درخواست ۽ آن تي اوهان جي طرفان سفارش برادرم خدابخش ڪان لکائي، هن سان گڏ عرض رکان ٿو، مهرباني ڪري، دستخط ڪري فرمائيندا، مسٽر جمشيد ڪي موڪليندا. برادرم خدابخش جمشيد کي روبرو ملندو ۽ حاڪم کي به چوندو، دفتردار ڪان چٺي وٺي موڪليندو. شيخ عبدالمجيد ڪان به چوارائڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي. اميد

۽ اسسٽنٽ رجسٽرار صاحب وٽ وڃي حاضر ٿيس، جنهن بابت اتان بروقت اطلاع عرض رکيو اٿم.

هڪ هفتي تائين اتي رهائڻ ۽ ضروري هدايتن ڏيڻ بعد مون کي اتان رخصت ملي، جنهنڪري ١٧- سيپٽمبر تي هت موٽي آيو آهيان، ۽ راءِ بهادر ۽ اسسٽنٽ رجسٽرار صاحب وٽان مليل لٽريچر مطالعو ڪري رهيو آهيان.

"ڪوآپريشن" تي هڪ نظم ۽ هڪ مضمون لکي، "پرڪاش" اخبار کي ڏنو اٿم، جو هن هفتي واريءَ اخبار ۾ ڇپبو.

اسسٽنٽ رجسٽرار صاحب، ڊرگ روڊ ۾ کير وڪڻڻ وارن لاءِ هڪ سوسائٽي برپا ڪرڻ بنسبت مون کي روبرو هدايتون ڏنيون هيون، جنهن موجب سياٽي اوڏانهن ويندس، جتي شايد ٢-٣ ڏينهن مون کي لڳي ويندا. آن بابت پوءِ مفصل رپورٽ عرض رکندس.

مئجڪ ليٽرن لاءِ راءِ بهادر مون کي ٤٠ سلائيڊس ۽ هڪ ڪتاب ڏنو آهي. هت پڇا ڪرڻ کان پوءِ معلوم ٿيو ته مئجڪ ليٽرن اوهان صاحبن وٽ آهي، جو هت اوهان جي تشريف آوريءَ کان پوءِ ملي سگهندي. ۽ اوهان جي موٽي اچڻ کان پوءِ پروگرام موجب، باقاعدي ڪم شروع ڪري ڏنو ويندو.

زياده آداب،

حڪيم عبدالخالق

[نوٽ:- "گوٺ سڌار" هلچل جي آرگنائيزر مقرر ٿيڻ بعد سندس هيءُ پهريون خط آهي.]

ناول زياده پسند ڪيا وڃن ٿا. ازانسواءِ ضخيم ڪتاب جي طباعت به مشڪل ٿي پوندي. هڪ صفحي جي ڇپائي، ڪاغذ سميت، گهٽ ۾ گهٽ ٣ روپيا آهي، جهڙيءَ طرح ڪالهه ”پرڪاش“ ۽ ”الوحيد“ وارن کان معلوم ٿيو. ليٿو ۾ ڇپائيءَ جي حالت ۾ اڌ خرچ جي بچت ٿيندي. منهنجي خيال ۾ ٣٠٠ صفحا به زياده آهن. وري به جيڪا اوهان جي مرضي. بهتر ائين ٿيندو ته هن بنسبت روبرو مشورو بمع نوٽيس شايع ڪيو وڃي.

هيا گهٽا ئي حال احوال آهن، جي انشاءالله روبرو ڪبا- زياده خيريت- اميد ته خوش وخرم هوندا!

سلام مسنون ابراهيم، خدابخش ۽ حڪيم فتح محمد صاحب جا مطالع ڪندا. ڪراچيءَ ڪڏهين تشريف فرما ٿيندا، ان بابت مهرباني ڪري خبر ڏيندا.

- عبدالخالق

[نوٽ:- ان وقت ۾ ڪراچي ضلعي جي رهاڪن جي ڳوٺاڻي زندگيءَ تي هڪ ناول لکائڻو هو، جنهن ۾ ڳوٺاڻن جي حقيقت ۽ اڻسڌيءَ طرح سان انهن کي سڌاري ۽ واڌاري جي ترغيب ڏيڻ واسطي مواد داخل ڪرڻو هو. هن خط ۾ ان بابت ذڪر آهي.

[انگريزي] (٣)

غلام مرتضيٰ شاهه، آنرري سيڪريٽري،
ڊسٽرڪٽ ڪوآپريٽو انسٽيٽيوٽ، ڪراچي، ڏانهن.

عنوان: تعلقي ميرپور ساڪري جو گشت

سائين! تعلقي ميرپور ساڪري جي گشت دوران ڪم جي هيٺين رپورٽ عرض رکجي ٿي:

(١) جيتوڻيڪ هن تعلقي ۾ ڪيتريون ئي ڪوآپريٽو سوسائٽيون آهن، ليڪن غربت ۽ گهٽ تعليم هئڻ سبب، هتان جا ماڻهو انهن ادارن مان صحيح فائدو وٺي نٿا سگهن.

پنهنجي طرفان بهترين ڪوشش ڪنداسين، مگر آن جي ڪاميابيءَ جو ذريعو فقط هيءُ آهي ته اوهان صاحب نه رڳو خط جسي وسيلي، بلڪ روبرو به انهن ماڻهن کي چئو. جنهن ميٽنگ ۾ ان ڳالهه جو فيصلو ٿيندو، ان ۾ اوهان صاحبن جي شرڪت ازحد ضروري آهي. بهتر ٿيندو ته ميٽنگ کان ٻه چار ڏينهن اڳ هت تشريف فرما ٿيو.

برادرم خدابخش جو سلامن بعد چوڻ آهي ته اوهان صاحبن جي بهترين ۽ انٿڪ ڪوشش جي ضرورت آهي. بئنڪ جا کهڙا ڊئريڪٽر آهن، انهن جي نالن کان واقف ڪرڻ فرمائيندا ته مزيد ڪوشش ڪئي ويندي. مسٽر لالچند کان سرسري طور تي معلوم ٿيو ته انهيءَ لاءِ هندن طرفان خوب ڪوشش ٿي رهي آهي.

نظم "پرڪاش" اخبار وارن کي ڇپڻ لاءِ ڏنو ويو آهي. ڪالهه مسٽر چندناڻيءَ انهن کي آرڊر ڏنو. ڇپڻ بعد تقسيم ڪرڻ جو بندوبست ڪيو ويندو. "پرڪاش" اخبار ۾ مضامين لکندو رهندس، خاطري ڪندا. جيڪڏهن هڪ ماهوار رسالو، ۴۸ صفحن جو (رايل سائيز) ليٿو پريس ۾ ڇپائبو ته ۷۵ روپيا ماهوار خرچ ايندو. پر جيڪڏهن ٽائيپ ۾ ڇپائبو ته ۱۵۰ روپيا ماهوار لڳندا. ٽڪلين وغيره جو خرچ علاوه آهي. هن بابت روبرو صلاح مصلحت ڪئي ويندي.

منهنجا ٻه ناول ڇپيل آهن. اهيءُ ٻيئي تاريخي آهن، جن جي هڪ هڪ ڪاپي انشاءالله سڀاڻي عرض ڪندس. ته به مجوزه ناول لاءِ ڪوشش ڪريان پيو. مگر تنهن هوندي به نوٽيس پلي شايع ٿئي. ممڪن آهي ته ٻيو ڪو اهل قلم سون کان وڌيڪ دلچسپ لکي سگهي. نوٽيس هن سان گڏ لکي موڪليان ٿو، صحيح مسودو پوءِ ڏياري موڪليندس. ۵۰۰ صفحا ناول لاءِ ڪنهن به طرح موزون نه ٿيندا. اڄڪلهه الف ليليٰ وارن قصن کان مختصر

زميندارن ان سلسلي ۾ ڪافي شڪايتون ڪيون آهن، پر ڪو به ڪڙ ڏيل نه نڪتو آهي. اهو تمام بهتر ٿيندو، جيڪڏهن هن سلسلي ۾ ڪو ڪارائتو قدم کنيو وڃي.

(٣) گذريل موسم ۾، پوکيءَ جي منڊ ڪان وٺي، هن تعلقي ۾ پاڻيءَ جي ڏاڍي قلت رهي هئي. پاڻي فقط ويهه ڏينهن ڀرپور موجود هو. ٿورو گهڻو جيڪو فصل ٿيو، سو به ماڪڙ کائي ويئي. نتيجو اهو نڪتو، جو غريب ماڻهن کي پيٽ ڀرڻ ۽ انگ ڍڪڻ لاءِ به ڪجهه حاصل ٿي نه سگهيو، ان کان سواءِ ڍلون به ادا ڪرڻيون اٿن.

انهن حالتن جي پيش نظر هيءَ حقيقت غور جوڳي آهي ته اهڙا ماڻهو ڪيئن ۽ ڪهڙيءَ طرح ڪوآپريٽو سوسائٽين جا قرض به ادا ڪندا ۽ ايندڙ فصلن لاءِ ٻج به حاصل ڪري سگهندا؟ سندن حالت رحم جوڳي آهي. منهنجي راءِ آهي ته ايندڙ فصل جي تياريءَ تائين ماڻهن کي سوسائٽين جي قرض جي ادائگيءَ لاءِ مجبور نه ڪيو وڃي. اجا به وڌيڪ موزون ڳالهه اها ٿيندي ته کين ايندڙ فصل لاءِ ٻج ۽ ضروريات زندگيءَ جي پورائيءَ لاءِ نئون قرض ڏنو وڃي. ٻيءَ صورت ۾ اها خاطري آهي ته پيدائش جو گهڻو حصو تمام گهٽ اگهه ۾ مقامي واڻين وٽ وڪرو ٿي ويندو.

(٤) هن تعلقي ۾ ڪمند پيڙڻ جي فقط هڪ صنعت آهي، جنهن مان مڪاني طرح ڳُڙ ٺاهيو وڃي ٿو. هن تعلقي مان هر سال اٽڪل ويهن هزارن روپين جو ڳڙ برآمد ٿئي ٿو. جيڪڏهن ان صنعت جي وڌيڪ همت‌افزائي ڪئي ويندي، ته ڳڙ جي پيدائش ۾ واڌاري جو وڏو امڪان آهي.

(٥) هن تعلقي جا اڪثر ماڻهو آبادگار هئڻ ڪري، ججهو چوپايو مال ڌارين ٿا، جنهنڪري وٽن ڪافي مقدار ۾ کير ۽ مکڻ جي پيداوار ٿئي ٿي. مقامي واپارين کي مکڻ هڪ روپئي

هن تعلقي جو مکيہ فصل ڳاڙها چانور آهن، هتي جا ماڻهو ردي قسم جو ٻج استعمال ڪن ٿا، جنهنڪري فصل گهٽ قيمت تي وڪرو ٿئين ٿو. (چڱي سوچاري قسم جو ٣ ڪان ٥ روپين ٿائين وڌي ٿو.) جا آمدني آبادگار طبقي جي ضروريات زندگيءَ جو مشڪل طرح سان پورائو ڪري ٿي. هتان جا ماڻهو گهٽ پڙهيل هئڻ ڪري، اهو سمجهن ٿا تہ هو جيڪو ٻج زمين ۾ استعمال ڪن ٿا، سو بهتر آهي. ڪين اها ٻہ ڄاڻ نہ آهي تہ سٺو ٻج ڪٿان ۽ ڪهڙي طريقي سان حاصل ڪجي! ڪوآپريٽو سوسائٽين سان ڪار پٽ مستحڪم رکڻ جي خيال ڪان، فصل لاباري بعد هڪدم مقامي هندن وٽ ريزڪي گهٽ اگهہ تي وڪرو ڪيو وڃي ٿو، جنهنڪري ڪين ڪافي نقصان پهچي رهيو آهي. جيڪڏهن تعلقي ليول تي ڪوآپريٽو سوسائٽي ٺاهي، مقامي هارين کي بهترين ٻج قمبر ۽ لاڙڪاڻي طرف جو مهيا ڪجي، ۽ اُن ڪان سواءِ ساڻن اها ٻہ رعايت ڪرڻ ۾ اچي تہ هو لاباري ڪان ٻن مهينن بعد فصل وڪڻي، خريد ڪيل ٻج جي رقم ادا ڪن، ۽ پڻ اهو بندوبست ڪيو وڃي تہ جيئن سندن فصل ٻڌي اگهہ تي وڪرو ٿئي، تہ اهڙي نموني مقامي ماڻهو وڌيڪ فائدو حاصل ڪري سگهندا.

(٢) هن تعلقي ۾ پاڻيءَ جي قلت جي شڪايت گهڻي آهي. هن علائقي جي آبادگارن جي آباديءَ جو مدار ٻگهاڙ واهہ تي آهي، جنهن ۾ پاڻي ترانگهڙو آهي، ۽ ٻئريج ڪاٽ تي ويتر پاڻي گهٽ ايندو. هتي زمينون مٿانهيون آهن، ان ڪري پاڻي پوري مقدار ۾ زمينن تي پهچي نٿو سگهي. جيڪڏهن ٻگهاڙ ڪئنال جي وچ ۾ پيچڙيءَ ڏاري ريگيوليٽر هنيا وڃن تہ قوي اميد ڪري سگهجي ٿي تہ زمين تي پاڻي ڪافي مقدار ۾ پهچي سگهندو، ۽ غريب هاري سٺو فصل حاصل ڪري سگهندا، گڏوگڏ زمين بہ زياده آباد ٿي سگهندي

(۴) [انگريزي]

ڪراچي

۵- جنوري ۱۹۳۰ع

طرفان: عبدالخالق قاضي،
پروپيگنڊا سيڪريٽري، ڪوآپريٽوانسٽيٽيوٽ،
ڪراچي.

ڏانهن: جي. ايم. سيد،
آنرري سيڪريٽري، ڪراچي ضلعو ڪوآپريٽو
انسٽيٽيوٽ.

عنوان: سجاول تعلقي جو گشت

سائين! سجاول تعلقي جي گشت بابت هيٺين رپورٽ عرض ڪيان ٿو:

(۱) هن تعلقي ۾ ڪوآپريٽو سوسائٽين جو ڪافي تعداد آهي، ۽ ماڻهن ڪنهن حد تائين امداد باهمي تحريڪ جي فائدن متعلق محسوس ڪيو آهي. منهنجي تجربي موجب، عام ماڻهن کي ڪوآپريٽو سوسائٽين خلاف عام شڪايت آهي ته اهي فصلن لهڻ شرط هڪدم قرضن جي وصولي شروع ڪن ٿا. ان ڪري ماڻهن کي پنهنجي پيدائش سٺي اگهه تي وڪري ڪرڻ لاءِ وقت نٿو ملي. نتيجي طور قرضدار پنهنجو فصل واپارين وٽ عام طور گهٽ اگهه تي وڪڻن ٿا- مثلاً، سارين جو خرار ۵۰ رپيا. هو گهٽ ۾ گهٽ ۱۰ رپيا نقصان سهندا رهن ٿا، جو ته رواجي طرح سارين جو اگهه ۶۰ روپيا خرار آهي. ان ڪري قرضدارن جي بهتريءَ لاءِ اهو سٺو ٿيندو ته ڪين لاباري بعد ۾ مهينا مهلت ڏني وڃي، ته جيئن هو فصل سٺي اگهه تي وڪرو ڪري سگهن.

(۲) هن تعلقي ۾ ڪو خاص اهميت وارو مڪاني هنر

مير جي حساب سان وڪرو ڪيو وڃي ٿو، جي ان مان گيهه تيار ڪري، ٥٠ روپيا مڻ جي حساب سان وڪرو ڪن ٿا. هرمهيني مقامي طور اٽڪل ٥٠٠ مڻ گيهه پيدا ٿئي ٿو ۽ ايتري ئي مقدار ۾ ٻـر واري تعلقي گهوڙا ٻاريءَ مان آندو وڃي ٿو. ميرپور ساڪري ۾ سڪر جي گيهه جي واپارين جا ٻه پلاوٽا (دلال) مستقل طور رهن ٿا، جي هر ماه ١٠٠٠ (هزار) مڻ گيهه برآمد ڪن ٿا. مارڪيٽ ۾ گيهه جو عام اگهه ٦٥ کان ٧٥ روپيا في مڻ آهي. غريبن جي محنت مان وچولي ۽ شاهوڪار طبقي کي بي انتها فائدو حاصل ٿي رهيو آهي. جيڪڏهن هن تعلقي ۾ ”ڪوآپريٽو ڊيـري“ (کير جو ڪارخانو) کوليو وڃي، ته غريب آبادگارن لاءِ هڪ قسم جي نعمت ٿيندي ۽ ماڻهن کي به نج گيهه حاصل ٿي سگهندو، جو اڄڪلهه ملڻ محال آهي.

(٦) هن تعلقي جي آدمشماري ٢٧٠٠٠ آهي ۽ هر ماڻهو اهو ٻڌي تعجب انگيز ٿيندو ته هتي فقط پنج اسڪول آهن، جن ۾ ٢٨٢ شاگرد ٿيندا، ان کان سواءِ ١٨ ملا اسڪول آهن، جن ۾ ٣٣٥ ڇوڪرا پڙهن ٿا.

هيٺيان ڳوٺ، جن ۾ ٢٥ کان ٣٠ ۽ ڪن ڳوٺن ۾ ٤٠ تائين اسڪول وڃڻ جهڙا ڇوڪرا هوندا، پر آهي ڪونه اسڪول ڪونه آهي، اهو ضروري آهي ته ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ کي لکيو وڃي ته هتي بنا دير اسڪول کوليا وڃن:-

(١) غلام الله، (٢) همير نتيو، (٣) دڙو، (٤) رئيس مزار خان، (٥) رئيس حاجي امام بخش خان، (٦) ڳُنجو، (٧) کجوري، (٨) احمد شاه، (٩) علي محمد هنگوروجو، (١٠) ڪڪرانڊ، (١١) مير خان بلوچ، (١٢) حاجي خان گهراڻو.

اوهان جو مخلص، عبدالخالق.

آهن، جتي ٢٠ کان ٢٥ ڇوڪرا پڙهڻ جهڙا موجود آهن. ان ڪري ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ کي سفارش ڪئي ويئي ته ننڍن ڳوٺن ۾ به اسڪول قائم ڪيا وڃن.

(٧) ملڪ جي هن حصي ۾ ملن ۽ مولوين جو وڏو اثر آهي. سندن ايترو ته زور آهي، جو ڪنهن مولويءَ جي نافرماني ڪرڻ ڪري، ماڻهن کي نيڪالي ڏني ويئي ٿي. نتيجي طور عام ماڻهو ڪانئن سوشل بائيڪاٽ ٿا ڪن. ملن کي صرف فتوي لکڻي آهي، پوءِ ان جي تعميل ازخود پيئي ٿئي. ملن ماڻهن ۾ جديد خيالات خلاف ايڏو ته غلط اثر ويهاريو هو، جو مون لاءِ جادو بتي (مئجڪ لينٽرن) ڏيکارڻ به ڏکيو ڪم ٿي پيو. مڪاني صلاحڪارن کي مون مشورو ڏنو ته بهتر صلاح اها ٿيندي ته هرو پرو ڪوآپريٽو تحريڪ ۽ مئجڪ لينٽرن ڏيکاري، مان جو ناراضپو خريد نه ڪيو وڃي. مون جڏهن مسجد ۾ جمعي نماز کان پوءِ ڪوآپريٽو تحريڪ بابت تقرير ڪئي، ته مقامي مولوين پنهنجو هڪ ڇاڙتو مقرر ڪيو، جنهن مون تي نڪته چيني ڪئي ۽ ماڻهن کي چيو ته "هيءُ اسلام جي دشمني ڪرڻ آيو آهي. جيئن ته اسلام ۾ وياج حرام آهي، پر هن جي نقطي نگاه موجب جائز آهي." سيد عبدالرحيم شاه اتي مسجد ۾ موجود هو، ان اٿي ان ماڻهوءَ کي نڪته چينيءَ کان روڪيو ۽ ڪيس چيو ته هو ان ڳالهه جي غلط تعبير نه ڪري.

ان ڪري، لاڙ ۾ وڌيڪ خبرداريءَ سان ڪم ڪرڻو پوندو، جيئن هرو پرو ملن سان تصادم نه ٿي پوي. تعليم جي وڌڻ بعد اهي خيال آهستي آهستي ٿي، گهٽجي ويندا.

اوهان جو مخلص،

قاضي عبدالخالق.

[نوٽ:- مولوي عبدالخالق جون ٻي ٻيون وڏيون رپورٽون هتي داخل نٿيون ڪجن، ڇو ته طوالت جو باعث ٿينديون: آنهن ۾ هڪ رپورٽ سمنڊ

نہ آهي، سواءِ ٽڏن ۽ تونرين جوڙڻ جي، جي زالون جوڙين ٿيون. هن ايراضيءَ ۾ ٿهندڙ ٽڏن ۽ تونرين جي گهرج زياده آهي. جيڪڏهن ٺاهيندڙن کي سهوليتون مهيا ڪيون وڃن، تہ هُو ڪافي فائدو حاصل ڪري سگهندا. اهي تونريون مڪاني واپاري گهٽ اگهہ تي خريد ڪري، ٻاهر موڪلين ٿا. جيڪڏهن ڪوآپريٽو سيل سوسائٽي برپا ڪئي وڃي، تہ اها مال خريد ڪري، ٻاهر موڪلي سگهي ٿي. اهڙيءَ طرح غريب پورهيت زالن کي گهڻو فائدو حاصل ٿي سگهندو.

(٣) هن تعلقي ۾ ڍنڍون ۽ تلاوَ گهڻا آهن، جن ۾ مڇي ۽ پکي ڪافي تعداد ۾ ٿين ٿا. جيڪڏهن هتي ميربحرن لاءِ ڪوآپريٽو سيل سوسائٽي ٺاهي وڃي، تہ مڇيءَ ۽ پکيءَ جي واپار سڌرڻ ڪري، مڪاني ماڻهن کي فائدي جو امڪان آهي.

(٤) هن تعلقي جا اڪثر ماڻهو آبادگار آهن، ونن ڪافي تعداد ۾ مال آهي، جنهن مان کير ۽ مکڻ جي وڏي پيدائش ٿئي ٿي. کير ٻاهر موڪلڻ جو انتظام ڪونهي. ۽ مڪاني طرح اُن جي ايتري گهرج نہ آهي. ان ڪري ماڻهو کير مان مکڻ ٺاهين ٿا، جو مڪاني واپاري گهٽ قيمت تي خريد ڪري، ڪراچيءَ ۽ ٻين ڀاڱن ۾ وڪرو ڪن ٿا. هتي بہ کير جي ڪوآپريٽو ڪارخاني ۽ سيل سوسائٽيءَ جي ضرورت آهي، جا مکڻ جي واپار کي وڌائي سگهي.

(٥) هن تعلقي ۾ پيئڻ جي پاڻيءَ جو پورو انتظام ڪونهي. ماڻهو اڪثر اونهاري ۾ ڍنڍن ۽ تلائن ۾ گڏ ٿيل پاڻي استعمال ڪن ٿا، جو ٿوري وقت اندر خراب ٿيو وڃي. لوڪلبورڊ کي گهرجي تہ پڪا کوهہ ٺاهرائي ڏيڻ جو انتظام ڪري، يا ماڻهن کي پڪن کوهن کٽائڻ لاءِ همٿائي، ۽ اُن لاءِ کين رقم مهيا ڪئي وڃي.

(٦) هتي اڪثر اسڪول وڏن ۽ مشهور ڳوٺن ۾ آهن، پر ننڍا ڳوٺ اِن سهوليت کان محروم آهن. اهڙا گهڻا ڳوٺ

رحم ڪرم تي آهن، ان ڪري ان ڏس ۾ جُا تجويز رٿي ائي، ان ۾ ڏکيايون درپيش ايندیون.

مون پنهنجي اڳئين خط ۾ ڳوٺ سورئي پروچ جي رهاڪن بابت اوهان کي اطلاع ڏنو هو ته آهي واپارين وٽ ساڍن سترهن هزار روپين ۾ ڦاٿا پيا آهن. پنهنجن اڳين رپورٽن ۾ ڄاڻائي چڪو آهيان ته مالدار ڪير جي آڌار تي هندو واپارين کان قرض وٺن ٿا، ان ڪري هنن جا وياج خورن سان تعلقات ۽ قرض هڪ ئي وقت ختم ڪرڻا پوندا. اهو ناممڪن آهي ته ڳوٺاڻن جا قرض اسان پري سگهون، پر ڪن ڳوٺاڻن جا قرض ادا ڪري سگهون ٿا. ڇا، ائين نٿو ٿي سگهي ته اسين ڳوٺاڻن کي تحريص ڏياريون ته هُو واپارين سان ناتا ٽوڙي، قرضن جي ادائگيءَ کان سواءِ، اسان جي اسڪيم ۾ شامل ٿين ۽ ڪيرُ اسان جي معرفت تجويز ڪيل ڊيپوءَ ڪراچيءَ تي ڏيئي سگهن. تاهم به ان سلسلي ۾ جيترو جلد ٿي سگهي، ڪوشش ڪري اهو مقصد حاصل ڪجي.

ابتدا ۾ ٽي ڳوٺ سوريو پروچ، مراد ميمڻ ۽ ماير هٽ ۾ ڪٽجن، جن مان روزانو هڪ سو مڻ ڪير ڪراچيءَ اچي ٿو. قرضن کان آجا ڪي ٿورا ڳوٺاڻا آهن. کين تحريص ڏياوجي ته اسان جي هن اسڪيم ۾ شامل ٿين. انهن مالدارن کي قرض ڏنو وڃي، جي واپارين سان تعلقات ٽوڙي، اسان جي هن اسڪيم ۾ شامل ٿي وڃن. ان ڏس ۾ ڪوآپريٽو تحريڪ جي مکيه وولز ۾ ترميم ڪري، غير متحرڪ ملڪيت جي گروي ڪرڻ جو شرط رد ڪرڻو پوندو.

جنهن صورت ۾ ڪير وڪڻندڙن وٽ پنهنجا آٽ باربرداريءَ لاءِ آهن، جن تي ڪير ڪٽي وڪڻ ايندا آهن، ان ڪري اسان کي باربرداريءَ تي وڏي خرچ ڪرڻ جي ضرورت نه پوندي.

جي ميربحرن جي چئن ئي مهاڻين جي سروي بابت هئي، جنهن ۾ ٻيڙين، مالانه مڇيءَ جي پيدائش، قرض ۽ مڇيءَ جي نيڪال جي انتظام وغيره جو ذڪر ڪيل هو. ٻيءَ رپورٽ ۾ ڪراچيءَ جي آسپاس ڳئن ۽ ٻئي چوپائي مال جو تعداد، ان مان پيدا ٿيندڙ کير ۽ مکڻ وغيره جو ذڪر هو. ٽينءَ رپورٽ ۾ جاتيءَ، ٻنوري ۽ شاهبندر تعلقن بنسبت رپورٽون درج هيون.]

(انگريزي) (٥)

ڪراچي
١١- جون، ١٩٣٠ع

طرفان: قاضي عبدالخالق،
پروپيگنڊا سيڪريٽري، ڪراچي ڊسٽرڪٽ
ڪوآپريٽو انسٽيٽيوٽ.

ڏانهن: جي. ايم. سيد،
آنري سيڪريٽري، ڊ. ڪ. ا. ڪراچي.

پيارا سائين!

توهان جي ٥- جون واري خط (جنهن ۾ مون کي حڪم ڪيل هو ته ڪراچيءَ جي پسروارن ڳوٺن ۾ کير ۽ آنن جي پيدائش جا تفصيلي انگ اکر گڏ ڪري پيش ڪريان) جي جواب ۾ هيءَ رپورٽ عرض رکجي ٿي.

مون ڪراچيءَ جي آبادگارن سان ملي، کين ذهن نشين ڪرايو آهي ته هو پاڻ کي ڪوآپريٽو سوسائٽين ۾ منظم ڪري، کير جو وڪرو ڪن.

توهان جي خط ۾ رجسٽرار ڪوآپريٽو سوسائٽيءَ جي چاٿايل تجويزن تي به غور ڪيو اٿم. خط ۾ ڄاڻايل ايجنسيءَ جي ڪاميابيءَ لاءِ ڪوآپريٽو تحريڪ جي مدد وٺڻي پوندي. جنهن صورت ۾ ڳوٺاڻا وياج خورن جي قرضن ۾ ڦاٿل ۽ سندن

منهنجي راءِ موجب اسان کي ابتدا ۾ کير جي مشين جي ضرورت نه پوندي، جو بچيل کير کي ڪريم ڪري ڪم آڻجي. کير جي مشين ٥٠٠ روپين ۾ ملندي، جنهن ۾ سڀ ضروري سامان موجود هوندو.

ڪراچيءَ جي پروارن ڳوٺن سان هن وقت ڪوآپريٽو بنياد تي آنن گڏ ڪرڻ جو گهٽ امڪان آهي. چاڪاڻ ته ڪراچيءَ ۾ گهربل آنن جو گهڻو حصو بهاولپور، ملتان ۽ پشاور سان اچي ٿو. مڪاني پيدائش تمام ٿوري آهي، جا مڪاني طرح سان نيڪال ٿيو وڃي. جيڪڏهن مليرَ ۾ اسان ڳوٺاڻن جي مدد سان ڪوآپريٽو پولٽري فارم شروع ڪريون، ته ڪاميابيءَ جو امڪان آهي. منهنجي راءِ آهي ته جيڪي ماڻهو آنن جو ڪوآپريٽو سيل ڊيپو کولڻ لاءِ تيار هجن ته انهن جي همت افزائي ڪجي. اهڙيءَ ويت کير ۽ آنن جي نيڪال جو گڏيل امڪان ٿي سگهي ٿو.

اوهان جو مخلص،

عبدالخالق.

پر ڪراچيءَ ۾ هڪ کير جو ڊيپو کولڻو پوندو، جتي کير پهچايو وڃي. ان کان سواءِ ڳوٺن ۾ کير گڏ ڪرڻ لاءِ هڪ لوڪل ايجنسي به قائم ڪرڻي پوندي. ٽن هزارن روپئين هڪ موٽر لاري به حاصل ڪئي وڃي، جنهن تي ڊرائيور ۽ پيٽرول سميت ٢٦٠ روپيا خرچ ماهوار ٿيندو. ٤٠ روپين تي هڪ ڪلرڪ ۽ ٢٠ روپئين تي هڪ پٽيوالو به رکڻو پوندو، جو کير جي لاهڻ ۽ چاڙهڻ ۾ مدد ڏيئي سگهندو. منهنجي اندازي موجب گهوڙي گاڏين تي ابتدائي خرچ به موٽر لاريءَ جيترو ٿيندو، بلڪ اجا به وڌيڪ. ان حالت ۾ موٽر لاري وڌيڪ ڪارائتي ٿيندي. ان ڪري مڪاني طرح ڪا ايجنسي هٿ ڪري، شروعات ڪجي. کير جو ڊيپو ڪراچيءَ ۾ رام باغ، گاڏي کاتي، ويجهو قائم ڪجي، جتي کير حاصل ڪيو وڃي. هتي ٥٠ يا ٧٥ مڻ کير پهچائي ۽ ورهائي سگهجي ٿو. لياريءَ جي طرف وارن رهاڪن کي پنهنجو مال آهي، ان ڪري اسان جو وڪرو اڪثر ڪري گاڏي کاتي ۾ ٿيندو. پر جيڪڏهن ڳوٺاڻن کي ڇڏي ڏجي ته پنهنجي طريقي سان کير آڻين، جيئن هن وقت آڻين ٿا ته، پوءِ هندو واپاري ٥ روپئين مڻ وٺن ٿا، اسان کي وڌائي ساڍا ست روپيا ڏيڻا پوندا. خريد ڪرڻ وارن کي مارڪيٽ اگهه تي کير ڏنو ويندو. اسان وٽان هنن کي صرف اهو فائدو ٿيندو ته اسان نج کير جي گارنٽي ڏيئي سگهنداسون. ڪراچيءَ ۾ ڊيپو کولڻ لاءِ ابتدائي خرچ هزار کن روپيا ٿيندو. ٤٠ رپئين ڪلارڪ رکبو، ۽ ٢ سائيڪل ڊسٽريبيوٽر، هر هڪ ١٥ روپئين، رکڻا پوندا. کير جي ورهاست لاءِ هٿ گاڏيءَ تي ٢٠ (ويهه) روپيا خرچ ڪرڻا پوندا. متفرقه خرچ ١٠ روپيا. اهڙيءَ طرح مسواڙ ٣٠ روپيا ڏيبي، ۽ جملي خرچ ماهوار ١٣٠ روپيا ٿيندو. جيڪڏهن ڊيپوءَ تي روزانو ١٠٠ مڻ کير اچي، ته خرچ ۽ پيدائش برابر ٿيندا، پر ان ريت اسان ڳوٺاڻن کي واپارين جي ڄنبي مان ڇڏائڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهنداسون.

جواب ڏيئي نه سگهيس. ڪانگريس ۽ ٻين ڪمن جي مشغوليءَ سبب، توهان جو خط، جو گهڻي توجهه جي لائق هو، ان جو جواب نه ڏيئي سگهيو آهيان.

آءٌ صدق دل سان اوهان کي مبارڪ ٿو ڏيان، جو اوهان ڳوٺاڻن جي اهنجن دور ڪرڻ لاءِ سوچيو آهي. سچ پڇو ته اسان ان طرف توجهه نه ڏنو آهي ۽ پنهنجي فرض ادائي پوري نه ڪئي آهي، باوجود ان جي ته اهي غريب ئي اسان جي معاشري جي پشت پناهه آهن. اسان جو صوبو ڳوٺن ۽ زراعت تي مدار رکي ٿو ۽ اهو اسان جو فرض آهي ته انهن ۾ روشني ڦهلايون، ۽ جديد تهذيب ۽ ڪلچر سان روشناس ڪري، ڳوٺاڻن کي سوسائٽيءَ جو ڪارآمد عنصر بنايون.

آءٌ دل و جان سان اوهان جو پروگرام قبوليان ٿو ۽ اوهان کي يقين ٿو ڏياريان ته اوهان کي منهنجي خدمتن جي جا به ضرورت ٿيندي، اها اوهان جي خدمت ۾ پيش ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. اوهان کي صرف حڪم ڪرڻو آهي. مون هميشه پاڻ کي ڳوٺاڻن جو خدمتگار سمجهيو آهي، ۽ مون کي نهايت خوشي ٿيندي ته سندن خدمت ڪريان. اوهان مون تي ڀروسو رکو، آءٌ اوهان سان گڏ هر آن ڪم ۾ شامل آهيان، جو سنڌ جي ڳوٺاڻن جي ڀلي لاءِ هوندو.

اوهان جو،

گووندآنند

سوامي گووندآنند، صدر سنڌ صوبہ ڪانگريس ڪميٽي

سوامي گووند آنند سنڌ جي مکيہ قومي ڪارڪنن ۽ ڪانگريس ورڪرن مان هڪ هو. جهڙيءَ طرح سان هرجڳهہ تي سياسي اختلاف ۽ مخالفتون ٿين ٿيون، ان ريت ڪانگريس ورڪرن ۾ به گروهہ بندي ٿيل هئي. جنهن ۾ ڊاڪٽر چوئٿرام، جيرامداس دولترام ۽ پروفيسر گهنشام جي گروهہ طاقت ۾ اچي، سواميءَ ۽ ڊاڪٽر تاراچند لالوانيءَ ۽ ٻين کي پوئتي اڇلائي ڇڏيو. پر آن جو مطلب اهو نہ هو تہ هن جي اثر رسوخ ۽ اخلاص جو ماڻهن تي اثر ڪونہ هو! هيءُ فراخدل طبع جو ماڻهو هو. جڏهن سنڌ جي جدائيءَ جو سوال هلي رهيو هو تہ مسٽر جيرامداس دولترام جيگروه سنڌ جبي جدائيءَ جي مخالفت ڪئي ۽ هن جي گروه آن جي حمايت ڪئي.

سون کي افسوس آهي تہ لڳاتار نظربندين ۽ هندن جي لڏي وڃڻ سبب، هن جي زندگيءَ متعلق پورو مواد ملي نہ سگهيو ۽ سندس زندگيءَ جو احوال "جنب گذاريم جن سين" ۾ ڏيئي نہ سگهيس. بهرحال هن جي ملڪي خدمات جي يادگيري قائم رکڻ لاءِ سندس هڪ خط هتي ڏيان ٿو.

قيصري آفيس، ڪراچي
١٥- جنوري، ١٩٢٩ع

پيارا غلام مرتضي شاه

اوهان جو پيارو خط پهتو، جو اوهان ١- تاريخ لکيو هو. آءٌ ڪراچيءَ کان ٻاهر هوس. انين تاريخ آيو آهيان. ان ڪري

خوشي ٿي آهي، جنهن ۾ ڪيترين نئين تجويزون، ڪراچي ضلعي جي ڳوٺاڻن جي سڌاري لاءِ پيش ڪيون ويون آهن.

اوهان پنهنجي پروگرام ۾ جيڪي تجويزون رکيون آهن، تن مان جيڪڏهن ٿوريون به عمل ۾ اچي ويئون ته ملڪ جي تمام وڏي خدمت ٿيندي. آءٌ پنهنجي طرفان توهان کي يقين ٿو ڏياريان ته توهان مٿين ڪم لاءِ منهنجي خدمتن تي منهنجي وسعت آهر ڀروسو رکي سگهو ٿا.

شخصي طرح سان آءٌ ابتدائي تعليم تي زياده توجه ڏيڻ جي فائدي ۾ آهيان. جنهن تحت ٻارن کي ٿن سال اندر لکڻ پڙهڻ ۽ رواجي طرح حساب ڪتاب اچي وڃي، جيئن سندن زندگي وڌيڪ سهل بڻجي سگهي. تنهن کان پوءِ هر ڳوٺ ۾ هرهڪ تعلقي جي ضرورتن پٽاندر پيشورانه تعليم جو بندوبست ڪرڻ گهرجي.

ڳوٺاڻين عورتن جي ويم ۽ ٻارن جي نيپاج جو مسئلو به خاص اهميت رکي ٿو. مون تازو اخبار ۾ توهان جي صحيح سان "ميڊوائيف" جي لاءِ درخواستن گهرائڻ جو اشتهار پڙهيو. اها نهايت سٺي ڳالهه آهي. پر آءٌ سمجهان ٿو ته چاڻايل پگهار تمام گهٽو آهي. انهيءَ پگهار سان ڪي تربيت يافته "مڊوائيفس" رکي سگهجن ٿيون. باوجود اُن جي، مون کي پڪ آهي ته توهان کي پنهنجي مسئلي بابت، مون کان وڌيڪ معلومات هوندي.

آءٌ سمجهان ٿو ته اهڙي قسم جي مدد ڳوٺاڻن لاءِ نهايت ضروري آهي، جنهن ۾ ڊاڪٽري سهوليت به هئڻ گهرجي.

وليج پنچات مقرر ڪرڻ، ننڍپڻ جي شادين تي بندش وجهڻ، ۽ نشيدار شين جي واپرائڻ خلاف پروپيگنڊا ڪرڻ، اهڙا سوال آهن، جن کي جلد هٿ ۾ کڻڻ گهرجي.

آءٌ رت ٿو ڏيان ته توهان هڪ ميٽنگ سڏايو، جنهن

رستم خورشيد سڌوا

مسٽر خورشيد رستم سڌوا پارسي خاندان سان هڪ سکيہ سماجي ۽ سياسي ڪارڪن هو، جيڪو ورهين جا ورهيہ ڪراچي ميونسپالٽيءَ جو ميمبر بہ ٿي رهيو ۽ ڪراچيءَ جي گهڻو ڪري هر سماجي ڪم ۾ دلچسپي وٺندو هو.

ڪيترو وقت ڪراچي شهر جي ڪانگريس ڪميٽيءَ جو پريزيڊنٽ هو ۽ پوءِ سنڌ اسيمبليءَ ۾ ميمبر بہ ٿي رهيو. هڪ وقت لاءِ هن ڪانگريس اسيمبلي پارٽيءَ جو ليڊر بہ ٿي ڪم ڪيو. پاڪستان بڻجڻ بعد جيئن اسان جا پيا سماجي ڪارڪن ملڪ ڇڏي ويا، تيئن هيءُ بہ ڀارت لڏي ويو. آتي بہ ڀارت پارليامينٽ جو ميمبر چونڊيو. آتي اهڙي دلچسپي ورتائين ۽ پارليامينٽ ۾ ايترا سوال پڇيائين، جو مجبور ٿي، هندستان پارليامينٽ ڪي خاص رول (قاعدا) ٺاهڻا پيا تہ مقرر تعداد کان وڌيڪ ڪو هڪ ميمبر هرروز ايترا سوال نہ پڇي.

مون سان خاص تعلقات هئس. هو هڪ وقت ڪراچي ڪارپوريشن جو ميئر بہ رهي چڪو هو ۽ مون ڪي ساڻس ڪراچي ڪارپوريشن، ڪانگريس ۽ سنڌ اسيمبليءَ ۾ گڏجي ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو.

اهڙا ماڻهو ڪي ورلي پيدا ٿيندا آهن. هينئر هو وفات ڪري ويو آهي. سندس زندگيءَ تي مواد نہ ملڻ ڪري، آءٌ سندس احوال "جنب گذاريم جن سين" ۾ ڏيئي نہ سگهيو آهيان. تنهنڪري سندس هڪ خط هت پيش ڪري، سندس خدمات جو اعتراف ڪريان ٿو.

[انگريزي] (١)

ڪراچي

١٠- جنوري، ١٩٢٩ع

پيارا سائين!

توهان جو ١- تاريخ وارو خط پڙهي، مون کي نهايت

شيخ عبدالمجيد سنڌي

شيخ عبدالمجيد سنڌي ڪنهن به تعارف جو محتاج نه آهي. سندس خدمتون ملڪ ۽ قوم لاءِ بينظير آهن. هيءُ نه صرف سياستدان آهي، پر هڪ سٺو ليکڪ به آهي ۽ ڪيترا ڪتاب تصنيف ڪيا اٿس. پنهنجي وقت جو بهترين صحافي رهيو آهي. سندس سنڌ جي مسلمانن جي تعليم ۽ تنظيم جي واداري لاءِ ڇپايل ڪتاب آن جو ثبوت ڏئي ٿو.

هن سان سنهنجي نيازمنديءَ جو رستو ۱۹۲۰ع ۾ خلافت جي ڏينهن کان رهيو آهي. سندس سون ڏي آيل چند خط هيٺ پيش ڪريان ٿو.

[ڇپيل] (۱)

اوهان کي خبر هوندي ته ۲۳-۲۴-۲۵ جولاءِ ۱۹۱۹ع تي شادي پليءَ ۾ خلافت ڪانفرنس ٿيڻي هئي، پر بارش جي ڪري ٿي نه سگهي. تنهنڪري شادي پليءَ واري ڪانفرنس حيدرآباد ۾ ڪئي ويئي آهي. شيخ الهند مولانا محمود الحسن، مولانا عبدالباري، مولانا شوڪت علي، مهاتما گانڌي، مولانا ابوالڪلام آزاد ۽ ڊاڪٽر سيف الدين ڪچلو جهڙا بزرگ انهيءَ ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻا آهن. وقت ٿورو آهي، ماڻهن جي قلت آهي. تنهنڪري عرض آهي ته توهان پاڻ يا توهان جي خلافت ڪاميٽيءَ جو هڪ عيوضي گهٽ ۾ گهٽ حيدرآباد ۾ ۱۹ تاريخ پهچي وڃي.

۱- اسان کي خبر ڏيو ته توهان جي شهر يا پسگردائيءَ مان ڪيترا ماڻهو ايندا.

۽ سڀ دلچسپي رکندڙ ماڻهو شامل ٿين، جتي اسان ويهي انهن تي بحث مباحثو ڪري سگهون.

آءٌ وري به توهان جي ڪارگذارين کي نهايت تحسين جي نگاهه سان ڏسان ٿو.

توهان جو وفادار،

آر-ڪي- سڌوا.

جي سوال تي بحث ڪيو ويندو. اهڙن ضروري سوالن ۾ توهان جهڙن بزرگن جي شريڪ ٿيڻ سان ڪم گهڻو آسان ٿي پوندو ۽ آءٌ توهان کي ۽ توهان جي انسوسيئشن کي صوبي ڪاميٽيءَ جي مٿينءَ ميٽنگ ۾ شريڪ ٿيڻ جي دل و جان سان دعوت ڏيان ٿو.

— عبدالمجيد،

صدر، صوبه سنڌ خلافت ڪاميٽي، ڪراچي.

(٣)

١٥- آڪٽوبر ١٩٢٠ع

بخدمت شريف جناب حضرت سيد غلام مرتضيٰ شاه!

السلام عليڪم– سائينءَ جن کي معلوم هوندو ته ترڪ موالات واري تجويز ڪلڪتي ۾ اسپيشل ڪانگريس، مسلم ليگ، خلافت ڪانفرنس ۽ انجمن علماء گڏجي پاس ڪئي آهي. انهيءَ تجويز کي ڪامياب بنائڻ لاءِ نهايت ضروري آهي ته هر هنڌ جلسا ڪيا وڃن. في الحال گورنر ۽ وائسراءِ جي ڪائونسلن لاءِ چونڊن جو سوال درپيش آهي ۽ ووٽرن کي سمجهائڻو آهي ته ڪنهن به اميدوار کي ووٽ نه ڏين.

توهان صاحبن جي خدمت ۾ عرض آهي ته توهان جيڪڏهن ڪنهن به هنڌ جلسي جو انتظام ڪندا ته اسان پنج ست ماڻهو وٽي، انهيءَ جلسي ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ تيار آهيون. مهرباني فرمائي، جلد خبر ڏيندا ته ڪهڙيءَ تاريخ توهان جلسي جو انتظام ڪري سگهندا.

خاڪسار،

عبدالمجيد،

سيڪريٽري، خلافت ڪاميٽي، حيدرآباد سنڌ.

٢- آنهن ماڻهن جي رهائش واسطي تعداد مطابق اسان کان جايون وٺي، پنهنجي قبضي ۾ رکندا.

٣- جنهن وقت گوهان جا ماڻهو حيدرآباد ۾ پهچن، ته آنهن کي وٺي وڃي جاين ۾ رهائبو.

٤- وقت سر ماني ڪارائڻ ۾ اوهان جا ماڻهن اسان کي مدد ڏين.

هـ- زارين ماڻهن جي ڪارائڻ پيارڻ جو بندوبست ڪرڻو آهي. تنهنڪري پئسي جي سخت ضرورت آهي. آن ڪري جيتري قدر پئسو گڏ ٿي سگهي، اوتري قدر خاڪسار کي هيئين ءَ ائڊريس تي موڪلي ڏيو.

– شيخ عبدالمجيد سنڌي، ايڊيٽر "الامين"
اسسٽنٽ سيڪريٽري استقباليه ڪميٽي، خلافت ڪانفرنس، حيدرآباد سنڌ.

[نوٽ:- هيءَ ڪانفرنس بارش ڪري ڪانه ٿي سگهي.]

(٢)

جمعيت خلافت اسلاميه صوبه سنڌ، ڪراچي

ڪراچي ١٩٢٠ع

اسلام عليڪم و رحمة الله و برڪاته–

بخدمت شريف جناب سيد غلام مرتضي شاه صاحب،

جناب عالي، عرض ته صوبه سنڌ خلافت ڪاميٽيءَ جي ميٽنگ ١٢-١٣ جون تي سکر ۾ منعقد ٿيندي، جنهن ۾ سنڌ جي مسلمانن جي سڌاري ۽ تنظيم بابت تجويزن تي بحث ڪيو ويندو. تنهن کان سواءِ ڪائونسلن جي اينڊز چونڊ ۾ سنڌ جي پڻ قومي جماعتن مان گڏجي، لائق اميدوارن کي امداد ڏيڻ

اسلام سان دلچسپي وٺندڙ معزز حضرات مدعو ڪيا ويندا، ۽ جنهن ۾ سنڌ جا نو مسلم صاحبان پڻ هڪ وڏي تعداد ۾ شريڪ ٿيندا. اوهان صاحبن کي معلوم هوندو ته هن وقت تائين سنڌ جيڪي به نومسلم ٿي ٿيا آهن، تن جي رهائش ۽ تعليم وغيره جو باقاعدي خاطرخواه بندوبست اسان مسلمانن جي غفلت ۽ بي پرواهيءَ سببان نه ٿي ٿي سگهيو آهي ۽ نه وري تبليغ اسلام جو ڪو باقاعدي انتظام آهي. هن وقت تائين جيڪي به نو مسلم سنڌ جي مختلف هنڌن تي اسلام ۾ داخل ٿي ٿيا آهن، تن لاءِ نڪو بورڊنگ هائوس آهي ۽ نڪو ٻيو پورو بندوبست ٿيل آهي. ٻيون قومون ان باري ۾ ڪيترو ڪم ڪري رهيون آهن ۽ ڪيتري زرخرچ ڪري رهيون آهن، سو اخبار بين صاحبن کان، جن انهن جون ساليانه رپورٽون پڙهيون آهن، مخفي نه آهي. ٻين قومن جا تبليغي ڪمن لاءِ خاص بورڊنگ هائوس ۽ اسڪول آهن. بورڊنگ هائوسن سان گڏ باغ باغيچا انهن جي فرحت ۽ آرام لاءِ آهن. مگر اسان جو ڪو معمولي بندوبست به ڪونهي. تنهنڪري گهڻي غور فڪر بعد ”انجمن نو مسلمانان سنڌ“ هيءُ فيصلو ڪيو آهي ته ڪراچيءَ ۾ هڪ ڪانفرنس ڪوٺائجي، جنهن ۾ تبليغ اسلام سان متعلق ڳالهين جي تنظيم بابت ڪجهه عملي پروگرام قوم جي اڳيان پيش ڪجي.

مون کي اميد آهي ته اوهان صاحب نه رڳو پاڻ ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيندا، پر پنهنجي دوستن احبابن کي به شريڪ ٿيڻ لاءِ آماده ڪندا.

زياده والسلام.

(شيخ حاجي) عبدالمجيد،

عارضي سيڪريٽري، استقباليه ڪميٽي، نومسلم ڪانفرنس،

الوحيد آفيس، ڪراچي.

(٤)

ڪراچي
٢- جون، ١٩٢٦ع

جناب حضرت شاه صاحب،

السلام عليڪم- گذارش ته ١٥ جون کان پوءِ مان اوهان جي خدمت ۾ اچڻ لاءِ تيار آهيان. تنهنڪري، مهرباني فرمائي اطلاع ڏيڻ فرمائيندا ته توهان انهن ڏينهن ۾ سن هوندؤ يا نه ؟

ٻيو ته اسان صوبه سنڌ خلافت ڪاميٽيءَ جي ميٽنگ سکر ۾ ١٢-١٣ جون تي رکي آهي، ۽ مون سڀني مسلمانن جي خيرخواه صاحبن کي آن ۾ شريڪ ٿيڻ جي دعوت ڏني آهي. مان نهايت مشڪور ٿيندس، جيڪڏهن اوهان صاحب ان ۾ شريڪ ٿي پنهنجي صلاح سان مشرف ڪندا.

سنڌ جا پيا صاحب به اميد ته انهيءَ موقعي تي تشريف فرما ٿيندا. جلسي ۾ تمام اهم سوال پيش ٿيندا، جن جو تعلق سڄيءَ سنڌ جي مسلمانن سان آهي، تنهنڪري اوهان بزرگن جو شريڪ ٿيڻ بلڪل ضروري آهي.

خاڪسار،
عبدالمجيد،
صدر، صوبه سنڌ خلافت ڪاميٽي، ڪراچي.

[چيپل] (٥)

جناب عالي! السلام عليڪم-

اوهان صاحبن کي اخبارن ذريعي معلوم ٿي چڪو هوندو ته تاريخن ١٨-١٩ سيپٽمبر ١٩٢٦ع تي ڪراچيءَ ۾ نو مسلم ڪانفرنس منعقد ٿيڻي آهي، جنهن ۾ هندستان ۽ سنڌ جا تبليغ

(٧)

٢٢- ڊسمبر، ١٩٢٦ع

وائيس پريزيڊنٽ، ضلع لوڪلبورڊ
معظمي و مڪرمي جناب سيد غلام مرتضيٰ شاه صاحب،

السلام عليڪم: عرض ته اوهان صاحبن کي اظهر من الشمس معلوم هوندو ته سال کن کان "انجمن نو مسلمانان سنڌ، ڪراچي" اشاعت اسلام جو ڪم ڪري رهي آهي. جنهن جي هيٺئر تازو ڪراچيءَ ۾ ڪانفرنس به ٿي گذري. الحمدلله جو، نهايت ئي هڪ ڪامياب ڪانفرنس ٿي. بلڪل جلد اوهان صاحبن جي خدمت ۾ اها رپورٽ موڪلي وينداي. في الحال هن خط لکڻ جو غرض هيءُ آهي ته اوهان صاحبن کي هن انجمن ۾ شامل ٿيڻ جي دعوت ڏني وڃي. مون کي اميد آهي تہ هن نيڪ ڪم ۾ اسان جي اوهان صاحب ضرور حوصله افزائي ڪرڻ فرمائيندا.

اوهان صاحبن جي ڳوٺ ۾ اشاعت اسلام لاءِ ڪهڙيون سهوليتون آهن؟ تنهن بابت جيڪڏهن به چار اکر لکندا، ته نهايت ممنون ۽ مشڪور رهندس.

اوهان صاحبن جي ڳوٺ ۾ ۽ آسپاس ڪهڙيون اڇوت قومون رهن ٿيون، ڪن بابت احوال ڏيندا.

اوهان صاحبن جي ڳوٺ ۽ آسپاس سنجوڳي شيخ ڪيترا رهن ٿا؟ انهن جي تعليم لاءِ ڪو بندوبست ٿيل آهي يا نه؟ تنهن بابت به جيڪڏهن ڪجهه احوال لکندا ته شڪرگذار رهندس. جواب لاءِ انتظار ڪندس.

نياز مند،

عبدالمجيد.

(٦)

١١- آڪٽوبر، ١٩٢٦ع

جناب مڪرمي و معظمي شاه صاحب،

السلام عليڪم- خط توهان صاحبن جو پهتو. پڙهي نهايت مسرت ٿي. آئينديءَ به رسالي جي ايڊيٽر ٿي رهڻ جو پڪو ارادو آهي، انشاء الله تعالي. توهان جا ڏهه پندرهن روپيا اڳ به مون وٽ رهيل آهن. جن بابت به حڪم ڪندا ته ڪهڙن صاحبن کي رسالا موڪليا وڃن. باقي جيڪڏهن توهان صاحب يا ڪو ٻيو صاحب سنڌ جي ڪامورن ۽ رئيسن ۾ پنهنجي پاران هڪ سؤ ڪاپيون رسالي جون مفت تقسيم ڪرڻ گهري ٿو، ته آءٌ وڏيءَ خوشيءَ سان سوا روپيو في ڪاپي وٺندس. منهنجو مقصد تبليغ آهي نه تجارت.

هن وقت تائين ٻن مهينن جي اندر ٻه سؤ کن روپيا نقصان رسالي جي ڪري پئجي چڪو آهي، جنهن مان سؤ کن روپيا جناب سيٺ صاحب جن ڀري ڏنا آهن، ۽ جيڪڏهن توهان جهڙا ٻه چار سيد سونهارا ٻيا به پيدا ٿي ويا ته اميد آهي ته خرچ نڪري ويندو.

منهنجي ذمي جيڪو به ڪم آهي، سو هڪ واحد خدا تو چاٽي ته فقط توڪل تي هلي رهيو آهي، ۽ اسباب پيدا ڪرڻ جو ڪم مسبب الاسباب تي آهي. رسالي جي ڪم ۾ جا توهان صاحب دلچسپي وٺي رهيا آهيو، تنهن لاءِ آءٌ توهان جو بيحد شڪرگذار آهيان.

بنده،

عبدالمجيد.

(٩)

ڪراچي

١١- آڪٽوبر ١٩٢٧ع

السلام عليڪم-

بخدمت شريف جناب سيد غلام مرتضيٰ شاه صاحب،

جناب عالي! توهان صاحبن کي هن وقت تائين چڱيءَ طرح معلوم ٿي ويو هوندو ته ڪراچيءَ ۾ تاريخ ٢٣ ۽ ٢٤ آڪٽوبر ١٩٢٧ تي ٻه ڪانفرنسون ٿيڻ واريون آهن. پهرين ڪانفرنس جو نالو ”نو مسلم تبليغي ڪانفرنس“ آهي، جنهن جو مقصد آهي اسلام جي اشاعت ڪرڻ، ۽ اهڙن مردن ۽ زالن کي پناهه ڏيڻ، جي پنهنجي رضا خوشيءَ سان اسلام قبول ڪن ٿا.

ٻيءَ ڪانفرنس جو نالو ”تنظيمي ڪانفرنس صوبه سنڌ“ آهي، جنهن جو مقصد آهي مسلمانن جي مالي ۽ جماعتي حالت کي سڌارڻ، ۽ هرهنڌ مظلومن جي مدد ڪرڻ. ٻئي ڪانفرنسون تمام ضروري آهن ۽ مان توهان صاحبن جو نهايت ئي شڪرگذار رهندس، جيڪڏهن توهان انهيءَ موقعي تي شريڪ ٿي ڪانفرنس کي رونق بخشيو.

جنهن صورت ۾ توهان مسلمانن جا سچا پچا عيوضي آهيو، تنهن صورت ۾ نهايت ئي مناسب آهي ته توهان ڀنهي ڪانفرنسن ۾ تڪليف وٺي اچي شريڪ ٿيو، ۽ گهٽ ۾ گهٽ آن جي مقاصد ۽ اغراض سان پنهنجي همدردي ظاهر ڪريو.

منهنجو مقصد هي آهي ته ”انجمن تنظيم المسلمين، صوبه سنڌ“ جي نالي سان هڪ مرڪزي جماعت قائم ڪريان، جنهن جون شاخون جيڪڏهن هر هڪ ڳوٺ ۾ نه، تڏهن به گهٽ ۾ گهٽ هر تعلقي ۾ موجود هجن ۽ جن جو سياسي ڪمن سان ڪوبه واسطو نه هجي.

(٨)

ڪراچي
٩- جنوري، ١٩٢٧ع

وائيس پريزيڊنٽ، ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ، ڪراچي.
مڪرمي جناب سيد غلام مرتضيٰ شاهه،

السلام عليڪم- عرض ته نوازش نامو سائين جن جو عنايت ٿيو. آن لاءِ شڪريو ادا ڪريان ٿو.

٢- ته صاحب جن لکڻ فرمايو آهي ته سن ۽ آسپاس جابلو مُلڪ آهي، سڄي آبادي مسلم آهي. تنهن بابت عرض آهي ته مسلم قوم، خاص ڪري جابلو قوم، ۾ تعليم جي سخت ضرورت آهي، ۽ تعليم به اها جنهن ۾ ديني ۽ دنيوي ٻيئي فائدا هجن. منهنجي ناقص راءِ مطابق هي امر ضروري آهي ته اوهان صاحبن جي سرپرستيءَ هيٺ سڄي محال مانجهند لاءِ هڪ چڱو اسڪول کوليو وڃي. آن بابت اوهان صاحب پنهنجي راءِ کان مهرباني فرمائي مون کي واقف ڪرڻ فرمائيندا ته عين احسان ڄاڻندس. جيستائين تعليم کي عام مسلمانن جي دروازي تائين نه پهچائبو، تيسين گهڻو ڪم ٿي نه سگهندو.

اوهان صاحبن ۾ آهي قومي جذبا موجود ڏسان ٿو، تنهنڪري اوهان کي وري به استدعا ڪريان ٿو ته ڪجهه نه ڪجهه عملي ڪم ضرور ڪيو. جيڪڏهن پنهنجي ڳوٺ ۾ ”انجمن نو مسلمانان سنڌ“ جي شاخ قائم ڪري، آن جي زير سايي اهو مدرسو يا اسڪول کوليندا ته بهتر ٿيندو.

هن انجمن جو ساليانو چندو ڪو مقرر نه آهي، جيڪي ڪو صاحب آسانيءَ سان ڏيئي سگهي، اهو شڪرئي سان قبول ڪيو وڃي ٿو.

جواب لاءِ منتظر رهندس.

نياز مند، عبدالمجيد.

(١١)

روزانہ الوحيد،

٢- مارچ، ١٩٢٩ع

جناب حضرت شاہ صاحب!

جنهن نموني ڪوهان جي ڪاميٽيءَ اسڪالرشپون ڏنيون آهن، تنهن تي گهڻو ناراضپو پيدا ٿيو آهي، ۽ اخبار ۾ شايع ٿيڻ لاءِ ٻہ شڪايت پهتي آهي. هڪ يتيم شاگرد دلاور نالي، جنهن جو نہ پيءُ آهي ۽ نہ ماءُ، ۽ مسافرن وانگر ڪراچي ۾ رهي ٿو، سو ڪالهہ رئندو آيو ۽ چيائين تہ مون جهڙي يتيم کي بہ اسڪالرشپ نہ ڏني اٿن.

اڄ شيخ عبدالله صاحب آيو آهي ۽ معلوم ڪرڻ ٿو گهري تہ جنهن يتيم جي پاڻ سنڀال ڪندو آهي ۽ جنهن پڻ درخواست ڪئي هئي، تنهن لاءِ اسڪالرشپ منظور ٿي آهي يا نہ؟ هن کي هيءُ خط توهان سان روبرو ڳالهين ڪرڻ لاءِ ڏجي ٿو.

زياده خير والسلام،

بندہ،

عبدالمجيد.

آءٌ توهان صاحبن ڪان اجازت وٺڻ گهران ٿو ته جيڪڏهن توهان انجمن ۾ شريڪ نه ٿي سگهو، پر تنهن هوندي به توهان جو نالو تنظيم جي ميمبرن ۾ داخل ڪيو وڃي ٠

مون کي اميد آهي ته توهان وٽان همدرديءَ ڀريو جواب ملندو ۽ توهان اسان جي ڪانفرنس ۾ اچي شريڪ ٿيندا.

— عبدالمجيد،
جنرل سيڪريٽري.

(١٠) [انگريزي]

خلافت ڪاميٽي، صوبه سنڌ.

بيلاسيس اسٽريٽ، ڪراچي
١٨- جنوري، ١٩٢٩ع

منهنجا پيارا شاهه صاحب!

توهان جو پهرين جنوريءَ وارو خط پهتو، جنهن لاءِ شڪريو ادا ڪريان ٿو. مون کي معاف ڪندا، جو آءٌ اوهان کي جلد جواب نه ڏيئي سگهيس، ڇاڪاڻ تہ آءٌ ڪراچيءَ ۾ چوڏهين تاريخ موٽيو آهيان ٠

آءٌ اميد ٿو ڪريان ته خدا توهان کي ان پروگرام جي ڪامياب ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي، جيئن اوهان جون ڪوششون ڪامياب ٿين. آءٌ پنهنجي مدد ۽ تعاون جو اوهان کي يقين ٿو ڏياريان .

اهو ئي هڪ عملي پروگرام آهي، جنهن مان قوم کي فائدو رسي سگهي ٿو. آءٌ تمام منتظر آهيان ته اسان ڪٿي جلدي گڏجي، فيصلو ڪريون ته ڪهڙيءَ طرح ان ڪم جي شروعات ڪجي.

سلامن سان توهان جو،
شيخ عبدالمجيد.



عبدالجبار وڪيل



مخدوم محمد معين الدين



مولوي عبدالڪريم چشتي



ڊاڪٽر دائود پوٽو



محمد صديق ميمڻ

محترم عبدالجبار وڪيل

هيءُ صاحب قومي ڪارڪن ۽ ڪانگريس جو سڪيه ورڪر هو. سندس زندگيءَ جو احوال "جنب گذاريم جن سين" ۾ ذڪر آهي. هتي سندس ٻه خط پيش ڪريان ٿو.

[ڇپيل] (١)

حيدرآباد سنڌ

٢٢- شوال، ١٣٣٨ هه

مخدومي و مڪرمي!

خدمت شريف ۾ عرض آهي ته هن خط سان گڏ جدا پاڪيٽ ۾ صوبي سنڌ جي جيڪا خلافت ڪانفرنس شادي پليءَ ۾ ٧-٨ ذوالقعد جي- ٿيڻي آهي، تنهن بابت اشتهار موڪلجن ٿا. مهرباني فرمائي انهن کي ورهائيندا. هيءَ ڪانفرنت نهايت ضروري آهي ۽ انهيءَ ڪري هندستان جا ليڊر به اچن ٿا، جو عملي ڪارروائي هينئر شروع ٿيڻي آهي. مهرباني ڪري خاص ڪوشش ڪندا ته علماء ۽ زميندار توهان جي پاسي جا تمام وڏي تعداد ۾ اچن. هيءَ پوئين ڪانفرنس آهي، جنهن کان پوءِ يڪدم عملي ڪم جاري ٿيندو. جنهن صورت ۾ دين جا ۽ ملڪ جا نهايت اعليٰ بزرگ اچڻ وارا آهن، تنهنڪري مهرباني ڪري ڪانفرنس کي ڪامياب ڪرڻ جي اڻٿڪ ڪوشش ڪري، عالمن کي ۽ زميندارن کي ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻ جي خاص ترغيب ڏيندا.

هيءُ دين جو ڪم آهي، تنهنڪري خاص طرح ڪنهن کي به دعوت نه موڪلي وئي آهي. فقط هن اشتهار جي ذريعي دعوت ڏنل آهي، تنهنڪري ڪو به صاحب ائين خيال ڪرڻ نه فرمائي ته هن کي وساريو ويو آهي.

اميد ته اها ڳالهه توهين سڀني صاحبن کي چڱي طرح ذهن نشين ڪندا.

خادم، عبدالجبار،

سيڪريٽري، خلافت ڪانفرنس.

(۲)

حيدرآباد سنڌ

۱۸- اپريل، ۱۹۳۳ع

پيارا شاهه صاحب!

توهان جو ۸ تاريخ وارو خط پهتو. آءٌ ٻاهر هالا طرف ويل هوس، تنهنڪري توهان جو خط اڄ پڙهيو اٿم. آءٌ توهان جو شڪرگذار آهيان، جو مون کي ياد فرمايو اٿوَ.

جيئن ته اڄ خط مليو اٿم، ان ڪري ميٽنگ ۾ حاضر ٿي ڪونه سگهندس. نقصان منهنجو آهي. مون کي نهايت خوشي ٿئي ها، جيڪڏهن آءٌ ان ميٽنگ ۾ حاضر ٿيان ها! پر مون کي افسوس آهي، جو آءٌ حاضر ٿي ڪونه سگهندس.

جيڪڏهن خط مون کي ٻه ٽي ڏينهن اڳ ملي ها، ته آءٌ اچي سگهان ها. اهڙيءَ پارٽي ٺاهڻ جي گهڻي ضرورت آهي.

آءٌ پنهنجي مُنهن ڀرازيءَ ۾ ماٺ ميٺ ۾ ڪم ڪندو رهيو آهيان. آءٌ اميد ٿو ڪريان ته خدا پاڪ اوهان کي ڪامياب ڪري!

اوهان جو خادم، عبدالجبار.

سنڌ ۾ ”پيپلس پارٽي“ نالي سان جماعت ٺاهڻ لاءِ ميٽنگ گهرايل هئي، هيءَ خط ان ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ موڪليل خط جي جواب ۾ آهي-]

٤- ”ستاره سنڌ“ ۾ ڪي مسلسل مضمون- في الحال تہ ڪانفرنس لاءِ.

٥- ڪانفرنس جي اعلان، ۽ چڱي نموني اعلان، لاءِ اخبار ”سنڌ آبزرور“ ڪي تحريڪ مؤثر نموني ۾.

ڏٺيءَ تي بار آهي ۽ هت اوهان ڪي ٻہ ٻار ڪٺو آهي- مهربانيءَ جي نظر رکندا. والسلام.

ضروري عرض تہ مهرباني ڪري، شاهہ صاحب جن جي بنگلي جو سرنامو لکندا تہ اوهان کي آتي خط لکن.

- حڪيم شمس الدين.

[نوٽ:- هيءُ خط پير حسام الدين شاهہ کي موڪليو هئائون، جنهن وري مون ڏانهن موڪليو.]

(٢)

سنڌ پراونشل يوناني طبي ائسوسيشن،

ويسٽ ڪچهري حيدرآباد سنڌ.

٣- مئي، ١٩٣٨ع

بگرامي خدمت حضرت شاهہ صاحب، اقبالهٗ

السلام عليڪم- اميد تہ اوهين خيريت سان هوندا. مان ٻاهر ويل هوس. آڏاهون ويهن ڏينهن جي غير حاضريءَ کان پوءِ ڪالهہ حيدرآباد پهتو آهيان.

اسان جي ڪانفرنس جي رپورٽ تيار ٿي رهي آهي، اُن ۾ اوهان جي صدارتي ائڊريس جي مضمون جي سخت ضرورت آهي. اسين تہ اوهان جي مختصر نوٽن جي بنا تي ڪجهہ ڪٿي لکندا سين- پر اوهان جي لکڻ ۽ اسان جي لکڻ ۾ وڏو فرق ٿيندو-

حڪيم شمس الدين صاحب

حڪيم شمس الدين صاحب اصل نوشهري فيروز طرف جو ويٺل هو، جو پوءِ لڏي اچي حيدرآباد ويٺو. وڏو ماهر حڪيم هو، ۽ حڪمت تي ڪيترا ڪتاب لکيائين. خلافت ڪاميٽيءَ جو جنرل سيڪريٽري ٿي رهيو. تعليم ۽ سياست ۾ خاص بهرو وٺندو رهيو. قاضي فضل الله، سابق وزير، حڪومت سنڌ، جو وڏو ياءُ هو. خلافت جي ڏينهن کان وٺي مون سان لاڳاپو هوس. مون وٽ سندس گهڻيئي خط موجود آهن، جن مان هي ٻه خط هيٺ پيش ڪريان ٿو.

(١)

سنڌ پراونشل يوناني طبي انسوسيشن،

ويسٽ ڪڇا، حيدرآباد سنڌ.

٧- اپريل، ١٩٣٨ع

جناب پير صاحب محترم!

السلام عليڪم- اميد ته اوهين خيريت سان هوندا. اوهان جي خدمت ۾ هيٺيان عرض آهن، تن سڀني جي ازراهه ڪرم پوئواري ڪندا:

١- جناب شاهه صاحب، سيد غلام مرتضيٰ شاهه، جي خدمت ۾ ١٦- اپريل ١٩٣٨ع تي صدارت لاءِ هر وقت ياد ڏهاني.

٢- شاهه صاحب جي خطبه صدارت جو لکڻ.

٣- پنهنجي طرفان ڪو عمدو مضمون طبيبن جي حالت ۽ سنڌن آئينده ترقيءَ تي.

مخدوم محمد معين الدين خياروي

مخدوم محمد معين الدين خياروي بزرگن مان هو. وڏو حڪيم، اديب ۽ هڪ وقت سياستدان به هو. سندس احوال "جنب گذاريم جن سين" ۾ ڏنل آهي. مون وٽ سندس ڪيئي خط آيل آهن، پر نموني طور چار خط هت پيش ڪريان ٿو.

(۱)

۱۵- جون، ۱۹۲۰ع

بسم الله و السلام علي رسول الله

اما بعد

به بسم الله بگيرم خامه را — بحمد الله نويسم نامه را

سلمه ربه وجعله الله تعاليٰ للمتقين اماما.

بخدمت شريف سيادت و شرافت پناه حضرت شاه صاحب.

بعد سلام محبت مشام واضح ته، نوازش نامو محبت شمامو پهتو. باعث خوشي ۽ مزيد محبت جو ٿيو. اللهم زد فزد: الحمدلله علي ڪل حال. هت دادوءَ ۾ اهڙو ڪم اتفاق ۽ همدرديءَ جو هندن ۽ مسلمانن ڏيکاريو، جو شايد سنڌ ۾ آن جو مثال مشڪل ملي. ۱۱ لک صلوات جا پڙهيا ويا، ۽ دعا گهري ويئي ۽ تقريرون پُرجوش ٿيون. وائسراءِ ڏانهن تار بروقت دادوءَ مان موڪلي. ويئي خلافت ڪانفرنس مخدوم (بلاول) جي ماه پهرئين جمعي تي مقرر ڪئي ويئي آهي. عام دعوتون موڪليون ويون،

مان سمجهان ٿو ته اوهين بيحد عديم الفرصت به آهيو، پر ڪلاڪ اڌ به وقت ڪڍي اسان جي هن درخواست تي توجهه ڏيڻ فرمائيندا ته انشاء الله اسان جو ڪم ٿي ويندو. محترم پير صاحب جن به اوهان وٽ ضرور ايندو. هنن ڪان ئي ڪم وٺندا ته به ڪم پورو ٿي ويندو. هيءَ به گذارش آهي ته جو ڪجهه موڪلي سگهو، سو جلد ڪان جلد موڪلڻ جي مهرباني ڪندا.

اسان ڪانفرنس جا ٺهراءَ سنڌ سرڪار کي موڪلي ڏنا آهن. وزارت جو انهن بابت ڇا ڪجهه ڪرڻ جو ارادو آهي، ۽ اوهان جون اسان جي انهن تحريڪ بابت ضرور وزير صاحب سان خانگي ڳالهيون ٻئون هونديون- سندن ڇا خيال آهي: انهن بابت اوهان کي جيڪا ڪجهه معلومات هجي، تنهن ڪان اسان کي واقف فرمائي احسانمند ڪندا. اسان کي وڌيڪ ڇا ڇا ڪرڻ گهرجي، انهن بابت به اوهان جي هدايتن جي اسان کي سخت ضرورت آهي.

اوهان جي جيڪا اسان سان همدردي رهي آهي، انهن جي پروسي تي اسان کي اوهان جي مدد، رهبريءَ ۽ ڪوشش جي وڏي اميد ۽ آسرو آهي. اسان جي تسليءَ لاءِ جواب جا ٻه حرف ترت لکي موڪليندا.

فقط والسلام،

شمس الدين.

صاحب جي جاءِ تي توهان کان پڙهائي ويندي . تسليمات سڀني دوستن جا خدمت اقدس ۾ عرض :

سلام مسنون مع دعاي عافيت مستحسن محبيم منشي حاجي ۽ آخوند محمد سمن ۽ سيڪريٽري ۽ نائب سيڪريٽري، محمد پريل ۽ محمد آچر ۽ واڍڻ سڀني دوستن کي سلام ڏيندا .

جواب ورندڙ ٽپال ۾ ضرور لکندا، ضرور ايندا، ٻيو ڪو به عذر ٻڌڻ ۾ نه ايندو . گستاخي معاف :

مرسله معين الدين ،

(۲)

۱۳- جمادي الثاني، ۱۳۳۸ ھ

بسم الله الرحمان الرحيم

نحمده، و نصلي علي رسوله الڪريم .

اما بعد

بهر جا ڪه باشي خدا يار تو ـ محمد هميشه مددگار تو

ديرگاه داشته مسلمانان را متمتع و مستفيد گرداند

خداي عزوجل آن سيادت و شرافت پناه داعي سنت نبويه را

بعد سلام ڪثير و شوق وفير، باعث تحرير آنڪه : صاحبا ! توهان صاحبن کان اجازت وٺي دادوءَ پهتس. اڄ رات ميمبر خلافت ڪاميٽي دادوءَ جا گڏ ڪري، ان ۾ توهان جي جلسي لاءِ صلاح مصلحت ڪئي ويئي . اسان هتان پاڻ ۾ چندو ڪري هڪ سؤ روپيا آن خير جي اسلامي جلسي لاءِ رکيا آهن، جي انشاءالله تعالي توهان کي جلد پهچايا ويندا. توهان سرجوشيءَ ۽ ڪشاده دل سان ان ڪم ۾ ڪوشش ڪندا. ڏهه پندرهن ماڻهو، جي آتي اسان جا ڪم ڪار ڪندا، فقط اهي ماني کائيندا. ٻيا جي هتان هتان آسپاس جا ايندا، آنهن کي چونداسون ته ماني نانوائيءَ

۽ خليفو ميان ولي محمد هت اسان وٽ صلاح مصلحت لاءِ آيو. سرگرم تياريءَ ۾ آهيون. ڪراچيءَ اڄ ماڻهو موڪليو ويو، مولوي فتح محمد صاحب، مسٽر عبدالعزيز صاحب ۽ حڪيم شمس‌الدين کي وٺڻ لاءِ- ٻيو ماڻهو اربع وات حيدرآباد شيخ صاحب ميان عبدالمجيد صاحب ۽ ڊاڪٽر نور محمد کي وٺڻ لاءِ لاءِ ويندو. اڄ شام واريءَ گاڏيءَ ۾ بزرگ امروٽ وارا مليا، جن وعدو ڪيو ته خميس جو فجر واري ميل ۾ انشاء الله تعاليٰ مخدوم صاحب جي جمعي تي ايندا سين. حضرت مولوي امروٽي صاحب کي پريزيڊنٽ مقرر ڪيو اٿئون. انشاء الله ڪم عمدو ٿيندو. اوهان شهزادن جي ملاقات لاءِ اکيون انتظار جون نگران آهن. اميد قوي آهي ته ضرور تشريف فرمائيندا. اسٽيشن قلجيءَ تي لهندا، جو اتفاق راءِ سان اها تجويز قائم ڪئي ويئي. انهيءَ گاڏيءَ ۾ ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد وارا صاحب قلجيءَ اچي لهندا. انهيءَ ڪري اربع ڏينهن اسين پيشوائي اوهان جي لاءِ بندوبست ڪرڻ واسطي قلجيءَ ويندا سون. جمعي جي ڏينهن سڀ موٽي دادو ويندا سون، جو جمعي نماز بعد دادوءَ ۾ تقريرون ٿينديون. تنهنڪري توهان صاحب ازروئي شفقت ۽ مهربانيءَ جي قلجيءَ خميس صبح واريءَ گاڏيءَ ۾ ضرور اچي لهندا.

بندوبست سڀ رکيو ويو آهي. حبيب فقير ۽ محمد هاشم فقير کي چوندا ته وازڪي ڪم جا اوزار سڀ کنيو اچن، جو اوطاق دادوءَ واريءَ تي ٻه ٽي ڏينهن ڪم ڪرڻو پوندو. تاڪيد ڪندا، ۽ پنا ۽ جهنڊا اسلامي ضرور آڻجو، بلڪ مجاهد ٻڌيو اچن. ورنه ڊنپال ۾ ضرور پنهنجي تشريف آوريءَ جي خبر ڏيندا.

والسلام اولاً و آخراً.

قلم تازو: تقرير ضرور ڏاهي ايندا، جا حضرت مخدوم

[نوٽ:- سن ۾ ١٧-١٨ مارچ ١٩٢٠ع تي سڏايل خلافت ڪانفرنس حڪيم فتح محمد سيوهاڻيءَ جي صدارت ۾ گڏ ٿيڻ واري هئي- ان بابت خط آهي.]

(٣)

٢٨- جمادي الاول، ١٣٣٨ هه

سلمه الله تعالي و جعله الله تعالي للمتقين اماماً
والا مواهب، مير سيد ميان غلام مرتضي شاه صاحب
بخدمت سراسر شفقت، سيادت و شرافت پناهه، سموالقدر جناب‌شاه‌صاحب

بعد سلام محبت مشام، سنت سيد الانـام عليه الصلوات والسلام آنڪه: محبت نامه نامي و صحيفه گرامي ڪه ازروي شفقت و مهرباني مون ڪي موڪليو هئو، اج تاريخ ٢٨ جمادي اولال پهتو. باعث خوشي ۽ مزيد محبت جو ٿيو.

صاحبا! مون کي ايڏانهن اچڻ لاءِ سرگرم تياري هئي ته پنهنجي ناقص عقل آهـر صلاح مصلحت پيش رکان. مگر نئين شفاخاني کولڻ سبب رات ڏينهن فراغت خط لکڻ جي به نه ٿي ملي. دل پئي ارادو ڪيو تـه اج ٿو وڃان، سڀاڻ ٿو وڃان. حاجي صابر کان به توهان شاهه بازن جي اسلامي ڪوشش جي خبر سرگرم ٻڌي، بيحد گهڻي خوشي ٿي.

قلم کڻي خط لکڻ لاءِ تيار هوس ته توهان صاحبن جو صحيفو پهتو. اسين هر طرح حاضر آهيون. آءٌ اج اچان ها، پر رات ٢٨ تاريخ سيد ميان نصير شاه باجارن واري جو ماڻهو خط سميت اچي نڪتو تـه باجارن ۾ خلافت ڪاميٽي مختصر تيار ڪرڻي آهي، مولوي ڪو عمدو موڪليو. تن ڏانهن اسان رات ماڻهو موڪليو آهي تـه سموري حقيقت لهي اچي تـه باقاعدي مولوي ڏجين. پيو وڏو سبب دير ڪرڻ جو اهو آهي ته شيخ عبدالمجيد، ڊاڪٽر نـور محمد، مولوي تـاج محمد وغيره سڀ

ڪان ڪائيندا. تنبو آيل آهي، جو جلد ڪٽائي ايندس. تاريخ ٢٣ ڪم ڪار ڪندڙ هتان صبح واريءَ گاڏيءَ ۾ ايندا، جي اتي اچي صلاح مصلحت توهان صاحبن کي ڏيندا ۽ ڪم ڪار ڪندا. ڪم لاءِ هي ماڻهو رکيا ويا آهن:

سيٺ حاجي محمد يعقوب، سيد فضل محمد شاهه، سيد امداد شاهه، عرس حجم رڌ پچاءَ لاءِ، محمد صالح درزي ۽ محمد مراد تنبو کوڙڻ لاءِ. اهي ماڻهو اڳواٽ خدمت ۾ موڪليا ويندا، جي خدمتگار ٿيندا، چڱو ڪم ڪندا. احوال پڌائيندا ۽ لکڻ فرمائيندا. چندو ڪوشش ڪري جلد گڏ ڪري ڇڏيندا. سکر، حيدرآباد اسان جو ماڻهو محمد پيرل مولوي صاحبن وغيره کي وٽن لاءِ اڳواٽ موڪليو ويندو.

توهان خط جلد ماڻهن ڏي لکي ڇڏيو ۽ عام اطلاع ۾ لکندا تہ ماني سڀڪو پنهنجي کائيندو، ۽ هنڌ بسترا سڀڪو پنهنجا کڻيو اچي، ۽ اخبار "پارت واسي" کي اعلان لکندا تہ هن طرح لکندا تہ:

> "اسان هت خلافت ڪانفرنس ٢٥-٢٦ جماديالثاني، مطابق ١٧-١٨ مارچ مقرر ڪئي آهي. ڪاڏي پيتي لاءِ هوٽل کڍايا ويا آهن. بسترا سڀڪو پنهنجا آڻي، اسين فقط جاين جو بندوبست رکنداسون، جو رهڻ واسطي جاءِ ڏينداسون."

الراقم معين الدين عفي عنه

سلام محبت مشام محبيم حاجي منشي صاحب ۽ ميان محمد پريل ۽ آخوند ميان محمد سمن جا سيني دوستن کي ڏيندا. تسليمات شيرمحمد مدائيءَ جا عرض، ۽ دادوءَ جي سيني جماعتين جا سلام عرض.

تسليمات سيد ميان جيوڻ ساهه ۽ سيٺ ميان حاجي محمد
يعقوب ۽ محمد هاشم دڪاندار دادوءَ جا خدمت ۾ عرض •

مرسله معين الدين عفي عنه•

قلم تازو- توهان پنهنجو سربستو احوال، ڀرزي پڇڻ
شرط، موڪليندا •

(٤)

٢٨- رجب، ١٢٤٥ هه

بسم الله علي ملت رسول الله

چه غم ديوار امت را ڪ دارد چون تو پشتيبان،

چه غم موج بحر آن وا ڪ دارد نوح ڪشتيبان •

پشت پناه ما غريبان، شاه خوبان دامت حياتڪم •

بخدمت حضرت شاه صاحب، سيادت و شرافت پناه، جامع الفضائل،

بعد تسليمات جي عرض ته قربان خاڪپاي مبارڪت شوم-
نوازش ناما توهان فدائي ملڪ و ملت جا پهتا. مگر سببان
واقعي جان جلائيندڙ، ساهه ساڙيندڙ، منهنجي اکين جي ٺار پياري
پاڻ مرحوم صاحبزادي ميان محمد فتح الله صاحب ۽ منهنجي جان
ڪان پياري پيٺ سڳوري، جا پيٺ نه هئي بلڪ منهنجي ماءُ هئي،
آءٌ ان جي ڇانوَ ۾ بادشاهيءَ تي هوس، ڪا به زماني جي سون
کي خبر چار يا ڳڻتي نه هئي: اهي ٻيئي جان گداز واقعا هڪ
رات ٢٦ رجب ۾ ٿيا:

هاءِ هن هنڌ سون کي گوندر ۾ گڏي،
هڪبئي پٺيان ويا ساٿي لڏي،
نقش وانگر ٻير جي وهجي ويس؛
منجهه لنئن رنج جي سڄو لڱجي ويس-

اڪثر بمبئي هليا ويا آهن. جڏهن آهي اچن ته پوءِ تاريخ خلافت ڪاميٽيءَ جي سن ۾ مقرر ڪجي. بس تنهن ڪان اڳ صلاح مصلحت لاءِ انشاء الله تعالي جلد اچي ملاقات ڪندس ۽ پنا مجاهدن جا هتان تيار ڪرايو ايندس. هت پهرين تاريخ آچر ڏينهن باجارن ۾ جلسو خلافت ڪرڻ جي ارادي سان مقرر ڪيل آهي. دادوءَ وارن مون کي جهليو آهي ته آن جلسي تان تي، پوءِ سن وڃو. وري مٿان ماهه پهريون جمعو به نزديڪ آهي. پوءِ آءُ سن ڪان توهان وٽان تي پوءِ گڏ ايندا سون. ماهه پهرئين تي مخدوم بلاول تي گهڻا عالم ۽ واعظ اچڻا آهن. تاريخ خلافت سن واريءَ جي مناسب آهي ته ماهه پهرئين جمعي ڪان پوءِ، ۽ جيڪي بمبئي ويل آهن، آهي اچن ته پوءِ مقرر ڪجي. باقي صلاح مصلحت ۽ تياري اڳ ۾ ڪجي. جيڪڏهن باجارن ۾ چڱي تياري ۽ عمدو انتظام معلوم ٿيو ته سياڻ جمعي جي ڏينهن توهان ڏانهن سربستو احوال لکندا سون ۽ دعوت طرفان خلافت ڪاميٽي دادوءَ جي لکندا سون- جو توهان اسان سان گڏجي باجارن ۾ هلجو، جتي ڪاڏي پيتي وغيره جو انتظام اسين توهان جو ڪندا سين، خاطري فرمائيندا.

سيڪنهن مسلمان تي واجب آهي ته جتي اسلامي جلسو هجي آتي وڃي. اسلام ۾ سڀ هڪجهڙا حقدار آهيون. ڪنهن جو ذاتي ڪم يا شادي نه آهي، جو اسلامي جلسي ڪان گوشو ڪجي! اسين وياسون ته توهان صاحبن ڏانهن خط يا تار موڪليندا سون. اچڻ فرمائيندا. وهٽ وغيره جو انتظام ڪندا سون- زياده شوق ملاقات، والسلام.

سلام محبت القيام محبيم ميان حاجي منشي، محمد پريل ۽ محبيم فقير سمن ۽ ٻين دوستن کي ڏيندا. خاص سلام خانصاحب ميان پير بخش خان پٺاڻ کي ڏيندا.

تنهن وچ ۾ جي ڪجهه هوش آيم ته اچي خدمت ۾ حاضر رهندس. ورنه نه معافي طلب آهيان، جو هن وقت مون کي ڪا به خبر نٿي پوي. دعا ڪندا ته الله تعاليٰ صبر جي توفيق ڏئي ۽ مرحومن کي جنت الفردوس نصيب فرمائي.

زياده حد ادب.

خاڪسار معين الدين، از خسخانه خود.

(٥)

١٣- رمضان ١٣٤٥هه

جعله الله تعاليٰ للمتقين اماماً.

ميان غلام مرتضيٰ شاه صاحب،

سيادت و شرافت پناه، مير سيد شهزاده

گل گلزار معاني، بلبل شاخسار نڪته داني، عاليجناب

بعد از تسليم مع التڪريم معروض خدمت سراسر شفقت عاليه هجي ته

بچه مشغول ڪنم ديده دل را مدام

دل ترا ميطلبد ديده ترا ميجويد

توهان صاحبن جي هردلعزيزي ۽ حب الوطني ۽ امت مرحومه جي بهبودي، عنايت ۽ عطا، لا تقدير ولا تحضيٰ لاحد ولا انتها- قابل تحسين سزاوار آفرين جي آهي. ايزد جهان آفرين توهان جهڙن هردلعزيزن، فدائي ملڪ و ملت کي تا ديرپا داشته مسلمين را متمتع و مستفيد گرداند- ڪثر الله امثالڪم و بارڪ الله برڪاتڪم و عمر ڪم و عمل صالحڪم- آمين.

ماهوالمعروض آنڪه پرزو آڻيندڙ گل محمد بلوچ ڪوسو ملتجي بن حرفن سفارشن لاءِ خدمت عاليه جي لاءِ ٿيو آهي.

سفارش جو ڇا آهي سڄ ڏي ضرور

ته ڪرياجهه عالم ڪان ڪيو جهل نوو.

اميد ته سربستو احوال خدمت اقدس ۾ بيان ڪندو.

امروز گـران وقت حريفان خبري نيست
فردا ست درين بزم ز ما هم اثري نيست

—

انهن واقعن جي زهر اثر کان حياتيءَ جي ذائقي جو مِٺاج ڪڙو ٿي ويو. پسڻ ٿي اونده جو سُرمون وڌائون. صبح آن حال جي ڏسڻ کان گريبان چاڪ ۽ شام ان ملال جي پسڻ کان ڪارو لباس ڍڪيو. فلڪ غم ۽ الم جي بار کان پيٺو پٽ ٿيو ۽ سج نهايت درد کان رخ زرد رهيو. خاڪ خشڪيءَ جو بنياد رکيو. آتش پنهنجي ڀاوڻ کي ساڙي ڇڏيو. واءُ مجنون وانگر گهٽين ۾ ڦرڻ لڳو. آسمان وت جا ڦڙا وسائڻ لڳو. جڏهن جهان جوئي اهڙو حال هوندو، تڏهن هن خاڪسار جي دردناڪيءَ جو ڇا حال هوندو؟ ڪير سڃاڻي سگهندو هن غم ۽ الم جي گوشه نشين سان ڏک وڻن ۽ سور اورڻ ڪير ڪندو؟

سڄو تُن ٽيان وت اکين مان وهان،
جي چاٽان تـه آهي رئڻ کي اثـر!

غرض ته هي داستان آتش بيان قلم جي دامان جلائي ٿو ۽ ڪاغذ جي گريبان ۾ ٽانڊا وسائي ٿو. زهرآب ٿيس، جگر ڪباب ٿي ويو.

داغ بر دل گذاشتند ڪه مرهم ندارد

فصبر جميل. إنـا لله و إنا اليه راجعون. إن الله مع الصابرين —

انهيءَ سبب توهان جي جواب ۾ دير ٿي، ورنه ڇا مجال خاڪسار کي، جو توهان جي ڪُور ڪُور تي نه اچي. اهڙن اسلامي ڪمن تي وڪالت ۽ دلي شوق رکندڙ آهيان. الله پاڪ توهان جي ڪوشش ۾ برڪت وجهي ۽ توهان کي پاڪ ارادن ۽ امت مرحومه جي خيرخواهيءَ ۾ ڪامياب ڪري. منهنجو روح توهان سان ڪم ۾ آهي— جسم هيت آهي، جان اتي آهي.

(٦)

٢١- فيبروري، ١٩٤٢ع

بسم الله الرحمان الرحيم

نحمده و نصلي علي رسوله الڪريم

بهر جا ڪہ باشي خدا يار تو — محمد هميشه مددگار تو

اما بعد

الله معڪم اينما ڪنتم:

سلمه وبه

محترم حضرت شاه صاحب، مير سيد غلام مرتضيٰ شاه صاحب، بگرامي خدمت سراسر شفقت سيادت و شرافتهاي فداي ملڪ و ملت سلام محبت مشام سنت سيد خير الانام عليه الصلواة و السلام آنڪہ: نوازش نامہ نامي، صحيفہ گرامي ڪہ ارزوني شفقت و مهرباني، هن قليل البضاعت دور افتاده ڏانهن موڪليو هئو، پهتو. باعث خوشي ۽ مزيد محبت جو ٿيو. مون کي خدمت ۾ اچڻ لاءِ بيحد شوق آهي ۽ پنهنجو ناچيز رايو ۽ صلاح مصلحت خدمت ۾ عرض رکان ها، مگر بدقسمتي منهنجي، جو آن تاريخ منهنجي شنوائي سيشن ۾ آهي. الله پاڪ توهان کي نيڪ ارادن ۾ ڪاميابي ڏيندو.

نصر من الله و فتح قريب—

منهنجي ڪُلي همدردي اوهان صاحبن سان آهي. جيڪو حڪم فرمائيندا، انشاء الله آن جي تعميل ۾ ڪوتاهي نہ ٿيندي.

آئــون ڪين چــڏيان، 'سنائيءَ' پچار،
جڙ جهين جــي جيءَ ۾، لڳي ويءَ لهار،
ميغون محبت سنڌيون، هنئين منجهہ هزار-

—

'سنائي' شاهہ ڪـي، ڏڻـــي ڏينهن ٿيام!

—

پنهنجي وسعت ۽ ڪوشش مان سندس ڪم سرِ انجام ڪرڻ فرمائيندا، گستاخي خامہ نويسي معاف فرمائيندا.

زياده حد ادب.

عرض تازو: وري پنهنجي خوشخبريءَ کان خاڪ دور افتاده ڪي ياد نہ فرمايو اٿو – سواءِ خير جي ٻيو ڪو مانع درپيش نہ هجي.

حضرت استاد مولانا مولوي احمد علي لاهوريءَ ڏانهن عريضو عرض رکيو ويو هو. جنهن جو جواب پاڻ فرمايائون تہ عارضہ فالج کان بيمار آهن، دُعا گهرندا تہ عافيت ٿئين. عافيت بعد پڪو انجام فرمايو اٿن – هڪ مهيني لاءِ ضرور ايندا.

مون کي توهان صاحبن جي سڪ ۽ شوق ملاقات جو ازحد شوق ۽ بيقراري رهي ٿي. مگر

نہ دوري دليلِ صبوري بود
کہ بسيار دوري ضروري بود

سلامي عليڪم و ديارة بعيده، واني عن السعي اليڪم لعاجز
هذا ڪتابي نائبة عن ملاقاتي، و في عدم الماءِ التيمم جائز

اميد تہ سربستو احوال ۽ دڪان سن جي حقيقت ۽ مدرسي کان واقف فرمائيندا رهندا، تا باعث فخر جو ٿئندس.

دل تہ گهڻو ٿي ٿي ڪيدي تہ پنهنجي رفيق شفيق محبوب جي گليءَ ۾ باقي دم زندگيءَ جا رهي، سندس خدمت ۾ گذاريجن. مگر زماني جي انقلاب ۽ مجبوريءَ کان مجبور ٿي، حيران ۽ سرگردان ۽ پريشان رهان ٿو.

حريفان باده ها خوردند و رفتند، تهي خمخانہ ها ڪردند و رفتند
اندڪي پيش تو گفتم غم دل ترسيدم، ڪہ دل آزرده شوي ورنہ سخني بسيار است
شب بگذشت وحديث درد ما آخر نشد، شب آخر شد ڪنون ڪوتہ ڪنم افسانہ را

– معين الدين.

مولوي محمد عبدالڪريم چشتي

هيءُ سنڌ جو مشهور و معروف قومي ڪارڪن، واعظ، صحافي ۽ مصنف بزرگ هو. سندس زندگيءَ جو احوال مون ”جنب گذاريم جن سين“ ۾ اڳ ۾ ئي ڏنو آهي. هتي سندس چند خط پيش ڪريان ٿو.

(١)

٩- اپريل، ١٩٢٩

حضرت شاه والا جاه!

السلام عليڪم و رحمة الله و برڪاته‘: مزاج شريف- گرامي نامو موصول ٿيو. عين عنايت- حالات کان واقف ٿيس. مني آرڊر اڃا نه مليو آهي، ملي ويندو. سچ پڇ طب جو ڪم هڪ طرف کان آهي ته مدرسي جو ٻئي طرف کان ۽ اندو ٻاهر هر هر وچڻ ٽئين طرف ۽ خانگي امور جي سر انجامي چوٿين طرف. جنهن سببان آهيان عديم الفرصت، مگر اوهان جي حڪم جي تعميل ۾ ايماناً خوشي ٿي ٿئيم. انشاء الله تعاليٰ ١٧ تاريخ صبح جو جنگشاهيءَ تي حاضر رهندس. ٻنهجي ماڻهوءَ کي هدايت ڪندا ته مون کي پاڻ ڳولي لهي. نشان، ”مٽي تي ترڪي ٽوپي، اکين ۾ عينڪ ۽ ڏکهو ڪوٽ-“

هميشه آءٌ هڪ ماڻهو سفر ۾ ساڻ ڪٺندو آهيان، مگر اوهان جي لکڻ مان معلوم ڪيم ته شايد ماڻهوءَ کڻڻ جي ضرورت

جڏهانڪر ٿيام، ساڄهه 'سنائيءَ' سين،
تڏهانڪر تير جيترا، ويـــر م وسريام؛
اندر روح رهيام، سڄڻ اوطاقون ڪري!

—

ڪثر الله امثالڪم و بارڪ الله في برڪاتڪم و عملڪم و عمرڪم و رزقڪم۔

ناچيز جو عرض آهي ته جيترو ٿي سگهي ته مسلم ليگ سان صلاح ڪجي. هت سيد حاجي علي اڪبر شاهه کان معلوم ٿيو ته توهان کي وزير اعظم ۽ اوهان جي سنگت مان هڪ ٻه ٻيا وزير به ڪرڻ لاءِ تيار آهن، جي توهان آنهن سان مصالحت ۾ ٺهراءُ ڪيو. اها ڳالهه صحيح آهي يا نه؟ اسان کي ته مسجد شريف ۾ ئي شاهه صاحب ٻڌايو. بهرحال مسلم ليگ سان ٺهراءُ ٿي سگهي ته بهتر آهي. وڌيڪ گهڻو ڪجهه عرض رکان ها، مگر آن تاريخ تي مجبوراً حاضر ٿي نه سگهندس.

— معين الدين.

نوازشنامو رنگين ۽ پُر لطف وصول ٿيم، طبع کي گهڻي خوشي نصيب ٿي.

قاصد رسيد، خط رسيد، پيام رسيد
در حيرتم ڪه جان بڪدامي ڪنم نثار!

١- ڪاغذ تان قربان ٿيان جنهن تي اهي اکر لکجي مون وٽ پهتا؛ يا مَس تان، جنهن جي مدد سان اها محبت منظر تي آئي؛ يا اوهان جي مبارڪ هٿن تان، جن اظهار محبت ۽ جود و سخا ڏيکاري؛ يا دل لياقت منزل تان جنهن جي خيالات جو عڪس محبت نامي جي صورت ۾ مون وٽ جلوه فرما ٿيو!

٢- دوست نواز! مان پانيان ٿو ته فوٽن وصول ٿيڻ بعد خط عرض رکيو هيم، مگر ممڪن آهي ته ائين نه هجي، پر اوهان ائين به ڪٿي امڪان ڄاڻو ته سائينءَ جن جي توجهه چڪائڻ ۾ خط ڪامياب نه ٿيو هجي.

٣- جي پوي قبول! ته گذارش ڪريان ته ننڍي واري وڏيري محمد عثمان سان نڪتل فوٽو ٣ عدد ڪنهن به طرح سان عنايت ڪندا ته عين احسان! جي قبول نه پوي ته چُپ بهتر!

٤- عزيزا! اوهان جيڪي حضرت مولانا خواجه حافظ بلبل شيراز جي ڪلام بلاغت نظام مان چند ابيات لکيا آهن، انهن جو ڪهڙو جواب ڏيان! بنده نوازيءَ جو عيوض نيازمند وٽان آخر ڇا ملندو؟ ذره نوازيءَ جي جزا ۽ بدلو ته تابعدار ادا ئي نه ڪري سگهندو! خاڪسار کي فخر آهي، جو اوهان جهڙو پيارو ۽ مٺو قرب جو پتلو پيو ايترا پاڄهه ۽ مٺ پريا ٻول ٻولي:

الا اي طوطيءَ شيرين گفتار،
مبادا خاليت شڪر از منقار،
سرت سبز و دلت خوش باد جاويد،
ڪه خوش نقشي نمودي از خط يار!

نہ آھي. گشت جو پروگرام مطالع ڪري، پڻ گھڻو خوش ٿيس،
خدا پاڪ اوهان کي وڏ ۾ وڏ بيدار ڪندو ۽ محبت قوم عطا
ڪندو ۽ اوهان نيڪ ارادن ۾ سدائين ڪامياب رهندا ايندا.
آءٌ بہ خيريت ۾ آھيان، صاحب جن بہ اميد تہ هرطرح
با فرحت ۽ باعافيت هوندا.
خدا پاڪ جي تائيد ۽ رحمت اوهان سان شامل حال
هجي شال!

دِعاگو،

محمد عبدالڪريم چشتي.

[نوٽ: ڪراچي ضلعي جي ”ڳوٺ سذار“ گشت وقت ڪيس اچڻ لاءِ
لکيو ويو هو. هيءُ آن خط جو جواب آھي.]

(٢)

بسم الله الرحمان الرحيم

سلامي علي من لست انساه، ولا تمل لساني قط عن ذڪراه،
فان غاب عن عيني و جسمي، فمن يڪن في القلب ڪيف انساه.

”منھنجا، آن شخص کي سلام پھچن، جنھن
کي آءٌ هرگز نہ وساريندو آھيان، ۽ نہ
جنھن جي ذڪر کان زبان کي ملال ايندو
آھي، ۽ نہ آھا تکبي آھي. ڇا ٿي پيو جيڪڏھن
اکين ۽ بدن کان اھو دوست ڏور آھي؟
ڇو تہ جنھن صورت ۾ کيس منھنجي دل
۾ جاء حاصل آھي، تنھن صورت ۾ آءٌ
ڪيئن کيس وساري سگھندس!“
(قيس بن عامري ’مجنون‘)

عزيز خاطر، صاحب العزت، مڪرم و محترم شاھہ!
السلام عليڪم و رحمة الله و برڪاتہ‘--

مگر و الله احتياج ڪان به اوهان جو شرم وڏيڪ پيو ماري ته متان اوهان دل ۾ رنجيده ٿيا ته مولوي ڪاوڙجي ويو. تنهنڪري ڪجهه ته احتجاج سببان ۽ ڪجهه اوهان جي لحاظ سببان عطيو قبول ڪيم. جنهن مان و الله ته هڪ پيسو به سفر خرچ مان ڪونه بچيو - جيڪڏهين ڪاوڙ ڪري نه وٺان ها ته ڪا شيءِ ته اصل وٺي نه سگهان ها، مگر گهر به نه پهچي سگهان ها. شڪر ٿيو جو خير سان پهتس.

مان ڪي خدا جو قسم آهي ته اوهان جو وجود مان کي سخت پيارو ٿي چڪو آهي. مون توهان کي دل و جان سان پاڻ ڪري سڏيو آهي. الله ڪندو، جو اوهان سان دوستي دائما قائم رهندي. مان نهايت خلوص سان اوهان کي دعوت ٿو ڪريان. اوهان مڙيوٺي وقت ڪڍي وجهو ته عين احسان. ڪثرت ڪاروبار سببان ۽ تازي اچڻ سببان خط سخت اپاهرو لکيو اٿم. آئيندي ائين نه ٿيندو. مزيدار خط لکندس، مگر آهستگيءَ سان؛ اوهان به چڱيءَ ريت جواب عنايت ڪريو ۽ ڪريو به خط ڏسڻ شرط. جيڪڏهن اوهان کي مان به ايترو پيارو آهيان، جيترا اوهان مان کي، ۽ جيڪڏهن ڪو منهنجو قدر اٿو ته!

اوهان کي گهڻو ۽ هر وقت ياد ٿو ڪريان، شال سرسبز رهو ۽ ڪامران رهو.

نوٽ: مهرباني ڪري، خاص معاملي جي خبر پهچائيندا ته ڇا ٿيو، جا ڳالهه رجب علي ۽ سيد شاهنواز وارن پئي ڪئي- خير ٿيو نه!

بهرجا ڪه باشي خدا يار تو،
محمد هميشه نگهدار تو.

تنت بناز طبيبان، نيازمند مباد،
وجود ناز ڪت آزرده گزند مباد،

دست بدعا آهيان تہ
حسنت هميشه در فزون باد!
رويت هم سال لالہ‌گون باد!

برادرم عزيز مڪرم ميان غلام قادر صاحب کي پيار جو پاڪر پائيندا ۽ سلام چوندا.

اوهان کي ڪراچيءَ جون هوائون مبارڪ، ۽ اسان کي خسخاني جو پکو مبارڪ!

ملاقات جو مشتاق،
محمد عبدالڪريم چشتي.

(۳)

۲۰- اپريل، ۱۹۲۹ع

دام اقباله'.
سيد ميان غلام مرتضيٰ شاه،
جناب مڪرم و محترم حضرت والا عاليشان برادرم

السلام عليڪم و رحمة الله و برڪاته'، مزاج شريف- موڪلائي سجاول آيس. رات گذاري، ڪيرائي جي موٽر تي ٺٽ پهتس. شاهہ صاحب جن پڻ خاطرداري فرمائي. ڪين ڪنهن طرف وڃڻو هو، نہ تہ موٽر ڏين ها. گاڏيءَ کان اڳ جنگشاهيءَ ۾ آيس، جتان ڪراچيءَ پهتس. تمام سخت ضروري گهربل سامان وٺي، گهر روانو ٿيس. صبح گهر پهتس. پيارا پاتي بن ڏينهن کان روئن پيا، جو انجام کان زياده وقت لڳو هو. ڇوڪرا جن کي ڪن شين وٺي آڻڻ جو انجام ڪيو هيم، اهي سخت خلاف ٿيا آهن. مگر مان ڇا ٿي ڪري سگهيس. قسمت ۾ جو ٿيل هيو آهو ٿيندو- ذُنل عطيو، والله، مان سخت توهين پيو ڇاڻان، مگر ڇيو اٿن تہ

آنچہ شيران را ڪند روبہ مزاج-

دلم خواهد ڪه پرم سوي ياران
دوالي مـــن بدست باز داوان.

امنگون پيون آيرن ته آذامي وجي سن پهچان، ۽ تو مڻي دلبر ٻاءِ سان ويهي ورونهن ڪريان، ۽ سوز عشق ۽ مباحث محبت جو تذڪرو شروع ٿئي.

آ عندليب! ڪرين مل ڪي آه و زاريان،
تو هاءِ گل پڪار، مين چلاؤن هاءِ دل!

بنده نواز! مون کي هڪ فوٽو پنهنجي پياري همشيره صاحبه لاءِ گهرجي، جو اهڙو فرمان ڪيو اٿن ۽ پيو آن لاءِ گهرجي جنهن:

نازنين ناز ڪري نمايو مون کي!

اگرچ سندن حڪم ته نه آهي، مگر دل ٿي گهُري ته من انهيءَ سان به ڪو قرب وڌي! تنهنڪري گذارش ته براه احسان ۽ خاص نوازش جي اهو ڪم جلد سرانجام ڪريو.

(٢) ڪلون .... رڱيل نه آهن ته ذڪر نه آهي، اوهان ڪاغذن ۾ ويڙهي ۽ ڳوڻ جي نڪر سان بند ڪري، ريلوي پاسل موڪليو ۽ پلٽي لفافي ۾ بند ڪري موڪليو. تمام سهوليت سان هليون اينديون. ١٥-٢٠ اخبارون يا ٽوريون ٽوري لائق آهن. مون کي ڪلن جي سخت ضرورت آهي. جيترو جلد عنايت ٿئي، اوتري مهرباني. آءٌ انهيءَ لاءِ گهڻو تاڪيد ٿو ڪريان.

دعاگو،

مولوي عبدالڪريم چشتي.

(٥)

١٧- اپريل، ١٩٣٠ع دوام محبته و لطفه

دلربا مڪرم محترم حضرت شاه عاليجاه،

پيارا دوست، مٺا ڀاءُ، لائق فائق دلنواز خليق شفيق

السلام عليڪم و رحمة الله و برڪاته، مزاج شريف -

حسنت هميشه در فزون باد،
رويت هميشه لاله گون باد.

ڳاڙهي بيٺي آهي، ڪنهن طرف ٿو وڃان، خراب خط لاءِ معافي ڏيندا.

دعاگو
محمد عبدالڪريم چشتي.

(۴)

۱۴- جولاءِ، ۱۹۲۹ع

قربان ٿيان مٺا ڦربدار!
ساقيا شرمندام از لطف بي پايان تو!

السلام عليڪم و رحمة الله و برڪاته، مزاج شريف -
آسمان ابر آلوده آهي، هوا ۾ ڏاڍي خنڪي ۽ نفاست آهي. ٿوري ٿوري وقت ڪان پوءِ برسات جون دلڪشا بودون پيون پون ٿيون. درخت ۽ ٻوٽا ڏاڍا دلچسپ ۽ سهڻا پيا لڳن ٿا. ”منهنجو محبوب پنهنجي عجيب انداز ۾ پنهنجي سوورين رعنائين ۽ نزاڪتن سان ۽ عشوه گريءَ سان ٻه ٽي پيرا غريبخاني اڳيان رهگذر ٿيو آهي ۽ پنهنجي عشق ۽ الفت جي اثر سان گرمائي ويو آهي، ۽ مون [مان] عشق جي استغراق ۾ هيس ۽ باوجود ۽ ماڻهن جي موجودگيءَ جي مون [مان] قلبي ڪيفيت ۾ قيد هيس، ته اهڙي مبارڪ موقعي تي ۽ پُرلطف منظر جي موجودگيءَ ۾ قاصد اوهان جو پيارو پريت ناسو محبت شمامو منهنجي ڪٽ اڳيان رکيو. خدا جي قدرت سووريءَ ٽپال مٿان اوهان جو مٺو ۽ متبرڪ خط هيو! يڪدم اکين تي رکيم ۽ کولي مطالع ڪيم. ”نچڻيءَ ڪي گهنگهرون ملياں“ يعني محبت جي متوالي کي وري هڪ پيو جام مِلي، هٿ چڙهيو. خط پڙهڻ بعد جا ڪيفيت طاري ٿي اُنهن آها لکي نٿو سگهان.

جي ٻاڪر پاتائين ۽ پاڻ ٻہ اوهان جي ياد ۾ خوشيءَ جو اظهار ڪيائين.

احوال موڪليو! پياس لهي! حڪم احڪام لاءِ حاضر آهيان. شاهہ صاحب ۽ هن بندي جي تحريڪ تي اوهان سنڌ مدرسي تي چونڊيا ويا.

جواب جو منتظر،

عبدالڪريم چشتي.

شام جو وقت آهي. سوا ٥ لڳا آهن. ڪعبي طرف منهن ڪريو ويٺو آهيان. اکين جي اڳيان باغيچو آهي، جنهن جا گل ڏسي، تون ياد پوين ٿو. ڇو ته تون بهترين گل آهين- خاندان نبوت جو گل آهين ۽ اخلاق ۽ حميده ڪردار جو گل آهين، قرب ۽ محبت جو گل آهين- گل آهين، گل سڀ تنهنجا آهن، تون گلن جو گل آهين- تو ۾ گلن جي بهاري، گلن ۾ تنهنجي بهاري ۽ رنگ وتل آهي.

سائين! ڏون اهڙو نرم ۽ لطيف، پوءِ به ايڏو سخت! ڇو وساريو اٿئي؟ ڇو ڪين ٿو ياد ڪرين؟ واندڪائي نه اٿئي؟ يا فرصت ڪوهي ويٺو آهين!

بسيار غم مخور که جهان نيست پائدار

ڇا جو غم؟ دشمن ڇا ڪندا؟ دشمن ته باعث زندگيءَ بلڪ عزت جو آهن! مٿا! توکي ڪهڙي ڪس لڳي آهي. تون اچ سنڌ ۾ سنڌ جي پاڪيزه دلين ۾ مرغوب بڻيو آهين. تون سونُ ٿيو آهين، پوءِ غم ڇا جو؟

٢- نوجوان ڪانفرنس ۾ ارادو هيو ته اوهان وٽ رهندس. اوهان سان گڏ ڪجهه وقت رهڻ جو شرف ملندم.

اين هم نه شد ميسر سوداي خام گشت

سون [مان] شام جو واپس ٿيس ته پوءِ ڪو اوهان به آيا. ملڻ ڪان ته قدرت محروم رکيو آهي، پر خط ڪان اوهان!

دلم خواهد که پوم سوي ياران

٣- لاڙڪاڻي ۾ سنڌ مسلم ائسوسيشن جي ميٽنگ ۾ جناب مسٽر سيد ميران محمد شاه سان ملاقات ٿيم. هٿ ڏني مرحبا ڪيم. گهڻو خوش ٿيو، اظهار محبت ڪيم ۽ عرض ڪيم ته منهنجي پياري قلبي دوست جا دوست آهيو، ڏني فيڻ ٿا ٿرتم (خوب هوا ٿي گهلي).

شاه صاحب ڏاڍي قرب ۽ شفقت سان مليو. بجاءِ هٿ

(۲) (فارسي)

۱۱- ماه صفر، ۱۳۵۹ھ

غلام مرتضيٰ شاه صاحب سلمه ربه!

برخوردار مڪرم شاهه صاحب،

سلامن ڪان پوءِ احوال تہ خط پهتو. مدرسي اسلاميہ لاءِ شاه صاحب ميان علي اڪبر شاه ۽ مولوي صاحبڏاد ٻئي موزون آهن. پر شاه صاحب وڏو بزرگ آهي. محنت، تدريس ۽ تعليم ڇوڪرن جيءَ جي تڪليف وٺي نہ سگهندو. مولوي صاحبڏاد بہ تجربيڪار آهي. اوهان هنن پنهي دوستن مان جنهن لاءِ مناسب سمجهو، ان کي مدد ڪجو.

قاضي عبدالعزيز صاحب ڪان معلوم ٿيو تہ اوهان پنهي ماڻهن جي گڏيل سفارشن تي خوش نہ آهيو. پر اسين ڇا ڪريون، ماڻهو پنهنجي غرض لاءِ اچي سفارشون لکائين ٿا. تنهنڪري مصلحت وقت انهيءَ ۾ ڏسون ٿا ۽ آنهن کي سفارشون لکي ٿا ڏيون. فقير اميد ٿو ڪري تہ هيءَ توهان جي وزارت، سنا ڪم ڪري ماڻهن ۾ اعتبار پيدا ڪندي، ماڻهن جي ناراضگيءَ ڪان پري رهندي ۽ اسلام جي ٻيڙيءَ کي پار پهچائيندي.

فقير محمدحسن عفي عنه

(۳) [فارسي]

۱۶- محرم، ۱۳٦۴ھ

جناب مڪرم محترم شاه صاحب سيد ميان غلام مرتضيٰ شاه!

بعد دعائن جي عــرض تہ ڪن ناعاقبت انديش ماڻهن ٽنڊي محمد خان مان منهنجي ڏهن جي گهران چوري ڪئي. ڪجهہ وقت ڪان پوءِ اهـو چوري ڪيل مال ٽنڊي محمد خان جي ميرن جي نوڪرن ۽ ڪن واسطيدار ماڻهن جي گهران مليو آهي. هن عاجز مصلحت انهيءَ ۾ سمجهي آهي تہ شاهه صاحب

مرحوم خواجه پير محمد حسن جان سرهندي مجددي

هيءُ بزرگ ڏنڊي سائينداد جي سرهندي بزرگ خواجه عبدالرحمان جان سرهنديءَ جو فرزند هو. وڏو عالم ۽ صاحب شريعت هو. سندس احوال "جنب گذاريم جن سين" ۾ ڏنل آهي. سندس ڪيترن خطن سان هڪ سنڌي ۽ ٻن فارسي خطن جو ترجمو ڏجي ٿو:

(١) [سنڌي]

١٠- صفر، ١٣٥٩هه

شاهه صاحب!

جناب فضائل ماب مخلص مڪرم سيد غلام مرتضي

بعد دعوات و تسليمات جي روشن هجي ته آئينده دعاناسي جو پيرمحمد اوهان وٽ اچي روبرو احوال پيش ڪندو- جنهن ڪي اوهان پاڻ سڃاڻو ٿا. ڪيترن ڏينهن کان هيءُ مسڪين باوجود وزيرن جي انجام، سندس ابتدائي حق کان بيروز ٿيو ويٺو آهي. اسين اوهان کي پارت ٿا ڪريون ته هي مظلوم حق کي رسي.

فقير محمد حسن مجددي عفي عنه

طرفان محمد هاشم مجددي

بعد دعا سلام، نئين جوڙجڪ جي مبارڪباد قبول ڪندا. شل رب سائين اوهان جين قربانين ۽ همدردين کي بارآور ڪري، ۽ مسلمانن جي سڪل ٻوڪ کي دوباره اوهان جي همتن ۽ خدمتن سان شاداب ڪري.

پير صاحب عبدالستار جان سرهندي

پير عبدالستار جان سرهندي ٽنڊي سائينداد جي سرهندي بزرگن سان ۽ خواجه محمد حسن جان سرهنديءَ جو فرزند هو.

برادرم ميران محمد شاه ۽ مون سان خاص دوستاڻا رستا هئس. مهربان، شفيق ۽ محبت جو مجسمو هو.

سندس ۽ سندس خاندان جو احوال، سندس والد جي احوال سان گڏ، "جنب گذاريم جن سين" ۾ ڏنل آهي.

سندس گهڻيئي خط مون وٽ آيل آهن، جن مان ٧ هيٺ ڏيان ٿو.

(١)

٢٩- نومبر، ١٩٣٣ع   سلمه ربه!

مکرمي جناب شاهه صاحب،

تسليم - خيريت مطلوب.

توهان وڙي منهنجي دادوءَ واري سفر جو نتيجو ڪجهه به نه لکيو ته ٻڌڻ منهنجي چوڻ ڪان پوءِ سچائي ڪا ڪي يا نه؟

٢- هن ماڻهوءَ لاءِ مون به اڳ پڻ سفارش ڪئي آهي ۽ توهان پنهنجي خيال سان به هروقت مٿس شفقت جي نظر ڪئي آهي. هن وقت ڳوٺ جي پر واري اسڪول آراضيءَ جي جاءِ تي آهي. جيڪڏهن مهرباني فرمائي، عيالدار کي گهر وٽ ڇڏيندا ته آءٌ شڪرگذار رهندس.

توهان جو دعاگو،

عبدالستار جان سرهندي، حيدرآباد.

سيد ميران محمد شاهه وسيلي، هن واقعي بابت ڌاهه ڪرائجي. اتفاق سان هنن ڏينهن ۾ سيد قبول محمد شاهه ۽ مير صاحبن ۾ ووٽن جو مقابلو ٿي رهيو آهي. سيد ميران محمد شاهه صاحب ضرور انهيءَ معاملي ۾ مير صاحبن ڏانهن پنهنجو لاڙو ظاهر ڪندو. انهيءَ ڪري مٿئين نيڪ ڪم سبب شاهه صاحب ڪان ناراض نه ٿيندا، بلڪ ڪيس تاڪيد فرمائيندا ته هو اسان جي معاملي ۾ ميرن سان مدد ڪري ته اسان جي حق رسائي ٿئي.

پنهنجي نيڪ دعائن ۾ هن فقير کي ياد ڪندا رهندا ته احسانمند رهندس. دعا ڪندا ته شل عاقبت سوچاري ٿئي.

والسلام

فقير محمدحسن جان

قلم تازو: عام مسلمانن جي ڀلائي به مير صاحبن جي مدد ڪرڻ ۾ آهي ۽ انهن کي انهيءَ سان دين ۽ دنيا جو فائدو ٿيندو.

[فارسي] (٤)

١٦- رمضان، ١٣٥٦هه

سلامن بعد احوال ته خط آڻيندڙ مخدوم سعدالله ولد مرحوم مخدوم محمد هاشم گردش زماني جي ڪري پريشان حال آهي. فقير کي عرض ڪيو اٿس ته توهان ڏانهن سفارش جا ٻه اکر لکي ڏيان ته ڪٿي نوڪري وٺي ڏيوس.

زياده احسان.

فقير محمدحسن عفي عنه

جو ڏني ڇڪي دل، پڙڻ سان اهڙن موزون ۽ طرب انگيز جملن جي، جيڪي بيان ڪيا منجهه دوران تقرير پنهنجيءَ مٿين سيد صاحب ۽ سائيءَ وقت ياد آيا آهي دوست، جن سان آهي رشتو دل جو، جو چيو آهي حافظ شيرازي عليه رحمة ته

گل بي رخ يار خوش نباشد
بي بـــاده بهار خوش نباشد
سير چمن و هـــواي بُستان
بي لاله عـــذار خوش نباشد
باغ وگل و مل خوش است ليڪن
بـي محبت يـار خوش نباشد

اهڙي دوست کي ڳوليندي، فوراً انتخاب جي نظر پئي سيد غلام مرتضيٰ شاه صاحب سنائيءَ تي، جو آهي بهمه صفتها موصوف. ڪارڻ انهيءَ سخت ضرورت جي لکان ٿو خط هيءَ ته اچو ته هلون چٺا پئي طرف انهي ڳوٺ جي، جنهن ڏانهن ويو آهي دوست، ۽ ٿئي سياحت ذريعي دوست انهيءَ جي، جو آهي خواهش دل کي کنان سالن گهڻن. ۽ وٺون ٽڪيٽ ٿرڊ ڪلاس جي، پئي ۾ چٺا. بنا ڪنهن نوڪر چاڪر جي، تاريخ ٣ مارچ جي، ۽ ملون پاڻ ۾ تاريخ ٣ منجهه بنگلي ميران محمد شاه جي وقت صبح جي. بهتر آهي ته هلون ڪراچيءَ کان اسٽيمر ۾، جو مون کي آهي پسند سفر درياه کاري جو. پر گهربي صلاح توهان جي درياه ۽ خشڪيءَ جي سفر جي ۽ ڳولبي مرضي توهان جي منجهه مقرر ڪرڻ تاريخ روانگيءَ جي. باقي رهيا ڪم زمينداريءَ جا، سي ڪنٽا نه آهن سڄي حياتيءَ ۾ ۽ گتا پيا هونداسون منجهه اهڙيءَ ڇڪڻ، جنهن مان نڪرڻ آهي محال.

سودو سلف نه وٺبو ته پنجاه روپيا اوٽ موٽ جو ڪرايو ۽ پنجاه روپيا خرچ کيسي جو هڪ آدميءَ لاءِ. ۽ مهمان ٿي رهبو ڪائونسل هال ۾ ايم- ايل- سي جي. ۽ موٽبو ١٥- مارچ

(۲)

۱- رمضان، ۱۳۵۳هه

جناب شاهه صاحب، سيد ميان غلام مرتضيٰ شاه صاحب!

بعد سلامن خيريت مطلوب.

آءٌ ڳوٺ اچي ويس-

جهڙو علي اڪبر جو گهر آباد ٿيو، هن جو به اهڙو ٿي ٿيندو. پر ماڻهو خانه خراب منهنجي جند نٿا ڇڏين . هاڻي هدايت الله پٽ احمد خان جو چوي ٿو ته مون امتحان فائينل جو ڏنو آهي، جهڙيءَ طرح توهان جو ابي ڏاڏي مريد آهيان اهڙيءَ طرح ابي ڏاڏي ماستر آهيان. سو ماستريءَ جون جايون گهڻيئي خالي پيون ٿين . توهين شاهه کي لکندا ته مون کي ضرور جاءِ ملي ويندي.

اجهو مون شاهه کي لکيو، ڏسون شاهه جاءِ اوراڙ ٿو ڏئيس يا پراڙ- يا درياه شاه جي وچ ۾ .

فقط والسلام- تاريخ پهرين، رمضان شريف، ڏينهن آچر ۱۳۵۳هه

عبدالستار،

ٽنڊو سائينداد .

(۳)

۲۷- فيبروري، ۱۹۳۵ع

عاليجناب شاهه صاحب

سلام..... خير.....

مون کي ڏني آهي هڪ دعوت دوست توهان جي سيد ميران محمد شاهه، ته اچ تون طرف بمبئيءَ جي، واسطي سير سياحت ۽ تفريح طبيعت پنهنجيءَ - ته ايندي اچڻ ساڻ اوهان جي فرحت، وقت اهڙي ۾ ساٿين انهن سان جن سان تعلقات آهن ڳوڙها دلڙيءَ جاءِ ۽ ڏسو اوهين به پاڳي دنيا جي ڪي، جا آهي انڊيا ۾ مثل ڪنوار جي . پوءِ قبول ڪئي مون اها دعوت سيد موصوف جي،

درخواست ڪئي آهي ۽ پين به درخواستون ڪيون آهن.

مولوي صاحب وڏو عالم، لکڻ ۽ تقرير جو قابل ۽ صالح مولوي آهي. اسان جي حضرت قبلي جو مريد آهي. هن جي استدعا آهي ته آها جاءِ هن کي ملي. آءٌ خوش ٿيندس جيڪڏهن مولوي صاحب کي توهان مدد فرمائيندا ۽ منهنجي مولويءَ کي پين کان گفوق ڏيندا.

خانبهادر در محمد خان جي والده سخت بيمار آهي، دعا فرمايو.

فقير عبدالستار سرهندي.

(٦)

ٽنڊو سائينداد

١٨- سپٽمبر ١٩٤٦ع

اخوي مڪرم جناب شاهه صاحب-

تسليم- خيريت مطلوب.

ڪڙهي ياسين جي يتيمن جي مقدمي جي آخرين ڪڙي آهي- مسٽر جيٺلي جج آهي سکر ۾.

توهان جا ڪانگريسين سان خوشگوار تعلقات آهن. جيڪڏهن يتيمن جي لاءِ هنن کي بار وجهڻ مناسب ڄاڻو ته اهو وجهه عمدو آهي. مهرباني ڪندا.

بهتر ته توهان پاڻ ڏسوس، پيو به جيئن ڪم ٿئي.

عبدالستار عفي عنه

(٧)

ٽنڊو سائينداد

٢٩- جون، ١٩٥٦ع

محترم مڪرم سيد ميان غلام مرتضيٰ شاهه صاحب!

السلام عليڪم-

هن کان اڳ توهان کي ٢٦ جون ١٩٥٦ع تي پير الاهي بخش جي بنگلي تي حجاز رليف ڪاميٽيءَ جي ميٽنگ

جي پنهنجي وطن شريف ڏانهن، جو شايد موٽندا ايم-ايل-سي مٿينءَ تاريخ تي.

عبدالستار، ويٺل ننڍي سائينداد جو.

(۴)

عبدالستار، از ڪراچي.
۱۳- جنوري، ۱۹۳۸ع

جناب شاهه صاحب

تسليم - خير.

اهو تہ توهان کي اڳ ۾ معلوم آهي تہ حضرت قبلہ صاحب حرمين شريفين تشريف فرما ٿين ٿا، پر اها خبر نہ هوندو تہ بندو بہ سندن خدمت ۾ هوندو. جيڪڏهن اخوي غلام مرتضيٰ بہ سنگت ڪري ها تہ چا چئجي!

۱۷-۰۲ جنوري جي شام جو باءيال و اطفال حضرت قبلہ ڪراچيءَ پهچندا. اگرچ ٻين هنڌن رهڻ لاءِ هتي وارن جي صلاح آهي، پر منهنجو خيال آهي تہ ڌارين جي احسانمنديءَ کان پنهنجي جاءِ بهتر ٿيندي. باقي ميران محمد شاه کي چئبو تہ ڪجهہ ڏينهن (۱۷ کان ۲۲ تائين) ٻئي هنڌ رهي. اهڙو نوٽيس مون اڳ بہ ڏنو آهيس. توهان مهرباني ڪري پنهنجي نوڪر کي اهڙو آرڊر لکندا.

- عبدالستار

(۵)

گڙهي ياسين،
۲۹- اپريل، ۱۹۴۰ع

اخوي مڪرم.

تسليم - خير.

ميان صاحبداد صاحب سلطان ڪوٽ تعلقي شڪارپور واري مدرسي حسن عليءَ ۾ مولوي عبدالرحيم جي جاءِ خالي ٿيڻ تي

مولوي غلام احمد ملڪائي نقشبندي مجددي

ملڪائي صاحب هڪ بزرگ ماڻهو هو. سندس احوال "جنب گذاريم جن سين" ۾ ڏنل آهي. پاڻ وڌيڪ تعارف جا محتاج نه آهن. هن بزرگ سان پنهنجن تعلقاتن جي ثبوت ۾ هي هڪ خط پيش ڪريان ٿو.

(١)

١٣- جون، ١٩٥٣ع

دام اقباله

بخدمت جناب سائين غلام مرتضيٰ شاهه

السلام عليڪم و رحمة الله و برڪاته، جي عرض ته لکائينڌڙ خط نالي فيض محمد نوجوان شاعر، فائينل پاس ڪيل، بيروزگار ويٺو آهي، جو مون وٽ سفارش لاءِ آيو آهي ته جيڪڏهن مون غريب جي نوڪريءَ جو ذريعو سائين غلام مرتضيٰ شاهه جي هٿان ٿي سگهي ته انهي پاءُ حاصل ڪري حضور جن جو دعاگو رهان. مٿئين اميد وار هڪ سفارشي خط سائين ميران محمد شاهه جو توهان صاحبن جي خدمت ۾ پيش ڪيو آهي. وري آءٌ بنده به حضور جن جي خدمت ۾ عرض ٿو ڪريان ته چوڪرو لائق، سٺو ماڻهو، اسان جو همسايو پاڙي جو ماڻهو آهي. توهان جي هٿ ۾ وڏي برڪت آهي. مهرباني ڪري هن غريب جي سفارش ڪري ڪانه ڪا جڳهه هٿ ڪري ڏيو ته چڱو. هن ساڳئي ماڻهوءَ ڪي مون خانبهادر صاحب ميان محمد پريل

لاءِ سڏايو ويو هو، پر توهين نہ آيا. وري اطلاع ٿو ڏجي تہ ١٣ جولاءِ ١٩٥٦ع تي جمعي ڏينهن ٦ بجي شام، آفيس چيئرمن امپرووميئنٽ ٽرسٽ ڪراچيءَ ۾ ميٽنگ رکي ويئي آهي. اميد آهي تہ تشريف آڻي ممنون فرمائيندا.

ويچار هن ڳالهہ تي ڪرڻو آهي تہ فنڊ ۾ اٽڪل ٩٠ هزار روپيا بچيا آهن، سي ڪهڙي ڪارخير ۾ خرچ ڪيا وڃن.

— عبدالستار جان

پير غلام مجدد سرهندي صاحب

پير صاحب مشهور معروف سرهندي بزرگ آهي. وڏو عالم، قومي
ڪارڪن، مٽيارن جي رهندڙ سرهندي بزرگن مان هو. جڏهن سنڌ جا
پيا پير معافيون وٺي، جند ڇڏائي ويا، ته هيءُ خلافت تحريڪ ۾ ٻه
سال سڙسيءَ سان سزا ڪاٽي آيو. سندس احوال ”جنب گذاريم جن
سين“ ۾ ڏنل آهي. سندس ڪجهه خط هت ڏجن ٿا.

(١)

مٽياري

١٣- آڪٽوبر، ١٩٢٦ع

جناب من!

تسليم- مزاج شريف- خيريت طرفين جي مطلوب.
احوال هي آهي ته مون کي هڪ دفعو جلد اوهان وٽ
انشاءالله اچڻ جو ارادو آهي.
آءٌ اڳي اچان ها، مگر ڪو سبب مانع رهيو.
اوهان جو ڪاغذ پهتو، مهرباني.
ڪراچيءَ في الحال ارادو نه آهي. جي ٿيو ته اطلاع ڏيندس.
اشتياق ملاقات جو گهڻو آهي.

اوهان جو اسلامي ڀاءُ،

غلام مجدد

ڏانهن خط لکي ڏنو هو، مگر صاحب ممدوح جن به ڪيس خالي پنڌ ڪرائي، نا اميد ڪيو. ازانسواء ڪٽي جڳهيون خالي به هيون، مگر مون فقير ماڻهوءَ جي سفارش ۽ ڪنهن صاحب عملدار جي سفارش ۾ تفاوت به آهي. اسان جي عرض جي اجابت اهڙن صاحبن وٽ مشڪل ٿيندي. اميد وار مون کي خانصاحب علي محمد ۽ ٻوهان صاحبن لاءِ سفارش لاءِ چيو، مگر مون ڪيس پهريائين ته جواب ڏنو، چو ته مون هن ساڳئي ماڻهوءَ لاءِ گهڻيون سفارشون لکيون آهن، مگر ڪنهن صاحب وٽ عرض جي اجابت نٿي ٿئي، مگر لاچار اميدوار جي زور پرڻ ۽ سندس ڏک جهڙيءَ حالت تي قياس آڻي، زوردار اميد اوهان صاحبن ۾ ڪري، توهان صاحبن. ڏانهن هي عريضي عرض ٿو رکان ته مهرباني ڪري ڪيس ڪنهن به صورت ۾، ڪٿي به، ڪا به جڳهه وٺي ڏيڻ فرمائيندا.

هن کان اڳ مون حضور جن ڏي ڪي چند سفارشون لکيون هونديون، مگر انهن سڀني سفارشن کان هن سفارش کي وڌيڪ ترجيح ٿو ڏيان. مهرباني ڪري، پنهن صاحبن وانگي توهان نا اميد نه ڪجو. هي منهنجو پڇيلو اٿو. تنهنڪري توهان صاحب زوردار ڪوشش ڪري، ڪيس جڳهه وٺي ڏيڻ فرمائيندا.

زياده خير-

سيف الرحمان ابوالمصطفي مولوي
غلام احمد نقشبندي، مجددي،
ملڪاڻي شريف.

منتظر هوس، پر خط جو جواب نه ملڻ ڪري، هيءُ خط لکان ٿو ته انشاءالله هڪ ٻن ڏينهن اندر اچي ملاقات جو شرف حاصل ڪندس.

غلام مجدد.

(٤)

حيدرآباد

٦- شهر ميلاد شريف،

شب جمع، ١٣٤٧ھ

جناب شاهه صاحب،

بعد السلام عليڪم جي معلوم ڪندا ته خيريت طرفين مطلوب. مقصد ڪاغذ شامل مان احوال معلوم ٿيندو. انهيءَ بعد ڪلهه وري تار موڪليل هئي، جنهن جي جواب ۾ ڪاغذ آيل مولويءَ جو ۽ ميان عبدالحميد جا موڪليل آهن. وري پيٺي اوهان ڏانهن موڪليان ٿو.

اميد ته اوهان جيئن مناسب حق سمجهندا، انهيءَ موجب لکي موڪليندا.

غلام مجدد

(٥)

مٽياري

١٨- نومبر، ١٩٥٣ع

سيادت پناهه، برادرم شاهه صاحب،

بعد السلام عليڪم جي معلوم ڪندا ته اسان ڏانهن خيريت آهي، عافيت اوهان جي درگاه قاضي الحاجات مان گهربل. مقصد ته هت تمام ضروري اهم مقصد جي تماميت لاءِ لاءِ اوهان سان ملڻ جو خيال اٿئون - اميد آهي ته مونڊڙ ٽپال ۾

(٢) [فارسي]

منياري،
٥- شوال، ١٣٤٥ھ
٨- اپريل، ١٩٢٧ع زيد محبتڪم!

محب في الله، عاليجاه عزيزي غلام مرتضي شاه،
جناب سيادت ماب، شرافت انتساب، اخوت پناه،
السلام عليڪم و رحمة الله و برڪاته-

گهڻي وقت کان ملاقات جو اشتياق آهي. ليڪن خدا جي هٿ ۾ واڳ هئڻ ڪري، آءٌ ٽي ماه سفر ۾ هوس. ان ڪري حال احوال پرده راز ۾ رهيا.

١٨- رمضان سفر تان واپس آيو آهيان.

اميد ته جلد ملاقات کان مستفيد ٿيندس.

مهرباني ڪري، پنهنجي پروگرام جي خبر هن ماڻهوءَ هٿ موڪليندا. هن خط جو آڻيندڙ منشي الهه وسايو، منهنجي واقفن مان هڪ آهي، سندس سفارش لاءِ سون وٽ ملتجي ٿيو آهي. آن جي پارت اٿو.

سڀ ڪٿهين هوندا، ان جو اطلاع ڏيندا.

غلام مجدد.

(٣) [فارسي]

منياري، حيدرآباد سنڌ،
١٤- ماه شوال، ١٣٤٥ھ

سيد غلام مرتضي شاهه صاحب-
جناب اخوت ماب عزيزي سيادت پناه،

بعد السلام عليڪم- خيريت برجانبين متعين باد
خلاصته الڪلام ڪه اشتياق ملاقات بيحد ڪمال است.
موڪليل ماڻهوءَ هٿ احوال موڪليل هو. جواب لاءِ

هيءُ شاه صاحب ٺٽي جو ويٺل هو ۽ اهل تشيعت جو وڏو مبلغ هو. سنڌ جي هر گوشي مان ڪيس مجلسن لاءِ گهرائيندا هئا. هيءُ ٻنان لالچ جي مجلسن ۾ وجي تبليغ ڪندو هو. سڄيءَ سنڌ جي سڪيه خاندانن سان سندس دوستاڻا لاڳاپا هئا ۽ مون سان به نهايت محبت جو رستو هوس.

جڏهن مسلم ليگ جي وقت ۾ غلام محمد نظاميءَ سنهنجي خلاف هڪ نظم لکيو هو، ته هن ان جي جواب ۾ منهنجي ساراهه ۾ هڪ نظم لکي، پنهنجي اخبار ۾ شايع ڪيو هو. وڏو اديب ۽ سٺو صحافي هو.

سندس اولاد مان خدا جي مهربانيءَ سان ڊاڪٽر سيد ميان غلام حُسين شاه ڪوثري، حيدرآباد جي سُٺن ڊاڪٽرن مان آهي.

سندس ڪيترن ئي خطن مان به خط هت پيش ڪريان ٿو.

(١)

١٣- آگسٽ، ١٩٢٩ع

ما آمده بسوديم و شعاونده ايم،
ڪرديم دعا و ثنا بقسمت دويده ايم،

بهرجا ڪ باشي خدا يار تو، محمد هميشه نگهدار تو.

شاه صاحب! مون مسڪين کي جناب سيٺ محمد رجب شفيعاڻي ٺٽي مان هڪ رقعي سان توهان ڏانهن روانو ڪيو هو.

ضرورت ڪنهن مبلغ ماٺهوءَ جي سائين جن وٽس ٨-٩ آگسٽ جي بيان ڪئي هئي. اميد ته وري مون کي صاحب ممدوح جي معرفت ليٽر لکي جلد گهرائيندا!

غلام حيدر شاهه، ساڪن ٺٽو،
حال مُبلغ انجمن تبليغ اسلام، سکر.

مهرباني ڪري، پنهنجي ڳوٺ هٿ جو اطلاع اسان کي ڏئي ممنون و مشڪور ڪندا. و السلام -

غلام مجدد عفي عنه.

١٨ ١٩٤١- نومبر

آڄ اڄ تاريخ ٢٠ ١٩٤١ شعبان مٺيارن ۾ آهيان، نومبر جي ٢٠ کان پوء، شعبان جي ٢٢ کان پوءِ، حيدرآباد هوندس. اميد آهي ته جواب کان جلد مشڪور فرمائيندا.

والسلام-

غلام مجدد عفي عنه

سيد علي اڪبر شاه صاحب

هيءُ شاه صاحب، سيھڙ جو ويٺل، وڏو عالم ۽ پرخلوص قومي ڪارڪن هو. هڪ وقت سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر به هو. ڪو وقت صوبي سنڌ مسلم ليگ جو پريزيڊنٽ به هو.

مون کي شاه صاحب سان مسجد منزلگاه جي وقت کان وٺي، گڏجي ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو: مائن منهنجا تعلقات ان کان به پراڻا هئا.

سندس خطن مان ۵ خط هيٺ ڏيان ٿو.

(۱)

سيھڙ

۹- جون، ۱۹۳۴ع

منهنجا پيارا شاه صاحب!

السلام عليڪم: گهڻي وقت کان پوءِ نياز عرض ڪرڻ جو شرف حاصل ڪري رهيو آهيان. اميد آهي ته اوهين هرطرح سان بخيريت هوندا.

اسان جي سيھڙ جو رئيس شمس الدين (بلبل سنڌ) مشهور مصنف، شيرين شاعر، قابل ايڊيٽر ۽ قومي ليڊر هو. سندس قومي ۽ تعليمي خدمتون سڄيءَ سنڌ لاءِ قابل قدر آهن. سنه ۱۹۱۹ع ۾ وفات ڪيائين. پٺيان ڪو اهڙو ماڻهو ڪونه رهيو. سندس يتيم فرزند ضياءُ الدين، سواءِ ڪنهن سرپرست ۽ همت افزائيءَ جي محض پنهنجي خدا داد ذهانت ۽ شوق تعليم سان، باوجود تڪليفن جي تعليم حاصل ڪندي، هن سال عليڳڙهه ڪاليج مان فرسٽ

(۲)

بخدمت فيضدرجت جناب سيد غلام مرتضي شاه صاحب-

سلامن بعد ته آغا رجب صاحب شفيعاڻيءَ جو خط ڪٽي توهان وٽ آيو هوس، پر مليل نه ٿيو. وري انشاء الله تعاليٰ ڪنهن وقت خدمت ۾ اچي حاضر ٿيندس.

راقم الحروف
غلام حيدر شاهه.

عيالدار ۽ مسڪين ماڻهو آهي. ٿنهنڪري اوهان بورڊ جي هن ميٽنگ ۾ سندس سوال تي ويچار ڪري، سندس مدد ڪرڻ فرمائيندا ته بيحد مهرباني ٿيندي. اوهان جي هٿان ٿي، هن ڪم جي سرانجامي ٿي سگهي ٿي، ٿنهنڪري سندس ڪم جي اوهان کي هرطرح پارت هجي.

والسلام، تنهنجو مخلص،

علي اڪبر شاه.

[ڪارڊ] (٣)

سيهڙ

٩- ذوالحج، يوم الحج الاڪبر

سلمه الله.

منهنجا پيارا سيد غلام مرتضيٰ شاه صاحب،

مبارڪ باشد و باشد مبارڪ. عيد مبارڪ، آزادي مبارڪ

السلام عليڪم و رحمت الله — عيد مبارڪ هجي. جنهن وقت هيءُ خط پڙهو ته هٿ کڻي، اسلام ۽ مسلمانن مٿني، خاص ڪري سنڌ جي مسلمانن جي بهتري ۽ ترقيءَ لاءِ دعا گهرو. پنهنجي خيريت جي احوال کان واقف ڪريو ته مهرباني.

سيد علي اڪبر شاه.

(٤)

سيهڙ

٦- آڪٽوبر، ١٩٤٢ع

منهنجا پيارا سيد صاحب!

السلام عليڪم- مزاج شريف. اوهان جو نوازشنامو پهتو. شڪريو، دلي شڪريو. اوهان جي ناچاڪيءَ جو ذڪر ٿيو، منهنجو حال به ساڳيو آهي. ڪاهي چڱي، ڪاهي چڱان.

ڊويزن ۾ فرسٽ نمبر سان انٽر پاس ڪيو آهي.
سندس شوق اعليٰ تعليم وٺڻ جو آهي ۽ خصوصاً ڪنهن پروفيشن جي اعليٰ تعليم، مثلاً ڊاڪٽريءَ ۾ M.B.B.S ۽ M.D جي اعليٰ ڊگري.
سندس مالي حالتون موافق ناهن، مگر سندس شوق ۽ محنت اعليٰ درجي جي آهي. اهڙيءَ حالت ۾ مون کي اوهان جي بلند خيالي، ڪشاده دلي، قوم جي دردمندي، عالي همتي ۽ ايستادگيءَ جي واقفيت رکندي، مخلصانه طور اوهان جي شريف جذبات کي اپيل ڪرڻي ٿي پوي ته اهڙي ماڻهوءَ جي اوهين ممڪن طرح مدد فرمائيندا، جنهن جو اولين اظهار، اوهان جي دادو ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ جي طرفان ڪا اسڪالرشپ مٿئين مقصد لاءِ منظور ڪرائڻ ۾ پوري ڪوشش وٺڻ سان ٿي سگهندو.
ان لاءِ عرض آهي ته اوهان صاحب ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ دادوءَ جي ايندڙ مهيني جي ميٽنگ ۽ مئنيجنگ بورڊ جي ميٽنگ ۾ اهڙي رٿ وجهڻ ۽ منظور ڪرائڻ جي مهرباني فرمايو.
اوهان جي صلاح هجي ته ٻين ميمبرن کي به چوڻ چائڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي.
مون کي اميد آهي ته هن جي جواب ۾ نا اميد نه ڪندا.

اوهان جو مخلص،
علي اڪبر شاهه.

(٢)

ميهڙ
٣- آگسٽ، ١٩٣٥ع

منهنجا پيارا سيد!
السلام عليڪم- مزاج عالي.
مستري شيخ عبدالرحيم ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ دادوءَ جي نلن جو ٺيڪيدار، هڪ ايماندار، هوشيار ۽ آن سان ڪڏ هڪ

ھيءَ تحريڪ ھڪڙو ماڻھو نہ ھلائي سگھندو، پر گھڻا، اھي بہ مالدار. نوجوان تجارت جي شوقينن جي مدد سان گھڻو ڪم ڪري سگھبو. پر اھو تڏھن، جڏھن سڀ ڪم کي آرگنائيز ڪبو. اسان جي تعلقي ۾ ڪجھہ قدر اھڙو ڪم ٿي رھيو آھي. ضرورت آھي تہ سڄي ضلعي ۾ ان سلسلي کي پکيڙجي. سيارو ڏاڍو اچي وھيو آھي. گھرن ۾ دوائن جي ڏاڍ ضرورت آھي. مسلم ليگ ورڪرن کي مسلم ماس ۾ ڪم ڪرڻ جو عمدو موقعو آھي، جڏھن سرڪار ڏيئي وٺي بيٺي آھي.

پنھنجي خيريت جو احوال ۽ وڌيڪ احڪام کان مطلع ڪندا. اميد تہ توھان جي طبيعت خوش ھوندي. عيد کان پوءِ اوھان جي دادوءَ اچڻ جي سخت ضرورت آھي. پنھنجو پروگرام موڪليندا_ والسلام.

_ سيد علي اڪبر شاھ.

(٥)

سلمہ'.

محترم سيد صاحب

السلام عليڪم_ مزاج بخيريت باد. جيئن تہ انٽرنيشنل مسائل جي صورت حالات جيڪا نازڪ پوزيشن اختيار ڪئي، ان کي نگاہ ۾ رکندي، اوھان کي سنڌ وزارت بابت بہ نھايت گھرو سوچ ويچار ڪرڻو آھي تہ اوھان کي ڪھڙو رخ وٺڻ گھرجي. ھوا ڇا آھي، بيشڪ اوھان باريڪ بين آھيو ۽ ھرمسئلي جي تہ تائين پھچي سگھو ٿا. پر جلدبازي نہ ڪريو، جا اسيمبلي لاءِ نامناسب آھي. اھڙي نازڪ وقت ۾ بہ گھٻراھٽ کان سواءِ صاف دماغ ۽ ٿڌي سيني سان دوست دشمن کي منھن ڏيڻ گھرجي. ھن وقت اسان مسلمانن کي بيوقوف ۽ جلدباز سمجھي، انگريز اسان کان ناجائز فائدو وٺڻ ٿا گھرن.

دادو، ميھڙ ۽ ڪڪڙ ۾ سرڪاري امداد پئي ملي، ۽ اسان، اسان جي سنگتين، مختيارڪار صاحبن ۽ ھن ڊويزن جي ڊپٽي ڪليڪٽر صاحب کان ڪجھ ڪم پئي ورتو ۽ ڪليڪٽر صاحب کي پڻ ريزوليشن ۽ ٺاڙون پئي موڪليون سون.

٣٠- سپٽمبر دادوءَ ۾ ميٽنگ ڪئيسون. اوھان کي ٻہ ٺاو ڪئيسون. اوھان چيرمني ڪٽي مون کي چنبڙائي آھي. اوھان جي اچڻ سان ماڻھن ۾ روح پيدا ٿيندو ۽ دلداري ۽ دلجوئي ٿيندي. ڪالھ ميھڙ تعلقي ۾ ڊپٽي ڪليڪٽر صاحب جي حڪم سان تہ اوچتو امداد بند ڪئي ويئي آھي، جنھنڪري ٻوڏ جا پناھگير سخت تڪليف ۾ آھن. تنھنڪري مسلم ليگ جي امداد ۽ سستن دڪانن جي کولڻ لاءِ رقم مرڪزي آفيس مان وٺي ڀلي موڪليو. ڪيترين شيون ھتي ملي نٿيون سگھن، جن لاءِ دڪان کولائي غريبن کي سپلاءِ ڪجي تہ غريبن جي وڏي خدمت ٿيندي ۽ مسلمانن کي تجارت جي عادت بہ پوندي. ننڍن ڳوٺن مان واڻيا اڪثر ڪري لڏي ويا آھن. اتي مسلمانن کي ترغيب ڏيئي، نوان دڪان کولائجن. مسلمانن کي مالي ۽ معاشرتي حالتن سڌارڻ لاءِ ٻوڏن کان پوءِ پيدا ٿيل حالتن مان ڪيئن فائدو وٺڻ گھرجي، اھو عرض ڪيان ٿو. واڻين جي مسلسل لڏ پلاڻ واھڻن مان وڏن شھرن ڏانھن مدت کان تيزيءَ سان جاري آھي. ٻوڏيون تہ ھيئنر آن جو پاڻ سبب بڻجي رھيون آھن. انھيءَ ڪري واھڻي مسلمان ڳوٺن جو واپار پنھنجي قبضي ۾ ضروري آڻي سگھن ٿا- پر سندن اھڙيءَ تجويز جي حياتي ٿوري ٿيندي، جيڪڏھن اھا ڪنھن مسلسل تحريڪ سان وابستہ نہ ھوندي. انھيءَ ڪري ضروري آھي تہ جيئن ماڻھو موٽي اچي پنھنجا واھڻ وسائين، تيئن ڪين مجبور ڪري، گھٽ ۾ گھٽ ھر ھر دڪان ڳوٺ ڳوٺ ۾ کيڏايا وڃن، يا اھڙا ماڻھو ھٿ ڪري، اتي دڪان کيدرائجن ۽ انھن جي مڪاني ماڻھن کان سرپرستي ڪرائجي. مان سمجھان ٿو تہ

محبوب علي شاه صاحب، سکر

هيءُ شاهہ صاحب سکر جو رهاڪو آهي. سيد سردار علي شاهہ، جنهن سکر ۾ پهريون لوهہ جو ڪارخانو کوليو ۽ چڱيءَ حيثيت جو مالڪ ٿيو، ان جو فرزند آهي. هن خلافت تحريڪ ۾ چڱو حصو ورتو. پوءِ هن کي سيدن جي منظم ڪرڻ جو شوق دامنگير ٿيو، آن ۾ گهڻي ڪوشش ورتائين. سياست ملڪ ۾ چڱو بهرو ورتائين، پر سنڌي عوام ۾ سياسي شعور نہ هئڻ ڪري هنن وڏيرن کي هن تي ترجيح ڏني.

تمام محبتي انسان آهي. هينئر گوشہ نشين زندگي گذاري رهيو آهي. سندس زندگيءَ جو مفصل احوال "جنب گذاريم جن سين" ۾ ڏيئو هو پر موقعي تي ميسر نہ ٿي سگهڻ ڪري ڏيئي نہ سگهيس. تنهنڪري هي چند اکر لکي، ان بارگران جي ادائي ڪري رهيو آهيان. سندس ڪجهہ خط هيٺ ڏجن ٿا.

(۱)

سکر

۳- جولاءِ، ۱۹۲۸ع

سلمہ ربہ.

مڪرمي و محترم جناب سيادت پناه، سيد غلام مرتضيٰ شاه صاحب

السلام عليڪم و رحمة الله و برڪاته —

المعروض آنڪہ: اوهان صاحبن کي الوحيد جي مطالعي مان معلوم ٿي چڪو هوندو تہ سنڌ مسلم پولٽيڪل ڪانفرنس، جا تازو ڪراچيءَ ۾ ٿي گذري، سا ڪيتري قدر مسلمانن لاءِ، خصوصاً زميندارن لاءِ مفيد هئي. پر جڏهن عام زميندارن جي

پر عين موقعو آهي ته اسين پنهنجي مسلمانن لاءِ انگريز ۽ هندوءَ کان فائدو حاصل ڪريون. جنهن صورت ۾ ٻيئي اوهان جي مدد جا دست نگر آهن.

ٻئي طرف ترڪ انگريز سان شامل ٿين ٿا ته گانڌي مهراج به انگريز جي آڏو گوڏا کوڙيو ويٺو آهي Kneels down-گانڌيءَ جي پاليسي ۽ جناح جي پاليسيءَ جا رخ به آهن، ڳالهه هڪڙي آهي. ٻيئي گوکلي جا فالوور ۽ شاگرد سياست ۾ آهن. ٻيئي انگريز جا حامي ۽ همراهه آهن. جنگ جي اَن حالت ۾ هندن کي جناح سان ٺهي وڃڻ گهرجي. اوهان سنڌ وارا ڪانگريس ۽ جناح جو ڏاهه هن وقت ڪري سگهو ٿا. سنڌ جي هندن کي دماغ درست ڪرڻ گهرجي. انتقام جي جذبي سان ڪڏهن به دوستيون قائم رکي نه سگهبيون آهن. سنڌي هندن کي امن ڏيڻ لاءِ سکر جي معاملي ۾ سنڌي هندن کي نرمي ڪرڻ گهرجي. اوهان کين سمجهايو. ٻيو ته اوهان گورنر سان حڪمت سان هلو. انگريز کي پاڻ سان ملائي، اَن مان پنهنجي قوم لاءِ ڪم وٺو، ضرور وٺو. وڌيڪ اوهان سڃجهه چاڻو ٿا.-

والسلام.

-سيد علي اڪبر شاه.

(۲)

سکر
۷- آگسٽ، ۱۹۲۸ع

محترم و مکرم جناب سيد غلام مرتضيٰ شاه صاحب
السلام عليڪم و رحمة الله-

تازو ڪائونسل جي اليڪشن جي موقعي تي منهنجي اوهان سان سيد ميران محمد شاه جي جاءِ تي مختصر ملاقات ٿي هئي. آتي اسان جي پاڻ ۾ جا گفتگو ٿي، تنهن منجهان سان هي نتيجو ڪڍيو آهي ته اوهان جي دل ۾ پنهنجي سادات برادريءَ جي اصلاح ۽ ترقيءَ جو سچو درد آهي. منهنجي گهڻي خواهش هئي ته هن بابت اوهان سان ڪا خلاصي ملاقات ڪريان، پر افسوس اهڙو موقعو ملي نه سگهيو. مون کي پاڻ گهڻ ڏينهن کان هي جنون آهي! الحمدلله، جو هاڻي هڪ سٺو وجهه نظر ٿو اچي، جنهن کي مان وڃائڻ نٿو گهران. مون فيصلو ڪيو آهي ته ۲۷-۲۸ سپٽمبر ۱۹۲۸ع جو سکر ۾ "سنڌ مسلم آل پارٽيز ڪانفرنس" ڪوٺائي وڃي. آن بابت اڳي به اوهان کي مفصل احوال مليو هوندو. تنهن کان بعد ۲۹-۳۰ سپٽمبر جو سنڌ خلافت ڪانفرنس ٿئي، جنهن جي صدارت لاءِ مولانا ابوالڪلام آزاد کي لکيو اٿم. منهنجو خيال آهي ته خلافت ڪانفرنس کان پوءِ يعني ۱- آڪٽوبر ۱۹۲۸ع جو سنڌ سادات ڪانفرنس ڪئي وڃي. هن جو اهو فائدو ٿيندو ته پنڊال جو، مهمانن جي خوراڪ ۽ رهائش جو، والنٽيئرن وغيره جو بندوبست اڳيئي ٿيل هوندو، ۽ اسان کي وڏيڪ خرچ ۽ تڪليف جي ضرورت نه ٿيندي. هن ڪانفرنس لاءِ اوائلي ڪاروباري ڪميٽيءَ ٺاهڻ بنسبت ۱۲- آگسٽ ۱۹۲۸ع آچر جي ڏينهن غريب خاني تي ميٽنگ ٿيندي. جنهن ۾ اوهان جو تشريف فرما ٿيڻ ضروري آهي. جيڪڏهن نه اچي سگهو ته مهرباني فرمائي، پنهنجا خيالات عام طرح ۽ هيٺين

همت ڪان بالاتر ڳالهين يعني سائمن ڪميشن ۽ بردوليءَ جي قانون بابت آن ڪانفرنس ۾ بحث آڻڻ جو اظهار ڪيو ويو، تڏهن زميندارن پنهنجو فائدو ڇڏي ڏنو ۽ ڪانفرنس ۾ شريڪ نه ٿيا. جنهنڪري ڪانفرنس ڪامياب ٿي نه سگهي.

مان پنهنجن دوستن جي مشوري سان، خدا ۾ ڀروسو ڪري، آن کي ڪامياب بنائڻ لاءِ دوباره ڪوشش وٺڻ شروع ڪئي آهي ۽ ان ۾ رڳو سنڌ جي علحدگيءَ ۽ قانون انتقال ايراضيءَ تي بحث ڪيو ويندو. جنهنڪري آن جو نالو سنڌ مسلم آل پارٽيز ڪانفرنس رکيو ويو آهي. جيئن هر قسم جي خيالات جا ماڻهو آن ۾ حصو وٺي سگهن.

آنهيءَ پروپيگنڊا جي لاءِ منهنجو ارادو آهي ته هرهڪ زميندار جي ڪن تي اهو آواز پهچايو وڃي ۽ کيس ان ۾ شريڪ ٿيڻ جي دعوت ڏني وڃي. اوهان جي قومي همدرديءَ ۾ مون کي قوي اميد آهي ته اوهان هن ڪارخير ۾ مون کي في الحال هيٺئين احوال پهچائڻ ۾ امداد فرمائيندا:

١- ضلعي ڪراچيءَ جي زميندارن جا نالا ۽ ائڊريسون.

٢- آهي زميندار، جي هن ڪانفرنس جي ڪاميابيءَ ۾ ڪا مدد ڪري سگهن.

٣- غير زميندار اصحاب، جي هن ڪانفرنس ۾ دلچسپي وٺن.

خلاصو عرض هي آهي ته مهرباني ڪري انهيءَ ڪانفرنس جي ڪاميابيءَ لاءِ پنهنجي مفيد مشوري کان مستفيد فرمائيندا، جيئن ڪاميابيءَ جو باعث ٿئي.

زياده خير و السلام.

خادم قوم، سيد محبوب علي شاهه،
ميونسپل ڪائونسلر، سکر.

آهي. آنهن پريشان ڪندڙ حالات ۾، مون کي معاف ڪندا، جيڪڏهن مان اوهان کي پريزيڊنٽيءَ جي ڪاميابيءَ تي مبارڪباديءَ جي تار نه ڪئي. بهرحال منهنجي دل ۾ اوهان جي لاءِ جيڪا محبت ۽ عزت پيدا ٿي چڪي آهي، سا مبارڪباديءَ جي خطن يا تارن کان وڌيڪ آهي.

وڏن زميندارن يا پيرن سان تعلقات قائم ڪرڻ جي مون کي سندن افعالن جي ڪري ڪڏهن خواهش نه ٿي آهي. پر مان سمجهي نٿو سگهان ته ڪهڙو جذبو آهي جيڪو هميشه مون کي اوهان جي محبت جو طلبگار رکي ٿو! شايد انهيءَ ڪري ته اوهان همعمر آهيو، يا شايد انهيءَ ڪري ته اوهان همخيال آهيو. سان انشاءالله تعالى جنوريءَ ۾ اوهان سان ملڻ جي ڪوشش ڪندس.

اوهان جو دلي محب،
سيد محبوب علي شاهه.

(٤)

سکر
٣- جولاءِ، ١٩٢٩ع

همه شب درين اميدم که نسيم صبح گاهي
به پيام آشنائي بنوازد آشنا را.

پيارا پاڻ، السلام عليڪم- ڪاروبار جي سلسلي ۾ ٻاهر ويو هوس. موٽيس ته اوهان جو الفت نامو مليو. تمام خوشي ٿي. مون اڳي ٻه هڪ ڀيرو دفعا سلسلو خط و ڪتابت جاري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي.

غرور حسن اجازت مگر نداد اي گل!
که پرسشي بکني عندليب شيدا را.

لاچار خاموشي اختيار ڪيم ۽ دل کي هيءُ چئي تسلي ڏنيم ته

ڳالهين بابت پنهنجا رايا خاص طرح وونڌڙ ٽپال ۾ لکي موڪليندا:
نمبر (۱) سادات برادريءَ جي ترقيءَ ۽ اصلاح لاءِ ڪهڙا آپاءَ اختيار ڪجن ۽ ڪانفرنس ۾ ڪهڙا ٺهراءَ آڻجن؟
نمبر (۲) ڪانفرنس جو صدر ڪير ڪجي؟
آخر ۾ مان هي ضرور چوندس ته منهنجو هيءُ مقصد اوهان جهڙن پُر خلوص، همدرد، قابل، با اثر ۽ روشن خيال بزرگن جي مدد ۽ ڪوشش ڪان سواءِ ڪڏهن ڪامياب ٿي نه سگهندو. تنهنڪري اوهان کي هن ڪم ۾ ضرور تڪليف وٺڻي پوندي ۽ هر قسم جي ممڪن امداد ۽ حمايت لاءِ تيار ٿيندؤ.

زياده خير والسلام.
خادم قوم، سيد محبوب علي شاهه.

(۳)

سکر
۵- ڊسمبر، ۱۹۲۸ع

برادرم محترم!
السلام عليڪم: اوهان منهنجي خاموشيءَ تي ضرور اهڙيءَ ئي طرح حيران هوندا، جيئن مان اوهان جي خلافت ۽ سادات ڪانفرنس ڪان عدم شرڪت يا اوهان جي تار اچڻ ڪان بعد انهيءَ مني آرڊر جي وصوليءَ تي حيران هوس، جنهن کي تار جي فالو ڪرڻي هئي. پر ڪانفرنس جي محنت مون کي ايتري قدر ٿڪائي ڇڏيو هو، جو هڪ هفتي تائين دين و دنيا جي ڪا خبر نه هئي. تنهن ڪان بعد والد صاحب قبله پنجاب هليا ويا، جتان اڃا تائين نه موٽيا آهن. ڪارخاني جي ڪم جو سمورو بار منهنجي مٿان پئجي ويو. انهيءَ وچ ۾ منهنجو ننڍو ڀاءُ تپ محرقه ۾ مبتلا ٿي ويو. زندگي خطري ۾ هئي، پر شڪر جو الله تعاليٰ رحم ڪيو، ۽ ڪالهه ڪان وٺي ڪجهه افاقو ٿيو

قدر جلد ٿي سگهي، غريبخاني تي اچو. مان ملاقات جي لاءِ بيقرار آهيان.

بخدا کہ جرعہ دہ توبہ حافظ سحرخيز
کہ دعاي صبحگاهي اثري کند شمارا

مان پاڻ اکين سان اچان ها، پر شاه صاحب هيتي نہ آهي.

پيو خير و السلام.

مشتاق ملاقات،
محبوب علي شاهہ.

(۵)

سردار علي شاه لائين،
سکر ۱۳- مارچ، ۱۹۳۳ سلمہ الله المنان!

برادرم محترم،

السلام عليڪم- نوازش نامو مليو. احوال معلوم ٿيو. مان پنجاب ويل هوس، تنهنڪري جواب ۾ دير ٿي، معاف فرمائيندا. شڪر جو ڪنهن نموني سان بندو يادگيريءَ ۾ تہ آيو. مون تي ڪم اگرچ خسيس رکيو ويو آهي، پر جنهن صورت ۾ مخدوم دوست مولوي وفائي صاحب حج تي ويل آهن، تنهن صورت ۾ آئنده تعميل ارشاد کان معذور آهيان.

بهرحال سنهنجي پُرخلوص دعا هردم اوهان جي شامل حال آهي. شال اوهان هر ڪنهن ڳالهہ ۾ سوڀارا ٿيو.

- محبوب علي شاهہ.

چہ نسبت است بمکہ شریف مکہ را،
صنم پرست کجا، خانہء خلیل کجا.

انهيءَ وچ ۾ ٽي چار دفعا منهنجو ڪراچيءَ ۾ اچڻ ٿيو. پر خدا ٿو ڄاڻي، مون کي جيڪڏهن خبر هجي ها جو اوهان ڪراچيءَ ۾ آهيو، ته ضرور ملان ها.

اوهان جو هيءُ سوال ته مان ڇا ڪري رهيو آهيان، مون جهڙي حساس طبيعت لاءِ تير و نشتر کان گهٽ نه آهي. منهنجو جواب فقط هي آهي ته

گر نام و نشان من پرسند بگو قاصد
آواره و مجنون رُســـوا سر بازاري

والد صاحب قبله حج تي ويل هئا. ايڏي مهينن کان پوءِ خير سلامتيءَ سان موٽيا ته هوا بدليءَ جي لاءِ ڪشمير هليا ويا. ضعيف العمر ۽ پيرسن آهن. سندن آرام جو وقت آهي. ڪيئن ڪين چوان ته ڪارخاني جو ڪم سنڀاليو، آءٌ قومي ڪم ڪندس. لاچار ڪارو باري معاملات ۾ مشغول آهيان. گهر ۽ ڪارخاني جو سمورو بار منهنجي ڪلهن تي آهي. سبڪدوش ٿيان ته ڪيئن؟ ميونسپلٽيءَ ۾ البت مقامي هجڻ جي ڪري ڪجهه ڪم ڪري سگهان ها، پر هندن جي اڪثريت، ڪٽرپڻو ۽ تعصب ڏسي، دل ڪٽي ٿي ڇڏڪي آهي. اسان جي ميونسپلٽيءَ ۾ هندو ميمبر ٢٩ آهن ۽ مسلمان ميمبر ١٦. هاڻي لوڪلبورڊ ۾ گهڙڻ جو خيال ڪريان ٿو. شايد ڪم ڪرڻ جو ميدان ملي وڃي.

خوشامد کي ڇڏي، جنهن کان مون کي نفرت آهي، مان سچ ٿو چوان ته هن وقت ساريءَ سنڌ جي خلافتين يا غير خلافتين ۾ مون کي ڪو اهڙو ماڻهو نٿو سجهي، جيڪو اوهان جهڙو خاموش، خالص عملي ۽ تعميري ڪم ڪري رهيو هجي. هن قحط الرجال جي زماني ۾ مسلمانن لاءِ اوهان جي هستي غنيمت آهي. الله اوهان جي عمر ۽ اقبال زياده ڪري. خدارا! جيتري

بيمار ٿي پيس ۽ اڃا بستري داخل آهيان.

عيد جي سڀاڳي ڏينهن ٿي، اهو منهنجو دستور آهي ته پنهنجي مسلم دوستن کي ياد ڪريان. ان ڪري هيءَ عيد مبارڪ اوهان کي موڪليان ٿو. اميد ته خوش هوندا.

اوهان جو مخلص،

پنيجا.

پروفيسر ايچ - آر- پنيجا

پروفيسر پنيجا شڪارپور سنڌ جو وينل هو، جو بهار جي صوبي جي ڪنهن ڪاليج ۾ پروفيسر هو. جڏهن سنڌ بمبئي کان جدا ڪرڻ لاءِ هلچل هلي هئي، اُن وقت پروفيسر ڇپلاڻيءَ، انگ اکر ڏيئي، سنڌ کي ڪوٺ وارو پرڳڻو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. حقيقت ۾ سنڌ ڪوٺ وارو پرڳڻو ڪونہ هو، پر فرقيوار ذهنيت ڪري، اهو قدم، مسٽر ڇپلاڻي ۽ ٻيا هندو دوست کڻي رهيا هئا. ليڪن ٻيا ڪيترا هندو دوست اهڙا بہ هئا، جن کليو ڪلايو سنڌ جي بمبئيءَ کان جدائيءَ جي حمايت ٿي ڪئي، جن ۾ مسٽر چيٺمل پرسرام، سواسي گووند آنند، ڊاڪٽر تارا چند لالواڻي؛ ۽ پارسين مان جمشيد ميهتا ۽ رستم سڌوا قابل ذڪر آهن.

مسٽر ڇپلاڻيءَ جو جواب ٻن غير مسلم ماهرن طرفان ڏنو ويو. آهي هئا مسٽر ميهتا ۽ پروفيسر پنيجا. ان ڪري سنڌ جي جدائيءَ لاءِ ڪم ڪندڙ سڀيہ سياستدانن وٽ پروفيسر صاحب جو قدر هو ۽ هو جڏهن بہ سنڌ ۾ ايندو هو تہ ماڻس ملندا هئا، ۽ سون سان بہ انهيءَ سلسلي ڪري لاڳاپو هوس.

سندس مون ڏانهن آيل هڪ خط هيٺ ڏجي ٿو.

(۱)   [انگريزي]

۳- ٻـون،
برنس اسٽريٽ، ڪراچي،
۲۹- آگسٽ، ۱۹۳۶ع

پيارا غلام مرتضيٰ شاهه صاحب!

آءٌ جڏهانڪر اوهان سان سلي ويو آهيان، تہ سگهو ٿي

ڪراچيءَ جي امداد ڪن ۽ چندو وٺائي ڏيندا.

والسلام- ايام عزت و دولت و محبت مستدام.

اوهان جو خادم،

عمر محمد دائود پوٽو،

وقتي پرنسپال، سنڌ مدرسة الاسلام، ڪراچي.

[انگريزي] (٢)

سنڌ مدرسه، ڪراچي

٣- ڊسمبر، ١٩٢٨

پيارا شاه صاحب،

منهنجي طرفان دلي مبارڪباد قبول پوي، جو اوهان ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ ڪراچيءَ جا پريزيڊنٽ ٿي ويا آهيو، جا پوزيشن وڏي جوابداريءَ ۽ اعتبار جي آهي. آءٌ اميد ٿو ڪريان ته اوهان شال گهڻو وقت طاقت ۾ رهي، سنڌي قوم جي خدمت ڪريو.

”ع“

[انگريزي] (٣)

سنڌ مدرسة الاسلام، ڪراچي

٨- مارچ، ١٩٢٩ع

پيارا شاهه صاحب!

منهنجي گهر ۾ بيماري هئڻ ڪري، آءٌ مجبور ٿي، ڪراچيءَ مان ڪوئيٽا ميل ذريعي ٻاهر وڃي رهيو آهيان. اُن ڪري آءٌ معافي ٿو گهران، جو ميٽنگ ۾ حاضر ٿي نه سگهندس. آءٌ اميد ٿو ڪريان ته اوهان جي ميٽنگ ڪامياب ٿيندي.

آءٌ سومر يا اڱاري جي شام جو اوهان سان ملندس. آءٌ

مرحوم علامه ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو

ڊاڪٽر صاحب جي نامي گرامي اسم گرامي کان هرڪو واقف آهي. سندس علمي خدمات ڪنهن کان لڪل ڪين آهن. سندس زندگيءَ جو مفصل احوال "جنب گذاريم جن سين" ۾ ڏنل آهي.

سائنس سنڌ مدرسي ۾ پرنسپال ٿيڻ جي وقت کان وٺي لاڳاپو رهيو، جو سندس آخر وقت تائين قائم رهيو.

سندس ڪيترن ئي خطن مان ١٥ خط هتي پيش ڪجن ٿا.

(١)

سنڌ مدرسه، ڪراچي،
١٣- جنوري، ١٩٢٨ع

سلمه الله

بخدمت عالي درجت، سيد غلام مرتضيٰ شاه صاحب

السلام عليڪم و رحمت الله-

الغرض ته هن سان گڏ هڪ اپيل موڪلجي ٿي، جنهن مان مدرسي جي مالي ڪيفيت جي خبر روشن ٿيندي. اميد ته اوهان صاحب انهيءَ باري ۾ هر طرح مدد ڪندا.

٢- خانبهادر ولي محمد صاحب وٽان معلوم ٿيو آهي ته اوهان صاحب ٢٣ ۽ ٢٨ جنوريءَ جي هڪ جلسو ڪرڻ وارا آهيو، آن جي متعلق خبر ڏيندا ته مان به اچي حاضر ٿيان، ۽ اوهان صاحب پڻ سيني کي ارشاد ڪندا ته مدرسة الاسلام

(٥)

بندرا (بمبئي)
١٦- جون، ١٩٣٨ع

حسب حالي ننوشتيم و شد ايامي چند
قاصدي کو که فرستم بتو پيغامي چند
ما بدان مقصد عالي نتوانيم رسيد،
هم مگر پيش نهد لطف شما گامي چند

حفظه الله تعاليٰ!

عزيزي و محترمي،

السلام عليکم و رحمت الله و برکاته‘- خوشا سعادتي، جو هن پيري ڪراچيءَ ۾ هڪ وقت لمحي لاءِ ملاقات جو شرف مليو. جو عرض خود نه ڪري سگهيس، سو عزيزم ميران شاه پيش ڪيو ۽ اوهان پنهنجي سابق معهود شفقت موجب مهل سر مدد جو وعدو ڏنو.

شاهان چه عجب گر بنوازند گدارا.

انهيءَ ضمن ۾ عرض ته خانبهادر غلام نبي قاضي نومبر مهيني ۾ ڊي- پي- آءِ جي عهدي کان فارغ ٿيڻ وارو آهي. شايد کيس اينڊرز مارچ تائين مهلت ڏني وڃي ته ان ۾ شڪ نه آهي. بهرحال انهيءَ منصب جي پرڻ لاءِ اڳواٽ ڪوشش ڪئي ويندي. ازانسواءِ سون کي معلوم ٿيو آهي ته اي- آءِ (ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر) جي جاءِ نئين سر جاري ڪرڻي اٿن. انهيءَ جاءِ تي جو ماڻهو ٿوري وقت لاءِ مڪين ٿيو، تنهن کي ڊي- پي- آءِ ٿيڻ لاءِ يقيني وجهه آهي. هِتڻ ۾ اچي ٿو ته انهيءَ مد نظر تي عثمان علي انصاري ازحد ڪوشان آهي ته اها جاءِ کيس ملي، ته پوءِ سولائيءَ سان ڊي- پي- آءِ ٿي پوي. مسٽر انصاري هڪ مسلم آهي. ان جي باري ۾ ڪجهه برخلاف لکڻ بي مروتيءَ جي برابر آهي.

ان مسئلي ۾ اوهان سان هر طرح جو تعاون ڪرڻ لاءِ تيار آهيان.

توهان جو مخلص،

ع- م- دائود پوٽو

[نوٽ:- ڳوٺ سڌار هلچل بنسبت مبتنگ هئي.]

(۴) [انگريزي]

بندرا، بمبئي (انڌيري ڪاليج)

۱۱- مئي، ۱۹۳۳ع

پيارا سيد غلام مرتضيٰ شاهه.

ڪراچيءَ ۾ هٿڻ وقت، مون کي اوهان سان دل پري گفتگو ڪرڻ لاءِ وقت ملي نه سگهيو: ڇاڪاڻ ته تڪڙ ۾ هوس.

مون کي يقين آهي ته اوهان پنهنجي پراڻي پروگرام تي قائم هوندا، ۽ ماڻهن جي سماجي ترقيءَ لاءِ ڪوشش ڪندا هوندا. ان مان اميد اٿم ته اوهان جي ناموس به ٿيندي ۽ سياسي زندگيءَ جي راهه به هموار ٿيندي.

هن خط جو آڻيندڙ، قاضي عبدالهادي، جو ٺٽيءَ جي فاضلن جي خاندان مان هڪ ٿي بچيو آهي، ڪيترن سالن تائين ڊڪ منشي ٿي رهيو آهي ۽ ڪيس رٽائر ڪرڻ ۾ باقي ٻه ٽي سال آهن؛ هن وقت موڪل تي آهي، ۽ وري خواهش اٿس ته ڪيس ٺٽيءَ ۾ ڊڪ منشي ڪري رکيو وڃي.

ڪيس اها جڳهه ضرور ملڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته ٺٽيءَ کان ٻاهر نڪرڻ بعد گهر جي سنڀال لاءِ ڪو به ماڻهو نه اٿس. مهرباني ڪري، جيڪي ٻجي سگهيو اٿر هلائي، هن کي ٺٽيءَ ۾ وڪائيندا.

"ع"

۽ خرچ موافق پگهار هڻڻ گهرجي- آئينده مرضيءَ جا مالڪ آهيو.
اميد ته اوهين هر طرح خوش و خورم هوندا.
والسلام و ايام عزت و بهجت مستدام باد!
راقم نيازمند،
عمر بن محمد دائودپوٽو

[نوٽ:- هن خط ڪان پوءِ سندن لاءِ ڪوشش ڪئي ويئي، ۽ کين سنڌ ۾ D.P.I مقرر ڪرايو ويو.]

(٦)

نيپئر بيرڪس، ڪراچي
١١- فيبروري، ١٩٥٣ع

سيد غلام مرتضيٰ شاه صاحب.
منبع مروت و مصرف رافت، فضيلت ماب جناب
السلام عليڪم و رحمت الله و برڪاته'- عرض ته اوهان جي ملڻ لاءِ تارا تڪيندي، راتيون وهامي ويون. آيا ته خبر نه پئي:

سڪي جان ستياس، سڪ سمهڻ نه ڏئي،
جاڳي ستيس جن لاءِ، سي آيا تان نه اٿياس،
پيئر آءٌ پلياس، نه ته سيڪ سمهڻ ڇا لڳي!

اميد ته ٢٣ تاريخ ملاقات جو موقعو ملندو. جڏهن اچجو ته "ينابيع الحيات" ساڻ کنيو اچجو. حافظ هاشم جان کي پڻ لکيو اٿم ته پنهنجو نسخو ڏياري موڪلي. هڪ نسخو ٻڍجي ٿو ته پير پاڳاري جي ڪتبخاني ۾ آهي. اهي ٽيئي نسخا پيئي، صحيح متن تيار ڪبو، ۽ تنهن کان پوءِ اُن جي طباعت جو خيال ڪبو.
اميد ته اوهين هر طرح خوش و خورم هوندا- والسلام.
المخلص،
ع

سندس ڪارناما سندس رڪارڊ مان پڌرا آهن. عيان راچه بيان،
تنهنڪري جيڪڏهن حقير کي انهيءَ عهدي لاءِ مستحق سمجهو،
ته ليله منهنجي لاءِ بروقت ڪوشش وٺو، نه ته انهيءَ جاءِ پرجڻ
بعد منهنجو سنڌ ۾ اچڻ ناممڪن آهي. اهو ئي زرين موقعو آهي،
جو مان جلاوطنيءَ کان آزاد ٿي، پنهنجي وطن جي خدمت ڪري
سگهندس. خدمت ادبي ۽ قلمي ته هتي به ڪري رهيو آهيان-
پنهنجي قوت آهر، پر اتي زياده ڪري سگهندس. انهيءَ لاءِ عرض
ته اوهين خانبهادر الهه بخش مکيه وزير کي، جو اوهان جي تائيد
تي بيٺل آهي، زور آڻيندا ته هن بندي کي سڌيءَ طرح ڊي-پي-آءِ
جي جاءِ ڏئي، تان جو قاضي صاحب جي فارغ ٿيڻ بعد مان
سندس جاءِ تي مقرر ٿيان.

هن وقت سنڌ ۾ ڪو به تعليمي آفيسر بلا استثناءِ فرسٽ
ڪلاس سروس ۾ ڪونهي؛ مان ئي هڪڙو سنڌي آهيان، جو
فرسٽ ڪلاس ۾ آهيان. منهنجي مقرري پبلڪ سروس ڪميشن
جي وائي کان سواءِ سڌيءَ طرح ٽرانسفر جي وسيلي بمبئي سرڪار
کان حاصل ڪري سگهجي ٿي. هن وقت منهنجو پگهار ۶۸۰
روپيا واڌو ساڌا ۵۲ روپيا الائونس آهي، ۽ ۹ نومبر کان ۷۲۰
روپيا ٿيندو. ليڪن ڪاليج جي نوڪري فرصت واري آهي،
جتي ڇهه مهينا موڪل ٿئي ٿي. تنهنڪري اگرچه ڊي-پي-آءِ
جو شروعاتي پگهار ۱۲۰۰ روپيا آهي، مان ۱۰۰۰ روپئي تي
به اچڻ لاءِ تيار آهيان. پر جيڪڏهن حال في الحال اي-آءِ-جي
جاءِ تي مقرر ڪن، جيستائين ڊي-پي-آءِ جي خالي ٿئي، تيستائين
به مسٽر انصاري يا مسٽر ڪرمچند ايڊيوڪيشنل ٿيو ته انهن
کي به ضرور سرسو پگهار ڏيڻو پوندو. منهنجي هاڻوڪي اسڪيل
آهي (يعني نومبر کان ۷۲۰-۴۰-۱۲۰۰ ۽ اسپيشل گريڊ ۱۲۰۰-۴۰-۱۶۰۰).
هيءَ خبر اوهان کي فقط اطلاع لاءِ ڏني اٿم، نه انهيءَ ڪري
ته مون کي هروڀرو گهٽي پگهار جي هيچ آهي. ليڪن مرتبي

ايام عزت و بهجت مستدام باد!

واقم المخلص،

ع. م. د.

ق - ت: برٽش ميوزم وارو قلمي نسخو پيٽي رکيو اٿم. اهو هڪ بياض جي حيثيت رکي ٿو. منجهس ڪيترا ئي بيت ڪينهن ۽ ڪيترا وري نوان آهن. انڊيا آفيس وارو نسخو، امريڪن سفارتخاني جي پروجيڪٽر تي پڙهي رهيو آهيان. هوبهو برٽش ميوزم واري قلمي نسخي جهڙو آهي. پر وچ ۾ ڪيترا ئي بيت ڇڏيو ڏني. اکر به خراب اٿس. اگرچ صورتخطي وڏيڪ قديم آهي. ڪنهن نهايت ڪهني نسخي تان نقل ڪيو ويو آهي. ۽ ڪٿي ڪٿي بياض به اٿس.

"ع"

[نوٽ:- لنڊن مان شاه جي رسالي جون نيلي پرنٽ ڪاپيون آنديون هيم، جي ڪيس ڏنل هيون. انهن بابت احوال ٿو ڏني.

(٨)

گلشن منزل، ڪراچي

٢٨- آگسٽ، ١٩٥٤ع

حفظه الله تعاليٰ

مخدومي و محترمي جناب سيد غلام مرتضيٰ شاهه

السلام عليڪم و علي من لديڪم:

اوهان صاحبن ڪان موڪلائي، آفيس ۾ ويس ته خبر پيم ته سومر ڏينهن عين ساڍي ٩ بجي انٽرويوز رکيل آهن، جن مان مس ١١ بجي ڌاري پالهو ٿي سگهندس. تنهن لاءِ عرض ته ڪميٽي ۽ جي ميٽنگ ١١ بجي تائين مهمل ڪندا، ورنه ١١ بجي ڌاري خدمت ۾ حاضر ٿيندس.

والسلام وعليه خير مشام!

بنده مخلص، "ع"

(٧)

سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن،
نيپئر بيرڪس، ڪراچي
١٤- اپريل، ١٩٥٣ع

حفظه الله تعاليٰ،
محترمي و عزيزي جناب سيد غلام مرتضيٰ شاهه

السلام عليڪم و رحمة الله و برڪاته- عرض ته اوهان صاحبن کي دل وَ جان سان تبريڪ ڇوان ٿو، جو بنا مقابلي جي چونڊجي ويا. وڏي خوشيءَ جي ڳالهه آهي، جو مسلم ليگ کي اوهان جي سامهون رقيب بيهارڻ جي همت نه ٿي. اميد ته شيخ صاحب جن به پنهنجي تڪ سان ڪامياب ٿيندا.

اڄ وقت آهي ته سونهاري سنڌ جي شيوا لاءِ بي غرض انسان ميدان ۾ اچن. ڪوڙن ڪانگيرن انهيءَ سُرهي سَرَ جو پاڻي ڪنو ڪري ڇڏيو آهي. وري نئين سنئينءَ ڏيڻ ڏوڻٽا آهن. رب تعاليٰ سوڀ ڏيندوَ.

"گنج" ۾ هڪ لاثاني بيت "سرود مارئي" ۾ وطن بابت آيو آهي، جو خاص اوهان لاءِ لکي موڪليان ٿو- ميران شاهه کي ڏاڍو وڻيو- ويچارو ميران شاهه!!

جني ڪاڻ مياس، سي ڳان ڪانڌي نه ٿيا.

هيئنر خدا جي پاڻي تسي راضي ٿي، خلوت ۽ جلوت اختيار ڪرڻي پوندي س.

وَ اليه حُسنُ الماب.

اهو بيت هي آهي:

سيجو جـي سائيهه، تـه بـه وَنهينئان وِترو،
گهوريو سو پـرڏيهه، ڏوٽي ڦٽان ڇانئيو!

شل اوهان جي موجودگي سنڌ جي خوشنوديءَ ۽ ترقيءَ جو ڪارڻ بنجي. بنده جي طرفان دلي مبارڪون قبول پون.

مان تاريخ ٥- ڪراچيءَ آيو هوس، جو پاڪستان هسٽاريڪل سوسائٽيءَ جي ساليانيءَ جلسي اڳيان صدارتي تقرير پڙهڻي هيم. حيدرآباد ۾ معلوم ٿيو ته اوهين خير سان پنهنجي فرزند ارجمند جي خانه آباديءَ جي موقعي تي من ويل آهيو. افسوس جو ملاقات ميسر ٿي نه سگهي. شاديءَ لاءِ تهنيت.

زياده خير و السلام و ايام عزت و بهجت مستدام باد!

بنده دعا گو و دُعا طالب،

"ع"

ق-ت- خانم طرفان اهل البيت کي صد مبارڪ ۽ آداب.

(١١)

ويسٽ پاڪستان، پبلڪ سروس

ڪميشن، لاهور

٣- مارچ، ١٩٥٦ع

حفظه الله تعالي

مفخرِ قوم، محبِ وطن جناب سيد غلام مرتضيٰ شاه صاحب

السلام عليڪم و رحمت الله و برڪاته'- اوهان جي تشريف آوريءَ جا مسرت بخشي، تنهن جو حساب خدا ڄاڻي. بنده دور افتاده کي در تي اچي ديدار کان منور ڪيو، تنهن لاءِ منهنجو وار وار شڪرگذار آهي. اميد ته آئينده پڻ هن عاجز کي پنهنجي شفقت کان نوازيندا رهندا. افسوس، جو ملاقات جي گهڙي تمام مختصر هئي، جنهن ۾ اوهان سان احوال اوري، اندر جو غبار نه ڪڍي سگهيس ۽ نه دل ٺري.

ديدنِ روي عزيزان ديده را روشن ڪند.

جتي مون سان جاڙون ڪيون آهن: مولوي احمد جت

[نوٽ:- سنڌي ادبي بورڊ جي اسٽينڊنگ ڪاميٽيءَ جي ميٽنگ ڪوٺايل هئي، جنهن جو پاڻ ميمبر هو ۽ آءٌ چيرمن هوس.]

(۹)

سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن،
نيپئر بيرڪس، ڪراچي
۱۵- آڪٽوبر، ۱۹۵۴ع

حفظه الله تعاليٰ

مفخر ملت سنڌيه السيد السند غلام مرتضيٰ شاه

السلام عليڪم و رحمة الله.- حسب الارشاد هي عرض پيش ڪجي ٿو ته وري ڪراچيءَ واپس وارڻ وقت "ڊاڪٽر مارلي جا ٻه مقالا" جيڪي اوهان صاحبن کي مطالعي لاءِ ڏنا هئم، سي مهرباني ڪري پاڻ سان کنيو ايندا. سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽيءَ جو جرنل انهن مقالن هُوندي وهيو پيو آهي. جيئن ايندا، تيئن انهن کي درست ڪري، مناسب جاءِ تي جرنل ۾ درج ڪيو ويندو، ڇپائيءَ وغيره جو بندوبست ڪيو ويو آهي. مان ٿو ڀانيان ته هن سال مئنهنجو پٽ شاهه تي اچڻ ٿيندو.

زياده خير و السلام.-

اخلاصمند،

"ع"

(۱۰)

ويسٽ پاڪستان پبلڪ سروس ڪميشن، لاهور
۲۴- جنوري، ۱۹۵۶ع

حفظه الله تعاليٰ

محترمي فخر قوم سيد غلام مرتضيٰ شاه

السلام عليڪم و رحمت الله و برڪاته'- عرض ته جوڻنڊن ۾ اوهان جي ڪاميابيءَ جو ٻُڌي، گهڻي خوشي حاصل ٿي.

هُونئي رهيو پيو آهي. اميد ته اوهان کان آهي پري ڪو نه ويندا. جتي منهنجيون ويهن نُنهن جون ڪوششون ڪامياب نه ٿيون آهن، اتي اوهان جو اشارو ۽ ايماءُ يا دڙڪو ۽ داب ڪافي ٿيندو.

پيو عرض ته بندي جو نئون گهر (پلاٽ نمبر ۱۲- اسلام آباد ڪالوني) ٦- فيبروريءَ کان خالي پيو آهي، جو سنڌ سرڪار جو ٻن ورهين جو مقاطعو پورو ٿي ويو. گويا مهيني ۾ ۱۴۰۰ روپين جو ٽوٽو پوي ٿو ۽ ازانسواءِ چوڪيدار جو پگهار ٻئي ڏاوڻ پوي ٿو. اسان جو الله کان سواءِ ٻيو واهي ڪونهي. دوست سڀ ناني ۽ زباني آهن- جاني ڪي ٿورا آهن. تنهنڪري الله تعاليٰ ۾ آسرو رکي، ۽ اوهان جي ذات بابرڪت ۾ اميد ڌري، عرض ٿو ڪجي ته پنهنجو اثر هلائي، ڪو معتبر مسواڙي وٺي ڏيندا، جو اسان کي معقول مسواڙ سال ٻن جي اڳواٽ ڏئي. يا ڪنهن سفارتخاني کي هميشه لاءِ محصول تي ڏيندا. بهرحال مان هڪ هزار روپيا ماهوار وٺڻ لاءِ به تيار آهيان. بشرطيڪ مسواڙ ٻن سالن جي اڳواٽ ملندي ۽ ميونسپل ٽيڪس، مرمت ۽ ڀڳ ٽٽ جو خرچ مسواڙي پاڻ ڀريندو. مون جاءِ تي پوڻا ٻه لک روپيا خرچ ڪري، پنهنجو الهو تلهو وڪڻي، جهڳو جهڻ ڪري ڇڏيو. سرڪار کان اڳواٽ پيسا به قرض ۾ هجي ويا. هينئر الف سلخنون ٿيو ويٺو آهيان. مارڪيٽ جو اگهه ڪريل آهي. جيڪڏهن سوا ٻه لک ملن ته وڪڻي ڇڏجي. تازو مولابخش پنهنجو بنگلو ٽين لکين وڪڻي ڇڏيو. اڄ ”غريب جي جوءِ، جڳ جي ڀاڄائي آهي.“ اسان ٻارن گولاڙي جي ول وانگر ٻي پاڙن کي ڪير پڇي به ڪونه. سو پنهنجو وَڙُ ڪري اسان جي سهائتا ڪندا ته تادم واپسين شڪرگذار رهندس.

مان انشاءالله تعاليٰ ڪميشن جي ڪم سان تاريخ ۱۵- اپريل تي اتي پهچندس- خانم ۽ قمر کي ڏينهن ٻن ۾ ايڏانهن

ڪي پئسا پري، ڪشالا ڪڍي، ڪجھ موڪليو هوم، پر ڀاڻ سان ڀُهر ڪٿي آيو. هاڻ وري هيڏانهن آسرڻ ڪان اڳ لکيائين تہ مون ڪي رسالي جو هڪ قديم نسخو لکيل ١٢٢٥ھ جو هٿ آيو آهي. پنج مهينا لولهڻيون ڪندي ۽ ڀاڙ آڇيندي ڏيا آهن، پر اڃا تائين ليت و لعل پيو ڪري. ڪنهن نہ ڪنهن بهاني سان رسالي موڪلڻ ڪان پوءِ پيو ٽٽائي. آخر تازو قاضي اشرف ٽنڊي جان محمد واري ڪي لکي موڪليم تہ جت ڪي هڪ سؤ وو پيا منهنجي پاران ڏيئي، ڪاٿس رسالو وٺي، مون ڏي موڪلي، پر اڃا آن وٽان بہ ڪو احوال ڪونہ آيو آهي. هوڏانهن مولوي احمد جت جي پٽ قادر بخش لکي موڪليو آهي تہ بابو رسالو ڪٿي ايڏانهن آيو آهي. پر آن جو اڃا پتو ڪونہ آهي؛ ڇاڪاڻ تہ انهيءَ ڳالهہ کي بہ ٻہ هفتا ڪن ٿي وڃا آهن. مان ڀانيان ٿو تہ اهو بہ ڏَٺو آهي. اهي جت ٽنڊي جان محمد جي آسپاس رهن ٿا، آنهن جو پتو هيٺين ماڻهن ڪان پوندو:

١- ماستر محمد سيفل- ٽنڊو جان محمد.

٢- نعمت علي گانڌي، دڪاندار، شاهي بازار، ٽنڊو جان محمد.

٣- الله بچايو ولد عبدالله ڪتي، ويزڪي دڪاندار، ٽنڊو جان محمد.

ازانسواءِ بدين جي هڪ ماستر محمد سومار نالي وٽ هڪ ڪُهنو نسخو ٿو ڏسجي، جنهن مان هن ڪيترائي بيت "عبرت" ۾ ڇپايا آهن. ماڳيو ماستر صاحب بيان ٿو ڪري تہ انهيءَ ڪان بہ وڌيڪ قديم نسخو هڪ ماڻهوءَ وٽ آهي، پر ڏيڻ جي نٿو ڪري. اهو ماستر ۽ ماڻهو (لونگ فقير) هڪ شاه صاحب عالي شاه بدين واري جي توسّل ۾ آهن. سو مهرباني فرمائي، اهي ٽيئي رسالا هٿ ڪري، مون ڏي ڏياري موڪليندا. ڇاڪاڻ تہ رسالي جي ڀيٽا جو باقي رهيل ڪهيل ڪم، آنهن نسخن جي

خدمت ۾ موڪلجي ٿو. ڪتاب "ينابيع الحياة" جناب خسري صاحب گھڻو وقت رکيو آهي. هيل تائين تطبيق ڇپا پر آن جي تنسيخ به ڪري سگھي ها. مهرباني فرمائي اهو ڪتاب جناب حڪيم نصيرالدين صاحب کي هڪدم پهچائي ڏيندا.

اوهان صاحبن شفقت ڪري مون کان پڇيو هو ته ڪڏهن ملازمت کان فارغ ٿيندس. پيٽ ڪُتي جي اور-پورٽا ۽ نوڪري ڪڏهن پوري ٿيڻ جي ناهي. ته به "عيش عزيزاً و مُت ڪريماً" جي مصداق مون کي ٤- آڪٽوبر بعد آها نوڪري گھرجي، جنهن ۾ ڪنهن جي غلامي نه ڪرڻي پوي ۽ نڪي مائين سائين ڪرڻو پوي. باقي سنڌي ادب ۽ لسان جي خدمت ته مرڻ گھڙيءَ تائين هر حال ۾ ڪرڻي آهي. اجا مون کي ٥ يا ٦ سال اها بجا گيري ڪرڻي آهي، جيسين ٻچا وڃي پنهنجي پيرين سيرين ٿين. منهنجي ٥٨٣ روپيا پينشن ڪافي آهي، جنهن جي ماني ۽ ڏڌ جي وٽي تي گذران ڪري سگھجي ٿو، زندگي ساري مشقت ۽ جنڊ ڪيندي گذري آهي. سنڌس شڪر آهي، جو بدن قوي ۽ دماغ صحيح عطا ڪيو اٿس، اها منهنجي لاءِ نعمت عظميٰ آهي. دنيا سان دل ڪڏهن به ڪانه رکي اٿم ۽ موت جي سڏ لاءِ هردم تيار آهيان. دل تي خان ۽ سان جو خيال ڪونهي. ڪنهنڪري جيڪڏهن وسعت ۾ هجي ته ڊاڪٽر خانصاحب جي دوران هن طور منهنجي دستگيري ڪري سگھو ٿا.

١- فيڊرل پبلڪ سروس ڪميشن جي ميمبري- آئي جي هڪ ميمبر وزيرزادي گل محمد کي هٽ بدلي ڪرائي، مون کي آئي پنجن سالن جو عرصو وٺي ڏيندا. (يا)

٢- لاهور جي ڪميشن ۾ ساڳيو مدو وٺارائي ڏيندا- اگرچه لاهور مون کي هرگز پسند ناهي، هي جلاوطنيءَ جا ڏينهن به سخت گذاريا اٿم. (يا)

٣- سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلري ٦ سالن لاءِ. (يا)

روانو ڪريان ٿو ته ڪونه ڪو ٻيلو ڪري. بس الله جي وس.
اوهان جو مخلص،
"ع"

(١٢)

٦٧- نيڊوس هوٽل، لاهور
٢٠- مارچ، ١٩٥٦ع

حفظه الله تعاليٰ
محترمي جناب شاه صاحب

السلام عليڪم و رحمت الله و برڪاته'- عرض ته مون اوهان کي پنهنجي بنگلي جي باري ۾ لکيوهو ۽ پڻ روبرو عرض ڪيو هو. سو جيڪڏهن اهو ڪم مسٽر نهلراماڻيءَ تي رکندا ته سرانجامي ڪندو. مون سان قدري رنجش اٿس، پر اوهان جو محابو ڪين موٽائيندو، ڪيس واجب دلالي ڏني ويندي.

اميد ته اوهين خوش و خورم هوندا. ڊاڪٽر خانصاحب جا ڏڪا ڏاڍ نظر مان گذريا هوندا.

و السلام،
ع. م. دائود پوٽو.

(١٣)

٦٧- نيڊوس هوٽل، لاهور
٢٨- جون، ١٩٥٦ع

ڪلاه سروريت ڪج مباد بسر سر حسن
ڪه زيب بخت و سزا وار ملڪ و تاج سري.

حفظه الله تعاليٰ.

فخر سنڌ، عزتمند جناب سيد غلام مرتضيٰ شاه،
السلام عليڪم و رحمة الله و برڪاته'- بعدآداب ۽ تسليمات جي عرض ته هن سان گڏ صاحبزاده حافظ هاشم جان جو خط

(١٤) [انگريزي]

گارڊن ايسٽ، ڪراچي-٣
١٤- مارچ، ١٩٥٨ع

پيارا شاهه صاحب!

توهان ادبي بورڊ جي ميٽنگ سياڻي سادي ٤ بجي رکي آهي. مون کي اڄ ڊاڪٽر ١٢ تاريخ تائين، گهر کان ٻاهر نڪرڻ جي اجازت نه ڏني آهي، جو مون کي دل جي ”ڪارونري ٿرمابسز“ جي بيماري آهي، جيڪا گذريل مهيني جي ٢٥ تاريخ کان لاحق ٿي. ان ڪري، ڏاڍو ڏک اٿم، جو آءٌ ميٽنگ ۾ اچي ڪونه سگهندس. پر جيڪڏهن اوهان سوا ٤ بجي، پنهنجي ڪار مون کي موڪليندا، ته آءٌ ڪيئن به ڪري اچي نڪرندس. جيڪڏهن ڪار نه ٿي، ته پوءِ منهنجو اچڻ مشڪل ٿي پوندو.

مخلص،

م. ع. دائودپوٽو.

(١٥)

٢٨٦- گارڊن ايسٽ، ڪراچي-٣.
١٢- سپٽمبر، ١٩٥٨ع

شمس العلماء الدکتور عمر بن محمد دائود پوٽو
M.A (Bomb), PH.D. (Cantab)

من و دل گر فنا شويم چه باک
غرض اندر ميان سلامت اوست.

حفظه الله تعالي.

محبي و مکرمي جناب سيد غلام مرتضي شاهه

السلام عليکم و من لديکم- اڄ خبر پيم ته اوهين خير سان ڪالهه وطن مالوف ڏي روانا ٿي ويا. اميد ته ڪجهه وقت

۴- مرڪزي حڪومت ۾ Ecclesiastical Board جي چيرمني يا ميمبري.

در در قسطو ڪُٺڻ، ۽ ادني ۽ اعليٰ جي خوشامد ڪرڻ منهنجو شيوو نہ آهي؛ ليڪن "سيد" کي سوال ڪرڻ عين عزت ۽ شرف آهي-

شاهان چہ عجب گر بنوازند گدارا!

پير عالي شاه ۽ قاضي اڪبر باوجود پهرين قَوْل قَرار جي اجا تائين پنهنجو وعدو پورو نہ ڪيو، يعني شاه جي وسالي جا ٻہ نسخا، هڪ سيوهاڻي سيدن وارو، ٻيو لونگ فقير وارو، اجا تائين ڪونہ پهچايا. مهرباني فرمائي، تڪليف وٺي، اهي وسالا ڪنهن بہ طرح مون کي ٽن مهينن لاء اڌارا وٺي ڏيندا، تہ مقابلي جو ڪم پورو ٿئي. انهيءَ ڪتابن جي ڪم کي منهنجو رت سڪائي ڇڏيو آهي. هينئر لغت جي سنوار ۾ مشغول آهيان.

اسان جو نئون اسلام آباد وارو گهر اجا خالي پيو آهي. خانم ۽ عيسو ٻئي انهيءَ جنجال خاطر آتي رهيا پيا آهن. اوهان جي سڄاڻپ وسيع آهي. جيڪڏهن ڪو سٺو ڀرو مسواڙي وٺي ڏيندا، يا جاء سوا ٢ لکين کن ۾ اگهائي ڏيندا، تہ ازحد شڪرگذار رهندس.

از ڪيمياي مهر تو زر گشت روي من،
آري بيمن لطف شما خاڪ زر شود.
(حافظ)

والسلام و ايام عزت و بهجت مستدام!

در شاهراه جاه و بزرگي خطر بايست
آن بہ ڪزين گريوه سبڪباد بگذري.

بنده مخلص،
"ع"

۾ اجازت ڏئي. پر اجا جواب باصواب ڪونہ ڏنو اٿس. نڪا اهڙي اميد ٿي آهي. خبر ناهي تہ اوهين اهڙن ماڻهن کي ڇو ٿا همٿايو. هاڻ مٿن سندس فعلن جو جواب لکندس.

و الله هادي من يشاءُ.

"ع"

سياسي خرخسن کان فارغ ٿي، پوري راحت وٺندا، ۽ اڳئين کان به اڳري صحت حاصل ڪندا.

خود غرضي ئي ساريءَ دنيا جي هرج ۽ مرج جو باعث آهي. اڄ جيڪڏهن فردن ۽ قومن مان خودغرضي نڪري وڃي، ته هيءَ دنيا هوند باغ و بهار ٿي پوي. پر انساني ڪم سڀ ناقص آهن. ڪيترو به ڪمال حاصل ٿئي، تڏهن به ڪونه ڪو نقص ضرور انهيءَ ۾ هوندو. بهرحال جدوجهد ڪرڻ گهرجي. اوهان جي ته ساري زندگي انهيءَ ڪشمڪش ۾ گذري آهي. پر طمع بُري بلا آهي. اڄ ڪالهه اغيارن ۾ ڇا پر يارن مان به ڀلائيءَ جي آسيد رکي نٿي سگهجي. رب العزت شل اوهان کي هِمٿُ سچو ڏئي، ۽ پنهنجن نيڪ ارادن ۾ ڪاميابي بخشي.

اي دل از سيل فنا بنياد هستي ميکند
چون ترا نوح است ڪشتيبان ز طوفان غم مخور.
گرچه منزل بس خطرناڪست و مقصد ناپديد
هيچ راهي نيست ڪانرا نيست پايان غم مخور.
حال ما در فرقتِ جانان و ابرامِ رقيب
جمله ميداند خداي حال گردان غم مخور.

جڏهن واپس ڪراچيءَ اچو ته "ينابيع الحياة" جا ٻئي نسخا (پنهنجو ۽ راشدي صاحب وارو) ۽ شاهه جي رسالي جو پاڻ وارو قلمي نسخو پاڻ سان کنيو ايندا. ڪم ڀاري آهي، آءٌ اڪيلي سر آهيان، اوهان جي دعا گهرجي.

زياده خير و السلام—

بندو،

ع. م. دائودپوٽو عفي عنه

ق - ت: انصاري صاحب کي نهايت آزيءَ ۽ نيازيءَ سان خط لکيو اٿم ته پاڻ وٽ رکيل مخطوطو پڙهڻ جي پنهنجي گهر

اچي ٿي. نتيجو اهو نڪتو آهي ته سال بسال سون جي تعداد ۾ مسلمان شاگرد سنڌي تعليم جي تڪميل حاصل ڪري، ڪاميٽي پاس ڪري نڪرن ٿا، پر افسوس سان ظاهر ڪرڻو ٿو پوي ته آنهن کي ڪنهن به هڪڙي اسلامي اصول جي پوريءَ طرح خبر نه آهي. آنهن ۾ پنهنجي اصلاح ۽ سڌاري جو مادو ڪونهي. هُو ڪنهن به اسلامي ڳالهه جو احساس ڪري نٿا سگهن. هُو اسلامي شان شوڪت کي بلڪل وساري، جسم بيجان وانگر ٿي پيا آهن. آنهن مسلمان شاگردن جو ڪو به قصور ڪونهي؛ انهن وٽ اهڙا سنڌي ڪتاب موجود ڪينهن، جن مان هُو اسلامي فيض حاصل ڪري سگهن. وري به اسان جي لاءِ فخر جي ڳالهه آهي، جو جناب حڪيم فتح محمد صاحب سيوستانيءَ کي ڪتاب دينيات جا شايع ڪيا آهن، جن مان مسلمانن جا ٻار فيض حاصل ڪري رهيا آهن. اسان جي مسلمان ٻچن ۽ ٻائرن کي سون بلڪ هزارن جي تعداد ۾ ادبي، اخلاقي، تاريخي ڪتاب گهرجن، جي پڙهي هُو سهڻا مسلمان ۽ سچا پچا انسان ٿي پون. انهن سڀني ڳالهين کي محسوس ڪندي، ڪيترا دوست انهيءَ ڳالهه تي متفق ٿيا آهن ته هڪ باقاعدي علم ادب سوسائٽي جاري ڪجي، جا قومي اسلامي لٽريچر سنڌي عام فهم ٻوليءَ ۾ مهيا ڪري ڏئي.

الحمدلله ته اسان مسلمانن ۾ هن وقت به توهان جهڙا علم دوست ۽ بزرگ شخص موجود آهن، جي هن اسلامي ڪم ۾ ٻهرو وٺي، اسلامي لٽريچر جي اشاعت سنڌي زبان ۾ ڪندا. آنهيءَ اميد تي هيءَ استدعا ڪجي ٿي ته اوهان صاحب سوسائٽيءَ جي منتظم ڪاميٽيءَ جا ميمبر ٿي، پنهنجي صلاح ۽ مشورت سان رهبري ڪندا. تنهنڪري خاص مهرباني ڪري، ڪاميٽيءَ جي ابتدائي ميٽنگ جي مقرر ڪيل تاريخ تي (جنهن جو اطلاع جدا ڏنو ويندو) پنهنجي تشريف آوريءَ سان شريڪ ٿيڻ جي نوازش

مرحوم محمد صديق ميمڻ، سابق تعليمي آفيسر

هيءُ حيدرآباد جو رهاڪو، ضلعي لوڪلبورڊ اسڪولبورڊ حيدرآباد جو ائڊمنسٽريٽو آفيسر هو. تعليم ۾ خاص دلچسپي هيس، ۽ حيدرآباد ۾ سندس ڪوشش سان "مدرسہ بنات المسلمين" جاري ٿيو هو، جو اڃا تائين هلندو اچي. تصنيف ۽ تاليف واسطي، هڪ سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي شروع ڪئي هئائين، جنهن جي ذريعي ڪيترا تاريخي ۽ ٻيا ڪتاب ڇپايا هئائين. سرڪاري ملازمت ۾ ٽريننگ ڪاليج فارمين، حيدرآباد جي پرنسپال جي عهدي تان رٽائر ڪيائين.

هيءُ مخلص، سانتيڪو ڪارڪن هو؛ سندس نالو علم جي ماهرن ۾ هميشه ياد رهندو.

سندس خطن مان ٣ خط هيٺ ڏجن ٿا.

(١)

محترم جناب عالي سيد غلام مرتضيٰ شاه صاحب.

السلام عليڪم: اها ڳالهہ ظاهر آهي تہ هن وقت سنڌي ٻوليءَ ۾ اسان جي ٻارن لاءِ ديني، ادبي ۽ تاريخي ڪتابن جو ذخيرو پوريءَ طرح موجود نہ آهي. مسلمانن جا ٻار تہ بجاءِ خود پر ڪيترا اسان جا سنڌي پڙهيل مسلمان پاڻ بہ اسلامي اصولن کان بيخبر آهن. اها پارسي ۽ عربي تعليم جنهنڪري مسلمانن ۾ ديني ۽ ادبي تربيت قائم رهندي آئي ۽ اسلامي فيض سان مسلمانن جون دليون معمور ٿينديون رهيون، سا وڃي گهٽبي ۽ معدوم ٿيندي. عربي ۽ پارسي مدرسا جتي اسلامي تعليم جي ذريعي مسلمان ٻچن جا اخلاق اسلامي اصولن جي مطابق سڌرندا هئا، سي وڃن پورباه خود مدرسن ۾ هينئر سنڌي تعليم ڏيڻ ۾

٣١ مارچ تي پورو ٿيو ۽ سوسائٽيءَ جي ٻئي سال جي شروعات ۾ "قرآن ۽ نئين روشني" ۽ "قرآن ۽ علم جديد"، مسلم فيلسوف طنطاوي جوهريءَ جو، ترجمو ڪيو ائٿون.

اوهان کي عرض ڪجي ٿو تہ، اسان جي مدد ڪرڻ لاءِ، اسان جا لائيف ميمبر بڻجو.

مخلص،

محمد صديق ميمڻ.

ڪندا، ۽ پڻ انهيءَ ڪان اڳي پنهنجي راءِ ۽ قيمتي مشوري سان ممنون ڪندا.

دعاگو،

محمد صديق ميمڻ،

ائڊمنسٽريٽو آفيس، ضلعو حيدرآباد.

(٢)

حيدرآباد سنڌ

١٤- ڊسمبر، ١٩٣٠ع

مڪرمي معظمي عاليجاه جناب سيد غلام مرتضيٰ شاه صاحب

السلام عليڪم: سنڌي مسلم ادبي سوسائٽيءَ جي ميمبريءَ جو فارم عرض وڪجي ٿو، ۽ اميد آهي ته اوهان صاحب انهيءَ سوسائٽيءَ جي ضرورت کي محسوس ڪري، لائيف ميمبر يا الف ڪلاس ميمبر ٿي، سوسائٽيءَ جي همت افزائي ڪندا، پنهنجي علم دوست اصحابن کي پڻ هن سوسائٽيءَ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ ترغيب ڏيندا، ۽ هن سوسائٽيءَ کي ڪامياب بنائڻ لاءِ پنهنجي صلاح مشوري جو شرف بخشيندا.

تصنيف ۽ تاليف جو ڪم چالو آهي، ۽ اميد آهي ته ڪجهه ڪتاب جلد شايع ٿيندا.

مخلصانه،

محمد صديق.

[انگريزي] (٣)

حيدرآباد

١١- اپريل، ١٩٣٢ع

پيارا غلام مرتضيٰ شاه-

مون اوهان کي سنڌ مسلم ادبي سوسائٽيءَ جو نيون ۽ چوٿون ڪتاب جُدا موڪليو آهي. سوسائٽيءَ جو پهريون سال



آغا تاج محمد



ويرو مل بيگراج



پروفيسر قيرواڻي



ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي



مولوي عبدالله لغاري

مرحوم آغا تاج محمد صاحب

هيءُ صاحب سديجي ضلعي سکر جي سنڌي پڙهيل ماڻهن مان هو. ڊگهي کان تعليم کاتي ۾ رهيو. نهايت لائق ۽ قابل تعليمي ماهر، خوش خلق ۽ يار ويس ماڻهو هو. سموري حياتي تعليم کاتي ۾ گذاريائين. گهڻو وقت ائڊمنسٽريٽو آفيسر ۽ آخر رجسٽرار سنڌ يونيورسٽي تي رهيو. شاه لطيف جي مداحن مان هو، ۽ شاهه صاحب جي ڪا به مجلس ٿيندي هئي، ته انهيءَ ۾ هن کي ضرور سڏايو ويندو هو، ۽ سندس تقريرون ۽ شاهه جا مکيه بيت، خاص طرح سان

تون سڄڻ، آءٌ سيڪڙو، تون ڏاتار، آءٌ ڏوهه،
تـون پـارس، آءٌ لوهه، سچين ته سون ٿيان!

۽

مينهن مدائتا وسڻا، سدا وسين تـون-

وغيره، اڄا تائين ڪنن ۾ پڙي رهيا آهن.

سندس لائق فرزند آغا شهاب الدين هن وقت گورنمنٽ سروس ۾ آهي ۽ سندس والد جون يادگيريون تازيون ڪري ٿو.

(١)

حيدرآباد سنڌ — رجسٽرار سنڌ يونيورسٽي.

١٥- جولاءِ ١٩٥٦ع

عيد مبارڪ

عيدالاضحيٰ جون مبارڪون موڪليان ٿو، جي اميد ته قبول پوندريون.

خدا ڪري هيءَ عيد توهان لاءِ سڀاڳي ثابت ٿئي، ۽

توهان جي خوشحاليءَ، تندرستيءَ ۽ خوشيءَ جي لاءِ دعائون گهُران ٿو.

توهان جو نيازمند،
آغا تاج محمد.

(٢)

سنڌ يونيورسٽي، حيدرآباد
٦- جولاءِ، ١٩٥٧ع

منهنجا پيارا شاهه صاحب-

عيدالاضحيٰ جي موقعي تي پنهنجي محبت ۽ پيار ڀري عيد مبارڪ پيش ڪريان ٿو.

خدا ڪري شل هيءَ عيد توهان جي خوشيءَ ۽ بخت ۾ اضافو ڪري.

برگ سبز تحفهٔ درويش
چہ ڪند بيچاره دگر هيچ نہ دارد

- آغا تاج محمد.

(٣) [انگريزي]

يونيورسٽي، حيدرآباد — رجسٽرار سنڌ يونيورسٽي
٢٦- فيبروري، ١٩٥٨ع

پيارا سائين!

آءٌ سنڌ يونيورسٽيءَ جي مالي حالت بابت ڪابي موڪليان ٿو، ۽ پرزور عرض ڪريان ٿو ته توهان پنهنجي طرفان ڪوشش ڪري، سنڌ يونيورسٽيءَ لاءِ ڪافي پيسا هٿ ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو ته يونيورسٽي ٽائون شپ جي ڪم اچن.

مون کي اميد آهي ته توهان کي هن اسٽيٽمينٽ مان سنڌ يونيورسٽيءَ جي مالي پوزيشن بابت پتو پئجي ويندو، ۽

حملي آور ٿيو. شديد تڪليف سبب سفر جي همت ڪري نه سگهيس.

بڙے شوق سے سن رها تا زمانہ،
مين خود سوگيا داستان ڪهتے ڪهتے!

اصل اول مون کي انهيءَ سعيد موقعي تي زيارت ڪرڻ ۽ روح وهاڻ لاءِ اچڻ جو شوق هو. پين کي به مون ٿي صلاح ٿي ڏني ته ضرور هلجي. مگر قسمت جي ڳالهه، جو مون کي اچڻ نصيب نه ٿيو. خير، انهيءَ ۾ به ڪا چڱائي هوندي. حياتي آهي ته ڪنهن موقعي تي اچي ديدار ڪري وينداس، جو سواءِ سيد ۽ سندس محبت جي حال ڪو به شغل ڪونه اٿم.

اچا طبع عليل آهي ۽ گويا بستر داخل آهيان. دعا ڪندا. طاقت جسماني به مائل بغاوت آهي. اميد ته اوهان خوش و خورم هوندا. هيٺيون نسخو موڪليان ٿو، جو آزمايل آهي - اميد ته ڪارآمد ثابت ٿيندو:

ڪر شوق ڪتاب ۽ شعر سخن، رکُ سير تي صنوبر سايه فگن،
ڪجهه قلقل مينا هوش ربا، ڪجهه سير ۾ سُرور عرق ڪُهن،
هڪ محب منو ۽ ماهه لقا، رکُ نغمه سرا ۽ نغمه زن،
والله بيابان جنت ٿي، صحراي مُغيلان رشڪ چمن.
(آغا)

زياده خير و السلام -

دعاگو،
آغا (عليگ)

مغربي پاڪستان جي ايندڙ اسيمبليءَ ۾ بجيٽ جي وقت ۾ اوهان اسان جي ڪجهه مدد ڪري سگهندا.

—آغا تاج محمد

(٤)

حيدرآباد سنڌ

٢٤- اپريل، ١٩٥٨ع

اسان جا محترم شاه سائين، جيئو سدائين!

السلام عليڪم و رحمة الله —

اڄ صبح جو دير دولت خاني تي خاص زيارت ڪرڻ جي مبارڪ ارادي سان ٨ بجي اچي حاضر ٿيس. مگر بدقسمتيءَ سببان محترم يار محمد شاه صاحب کان معلوم ٿيو ته اوهان سوير نڪري چڪا آهيو.

اسپتال ۾ اچان ها، مگر آتي خلاصي طور سان احوال اوري ڪونه سگهان ها، تنهنڪري وري هڪ دفعو اڄ شام اچي حاضر ٿيندس. انشاءالله ملاقات نصيب ٿيندي.

اسان جي هر وقت اها دلي دعا آهي ته سنڌ وري سنڌ ٿئي، ۽ سنڌ اندر اوهان جهڙا جانباز شال جال سبيل پيدا ٿين. آمين.

اوهان جو مدامي مداح،

آغا.

(٥)

ڪراچي

٤- فيبروري، ١٩٦٠ع

مڪرمي من سلامت باد.

السلام عليڪم— دعوتنامو عرس جي موقعي تي سن اچڻ ۽ روح وهاڻ ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ برابر پهتل هو. اچڻ لاءِ تيار هوس، مگر داڻي ڀاڻيءَ اجازت نه ڏني. عين موقعي تي دردگرده

[انگريزي] (١)

ڪراچي
١٥- جون، ١٩٢٩ع

پيارا شاهه صاحب!

توهان کي اهو معلوم ڪري خوشي ٿيندي، ته مون کي قلات رياست ۾ ميڇيءَ جي پاڻ جي هڪ-هٽي (Monopoly) ملي آهي، جنهن باري ۾ مون اوهان کي قلات وڃڻ کان اڳ ٻڌايو هو. مون خان قلات سان ڌنڌي جي ٻين تجويزن تي به ڳالهايو آهي. آءٌ انگ اکر گڏ پيو ڪريان. ٢٠ تاريخ، ڪراچيءَ کان پسنيءَ رواني ٿيڻ کان اڳ ۾، جتي منهنجو هيڊ ڪوارٽر ٿيندو. آءٌ اوهان سان هڪ خاص مسئلي بنسبت ڳالهائڻ گهران ٿو، ان ڪري، اوهان کي عرض ڪجي ٿو ته ڪراچيءَ ٢٠ تاريخ کان اڳ اچو- لاچار ته به ٢٢- تاريخ.

مهرباني ڪري هيءَ ڳالهه مخفي رکجو، ڇاڪاڻ ته ڌنڌي (بزنيس) جا راز ٻاهرين کان ڳجها رکبا آهن، ان لاءِ ته متان کو اڳواٽ معلوم ڪري، ناجائز فائدو وٺي وڃي.

اوهان جو مخلص،
جي. اي. الانا.

[انگريزي] (٢)

صدر، ڪراچي
١٠- فيبروري، ١٩٤٣ع

پيارا جي. ايم.

پاڪستان بنسبت اوهان جو ٺهراءُ، مون سنڌ ليجسليٽو اسيمبليءَ جي سيڪريٽريءَ کي پهچايو. آءٌ ڪلهه صبح جو سوير اوهان سان ملڻ لاءِ آيس، پر معلوم ٿيو ته اوهان اڳ ۾ ئي ڳوٺ روانا ٿي ويا هئا، ۽ گهر تي ڪونه هئا.

مسٽر غلام علي الانا

هيءُ ڪراچيءَ جي قديم باشندن، آغاخاني خواجن، سان الاناخاندان جو سڪيه فرد آهي. علم جو وڏو ماهر، ڪتابن جو مصنف ۽ گهڻي مطالعي جو مالڪ آهي. سائس منهنجا تعلقات ۱۹۳۷ع کان اڳ جا آهن. سنڌ اسيمبليءَ ۾ سندس بيگم زينب الانا جي ميمبر چونڊجي اچڻ کان پوءِ وقت بوقت تعلقات وڌندا رهيا.

سنڌ اسيمبليءَ ۾ پاڪستان جي ريزوليشن جي تقرير تيار ڪرڻ ۾، علامه آءِ. آءِ. قاضيءَ سان گڏ، هن صاحب به حصو ورتو. اسان جي اڪثر بيانن ۽ سڪيه مسئلن ۾ هن صاحب جو خاص حصو رهندو هو.

مسلم ليگ ۾ اختلاف ٿيڻ بعد، هن جي يوسف هارون جي نزديڪيءَ ڪري اسان سان ٿوري چڙائي ٿي؛ پر شخصي لاڳاپا اڄ تائين هلندا آيا. جيتوڻيڪ ليگ کان جدا ٿيڻ بعد هيءُ صاحب ليگ ۾ رهيو ۽ آءٌ ٻاهر رهيس، جنهنڪري سياسي تعلقات جهڪا رهيا، ليڪن شخصي لاڳاپا ۽ دوستي برقرار رهي ۽ اڄا تائين رهندي اچي.

لڳاتار نظربند رهڻ ڪري "جئي سنڌ گذاريم جن سين" ۾ سندس زندگيءَ جو احوال هٿ ڪري ڏيئي نه سگهيو آهيان. ان جو سخت افسوس اٿم. هن وقت سندس لائق فرزند پيار علي الانا، سنڌ جو تعليم وارو وزير آهي، جنهن تازو "سنڌ صدين کان" جو سيمينار سڏائي، سنڌو ماتا جي ٻچ جو ٿورو لاٿو آهي. سندس گهڻن خطن مان چار خط هتي پيش ڪريان ٿو.

غور ڪن. مون کي دعوت ڏني اٿس. آءٌ نٿو سمجهي سگهان ته هن جو مطلب ڇا آهي؟

هت، اسان وٽ، مينهن ڏاڍو پيو آهي، جو ڪراچيءَ جو رڪارڊ آهي. هاڻ وري سخت گرمي ٿي ويئي آهي، جا سهپ کان وڌيڪ آهي.

آءٌ ڪڏهن ڪڏهن ليگ آفيس ۾ ويندو آهيان ۽ مظهر سان سلام عليڪي ڪندو آهيان. ڪيس مغموم ڏسندو آهيان.

آءٌ اميد ٿو ڪريان ته اوهان سَنَ جي سُنَ ۽ سوٻيا واري ماحول ۾ خوش هوندا، ۽ توهان جي تندرستيءَ جي خبرچار منهنجي خوشيءَ جو باعث ٿيندي.

توهان جو مخلص،

جي. اي. الانا.

(٤) [انگريزي]

الانا بلڊنگ، سمرسيٽ اسٽريٽ،
صدر، ڪراچي
١٨- مئي، ١٩٤٥ع

پيارا جي. ايم!

مون کي خوشي ٿي آهي، جو سون (وهان، يوسف ۽ محمود هارون کي هڪٻئي جي ويجهو ڪيو آهي، ۽ اميد ٿو ڪريان ته اوهان ٻئي ڏريون اڳيان ويڇا وساري، هڪٻئي کي ويجهو ٿي، سنڌ جي ڀلائيءَ لاءِ ڪم ڪندا.

ٻيو طرف، جنهن کان سنڌ جي مفاد کي نقصان رسڻ جو انديشو آهي، سو سيد ۽ بلوچ گروپ جي اختلافن جو آهي.

مختصر طور توهان ۽ مير غلام عليءَ جي وچ ۾ ٿيل گفتگو مون کي توهان ٻڌائي هئي. ان کان پوءِ آءٌ مير غلام عليءَ سان مليو آهيان. سندس گفتگوءَ مان مون کي ائين معلوم ٿيو

گانڌيجيءَ ورت رکيو آهي. آءٌ سمجهان ٿو ته هوا ۾ ڪجهه مٽيئي گوڙ آهي، ڇو ته مرڪزي اسيمبلي هلي رهي آهي ۽ مسٽر فلپ، روزويلٽ جو عيوضي، به دهليءَ ۾ آهي. ڏرسون ۽ انتظار ڪريون ته ڇا ٿو ٿئي؟

مون کي اميد آهي ته اوهان هاڻي تندرست ٿي ويا هوندا. ڇاڪاڻ ته ايندڙ اسيمبليءَ وقت اوهان کي گهڻي محنت ڪرڻي پوندي.

اوهان جو مخلص،

جي. اي. الانا.

[انگريزي] (۳)

الانا بلڊنگ،

سمرسيٽ اسٽريٽ، صدر، ڪراچي،

۱۹- آگسٽ ۱۹۴۴ع

پيارا سيد!

آءٌ سمجهان ٿو ته گزدر اوهان کي اهو اطلاع ڏيئي چڪيو هوندو ته خانبهادر کهڙي ميمبرن ڏانهن خط لکيا آهن ته يوسف چانڊيئي، انور هدايت الله ۽ گبول کي ووٽ ڏنا وڃن. کهڙي جي انهن خطن جي ڪري، منهنجي ۽ گزدو جي پوزيشن ڪمزور ٿيئي ٿي وڃي. ان ڪري آءٌ اوهان کي عرض ٿو ڪريان ته پنهنجي دوست ميمبرن کي لکي موڪليو ته حج ڪاميٽيءَ جي ميمبريءَ لاءِ مون کي ۽ گزدر کي ووٽ ڪن. جيڪڏهن اوهان پندرهن ميمبرن کي به اهڙا خط لکي سگهيا ته آءٌ ۽ گزدر کٽي ويندا سون. مون کي اميد آهي ته اوهان ائين ڪندا.

مسٽر نهچلداس پنهنجي هندو ۽ مسلمان دوستن کي خط لکيا آهن ته تازو قرآن جي ورقن مٽڻ بنسبت جيڪي اختلاف مرزد ٿيا آهن، تن بابت مسٽر ڏهلراماڻيءَ جي گهر تي گڏجي

نہ پاڻ مان سچا آهن، نہ عوام سان! اهي صرف ”ليڊر“ آهن. ڪين اهو پتو ناهي تہ انهن کي ڇا ڪرڻو آهي؟ اهو ئي ڪارڻ آهي، جو اقتدار ۾ صرف اڄ پڑهيل آهن! ايماندار ۽ سخت محنتي ماڻهن لاءِ سنڌي سياست ۾ ڪا جاءِ نہ آهي.

توهان منهنجي دل جي دک جو احساس وڪي سگهو ٿا. جيڪي سنڌ لاءِ ڏيڻ گهرجي، سو نٿو ڏئي. آءٌ اوهان کي پڌائڻ گهران ٿو تہ آءٌ اڃا نا اميد نہ ٿيو آهيان. جيڪڏهن توهان، آءٌ ۽ اسان جهڙا ٻيا همخيال ماڻهو، جيڪي خدمت جي جذبي سان ڀرپور آهن، گڏجي ڪم ڪرڻ گهرن، تہ گهڻو ڪجهہ ڪري سگهي ٿو. پر خود اسان مان ئي ڪيترا هڪٻئين جي مخالفت ڪري رهيا آهن. نتيجو اهو نڪتو آهي تہ چؤطرف انتشار ۽ مونجهارو آهي. ڪي شايد ان کي ترقي سڏين، پر انهيءَ کان وڌيڪ ترقيءَ جي نالي ڪي بدنامي ٿي نہ ٿي سگهي.

مون کي تعجب آهي تہ منهنجي اندر جو توهان پتو ڪيئن نہ سگهيا آهيو، جو توهان ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي گفتگو ۾ منهنجي لاءِ سخت روي اختيار ڪريو ٿا. ڇا، آءٌ اوهان جهڙي دوست هٿان اهڙيءَ روش جو لائق آهيان. مون توهان سان ڪيترن وقتن تي اختلاف ڪيو هوندو، پر توهان کي منهنجي اختلاف جي حق، ايمانداريءَ ۽ دوستيءَ لاءِ الائونس ڏيڻ گهرجن. ٻيءَ صورت ۾ ترقي ڪيئن ٿي سگهندي، جڏهن هرڪو پنهنجيءَ تي ئي اڙيو ويٺو هوندو. آءٌ اوهان سان مختلف سوالن تي شامل راءِ ڏيان يا نہ ڏيان، اها جدا ڳالهہ آهي؛ پر مون پاڻ کي هميشہ اوهان جي وفادار دوستن ۾ ڳڻي شمار ڪيو آهي. اميد اٿم تہ اوهان مون کي بہ ائين ئي سمجهندا.

گذريل اسيمبليءَ ۾، اوهان ڏٺو هوندو تہ پاڻ مختلف جڳهين تي هئاسون، ۽ آءٌ اوهان جي خدمت ڪري نہ سگهيس. مون اوهان کي چيو تہ پنهنجي ڌرين جي وچ ۾ سمجهوتي

آهي ته اجا ڪو سمجهوتو عمل ۾ اچي نه سگهيو آهي. پر آءٌ اميد ٿو ڪريان ته فراخدليءَ ۽ ڏي وٺ جي بنياد تي ڪو خوشگوار حل نڪري پوندو. هڪ ڀيرو جيڪڏهن سيد ۽ مير گروپ مان اختلاف ختم ٿي ويا ته پوءِ مسلمانن جو محاذ مضبوط ٿي ويندو، ۽ سنڌ مستقبل کي نئين اميد سان سنهن ڏيئي سگهندي. اهڙيءَ طرح شخصي يا گروهي اختلاف، جي صوبي جي مفاد کي نقصان پهچائي رهيا آهن، سي ميٽجي ويندا.

مون کي اميد آهي ته اوهان جڏهن ڪراچيءَ موٽي ايندا ته ان ڳالهه کي جتي ڇڏيو ويو آهي، ان کي وري نئين سر چوريندا. مون کي خوشي ٿي آهي، جو اوهان سمجهوتي جي فائدي ۾ آهيو. آخرڪار مٿين طبقي جي ويڙهه مان عوام کي ڇو ڇيهو رسي؟ ائين ڪرڻ سان هو نه رڳو پاڻ کي نقصان رسائي رهيا آهن، پر عوام کي به نقصان رسي ٿو.

سنڌ ۾ اوهان انهن ٿورن ماڻهن مان آهيو، جيڪي سياست ۾ سنجيدگيءَ سان حصو وٺن ٿا. مون کي ويساهه آهي ته اوهان همراهه ٿيندا، جڏهن آءٌ چوان ٿو ته تاريخ اسان جي اکين اڏو لکجي رهي آهي ۽ وڏيون تبديليون ٿيڻ واريون آهن. اسان کي سنڌ ۾ انهن ڳالهين بنسبت اجا احساس نه ٿيو آهي. اسان لاءِ شخصي حسد ۽ اختلاف اهم جڳهه والارين ٿا.

مون کي ٻڌايو ته سنڌ تيار آهي ته سنڌس ڪيس ٻين سڌارن جي وقت، جو ويجهو اچي رهيو آهي، ڪنيو وجهي يا نه؟ ڇا، اسان ان طرف توجهه ڏنو آهي ته نون سڌارن وقت سنڌ جون ڪهڙيون گهرجون هونديون؟ مسلم ليگ جي اليڪشن وقت ڪهڙا مکيه مسئلا عوام اڳيان پيش ڪيا ويندا؟ اسان جو اليڪشني منشور ڪهڙو هوندو؟ اسان عوام جي ڪهڙي خدمت ڪري رهيا آهيون، جو اليڪشن وقت ماڻهن کي پتو پوي ته مسلم ليگ سنڌ مفاد لاءِ ڇا ٿي ڪرڻ گهري؟ اسان جا ليڊر

ويرو مل بيگراج

هيءُ سنڌ جو پراڻو قومي ڪارڪن ۽ پراڻو ڪانگريسي ورڪر هو. ٤٠ سالن کان سنڌي اخبار ڪيندو رهيو هو. مون سان دوستانا تعلقات هئس. سندس حياتيءَ جو بيان ”جنب گذاريم جن سين“ ۾ ڏنل آهي. سندس هڪ خط هت ڏجي ٿو.

[انگريزي] (١)

سکر،

٨- نومبر، ١٩٤٤ع

پيارا شاهه صاحب!

آءٌ هيءُ خط اوهان جي ياد ڏهانيءَ لاءِ لکي رهيو آهيان ته مهرباني ڪري خبر ڏيندا ته ”روزانه قرباني“ کي شڪارپور کان ڪراچيءَ بدلائڻ لاءِ، مسٽر گزدو آنريبل منسٽر لا اينڊ آرڊر کي انڊين گورنمينٽ کان احڪام پهتا آهن يا نه؟ اهي احڪام دهليءَ کان پيپر ڪنٽرول آفيس مان اچڻا هئا، جيڪا پنهنجا هيڊ ڪوارٽر بدلي ڪري شملي کڻي ويئي آهي. ڪاغذ گذريل ٽن مهينن کان سنڌن ٽيبل تي پيل هئا. انهن سوالن ۾ دير سيني پارٽين کي نقصان ۾ وجهي رهي آهي. مهرباني ڪري ان جي نيڪال ۾ جلدي ڪرائيندا.

سنڌي اخبار لاءِ منهنجي درخواست سرڪار وٽ پيئي آهي- اها اخبار گذريل ٤٤ سالن کان هلي رهي آهي. مهرباني ڪري، ان لاءِ ڪوشش وٺي، ان کي روزانه پيپر ڪرائيندا. اهو منهنجي

ڪرڻ لاءِ منهنجون خدمتون ورکيون وڃن. آخر انساني قدرن کي سياست کان وڌيڪ اهميت ڏيڻ گهرجي. جيڪڏهن منهنجو هيءُ خط اوهان کي منهنجو نقطي نگاه پيش ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو ته آءٌ سمجهندس ته منهنجي محنت اجائي نه ويئي. توهان اڄ سنڌ جي سياست جا مضبوط ماڻهو آهيو. مون کي ان نسبت ڪي شڪ آهن. چاڪاڻ ته آءٌ سمجهان ٿو ته ڏاڍا سدائين ڪمزور لاءِ عدل پسند ۽ صحيح نٿا ٿي سگهن.

مهرباني-

توهان جو وفادار،

جي- ايم- الانا.

"ماستر قادر بخش بشير سومرو"

هيءُ صاحب ٽنڊو، ضلعي جيڪب آباد، جو ويٺل هو. عمدو شاعر هو. باوجود سرڪاري نوڪريءَ ۾ هجڻ جي، قومپرست سياسي خيال رکڻ سبب اسان سان هن جا تعلقات هئا. هڪ دفعي ڪيس سنڌ اسيمبليءَ لاءِ به بيهاريو ويو هو، پر جيڪب آباد ضلعي جي پٺتي پيل ووٽرن ۽ ۽ لڪاپتي زميندارن جي سامهون سندس کٽڻ محال ٿي پيو هو. پر اها به سندس وڏي همت هئي، جو مقابلي لاءِ تيار ٿيو.

افسوس آهي ته سندس شعر ۽ زندگيءَ جو احوال ڇپجي نه سگهيا آهن. سندس هڪ خط ڏجي ٿو.

(١)

بشير منزل، ميرپور، ٽنڊو،
٤- آڪٽوبر، ١٩٥٣ع

جناب حضرت شيخ صاحب!

جي. ايم. سيد جي ڪاميابيءَ جي مبارڪ. جيڪب آباد ضلعي ۾ هاري اميدوار جي ٽنڊي ۾ ڪاميابيءَ جـي وڏي اميد آهي. مهرباني ڪري، هڪ جيپ لائوڊ اسپيڪر جي مـدد جو بندوبست فرمائيندا.

اوهان ليڊرن کي ٽنڊي ضرور منزل ڪرڻ گهرجي ۽ گشت ڪرڻ جي ڪوشش وٺندا ته ڪاميابي يقيني ٿيندي.

ساٿين ۾ اتساهه هاريءَ لاءِ زياده آهي. مان هزارن جي

پوڙهپڻ لاءِ آئت تي پوندو.

مهرباني ڪري، جلد جواب ڏيڻ جي ڪوشش ڪندا.

توهان جو مخلص،

ويرو مل بيگراج.

[نوٽ: ”قرباني“ اخبار، جا شڪارپور مان سندس فرزند مسٽر رامچند ڪڍندو هو، اها خربد ڪيل هئي، جو جنگ جي ڪري، نئين اخبار جي اجازت ملي ڪانه ٿي سگهي. ان جي شڪارپور جي عيوض ڪراچيءَ مان ڪڍڻ واسطي هند سرڪار سان لکپڙهه هلايل هئي. هي خط ان باري ۾ لکيو اٿس.]

مسٽر نور محمد محمد سڄاول لاکير، وڪيل

هيءُ صاحب ڳوٺ جمعي لاکير، تعلقي خيرپور ناٿن شاهه، ضلعي دادوءَ جو وينل هو. ابتدائي تعليم لاڙڪاڻي مدرسي ۾ پڙهي، پوءِ عليگڙهه مان گريجوئيٽ ٿي، ايل- ايل- بيءَ جو امتحان پاس ڪيائين. حيدرآباد ۾ وڪالت ڪرڻ بعد بمبئي ڪائونسل ۾ چونڊجي ويو. تعليم سان خاص دلچسپي هيس. پنهنجو هاءِ اسڪول برپا ڪيائين، جو آخر گورنمنٽ تحويل ۾ ورتو، ۽ جنهن تي سندس نالو آهي. سنڌ محمدن ائسوسيئشن جي ڪانفرنس، ١٩٢٤ع ۾ حيدرآباد ۾ ٿي، آن جو جنرل سيڪريٽري ٿي ڪم ڪيائين. سنڌ جي سياست ۽ تعليم سان لاڳاپي هئڻ ڪري، مون سان به خط و ڪتابت هيس. سندس خطن مان چند هيٺ ڏيان ٿو.

[ڪارڊ] (١)

١٩٢٤ع

جناب عالي! السلام عليڪم-

اوهان کي خبر هوندي ته سنڌ جي مسلمانن جي تعليمي ڪانفرنس ڪوٺائڻ لاءِ ڪوشش ٿي رهي هئي، جو ڪن بزرگن جي طرفان هيءُ اعتراض آئيو ته هن بابت سموري سنڌ جي اهل راءِ اصحاب سان صلاح ڪئي وڃي، ۽ آن اعتراض کي برچشم وڪي، عام راءِ حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي. سو الحمد لله، جو ڏسجي ٿو، سڀئي حلقا اهڙيءَ تحريڪ جي فائدي ۾ آهن. ۽ هاڻي اهو طيءُ ٿيو آهي ته آخرين فيصلي لاءِ حيدرآباد سنڌ ۾ مسلمانن جي تعليم سان دلچسپي رکندڙ بزرگن جي ميٽنگ

آڄ به ٺوڪاري ڇڏي آهي. خدا فتحياب ڪندو.

—سومرو قادر بخش 'بشير'

[نوٽ: مٿيون خط شيخ عبدالمجيد سنڌي صاحب ڪي لکيو هئائون، جو مون ڏانهن مرڪليو ويو. هن خط مان سندس قومي خيالن ۽ بلند همتيءَ جو پتو پئجي سگهي ٿو.]

جيڪڏهن مانجهند کي ڇڏي، ڪنهن ٻئي هنڌ نواب شاه ضلعي ۾ شاهه صاحب جن لاءِ ووٽ ڏيارڻ لاءِ ويندا ته آتي اوهان جو ووٽ ٿي سگهندو يا نه؟

سو اهڙو ووٽ ٿي سگهي ٿو ٻئي هنڌ، پر انهيءَ لاءِ اڳواٽ ڪمشنر صاحب کان اختياري وٺڻي پوندي. تنهنڪري عرض ته مهرباني ڪري جوابي ڊاڪ ۾ اطلاع ڏيندا ته اوهان بسرخود ووٽن واريءَ تاريخ تي ڪهڙي هنڌ رهڻ مناسب ٿا سمجهو، ته اهڙي اختياري ورتي وڃي.

خاڪسار،
نور محمد.

(۱۴)

حيدرآباد سنڌ
۲۶- آڪٽوبر ۱۹۲۵ع

سائين سونهارا!

السلام عليڪم- عنايت نامي لاءِ شڪريو.

هيءُ آڪٽوبر جو مهينو آهي ۽ هاڻي هت ڪوبه اسڪول انگريزيءَ جو ڪنهن بہ شاگرد جي داخلا امتحان تائين نہ ڪندو. تنهنڪري، انهيءَ طالبعلم جي هن طرف في الحال داخلا جي صورت ڪانہ آهي.

۲- تہ واقعي في الحال ڪابہ فري بورڊري خالي ڪانہ آهي.

۳- تہ اسان وٽ فري بورڊريون جيڪي ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ جون آهن، سي ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ جي ٺهراءَ ۽ ڪمشنر جي حڪم موجب فقط حيدرآباد ضلعي جي ٻهراڙين جي رهاڪن لاءِ آهن ۽ باقي ڪي ٿوريون فري بورڊريون، جي فقط ٻہ چار صاحب هاڻي ڏين ٿا، سي سڀ پريل آهن، ۽ ڪم از ڪم اينڌڙ مارچ تائين آنهن جي خالي ٿيڻ جي ڪابہ صورت

ڪوٺائي وڃي. تنهنڪري اوهان جي خدمت ۾ درخواست آهي ته مهرباني فرمائي، ٥- آڪٽوبر ١٩٢٤ع ٥ بجي شام جو حيدرآباد سنڌ ۾، رئيس ميان جان محمد خان صاحب پرڳڙي ايم- ايل- سي جي بنگلي تي رونق افروز ٿيندا، ۽ جيڪڏهن ڪنهن مجبوريءَ ڪري تشريف فرما نه ٿي سگهو ته مهرباني ڪري پنهنجي تحريري راءِ ڪان اڳواٽ مطلع ڪري ممنون ڪندا.

المڪلف،

محمد ڪامل شاهه، ايم- ايل- سي

نور محمد وڪيل، ايم- ايل- سي

(٢)

حيدرآباد سنڌ

١٨- آڪٽوبر، ١٩٢٥ع

ڊيئر شاهه صاحب!

السلام عليڪم- شاه صاحب ميان محمد ڪامل شاهه صاحب جي چونڊ جي جاين جي اسٽ هن گڏ عرض آهي. اميد ته اوهين صاحب ڪوشش ۾ هوندا.

شاهه صاحب جن اڃا آتر طرف گشت ۾ آهن.

والسلام-

نيازمند،

نور محمد وڪيل.

(٣)

٢٥- آڪٽوبر، ١٩٢٥ع

دام اقباله'

مڪرمي سيد صاحب

بعد سلام مسنون جي عرض ته ڪالهه شاهه صاحب اوهان لاءِ لکيو هو ته اوهان پڇا پيا ڪيو ته اوهين صاحب

پروفيسر ڦيروائي صاحب

پروفيسر ڦيروائي شڪارپور جي ڪاليج جو پروفيسر هو. هو تعليم جو ماهر هو، ۽ آن سان گڏ اسڪائوٽ تحريڪ ۾ سرگرم حصو وٺندڙ هو. سندس آيل هڪ خط ملاحظي لاءِ پيش ڪجي ٿو.

[انگريزي] (۱)

شڪارپور
۷- اپريل، ۱۹۴۰ع

پيارا شاهه صاحب!

مون ڪي، سنڌ جي جدا يونيورسٽيءَ خلاف پروفيسر اجوائيءَ جو بيان پڙهي، تعجب ٿيو. آءٌ سمجهان ٿيو ته اهو اسان جي مفاد ۾ آهي ته يونيورسٽي قائم ڪجي. تاريخ مان اسان کي ڪيترن ئي قسمن جي يونيورسٽين جا مثال ملن ٿا. يوناني پادرين جي يونيورسٽي، فرينچ انسائڪلو پيڊڪ، جرمن اسپيشلسٽڪ ۽ انگلش اگزمينيشنل يونيورسٽيون موجوده پرڪٽس، افيلئيٽنگ، يونيٽري. اگزمينيشنل يا ريسرچ ٽائپ يونيورسٽين جا مثال اسان جي سامهون آهن. اسان جي وڏي ۾ وڏي گهرج اها آهي ته اسان ماضيءَ ۽ حال جي مثالن مان فائدو وٺي، پنهنجي خاص ضروريات ۽ پئسن کي مد نظر رکي، ريجنل ۽ سيوڪ يونيورسٽي برپا ڪريون.

بمبئي يونيورسٽي اسان جون مخصوص گهرجون پوريون ڪري نه سگهندي؛ تنهنڪري اسان کي تفتيش ڪري، پنهنجي

ڪانہ آهي. انهيءَ ڪري مجبورين جو تفصيلوار عرض رکيو اٿم.

٤- تہ ڪمشنر صاحب فيصلو ڪيو آهي تہ ڪوهستان وارا ووٽ بہ اوهان وٽ مانجهندن ۾ ڏيندا، يعني اڳوڻو ٺهراءُ قائم رهيو. ڪنهنڪري مهرباني ڪري خيال ڪرڻ فرمائيندا تہ هاڻي اوهين پنهنجو هالن ۾ رهڻ مفيد ٿا سمجهو يا مانجهندن ۾. جواب جلد عنايت ڪرڻ فرمائيندا.

والسلام-

نيازمند،

نورمحمد.

عطا حسين شاهه موسوي

عطا حسين شاه موسوي سنڌ جي موسوي خاندان سان سڪيه فرد هو. تعليمي کاتي ۾ ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر جي درجي تائين ترقي ڪري، پوءِ رٽائر ٿيو. سائس ۽ سندس ڀنهي ڀائرن عبدالحسين شاه موسوي ۽ جواد حسين شاه موسويءَ سان منهنجا دوستاڻا تعلقات هئا. سندن حياتيءَ جو بيان "جنب گذاريم جن سين" ۾ ڏنل آهي. جواد حسين تازو وفات ڪئي آهي. نظربنديءَ جي ڪري مرحوم جي پونيرن وٽ عذرخواهيءَ لاءِ به وڃي نه سگهيو آهيان، جيتوڻيڪ هُنن ڀنهي ڀائرن جي عذرخواهيءَ لاءِ وٽس وڃي سگهيو هوس.

سندس به خط يادگيري تازي رکڻ لاءِ هتي پيش ڪجن ٿا.

(١)

ووهڙي سنڌ،

١٥- آگسٽ، ١٩٦٠ع

جناب مهربانم!

نياز بي انداز- گهڻي عرصي کان پوءِ صاحب جن ڏانهن خط لکان ٿو، محض ان مقصد سان ته ڪجهه ٿوريون ڪارڪون، پنهنجي ننڍڙي باغ مان عرض ڪريان.

هتان جي خبر خير جي آهي. ادا جواد خير سان ڇهن مهينن کان پوءِ ڇهن ڏينهن لاءِ آيو هو. مان به طبيعت ۾ خوش نٿو وهان. مگر خيال ڪيو اٿم هيڪ ڏينهن، ٿورا ڏينهن گذرڻ ۽ پاڻي ڪانجهي لهن، ته پوءِ مشرف بملاقات ٿيندس.

حالتن مطابق هڪ يونيورسٽي برپا ڪرڻ گهرجي.

آءٌ نهايت خوش ٿيو آهيان، جو اوهان مون کي تعليمي ماهرن جي لسٽ ۾ يونيورسٽي ڪاميٽيءَ تي مقرر ڪيو آهي.

مون انهيءَ سوال تي پنهنجن ڪتابن ۾ ١٩٢٠ع کان وٺي پڻ لکيو آهي، ۽ ان کان پوءِ "ينگ ليڊر" رسالي ۾ مضمون پڻ لکيا اٿم. آءٌ خوشيءَ سان ان ڪاميٽيءَ تي خدمت ڪندس، ۽ ڪوشش ڪنداسون ته سنڌ ۾ هڪ سٺي يونيورسٽي قائم ڪري سگهون.

توهان کي سنڌ جي تعليمي وزير هئڻ تي مبارڪباد ٿو ڏيان ۽ يقين ٿو ڏياريان ته انهن تعليمي سوالن ۾ آءٌ حتي الامڪان اوهان جي مدد ڪندو رهندس.

اوهان جو،
پروفيسر ڦيرواڻي.

قلم تازو۔ صاحب جن کي خط لکي، مان حيدرآباد ويس، جنهن جو احوال ڏنو اٿم. قاضي صاحب جن عيد بعد اچڻ جو ارادو ڏيکاريو آهي. جنهن وقت آيو تہ وٺي ايندوسانس، صاحب جن اطمينان وکن.

۔عطا حسين موسوي.

[نوٽ:۔ سنڌي لغت تيار ٿيندي ٿيندي اڌ ۾ رهجي ويئي. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ڪم ڇڏي ڏنو هو. ۽ ڊاڪٽر دائود پوٽو گذاري ويو هو. ان تي مون ڪيس ڇيو هو تہ پاڻ اهو ڪم ڪٽي، جنهن تي پاڻ عذر واريندي، قاضي نبي بخش جو نالو۔ڏنائين تہ اهو ماڻهو ان ڪم جي سرانجامي لاءِ ڪارگر ثابت ٿي سگهندو. هيءُ خط ان باري ۾ لکيل آهي.]

سيد مَيان غلام مصطفيٰ شاهه کي به ڪاليهه سنڌ جي ڊائريڪٽريءَ جو آوڊر مليو آهي. هن طرف کو حڪم احڪام هجي ته فقير هر طرح حاضر آهي. جي صاحب جن کي ڪنهن دوست ڏانهن ڪارڪون تحفتاً موڪلڻيون هجن ته ايڊريس موڪلڻ فرمائيندا ته انهن کي موڪليون وڃن. سنهنجي ننڍي پُٽ امداد ڊاڪٽري مس مس پاس ڪئي آهي. سو هتي گهر ۾ دوا درمل پيو ڪري. شفقت پنهنجي ڪم ۾ مشغول آهي. مان ۽ ادا گهر ۾ آهيون. ادا نيشنل ڪاليج ڪوليو آهي، آئي پيا ڪم ڪريون. بنا آجوري. الله سائين پٽن ۾ برڪت وجهي.

زياده خير و السلام–
عطا حسين موسوي.

(۲)

عالي جاها!

نياز بي انداز– واضح آهي ته هن ڪان اڳ پنهنجي حالتن سان گڏ قاضي صاحب جو ذڪر به ڪيو اٿم. مان هتي آيس ۽ قاضي صاحب سان ڪيفيت بيان ڪيم. هو صاحب ٻين ٻولين سان گڏ ترڪي به ڄاڻي ٿو– جنهن جا اڪر مرونيل سروٽيل سنڌيءَ ۾ پڻ آيل آهن. هو صاحب چوي ٿو ته جيئن ته سنڌيءَ ۾ هندي ۽ سنسڪرت لفظ به آيل آهن، ان ڪري سائس ٻيو ماڻهو به گهرجي ۽ آهو هن پروفيسر ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ جو نالو تجويز ۾ آندو آهي. آن صاحب اڳ به ڊاڪٽر بلوچ سان همراهه ٿي، اردو سنڌي لغت ڏاهي آهي. ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ ڊاڪٽر قاضيءَ جي پيت تي چڙهيل آهي. لهاذا اها جوڙي سنڌي لغت لاءِ تمام ڪامياب ويندي. آئينڌي سائينجن وس وارا آهن، اهو ڪم پنتي وجهڻ جهڙو نه آهي، ۽ نه هڻڻ گهرجي.

زياده خير و السلام–
اوهان جو، عطا حسين موسوي.

هوندا. آءٌ سمجهان ته اوهان مسٽر ٽاج محمد کي ائڊمنسٽريٽو آفيسر چونڊي ڇڏيو هوندو. مون کي جيڪي چوٽو هو، سو ڇيم. هاڻي رضا تي راضي رهڻو پوندو.

ڪراچي لوڪلبورڊ اسڪولبورڊ، لاڙڪاڻي مدرسي بورڊ جي پرنسپال مسٽر ڪريم بخش کي چونڊيو آهي. آن جي هتي اچڻ ڪري، لاڙڪاڻي ۾ سنڌس جاءِ خالي ٿي هوندي. آتي يا ته هُو فرسٽ اسسٽنٽ کي پروموٽ ڪندا، يا نئين لاءِ اشتهار وجهندا. توهان جي ڇا مرضي آهي، آن لاءِ آءٌ اپلاءِ ڪريان يا نه؟ مهرباني ڪري ٻڌائيندا ته اوهان اِن واسطي مون لاءِ ڇا ڪري سگهندا؟ اها جاءِ سردار نبي بخش پٽي، خانبهادر کهڙي ۽ خانبهادر اميرعلي لاهوريءَ جي اثر هيٺ آهي. جيڪڏهن مون کي آهي مدد ڪري سگهن ته آءٌ اتي وڃان.

آءٌ توهان ڏانهن اچڻ گهران ٿو. جڏهن مون کي اطلاع ڏيو ته آءٌ اچان.

اهو موقعو آهي، جو وڃائڻ نه گهرجي.

توهان جي جواب جو منتظر،
عارف شاه گيلاني.

[انگريزي] (٢)

ڊي- جي- سنڌ ڪاليج،
ڪراچي،
٦- اپريل، ١٩٣٤ع

پيارا شاهه صاحب!

اميد ته اوهان خوش باش هوندا. گذريل دفعي اوهان هتي آيا. مون ملاقات جي ڪوشش ڪئي، پر ملي نه سگهيا، ڇاڪاڻ ته وقت ڪونه هئم.

عرض اهو آهي ته مون کي اوهان جي مڪمل مدد

سيد عارف شاهہ گيلاني

آءٌ جڏهن ضلعي لوڪلبورڊ ڪراچيءَ جو پريزيڊنٽ هوس ۽ سيد ميان شاهنواز شاهه ضلعي لوڪلبورڊ ڪراچيءَ جي اسڪولبورڊ جو چيرمن هو، ان وقت هڪ نوجوان شاگرد بي يار ۽ مددگار ڪي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ مشڪلاتن ۾ مبتلا ڏٺوسون. اسان حتي‌الامڪان هن جي تڪليفن دور ڪرڻ ۾ مدد ڪئي. هيءُ خدا جي مهربانيءَ ۽ پنهنجي محنت سان پڙهي وڃي پار پيو. آهستي ڪري پهرين ليڪچرر پوءِ پروفيسر ٿيو. چڱي گهر سان شادي ڪيائين، پوءِ بمبئي طرف وڃي پروفيسر ٿي رهيو. واپس اچڻ بعد، جيئن منهنجي سرڪار جي مخالفت ۾ هئڻ ڪري گهڻا سرڪاري نوڪر ملڻ کان پيا ڇرڪندا هئا، ان ڪري مون سان هن جو ملڻ گهٽ ٿيو. ويتر هن ون يونٽ ڪرائڻ کان پوءِ خانبهادر کهڙي جي تعريف ۾ مضمون لکيو، ان ڪري قوم پرستن ۾ هن لاءِ ناراضگي ٿي پيئي. ڪجهہ وقت ڪراچيءَ ۾ ڊائريڪٽر ٿي ائڪٽ ڪيائين، ۽ آخر نوڪريءَ کان ٻاهر ويو. سندس دوستن جو دائرو وسيع هو، انهن سان آغا محمد يعقوب مون کي ڏوراپو ڏنو تہ کهڙي لائق تعليمي ماهر کي غلام مصطفيٰ شاهه نوڪريءَ مان ڪڍايو آهي.

[انگريزي] (ا)

٣٧/٤ الفنسٽن اسٽريٽ،
ماسهون آڪسفورڊ ڪيفي، ڪيمپ، ڪراچي،

١٨- ڊسمبر، ١٩٣٤ع

پيارا ٻاءُ!

آءٌ اميد ٿو ڪريان تہ توهان گوٺ تندرست ۽ خوش

(٤) [انگريزي]

ڪرناٽڪ ڪاليج، ڌاروار،
٦- آگسٽ، ١٩٣٨ع

پيارا ڀاءُ،

اميد ته هيءُ خط اوهان کي سيا کي ساعت ۽ وقت تي پهچندو. آءٌ اوهان جون ڪارگذاريون ”ٽائيمس آف انڊيا“ ۽ ”اردو حيات“ ۾ پڙهندو آهيان. مون کي اهو معلوم ڪري ڏاڍي خوشي ٿي ته اوهان ليگ ۾ شامل ٿيا آهيو، جيڪا ۹ ڪروڙ مسلمانن جي نمائنده جماعت آهي. مون کي خبر آهي ته توهان خوشامد پسند نه آهيو، ۽ نه ئي آءٌ خوشامدي آهيان. پر سچ چوڻ ڪري، پلي ڪٽي اهو پنهنجي فائدي جي خلاف هجي.

توهان سنڌ جي مسلمان ڪارڪنن مان اڪيلا ئي ايماندار ڪارڪن آهيو. صوبي ۾ اوهان جي شخصيت، شخصي قربانيءَ، سامراجيت دشمنيءَ ۽ مسلمانن جي حقن جي حمايت ۾ واحد حيثيت رکي ٿي.

الله اوهان کي ڏگهي ڄمار ۽ طاقت عطا فرمائي ته جيئن پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿيو.

مون کي ٻڌايو ويو آهي ته سنڌ مدرسي جي پرنسپاليءَ جي جاءِ خالي آهي. جيڪڏهن اوهان صلاح ڏيو ۽ مدد ڪرڻ فرمايو ته آءٌ درخواست ڪريان، ٻيءَ صورت ۾ آءٌ درخواست ڪونه ڪندس.

آءٌ اوهان جي جواب جو منتظر آهيان.

درخواست جي آخري تاريخ شايد نزديڪ آهي.

شاهنواز شاه جي ڪا خبرچار آهي- ڪيس خبر هئي ته منهنجي مڱڻي جي تاريخ ويجهي هئي، پوءِ به هو نٽي هليو ويو. ان لاءِ آءٌ کيس ڪڏهن به معاف نه ڪندس. اهي حساب ڪتاب ڪراچيءَ اچڻ کان پوءِ ونبا.

جي ضرورت آهي. شڪارپور ڪاليج ۾ پرشين پروفيسر جي جاءِ خالي آهي، جنهن لاءِ درخواستون گهرايون ويئون آهن. آءٌ به انهيءَ لاءِ ڪوشش ڪندس. پر مون کي اوهان ۽ ميران محمد شاهه جي مدد جي ضرورت آهي. سر شاهنواز خان پنهنجي ڏانهن به خط گهربل آهي، ۽ مهرباني ڪري خانبهادر کهڙي، خانبهادر الهه بخش، جي. بي هزاري ۽ سيٺ سيتلداس کي به منهنجي سفارش ڪندا.

توهان جو پيارو،

عارف شاهه.

(۳) [انگريزي]

M. T. B. College

سورت

۷- جولاءِ، ۱۹۳۶

منهنجا پيارا جي. ايم!

توهان کي اهو پڙهي خوشي ٿيندي، ته آءٌ ايم. ٽي. بي ڪاليج سورت ۾، اسسٽنٽ پرشين پروفيسر مقرر ٿيو آهيان. مون ۱- تاريخ تي چارج سنڀالي آهي. جيئن ته آءٌ هن وقت ڏور آهيان، ان ڪري اميد اٿم ته اوهان مون کي وساريندا ڪونه. آءٌ توهان جو شڪرگذر آهيان، جو توهان انهن گهڙين ۾ منهنجي مدد ڪرڻ فرمائي آهي، جڏهن آءٌ مشڪلات ۾ هيڏانهن هوڏانهن ٿيلهجي رهيو هوس. توهان مون کي جاءِ رهائش ڏني ۽ شاهنواز شاه مون کي مدد ڪئي. خدا توهان کي ان ڪارخير لاءِ اجر عطا فرمائي!

آءٌ دعا ٿو گهران ته شال اوهان جي دل تان ميسارجي نه وڃان. آءٌ سا ڳيو عارف آهيان، ۽ خدا گهريو ته سا ڳيوئي رهندس!

خدا ڪري توهان خوش و خورم هجو.

توهان جو پيارو،

عارف شاهه.

مولوي ميان عبدالله لغاري

مولوي صاحب سنڌ جي جهونن قومي ڪارڪنن مان هڪ هو. هيءُ مولانا عبيدالله سنڌيءَ سان گڏ هجرت ڪري، افغانستان ويل هو؛ تنهن بعد هتي موٽي آيو ۽ سدائين قومي ڪمن ۾ دلچسپي وٺندو رهيو. هيءُ آزاد خيال، ديو بندي گروهه جو مولوي هو. هارين جي مسئلي سان خاص دلچسپي هيس. مولانا عبيدالله سنڌيءَ جي واپس اچڻ بعد، سائن گڏجي، هڪ دفعو سن ۾ ٻه ٽي ڏينهن مون وٽ اچي رهيو هو. انهيءَ زماني ۾ سندن خيالات کان گهڻي واقفيت حاصل ٿي. مولوي صاحب سنڌي عوام جي عدم بيداريءَ ڪري، گهڻو ڪم ڪرڻ کان رهجي ويو. نه ته اهڙن بزرگن مان نه صرف سنڌي عوام، پر تعليم يافته طبقو گهڻو فائدو حاصل ڪري سگهيو ٿي.

سندس ٻه خط ملاحظي لاءِ پيش ڪجن ٿا.

[ڪارڊ] (١)

١٥- آگسٽ، ١٩٣١ع

ادام الله برڪاته!

قبله سيد غلام مرتضيٰ شاه صاحب،

بعد السلام عليڪم و رحمة الله جي عرض آهي ته آءٌ ٢٢ جون ١٩٣١ع کان هت ميرپورخاص ۾ آهيان. ١- کان هاري ائسوسيشن وارا ميرپورخاص کان لکن ٿا اچ. هر هفتي اچان ٿو. ١- آگسٽ دوست آيا، حساب ڪتاب ٿيو. منهنجي تنخواه ٢٠٠ روپيا ٿي. انهن مان ٤٠ روپيا مليا، ٻين لاءِ سيڪريٽريءَ

الله کان سواءِ منهنجو ڪوبہ مددگار ڪونهي، توهان ئي منهنجي تعليم لاءِ جوابدار هئا، مون هميشه توهان کي پنهنجو پاءُ ڪري سمجهيو آهي. مون کي خبر آهي تہ توهان کي مون لاءِ عزت آهي، ان ڪري آءٌ سڀ کان اڳ توهان کان ئي مدرسي جي پرنسپاليءَ لاءِ صلاح وٺڻ گهران ٿو. مون کي اميد آهي تہ مدرسي جي پرنسپاليءَ جي جاءِ تي مون کي قوم جي خدمت ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويندو.

آءٌ دعا ٿو ڪريان تہ خدا اوهان کي وڏي ڄماو عطا فرمائي!

توهان جو دعاگو ۽ ثناخوان ڀاءُ،

عارف شاهہ

ميعاد کان اطلاع ڏيڻ فرمائيندا.

زياده والسلام-

الراقم مولوي عبدالله لغاري،

ازکوٺ پير جهنڊو، ضلعو حيدرآباد سنڌ.

[نوٽ:- منهنجي جواب ڏيڻ تي مولانا عبيدالله صاحب ۽ مولوي صاحب گڏجي اچي ٻه ٽي ڏينهن سن ۾ رهيا، جتي ڪافي خيالات جي ڏي وٺ ٿي.]

فرمايو ته خزانچيءَ کي لکيو اٿم، ١٥- تاريخ ايندو، اچ هتي آيس، پر خزانچي ڪونه آيو. باقي رقم ملڻ جي اميد موهوم آهي. خير، هن وقت خيال آهي ته سپٽمبر ١٩٣١ع جو مهينو گهر گذاريان، پر وري دل ۾ آيو ته متان قبله سيدي ناراض ٿئي، تنهن لاءِ عرض آهي ته جيڪڏهن ١٩- آگسٽ ١٩٣١ع تائين حضور جن جو خط ميرپورخاص پهچي ويو ته پوءِ لاچار حڪم تي عمل ڪيو ويندو، نه ته گهر ڏي روانو ٿي ويندس.
زياده حد ادب.

الراقم،
مسڪين مولوي عبدالله عفي عنه،
از هاري انسوسيشن، ميرپورخاص.

[نوٽ:- سنڌ هاري ڪميٽيءَ جي برپا ڪرائڻ ۾ هن جو هٿ هو. ان جي چوٽ تي مسٽر جمشيد مهتا ۽ ٻيا ميرپورخاص ۾ وياسون ۽ ڪاميٽي برپا ڪئيسون. مولانا کي ان جي ڪم ۾ رکي موٽي آياسون، پر ڪم تي ٻيا قبضو ڪري ويا. مولوي صاحب جو خط اُن بابت آهي.]

(٢)

ڳوٺ پير جهنڊو
٢٤- جولاءِ، ١٩٤١ع

ايم- ايل- سي- دامت برڪاتڪم!
بخدمت معظم مڪرم جناب آنريبل سيد غلام مرتضيٰ شاه صاحب

بعد السلام عليڪم جي عرض آهي ته مولانا عبيدالله صاحب ڳوٺ پير جهنڊي ۾ تشريف فرما آهن ۽ اوهان صاحبن جي ملاقات لاءِ اچڻ جو خيال اٿن. حضرت مولانا پڇن ٿا ته اوهان صاحب ملاقات لاءِ پنهنجي ضروري اوقات مان اگر ٿورو وقت فرصت جو وقف ڪري سگهو ته مهرباني فرمائي، انهيءَ

۱۰- مارچ ۱۹۵۱ع چونڊ جي تاريخ آهي. ووٽرن جون لسٽون موجود نه آهن، جي ڇپجڻ پيون ۽ هفتي کن اندر ملي وينديون. سون احمد سلطان جي ناميشن پيپر وقت اعتراض ورتو ته هو ۲۵ ورهين جي عمر جو نه آهي، بلڪ ۲۲ ورهين جو آهي. پر اعتراض کي رول آئوٽ ڪري ڇڏيائون.

هاري ڪاميٽيءَ جي سڀني ڪارڪنن کي اپيل موڪلي ويئي آهي ته فنڊ ڪٺا ڪن ۽ ٻيو سامان جلد روانو ڪن. سون کي ورڪرن جو چوڻ آهي ته توهان سان روبرو ملان؛ اسان اوهان ۾ اميد ٿا رکون ته ٻه جيپون ڪنهن به حالت ۾ اسان کي مهيا ڪري ڏيندا، جو انهن کان سواءِ اليڪشن جو ڪم مشڪل ٿي پوندو. آءٌ اڄ ڪنهن ضروري ڪم سان سڌو حيدرآباد وڃي رهيو آهيان ۽ اميد ته هڪ ٻن ڏينهن ۾ سن پهچي ويندس. انهيءَ وچ ۾ اميد ته اوهان ٻه جيپون تيار ڪري رکندا.

سنڌ هاري ڪاميٽي، انهيءَ ۽ ٻئي هر قسم جي مدد لاءِ اوهان جي شڪرگذار ٿيندي.

اوهان جو،
حيدر بخش جتوئي.

[ڇپيل] (۲)

۱۲۶- مسلم ڪالوني، ڪراچي-۳
۱- نومبر ۱۹۵۵ع

محترم عزيز -

تسليم- اوهان کي معلوم هوندو ته ون يونٽ جي قيام سبب، نيون حالتون پيدا ٿيون آهن، ۽ اسان جي عوام لاءِ نيون مشڪلاتون سامهون آيون آهن. انهن کي منهن ڏيڻ لاءِ تاريخ ۲۹-۳۰ آڪٽوبر ۱۹۵۵ع تي مسٽر جي- ايم- سيد جي بنگلي

ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي مرحوم

ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ کان هرڪو واقف آهي.
هيءُ پهرين سرڪاري نوڪريءَ ۾ هو، اتان استعيفا ڏيئي، اچي قومي ڪم ڪرڻ لڳو. هيءُ وڏو شاعر، قومپرست، بي ڊپو هاري اڳواڻ ۽ ڪيترن ڪتابچن ۽ پمفليٽن جو مصنف هو. سنڌ جي ساراهه ۾ نظم لکڻ ۽ قومي ڪم ڪرڻ ڪري، ڪيئي ڀيرا جيل ڪاٽي آيو هو. سندس مشهور نظم "جيئي سنڌ، جيئي سنڌ!!" سنڌي قوم جو نعرو بنجي ويو. سندس مون سان واقفيت ۽ لاڳاپو ۱۹۳۰ع کان هو، ۽ پڇاڙيءَ سوڌو قائم رهيو.

سندس وڌيڪ احوال "جنب گذاريم جن سين" مان معلوم ٿي سگهندو.

سندس خطن مان ڪ چار معلومات لاءِ هيٺ ڏيان ٿو.

سنڌ هاري ڪاميٽي

(۱)

۲۳- فيبروري، ۱۹۵۱ع

پيارا شاهه صاحب!

ڪالهه نواب غيبي خان جي پوٽي احمد سلطان چانڊئي ۽ هاري ڪاميٽيءَ طرفان منهنجا ۽ مولوي عزيز الله جا ناميڻيشن پيپر منظور ٿيا. اهڙيءَ ريت، لاڙڪاڻي هاري ڪميٽيءَ جي مشوري تي مولوي عزيز الله هٽ ڪئيو ۽ هاڻي احمد سلطان ۽ منهنجي وچ ۾ مقابلو ٿيندو.

(۳) [انگريزي]

۲۰- ڊسمبر، ۱۹۵۵ع

پيارا شاهه صاحب!

مون هڪ خط توهان جي ڪراچيءَ واريءَ ائڊريس تي لکيو آهي. ۲۵- تاريخ ۱۰ بجي صبح جو حيدرآباد ۾، ساليانې هاري ڪانفرنس ٿي رهي آهي. توهان آن ۾ نمائندا آهيو.

هيءُ خط توهان کي سن جي ائڊريس تي لکان ٿو، ممڪن آهي ته اوهان اتي هجو.

مهرباني ڪري حيدرآباد ضرور اچجو. ۲۴- تاريخ اچو ته بهتر، جيئن صلاح مصلحت ڪجي.

توهان جو مخلص،

حيدر بخش.

(۴) [ڪارڊ ڇپيل]

هاري آفيس، حيدرآباد،

۶- آڪٽوبر، ۱۹۵۶ع

محترم رفيق،

تسليم- سنڌ هاري ڪاميٽيءَ جي جنرل ڪائونسل جو خاص اجلاس ۲۸- آڪٽوبر ۱۹۵۶ع، آچر جي ڏينهن، صبح جو يارهين بجي، هاري آفيس حيدرآباد ۾ سڏايل آهي.

مهرباني ڪري ضرور ميٽنگ ۾ شرڪت ڪرڻ فرمائيندا.

ايجنڊا

۱- زير تجويز "نئشنل پارٽي آف پاڪستان" سان ڪيتري قدر تعاون ڪجي، يا نه ڪجي، ان بابت فيصلو ڪرڻ.

۲- ڪي ٻيا اهم مسئلا، جي ميٽنگ ۾ پيش ڪيا ويندا، انهن تي ويچار ڪرڻ.

تي هڪ نمائنده اجتماع ڪڏ ٿيو ۽ پر ڏينهن بحث مباحثي بعد، ”سنڌ انٽي ون يونٽ فرنٽ“ برپا ڪيو ويو آهي.

هن فرنٽ لاءِ عارضي ڪائونسل ۽ ورڪنگ ڪاميٽي ٺاهيون ويئون آهن. فيصلو ڪيو ويو آهي ته سڄيءَ سنڌ ۾ گشت ڪري، عوام تائين فرنٽ جو پيغام پهچايو وڃي. انهيءَ لاءِ هيٺيون پروگرام مرتب ڪيو ويو آهي، جنهن موجب محترم شيخ عبدالمجيد، جي. ايم. سيد، غلام مصطفي ڀرڳڙي، قاضي فيض محمد، ذوالفقار علي ڀٽو، عبدالحميد جتوئي ۽ حيدر بخش جتوئي گشت ۾ نڪرندا.

تاريخ	جڳهه
١-٢ ڊسمبر ١٩٥٥ع	ٺٽو
٣-٤-٥ ” ”	حيدرآباد
٦-٧ ” ”	ميرپور خاص
٨ ” ”	سانگهڙ
٩-١٠ ” ”	نواب شاهه
١١-١٢ ” ”	خيرپور ميرس
١٣-١٤ ” ”	سکر
١٥ ” ”	جيڪب آباد
١٦ ” ”	لاڙڪاڻو
١٧ ” ”	دادو

مقصد هيءُ آهي ته انهن تاريخن تي ضلعي جا تمام سرگرم ورڪر گهڻي تعداد ۾ گهرايا وڃن، ته جيئن انهن کي پروگرام کان واقف ڪيو وڃي، ۽ سنڌ جي عوام جي حقن لاءِ آئيني جدوجهد جاري رکي وڃي.

— حيدر بخش جتوئي،
سيڪريٽري.

ڪاپي: جي. ايم. سيد

نوٽ:- صدر صاحب جي اجازت سان ڀيا ڪي ٻه ٺهراءَ پيش ڪري سگهجن ٿا.

اوهان جا رفيق،

حيدر بخش جتوئي، صدر، سنڌ هاري ڪاميٽي.

غلام حسين سومرو، جنرل سيڪريٽري، سنڌ هاري ڪاميٽي.

(۵) [انگريزي]

ٽنڊو باگو

۱۰- مارچ، ۱۹۵۷ع

پيارا شاه صاحب!

توهان محمد اسماعيل، سديجيءَ واري، کي سڃاڻو. هن کي ڪو عرض ڪرڻو آهي. مهرباني ڪري، سندس احوال ٻڌي، مناسب بندوبست ڪندا.

توهان جو،

حيدر بخش جتوئي.

مولوي نذير حسين 'جلالي' جتوئي

مولوي صاحب سکيه قومي ڪارڪن، آزاد خيال، اديب ۽ شاعر هو. تازو وفات ڪئي اٿس. مون سان گهڻي وقت کان وٺي، هاري ڪاميٽيءَ جي ڏينهن ۾، گڏجي ڪم ڪرڻ ڪري لاڳاپو رهيو هوس- سندس ڪيترن خطن مان ٻه پيش ڪريان ٿو.

(۱)

لاڙڪاڻو
۲۸- جنوري،

دام الطافه'—

جناب عزت ماب، مڪرم محترم، قبله شاهه صاحب جيئي سنڌ! مزاج شريف بخيريت باد! گذارش ته اوهان صاحبن ۽ محترم لغاري صاحب جي آزاديءَ جو اعلان پڙهندي، بيحد و حساب خوشي حاصل ٿي. مبارڪ باشد و باشد مبارڪ، يڪي اين است ديگر صد مبارڪ.

دست بدعا آهيون ته قدرت جي ڪريميءَ جو سايو تا ابد توهان صاحبن جي وجود مسعود تي دائم قائم رهي ۽ توهان صاحبن کي پنهنجي وطن ۽ قوم جي خدمت جي توفيق عطا فرمائي. آمين! ان بابت فدويءَ جي ناچيز خدمت جي پيشڪش کي اجابت جو شرف بخشي مشڪور ڪندا.

شال هميشه خوش و خورم هوندا.

توهان جو مخلص،
نذير حسين 'جلالي' جتوئي ۽ ج.



مولوي نذير حسين جتوئي



مولوي عبدالحق رباني



ڪامريڊ غلام محمد لغاري



پرسرام ٽهلراماڻي



پير حسام الدين

دست بدعا آهيون ته حضرت حق سبحانه' شل توهان جي تڪليفن
کي ڪفريحن ۾ تبديل فرمائي.

از من مسڪين دعا وز همنشين آمين باد.

شال بفضل تعاليٰ هر طرح خوش و خورم هوندا.

زياده خير و السلام۔

توهان جو مخلص،

نذير حسين 'جلالي'.

(۲)

۱۲- آگسٽ

ادام الله فيوضاتڪم ببقاء ذاتڪم!

عاليجناب، عزت ماب، مڪرم محترم شاهه صاحب،

السلام عليڪم: مزاج شريف بخيريت باد! گذارش ته فدويءَ جي غير موجودگيءَ ۾ توهان صاحبن جو موڪليل تصنيف ڪيل تحفو موصول ٿيو. هت اچڻ بعد آن جي مڪمل مطالعي جو شرف حاصل ٿيو. يادگيري ۽ ڪرم فرمائيءَ جو شڪريو. گر قبول افتد زهي عز و شرف. صاحبا! جنهن جفاڪشيءَ ۽ صدق صفاڪيشيءَ سان ”نو وتن“ جو مجموعو تيار ڪيو ويو آهي، آهو نه فقط سياسي حلقن ۾ نظر استحسان سان ڏٺو ويندو، بلڪ زنده دلان سنڌ لاءِ بي بها ارمغان ثابت ٿيندو. توهان صاحبن پنهنجي پوري زندگيءَ ۾ سنڌي سماجهن لاءِ ڪيترائي عملي ۽ علمي احسان ڪيا آهن، جن سان هيءُ پڻ مشتي نمونهٔ خروار تصور ڪيو ويندو. لايضيع الله اجر المحسنين. جناب عالي، توهان صاحبن شايد سنڌ جي سپوت، مغل شهنشاهه اڪبر اعظم جي تتبع تي ”نو وتن“ جي يادگار خاطر ڪيترين اعليٰ ترين هستين کي نظر انداز ڪري ڇڏيو آهي. اميد ته تمام ترت آن تلافيءَ ڏانهن خاص توجهه مبذول فرمائيندا.

اهو احساس خود توهان صاحبن جي حساس طبيعت ۾ پڻ موجود هوندو. ڪم از ڪم اعليٰ حضرت امام الانقلاب مولانا علامه عبيدالله سنڌي قدس سره، خواه ڪانگريس جي انقلابي ليڊر بابُو سباش چندر بوس جن جي حالات پُر ڪمالات کي قلمبند ڪرڻ جي تڪليف برداشت ڪري، اها ڪمي پڻ پوري ڪندا.

صاحبا! توهان جي بار باو نظر بنديءَ کي، بقول شاه صاحب، ”ڏک سکن جي سونهن، گهوريا سک ڏکن وي“ تصور ڪندي،

ظاهر ڪيو آهي. تنهنڪري مهرباني ڪري، پنجن ڪان ذهن ڪائين، جيترين ڪاپيون ني سگهن، عنايت ڪري، پنهنجي هن خادم تي ڪرم فرمائي، يادگيري تازه ڪرڻ فرمائيندا.

اميد آهي ته پنهنجي مجاهدانه ڪوشش ۾ هن خادم کي شريڪ فرمائيندا رهندا.

— عبدالحق رباني.

مولوي عبدالحق رباني

مولوي صاحب پراڻن خلافتي ۽ موحد سياسي ڪارڪنن مان آهي. ديوبندي علمائن سان تعلق رکندڙ آهي. هن پوڙهپڻ ۾ به سندس آزاد خيالي، بلند همتي ۽ حُب الوطنيءَ ۾ ڪابه ڪمي ڪانه آئي آهي. سندس زندگي سنڌ لاءِ باعث فخر آهي- شڪر آهي ته اهڙن بزرگن جي نيازمنديءَ ۽ دوستيءَ جو مون کي شرف حاصل رهيو آهي. سندس هڪ خط نموني طور پيش ڪجي ٿو.

(۱)

نصرپور
۱۳- آگسٽ، ۱۹٦۷ع

محترم جي- ايم- سيد، دام مجده'

السلام عليڪم: عرض ته توهان جي ڪتاب ”نو رتن“ جي شايع ٿيڻ جون مبارڪون قبول فرمائيندا. دعا آهي ته الله تعاليٰ توهان جون مخلصانه ڪوششون ڪامياب فرمائي، ۽ توهان کي ملڪ و ملت جي خدمت لاءِ وڌيڪ همت ۽ توفيق عطا فرمائي. آمين!

عرض ته هيءُ اسان جو دوست محمد يوسف نصرپوري، اوهان جي خدمت ۾ حاضر ٿئي، اوهان جي صحبت مان مستفيد ٿيڻ جو شوق رکي ٿو.

منهنجي ڪن دوستن ”نو رتن“ جي ديدار جو شوق

ٽوبہ ٽيڪ سنگهہ ضلعي لائلپور ۾ اڍائي سال کن ٿي ويا
هن، جو ڪيس نمو هلي، رڳو شنوايون پيا لوڙيون.
هاڻ مون خيال ڪيو آهي تہ جيئن شنوائي ملي تہ
توهان کي لکي موڪليندس تہ من منهنجي شنوائيءَ جو خيال
وکي، ڪا مجلس مقرر ڪريو، جيئن روح رهاڻ ڪجي.
سندي سڪ پرين، لوڪ ڏٺي نہ لهي.
قبلہ سائين! توهان جي زندگي اسان لاءِ هڪ مشعل راه
آهي. اميد تہ اوهان جو ڏنل پيغام سنڌ وارن کي ضرور پنهنجي
مقصد تي پهچائيندو. سچ تہ سنڌ جي پيغام ۾ اهو ميٺاج، اها
خوشبوءِ آهي، جا هڪ ڏينهن ضرور دنيا کي قائل ڪندي.
توهان کي عمر جاوداني ملي. توهان جي سنڌ جي سڏ تي
اميد تہ سڀ لبيڪ چوندا.
وري انسانيت سنڌ جي محبت ۽ پيار پرتي سبق ڏانهن
ايندي. انسان انسان دشمنيءَ کي ڇڏي، محبت ۽ سچائيءَ سان،
پيد ياون کي ڇڏي، طمع کي ترڪ ڪري، گووي ڪاري جي
نفرت ۽ ڌڪار کي ڪڍي، محبت جو مينهن وسائيندا.
توهان جو انسانيت جو پيغام سنڌ ۽ سنڌ وارن کي
جاڳائيندو، زنده ڪندو ۽ زنده رکندو.

اوهان جو،
غلام محمد لغاري.

(٢)

مهراڻو سنڌي ادبي ڪانفرنس، نانگن جو ميلو، نبيسر.

بخدمت جناب جي- ايم- سيد صاحب -
هميشه جي دستور موجب، نبيسر جي نانگن جي ميلي
تي، ١٨ سيپٽمبر ١٩٦٦ع، بروز آچر، ٨ بجي شام تي، مهراڻو
سنڌي ادبي ڪانفرنس منعقد ٿيندي.

ڪامريڊ غلام محمد لغاري

هي صاحب ميرپورخاص تعلقي جي ڳوٺ جـو رهاڪو، پـراڻو قومي ڪارڪن آهي. هاري ڪاميٽي، ون يونٽ جي مخالفت، متحده محاذ، نيشنل عوامي پارٽيءَ وغيره ۾ رهي، خدمت ڪندو آيو آهي. ان سلسلي ۾ ڪيترا دفعا جيل ڪاٽيا اٿس. بي ڊپو، اڻ ٿڪ قومي ورڪر، بهترين مقرر ۽ عمدو صحافي آهي. ”سچائي“ اخبار جو ايڊيٽر ٿي رهيو آهي. ڪجهه وقت هتي حالتون سازگار نه ڏسي، بلوچستان ۾ وڃي رهيو. واپس اچڻ تي تازو وري ڪمس جيل ۾ موڪليو ويو آهي. سنڌي عوام ۾ سياسي ۽ قومي شعور پيدا نـه ٿيو آهي، نه تـه مهڙا بهادر قومي ڪارڪن هيئن ننڍڪا جيل ڪاٽڻ بعد به رڳو اسيمبليءَ ۾ چونڊجي نـه سگهن ۽ سندن مقابلي ۾ سرڪاري دلال چونڊجيو وڃن!

مون سان گهڻي وقت کان تعلق رهيو اٿس. سندس چند خط هيٺ ملاحظي لاءِ پيش ڪريان ٿو.

(١)

ميرپور خاص
٢٥- جون، ١٩٦٧ع

سلامت هجو!
محترمي قبلہ شاهہ صاحب،

تسليم– عرض تہ پن رکيل پروگرامن جي اندر نہ پهچڻ لاءِ معافيءَ جو خواستگار آهيان، جو آنهن پنهي پروگرامن وقت منهنجي شنوائي هئي.

حشمت نهلرام ڪيولراماڻي

هيءُ سنڌ جو ترقي پسند، سدا جوان، بهترين ليکڪ، مفڪر ۽
ڪو سنڌي قومي ڪارڪن آهي. هتي سنڌ ۾ سنڌيت جي پيدا ڪرڻ
ر هن جو گهڻو هٿ رهيو. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ، هن کي ناحق
يلن ۾ وجهي، تنگ ڪري، ٻاهر وڃڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو. جنهنڪري،
ن وڃي ڀارت وسايو.

سنهنجي ڪتاب "Struggle For New Sind" جي لکڻ ۽
درست ڪرڻ ۾ هن جو گهڻو هٿ هو. ازانسواءِ آءٌ سندس مشورن کان
وقت بوقت پئي مستفيد ٿيو آهيان.

سندس ٢٠ خط هيٺ ڏيان ٿو.

(١)

پريا
٢٣- ڊسمبر، ١٩٤٨ع

موج ۾ خوش رهو!

محترم شاه صاحب، شال سدائين پنهنجي صوفياڻي
مان هت ٿورن ڏينهن کان آيل آهيان. آرزو ته ڏاڍي
هيم ته ناتال جا ڏينهن انهيءَ طرف اچي گذاريان. مگر پنهنجي
ڳوٺ ۾ اچڻ سان سست ٿي پيو آهيان. نڪو پنهنجي دوست
اختر حسين سان پورو بندوبست ڪري سگهيس، جو ڪيس سن
۾ سنڌ جو نظارو ڏيکاريان. اميد ته ٻئي ڪنهن پيري توهان
جي زيارت ڪرڻ ايندس.

توهان صاحبن جي شرڪت اسان جي لاءِ باعث خوشي ٿيندي. ڪانفرنس ۾ سگهڙن جي ڪچهري، شعر، مقالا، سنڌي ثقافت ۽ موسيقيءَ جو پروگرام رٿيل آهي.

مهرباني ڪري ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيندا.

براهه ڪرم اچڻ جو اطلاع ڪندا. سوسم آهر بسترو پاڻ سان آڻيندا. قيام ۽ طعام جو بندوبست ڪيل آهي. آيل دوستن کي مهراڻي جي ماروئڙن طرفان ڏٿ پارٽي ڏني ويندي.

اوهان جو خادم،

غلام محمد لغاري،
چيرمن، استقباليه ڪميٽي،
مهراڻو ادبي ڪانفرنس.

(٢)

ڪراچي، ڊسٽرڪٽ جيل،
١٨- مئي، ١٩٤٩ع

موج ۽ صوفياڻي رنگ ۾ خوش رهو.
محترم و عزيزم، دوست مهربان، شال سدائين پنهنجي

توهان کي پنهنجي ڪچهرين جو اهڙو شوق آهي، جو منهنجا عزيز دوست به تار ڪري، انهيءَ پاسي ڇڪي وجهو ٿا. انهيءَ ڳالهه تي اسان کي وڏو اعتراض آهي. سومر ڏينهن اڊمنسٽريٽر صاحب جي آفيس ۾ آياسين، ته ٻن يارن کي نه ڏٺوسين. مگر ٻچل خان سمورو احوال ڏنو. حيرانيءَ جي انتها ئي نه رهي ته اهڙي لاپرواهي هن دنيا ۾ ٿي سگهي ٿي. پاڻ ته ڳرا، مگر ٻين وفادار ساٿين کي به ڳرو ڪري ڇڏجي. واهه، واهه!

منهنجي ڪيس جو نتيجو اهو اچي نڪتو آهي ته ٿوري وقت لاءِ ڪراچي اندر ضرور ٽيٽو پوندو- يا انگلنڊ وڃان پاسپورٽ سان، يا بمبئيءَ ڏانهن پرمٽ سان پاڪستانيءَ جي حيثيت ۾ چڪر هڻڻ وڃان، يا پنهنجي وطن سنڌڙيءَ جي ڪنهن ڳوٺ ۾ وڃي صوفي بڻجان! پڇاڙيءَ واريءَ ڳالهه لاءِ سنڌ گورنمنٽ ۽ خصوصاً قاضي فضل الله جي اجازت جي ضرورت آهي، جنهن لاءِ رضا صاحب لکپڙهه ڪندو. حال في الحال ٣١ تاريخ مئي مهيني جي وري 'آفيس' ۾ اچڻو پوندو، جتي ساريءَ ڳالهه جو فيصلو ٿي ويندو. اسان جي جندڙي تہ پنهنجي سنڌڙيءَ سان ڳنڍيل آهي، سو اسان کي اعتراض ناهي، جيڪڏهن هي آوهڙ جا ڏهاڙا سن ۽ پيرين جي وچ ۾ گهاري پيا. ٻلن جي موج ٿيندي. درياهه جي ڪپر تي ڏينهن گذاربو پنهنجي ٻليءَ ۽ ڪتڙي سان، ۽ شام جو شاهه صاحب جو ڪلام ٻڌبو. اميد ته سنڌ گورنمنٽ منهنجي گذشته خدمتن جو خيال ڪندي، انهيءَ مهمانوازيءَ اچڻ کان آر نه ڪندي. جيڪڏهن پنهنجو وطن به مون کان

ڇنڇر، آرتوار سڪر ڏانهن رخ رکندس، ۽ وري هتي واپس اچي، ڏورن ڏينهن ۾ ڪراچيءَ ڏانهن واپس ورندس. جيڪر سکرنڊ مان ٿي، انهيءَ طرف ٻار اچان، مگر پنهنجي ڀلي پاڻ سان ڪنٿي اٿم. آهي البت واڻڪي طبع جي، سو گهوڙي سواري نه ڪري سگهندي!

هن وقت ڪجهه ليک تيار پيو ڪريان. مگر سچيءَ دل سان لکٿي نٿي وهي. ملڪ آهي عجيب، زبان ڌاري ۽ اخبارن وارا سڀ شريف ڏاڪو- سو حقيقي ڳالهين بابت ته لکي به نٿو سگهجي. جي مان پنهنجي وطن سان پناهگير ٿي پڳس، ته بنيادي سبب اهوئي هوندو. جتي ذهني آزادي ناهي ۽ اخباري دنيا جا علمبردار خود ڏاڪن جا پائيوار، اتي يا ته وڃي صوفي ٿجي يا پنهنجو پليٽفارم پاڻ ڪڙو ڪجي. ٻهرين ڳالهه ته منهنجي وِت ڪان ٻاهر آهي، جو نه دماغي آپريشن کان سواءِ پٺتي قدم هٽائي نٿو سگهجي. باقي پڃاڙيءَ واري حيلي هلائڻ لاءِ هرڪا ڪوشش ڪبي. حال في الحال ڏوهان جي ذريعي ٿي چوپ-ڙيون وغيره پيئون تقسيم ٿين. مگر فصل لٽڻ لاءِ ۽ نون ليڊرن ڳولڻ لاءِ ڪنهن ٻيءَ مشنريءَ جي ضرورت ٿيندي. هيءُ زمانو آهي به ٽرنڪن وارو، جيتوڻيڪ سنڌ اڃا پنهنجي جونهيءَ طرز تي محڪم آهي.

مهرباني ڪري شاهه صاحب جو ڪتاب (By Sorley) ڪراچيءَ طرف موڪلڻ جو يڪدم انتظام ڪندا، جو خيال اٿم ته پنهنجي قومي شاعر جي جهوني ڪلام کي نئينءَ دنيا جي نون اصولن موجب پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪريان.

اميد ته ڏوهان بلڪل خوش باش آهيو. هتي هفتو کن اڃا وڌيڪ هوندس. وڌيڪ سڪ.

بندو حشو ڪيولراماڻي.

بمبئيءَ ۾ پنجن سالن کان پوءِ پير پاتو اٿم، هاڻي شرنارٿيءَ جي حالت ۾؛ مگر دل و دماغ ۾ بي وسيلائيءَ جو هڪ جذبو به حاضر ناهي. شخصي حالت جي ڳالهه ٿو ڪريان. ڪري غريباڻي زندگي وهڻي پئي، يا خود بک جو شڪار ٿيڻو پيو، مگر اهو سنڌي فخر ۽ پنهنجي قوم جو اخلاقي غرور هميشه ساڻ آهي. پين غريب ۽ بي وسيلن ڳوٺاڻن جي حالت ڏسي، هـردو ڏکي ٿو وڃي. مگر پنهنجي فيلسوفي اهڙي رکي اٿم، جـو عوام جو عارضي ڏک ۽ مصيبت ڏسي بـه آئيندي جو سوچ ويچار ڪندو آهيان ۽ آخرين فتحيابيءَ ۾ ايمان رکندو آهيان.

ماءُ جيجل ملي. البت ضعيف آهي، مگر اهڙي بيمار ناهي. مون کي ڏٺو اٿس تہ هيڪاري تازي تواني ٿي ويئي آهي.

معشوق پڻ مليِ. پر ماڻس گڏ ٻيي هڪ تازي، سپنن ۾ پرپور، بهشت جي حُورَ جو پڻ مُکا ميلو ٿيو. سو هڪ مان بدلجي به معشوق ٿيا. مگر وقت ڪٿي، جو پنهنجي شخصي ۽ جذباتي معاملن جو نبيرو ڪريان؟

پيڻ سان پڻ به ٿي پيرا ملاقات ٿي. توهان جـو گهڻو ڪري پڇيائين. شايد سنڌس خط توهان کي ڪونہ ٿـا ملن. هر قسم جون وندڪون آهن. هتي غريبن لاءِ ڪم پئي ڪري ۽ اندر ۾ سخت درد ۽ دک اٿس تہ اسان جي قوم جا ماڻهو اٺين مصيبت ۾ برباد ٿيندا ٿا وڃن.

ڪتاب انگريزي پڻ پاڻيءَ وٺان مليو – گهڻائي پيا پڙهن. ٿي سکهيوَ تہ پنجاه ڪاپيون يا وڌيڪ موڪاڻ جو انتظام ڪندا. منهنجو فائيل، جو ڪراچيءَ ۾ ڏنو هوم، سو پڻ موڪلڻ جو سعيو ڪندا. بلڪل ضروري آهي ۽ هتي مون کي ڪپي. مهرباني ڪري منهنجن نوجوان دوستن کي تنبيهه ڪندا رهندا، تہ منهنجا ڪتاب سپ موڪلڻ جو بندوبست ڪن.

گهڻو لکي نٿو سگهان – ٻئي ڪنهن پيري.

بيزار ٿيو، ته پوءِ لاچار پنهنجو لڏو ہڏي، ولايت طرف رخ رکڻو پوندو.
اميد ته توهان بلڪل خوش ۽ تازا توانا آهيو. توهان ڪي ڏاڍو ياد ڪيو اٿم، خاص ڪري گرفتاريءَ کان پوءِ. مگر توهان وٽ ته ڪنهن ٻئي شخص جون يادگيريون تازيون هونديون، جنهن شخص سان اسان ته الوداع ڪري ڇڏي، جو اسان انهيءَ جوڙڪ واري معاملي ۾ ڦاسڻ وارا نه آهيون. اميد ته جلدئي توهان سان ملاقات ٿيندي. توهان جو ڪارخانو زبردست هلندو هوندو، توهان جي آخرين ڪاميابيءَ ۾ اسان کي مڪمل ايمان آهي.

وڏيڪ ادب ۽ پيار،

حشو.

(۳)

دي پنجاب هائوس،
ڪولابا ڪازوي، بمبئي،
۳- جنوري، ۱۹۵۰ع

دوست مهربان الهورايا!

اميد ته خوش هوندين، مان هت سک سان پهتس ۽ ٺيڪ پيو هلان. ملڪ هر وقت ياد آهي. مگر في الحال هن ديس جو تجربو وٺڻو آهي، انشاء الله ته ڪنهن ڏينهن پاڻ ۾ ملنداسين. مهرباني ڪري، هيٺيون خط منهنجي محترم دوست کي هڪدم ڏيندا، پيو مڪ سڪ.

— حشو.

شاهه صاحب!

معاف ڪجو، جو خط لکڻ ۾ هيترا ڏينهن لڳايا اٿم. هڪ تڪڙ ۾ خط توهان جي ڪراچيءَ واريءَ ائڊريس تي موڪليل آهي، مگر اميد ڪانه اٿم ته ڪو پهتو هوندو.

ڪري ياد نٿا ڪن، مگر سمجهن ٿا تہ پنهنجي ديس ۾ بک وگهي نہ مرنداسين.

اڳئين هفتي دهليءَ ۾ هوس ۽ سڀ ڏينهن پراڻن پاڪستاني دوستن سان ويٺو هوس. فضا سٺي ٿي ڏسڻ ۾ آئي، تقريرون بيشڪ عاليشان هيون. سنڌي سنڌين سان، بلوچي بلوچين سان، پنجابي پنجابين سان ۽ خواجہ صاحب پنهنجي بنگالي يارن سان. جيڪڏهن انهي امن پسند نموني حالتن ۾ تبديل اچي تہ ڏاڍو چڱو. جيڪڏهن هندو مسلم ڪشمڪش ۽ شڪ شبها لهي وڃن تہ پوءِ پنهن منزلن ڏانهن ترقي سٺت ڪري سگهبي. اسان جو ٽهلراماڻيءَ سان دوستاڻو پڪڪ ٿيو ۽ سڄو وقت گڏ چڪر هنياسين. خواجہ صاحب سان پڻ ملاقات ٿي ۽ چيائين تہ سنهنجي واپس ورڻ تي ڪو اعتراض نہ ٿيڻ گهرجي. اوهان جي خواهش هجي تہ اچڻ جو سانباهو ڪجي.

پير حسام الدين صاحب ۽ پنهن دوستن ٿوهان جو سربستو احوال ڏنو. توهان کي هن فضا جو پورو فائدو وٺڻ گهرجي. هتي سڀ ماڻهو توهان کي نهايت عزت ۽ قرب سان ڏسن ٿا.

اميد تہ اسان جو گهر وارو دوست ٿوهان سان ملندو هوندو. ڪتاب موڪلڻ جو ڪو بندوبست ڪونہ ڪيو اٿس- يا تہ هيڏانهن سٺت موڪلي، يا تہ توهان جي ڳوٺ موڪلي ڇڏي- توهان سمورو احوال ڏيندا.

اچا پورو فيصلو ڪونہ ڪيو اٿم تہ ڪٿي هيڊڪوارٽر ڪندس. معشوق بمبئيءَ ۾ آهي، مگر آئي ڏاڍو بيمار ٿي ٿو پوان. دهليءَ واري ملڪ ۾ تندرستي بلڪل سٺي ٿي رهي ۽ مٽ مائٽ بہ نزديڪ آهن. مگر پيون ٽڪليفون گهٽيون. ٽنڊو اهڙو اٿم، جو ڪٿي بہ رهي ٿو سگهان، فقط سهيني ۾ هڪ ڀيرو بمبئيءَ جو چڪر هڻڻو پوندو. توهان کي ڪنهن چيو تہ اسان جا معشوق هٿ مان وڃي رهيا آهن- اسين سچو عشق فقط هڪ

مگر توهان کي ياد ڏاڍو ٿو ڪريان ۽ اميد اٿم ته جلدئي ملنداسين. خط لکندا رهندا.

— حشو.

(۴)

٦- تلڪ نگر، مترا،
۱۴- مئي، ۱۹۵۰ع

جيئيئم!

توهان جو قربن وارو خط گهڻي وقت کان پهتل آهي. معاف ڪندا، جو جواب ڏيڻ ۾ ايتري دير ڪئي اٿم. بمبئيءَ ۾ ڏاڍو بيمار ٿي پيو هوس ۽ توهان جي خط پهچڻ کان پوءِ جلدئي هندستان جي چڪر تي نڪري پيس — چڱائي شهر ڏٺمي، هاڻ هتي پنهنجي ماءُ ۽ پاءُ سان اچي گڏيو آهيان.

توهان جو خط بروقت ٿي دوستن کي ڏيکاريم — توهان کي ته ياد ڏاڍو ٿا ڪن، مگر وس ڪنهن جو نٿو هلي. سنڌين جا جيڪي نقص آهن، سي هتي به قائم آهن، خاص ڪري ليڊر ذات ۾. گهڻي ڪانه ٿي هلين، ۽ نڪو پنهنجو آئينو صاف اٿن. غريب مرن ته مرن، عوام ۾ ڪيترو به پنهنجي ديس ۽ تهذيب لاءِ قرب هجي، مگر مٿيون طبقو پنهنجي ڏرڙائيءَ ۾ مخمور آهي. هو ته سمجهن ٿا ته قسمت ڪو مهر ڪئي آهي، جو اچي هي هندڪا ملڪ ڏٺا اٿئون — مگر جيڪي آونهو سمجهن ٿا ۽ سوچن ٿا، سو پنهنجو قومي فرض محسوس ڪن ٿا؛ مگر چاڻن نٿا ته هنن حالتن ۾ چا ٿو ڪري سگهجي.

عوام اسان جو نيٺ سنڌي آهي، ديسي مسلمانن لاءِ قرب ۽ احساس اٿس، ۽ انهن اميدن ۾ ويٺو آهي ته ڪنهن ڏينهن مُلڪ ٺهندو ته واپس سنڌڙيءَ ڏانهن ورنداسين. هتي سندن لاءِ موت آهي. هُو سنڌ کي پراپرٽي يا ڪنهن ملڪيت

دماغ ۽ دل پئي هلايا آهن. گذويل ڏهن سالن ۾، ٽوهان جنهن طرف وک پئي وڌائي آهي، مان انهيءَ طرف کان توهان جي وحدت الوجود طرف وڃڻ جي پئي ڪوشش ڪئي آهي. ڪٿر پنٿين چٿرون پئي ڪيون آهن، مگر اچوڪي دنيا جي نوبت ۽ قيامت جو خطرو البت انهيءَ ڪٽرپڻي کي شڪست ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿيا آهن. حقيقت ۾ مارڪسواد نڪا فيلسوفي آهي، نڪو پنٿ. اهو ته هڪ منطق هو، ڪن حالتن جي زير اثر ۽ ڪن مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ. جهڙيون حالتون غير انساني هيون، تهڙو ردعمل. مگر مارڪس خود چيو ته سندس نمونو ڏاڪما ڪونه آهي ۽ حالتن مطابق ڦيو ڦرندو. جيڪڏهن انسان ذات جون مٽيريل حالتون انصاف ۽ برابريءَ کي حاصل ڪن، ته پيا مسئلا حل ڪرڻا پوندا. حالتون بدلبيون ۽ خيال پڻ. في الحال فقط جدوجهد جو طريقو هو، ڪنهن مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ. مٽيريل حالتن کي پرائرٽي ڏني ويئي هئي. موجوده بمن ۽ بلڪل ناستيءَ جي گهٽنا ۾، ٽيڪنڪ پڻ بدلجي رهي آهي ۽ اسان جي بين مسئلن کي پڻ پرائرٽي ملي رهي آهي.

جيڪڏهن دنيا موت ۽ جنگ کان بچڻي آهي ته ڪاسپروسائين، آهستگي ۽ مخالف جي مجبوري پڻ سمجهڻي آهي. مان ته سمجهان ٿو ته اها ڪرائيسز پيدا ٿي انهيءَ سبب لاءِ ٿي آهي ته انسان صلح ۽ شانتيءَ جي رستن ذريعي ۽ وحدت الوجود جو خيال ڪري، پنهنجو مستقبل نئين نموني ڏاهي سگهي. نه ته سندس لاءِ قيامت حاضر آهي.

انهيءَ ڪري، جيڪو فيلسوفيءَ تي ڪتاب لکو، سو موجوده انساني ڪرائيسز کي مد نظر رکي، انهيءَ اسپرٽ ۾ ۽ ڪٽرپڻي جي مخالفت ۾ لکڻ جي ڪوشش ڪجو. منڌ انسان

پيرو ڪري چاٿون ۽ انهيءَ هنڌ اسين هميشه موافق ڪامياب آهيون. توهان جو يار بلڪل ٺيڪ پيو هلي. ڪيس ڏسي امان جي دل پڻ موهجي پيئي آهي. جواب ورندڙ ٽپال ۾ ڏيندا، جيئن تسلي ٿئي. پيو خط ٿورن ڏينهن ۾ لکندس. سربستو احوال سوڪليندا، پيا ڀاڙ ته ۾ اکر ٻه ٽڻا لکن.

پنهنجي ڪتاب جي هڪ ٻه سٺي آرٽ پيپر واري ڪاپي موڪلڻ فرمائيندا، ۽ پيا پمفليٽ وغيره پڻ.

— حشو.

(۵)

8/A/109,W.E.A
پوسا روڊ، نئين دهلي،
۳۱- آگسٽ، ۱۹۵۱ع

محترم دوست!

توهان جو نوازشنامو گهڻي وقت کان پهتل آهي، مهرباني. ڪتاب سڀ پڙهيا اٿم. قومن واري ڪتاب لاءِ منتظر آهيان. شاهه صاحب تي ڪتاب ڏاڍو پسند آيو، ۽ گهڻن دوستن پڻ فيض حاصل ڪيو آهي. توهان نئون ڪتاب فيلسوفيءَ تي لکڻ جو ارادو ڪيو آهي، سو خبرداريءَ سان ۽ گهڻي سوچ مصلحت ۽ ٻين ڪتابن جي اڀياس کان پوءِ لکڻ جو سعيو ڪجو. توهان صوفي صاحب آهيو، سو ڊائليڪٽيڪل مٽيريلزم (جدلي ماديت) کي پڻ انهيءَ نوع سان ڏسڻ جي ڪوشش ڪيو ٿا. ٻنهي مڪتبن جا ڪٽر پوئلڳ ائين ٻه چون ٿا ته ٻيئي هڪٻئي جي بلڪل برخلاف آهن، ٻنهي کي نزديڪ آڻڻ جي جاکوڙ ڪرڻ البت مشڪل آهي. مگر موجوده انسان ذات جي گهڻنا کي مدنظر رکي، اهو ڪم نهايت ضروري آهي. مان پڻ انهيءَ طرف پنهنجو

توهان اچڻ لاءِ لکيو آهي. توهان، شيخ صاحب ۽ ڪاڪي جي زيارت ڪرڻ جي ڪيتري آکير هوندي، سو سمجهي سگهو ٿا. وطن واپس ته ضرور اچڻو آهي، مگر حالتون مٺايون نه آهن؛ مگر جنهن ڪم لاءِ ڇيو اٿوَ، سو اهم ترين آهي ۽ مان پاڻ پڻي سمجهيو آهي ته موجوده وقت جڏهن دشمن سچڻ سچ سمجهڻ لاءِ تيار پيا ڏسجن، اهو ڪم جلد ڪجي ۽ نهايت سمجهه ۽ سچيءَ دل سان. مدد بيشڪ ڪري سگهان ٿو، ۽ ٻيا ڪم ٻه ڇڏي اچڻ لاءِ تيار آهيان.

مگر مان نٿو سمجهان ته اچڻ ڪو سٺرو ٿيندو. منهنجا ماڻهو ته هرڪا مدد ڪندا. توهان جي ماڻهن سان ٻه هٿ منهنجو نهايت دوستاڻو رستو آهي ۽ ٻين پارٽين وغيره ۾ شامل ٿيڻ لاءِ خاص دعوتناما ايندا آهن- خوشامد پڻ ٿيندي آهي. مگر سچ چوڻ ۽ لکڻ جي تمام ٻُري عادت اٿم. ڏالو ٻه مشهور ٿي ويو اٿم. مخالف پيار ڪندا ته لڪ چپ ۾. جيڪڏهن ها ۾ ها ملايان ۽ ڪجهه خوشامد ڪيان ته سڀ ڪجهه آسان آهي. مطلب ته توهان جي پيڙيءَ ۾ داخل آهيان. توهان جي پيڙيءَ ته اڃا آگبوٽ جي حيثيت حاصل ڪانه ڪئي آهي. جيڪڏهن لڪ چپ ۾ خاص هلندي اٿوَ، ته خدا کي معلوم. اڻين هجي ته سير ڪرڻ لاءِ تياري ڪريون ۽ درخواست داخل ڪري ڇڏيون. باقي اتي اچي، پوءِ ساري عُمر قيد جو سير ڪرڻ لاءِ هن وقت تيار نه آهيون. ٻارن ٻچن وارا معتبر ماڻهو آهيون ۽ دنيوي جوابدارين ۾ جڪڙجي ويا آهيون- توهان جي ملڪ، توهان جي ماڻهن ۽ توهان جي حاڪمن کي هٿان پڻ دعائون ڪري سگهون ٿا.

ڪيئن ٻه هجي، توهان پنهنجو ڪم جاري ڪريو ۽ مواد ڪٺو ڪريو. ڪاڪي جيڪا ڪٺن تپسيا ڪئي آهي ۽ انهيءَ جو جيڪو لکن ڪروڙن ماڻهن جي دلين تي اثر ٿيو آهي،

ذات جي قديم ترين سڀيتا جو مرڪز آهي، تنهنڪري ڪرائيسز ۾ سندي پنهنجي فطرت موافق ٿي پنهنجي نموني اجائي ويڙهه جهيڙ ڪان آجو رهي، صلح، آزاديءَ ۽ انصاف لاءِ انسان ذات جي اڳيان پاڻ کي پيش رکي.

خط وڏو ٿي ويو آهي. خيال ڪونه هئم ته ايڏو بحث ڪندس. اميد اٿم ته ڪهڙيون به موجوده حالتون ڪئن لڳن، مگر روشن مستقبل جو خيال ڪري ۽ سخت بردباريءَ سان توهان ۽ ڪاڪي جهڙا شينهن، پنهنجي وطن ۽ ملت اڳيان اهو نظريو رکي، ڪو سڌو عام جي ڀلي لاءِ پروگرام رکندا، جنهن ۾ توهان جا مخالف پڻ توهان کي ڊپ، وير ۽ دشمنيءَ جي بغير مدد ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃن. توهان جي ملڪ جون جهڙيون حالتون آهن، توهان کي هيئنئين ڏاڪي ڪان وڏو آهي. واڄنيتيءَ ڪان سواءِ ٻيو به ميدان آهي، جنهن ۾ عام جو ڀاو ڪري سگهو ٿا ۽ قوم کي برائين کان بچائي سگهو ٿا: توهان جا مخالف پڻ ڪن حالتن جو شڪار آهن - ڪين پاڻ طرف ڇڪي سگهو ٿا.

وعظ معاف ڪجو.

— ڇشو.

(٦)

S/A/109,W.E.A.
پوسا روڊ، نئين دهلي،
٤- سپٽمبر ۱۹۵۱ع

محترم و محبم دوست!

شامل خط لکي رکيو هوم، فقط پوسٽ ڪرڻ لاءِ تياري هئي ته توهان جو ٻيو خط هتي ۾ مليو، مهرباني.

ايندو، ته ٻئي ڪنهن کي ايندو؟"

گهڻا ڏينهن پوءِ خبر پيم ته توهان اڳيئي هرهڪ ڏکئي لفظ مٿان پينسل سان معنيٰ لکي ڇڏي هئي. شڪ نه آهي ته ديوان اهي معنائون ڏسي، پوءِ ئي مطلب سمجهائي سگهيو. سلام وڏا موڪليا اٿائين. توهان کي "نيتاجي" ڪري سڏي ٿو ۽ سمجهي ٿو ته توهان جو رخ به اهڙي طرف هئڻ گهرجي.

وورليءَ وارو ته وري ڪونه مليو اٿم. آهيان ڪمن ۾ ڏاڍو مشغول، مسافرين ڪري ٽڪجي ٿو پوان. پنهنجو ڪم به ايترو نه ڪري سگهيو آهيان. مگر آهستي آهستي پنهنجون ٻاڙون ٻختيون ڪندو ويندس.

پوڙو گهر ڪونه مليو اٿم، جتي رات جو ڪم ڪري سگهان. آيو ئي اهڙي وقت آهيان، جو جوڀون گهٽيئي ٿيون ملن، مگر جاءِ ڏکي ٿي ملي. جهونو معشوق ته ويو، پر نئون معشوق به گذريل مهيني مڱجي ويو! مگر چڪر ٿي ويندو آهيان ته ٻنهي کي گڏي وٺي ويندو آهيان. اسان جا عشق به آهن توهان جهڙا 'لڪنگ، لڪنگ But نو ٽچنگ'. مگر شڪل البت پاڪستاني طرز جي اٿم، سو ٻيءَ ذات تي اسان جي بنسبت البت عجيب و غريب خيالن جو اثر ٿو ٿئي.

پنهنجي ملڪ کي ڇڏي، جيڪو مون کي اندر ۾ ارمان ٿيو هوندو، سو توهان سمجهي سگهو ٿا. شايد بي صبري ۽ اٻهرائي ڏيکاري اٿم. مگر مان سمجهان ٿو ته انهيءَ ۾ به قدرت جو راز هوندو ۽ ضرور ڪجهه نه ڪجهه فائدو ئي رسندو. اسان جي وفاداري ۽ زندگي اسان جي مادر وطن تائين هن وقت محدود آهن. جيڪڏهن اسان جي قومي اصليت ناس ٿي ويئي، ته پوءِ اسان دنيا ۾ ڇا حاصل ڪري سگهنداسين؟ هتي ته پرديس ۾ اسان جا ماڻهو ڪٺو ڪٺو ٿي ويا آهن. سندن دليون دکي ۽ بي آرام

ڪنهن جو مثال هن وقت دنيا ۾ ڪونه ملندو. دل تہ ڏاڍي آهي تہ اهڙي شخص جي زندگي، آرٽسٽ جي دل سان، سائنٽسٽ جي دماغ سان ۽ جوڳيءَ جي روح سان چنٽ ۾ مدد ڪريان. مگر منزل هنوز دور است. وڏن کي منهنجا سلام ڏيندا.

توهان چو نٿا هتان کو چڪر هٽي وجو؟

وڏيڪ سٺڪ.

ـ حشو.

(٧)

٣٠/بمبئي

٤- فيبروري، ١٩٥٢ع

جيئيم!

شال، سدائين خوش هجو، آباد وهو ۽ پنهنجي عاليشان زندگيءَ جو جوهر قائم رکو! توهان جو خط پهتو- پڙهي نهايت خوشي ٿي، مگر ان سان گڏ ڪجهہ ارمان بہ ٿيو. خوشي ٿي، جو توهان جي هٿن جو لکيل هرڪو پرزو اسان جي صوفياڻي سنڌڙيءَ جو پاڪ ڪلام آهي ۽ آئيندي جي آرزن جو آسرو آهي. ارمان اهو ٿيو، جو توهان سان هيترا سال صحبت رکيسين، مگر شاهہ پنائيءَ جو بيت هڪ بہ سمجهہ ۾ نٿو اچي.

پڳس ديوان انڊيريءَ وارن ڏانهن، جو هيٺ آفيس ۾ ويٺو هو. هڪ بيت پڙهيائين تہ مٺي کي ڪنهن لڳو، چيومانس تہ توهان واٽين کي بہ سنڌي پڙهڻ آئي! بس ديوان صاحب جوش ۾ اچي ويو- پانهون مٺي کڻجي، لڳو هڪ هڪ لفظ کي پڄڻ ۽ پورڻ ۽ آڏيون ابتيون معنائون ڪڍڻ. نيٺ وڃي مطلب ڪڍيائين. تڏهن ٿو چوي، ”وڄ ڙي وڄ! مان ٺٺي ديوان، لاڙ جو رهاڪو، شاهہ پنائي بہ لاڙي، سنڌي لکيائين تہ بہ لاڙ ملڪ جي؛ سو سون کي سندس ڪلام سمجهہ ۾ نہ

سن ۾ ڪڍيل ڪارٽون وارا .... عاشق آيو آهون ڪري........ پيلاٽيون ٿٿي .... وغيره وغيره.

اسان جي نئين اڊريس به ياد ڪجو- سيدل شاهه ڪان وٺجو. هن وقت لکڻ ۾ ڏاڍو مشغول آهيان. اميد اٿم ته مهيني کن ۾ ڪتاب تيار ڪري ڇڏيندس. پوءِ رنگلام، متراں دهليءَ طرف رُخ رکبو. بمبئي ۾ صحت اڃي خراب ٿي ويئي آهي، مگر هرڪو چوي ٿو ته چڻ ڪراچيءَ مان جُوان ٿي آيو آهيان!

پيو سڀ سک.

— حشو.

(۸)

۲۶/۷، دريا گنج، دهلي،

۷- جنوري، ۱۹۵۳ع

محترم دوست!

ٿوهان جو لنڊن مان ۲۷- ڊسمبر وارو خط ڏيون ڏينهن رات جو پهتو. فرصت ملڻ سان جواب ڏيئي رهيو آهيان. شل، خط اتي لنڊن ۾ پهچيو.

دل ته ڏاڍي هئي ته مان پڻ لنڊن ۽ ولايت جا چڪر هڻي اچان، مگر منهنجي مجبورين جي خبر اٿو. واٽڪو ماحول آهي. پنهنجي ٻانهن دوست مان به ڪڏجي نه سگهيو آهيان. ارادو آهي ته سڀاڻي صبح جو ملاقات ڪندو مانس. وقت مقرر ڪيو اٿم. اميد گهٽي اٿم ته ڪم ٿي ويندو.

توهان جي Movements جي خبر ناهي. مگر سڀاڻي تار وسيلي يا هوائي ٽپال وسيلي ٿوهان کي پهچڻ جي ڪوشش ڪبي. اميد ته توهان لنڊن جي ماحول ۾ اهڙو محو ٿي ويا آهيو، جو ڪجهه وڌيڪ وقت رهڻ جو ارادو ڪيو اٿو.

زياده خير و السلام.

— حشمت.

آهن. سنڌن آئيندو اونداهو پيو ڏسڻ ۾ اچي. سوچ ويچار لاءِ نہ اٽن وقت، نہ اهو زندہ روح - مگر پنهنجي اصليت پلجي نہ ويا آهن. پنهنجي زبان، پنهنجو ماضي، پنهنجو ڪلچر نہ فقط ياد اٿن، مگر هن ملڪ جا ماڻهو ڏسي، هاڻ پاڻ فخر اٿن تہ ڪهڙي نہ عاليشان قوم جا فرد آهيون. مذهبي ليڪي ۽ هاڻي جلاوطنيءَ البت کين منجهايو آهي. مگر رفتہ رفتہ پنهنجو رستو صفائيءَ سان ڏسي سگهندا.

مون کي آخرين ڪاميابيءَ تي مڪمل ايمان آهي. جي ڳالهيون جهوني زماني ۾ نہ ٿي سگهيون، سي ويهين صديءَ ۾ ٿيون آهن، مگر بي بقا آهن. جنهن طوفان اهو مانداڻ مچايو، ان جو رد عمل بہ طوفاني صورت اختيار ڪندو. جن طاقتن اسان کي روهہ ولايو آهي، سي پاڻ ۾ ضرور ٽڪرڻ واريون آهن ۽ سنت ٿي پوءِ اسان کي پنهنجو انصاف پلئہ پئجي سگهندو.

منهنجي ماءُ ٿورا ڏينهن ٿيا تہ رتلام ويئي. آسيس موڪلي ٿانوَ. مون کان وڌيڪ تہ کيس سنڌ جي محبت آهي ۽ سپني ۾ بہ پنهنجي ڳوٺڙي جون پٽيون ۽ چٽيون پيئي ڏسي.

منهنجو دوست سيدل شاهہ ٿورن ڏينهن ۾ توهان کي گڏبو - جيڪي چئيو سو ڪم ڪجو، ٢٠٠ ڪتاب ضرور کپن، گهٽ ۾ گهٽ هڪ سؤ - هڪڙو هوم، سو بہ ديوان ڦري ويو آهي.

منهنجي ننڍڙن يارن کي دعا سلام - ڊاڪٽر، شيخ صاحب ۽ ٻين سڀني کي بہ منهنجا نياز. جيءُ هتي اٿم، مگر دل اتي ڇڏي آيو آهيان. اسان جو جهونو معشوق بہ اها شڪايت ڏو ڪري - انشاءالله تہ ڪنهن ڏينهن وري گڏباسين.

شاهہ صاحب جي ٻين ٻيٽن جي بہ ضرورت آهي، جي هن وقت اسان کي مٺيهو پهچائين - مهرباني ڪري ساري لسٽ موڪليو - ١٥ آگسٽ وارو ٻيت، ڪنوينشن وارو ۽ اڳين مال

پڙهيو اٿم. ”امين“ ڏانهن خط پڻ. ’چنڊول خانو‘ اڃا ياد آهي. اميد ته چين، جپان ضرور وينديؤ- توهان جي دعوت لاءِ مهرباني. اسان جون ولائتون پنهنجي وطن ۾ آهن، جيڏانهن انشاء الله ته جلد وڃبو. سنگت کي منهنجا سلام ڏجو. عبدالستار ۽ مونس جو ته پتو ئي ڪونهي، نڪو احوال پنهنجي ڪتابن بابت، جي اتي ڇڏي آيس؛ گهرائي سگهجن ٿا، مگر خبر ڪانهي ته سلامت آهن يا نه. توهان پنهنجو ڪتاب سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيل موڪليو ته مهرباني، مون ته هيستائين ڏٺو به ناهي. اميد ته هن مهيني بمبئيءَ طرف وري چڪر ڏيڻ و ڃبو- هن هفتي ڪم ڏاڍو اٿم، نه ته غلام حيدر شاهه پڻ ملي ها. خط لکانس ٿو.

دهليءَ ۾ پنهنجو مزو آهي ۽ بمبئي ۾ پنهنجو- پر بمبئيءَ ۾ ڏاڍو بيمار ٿي ٿو پوان. نه ته معشوق جو لطف پنهنجي سنڌي شرنارٿين جي سورن جي نظاري کي شايد متائي ڇڏي.

جا چيز پنهنجي هٿ ۾ ناهي، تن جي آڪير به گهٽي ۾ لطف پڻ جهجهو!

”آءٌ ڪئن ڇڏيان سومرا، تن پنهوارن پچارا“

- حشمت.

(١٠)

8/A/109,W.E.A

پُوسا روڊ، نئين دهلي،

١٧- جولاءِ، ١٩٥٤ع

محترم شاهه صاحب!

توهان جو خط گهڻن ڏينهن کان پهتل آهي- جواب ۾ دير ڪيم، جو توهان جي ڪتابن جي اوسيئڙي ۾ هوس. ٽي چار ڏينهن ٿيا ته فقط هڪ پوسٽ پئڪيٽ مليو، جنهن ۾ صرف ”پيغام لطيف“ مليو. سمجهيم ته ٻيا ڪتاب شايد گُم

(٩)

دهلي
٤- آگسٽ، ١٩٥٣ع

وَرَ اونداهي راتڙي، چانڊوڻي چانڊا،
اوري مهاوا، مه مَ پسان ڪو ڀئوا

محترم دوست!

توهان جو نوازشنامو نصيب ٿيو. سالن کان پوءِ - ٻه سال اڳ توهان جا ٻه خط پهتا هئا. ڀيو خير. مان پڻ پنهنجي ڪارگذارين ۽ جلاوطنيءَ جي جولان ۾ غلطان هوس. واڳڪي ماحول جو مقابلو ڪرڻو هو ۽ هر ڪنهن مشڪلات جي باوجود پنهنجو قدم اڳتي پئي وڌيو. هاڻي نانءُ پڻ مشهور ۽ ناڻو گهڻو، جيتوڻيڪ بئنڪ ۾ پڙي! هفتي ۾ هڪ ڀيرو پنهنجي وطن بابت تبصرو ڪبو آهي ته ساري ملڪ ۾ شايع ٿيندو آهي، ۽ ڪمائي به خاصي. مڙيئي رڍن اڳيان رباب وڄائڻا آهن. مگر واڳ پسند آهي. اڃا ته ابتدا آهي. ڪتاب هڪ لکيو اٿم ۽ ڇپيو لڪان پيو. نالو اٿس ”پاڪستان منهنجو وطن!“ انگريزيءَ ۾ آهي.

پنهنجي اباڻي وطن جو حقيقي راز توهان کان سکيا سين ۽ ولائتي فطرت منجهي ديسي ٿي پئي. مگر جذبات مٿان هميشه دماغي قوت ۽ ڪشاده آئيني کي بلند پئي رکيو اٿم. روشني به انهن ئي ڏسڻ ۾ ايندي. هتي ته سڀ ساني انڌيري جا رهاڪو آهن. روشنيءَ جي دروازي تي گهڻي وقت کان پهتل آهيان. وعظ به وڏا ڪيا اٿم. مگر سلسلي کي اڳتي وڌائڻ جي ڪوشش نه ڪئي اٿم، جو پنهنجي سنڌي فطرت مطابق البت سست آهيان ۽ دير پئي ڪئي اٿم. اميد ته هن آڌ تي گهڻو وقت رڪجي نه ويهندس.

توهان جي ماسڪو جي سير بنسبت ”الوحيد“ ۾ پئي

سنڌس رنيل ڪتاب ڪڏهن ٿو شايع ٿئي؟ ڪتاب جي اهميت وڏي ٿيندي. شيخ صاحب ۽ ٻين پراڻن سائين ۽ دوستن کي سلام ڏيندا. ڪتاب، اخبارون وغيره موڪليو ته سٺو. اڳي الوحيد مون کي پراڻيءَ ائڊريس تي ملندي هئي، مگر سال کن کان پتو ڪونهي. ٽازو نظاماڻيءَ کي لکيو هوم ته نئين ائڊريس تي موڪليو، مگر جواب ڪونه مليو. الوحيد جي نهايت ضرورت آهي. توهان ٻيو ڪهڙو ڪتاب لکندا؟ هاڻي ڪنهن وڏي پيماني تي لکندا، جو سنڌين خواه غير سنڌين کي فيض پهچي.

شل خدا جي مهربانيءَ سان پنهنجي وطن ۽ دنيا جي خدمت ڪندا رهو. زندگيءَ ۾ جا جستجو ڪئي اٿو ۽ مشڪلاتن کي منهن ڏنو اٿو، تنهن سان گهٽ ۾ گهٽ بندي جهڙي ولائتي طبع ماڻهوءَ کي پنهنجي وطن لاءِ فخر ڪرڻ جو سبب ڏنو اٿو.

اميد ته جلد ئي ڪير ڪير ٿيندو. ۽ ٻاٽي ٻاٽي-

وڏيڪ سک!

-حشو.

(١١)

8/A/109,W.E.A.
پوسا روڊ، نئين دهلي،
٢٢- جون، ١٩٥٤ع

محترم دوست!

توهان جو خط ڪالهه پهتو، پڙهي ڏاڍي خوشي ٿي ته يادگيريءَ کان نه وساريو اٿوَ.

لنڊن مان جيڪي به خط لکيوَ، تهن کان پوءِ توهان وٽان ڪوبه احوال ڪونه مليو اٿم. نه توهان جا ڪتاب پهتا اٿم. ٽپال ۾ هٿچراند ٿي سگهي ٿي. ممڪن آهي ته پراڻيءَ ائڊريس، دريا گنج (جنهن کي ڇڏئي، ڏيڍ سال ٿيو اٿم)، ٽپال

ٿي ويا آهن. ۽ اهڙي نموني خط پٺي ڪلهه لکيم ته اوچتو ٻيا ڪتاب مليا. مگر هڪ ڪتاب سچل بابت ڪونه مليو آهي. شايد اهو پوسٽ ڪيو هوو؟ يا نه؟ تڪليف لاءِ مهرباني.

”پيغام لطيف“، پنهنجي وطن ۽ وطني ماڻهن جو پيغام هو. شروع ڪيم ته ڇڏڻ دل نه ٿيم، جيستائين ختم نه ٿيو. ڪمال ڪيو اٿو ۽ اينڊرڙ پيڙهين تي احسان ڪيو اٿوَ. شاهه صاحب جو شعر اسان جي سمجهه کان البت ٻاهر آهي، جيستائين شرح شامل نه آهي. مگر آهستي آهستي سمجهي ويجبو. توهان کي گهڻا پيرا چيو اٿم ته خُدا جي واسطي شاهه صاحب جو رسالو، جو تازو اتي سنڌ ۾ ڇپايل آهي، سو ڪيئن به ڪري موڪليو. انهيءَ ڪتاب کان سواءِ شاهه صاحب جو شاگرد ٿيڻ محال آهي. توهان جي سرڪار بهادر پڻ پئل ۾ ٻيا ڪتاب موڪليا ۽ وري عرض ڪيو اٿم ته رسالو هٿ ڪري ڏيو – هن ملڪ ۾ اهو ڪتاب محال ٿو ملي.

’پيغام لطيف‘ مان چونڊ ٽڪرن کي هت جي سنڌي اخبارن ۾ شايع ڪرڻ جو ارادو اٿم. پڻسو هجي ته هت ئي اهو ڪتاب شايع ڪجي ۽ ٻيون ڪتاب پڻ. ڪاڪي چوئٿرام جي مهربانيءَ سان سنڌين جي فضا ڪافي منجهيل آهي ۽ مان ته انهيءَ دنيا ۾ آهيان به ڪونه. توهان ملتان کي سنڌ ۾ ملائڻ جا خواب لهي رهيا آهيو، مان ته ملتان فتح ڪيو آهي ۽ سنڌي قوم کي وڌايو آهي. هتي اچو ته ڏاڍو سٺو– صحت جي لحاظ کان اچڻ ضروري آهي. دهليءَ ۾ مون وٽ رهندا– آرام ملندوَ، مان پڻ البت آرام طلب ماڻهو ٿي پيو آهيان. هڪ به ليک لکي، سَنَ وانگر پنهنجي مَوَ ۾ رهندو آهيان. هاڻي البت وڏيڪ ڪاراڻتو ٿيڻ جو پروگرام رٿيل آهي. فضا ڏسڻ ۾ ڪاري آهي، مگر اصل ۾ نهايت اميد ڀري آهي.

آتي ڪاڪي صاحب کي اسان جا سلام ڏجو.

کي سلام ڏيندا. حال احوال ڏيندا ڪجو.
وڏيڪ سڪ.

- حشو.

(۱۳)

دهلي
۳۰- نومبر، ۱۹۵۵ع

محترم شاهه صاحب!

توهان جو خط، گوپ، مترا مان هٿان، موڪليو- پڙهي نهايت خوشي ٿي. ياد ڪيو اٿو، تنهن لاءِ مهرباني.

شادي گوپ جي سک سان ٿي گذري. ڇوڪري سهڻي ۽ نمائي. گوپ انڪنگ لڪنگ جي بدران ٽڃنگ جو باب شروع ڪري ڇڏيو آهي. ڏاڍو خوش آهي.

مون سمجهيو ته توهان کي اڳ ۾ ئي خبر هوندي ته مان گهڻي وقت کان ڇوڪنپو قائل آهيان. هڪڙو پيرو لکيو پڻ هوم ته ملتان فتح ڪيو اٿم ۽ قوم جي خدمت ڪئي اٿم. ۾ نيائيون جاڙيون اٿم، ۽ هڪ ڪيکو، جنهن کي ڄائي ۾ مهينا ٿيا. گهر ۾ هندستاني ۽ انگريزي ڳالهايون، مگر شريمتيءَ کي سنڌي پڻ ايندي آهي، جو ڪراچيءَ ۾ سالن کان وٺي رهندڙ هئي ۽ اسان جي سنگت ۾ هئي. توهان کي سڀائي ۽ سلام موڪليا اٿس.

فيمليءَ گهڻي ترقي ڪئي آهي ۽ امان پوڙهي تمام خوش آهي، خاص ڪري پوٽي ڄائي ڪان پوءِ. دنيوي جوابداريون ڪنيون اٿم. مگر مون ۾ خاص فرق ڪونهي. البت بيمار رهان ٿو، مگر اميد ته ٺيڪ ٿيو ۽ اڳتي وک وڌائيندس.

توهان اديار وڃڻا آهيو، ته هت به ضرور چڪر هڻي اچجو. سال گذري ويا آهن مليئي. ماحول بدليل آهي، مگر

کي رُلائي ڇڏيو آهي.

توهان جي ڪتابن جي نهايت ضرورت آهي. ڪوشش ڪري مٿين ائڊريس تي موڪليو. توهان جي سرڪار مهربان اڳ ۾ ٻي مون کي ٻه ڪتاب، ”موري جو شاهه“ ۽ ”تاريخ معصومي“ تحفو ڪري موڪليا هئا. هاڻي شاهه جي رسالي جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان.

سُست آهيان، مگر هاڻي ارادو آهي ته پنهنجي وطن ۽ ملڪي ماڻهن بابت گهڻو وڌيڪ لکان، هڪ ڪتاب لکي پڻ رهيو آهيان. اميد ته توهان خوش هوندا.

سنگت کي سلام ڏيندا.

— حشو.

(۱۲)

8/A/109,W.E,A.
پُوسا روڊ، نئين دهلي،
۴- آڪٽوبر، ۱۹۵۴ع

محترم دوست!

توهان جو ۲۸- سپٽمبر وارو خط ڪالهه پهتو. مهرباني. توهان جي اڳين ٻن خطن جو هڪ وقت اڳئين مهيني جواب ڏنو هوم، مگر ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته اهو خط توهان کي ڪونه پهتو آهي.

سنڌ ڏسڻ جي خواهش ته ڏاڍي آهي، ۽ گڊ ول مشن ۾ شامل ٿيڻ فخر ٿيندو. مگر وقت تمام تنگ آهي ۽ اهڙو جلد تياري ڪرڻ البت ناممڪن آهي. اميد ته جلد ئي ڪن ڪمن کان فارغ ٿيس ته ڪوشش ڪبي اچڻ جي.

اميد ته توهان خوش آهيو- ڪاڪي ۽ شيخ صاحب

شامل ٿيندا. ڪن مهينن کان مون هت "سنڌو سماج" جو تحرڪ شروع ڪيو آهي، جنهن جي ذريعي سنڌي ٻولي ۽ تهذيب زنده رکڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون - دلچسپي گهڻي پيدا ڪئي اٿئون.

ٻئي مهيني يونيسڪو ڪانفرنس جي موقعي تي، ساهتيه جو نمائش ٿيندو، جنهن ۾ سنڌي ڪتابن جو خاص بندوبست ڪرايو اٿئون.

مرضي اٿم ته توهان به مدد ڪريو، پنهنجا لکيل ڪتاب ضرور موڪلجو، نمائش ۾ رکبا. جناب حسام الدين راشدي صاحب کي به اطلاع ڪجو ته سنڌي لٽريچر جي تواريخ وغيره بابت سمورو احوال موڪلي: هڪ خاص ڪتاب ڇپبو، جنهن ۾ علحدين علحدين ٻولين جو احوال ذڪر هوندو. آتي سنڌيءَ ۾ نوان ڇپيل ڪتاب پڻ نمائش لاءِ موڪلي سگهو ٿا. نمائش کان پوءِ هت خريد ڪيا ويندا، يا واپس موڪليا ويندا، جيئن توهان جي مرضي.

اميد ته هيءُ خط توهان کي جلد ملندو- مهرباني ڪري ڪوشش ڪندا، جيئن سنڌي ادب جي خدمت ڪري سگهون.

اميد ته توهان خوش آهيو. ڇو نٿا هن طرف چڪر هڻو اچو- يونيسڪو ڪانفرنس جي موقعي تي- ڏئي سال گذري ويا آهن.

جناب شيخ صاحب کي نياز ڏجو.

پيارن مان،

حشو.

(١٥)

فليٽ ١٣٨، ڀڳت سنگهه مارڪيٽ، نئين دهلي،
٢٦- آڪٽوبر، ١٩٥٦ع

محترم شاهه صاحب!

صد مهربانيون، جو ڪتاب موڪليو. پارسل ۾ سڀ

پراڻيون يادگيريون سالم آهن ۽ اُن سان گڏ اُئينديءَ جا آرزو. ضرور مون وٽ اچي رهجو. اميد ته توهان خوش آهيو. توهان جا ٻه ڪيڪا ڪٿي آهن؟ ولايت پڙهڻ ويا ڇا؟ نياڻين جي شادي ڪرائي هوندو. سلام دوستن کي ڏيندا. الهورائي ۽ ۽ ابراهيم ڊرائيور کي پڻ سلام ڏيندا. ڪم ڪار هجي ته لکندا.

وڏيڪ سک.

ـ حشو.

(۱۴)

فليٽ ۳۸،
ڀڳت سنگهه مارڪيٽ، نئين دهلي- ۱
۹- آڪٽوبر، ۱۹۵۶ع

محترم دوست!

گهڻي وقت کان توهان جو احوال ڪونه آيل آهي. توهان جي هڪ خط جي جواب ۾ لکيو هوم ته شاهه صاحب جي تصور واريءَ سنڌ جي حد ملتان تائين ملائي چڪو آهيان. پٽ ٻه پيدا ٿيو، جو ڪجهه مهينا ٿيا ته انٽر نيشنل سي شعر ۾ پهريون نمبر آيو ۽ ڏيهه رو پيا ڊر مهينو ڪمائي رهيو آهي، ۽ پنهنجي ڏاڏيءَ جي شيوا جي فرض بجاوري ڪري رهيو آهي، جا سندس والد شريف نه ڪري سگهيو!

گذريل هفتي اسان هت شاهه صاحب جي ورسي دهليءَ ۾ پهريون ڀيرو ملهائي. سنڌيت جو نظارو هو، مون "شاهه ۽ سنڌيت" تي تقرير ڪئي، ۽ انهيءَ ۾ توهان جي ڪتاب ڏاڍي مدد ڪئي.

هن مهيني جي آخر ۾، هت "هندي پون" ۾، شاهه صاحب جي مورت کولڻ جو بندوبست ڪيون اٿئون- ڪنهن ناميارى ليکڪ هٿان، ۽ گهڻا ئي لک ماڻهو انهيءَ موقعي تي

هوم. مگر هت پاڻ کي اڳي کان اڳرو پيو سمجهان، ۽ اڳيان وڌو ڪم پيو اٿم.

هت ڀائي پرتاب ۽ جيئي ڀيڻ سان پڻ مليو آهيان.

سنڌو سڀيتا جي پراچين پهلوءَ بابت گهڻو ئي مواد حاصل ڪيو اٿم. جلدي هڪڙو ڪتابڙو شايع ڪندس، جنهن ۾ سڀيتا، ٻولي، ادب ۽ تمدن بابت دلچسپ احوال هوندو. ٻهرئين ڪتاب جو دنيا ۾ سٺو اثر ٿيو ۽ چين کان آمريڪا تائين انهيءَ ڪتاب جي قدر شناسي ٿي. هت ٻن ٻين ٻولين ۾ ڪيتريون ڪهاڻيون الٿو ٿي ڇپيون آهن. اميد ته دوستن جي مدد سان هيءُ نئون ڪتاب پڻ سٺي معيار وارو ثابت ٿيندو.

توهان جي مدد جي ضرورت ٿيندي. گهڻا سال ٿيا ته توهان هڪ ڀڪي جلد وارو ڪتاب، سنڌي سميلن بابت موڪليو هو، جنهن ۾ اوائلي تاريخ ۽ تمدن بابت دلچسپ احوال هو. اهو ڪتاب هن وقت ڪونه اٿم. جيڪڏهن هڪ ڪاپي موڪلي سگهو ته وڏي مهرباني ٿيندي.

توهان جو نئون ڪتاب ڪهڙيءَ حد تائين مڪمل ٿيو آهي، سو پڻ احوال ڏيندا. ڀائي پرتاب کي پڻ چيو اٿم ته پنهنجا Memoirs (يادگيريون) لکي. يقين اٿم ته اهو مصالحو آئينده پيڙهين لاءِ مفيد ثابت ٿيندو، ۽ گهڻيئي Research scholars دلچسپي ڏيکاري رهيا آهن.

معاف ڪجو، جو پنهنجي بابت مڪمل احوال موڪلي نه سگهيس. توهان مون کي چڱيءَ طرح سڃاڻو، سو توهان کي اڳ ۾ ئي سڀڪجهه خبر آهي.

هن وقت ته پنهنجي صحت سڌارڻ جي فڪر ۾ آهيان، گهڻو فائدو پهتو اٿم، ساري عمر سمنڊ جي ڪناري تي رهيو آهيان، ۽ ساسونڊي هوا شايد مون کي وڌيڪ ڀانءِ ٿي پوي.

ڪتاب سلامت نڪتا، نماءَ ۾ رکبا. توهان جو نئون ڪتاب ڏاڍو پسند ٿيو. جهڙي ڇپائي سُٺي، تهڙي جلد بندي. پهريون ۽ آخري مضمون آن جو ڏاڍو وڻيو. دل اٿم ته هت به توهان جون لکيون ڇاپائجن، دلچسپي ماڻهن ۾ گهٽي آهي. وچڙياسين پر دليون نه وچڙيون. جن کي ايمان آهي سي وک وڌائيندا، جن کي ناهي سي واريءَ ۾ ولوڙجي ويندا.

توهان جو خط بلڪل مختصر هو. نٿو سمجهان ته ڪو غصو هوندو. هڪ مهرباني ضرور ڪجو. شاهه پٽائيءَ جو رسالو جيڪو به ملي سو موڪلڻ جي عنايت ڪندا. آهيان انگريزيدان، سارو وقت انگريزيءَ سان ڪم آهي، مگر عمر ۾ پهريون ڀيرو شاهه صاحب جي ڪلام پڙهڻ لاءِ سخت آڪير پيدا ٿي آهي، شايد خُون ۾ اڳيئي .... هو.

وڏيڪ سلام.

— حشو.

(١٦)

١- جئي محل، اي روڊ،
چرچ گيٽ، بمبئي-١
٢٧- ڊسمبر، ١٩٦٤ع

خوش هجو!

پيارا شاه صاحب، شال سدائين

گهڻا ڏينهن ٿيا ته توهان وٽان احوال ڪونه آيو آهي. مان هت بہ نہ مهينن کان اچي رهيو آهيان، ۽ پنهنجي صحت ۾ وڏو ڦيرو پيو محسوس ڪريان. مترا مان جڏهن خط لکيو هوم، تنهن وقت ڏاڍو بيمار هوس ۽ ائين پئي سمجهيم ته حياتيءَ مان بيزار ٿي پيو آهيان. اهڙو احساس اڳ ۾ ڪڏهن نہ ٿيو

ته الائي ڇا پيو ٿئي. جيئن به هجي، ٿوهان جو قرب منهنجي لاءِ ڪافي آهي.

پاڻ مان ٿوهان جو دائمي شڪرگذار آهيان، جو ولائتي طبيعت جو ماڻهو ٿي، ٿوهان جي ”سن“ ڳوٺ ۾ ٿي اچي، ”سنڌيت“ جو سچو روپ ڏٺم ۽ مهراڻ جي ڪناري تي توهان مان رهاڻيون ڪندي، ۽ صوفي ڪلام ٻڌندي ٿي، پاڻ ۾ پنهنجي جنم ڀومي ءَ جو احساس سمجهڻ لڳس - نه ته، سوچيندو به انگريزيءَ ۾ هوس ۽ گهڻو ڪري لکندو پڙهندو پڻ انگريزيءَ ۾ هوس. دهليءَ ۾ جيتوڻيڪ سنڌي ۽ سنڌين جي خدمت لاءِ انعام مليو اٿم، مگر سنڌي ته گهڻو ڪري روز صبح جو آرسيءَ ۾ سنوارت ڪرڻ وقت ڏسندو هوس. البت جيڪڏهن ڪو غير سنڌي مون کي سنڌي سڏيندو، ته مان پراڻن اڳواڻن جي روايت برخلاف اهڙي شرت قبول ڪرڻ کان ناڪار نه ڪندس. نه ته منهنجي خيالات گهڻو ڪري انسان ذات جي موجوده عجيب گهڙين بابت رهي ٿي.

توهان جو وڏو احسان اهو هو، جو آن ڳوٺڙي ۾ مهراڻ جي ڪناري تي وحدت الوجود جو نظارو پسڻ لڳس، جو شهرن جي گوناگون زندگيءَ ۾ محسوس نٿو ٿئي. توهان اسلام جي غير تعصبي پهلوءَ ۾ خاص ڪري صوفيت بابت پڻ گهڻو احساس جاڳايو، جنهن مون کي رنگ ڍنگ ۾ وڌيڪ مسلمانڪو بنايو. ۽ گهڻا دوست منهنجي ڏاڙهي جي باوجود پڻ، مون کي بي تعصبيءَ جو وڏو مثال ڪري سمجهندا آهن.

توهان جي مهمانوازي، غريب پروري، انسانيت، غير فرقيواري روش ۽ هردم اميراڻي هلت منهنجي دل کي گهايل ڪري ڇڏيو، ۽ ولائتي عرش ٿان لاهي، ديس جي زمين تي آندو. انهيءَ تواريخي گهڙيءَ ۾، جنهن نموني توهان پنهنجي

پنهنجو احوال ضرور ڏيندا.

قربن ماڻ،

توهان جو حشو ڪيولراماڻي.

(۱۷)

واديا هائوس، ناڙڪ والا،
باريولي ويسٽ، بمبئي- ۹۲
۸- مئي، ۱۹۶۵ع

پيارا شاهه صاحب!

توهان جا ٻه خط پهتا هئا، مگر جواب ڏيئي نه سگهيس، جو ارادو هوم ته توهان جو ڪتاب پڙهي وٺان. مگر ڪتاب اجا بي نظير مائيءَ جي حوالي آهي. اميد ته جلد ئي پڙهڻ جو موقعو ملندو.

توهان جو تازو خط ڪراچيءَ مان لکيل پڻ پهتو. يادگيريءَ لاءِ مهرباني. اميد ته هيءُ خط توهان کي سلامت ملندو، توهان جي جواب اچڻ تي وڌيڪ لکندس.

مان توهان جو ”سياسي استاد“ ڪيئن سڏبس؟

پنهنجي گهر جي ئي سياست هلائي نه سگهيس، ۽ سياست جي هنگامي خلاف ئي پنهنجي عيش پرست زندگي چڏي، هيڏانهن هوڏانهن ڪاهي پيس- بغير ڪنهن گروهه جي پيچيدگين ۾ ڦاسڻ جي. سنڌ جي سياست بابت ته توهان وٽان ئي پتو پيو. ڪتاب برابر لکي ڏنو- مگر آهو پڻ انگريزي ٻوليءَ ۾، ۽ توهان جي سياسي ماضيءَ جي بنياد تي.

توهان وٽ سياستدانن جا احوال ٻڌي ئي X-Ray ايڪسپرٽ بنيس! مگر سياست هلائڻ ۾ بلڪل الڙ ٻار آهيان. ٻن ٽن ماڻهن جو تڪرار ڏسندو آهيان، ته منجهي پوندو آهيان

(۱۸) [انگريزي]

واديا هائوس، نانڪ والا لين،
بولوي ويسٽ، بمبئي ۹۲،
۶- آگسٽ، ۱۹۶۵ع

پيارا شاهه صاحب!

توهان جي شاعرانه خط لاءِ شڪريو. آءٌ نثر جي لکڻ ۾ گهڻو مشغول آهيان، جيتوڻيڪ ”پسال گريو“ جو ”گولڊن ٽريزري“ خريد ڪيو اٿم، جنهن مان محبت تي ڪي نظم، جي ننڍي هوندي وڻندا هئم، وري پيو پڙهان.

مون کي اهو ڏاڍي خوشي ٿي آهي، ته اوهان انهن سيني کي، جن اوهان کي ڏک ڏنا آهن، معاف ڪري ڇڏيو آهي. نه صرف ايترو، پر توهان پنهنجي نظربنديءَ کي به هڪ لڪل رحمت سمجهي رهيا آهيو. اها ”سنڌيت“ جي روح جي خلاف آهي، ته ڪنهن به ماڻهوءَ لاءِ زباني يا فرقيوار بنياد تي نفرت رکجي.

هن سان گڏ، آءٌ جنرل ايوب کي موڪليل پنهنجي خط جي ڪاپي به موڪلي رهيو آهيان. هن مسٽر بروهيءَ سان قسم کڻي چيو هو ته سنڌين ڀاهرين حملي آورن جي هٿان گهڻو ئي وقت سٺو آهي، ۽ هيءُ پٺاڻ جي حيثيت ۾ آنهن ڏکن جو سد باب ڪندو.

جيستائين منهنجو تعلق آهي، ته آءٌ نه ڪنهن کان ڊڄان ٿو ۽ نه ڪنهن کي نفرت مان ڏسندو آهيان، پوءِ ڀل ڪهڙي به فرقي ۽ زبان سان واسطو رکندڙ هجي. ماڻهن کي سندن شخصي ارتقا ۾ روش مطابق سمجهيو وڃي ته بهتر آهي. معاف ڪرڻ وڏي ۾ وڏيءَ خوشيءَ جو باعث سمجهيو وڃي ٿو.

آءٌ ڪهڙيءَ طرح وساري سگهان ته سورنهن سال اڳ،

هم وطنين کي بچائڻ جي ڪوشش ڪئي، تنهن لاءِ دائمي حسرت اٿم. ماڻهو سياست کهڙي به ڪيلين، يا ”آئيڊيالاجي“ جا قسم ڪڍن، مگر سندن انسانيت جو آزمودو اهڙي وقت ٿو ٿئي ۽ سندن مثال لکين انسانن جي زندگي ۾ دائمي ڦيرو آڻي ٿو ڇڏي. موجوده انٽر راشٽري (بين الاقوامي) گهٽنا ۾ پڻ اهڙيءَ انسانيت جي ضرورت آهي.

انسان ذات جا هن وقت صرف ٻه فرقا آهن:

هڪڙا جن جي دماغ ۾ بهشت جي چمڪ آهي، ۽ ٻيا جن جي دماغ ۾ فرعونيت ۽ وحشانيت وسي ٿي- هڪ ٻئي ڏي ڌپائڻ سان ساري انسانذات ختم ٿي سگهي ٿي.

اوسان اٿم ته توهان جهڙي وچ مڙس ڪي، جنهن ولائتي حشمت جي دل ۾ پنهنجي ٻوسيءَ، عام جنتا ۽ اسلامي پهلوءَ جي Positive (مثبت) صورت جو احساس جاڳايو، تنهن کي نظربند رکيو ويو آهي. سان توهان جي احسانن لاءِ هڪ رسيد موڪلي رهيو آهيان.

اميد ته خوش باش آهيو. مان ڪنهن دردناڪ گهٽنا مان حياتي بچائي نڪتو آهيان. البت مفلس آهيان پر دل شهنشاه جي اٿم. مائي ۽ ٻائي ڪڏهن ماندا آهن. لکن جا مالڪ آهن. جيڪڏهن دل جي همت رکي مدد ڪن ها، ته گهڻو ڪجهه ڪري سگهان ها، مگر موجوده سمي ۾ هرڪو پنهنجي فڪر ۾ مبتلا رهي ٿو.

اچا ڪجهه هت رهندس. خط لکجو پيا.

قربن سان،

حشمت.

(١٩) [انگريزي]

حشمت پبليڪيشن،
فليٽ ٣٨، ڀڳت سنگهه مارڪيٽ،
نئي دهلي.
۴- مارچ، ١٩٦٦ع

منهنجا پيارا شاهه صاحب!

مون کي اميد آهي ته هيءُ خط اوهان کي ملندو، ۽ اوهان خوش ۽ سٺيءَ صحت ۾ هوندا.

آءٌ گذريل هفتي بمبئيءَ مان آيو آهيان، ۽ اهو ڏاڍو سٺو ٿيو، جو آئون ڪيترا جهونا يار ڏٺم.

منهنجي صحت سڌري رهي آهي ۽ انهن شاندار (بيماريءَ وارن) ڏهينن ۾ پنهنجي زندگيءَ جي ڪوجنڪ ڪم لاءِ ڪيترا مزيدار ڪتاب مطالع ڪرڻ جو فائدو پهتو اٿم.

سڀ سُک،
توهان جو مخلص،
حشو ڪيولراماڻي.

(٢٠)

فليٽ ٣٨- ڀڳت سنگهه مارڪيٽ،
نئين دهلي.
٢٦- آگسٽ، ١٩٦٦ع

پيارا شاهه صاحب!

ڪجهه وقت ٿيو ته توهان کي هڪ ڪارڊ لکيو هوم، مگر جواب ڪونه آيو. توهان جون مجبوريون سمجهي سگهان ٿو. منهنجي تندرستي، وري ڍرڪجي ويئي هئي، مگر هاڻي بهتر آهيان.

جڏهن آءٌ نظربند هوس، جنهن ۾ مون کي چارج شيٽ به نه ڏني ويئي هئي، ته هڪ پنجابي، مسٽر مسعود، جنهن کان هندو نفرت ڪندا هئا ۽ ڪيترا مسلمان به متنفر هئس، ۽ هڪ انگريز، مسٽر ڪوئيچران، ”سول اينڊ ملٽري گزيٽ“ جي ايڊيٽر، منهنجي ايتري ته مدد ڪئي، جنهن جو بيان ڪري نٿو سگهجي. مون آخري ملاني مسٽر مسعود وٽ ڪاٽي. هيءُ پڪو ڪميونسٽ هو، جنهن کي خانديش جا ڀيل پيار ڪندا هئا. توهان کي ياد هوندو ته مون هڪ دفعو آن سان توهان کي ملايو هو.

آءٌ چاهيان ٿو ته اوهان جو تازو لکيل ڪتاب، جنهن ۾ توهان مون کي پنهنجو ”سياسي استاد“ سڏيو آهي، پڙهان – جيڪڏهن ٿي سگهي ته توهان پنهنجا سڀئي لکيل ڪتاب، جي ڇپيل هجن، رجسٽر ڪري، پوسٽ ذريعي موڪليندا.

آءٌ توهان جو ”ادبي استاد“ ٿي سگهان ٿو، پر ”سياسي استاد“ نه!

توهان جو ڪتاب آن بينظير عورت وٽ پيو آهي. توهان جا دوست مون سان سڙئي ٺيڪ نٿا هلن، پر هن عورت قبول ڪيو آهي ته هوءَ مون کان ناراض نه آهي، آن ڪري آءٌ ۽ منهنجو پٽ، ٻيئي ڪيس پسند ٿا ڪريون.

منهنجو ”سياسي استاد“ منهنجو پٽ ”گل“ آهي. صفحي هستيءَ تي وڏي ۾ وڏو ڇوڪرو، آهو منهنجو پاڻ ٻيءُ آهي. هن کي ڪي ڪارڊ ۽ شعر موڪليو. هيءُ ڪتابن پڙهڻ جو ڪيڙو ٿي پيو آهي. ازانسواءِ سٺو مصور به آهي. خدا کيس وڏيڪ همت ڏئي.

– حشو ڪيولراماڻي.

پرسرام ڏيلراماڻي

هيءُ اصل ٺٽيءَ جو رهاڪو هو، پر پوءِ حيدرآباد ۾ رهيو. صوبي سنڌ ڪانگريس جو جنرل سيڪريٽري ٿي رهيو. سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر به هو. تازو گورنمنٽ آف انڊيا، هن کي سنڌ جي قومي ڪارڪنن جي سوانح حيات لکڻ جو ڪم سپرد ڪيو هو، جو خوش اسلوبيءَ سان سرانجام ڪيائين.

مون کي سنڌ اسيمبليءَ ۽ ڪانگريس ۾ ساڻس گڏ ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو. سندس ۵ خط هن ڪتاب ۾ ڏيان ٿو.

(۱)

۳- ايشور پون، اي روڊ،
چرچ گيٽ ، بمبئي -۱
۶- مئي، ۱۹۶۸ع

سدا سلامت، شاد ۽ آباد هجو!

محترم دوست سيد غلام مرتضيٰ شاهه،

گذريل ۲۱- ورهين ۾ گهٽيئي ڀيرا سنڌ ڏانهن مَنُ ڊوڙندو رهيو آهي ۽ اهڙن موقعن تي پنهنجن سڄڻن، سائين، عزيزن ۽ دوستن کي ياد ڪندي، توهان کي به ياد ڪندو رهندو آهيان. هاڻي گذريل پن مهينن لاڪر ته ڏهاڙي ڏهاڙي توهان جي ياد تازي ٿئي ٿي، جو هاڻي مارچ مهيني جي شروعات کان، توهان جو دلپذير ڪتاب "جنب گذاريم جن سين" پڙهي رهيو آهيان، شري جيرامداس دولترام کي توهان آن جي پنهنجي

کهڙي خبر ته ايڏانهن جلد ئي اچان ۽ توهان سان ملڻ جو موقعو ملي ۽ مهراڻ جو پڻ ديدار ٿئي!
مالڪ توهان کي خوش رکي.
احوال ڏيڻ جي ڪوشش ڪندا.

زياده خير و السلام–
توهان جو
حشمت.

سنڌ مان جي ١٨ اڳواڻ چونڊيا آهن ڪلڪتي جي مذڪور جماعت، تن ۾ توهان جو به نالو آهي، اَن ڪري مون کي خوشي آهي.

”جڳ گذاريم جن سين“ جي ٻن جلدن ۾ توهان پوڻن ٻن سون ڄڻن جي جيون ۽ ڪارگذارين بابت مختصر ريت لکيو آهي؛ پر توهان جي پنهنجي زندگيءَ بابت اَن ۾ احوال ڪونهي. اهو احوال مون کي کپي ۽ هر ممڪن وسيلي، بلڪل جلد کپي، بلڪل جلد. اميد ته توهين ضرور هيءَ عرض منظور ڪندا ۽ شامل ڪيل سوالنامي سوجب جواب صاف اکرن ۾ لکي موڪليندا ته احسان. سوالنامو ڪلڪتي جي سنسٿا جو ڏاهيل آهي؛ ان جي ٽائيپ ٿيل ڪاپي موڪليانو ٿو.

١٧٧ ڄڻن جي جيون ڪارگذارين بابت مصالحو گڏ ڪرڻ، چنڊڻ ڇاڻڻ، تڪڻ تورڻ ۽ ڪٽڻ ۽ لکڻ، ڪماليت ڪئي اٿو! اٿاهه محنت ڪئي اٿو. توهان جي روشن زندگيءَ جي ٻين ڪيترين خوبين ۽ ڪاميابين کي جيڪڏهن وسارجي ته به هيءَ هڪ اٿاهه پيماني تي ڪيل خدمت ئي توهان جو نالو تاريخ ۾ قائم دائم رکندي.

سو مون کي خوشي ٿي ٿئي، جو توهان جي زندگيءَ جو احوال قلمبند ڪرڻ جو موقعو مليو اٿم. براي مهرباني پهچ هن خط جي ته هڪدم ڏيندا ۽ ٻه اکر تسلي جا ته توهين پنهنجي زندگيءَ ۽ پنهنجي ڪارگذارين ۽ سرگرمين جو احوال ضرور موڪليندا- انگريزيءَ ۾ يا سنڌيءَ ۾، جنهن ۾ توهان کي سهوليت ٿئي. چونڊيل ١٨ سنڌي اڳواڻن ۾ ٻيا ڪي هي آهن: وڏيس غلام محمد ڀرڳڙي، مرحوم الهه بخش سومرو،

سر غلام حسين هدايت الله، خانبهادر کهڙو، سيٺ هرچند راءِ وشنداس، ديوان ڀوچسنگهه پهلاجاڻي، شري جمشيد نسروانجي ميهتا،

جلدن جي هڪ هڪ ڪاپي سوڪلي هئي، ۽ اهي پيئي ڪاپيون آن صاحب مون کي پڙهڻ لاءِ ڏنيون آهن •

ڪلڪتي ۾ سنستا Institute of Historical Studies نالي آهي. آن سنستا هڪ بلڪل عمدو ڪم پاڻ تي هموار ڪيو آهي. ۽ ان ڪم جي ڪجهه منزل طئي پڻ ڪري چڪي آهي. اهو ڪم هيءُ آهي ته هندستان ۾ ۱۹ صديءَ ۽ ويهين صديءَ جي پهرئين اڌ ۾ (۱۹۴۷ع تائين، جيستائين هندستان هڪ ملڪ هو) جيڪي اعليٰ ڏرين مدبر ۽ اڳواڻ ٿيا آهن- سياست ۾، تعليم ۾، سماجڪ خدمت ۾ وغيره، تن جا مختصر جيون چرتر (سوانح عمريون) لکي، هڪ جلد جي صورت ۾ پڌرو ڪندا. ساري هندستان جي اهڙن مکيہ مکيہ هستين مان، انهيءَ سنستا جي ڪارپردازن ۱۲ سو اڳواڻ چونڊيا آهن، جن جون مختصر سوانح عمريون هو پڌريون ڪندا- انهن ۱۲ سو ڄڻن ۾ ۱۸ ڄڻا سنڌ مان آهن.

سنڌ جي آنهن ۱۸ ڄڻن جي سوانح عمرين لکڻ لاءِ ڪلڪتي جي مذڪور سنستا شري جيرامداس دولترام کي عرض ڪيو. پر هن صاحب وري اهو ڪم مون کي سونپيو، جو مون کي ان لاءِ ڪارگر سمجهيو اٿس. اهي جيون چرتر انگريزيءَ ۾ لکڻا آهن. انگريزيءَ جو ڪافي محاورو اٿم، ائين منهنجا دوست ۽ ساٿي سمجهندا آهن. انگريزي اخبارن ۾ ليک پيو لکندو آهيان. سنڌ ۾ به "سنڌ آبزوور" اخبار ۽ "ڊيلي گزيٽ" اخبار ۾ ليک لکندو هوس. سنڌي اخبارن ۽ مخزنن ۾ به پيو ليک لکندو هوس. "هندستان" اخبار ۾، بلڪ "الوحيد" اخبار ۾ به- سنڌ مان لڏڻ پڄاڻان، ٿرت ئي هڪ ننڍڙو ڪتاب Brochure لکي ڇپائي پڌرو ڪيم- "Why the Exodus From Sind?" جي نالي هيٺ انگريزيءَ ۾. اهو ڪتاب "سنڌ مان لڏ پلاڻ ڇو؟" هتي تمام پسند پيو.

انوسار سندس جنم ١٨٧٧ع يا ١٨٧٦ع ۾ ٿيو هوندو.
پيو مثال، رئيس صاحب جي شادي ڪڏهن ٿي، سو ذڪر ڪونهي، نڪي سندس عورت جو، يا ڪو سندس سهري جو نالو ئي ڏنل آهي.
وري توهان جي لکڻ موجب (صفحو ٤٣، پوئين پيرا، جلد ١): "عليگڙهه ۾ ميٽرڪ پاس ڪري، جڏهن رئيس واپس آيو ۽ اچي پنهنجي زمينداريءَ جي ڪم ۾ مشغول ٿيو، آن وقت سندس زمين ڪورٽ آف واردس مان آزاد ٿي چڪي هئي. آن وقت پاڻ پنجويهن ورهين جو نوجوان هو." سو ڪيئن؟ ميٽرڪ ١٦ يا ١٧ يا ١٨ يا ١٩ ورهين جي عمر ۾ پاس ڪئي هوندائين- گهٽو ڪري ١٧ ورهين جي ڄمار تائين يعني ١٨٩٤ع ڌائين. ته انهن ڏينهن ۾ ٢٥ ورهين جو نوجوان ڪيئن هو؟
سوالنامي ۾ ٻين ڪن سوالن جي جوابن بابت به توهان جي لکيل باب مان پوري ڄاڻ ڪانه ٿي پوي. جي توهان کي پووي ڄاڻ نه هجي ته صلاح ڏيندا ته ٻئي ڪهڙي ڪنهن دوست کي ڄاڻ هوندي؟ يا ڪو اهڙو ڪتاب آهي ڇا، جنهن ۾ رئيس صاحب جي زندگيءَ جو احوال هجي؟ هن ڪم ۾ جيڪا صلاح ڏيئي سگهو، جيڪا رهنمائي ڪري سگهو، سو چڱو.
هي سنڌ جي اڳواڻن جون سوانح عمريون ۽ ٻين ١٢ سو ڄڻن جون سوانح عمريون پڌريون ڪرڻ نه رڳو راشتريه اهميت پر انتر راشتريه اهميت (Inter- national Importance) جو ڪم آهي، ۽ هڪ عظيم خدمت ۽ تواريخي اهميت جو ڪم سمجهي، اهو مون پاڻ تي هموار ڪيو آهي.
ٻلائي ڪري، هن خط جو جواب ۽ ڀرپل احوال سوالنامي موجب بنا دير جي موڪليندا. وڌيڪ خير - اميد ته ڌڻي تعاليٰ جي فضل سان توهين ڪٽنب قبيلي سوڌا بلڪل خوش خورم هوندا.
توهان جي هن ڪتاب جي لکڻين مان توهان جي روشن

سادو واسواڻي، شري جيرامداس دولترام، ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻي،

شري آر. ڪي. سڌوا.

توهان جي ڪتاب "جذب گذاريم جن سين" مان مرحوم رئيس غلام محمد ڀرڳڙيءَ بابت مختصر احوال لکي تيار ڪيو اٿم. سوالنامي ۾ پڇيل سوالن ۽ انهن بابت ڏنل هدايتن موجب. پر اهو پنهنجي پسنديءَ موجب پورو ڪونهي، جو ڪن ڪن سوالن بابت توهان جي لکيل باب ۾ ڪو احوال ڪونهي. ممڪن آهي ته توهين ڪجهه وڌيڪ احوال ڏيئي سگهو. اها تڪليف برداشت ڪندا. سوالنامو پنهنجي اڳيان رکي، ان ۾ هڪ هڪ سوال جو جيڪو جواب ٿيندو رئيس غلام محمد ڀرڳڙيءَ بابت، تنهن جواب بابت، جيڪو جيڪو احوال توهان جي لکيل باب ۾ نه هجي، پر توهان کي معلوميت هجي يا مصالحو هجي، ان جواب بابت. ته مهرباني ڪري مون کي لکي موڪليندا ته احسان ٿيندس.

مثال طور سوالنامي جي پهرئين ٿي سوال يعني ته Ques: 1A. جي بابت توهان جي لکيل احوال ۾ هڪ جواب ڪونهي. يعني ته رئيس جي جنم جو سال. اهو منهنجي ليکي موجب سال ١٨٧٦ع يا ١٨٧٧ع يا دير ۾ دير سان ١٨٧٨ع ٿيندو. سو ليکو هيئن ڪيو اٿم، جو سال ١٨٩٠ع ۾ جڏهن رئيس صاحب جي والد، رئيس ولي محمد خان دوم جي وفات ٿي، تڏهين رئيس غلام محمد خان انگريزي اسڪول جا چار درجا پڙهي چڪو هو. جي ٥ ورهين جي عمر ۾ ابتدائي تعليم سندس شروع ٿي، جي آها قريب چار سال هلي ۽ سندس ٩ ورهين جي عمر ۾ پوري ٿي، ۽ تنهن کان پوءِ انگريزي اسڪول جا ٤ درجا پڙهي چڪو هو ١٨٩٠ع تائين، ته تنهنجي معنيٰ ته ١٨٩٠ع ۾ سندس عمر لڳ ڀڳ ١٣ يا ١٤ سال هئي. ان ليکي

اڳوپوءِ هيٺين سوالن جا جواب به بلڪل مختصر طور لکي موڪلڻ جي عنايت ڪندا.

١- رئيس غلام محمد ڀرڳڙيءَ بابت ڪي ڪتاب يا چوپڙيون لکيل آهن ڇا؟ اخبارن يا مخزنن ۾ سندس بابت يا سندس ڪارگذارين ۽ سرگرمين بابت ڪي ليک يا احوال؟ اهي ڪتاب ڪٿان ملي سگهندا، ٿورن ڏينهن لاءِ - ڊپازٽ وڪڻ لاءِ تيار آهيان، جا ڪتاب جي سلامت ۽ صاف سٺيءَ حالت ۾ واپسي پهچائڻ بعد مون کي واپس ڪري. ملي سگهن يا نه ملي سگهن، پر انهن جا نالا ۽ ليکڪن يا ترجمو ڪندڙن جا نالا؟

٢- جيڪي تقريرون پاڻ ڪيائين ۽ پڻ سندس تحريرون، انهن جون ڪاپيون ملي سگهن ته ڏاڍو سٺو. سندس صدارتي خطبن جون ڪاپيون ته ضرور گهرجن.

٣- ڪهڙين ڪهڙين شخصيتن ۽ اعليٰ هستين جو سندس دل ۽ دماغ تي اثر پيو؟ ڪو يا ڪي صاحب هئا ڇا، جنهن کي يا جن کي ڀرڳڙي صاحب پنهنجو Hero يا گروديو يا مرشد ڪري سمجهندو هو؟

٤- زالن مان ڪا، يا ڪي اهڙيون هيون ڇا، جنهن جو يا جن جو مٿس چڱيرو اثر ٿيو هجي.

٥- ساهت يا ادب ڏانهن ڪيتري رغبت هيس؟ ڪهڙيون ڪهڙيون ٻوليون ڄاڻندو هو؟ سنڌي، انگريزي، اردو ۽ پارسي ته ڄاڻندو هو، پر عربي، فرينچ، سنسڪرت، هندي يا ٻيون ڪي ٻوليون ڄاڻندو هو ڇا؟

٦- ڪتاب، جي ڪي مشهور ۽ معروف آهن، سي پڙهيل هئس ڇا؟ ٻين ڌرمن جا ڪي ڪتاب (پاڪ پُستڪ ۽ ٻيا) پڙهيل هئس ڇا؟

٧- پاڻ ڪي ڪتاب يا چوپڙيون لکيون هئائين ڇا؟

دماغ، زنده دل، حليم سڀاءَ، دوستيءَ ۾ ثابت قدميءَ ۽ قرب جي ساک ملي ٿي. خدا، سڀ جي ڌڻي تعاليٰ جي مهر توهان تي وهندي. شري حشو ڪيولراماڻي ۽ منهنجي سؤٽ شري منگهارام ٺهلراماڻيءَ بابت لکيل توهان جا باب پڙهي چڪو آهيان.

پيا ڪي سڄڻ يا دوست، جيڪي هن ڪم بابت معلوميت رکندا هجن ته آنهن جا نالا ۽ ائڊريسون موڪلي سگهوم ته چڱو. ۽ پڻ ڪي ڪتاب، جن مان اهڙو مصالحو ملي، تن جا نالا ۽ ملڻ جو هنڌ- اهي ڪتاب سنڌي يا انگريزي يا اردو، يا هنديءَ ۾ هوندا ته ڪارگر ٿيندا.

شيوا ۾،

پرسرام.

(۲)

۳- ايشور پون- اي روڊ،

چرچ گيٽ، بمبئي-۱

۱۹- مئي ۱۹۶۸ع

محترم دوست سيد صاحب،

ڌڻيءَ پرماتما جي فضل سان توهين خوش خورم هوندا. هيءُ خط ڀريائين ۱۹- تاريخ لکڻ شروع ڪيم، پر ڀرين هڪ سيٽ لکڻ بعد قلم روڪجي پيو، جو خاطري نه اٿم ته توهان کي فرصت ملندي يا نه، منهنجي سوالن جي جواب ڏيڻ ڪري. پر سوال جيڪي پڇڻا اٿم، ۽ جن مان ڪي هن هيٺ لکان ٿو، سي ضروري آهن- تنهنڪري، انهيءَ محبت ۽ اميد سان، ته براءِ مهرباني ڪجھه وقت بچائي جواب لکندا، اڄ وري قلم کنيو اٿم.

ڪجھه سوال ته ڪالهه توهان ڏي لکي به موڪليم. اهو خط ايئر ميل رستي روانو ٿيو هوندو ۽ توهان کي اميد ته سڀاڻي ٽائين ضرور پهچي ويندو- آن ۾ پڇيل سوالن سان گڏ،

اچا نظربنديءَ هيٺ آهيو. تنهنڪري گهڻي چاهنا هوندي به توهان ڏي وري خط ڪونه لکيم. رڳي پڇڇ ته ضرور لکڻ گهرندي هئم هڪدم. آن به گهڻو آهيان، تنهن لاءِ ڪميا طلب آهيان.

هن سان گڏ هڪ خط موڪليانو ٿو، جو حڪيم گل محمد ڏي لکيو اٿم. ان ۾ لکيل احوال پلائي ڪري ڏيان سان پڙهي، خط ڪيس ڏيندا. حڪيم صاحب مٿان هن وقت مون ۾ نه هجي، تنهنڪري خط توهان ڏي ٿو موڪليان. ساڳيو مضمون توهان ڏي به لکيو هوم، تنهن ڪان حڪيم صاحب ڏانهن لکيل خط توهان ڏي ٿو موڪليان. پيو سڀ خير- توهان جي جواب جي انتظار ۾ رهندس.

قلم تازو: توهان جي ٢٥ ڪتابن مان جيڪي نئون ڇپيا آهن، سي مان پڙهندس. شري جيرامداس، منگهارام ٺهلراماڻي (منهنجو سوٽ) ۽ ٻيٺ چيئي سپاهيملاڻيءَ کان جيڪي ملي سگهيا، آنهن نون ڪتابن مان سي وٺي پڙهندس، ضرور.

پر انهن ۾ توهان جي جيون چرتر بابت ٻين مٿي ذڪر ڪيل ١٢ ڄڻن جي جيون چرتربابت احوال ڪونه هوندو- سو پلائي ڪري جلدي موڪليو.

بنده پرسرام ٺهلراماڻي.

(٤)

٣- ايشور پون، اي رود،
چرچ گيٽ، بمبئي-٢٠
٧- آڪٽوبر، ١٩٦٨ع

محترم دوست جي. ايم. سيد

آءٌ اميد ٿو ڪريان ته خدا جي مهربانيءَ سان اوهان خوش و خورم هوندا.

هن کان اڳ ۾ توهان کي سنڌ جي مکيه ماڻهن لاءِ

ڇا ڇا بابت؟ انهن جا نالا، ۽ ڪاپيون ملي سگهن ٿيون.

٨- زالن جي حالت ۽ دوجي سڌارڻ بابت ڪي خاص ويچار هئس ڇا؟ ان بابت ڪجهه مختصر بيان.

٩- مارچ ١٩٢٣ع ۾ آل انڊيا مسلم ليگ جي اجلاس جي صدر جي حيثيت ۾، جو خطبو پڙهيو هئائين، آن ۾ ڪنهن يا ڪن انتر راشٽري مسئلن بابت ڪجهه راءِ زني ڪئي اٿس؟ ان کان اڳي انهيءَ ڏس ۾ ڪجهه ڪم يا ڪو پروگرام رچيو ۽ عمل ۾ آندو هئائين ڇا؟

١٠- اسان جا هم وطني يعني هندستاني نسل جا، جي ڪيترا لک ماڻهو (Indians over seas) ڏکڻ آفريڪا ۽ ٻين ڪيترن ڌارين ديشن ۾ رهن ٿا، تن کي حقي واجبي سهوليتون ۽ بنيادي آزاديون حاصل ڪين، تنهن بابت پير بزرگ صاحب جا ڪي خاص ويچار هئا ڇا؟ ۽ ڪجهه ڪو سندس تحرڪ هو ڇا؟

مزدور طبقي جي حالت سڌارڻ بابت، سندن تعليم ۽ صحت جي بهتريءَ ۽ بچاءَ لاءِ سندس ڪهڙا خيال هئا؟

مهرباني ڪري منهنجي هن خط ۽ اڳين ٻن خطن جي جواب ڏيڻ جي تڪليف وٺندا - ٻيو سڀ خير.

بنده پرسرام ٺهلراماڻي.

(٣)

٣- ايشور ڀون- اي روڊ،
چرچ گيٽ- بمبئي.
٣- سپٽمبر، ١٩٦٨ع

محترم دوست سيد غلام مرتضيٰ شاهه

ڏٺي تعاليٰ جي فضل سان خوش خورم هوندا. گذريل جون ۾ توهان جو منهنجي خط جي جواب ۾، پهتو هوم. اهو توهان جو جواب ايترو دير سان آيو، سو توهان شايد

ڏي ڪيو آهي. مون هيستائين هيٺين بزرگن جي ڪوڄنا ڪئي آهي:
(١) جي. ايم. پرڳڙي، (٢) سيٺ هرچند راءِ وشنداس، (٣) الهه بخش سومرو، ۽ (٤) مسٽر ايم. اي. کهڙو.

مون انهن چئني جي حياتيءَ جا بيان لکي ”انسٽيٽيوٽ آف هسٽاريڪل اسٽڊيز ڪلڪتي“ کي موڪليا آهن. انهن چئني بابت مکيه مواد توهان جي ڪتاب ”جنب گذاريم جن سين“ مان حاصل ڪيو اٿم. پرڳڙي صاحب بابت وڌيڪ احوال بمبئي ليجسليٽو اسيمبليءَ جي ڪارگذارين مان ورتو اٿم، جيڪي هتي ”سينٽرل لئبرري، ايشياٽڪ سوسائٽي، بمبئي“ ۾ موجود آهن.

مهرباني ڪري، مون جيڪو سوالنامو موڪليو آهي، سو جلد ۾ جلد پري، مون ڏانهن ڏياري موڪلجو.

آءٌ توهان جي خط جي انتظار ۾ هوندس.

– پرسرام ٺهلراماڻي.

[انگريزي] (٥)

٣- ايشور پون- اي روڊ،
چرچ گيٽ، بمبئي.
٧- نومبر، ١٩٦٨ع

محترم دوست جي. ايم. سيد –

مون کي نهايت خوشي ٿي، جو توهان جي سوانح‌عمريءَ بابت ڪتاب، گذريل هفتي، حڪيم گل محمد طرفان وجسٽر ٿي مليو. آءٌ توهان ۽ حڪيم صاحب جو شڪرگذار آهيان. آءٌ بروقت رسيد موڪليان ها، پر مون کي ان ڪري دير ٿي ويئي، جو مون خودنوشت کي پڙهي ڏسڻ ٿي گهريو ته آيا ان ۾ اهو سڀ مواد موجود آهي يا نه، جيڪو ”ريسرچ مٽيريل ڪليڪشن بمبئي“ کي گهربل آهي! آءٌ سمجهان ٿو ته اهو لکيل ڪتاب ڪافي ٿيندو. تنهنڪري آءٌ توهان جي سوانح عمري لکڻ شروع

لکيو اٿم، جن جي زندگيءَ جو احوال مون کي گهربل آهي. توهان مهرباني فرمائي، آنهن مان وڏيس پرگڙيءَ بابت احوال ڏنو آهي. اچ وري توهان کي توهان بابت لکان ٿو. توهان سنڌ جي پندرهن ليڊرن مان هڪ آهيو، جنهن جي مختصر سوانحعمري مون کي لکڻي آهي. مون کي ڏاڍي خوشي ٿي آهي، جو توهان جا ٻه جلد ”جنب گذاريم جن سين“ شري جيرامداس دولترام کان ٻه ٽي مهينا اڳ مليا آهن.

آءٌ، رواجي طرح توهان کي هن بهترين ڪتاب لکڻ تي مبارڪ ڏيڻ کان رهي نٿو سگهان، ۽ خاص طور تي ان ڪتاب ۾ جا صافگوئي بيان ڪئي ويئي آهي، تنهن مون کي گهڻو متاثر ڪيو آهي. جنهن ڪتاب ۾ ١٧٧ مکيه ماڻهن جو ذڪر ڪيو ويو آهي- توهان آن ڪتاب لکڻ ۾ تمام گهڻي ايمانداريءَ ۽ صافگوئيءَ سان ڪم ورتو آهي. هن ڪتاب ۾ توهان وڏيءَ همت کان ڪم ورتي، پنهنجي ١٩٣٦ کان وٺي ١٩٥٠ع جي دور تائين ڪيل سمورين غلطين جو اعتراف ڪيو آهي. ان ڪري آءٌ ضروري ٿو سمجهان ته توهان جي دوستن يا عزيزن کان اوهان جي حياتيءَ بابت احوال پڇڻ کان بهتر آهي ته سڌو سنئون توهان کي عرض ڪريان. هن خط سان گڏ هيءَ سوالنامو موڪليان ٿو، جو ”انسٽيٽيوٽ آف هسٽاريڪل اسٽڊيز“ کوجنا جو مواد ڪٺي ڪرڻ لاءِ اشو ڪيو آهي.

پنهنجي سوانح عمري لکڻ، يا پنهنجي حياتيءَ جو بيان ڪرڻ، توهان لاءِ اهڙي ڳالهه نه آهي، جنهن کان هٻڪو- تنهنڪري آءٌ توهان کي عرض ڪندس ته مٿين پنجاه سوالن جا جواب مون کي لکي موڪليو. ائين ڪرڻ سان توهان مون کي وڌيڪ کوجنا ڪرڻ جي تڪليف کان بچائي وٺندا.

آءٌ، توهان بنسبت ١٩٥٦ع تائين سنڌ اسيمبليءَ جون ڪارروايون تنهن‌هيءَ سان پڙهندس. ڪهڙي بابت به مون ائين

پير حسام الدين شاهه راشدي

هيءَ صاحب راشدي خاندان مان ميان پير شاهه جو پوٽو آهي. سندس مفصل احوال "جنب گذاريم جن سين" ۾ ڏيئي چڪو آهيان. هيءَ وڏو اديب، اهل دل، سچو دوست، وڏو عالم، تاريخ نويس ۽ محب وطن بزرگ آهي ۽ سنهنجو دوست آهي.

سندس ڪيترن ئي خطن مان هي چند تحفه درويش طور هن ڪتاب ۾ پيش ڪريان ٿو. مون کي اميد آهي ته سندس ڀاءُ علي محمد شاهه راشديءَ جي جملي خطن جو جيڪو جدا ڪتاب ڇپايو اٿم، تن کان وڌيڪ هي ٨ خط دلچسپيءَ جو باعث بنبا.

(١)

نصرت
٢٩- سپٽمبر، ١٩٣٨ع

برادرم محترم! السلام عليڪم! محبت نامي جو شڪريو.

اوهان کي ته فقط مصرعي ايتري قدر پريشان ۽ وارفته بڻائي ڇڏيو آهي، مگر انهي ماٺهوءَ جي ڪيفيات جو ته اندازو ڪيو، جنهن کي پورن ٧-٨ ڏينهن کان هيٺيون پورو شعر ورد زبان آهي-

بدناميءِ حيات دو روزي نه بود بيش،
آن هم کليم با تو بگويم چسان گذشت؛
يڪ روز، صرف بستن دل به اين او آن،
روز دگر بڪندن دل زين و آن گذشت.

ٿو ڪريان، ۽ لکندي وقت جيڪڏهن ڪي نقطا تشريح طلب هوندا يا وضاحت جي ضرورت محسوس ٿي، ته ان جي لسٽ تيار ڪري اوهان کي موڪليندس. چاڪاڻ ته هرهڪ نقطي لاءِ وقت به وقت لکڻ ٺيڪ نه ٿيندو.

آءٌ اوهان کي مبارڪ ٿو ڏيان، جو اوهان "جنب گذاريم جن سين" ڪتاب لکي، ملڪ جي وڏي خدمت ڪئي آهي.

وري به اوهان جو شڪريو ادا ٿو ڪريان.

اوهان جو وفادار،

پرسرام ٿهلراماڻي.

بطور خاتمهٔ ڪلام ٻه شعر ٻُڌي ڇڏيو:

(۱) تا ڪي ملامتِ مژگانِ اشڪبار من،
يک بار هم نصيحت چشم سياه خويش

(۲) سرشڪِ گرم کي حدت کو پوچهو،
ميري دامن سي، اپني آستين سي ۔

و السلام،

نياز آگين،

سيد حسام الدين ۔

(۲) [ڪارڊ]

عزيز محترم -

السلام عليڪم:

اخبار خدمت ۾ هڪ سال جي چندي ۾ وي۔ پي۔ ڪري موڪلجي ٿي. براه ڪرم عنايت وصول فرمائيندا ته ممنون رهندس ۔

و السلام.

خير انديش،

سيد حسام الدين،

"ستاره سنڌ" اخبار،

(۳)

بهمن،

۸- نومبر، ۱۹۴۰ع

برادرم محترم!

السلام عليڪم:

سطح بين انسانن، جن ۾ ڪجهه وزير ۽ ڪجهه امير هوندا، اوهان ڏي عيد جون مبارڪون موڪليون هونديون، ليڪن نيازمند طرفان مبارڪ جي بجاءِ فقط آنهن حسرت نصيب،

اندازو ڪيو، انساني زندگيءَ جو مڪمل فوٽو آهي.

جنهن وقت اوهان جو خط پهتو، آن وقت "ڊيلي گزيٽ" ٢٨ جو پرچو به مليو. هڪ ۾ دل جي خلوت وارا راز هئا، ٻيو زبان جي جلوئي تصنعات جو آئينه دار هو. هڪ انسان زماني جي مڪروهات ۾ ڦاسي، پنهنجي منزل ۽ پنهنجي اصل ڪمان ڪيترو نه دور ٿي وڃي ٿو. مان حيران آهيان ته آخر هڪ 'انسان' سياسي 'حيوانن ۾' ڪيئن وهي سگهي ٿو. مون کي يقين آهي ته ضرور هڪ ڏينهن اوهان جي دماغ تي دل جو مڪمل قبضو ٿيندو. آهي ڏينهن پري ڪونه آهن. اوهان کي ياد رکڻ گهرجي ته

اوقاف همان بود که با يار بسر رفت،
باقي همه بي حاصل و بي خردي بود.

پير صاحب ڏي هڪ مصرعو لکيو اٿم، شايد پسند اچي:

هم بڑي چيز سمجهتے تهے يه ميخانه مين،
نکلا ايک جام کي قيمت بهي نه ايمان اپنا.

پير صاحب جي اجوکي حالت جو عڪس مون کي انهيءَ مصرعي ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. مجيب جو به هڪ دلدوز خط پهتو آهي. ارمان اٿم جڏهن ڏسان ٿو ته هڪ اهل دل هڪ ماڻهوءَ جي خوفناڪ ڏاڙهيءَ جي سياهه وارن ۾ جڪڙيو پيو آهي ۽ سڀ انسان سياسي جهميلن لاءِ ته وقت بچائي سگهن ٿا، مگر هن غريب کي انهيءَ ڪمند مان ڪڍڻ لاءِ ڪنهن کي به وقت ڪونه ٿو ملي. افسوس!

به جهانِ درد مندان تو بگو چه کار داري؟
تب و تاب ما شناسي؟ دلِ بي قرار داري؟

مان ٥ تاريخ صبح جو ڪراچيءَ پهچندس. اميد آهي ته ڪانفرنس جو هنگامو اسان جي خلوتن تي اثرانداز نه ٿيندو.

(٥)

حامد منزل، بهمن،
نصرت.

نحمده'،

سيدي! تعظيم و تکريم،

ناچيز لاءِ پڇيو اٿوَ ته ڪٿي آهي؟

خوشا وه درد محبت، زهے وه دل که جسے
ذرا سڪون هوا تو گدگدا ديا تـو نے!

ديهات ۾ رهي ٿو، شهر جي گناهه آلود زندگيءَ کان دور.... بلڪل دور.... اطمينان سان، تنهائيءَ ۾.... ڪتاب هٿ ۾ رهيس ٿو ؛ باغ جو هڪ ڪنڌائتو گوشو سندس سڪونت آهي. يعني:

فراغتي و ڪتابي و گوشهٔ چمني!

ظاهري زندگيءَ جو مٿيون منظر آهي، باقي ”دل“ آه! ”دل“ جي دنيا جو احوال! آن جو قصو مون کان نه پڇو، خدا ٿو ڄاڻي ته مون کي به سڌ نه آهي.

هم وهان هين جهان سے همکو بهي،
خـود هماري خبر نهين آتي ـ

البته اها خبر اٿم ته

جب سے دلِ زنده تم نے هم کو چهوڙا،
هم نے بهي تيريِ راه کهاني چهوڙي ـ

اجا به پڇندؤ ته ”حسام الدين ڪٿي آهي؟“ سان نٿو ڀانيان! سيد! اوهان جي ڏاڍي سِڪ لڳي آهي. ڇا سَنَ' جي سُنسان ويراني کي ڏينهن اڌ لاءِ ڪونه ڇڏي سگهندؤ؟

هان اس طرف بهي اک نگـه نيشتر نوازا
ڪب سے تڙپ رهي هے رگـِ جانِ آرزو ـ

ڳوڙهن جي ياد ڏهاني قبول فرمائيندا، جن ۾ اوهان جي حقيقي زندگيءَ جو رومان چمڪي رهيو آهي - آهو رومان، جيڪو سرتاپا ڏريجڏي آهي.

اڄ ٿي ڪنهن جي ياد ڪرڻ جو بهترين موقعو آهي. يا الله - بندگي - نعوذ بالله - انسان غريب ڪيڏو نه لاچار ۽ بي وس آهي.

والسلام -

نياز مند،

حسام الدين واشدي.

(٤)

پوسٽ آفيس، نئون ديرو،

١٢ - فيبروري،

السلام عليڪم: مولانا مهر جا روز خط اچن ٿا. هاڻي ته مان به تنگ اچي ويو آهيان. منهنجو ارادو آهي ته ٢٠ - تاريخ کان پوءِ مان ڪيس هتي گهرايان. اوڙ، روهڙي، سکر، خدا آباد، سيوهڻ ۽ سن مان ڪيس ڏيکاريان. بشرطيڪ اوهان فيبروريءَ جا آخري ڏينهن ڳوٺ هجو ۽ اسين جڏهن سن پهچون ته اوهان ڪي ملي سگهون.

باقي پريون پاسو هن ڪي اوهان ڏيکاريو، يا مسٽر محمد ابراهيم ڪيس گڏي ڏيو، جو وچي سانس گڏ سفر ڪري.

اوهان پنهنجو پروگرام لکي موڪليو ته پوءِ مان ڪيس خط لکان -

خط جو جواب جلد اچڻ گهرجي.

والسلام،

حسام الدين واشدي.

نوان ڪتاب خريد ڪيا آهن، ۽ اسان اڃا ميان حسين علي شاه جي چند جلدن ۾ ڦاٿا پيا آهيون.

ڪلهوڙن جي تاريخ جا ۾ جلد مڪمل ٿي ويا. خدا گهريو ته پڙهڻ سان دل کي خوشي ٿيندو ۽ اوهان کي اطمينان ٿيندو ته اوهان جيڪي مون تي اعتماد رکي ڪم رکيو هو، سو مان ۽ مولانا ايمانداريءَ سان پورو ڪيو آهي. مهرباني ڪري هئي جلد جي محنت ۽ مزوري بورڊ کان منظور ڪرائيندا. اسان محنت ڪش آهيون. پنهنجو روح، اکيون ۽ وت لکندي ڏنو اٿئون. ائين نه ٿئي، جو شڪسته خاطر ٿي پئون.

موٽر ۽ فوٽوگرافر جو بندوبست ضرور ٿئي، جو عمارتون ۽ آثار ڏسون ۽ فوٽا ڪڍون.

لائبررين جي اخراج تي زور ڏيندا. هاڻي سراسر بي حيائي آهي، جيڪڏهن هو نٿو نڪري. چاڪاڻ ته هنن کي معلوم ٿي ويو آهي ۽ هن جا دوست .... ڪوشان آهن.

و السلام،

حسام الدين.

(۷)

۱۵- جولاءِ-

برادرم مڪرم- السلام عليڪم!

اوهان خيريت سان پهتا هوندا. مولانا "مهر" جو ڪالهه خط آيو آهي. هيٺيون فقرو اوهان جي مطالعي لاءِ نقل ڪريان ٿو:

"شيخ صاحب آئے تهے- دو گهنٹے مجهه سے بهي باتين هوئين- ان سے کهے کہ مين نے جو کچهه کہا تها، اسکے لئے کم و بيش ايک مهينہ کی مهلت مل گئی- اس کام کے لئے حالات ميرے نزديک سازگار نهين-

مطلب محض هي آهي ته پاڻ ۾ ويهي دردن جا داستان اوريون. ماڻ اوهان کي سڻايان، اوهين مون کي ٻڌايو. باقي اها زندگي، جيڪا هاڻي گذري ٿي - توبه! معاذ الله!! ڪجهه نه پڇو!!!

هم نے ديکھے هين ”جگر“ نسخهٔ هستي کے ورق
اک بے ربط عبارت هے يه ڪُل افسانون کي -

ٻڌو! ڪڏهن اچو ٿا؟

والسلام -
نياز آگين،
سيد حسام الدين.

(٦)

نئون ديرو،
١٠- فيبروري، ١٩٥٣

برادرم محترم!

السلام عليڪم: ڏني ڏينهن ٿي ويا. دل گهڻو پئي گهري، ليڪن روزگار جي ڳانڪهه هتي اٽڪايو پئي آهي. خدا گهريو ته ٢٠ تاريخ اچي حاضر ٿيندس.

جيڪا ميٽنگ قومي ڪتبخاني جي ٿي هئي، نه اڄ تائين اُن جي ڪاروائي ميمبرن ۾ تقسيم ٿي، نه ڪم پڌري آيو ۽ نه لائبررين پهتو. سيد حسين علي شاهه صاحب جا پيسا اڃا اٽڪيا پيا آهن. ڪيترا ڪتاب ڏني ۾ جويو صاحب ڏسي آيو آهي، آهي خريد ٿي ڪونه سگهيا آهن - ڪم سمورو رنڊيو پيو آهي. اهڙو حال رهيو ته پوءِ نه ڪتاب ماڻهو ڏيندا نه ڪتبخانو جمع ٿيندو ۽ نه اسان ڪجهه ڪم ڪري سگهنداسين. مهيني ڏيڍ اندر پاڪستان جي قومي ڪتبخاني تقريباً ١٠ هزار

وڏي تعليم يافته ۽ متمدن خاتون آهي. اصل ۾ هتان جي خوجي آهي، پر شادي هڪ بوهيءَ واري سان ڪئي اٿائين، جيڪو پڻ شريف ۽ وضيع آهي. مائيءَ کي آرٽ ۽ فنون لطيفه سان دلچسپي آهي، خاص طرح سنڌي آرٽ سان - انهيءَ موضوع تي هن ڪتاب به لکيو آهي.

لاهور ۾ مارچ ۾ هڪ وڏي نمائش ٿئي ٿي، جتي سنڌ کي گهڻي جاءِ ڏني ويئي آهي. مائيءَ کي آن جو انچاوج ڪيو اٿائون. هن وقت هوءَ سنڌ جو دورو ڪري رهي آهي. اڄ حيدرآباد ۽ ميرپورخاص ويئي آهي. آچر شام جو واپس ايندي.

مان کيس صلاح ڏني آهي ته سن ۽ سيوهڻ ۾ به وڃي، ۽ سن ۾ اوهان وٽ لهي ۽ رهي. اتان سيوهڻ وغيره ڏسي، سنڌ جا پراڻا هنر گڏ ڪندي، ۽ هنرمندن کي به گڏ ڪرڻ گهري ٿي. انهيءَ سلسلي ۾ اوهان سندس ڪافي خدمت ڪري سگهو ٿا، اوهان ساڻس گڏبا ته اميد اٿم ته تمام گهڻو خوش ٿيندا.

مان گهران ٿو ته سنڌ جي هنرن تي مصور ڪتاب، بوود مائيءَ کان لکرائي، ڇپائي. آن لاءِ به اوهان پروگرام ساڻس طيءِ ڪندا.

هيءُ خط اطلاع لاءِ لکان ٿو. اگاري اربعا ڏاري اوهان وٽ شايد اچي، آن جو اطلاع مان تار رستي اوهان کي ڏيندس. جيپ ۽ هڪ فرزند ساڻس گڏي ڇڏيندس. جي امان خوش هوندي، ته مان به ايندس.

و السلام -

حسام الدين راشدي.

وه خدا کرے کہ مولانا بھاشانی سے تعلق پیدا کرین،
اصلاح کي بھي ایک صورت باقي ھے- مین ایک دن
کیلئے مري گیا تھا، وھان جو کچھہ معلوم ھوا، لکھہ
نہین سکتا- اتنا یقین ھے کہ متحده محاذ اور عوامي
لیگ مل جائین تو حالات کے روبراه ھونے کا قدوے
امکان ھے- یہ کوشش صرف شیخ صاحب کرسکتے ھین
یا سید صاحب- کاش ھم آپ ایک جا ھوتے اور مین
تفصیلات آپ کو سنا سکتا-"

اوهان اشارا امید تہ سمجھي ویندا. منھنجو خیال آهي تہ ٨- آگسٽ جو اسیمبلي ٿئي، ان کان چند ڏینھن اڳ بادشاھہ خان ۽ مولانا کي ھتي گھرائجي، ۽ معاملات جي اصلاح جي ڪوشش ڪجي- سيٺي ھتي ھوندا. خُدا ڪندو تہ ڪجھہ نہ ڪجھہ ٿي پوندو.

والسلام،

حسام الدین.


(٨)

١٥- جنوري، ١٩٦٥ع

برادرم محترم!

خُدا ۾ امید اٿم تہ اوهان خوش ھوندا. دیدار کان مھینا ٿیا، جو محروم آھیون. الائي ڪڏھن ایندا؟ ھتي ھڪ ٻہ ڊاڪٽر تمام چڱو آهي، جي اچي آن کي ڏيکاريو تہ بھتر ٿيندو.

منھنجي والده سخت بیمار آهي. دُعا ڪيو، سندس سايو اسان جي سر تي قائم رھي. ادا علي محمد شاھہ بہ ھتي انھيءَ ڪري آیو آهي، ترسیو پیو آهي- جیسین خدا ڪیس چاڪ ڪري. اوهان "ڊان" ۾ انیس مرزا جا مضمون پڙھندا ھوندا. تمام




غلام مصطفي شاه



محمد ابراهيم جويو



عبدالڪريم گدائي



سوڀو گيانچنداڻي



محمد عثمان ڏيپلائي

سيد غلام مصطفي شاهه، سابق وائيس چانسلر، سنڌ يونيورسٽي

سيد غلام مصطفي شاهه ڪراچي ضلعي [جو پوءِ ٺٽو ضلعو ٿيو] جو وينل آهي. سنڌ جي سڪيه سخير سيد عبدالرحيم شاهه سجاول واري جي پيڙهه جي اولاد سان آهي. تعليمي ساهر آهي. سنڌ مدرسي ڪراچيءَ جو شاگرد، سنڌ مسلم ڪاليج جو پرنسپال، ڊئريڪٽر پبلڪ انسٽرڪشن سنڌ ۽ وائيس چانسلر سنڌ يونيورسٽي ٿي رهيو آهي. قومي خيالن رکڻ ڪري هن گهڻو ئي سٺو آهي. سندس مون سان شاهه صاحب جي ڪري گهاٽا تعلقات رهيا. تنهنڪري مون وٽ سندس ڪيترا ئي خط آهن، جن سان چند هيٺ ڏيان ٿو.

منهنجي سنگت جي ڪري، اڳ ۾ سرڪار مٿس ڪاوڙيل هئي. انهن ڪي وڏيڪ ڪاوڙجڻ جي موقعي نه ڏيڻ جي خيال کان مون سندس احوال "جذب گذاريم جن سين" ۾ ڪونه ڏنو. پر پاڪستان جي سرڪارن ڪي مون سان ازلي وير هو، ان ڪري پوءِ به هن تي 'نوازشون' ڪندا رهيا ۽ آخر ڪيس مجبور ڪري ڪيڏي ڇڏيائون - جيتوڻيڪ هن سندن راضي ڪرڻ لاءِ ڪين گهٽايو. پر

ولن الترضي عندڪ اليهود و النصاري حتي تتبع ملتهم -

معني: اي پيغمبر، يهودي ۽ نصارا تو سان ان وقت تائين راضي نه ٿيندا، جيسين تائين تون انهن جو دين نه قبوليندين -

وارو حال ٿيو.

(١) [انگريزي]

سپرنٽينڊنٽ، ايل. ڊبليو. مسلم هاسٽل

روپ ولاس، ميڪلوڊ روڊ،
ڪراچي.
٤- ڊسمبر، ١٩٤٥ع

منهنجا پيارا ڀاءُ!

اوهان ۽ علي محمد شاهه جي موڪليل تار موجب، آءٌ ٢٨- نومبر تي حيدرآباد آيس. پر بدقسمتيءَ سان آن تاريخ تي منهنجي پهچڻ کان اڳ اوهان هليا ويا. آءٌ سجاول هليو ويس ۽ ٿورو گهڻو ڪم ڪيم. توهان کي آنهن ڏکين حالتن جي خبر آهي، جن تحت آءٌ آئي واشديءَ لاءِ ڪم ڪريان ٿو؛ آن متعلق وڌيڪ احوال توهان سان ملڻ بعد ڏيندس.

آءٌ سجاول کان ٢- ڊسمبر تي حيدرآباد آيس، پر وري به منهنجي اچڻ کان اڳ اوهان هليا ويا. توهان کي ڪنهن هڪ جڳهه تي ڳولڻ ڏکيو ٿي پيو آهي. آءٌ هيءُ خط ان لاءِ لکي رهيو آهيان ته جيئن اوهان پنهنجي خبر ڏيو ته ڪراچيءَ ويجهڙ ۾ ڪڏهن ايندا.

مون کي اوهان سان ڪجهه ڳالهائڻو آهي.

توهان جو وفادار ڀاءُ،
سيد غلام مصطفيٰ شاهه.

(٢)

٦- مئي، ١٩٥٢ع

برادرم عزيز!

تسليم - عرض ته توهان جو ماسڪو کان لکيل خط مليو ۽ پيو خط هي پيرس کان، جنهن ۾ اوهان جي لنڊن جي ائڊريس آهي. ڏاڍو سٺو جو توهان يورپ جو مزي سان سير

غلام حيدر جي ته خبر نه آهي، الائي ڪهڙين مشغولين ۾ آهي. عطيه بيگم ڪي توهان جا سلام ڏنم. عجيب خطرناڪ عورت آهي، توهان جي مُريد آهي.

هتي جي حالت ساڳي، اها بيڊنگي چال- چوڌري خليق چڱي چار ڀڪيڙي آهي، راشدي همراهه اٿس- ڀيڙوئي پار. الطاف آتان ٿي آيو آهي، ته باهه جو ذڪرو بنجي آيو آهي. چوڌريءَ ۽ راشديءَ جي رفاقت تي ڪافي زور شور سان ٻوچاڙ شروع ڪري ڏني اٿائين. چڱو جوکهڻ ويا؛ هتي ڪا به اهڙي ڳالهه نه ٿي آهي، جنهن جي نه ڏسڻ سان توهان ڪي افسوس ٿئي.

آءٌ چند ڏينهن ٿيا ته حيدرآباد ويو هوس، قاضي صاحب ٻچي پيو. هت سڀ خير آهي. دعا ڪندا-

انا المخلص العزيز،

غلام مصطفيٰ.

(٤)

ڪراچي،

١٦- مئي ١٩٥٢ع

برادرم عزيزا

توهان جو پيو خط پهتو، مون توهان ڪي ڪالهه ٻه هڪ خط لکيو آهي، جنهن مان احوال معلوم ٿيو هوندو. توهان فقط اهو ڏسندا ته انهيءَ اسڪول ۾ عمر جو ڇا سوال آهي- آيا ١٩ سالن جي ڇوڪري ڪي ٻه داخل ڪندا ۽ هتان ڪهڙن سرٽيفڪيٽن وغيره جي ضرورت پوندي؛ جيڪي سرٽيفڪيٽ وغيره ڪپن، انهن جو ٻه لکندا؛ عمر جو وڏو سوال آهي. اگر ١٩ سالن جي ڇوڪري ڪي ٻه وٺن ٿا ته ڏاڍو سٺو. آءٌ امير جي تياريءَ جو بندوبست ڪريان ٿو. پاسپورٽ وغيره ڪيايان ٿو. توهان مهرباني ڪري داخلا جي شرائط ڪان واقف ٿيندا.

ڪري رهيا آهيو. مون کي يقين آهي تہ ڪافي دلچسپ حڪايتون گڏ ڪندا هوندؤ.

مون توهان جي لنڊن جي ائڊريس اڄ مس وحمان کي موڪلي آهي. پاڻ اڳينءَ ائڊريس تي نہ رهندي آهي. اميد تہ توهان سان ملندي. پرگڙي صاحب کي سلام چوندا. ممڪن آهي پير علي گوهر هن وقت جرمنيءَ مان ٿي لنڊن آيو هجي. مون چيوانمانس تہ توهان جي خبر پاڪستان هائوس مان وٺي. اميد تہ توهان هڪٻئي سان ملندا.

اسين سڀ خوش آهيون، امير ۽ امداد ملندا رهندا آهن. ڪالهہ امير مليو هو، توهان جا خط شيخ صاحب "الوحيد" جي نظر ڪندو رهندو آهي.

انا اخواڪ العزيز،

غلام مصطفيٰ

(٣)

ڪراچي،

١٣- مئي، ١٩٥٢ع

برادرم عزيز

توهان جي خط مان معلوم ٿيو تہ لنڊن ۾ توهان جي دلچسپين جو ڪافي سامان موجود آهي. انهيءَ ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي تہ اهڙيءَ حالت ۾ پئسن جو ڪمي معقول آهي.

ممڪن آهي هن وقت تائين علي گوهر بہ توهان کي مليو هجي- مون کيس اوهان جي هوٽل جي ائڊريس موڪلي هئي، مگر توهان جي ائڊريس مان آءٌ ڏسان ٿو تہ توهان خود انهيءَ جاءِ ۾ رهو ٿا، جنهن ۾ علي گوهر اچي وهٽو هو. اميد تہ توهان هڪٻئي سان مليا هوندا؛ علي گوهر بہ انهيءَ ١٥- ڊائس پليس ۾ رهندو.

هتي دنيا جي ساڳي بيڊنگي چال.

انا المخلص،

غلام مصطفيٰ.

(٦)

يونائيٽيڊ اسٽيٽس آف آمريڪا،

١٤- مارچ، ١٩٥٣ع

برادرم عزيز!

عرض ته توهان جي مشغولين جون خبرون پون ٿيون. لوڪلبورڊ جي اليڪشن ملتوي ٿيڻ جا مزا پڙهاسون. توهان پنهنجي سرگرمين جو احوال ڏيندا. مهرباني ڪري، هاڻي ڪراچيءَ کي ذرا ڇڏيندا. ڪراچيءَ جي سياست مان ۽ هڪ هنڌ ويهڻ مان ڪجهه نه ورندو. خير آئندو اهل، جا ڪوريءَ جي من ۾.

هتي اسان اڇي سياري مان مُنهن پريو آهي. ٢٥ تاريخ هن مهيني جي ڪئنادا وڃي رهيو آهيان، آتي سرديءَ جو مقابلو آهي. ڪئنادا جو پروگرام ڏاڍو سٺو آهي، احوال لکندس.

هتي ڪافي مصروفيت به آهي، مگر وقت ايترو بچي به ٿو، جو ٽنگ رهجيو وڃان. زياده ٻاهر وڃي نٿو سگهان، جو هتي مباحثن ۽ تقريرن جو وڏو پروگرام آهي. يونيورسٽيءَ جي حوالي ٢٠٥ مارچ کان ٣ مئي تائين گهمڻ نڪرندس. ڪجهه ڪانفرنسون واشنگٽن، نيويارڪ ۽ ليڪسنگٽن ۾ آهن، اتي ويندس.

هاڻي توهان پئسن وغيره جو خيال نه ڪندا. مون موٽر وٺڻ جي ٻچار ڇڏي. خدا جي فضل سان گهمڻ لاءِ پئسا ڪافي آهن. انگلنڊ به پئسن موڪلڻ جي ضرورت نه آهي. آءٌ انشاءالله سئيڊن ۽ فنلئنڊ به ويندس. اٽڪل هزار ڪن رپيا آتي خرچ ايندو.

برادرم ميران محمد شاهه کان ڪوبه جواب نه آيل آهي. ممڪن آهي، ونس مهمان ٿي وڃڻ پسند نه ڪري. امداد محمد شاهه

آءٌ توهان جي ان قسم جي خط جو انتظار ڪندس.

انا المخلص العزيز،

غلام مصطفي.

(٥)

سنڌ مسلم ڪاليج، ڪراچي،

٢٢- مئي، ١٩٥٢ع

برادرم عزيز!

عرض ته توهان جا خط سڀ مليا. مون توهان کي چار خط لکيا آهن، مگر انهن جي ملڻ جو توهان ڪنهن به پنهنجي خط ۾ ذڪر نه ڪيو آهي. خبر نه آهي مليا يا نه. ڪالهه ميان افتخارالدين سان ملڻ ٿيو. گفتگو ڪان پوءِ اسان هن فيصلي تي پهتاسون ته توهان هتي اچو، تنهن ڪان پوءِ امير جي موڪلڻ جو سوچينداسون. ميان صاحب تقريباً ١٢ جون تي لنڊن وڃڻ وارو آهي ۽ چوي ٿو ته ان حالت ۾ امير کي پاڻ سان وٺي ويندو.

توهان جي متواتر خطن جي ڪري، آءٌ پاڻ خيال ۾ رهيس ته آيا هن قسم جي ٽڪڙ ڪم ڏيندي. مون امير جي پاسپورٽ وغيره جو بندوبست ڪيو آهي، مگر چڱو آهي ته توهان اچو پوءِ خبر.

پروفيسر خسرو به شايد ولايت وڃڻ وارو آهي. آخر اهو خانگي اسڪول آهي، انتظام ڪڏهن به ٺي سگهندو. امير ڪجهه غيرذميدار حياتي بسر ڪري رهيو آهي، اهڙو ڇڙواڳ وهڻ سندس خراب آهي، هي جوانيءَ جا ڏينهن تمام نازڪ آهن.

آءٌ هيءُ خط ميان صاحب جي مشوري ڪان پوءِ لکان ٿو. توهان اطمينان سان پنهنجو دورو ختم ڪري ايندا ـ آءٌ امير کي نه موڪليندس، توهان جي اچڻ ڪان پوءِ فيصلو ڪنداسين.

۽ نياڻيون ڏاڏيءَ وٽ ڇڏي ۽ خانداني ماحول ۾ پلجن ۽ سکن. توهان انهن ڳالهين کي خوب سمجهو ٿا. هتي شاهه صاحب عبدالله، جو هڪ خليق ۽ شريف بزرگ آهي، انهيءَ جو به اهو خيال آهي. اگر توهان ڪجهه مشورو ٻڌاويءَ کي ڏيئي، همن کي هتان ڪيو ته ڏاڍو سٺو. هي فقط همدردانه خيال ڪان لکان ٿو، باقي والد جي مرضي آهي. هو اولاد جو مالڪ آهي.

آءٌ اڄ وڃان پيو ولايت، دعا ڪندا – خط اميد ته مسلسل لکندو رهندس.

سائين عبدالله شاهه جا نياز رسن.

انا المخلص،
غلام مصطفيٰ

(٨) [انگريزي]

سنڌ مسلم ڪاليج، سيد غلام مصطفيٰ شاه پرنسپال

آفيس، ڪراچي.
٢- جولاءِ، ١٩٥٦ع

پيارا ڀاءُ!

هن ڪان اڳ توهان ڏانهن خط موڪليو اٿم، جو اميد ته مليو هوندو.

آءٌ هيءُ خط مسٽر حسنعليءَ جي چوڻ تي لکي رهيو آهيان. هن سون کي ٻڌايو ته غالباً اوهان فيصلو ڪيو آهي ته بادشاه خان جي مقدمي جي پيروي ڪانٽس ڪرايو. مسٽر حسنعليءَ چيو ته هو ابتدائيءَ ڪاروائيءَ واسطي ڪجهه به پئسا وٺڻ جو خواهشمند نه آهي. هيءُ ان ڪم لاءِ تيار آهي، جيڪڏهن ڪيس صرف وڃڻ ۽ مقدمي هلائڻ واري هنڌ رهائش جو خرچ ڏنو وڃي. هيءُ چوي ٿو ته ڪيس ان معاملي ۾ هڪ حد تائين

کي منهنجا ياڪر پائيندا. سلام مولوي صاحب، حسام الدين ۽ پرڳڙي صاحب کي ڏيندا. توهان کان جواب اچڻ مشڪل آهي. دعا ڪندا.

اوهان جو مخلص،

غلام مصطفيٰ.

(٧)

بمبئي،

٧- آڪٽوبر،

اخي العزيز و المحترم و المڪرم!

بعد تسليم عرض ته

ادا سائين، مون توهان کي هڪ خط اڳي لکيو آهي، جو اميد ته مليو هوندو. چونڪ بخاري هتي نه هو ۽ مون ڪيس تار موڪلي هئي ۽ پاڻ ڪراچيءَ اوچتو هليو ويو. آءٌ پوءِ به سيد عبدالله صاحب جي مهربانيءَ سان سندس جاءِ تي رهيو هوس ۽ منهنجي ڪافي خاطر تواضع ڪئي وئي. بخاري ۽ شاهه صاحب سندس دوست جو شڪرگذار آهيان.

آءٌ اڄ بمبئيءَ کان وڃان پيو، مگر هڪ ڳالهه جيڪا مون کي همدردانه نقطي کان خيال ۾ آئي، اها هيءَ ته اگر توهان به انهيءَ ۾ دلچسپي رکو ته ڏاڍو سٺو.

بخاريءَ جون ٻه نياڻيون آهن. هو وڏنڊڙ آهن. هن وقت اهو بلڪل ضروري آهي ته هو خانداني ماحول ۾ تربيت وٺن ۽ نپجن. بمبئيءَ جي فضا هنن لاءِ مستقبل جي لحاظ کان سٺي نه ٿيندي. اگر ڏاڏيءَ وٽ موڪليون وڃن ته ڏاڍو سٺو. بخاريءَ کي به هاڻي دنيا ۾ ڪافي سبق مليو هوندو. هتي هي نياڻيون مردن جي ماحول ۾ ۽ بمبئيءَ جي فضا ۾ نه رهن ته ڇڱو. اگر توهان انهيءَ ۾ دلچسپي رکو ته ڪيس مشورو ڏيندا!

توهان کي خبر آهي ته آءٌ پنهنجي هن گشت جو احوال "نئين سنڌ" اخبار ۾ ڏيندو رهيو آهيان. هيستائين چار مضمون موڪلي چڪو آهيان. پيا به مضمون لنڊن ڇڏڻ کان اڳ موڪلي ڏيندوسانءِ.

منهنجا سلام شيخ صاحب، حسام الدين ۽ پرڳڙي صاحب کي رسن. پيار امداد ۽ امير کي ڏيندا.

— غلام مصطفيٰ

•

قلم تازو: جيڪڏهن توهان کي لنڊن ۾ اچڻ جو اتفاق ٿئي، ته پاڪستاني شاگردن کي ضرور خطاب ڪندا. هتي توهان جا ڪيترائي مداح آهن. آءٌ توهان کي فنلئنڊ مان وڌيڪ خط لکندس.

وطن دوستيءَ ڪري دلچسپي آهي. هن مون کي چيو ته آءٌ سندس تاثرات توهان تائين پهچايان، ۽ آءٌ هيءُ خط پڻ سندس خواهشن ۽ احساسن کي مد نظر وکي، لکي رهيو آهيان.

جيڪڏهن توهان ڪنهن وڪيل بابت غور ويچار ڪيو آهي، ته منهنجو خيال پڻ اهو آهي. حسنعلي ملڪ جو بهترين وڪيل آهي.

توهان ڪڏهن ٿا اچو؟ اسان توهان جي کوٽ محسوس ڪري رهيا آهيون.

قربن مان،
اوهان جو مخلص،
سيد غلام مصطفي شاه.

(٩) [انگريزي]

لنڊن،

١١- اپريل، ١٩٥٧ع

پيارا پاءُ–

آءٌ ڊگهي مسافريءَ بعد هت پهتو آهيان. اهو سفر ٽڪائينڊرٌ هوندي به نهايت عجيب هو– پهريائين آءٌ استنبول ويس، پوءِ ائينس، بلگريڊ، ويانا، زورچ، ۽ قريباً ٽي ٽي ڏينهن هر هنڌ وهيس؛ به چار ڪلاڪ تهران، انقره، اسڪوپلي، زيگراب وغيره تي گذاريم. اهو نهايت خوشنما تجربو هو، جو دل تي نهايت خوشيءَ جون يادگيريون ڇڏيندو.

آءٌ هتي هفتو کن رهندس، تنهن بعد ونڊل بي ويندس، جتي ١٠ مئي تائين رهندس، ۽ ان کان پوءِ فنلئنڊ ويندس. ڪجهه وقت روم ۾ وهڻ کان سواءِ ٻئي طرف وڃڻ جو ڪو به ارادو ڪونه اٿم.

آءٌ اميد ٿو ڪريان ته ١٥ جون تي موٽي ايندس.

ملندو ۽ وڌيڪ معلومات حاصل ڪبي.

هت يونيورسٽيءَ ۾ جيڪڏهن ڪي ضروري مشغوليون (ميٽنگون) نه هجن ها ته آءٌ ضرور اوهان جي آمد جي موقعي تي استقبال لاءِ حاضر ٿيان ها. بهرحال مون کي يقين آهي ته اوهان تڪلف ۽ 'تصنع' کان وڌيڪ اخلاص ۽ محبت کي پسند ڪندڙ آهيو، انهيءَ ڪري اميد ته هن اوڻائيءَ کي عفو جي نگاهه سان ڏسندا.

هن کان اڳ هڪ مبارڪباد جو خط ۽ آن سان گڏ ڪتاب موڪليو هوم، مگر جو صاحب اوهان وٽ اهو ڪتاب کڻي آيو، سو اوهان جي آرامي هئڻ سبب ملي نه سگهيو ۽ وري ڪتاب واپس کڻي آيو. اميد ته عنقريب وري موڪلي ڏيو.

مخلص، نبي بخش.

(٢)

سنڌ يونيورسٽي،
حيدرآباد.
٨- جولاءِ، ١٩٥٢ع

خوش آمديد!

مڪرم و محترم قبلا شاهه صاحب!

وعليڪم السلام بعد: واپس ورڻ تي مبارڪباد - اوهان جا تاثرات اوهان جي آمد کان اڳ قدري اوهان جي مضامين مان معلوم ٿي چڪا آهن. مگر تجربي جو دائرو وسيع آهي ۽ صرف قلم آن جي تلافي نٿو ڪري سگهي. مون کي يقين آهي ته اوهان علم، حڪمت ۽ عبرت جا ماما ن سان کڻي آيا هوندا. اميد ته عنقريب زيارت جو موقعو ملندو ۽ وڌيڪ احوال معلوم ڪري سگهبا.

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، وائيس چانسلر، سنڌ يونيورسٽي

هيءُ آمريڪا جو تعليم يافتو، ايڊيوڪيشن جو ڊاڪٽر، تعليم کاتي ۾ گهڻين جاين تي رهڻ بعد، هن وقت سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر آهي. سندس احوال ”جنب گذاريم جن سين“ ۾ ڏنل آهي. سندس مون سان گهڻي وقت کان تعلقات رهيا آهن.

سندس مون ڏانهن آيل خطن مان ڪجهه هيٺ پيش ڪريان ٿو.

(۱)

سنڌ يونيورسٽي،
حيدرآباد سنڌ.
۳- جولاءِ، ۱۹۵۲ع

ن. ب. بلوچ
ايم. اي. ايل ايل. بي (عليگ)
ايم. اي.، پي ايڇ. ڊي. (ڪولمبيا)
پروفيسر آف ايڊيوڪيشن.

خوش آمديد!

مڪرم و محترم قبلا شاهه صاحب!

السلام عليڪم و رحمة الله و برڪاته' و بعد- مبارڪباد، جو پنهنجو سفر خير سان ختم ڪري، حڪمت ۽ تدبر جا سامان ساڻ ڪٺي، خير سان وطن واپس آيا. اوهان جي ”الوحيد“ وارن مضمونن اڳواٽ ئي اوهان جي عالمانه نظرين جي خوشبوءِ سان سنڌ کي سُرهو ڪري ڇڏيو هو، ۽ اسان به ڪاهي آنهن مان واس ورتو. هاڻ اميد ته عنقريب ملاقات جو موقعو

ٿي قاضي صاحب جن ڏاڍا خوش ٿيا آهن.

مخلص نيازمند،

نبي بخش.

(٤)

سنڌ يونيورسٽي،
حيدرآباد سنڌ.
٨- اپريل، ١٩٥٣ع

محترم و مڪرم جناب قبلہ شاه صاحب!

السلام عليڪم و رحمة الله و برڪاته' و بعد:

اوهان جي ڪاميابيءَ تي اسان کي اڳيئي يقين هو. مقابلي جي نہ ڪنهن ۾ طاقت هئي، نہ جرائت. بهرحال اسان کي جا بي انتها خوشي ٿي آهي، سا لفظن ۾ ظاهر ڪري نہ ٿي سگهجي. اسان هن صوبي جي بهتريءَ ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ جي روشن مستقبل جا ڪيترا ڏسي وهيا آهيون. بندي طرفان دلي مبارڪباد!

ڏمرجي تہ ڏي، پرچي تہ پاتَ پري،
جُنگ جکري کي، هئي چگيون چيت ۾.

مخلص،

نبي بخش.

(٥)

ڊاڪٽر بلوچ

سنڌ يونيورسٽي، حيدرآباد سنڌ.

٥- جولاءِ، ١٩٥٤ع

قبلا مڪرم، شاه صاحب!

السلام عليڪم و رحمة الله و برڪاته' - گذريل بہ هفتا

اوهان جي ڪراچي اچڻ بعد، هڪ خط ۽ هي ڪتاب ڪراچيءَ موڪليو هوم. جو ماڻهو موڪليو ويو هو، سو سائين جن جي بنگلي تي پهتو ۽ سائين جن کي آرامي ڏسي، ڪلاڪ کن انتظار ڪري، ڪتاب واپس کڻي آيو.

قبله قاضي صاحب جن خوش آهن، اوهان جو ذڪر خير سان ڪندس.

زياده خير و السلام.

مخلص، نبي بخش.

(٣)

سنڌ يونيورسٽي حيدرآباد
٢٩- آگسٽ، ١٩٥٢ع

جناب قبلا شاهه صاحب!

بعد السلام عليڪم و شرف ملاقات جي عرض ته شاهه عبداللطيف عليه الرحمة جي گذريل سالگرهه جي موقعي تي اوهان "پيغام لطيف" مان هڪ باب مضمون طور پڙهيو هو. ڪرم فرمائي، آن جو نقل موڪليندا، جو اهي سڀ مضمون ڪتابي صورت ۾ ڇپجڻ وارا آهن.

١- اسان کي فقط اوهان جي مضمون جوڏي انتظار رهندو.

٢- ڪتاب "ينابيع الحياة الابدية" ڪنهن خاص ماڻهوءَ سان موڪليندا ته اسان يونيورسٽي لائبرري لاءِ آن جو نقل تيار ڪرايون. ڪاتب اسان کي پنهنجو آهي، جو لئبرريءَ جي اسٽاف جو هڪ ميمبر آهي.

اميد ته اوهين بخير و عافيت آهيو.

قبله قاضي صاحب جن چيو ته امير جو هڪ خط کين پهتو آهي. پڇيائون ته ننڍو صاحبزادو به ويندو چا؟ مون کين ٻڌايو ته اوهان جو اهو ئي ارادو آهي. امير جي انگلنڊ وڃڻ

ويل آهي، جنهن ڪي ڇپيو اٿم ته ”الوحيد“ جون ڪاپيون ڪٿي اچي. هن نئين مضمون جي سلسلي ۾ اڳين مضمونن مان ڳڻڻ لاءِ ضروري آهي ته اڳيان مضمون به نظر آڏو هجن.

هن مضمون جو تعلق سنڌي ٻوليءَ جي قدامت، ارتقا ۽ تاريخي فوقيت سان آهي. انهيءَ ڪري ضروري آهي ته پختا نظريا پيش ڪيا وڃن. انهيءَ ڪري پوري تحقيق لاءِ جيڪڏهن ٻن هفتن کن جي دير ٿئي ته اجازت آهي، يا جيترو جلد ٿي سگهي ته مضمون موڪليو وڃي؟

قاضي احمد صاحب وڪيل کان معلوم ٿيو ته اوهان بخير و عافيت آهيو، اڄ مسٽر الهورايو به اوهان جو سنيهو کڻي آيو. ڪيس ڪم لاءِ خاطري ڏني ويئي.

زياده خير و السلام،

مخلص، نبي بخش.

(٧)

سنڌ يونيورسٽي حيدرآباد،

جناب قبلا شاهه صاحب!

السلام عليڪم و بعد: پيرزادو صاحب هتي آيو هو، ۽ پٽ جي پروگرام بابت چيائين ته پير مون سان ووبرو فيصلو ڪري ويا آهن ته ميلي جو پهريون ڏينهن انگريزي ١٣- تاريخ شام جو ٿيندو.

اوهان ادبي ڪانفرنس جا چيئرمن آهيو ۽ آءٌ سيڪريٽري. مقالن ۽ راڳ وغيره جو پروگرام اسان کي مرتب ڪرڻو آهي. آءٌ آغا تاج محمد کان مقالا وٺي رکندس. اوهان جيڪڏهن ١٢- آڪٽوبر شام جو هت حيدرآباد پهچو ته بهتر جيئن اسان ١٣- تاريخ ١٢ بجي ڏاري ضرور پٽ شاهه پهچون ۽ ڪانفرنس پنڊال کي نظر مان ڪڍون ۽ پروگرام مرتب ڪريون.

مون دادو ضلعي جي ڪاچي واري ڀاڱي جو سفر اختيار ڪيو، چاڪاڻ تہ اهو ملڪ ڏٺل ڪونہ هو ۽ ڊڪشنريءَ واسطي انهيءَ تَرَ جي لفظن ۽ اصطلاحن کي گڏ ڪرڻو هو. ڊڪشنريءَ جو ڪم تيزيءَ سان پورو ٿي رهيو هو، انهيءَ ڪري گرميءَ ۾ بہ اهو ڪم ڪرڻو پيو.

پريان مونندي، سَنَ تي لٿس، انهيءَ لاءِ تہ اوهان سان ملاقات ڪجي. جو ڪافي ڏينهن گذري ويا هئا. مگر اسٽيشن تي معلوم ٿيو تہ اوهان خير جا ڪراچيءَ آهيو. اميد تہ اوهان جي طبيعت بخير آهي. آڳاٿو ناسازيءَ جي خبر آيل هئي.

آءٌ ٦- صبح جو انهيءَ ڪاڇي جي سفر تان موٽيس. پويان سنڌي ادبي بورڊ جي ميٽنگ جو اطلاع آيل هو، مگر انهيءَ ڏينهن ڪراچيءَ پهچڻ مشڪل هو.

اميد تہ غلام حيدر شاهہ جي ڏينهن ۾ بورڊ، لئبرريءَ ۽ ميوزم جو ڪم پايہ تڪميل ٿي پهچندو.

مخلص نياز مند،

نبي بخش.

(٦)

سنڌ يونيورسٽي، حيدرآباد سنڌ.

١٩- آگسٽ، ١٩٥٤ع

پيارا سائين!

السلام عليڪم و عيد مبارڪ.

اوهان جو خط ۽ مضمون جو خاڪو منهنجي غير حاضريءَ ۾ پهتو. آءٌ ڪراچيءَ ويل هوس ۽ آتان وري ڳوٺ وڃڻو پيو. اوهان پنهنجن ڀن اڳين مضمونن ڏانهن اشارو ڪيو آهي. هڪ تہ مون بہ پڙهيو آهي ۽ اها اخبار سنڀالي رکي اٿم. البتہ ٻيو منهنجي نظر مان ڪونہ گذريو آهي. سردار علي شاهہ ڪراچيءَ

(١١)

سن،
١٤- جنوري، ١٩٦٦ع

پيارا سائين!

راتوڪي وهاڻ ياد رهندي. خط، ڪاغذات وغيره رڪارڊ سنڀالي رکڻ جو سلسلو مغرب جي سربرآورده فردن وٽ عام آهي. البت مشرق ۾ خصوصاً موجوده دور ۾ ناپيد آهي. راتوڪي شاهديءَ مان معلوم ٿيو ته ڪم از ڪم هن خطي مان اوهان اڪيلا دورانديش صاحب آهيو، جنهن پنهنجي زندگيءَ جي ڪاغذات کي پوريءَ طرح سهيڙيو ۽ سنڀاليو آهي. اوهان گذريل سالن جي حدبندي ۽ زبان بنديءَ واري دور کي بهترين نموني ۾ استعمال ڪيو، جو پنهنجا جملي ڪاغذات ۽ ڪتاب مرتب ڪري، هڪ بهترين ڪتبخاني جي صورت ۾ محفوظ ڪيا اٿوَ. اها محنت قابل تعريف ۽ تقليد آهي. ڏٺي ڪري ته هڪ قومي سرمائي طور اهو رڪارڊ محفوظ رهي، ڇاڪاڻ ته آئيندي جي محققن ۽ مؤرخن لاءِ اهو سرمايو نهايت قيمتي آهي.

I can very well realise that at some future date "G. M. Sayyid's papers" will be a valuable source of information.

اوهان جون تصنيفون پنهنجي جاءِ تي بيحد قيمتي آهن. خصوصاً خود نوشته ضخيم سوانح حيات هڪ قيمتي رڪارڊ آهي.

ڏٺي تعالي اوهان کي صحت بخشي، جو اوهان جي قلم مان گهڻي مان گهڻو فائدو پهچي. هڪ قلمي ڪشالي ڪندڙ جي حيثيت ۾ آءٌ سمجهي سگهان ٿو ته اوهان ڪيتري نه وڏي محنت ڪئي آهي.

رهيو آهيان. انهيءَ ڪري ۲۷- تاريخ کان وٺي هڪ هفتي تائين ڊاڪا هوندس.

آءٌ پنهنجي فراغت جي موقعي کي غنيمت ڄاڻي، جيترو جلد ٿي سگهيو، اچي حاضري ڀريندس. اميد ته صحت بخير آهي.

مخلص، نيازمند،
نبي بخش.

(۱۰)

ڊپارٽمينٽ آف ايڊيوڪيشن،
يونيورسٽي آف سنڌ،
حيدرآباد سنڌ.

قبلا شاهه صاحب!

السلام عليڪم و رحمة الله و برڪاته' و بعد:

احوال عرض ته ڀٽائي صاحب جي سالگره بنسبت اسان جي ڪاميٽيءَ جي ڪيل فيصلن جي ڪاپي عرض رکجي ٿي. (c) 6 ۾ راڳيندڙن لاءِ اوهان تي بار وڪيل آهي. ازانسواءِ اوهان جي مدد کان سواءِ مون کي هن موقعي تي ڪاميابي ڪانه ٿي نظر اچي. انهيءَ ڪري احسان فرمائي ۲- تاريخ شام جو ڀٽائي صاحب تي پهچي وينداته انتظام پوري ڪرڻ ۾ اوهان جي مدد شامل حال ٿي سگهي. هن پهه سو ساله ورسيءَ کي ڪامياب بڻائڻ ضروري آهي.

مخلص،
نيازمند، نبي بخش.

محمد ابراهيم جويو

هيءُ صاحب ڪوٽڙي تعلقي جي آباد ڳوٺ جو رهاڪو آهي. ابتدائي تعليم ڪجهه سَن ۾ ورتي، پوءِ سنڌ مدرسي ۽ ڊي. جي. سنڌ ڪاليج مان امتحان پاس ڪري، تعليم کاتي ۾ نوڪريءَ ۾ داخل ٿيو. هيءُ ترقي پسند خيالن رکڻ ڪري، مخالفت جو شڪار پئي ٿيو آهي. گهڻو وقت سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري ٿي رهيو ۽ پوءِ تعليم کاتي ۾ ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر ٿي رهيو. سندس زندگيءَ جو احوال ”جنب گذاريم جن سين“ ۾ ڏنل آهي. هن وقت سنڌ ٽيڪسٽ بورڊ جي نوڪريءَ ۾ آهي. سندن گهڻن ئي خطن مان ڪجهه هيٺ پيش ڪريان ٿو.

(١)

٨- حاجي چانڊيو بلڊنگ،
برنيس اسٽريٽ، ڪراچي-٣
١٤- مئي، ١٩٤٧ع

عزيز و محترم شاهه صاحب!

السلام عليڪم: قريب قريب ١٦ مهينن جي مدت گذري چڪي آهي ته اوهان جي ملاقات جو شرف حاصل نه ڪري سگهيو آهيان.

انهيءَ مدت ۾ اسان جي ديس ۾ ڇا ڇا ٿي ۽ ڇا نه ٿي گذريو آهي، تنهن جي ڄاڻ ۽ تنهن جو احساس اوهان لاءِ وڌيڪ هئي ڪنهن کي ٿيو هوندو؟

آءٌ في الحال اجازت وٺان ٿو. اوهان ڪراچيءَ مان ٿي اچو، ان بعد وري اچي وروٺهن ڪبي. مون کي قلمي ڪتابن جي ذخيري ڏسڻ جو اشتياق آهي، جو اميد ته ڪنهن وقت پورو ٿيندو. مخلص،

نبي بخش.

انهن سيني ڳالهين کي خيال ۾ رکي، آءٌ سمجهان ٿو ته هي نهايت ضروري آهي ته جڏهن آهو وقت اچي، تڏهن اهڙي تحريڪ ۽ اهڙي جماعت ضرور وجود ۾ هجي، جيڪا اسان جي ديس پاڻ کي صحيح صلاح ۽ سنڌن سچي رهنمائيءَ جا فرض سر انجام ڏيئي سگهي. تنهنڪري چوته ”سنڌ جي عوام جي پارٽي“ يا ”سنڌ سجاڳ جماعت“ جي نالي سان هڪ پارٽي قائم ڪجي، جنهن جي سامهون هڪ خاص انقلابي پروگرام پڻ هجي ۽ جا سنڌ جي آزاديءَ ۽ مطلق خود مختياريءَ جو نعرو بلند ڪري، اسان جي عوام کي پنهنجي طرف جذب ۽ ڪشش ڪندي رهي، تان ته موقعي اچڻ تي اسين پنهنجي ديس کي ايندڙ آفت کان بچائي سگهون.

آءٌ پنهنجي سر هاڻي بلڪل تيار آهيان. پين سيني ڪمن ڪارين کي ڦٽو ڪري، انهيءَ ڪم کي لڳي وڃڻ لاءِ. منهنجي راءِ هيءَ آهي ته جيڪڏهن ايندڙ مهينن جي ٿوريءَ مهلت ۾ اسان سنڌين ڪجهه نه ڪيو، ته پوءِ ممڪن آهي ته صدها سالن تائين، اسان جي گردنن ۾ غلاميءَ جو طوق جڙجي ۽ مڙهجي ويندو.

زياده خير و السلام —

اوهان جو خيرانديش،

محمد ابراهيم.

اوهان کي هيءَ ٻڌي خوشي ٿيندي ته

١— مون هڪ انگريزيءَ ۾ ڪتاب لکيو آهي، جنهن ۾ سنڌ جي مطلق آزاد ۽ خودمختيار درجي جي ماڻ لاءِ، پنهنجي سمجهه آهر، تبصرو درج ڪيو اٿم. هيءَ ڪتاب پريس ۾ ڇپجي رهيو آهي ۽ هن مهيني جي آخر تائين ظاهر ٿي ويندو.

۽ ٢— مون کي پٽ ڄائو آهي، جنهن جو نالو منو رکيو اٿم. الله جي فضل ۽ ڪرم سان هُو نهايت خوش چڱو

اڄ جيڪا وقت جي تقاضا آهي، سا، منهنجي ناچيز خيال ۾، هيءَ آهي ته اسين هيءَ گهُرَ ڪيون ته اسان کي ۽ اسان جي وطن کي هندستان يا پنجاب جي ماتحت سياسي ۽ اقتصادي غلاميءَ لاءِ مجبور ڪيو وڃي، تنهن کان اڳ اهو سوال اسان جي سڀني ماڻهن کان سوالنامي (Referendum) ذريعي فيصل ڪرايو وڃي. اهڙو سوالنامو سڀني بالغن، مردن توڙي عورتن، جي سامهون رکيو وڃي ته هُو پنهنجي راءِ کان دنيا کي واقف ڪن ته هُو (١) هندستان سان شامل ٿيڻ گهرن ٿا، (٢) پنجاب سان شامل ٿيڻ گهرن ٿا، يا (٣) آزاد ۽ خودمختيار رهڻ گهرن ٿا.

اهڙيءَ گهُرَ کي عام ماڻهن جي گهُر بنائڻ لاءِ نهايت لازمي آهي ته فوراً هلچل چالو ڪجي ۽ ايندڙ سال ڪن جي عرصي ۾ پيا سڀ ڪم ڪاريون ڦٽا ڪري، بکون، تڪليفون ۽ ڏک سر تي سهسائي، فقط ان فرض ادائيءَ کي لڳي وڃجي. حالتون نهايت سازگار آهن. نه فقط اسان جي پنهنجي ديس جي چؤديواريءَ، پر خود هندستان جي سياسي انتشار ۽ انگريزن جي هندستان جي سياسي مسئلي متعلق پريشانيءَ واري ماحول ۾، اسان جي اها گهُرَ عوام ۾ نهايت تيزيءَ سان ۽ موثر نموني ۾ قبول پوندي.

منهنجو اندازو هيءُ آهي ته ايندڙ مهيني جي ٢- تاريخ جيڪا تجويز انگريزن جي طرفان، اسان جي اڳيان پيش ڪئي ويندي، سا پڻ انهيءَ ئي نوعيت واري هوندي.

اڄڪلهه سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پنجاب جي خلاف ڪافي ناراضپو ڦهلجي چڪو آهي. خود ڪامورن ۽ منشين ۾ پڻ ان ڳالهه جو خاص احساس پيدا ٿي چڪو آهي. شاگردن ۾ هيءَ هلچل شدت واريءَ منزل کي پهچي چڪي آهي. خود زميندار طبقو به منهنجي خيال ۾ ان ڳالهه ۽ ان گهُر جي خوش آمديد ڪندو.

سياست جو حصو ٿي چڪو آهي. دنيا جي سياست ۾ اڄ جيڪا ٻن نظرين جي وچ ۾ حياتيءَ ۽ موت جي چڪري آهي، تنهن ۾ هڪ نظريي جو مفاد هن ۾ آهي ته سنڌ جي قومي وجود کي ختم ڪيو وڃي، ۽ ٻئي نظريي جو مفاد هن ۾ آهي ته سنڌ جي قومي وجود کي تسليم ڪيو وڃي. هيءُ ٻيو نظريو، اسان کان اڄ هيءَ تقاضا ٿو ڪري ته پنهنجي قوميت کي طبقاتي ڪشمش، عوامي سياست ۽ انقلابي دستورالعمل معرفت ئي محفوظ رکڻ جي ڪوشش ڪريون. ٻئي ڪنهن طريقي سان اها محفوظ هرگز رهي ڪين سگهندي.

The national spirit of Sind can today realise itself not through "nationalism," but only through militant revolutionary peoples' democracy functioning in close and firm alliance with peoples' World Revolution i.e- with Communism·

منهنجي خيال ۾ اوهان جو رايو به اهو ئي آهي، پر فرق جيڪڏهن آهي ته فقط هيءُ ته اوهان قوميت معرفت انقلاب تائين پهچڻ گهرو ٿا، ۽ آءٌ انقلاب معرفت قوميت کي پائڻ ممڪن ٿو ڄاڻان.

تازو روسي جي "ايميلي" ڪتاب جي چونڊ ۽ اختصار ڪري، مون سنڌيءَ ۾ ڇپايو آهي. هڪ ڪاپي اوهان ڏانهن ڪراچيءَ موڪلي هيم، جا اميد ته اوهان کي ملي هوندي.

مولانا احمد حسين مدنيءَ جو ڪتاب به مون وٽ آهي، جو اميد ته ڪنهن هٿيڪي ماڻهوءَ هٿ جلد ئي اوهان ڏانهن روانو ڪندس. اوهان پنهنجي انگريزي ڪتاب جو هڪ نسخو مون ڏانهن مهرباني ڪري موڪليو.

زياده خير و السلام.

اوهان جو،

محمد ابراهيم.

پلو آهي. اڄ ڪان سندس عمر جو ڇهون مهينو شروع ٿيو.
— محمد ابراهيم.

(۲)

حيدرآباد سنڌ،
۲۳- فيبروري ۱۹۵۰ع

عزيز و محترم سيد صاحب —

اوهان جو نوازشنامو ڪالهه مليم. منهنجي حوالي ڪيل ڪم، جو مون ڪان اڄ تائين پورو ٿي نه سگهيو آهي، تنهن جو وڏو اهو سبب نه آهي ته واندڪائي ڪانه اٿم. حقيقت ۾ اهو ڪو سبب ئي ڪونهي. پر وڏو سبب هيءُ آهي، جو هن وقت انهيءَ مضمون تي ڪجهه پروسي سان لکڻ جي پاڻ ۾ اهليت ڪين ٿو ساري سگهان. هيءُ مسئلو هن وقت ڪهڙيءَ صورت ۾ اسان جي اڳيان آهي، روزبروز نوان ۽ تازا واقعات، جي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پيا ٿا ٿين ۽ جي هن سوال کي زياده نازڪ ۽ پيچيده بڻائيندا ٿا وڃن- تن ڪان آءٌ بنهه غير واقف آهيان. صحيح ۽ اثرائتي نموني ۾ ڪو ويهي ڪيس تيار ڪجي، تنهن لاءِ جيڪي حقيقتون گهربل آهن ۽ انگ اکر ضروري آهن، سي به مون وٽ ڪين آهن، ۽ ڳذريل ڇهن پنجن مهينن کان اخبارن جي بنهه مطالعي نه ڪرڻ ڪري، منهنجي موجوده صورتحال سان ڪابه پروسي جهڙي واقفيت نه رهي آهي. نه فقط ايترو پر منهنجو هاڻي هيءُ پختو عقيدو آهي ته سنڌ جي قوميت جو سوال اڄ محض قومي سطح تي نه پر طبقاتي سطح تي ئي حل ٿي سگهندو. ڇاڪاڻ ته سنڌ توڙي پاڪستان، توڙي هندستان، دنيا جي سياست کان پاڻ کي الڳ سمجهي، هڪ قدم به اڳتي يا پوئتي نٿا کڻي سگهن. سنڌ جي مستقل قومي وجود جي فنا يا بقا جو سوال، اصولي طرح اڄ بين الاقوامي

(٤)

حيدرآباد سنڌ،

٢١- مئي، ١٩٥١ع

عزيز و محترم جناب شاهه صاحب -

اوهان جي ڪتاب جو مسودو، پنهنجي سمجهه ۽ لياقت موجب، نظر مان ڪڍي، ۽ ان ۾ واجبي درستيون وغيره ڪري، اڄ اوهان ڏانهن واپس موڪلي رهيو آهيان.

فقرن (Paragraphs) جي بيهڪ لاءِ مون] نشاني استعمال ڪئي آهي؛ ۽ جيڪڏهن فقري جي وچ ۾ اوهان جو لکيل جملو اهڙيءَ طرح بند ڪيو ويو آهي، جنهن مان ائين پائنجي ته آتي فقرو پورو ٿيو آهي. ۽ نئون فقرو شروع، ته اهڙيءَ جاءِ تي --> نشاني ڏيئي ڇڏي اٿم، ته اُن جاءِ تي فقرو پورو ٿيل نه سمجهڻ گهرجي، بلڪ ان کي اڳيا جاري سمجهڻ گهرجي.

اوهان جي مسودي ۾ خاص طرح دمن جي نشانين ۽ ٻوليءَ جي صحت ۽ چستيءَ ڏانهن ڌيان ڏنو اٿم. ڪٿي ڪٿي، مطلب کي واضح ڪرڻ خاطر پنهنجي طرفان مناسب فقرا يا جملا وڌائي ۽ جيڪي بنهه غير ضروري هئا، يا هر هر ٿي استعمال ڪيا ويا، تن کي ترڪي ڇڏيو اٿم.

لفظ "هئڻ" کي اوهان "هـوڻ"، "پئي" کي "پـي"، "هئا" کي "هوا" وغيره، ٻين چند لفظن کي به اوهان صحيح صورتخطي نه ٿا ڏيو. انهن لفظن کي به درست ڪيو اٿم.

هي ساڪت وارا لفظ مثلاً: عمله، معاهده، ضابطه، اوهان اهڙيءَ طرح ٿا استعمال ڪيو، جو آنهن جون مختلف صورتون منجهائيندڙ ٿيو ٿيون پون. مثلاً: "ضابطي لاءِ"، "ضابطو رکڻ"، "ضابطا قائم ڪرڻ"- اوهان سڀيئي اهڙيءَ طرح لکو ٿا، جن ۾ لفظ "ضابطي" جي صورت هڪ ئي ٿي رهي، يعني "ضابطه".

(٣)

ٽريننگ ڪاليج فار مين،
حيدرآباد، سنڌ،
٦- جون، ١٩٥٠ع

عزيز و محترم سيد صاحب -

اوهان جي حڪم موجب، ڏيپلائي صاحب سان مليس. هُو صاحب ڪتاب ڇپائڻ لاءِ تيار آهي. البت پنهنجي اثاث سبب، في الحال فقط ١٠٠٠ يا گهٽ ۾ گهٽ ٢٠٠٠ ڪاپيون ئي ڇپجي سگهنديون. جنهن ڪان اوهان کي واقف ڪرڻ مون ضروري سمجهيو. اوهان هاڻي ڪتاب جو قلمي نسخو جڏهن ممڪن ٿي سگهيو، تڏهن مون ڏانهن ڏياري موڪليندا، ته آن جي ڇپائڻ وغيره جو ڪم جلد شروع ٿي سگهي. ڇپائيءَ جي بيهڪ، نزاڪت، پروف ويڊنگ وغيره تي ڏيپلائي صاحب پاڻ به خاطرخواه ڌيان ڏيندو، تنهن هوندي به آءٌ پاڻ به انهن ڳالهين کي بلڪل پنهنجو ڪم سمجهي پوري ڪرڻ جو ذمو کڻان ٿو.

اوهان ڪراچيءَ مان هِتي اُتر ته ٿورائي ڏينهن ٿيا ته واپس ور يا آهيو، تنهن جي معنيٰ ته آئي اوهين به چار ڏينهن رهيا هئا. اميد اٿم ته منهنجي ڪيل عرض جي پوئواري اوهان ضرور ڪئي هوندي.

آءٌ پاڻ به اميد ته ١٥- تاريخ ڪراچيءَ ويندس، ۽ آغا صاحب سان روبرو ملندس. اميد ته تسلي بخش نتيجو نڪرندو.

ٻيو سڀ خير - والسلام.

اوهان جو،
محمد ابراهيم.

هتي ڪراچيءَ جي ائڊريس تي موڪليل نوازشناما، پهتي مليم.

اچ حڪم مطابق خط ٽائيپ ڪرائي، ايئر ميل ذريعي برلن روانو ڪيو اٿم. ان جي ڪاپي، ۽ اوهان آيل اصل خط هن گڏ موڪليان ٿو.

اسين پنهنجي آفيس سڀاڻي ٢٤- تاريخ هن بلڊنگ سان ڪٽي، اڳي قدم پريس ۾ ڏيڍ مهيني لاءِ وڃي ويهنداسين. گهڻو فرنيچر، ڪتاب ۽ ٻيو سامان هتي ئي هڪ ڪمري ۾ بند ڪري رکي ڇڏيو اٿئون. وري شايد ١٥ جون جي موٽي هن بلڊنگ ۾ اچڻ ٿيندو.

آءٌ ٻهرين تاريخ مئي جي حيدرآباد ويندس، جتان اٺين تاريخ واپس موٽندس. ڏهين مئي جي اسٽئنڊنگ ڪاميٽيءَ جي ميٽنگ رکي اٿم. اميد ته اها تاريخ اوهان کي سهوليت پري معلوم ٿيندي.

حسام الدين اڄ ڳوٺان هتي پهتو آهي، اڃا مون سان مليو نه آهي. البت ڳوٺان لکي موڪليو هئائين ته هاڻ اسان کي پنهنجي آفيس لاءِ هن سرڪاري بلڊنگ تي ڀاڙڻ نه گهرجي. پنهنجي ڪا جڳهه مسواڙ تي هٿ ڪري، اتي پنهنجو ڪو ٺڪاڻو قائم ڪرڻ گهرجي.

ميٽنگ ۾ ان مسئلي تي به ٻاٽيهي ڪاميٽي ويچار ڪندي. آءٌ نهايت خيريت سان آهيان.

اميد ته اوهان جي صحت بحال هوندي، ۽ هر طرح خيريت سان آهيو.

اوهان جو،

محمد ابراهيم.

ظاهر آهي ائين لکڻ ڪري سنڌي جملي پڙهڻ ۾ ڪافي دقت ٿي ٿئي.

اميد اٿم ته اوهان هاڻي جڏهن پيهر مسودو پڙهندا ته آن تي منهنجي طرفان به خاصي محنت ڪيل ڏسندا. باقي اها اوهان کي پسند پوي يا نه پوي، سو چئي نٿو سگهان.

اميد اهائي اٿم ته اوهان کي ڪٿي به ڪا اڻ سهائيندڙ دست درازي مسودي ۾ منهنجي طرفان ٿيل ڏسڻ ۾ ڪانه ايندي.

اوهان جو،
محمد ابراهيم.

(٥)

٢٤- جنوري، ١٩٥٧ع

محترم سيد صاحب ـ

السلام عليڪم:

بورڊ جي گرانٽن متعلق جيڪي ڪاغذ لاهور موڪليل آهن، تن جون ڪاپيون، هن لفافي ۾ موڪليان ٿو. گرانٽ ٻن قسمن جو آهي: ساليانو گرانٽ هڪ لک روپين جو، ٻيو هڪ ساهي گرانٽ ڏهن لکن جو- مهرباني ڪري انهن گرانٽن جي پوئواري ڪندا.

اميد ته اوهان هر طرح خيريت سان هوندا.

اوهان جو،
محمد ابراهيم.

(٦)

٢٣- اپريل، ١٩٥٧ع

محترم سيد صاحب ـ

اوهان جو حيدرآباد جي ائڊريس تي موڪليل خط، ۽ پڻ

وڏيڪ نظربنديءَ جي خبر پڙهي، افسوس ٿيو، پر آهو هڪ يگانو اعزاز پڻ آهي.

مڪر سيئي ڏينهن، جي مون گهاريا بند ۾!

شاهه حيدر عليه جي ميلي جي سڏ تي هونڌ هڪدم هليو اچان ها، پر ڏگهيءَ ڏيڍ مهيني جي موڪل لاءِ لکيو اٿم، جا اميد ته ٢٠ تاريخ هن مهيني جي ملي ويندي. آن عرصي ۾ ارادو هوم ته اچي خدمت ۾ حاضر ٿيندس. طبيعت به ڪجهه ناساز گذري ٿي. خاص طرح ڏندن جي تڪليف ٿي پيئي اٿم، سو حيدرآباد ۾ اهو عرصو رهي، علاج ڪرائڻ جو ارادو آهي. ويهين تاريخ حيدرآباد پهچندي ئي ڏينهن ٻن کان پوءِ اوهان وٽ حاضر ٿيندس، ۽ اوهان وٽان ٿي، پوءِ علاج شروع ڪرائيندس، جيڪو شايد ويهارو ڏينهن هلندو.

انهيءَ موڪل جي پروگرام سبب، هن ڀيري ايڏانهن اچڻ جو خيال لاهي ڇڏيو اٿم. آن لاءِ اوهان کان معافيءَ جو طلبگار آهيان.

جيڪو عرصو حيدرآباد ۾ رهندس، ان ۾ جيڪڏهن لکڻ پڙهڻ جو پيو ڪو ڪم هجي ته ان ڪي هٿ ۾ ڪٽجي. بمبئيءَ کان سنڌ جي جدائيءَ واري مضمون متعلق عرض ڪيو هوم اهو جيڪڏهن ٿئي ته ڏاڍو سٺو.

زياده خير و السلام.

اوهان جو،

محمد ابراهيم.

(٩)

ڪوهاٽ،

٣٠- اپريل، ١٩٦٨ع

محترم سائين!

اڄ هتي ٢٨ تاريخ واريءَ اخبار ”عبرت“ ۾ اوهان جو

(۷)

۱۳-مارچ، ۱۹۵۸ع

محترم سائين،

السلام عليڪم:

هن ڳڏ بورڊ جي عمارتن جي سلسلي ۾ جيڪو خط ڊي-پي-آء، لاهور، ڏانهن لکيو اٿم، تنهن جو نقل اوهان جي مطالعي لاءِ موڪليان ٿو.

هن خط ۾ هيٺيون ڳالهيون لکيون اٿم:

(۱) بورڊ ڏهن ايڪڙن جي زمين، سنڌ يونيورسٽيءَ کان حاصل ڪئي آهي؛

(۲) عمارتن تي ڪل خرچ ۲۰ لک روپيا لڳندو؛

(۳) تعمير جملي ۳ سال ڪائيندي؛

(۴) تعمير جي پهرئين مرحلي لاءِ گورنمنٽ بورڊ کي ڏهه لک روپيا هن سال ڏئي، ۽ باقي رقم ٻن سالن ۾ منظور ڪري؛

(۵) ڪهڙيون ڪهڙيون عمارتون ۽ ڪهڙن ڪهڙن مقصدن لاءِ، ۽ ڪيتري وسعت واريون بورڊ کي تعمير ڪرائڻيون آهن، انهن جو مختصر تفصيل.

مهرباني ڪري، هن ڪم جي مناسب پوئواري ڪندا. واجب ڄاڻو ته هيءُ خط، پنهنجي صحيح سان، وڏي وزير کي ڏيندا.

اوهان جو،

محمد ابراهيم.

(۸)

جيڪب آباد،

۵- نومبر، ۱۹۶۷ع

عزيز و محترم سائين،

السلام عليڪم: اوهان جو عنايت نامو مليو. اوهان جي

(١) اهو ڪتاب ادبي بورڊ وارن کي ڏيو تہ آهي ڇاپين. اوهان ڀلي ٥٠٠ يا ٧٠٠ ڪاپيون خريد ڪري وٺندا– پنهنجن دوستن، واقفڪارن ۽ علم دوست صاحبن کي تحفي طور ڏيڻ لاءِ. ادبي بورڊ جي ناشر ٿيڻ ڪري، جيڪي بہ قباحتون مٿي مون بيان ڪيون آهن تہ ڪنهن خانگي ناشر هٿان سرزد ٿي سگهن ٿيون، سي ڪونہ سرزد ٿينديون.

(٢) اوهان پاڻ پنهنجي خرچ تي ٢٠٠٠ ڪاپيون ڇپائي، پنج ست سؤ ڪاپيون مفت تحفي طور پيش ڪري، باقي ڪاپيون ڪنهن ڪتب فروش کي پنجاه في صد ڪميشن تي وڪري لاءِ ڏيئي ڇڏيو ۽ هن وٽان جيڪي پئسا اوهان کي وصول ٿين، آهي علامہ مرحوم جي يادگار فنڊ ۾ ڏيار يندا.

(٣) جناب بروهي صاحب ضرور علامہ مرحوم جي ٻين مسودن جي تاليف ۽ ترتيب ۽ اشاعت لاءِ ڪونہ ڪو پڪو پختو بندوبست ڪرڻ جو خيال ڪندو هوندو. اهو ڪتاب پڻ آن تنظيم ۽ انتظام هيٺ ڇپجي ۽ شايع ٿي سگهي ٿو. آن بابت جناب بروهي صاحب سان صلاح مصلحت لازمي بہ آهي ۽ مناسب بہ آهي. ڇاڪاڻ تہ بروهي صاحب جيڪڏهن علامہ مرحوم جا حقيقي جاءِ نشين آهن، تہ اوهان، اسان ۽ سنڌ جا ٻيا گهڻيئي علم دوست، جيڪي علامہ جا شائق ۽ عقيدتمند آهيون، تن سڀني جو اهو فرض ٿئي ٿو تہ جناب بروهي صاحب جي، صلاح مشوري کان وٺي، ٻي هر طرح جي مدد ۽ پٺڀرائي ڪيون– تہ جيئن علامہ مرحوم جو يادگار بہ قائم ٿي سگهي، پر آن کان وڌيڪ سنڌ ۽ سنڌن اهليہ مرحومہ جا تصنيف ۽ تاليف ٿيل مسودا طباعت ۽ اشاعت هيٺ اچن، ۽ آن لاءِ ڪا رٿا نشر اشاعت جي جوڙي سگهي ۽ آن تي ڪم ڪرڻ شروع ڪري ڏجي.

سائين منهنجا، آءٌ هتي نهايت خوش آهيان، صحت گهڻي قدر ٺيڪ رهي ٿي. جون مهيني جي ٢٥ تاريخ کان ٻہ مهينا

لکيل خط پڙهيم، جنهن ۾ ”عبرت“ جي ايڊيٽر ڏانهن لکيو اٿئو ته علامه قاضي صاحب مرحوم جي اوهان ڏانهن لکيل خطن جو مجموعو اوهان مرتب ڪيو آهي ۽ آن جو پيش لفظ ۽ علامه مرحوم جي حياتيءَ جو مختصر احوال به آن ۾ لکي شامل ڪيو اٿو؛ ۽ ان جو تعارف جناب بروهي صاحب سمڪن آهي ته لکي. آهو مجموعو شايع ڪرڻ لاءِ سنڌ مان ڪنهن پبلشر جي تيار ٿيڻ لاءِ اعلان ڪيو اٿوَ، جيڪو ٻه هزار ڪاپيون ڪتاب جون ڇاپي ۽ وڪڻي، ۽ وڪري مان ٣٣ في سيڪڙو نفعو علامه مرحوم جي يادگار فنڊ ۾ ڏئي، ۽ ان حالت ۾ اوهان پاڻ اهڙي پبلشر ڪان ٧٠٠ ڪاپيون ڪتاب جون خريد ڪري وٺڻ لاءِ تيار آهيو. منهنجي خيال ۾ هيءَ اوهان جي آڇ ايتري ته پُرڪشش آهي، جو ڪيترا سنڌيا پبلشر تيار ٿي، اوهان وٽ انهيءَ ڪم لاءِ ايندا. سو مهرباني ڪري، پبلشر جي چونڊ ڪرڻ ۾ احتياط ڪندا ته جيئن ڪتاب، ڪتاب ٿي نڪري، ۽ آن جي ڇپائي، پنو ۽ جلد بندي ۽ گيٽ اپ آن جي شان وٽان هجي. دراصل ٧٠٠ ڪاپين جي خريديءَ جي قيمت مان ئي هُو ٢٠٠٠ ڪاپين جو خرچ اوهان ڪان وصول ڪري سگهي ٿو. سو ائين به نه ٿئي، جو ڪتاب ڇاپي، آن جي قيمت گهري رکي، اوهان ڪان سڄو ڪيل خرچ وٺي وڃي، ۽ باقي رهيو ٣٣ سيڪڙو نفعي مان يادگار فنڊ ۾ ڏيڻ، سو پبلشر ڪي هڪ سو هڪ ميٺهن آهن نٽائڻ ۽ پاڻ ڪيائڻ جا.

منهنجي خيال ۾ هيءُ اعلان اوهان پنهنجي مخلصانه جذبي ۽ قاضي صاحب مرحوم سان محبت جي ناتي جي اثر هيٺ ڪيو آهي. سو اوهان کي صد مبارڪ هجي. پر منهنجي خيال ۾ ان مان مقصد جي پرپوو پورائي شايد نه ٿئي. آن جي عيوض هيٺ ٻي تجويزون، آءٌ پيش ٿو ڪريان، تن تي مهرباني ڪري ڌيان ڏيندا:

پروفيسر محمد مرتضيٰ قاضي

محمد مرتضيٰ قاضي ولد محمد مصطفيٰ قاضي، اصل ڳوٺ کوتانا، ضلعي ميرٺ، يو پيءَ، جو رهاڪو، قاضين جي ڪٽنب مان آهي. ١- آڪٽوبر ١٩١٢ع تي بلندشهر ۾ ڄائو، جتي سندس والد نوڪريءَ ۾ هو.

بلندشهر ۾ ديوبندي عالمن جو مدرسو هو، جنهن ۾ مولانا عبيدالله سنڌيءَ جي گروهه جو هڪ عالم پڙهائيندو هو، جو مولانا محمود الحسن ديوبنديءَ جو شاگرد هو. قاضي صاحب ان مولويءَ وٽ گهر ۾ قرآن شريف پڙهيو. ان کان پوءِ جامعه مليه اسلاميه ۾ پڙهيو، جيڪا مولانا محمد عليءَ، خلافت کان پوءِ دهليءَ ۾ ڊاڪٽر ذاڪر حسين جي هٿ هيٺ شروع ڪئي هئي. ڪجهه وقت هاءِ اسڪول بلندشهر ۾ پڙهي، عليڳڙهه يونيورسٽيءَ مان ايم. اي جي ڊگري ورتائين. جامعه اسلاميه ۾ رهڻ وقت مولانا محمد علي، حڪيم اجمل خان، ڊاڪٽر انصاري، مولانا آزاد، جواهر لعل نهرو، مولانا حسرت موهاني ۽ مولانا حسين احمد مدنيءَ جي ملاقاتن ۽ تقريرن ٻڌڻ جو موقعو مليس. پوئين عرصي ۾ مولانا عبيدالله سنڌي ۽ مهاتما گانڌيءَ جي مجلسن ۾ ويهي، سندن گفتگو ٻڌڻ جو موقعو مليس. هن تي آنهن سڀني صاحبن جي صحبت جو اثر آهي.

هيءُ ڪراچيءَ ۾، سندس وڏي ڀاءُ قاضي مجتبيٰ وٽ، (جو هتي ١٩٢٥ع ۾ آيل هو) ١٩٢٩ع ۾ اچي رهڻ لڳو. ابتدا ۾ هيءُ ڪراچي انڪيڊمي هاءِ اسڪول ۾ ماستر تي رهيو، تنهن کان پوءِ

وڌڪيشن تي حيدرآباد پارڙن سان گڏ گذارڻ جو موقعو ملندو، اوهان کي اڳئان جي معاملن جي پاورت هجي. مفور کان وقت بوقت ماڻهو موڪلي، حال احوال وٺندا ڪريو، ۽ ڪين ڪا تڪليف يا ڪا ڳالهه درپيش هجي ته آن جو وسان تدارڪ ڪرائڻ جي ڪوشش ڪندا.

اسان جي ڳوٺ آباد جي زمين لاءِ عزيزم امداد محمد شاه صاحب ڪوشش ۾ لڳل هو. ڪيس وري به يادگيريءَ طور چوندا ته آن ڏس ۾ ڪوشش ڪري ته جيئن ويچارن ماڻهن کي ڪا تڪليف درپيش نه اچي.

پير علي محمد راشديءَ علامه مرحوم تي ڏاڍو دل پڳائيندڙ مضمون اردوءَ ۾ اخبار "جنگ" جي ٢٩ تاريخ جي پرچي ۾ شايع ڪيو آهي. ڪالهه اهو مضمون پڙهيم. اڄ آن جو سنڌي ترجمو ڪري، اخبار "عبرت" ڏانهن موڪليو اٿم. مٿن ڪا چڱي پوين ۽ ان کي شايع ڪن.

اميد ته اوهان هر طرح خيريت سان هوندا. پنهنجي صحت ۽ خير جي احوال کان ڪڏهن واقف ڪندا.

اوهان جو خادم ۽ دعاگو،

محمد ابراهيم.

مون کي اميد آهي تہ (اها تقرير) "اڳتي قدم" ۾ ڇپجڻ بعد جدا پمفليٽ جي صورت ۾ ڇپائي ويندي.

شاہ صاحب! مون کي ياد آهي تہ ڪراچيءَ کي سنڌ کان جدا ڪرڻ وقت، هڪ مسلم ليگرن جو وفد مسٽر جناح سان مليو هو. جناح صاحب آن وقت مسلم ليگ بابت ڪي دلچسپ رمارڪ پاس ڪيا هئا. اها ساري ڳالهہ، سندس پاس ڪيل رمارڪن سان گڏ، ڪنهن بہ ڪتاب ۾ نہ آيل آهي. اوهان کي عرض ڪندس تہ ان نقطي بابت تفصيلوار روشني وجهڻ گهرجي. هن جيڪي رمارڪ پاس ڪيا هئا، سي دلچسپ آهن، تنهنڪري تاريخ ۾ محفوظ ڪيا وڃن.

اوهان جو مخلص،

مرتضيٰ قاضي.

[انگريزي] (٣)

٦- نومبر، ١٩٧٤ع

محترم شاهہ صاحب!

اڄ ڪراچيءَ کان پير حسام الدين شاهہ سان ملڻ بعد موٽي آيو آهيان. گهر بل مخزن جا اشو (شاہ عنايت عليہ الرحمت تي سندس مضمون) ملي ڪين سگهيا، جو هٿ اچي ڪونہ سگهيس.

هن ڇيو تہ جملي مئگزين جا اشو توهان جي لئبرريءَ ۾ هوندا، اهي هڪ ٻڌل ڪتاب جي صورت ۾ انڊيڪس سان هوندا. هن وڌيڪ ڇيو تہ مکيہ مضمون شاهہ عنايت جي اقتصادي نظرين تي، "هلال پاڪستان" حيدرآباد، جي اوائلي اخبارن ۾ ڇپيل آهي، جيڪو شاگردن جي تفتيش لاءِ وڏو ڪارائتو مواد ميسر ڪندو. هن وڌيڪ ٻڌايو تہ ڊاڪٽر اينيمري شمل جو بہ شاهہ عنايت تي ڪتاب لکيل آهي، جنهن مان ڪارائتو مواد ملي سگهندو، جو ڪتاب جلد سنڌي ادبي بورڊ ڇپائي رهيو

سنڌ مسلم ڪاليج ڪراچيءَ ۾ اردوءَ جو ليڪچرر ٿيو. ان بعد ريڊر ۽ اردوءَ جو اسسٽنٽ پروفيسر ٿي، سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ويهن سالن تائين رهيو.

سنڌ ۾ شيخ عبدالمجيد، ڊاڪٽر سعيد، سيٺ غلام علي چاڳلا، جمشيد نسروانجي، جيٺمل پرسرام، علامه آءِ.آءِ. قاضي، مولوي محمد صادق، مولوي فتح محمد سيوهاڻي، قاضي خدا بخش، ڊاڪٽر دائود پوٽي، خانبهادر غلام علي نانا، مولوي دين محمد وفائي، پرنسپل ٻنڌاڻي، پرنسپل شاهاڻي، آچاريا گدواڻي، حيدر بخش جتوئي، ڪامريڊ عبدالقادر جي سنگت ۾ رهي مستفيد ٿيندو رهيو.

[تار] (۱)

سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو.

سون ماٺهن سان گڏ، آءٌ به دعا ٿو ڪريان ته خدا ڪيس (اوهان جي والد کي) تندرستي بخشي ۽ سندس اعليٰ مقاصد کي سندس زندگيءَ ۾ ڪامياب ڪري.

[نوٽ:- هيءَ تار امير ۽ امداد کي موڪلي وئي هئي.]

[انگريزي] (۲)

سنڌ يونيورسٽي،

۷- مارچ، ۱۹۷۳ع

پيارا شاهه صاحب!

خدا جون برڪتون شامل هجنوَ. مون کي اميد آهي ته توهان خوش هوندا.

آءٌ ڏسي رهيو آهيان ته ڪيترا شاگرد، اوهان جي ۳- مارچ جي ڏنل صلاح موجب، پاڻ کي درست ڪري رهيا آهن. هنن هاڻ پوريءَ طرح پڙهڻ شروع ڪيو آهي.

هرگز نه ميرد آنکه دلش زنده شد بعشق
ثبت است بر جريده عالم دوام (تو)۔

کامل اس فرقه زهاد سے اٹا نه کوئي،
کُچھ هوئے تو يهي رندان قدح خوار هوئے۔

در مدرسه کس نه وسد دعويٰ توحيد،
منزل گهه مردان موحد سر دار ست۔

بتخانه کي ديوار/بنياد مين آيا هے تزلزل
الله کے شيرون کو آتي نهين روباهي

ذالک فضل الله يؤتيه من يشاء!

[نوٹ:- ٻن ڪتابن، هرهڪ ”سندو ديش“ ۽ ”ديار دل“ پڙهڻ بعد لکيو ويو.]

آهي. جيترو جلد شاهه عنايت تي ”هلال پاڪستان“ وارو مضمون ۽ متي بيان ڪيل ڪتاب ملي سگهندو، اوهان کي موڪليو ويندو.
اميد ته خوش خورم هوندا. دعا کان نه وساريندا.

مرتضيٰ قاضي.

[نوٽ:- هن خط ۾ قلم تازي هيٺ، گانڌي جيءَ جا هيٺيان خيال قلمبند ڪيا اٿس:]

* گهڻي ڪوشش اندر اجازت لاءِ ڪرڻ بعد، مون اها ڏات حاصل ڪئي آهي، جنهن سان اندر جو آواز ٻڌي سگهان.
* جڏهين سڀئي ماڻهو ڪاتي جي پيدا ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪندا ته پوءِ ڪافي ڪاڌو ۽ فرصت ميسر ٿي سگهندي. پوءِ اسان جون گهرجون گهٽجي وينديون. اسان جو ڪاڌو سادو ٿيندو، ان کان پوءِ اسان ڪاڌو زنده رهڻ لاءِ کائينداسون ۽ نه زنده رهنداسون ڪاڌي لاءِ.
* مون کي ترقيءَ، امن ۽ آزاديءَ جي خواهش آهي. پر اهي ڳالهيون صرف روح جي ترقيءَ لاءِ حاصل ڪرڻ گهران ٿو. مون کي پتو آهي ته آءٌ ڪجهه نٿو ڪري سگهان- خدا ئي سڀڪجهه ڪري سگهي ٿو. يا خُدا مون کي پنهنجو آلهه ڪار ڪري ڪتب آڻ ۽ پنهنجي مرضيءَ مطابق هلاءِ.

(٦)

قاضي مرتضيٰ،
اردو پروفيسر، سنڌ يونيورسٽي.

توهان جي روح افزا تصانيف، ’صور اسرائيل‘ ۽ ’نغمهٔ دائود‘ لاءِ اپار شڪريا ۽ مبارڪون پيش ڪريان ٿو.

سبحان الله - سبحان الله - سبحان الله
جزاڪ الله - جزاڪ الله - جزاڪ الله

آهي. سن ۱۹۲۸ع کان وٺي، هي نوجوان، اسڪول ڇڏي، ڪانگريس هلچل ۾ لڳي پيو ۽ ضلعي خواه سنڌ کان ٻاهر عوام جي خدمت ڪندو رهيو. ڪيترو وقت مهاتما گانڌيءَ سان سابرمتي آشرم ۾ رهيو، ۽ ۱۹۳۰ع ۾ جڏهن مسٽر چيتمل پرسرام، پروفيسر نارائڻ داس ملڪاڻي ۽ ڊاڪٽر پوهو مل اوهان جي ڳوٺ سن ۾ ڪانگريس ڪاميٽي برپا ڪرڻ آيا ته هي برڪت علي آزاد به ساڻن گڏ هو. ۳۲ ۽ ۱۹۴۲ع جي هلچل ۾ ۳ دفعا جيل ۾ به ويو. قومي هلچل ۾ وڃڻ جيڪو به بزرگن جو سرمايو هو، تنهن کي سوشل ڪمن ۾ هن نوجوان عوام جي نذر ڪيو. پاڪستان قائم ٿيڻ بعد، سو به سنڌس بي لوث خدمتن ۽ سوشل ورڪ جي صلي ۾، جناب آغا محمد يعقوب صاحب ڪليڪٽر، جو هن جي قومي خدمتن ۽ سوشل خدمتن کان با خبر هو، تنهن کيس هڪ ”اينڊ نڊ“ پرنٽنگ پريس ڊسٽرڪٽ ڊيولپمينٽ ائسوسيشن کان الاٽ ڪري مسواڙ ۽ وياج تي ڏني. جا هينئر مس مس قرض فرض ڪري، هو تاريخ ۱۷- مارچ کان پنهنجي ڪري چڪو آهي. سنڌس پريس مان اخبار ”صبح سنڌ“ ويڪلي شايع ٿئي ٿي، جنهن جون هر هفتي ۶۰۰ ڪاپيون، پنجن ڇهن صفحن جون، ساريءَ سنڌ ۽ بلوچستان جي ڪُنڊ ڪڙڇ ۾ پهچن ٿيون، ۽ اخبار هرڪو مفت پڙهي ٿو. ان ڪري اخبار بلڪل گهاٽي ۾ آهي ۽ پريس جي ڪمائي به، جيڪا ٿوري گهٽي آهي، اُن کي به کاڌيون وڃي ٿي. قومي ورڪر هئڻ سبب اشتهارات به اخبار کي گهٽ بلڪل يا ته ملن ئي ڪونه، يا وري اُنهن ۾ لوٽ جي برابر. انهن حالتن هيٺ، هي ملنگ مجاهد سنڌ عوامي فرنٽ ٽڪيٽ تي اميدوار بيٺو آهي. سنڌس تڪ ۾ هاري تحريڪ جو چڱو پرچار ٿيل آهي، مگر جيئن ته وڏا وڏا سردار سنڌس مقابلي ۾ آهن، اُن ڪري ضروري آهي ته ڪم از ڪم سنڌس تڪ ۾ پروپيگنڊا ورڪ، لٽريچر، پوسٽر، اشتهار، ورڪر،

محترم عبدالڪريم "گدائي"

هيءُ سنڌ جو پراڻو قومي ڪارڪن ۽ بهترين ترقي پسند ۽ قومپرست شاعر آهي. سندس زندگيءَ جو احوال "جنب گذاريم جن سين" ۾ ڏنو اٿم.

هيءُ ڪانگريس ۾ به رهي چڪو آهي. نيشنل عوامي پارٽي، ضلعي جيڪب آباد جو سيڪريٽري به رهيو آهي. سٺو شاعر آهي. هن وقت پوڙهپڻ جي حالت ۾ گوشه نشين آهي.

سندس ڇهه خط هتي پيش ڪريان ٿو.

(١)

"صبح سنڌ"،
جيڪب آباد،
٨- اپريل، ١٩٥٣ع

محترم جناب جي. ايم. سيد صاحب!

جناب عالي! بعد ادب عرض ته صاحب جن کي چڱيءَ ريت خبر آهي ته رفيق برڪت علي آزاد "سنڌ عوامي فرنٽ" جي ٽڪيٽ تي سنڌ اسيمبليءَ لاءِ ڪشمور تڪ مان اميدوار بيٺو آهي. جتي سندس مقابلي ۾ علي بلاول ڊومبڪي ۽ نجم الدين خان مزاريءَ جهڙا وڏا سردار ۽ سرمايدار آهن. انهن کان سواءِ محمد امين کوسو پڻ سندس مقابلي ۾ آهي. برڪت علي آزاد هڪ پراڻو قومي ۽ سوشل ورڪر ۽ ملنگ ساٿو آهي. جنهن جو سرمايو فقط سندس بي لوث خدمت، بلند اخلاقي ۽ سچائي

جا فرائض (ملازمت) بجا آندم، مگر حالات جي ناسازگاري ڇنجي، جو جڏهن به اخبار ڪي معياري پرچي جي ڪڙيءَ تي پهچايم ته سندن مالڪن جي جيحضوريءَ واري پاليسي آڏو آئي ۽ روزگار کان هٿ ڌوئڻا پيا. آخر لاچار ٿي، پنهنجي اخبار ”عوام“ هفتيوار جو ڊڪليئربشن ڏنم، مگر ون يونٽ جي مصيبت ۽ نون قانونن هيٺ اهو به لاهور منظوريءَ لاءِ موڪليو ويو- جنهن کي به ڇهه مهينا ٿيندا ته آئي پيو آهي ۽ پنهنجي روبرو وڃڻ کان سواءِ اهو به ڪونه ملندو. پاڻ وٽ سؤ سؤا سؤ جي وسعت ڪانه آهي، جو لاهور وڃي ٻه چار ڏينهن رهي، اهو ڊڪليئريشن منظور ڪرائي ڪٿي اچان. انهن روزگار جي گهٽتين ۾ گهرواريءَ جي طبيعت جُدا ناساز رهڻ لڳي آهي، ٻن ننڍن ٻارن جي پڙهائي وغيره تي جدا خرچ ٿي رهيو آهي - جن مان هڪ جي عمر ۱۳ سال ۽ ٻئي جي ۹ سال آهي. ناقابل برداشت گرانيءَ جدا اچي گهٽر کان جهليو آهي. انهن نامساعد حالات ۾، اميد جي جاءِ سمجهي، پنهنجو حال سائينجن سان اوريو اٿم. جيڪڏهن سائينجن کي ناگوار نه گذري ۽ تڪليف نه سمجهو ته پنهنجي حلقهٔ احباب مان جيڪا امداد فراخدلي ۽ سهوليت سان آهي اصحاب ڪري سگهن، سا وٺي ڏيارڻ جي عنايت ڪري سگهو ته عين نوازش - جيئن مهينو ٻه گهر جو گذارو ٿئي ۽ آءٌ لاهور وڃي ڊڪليئريشن ڪٽي اچان. پر غلام جي هيءَ حقيقت بيان گيران گذري ته بعد ادب معافيءَ جو خواستگار آهيان. اسان جي ضلعي ۾ به ڪيترا وڏيرا ۽ سرمايدار آهن، مگر جن جي مخالفت ۾ ڇهه ست سال متواتر لکيو اٿم، انهن وٽ اڄ امداد لاءِ هٿ ڊگهيڙڻ پنهنجي خودداريءَ ڪان بعيد آهي. آئينده مالڪ آهيو. ڪراچيءَ جو ڀاڙو خرچ ڪري اچڻ جي طاقت ته حال في الحال

هاري گيت گائڻ وارا، ۽ ڪجهه مقرر ضرور هجن ۽ هڪ جيپ ۾ لائوڊ اسپيڪر هجي، ۽ ظاهر آهي ته ان لاءِ سرمايو کپي. تڪ جا هاري ناري زميندارن، سردارن جي ظلمن کان بيزار آهن - انهيءَ تڪ جي هارين جي ’آزاد‘ رات ڏينهن، اويل سويل خدمت ڪندو رهيو آهي. تاهم به پروپيگنڊا جي سخت ضرورت آهي. آن ڪري مان سائينجن کي دست بستہ عرض ڪندس ته خاص طرح هن اسان جي ضلعي جي هن دورافتاده ۽ سرداري دٻاءَ واري تڪ ۾ زوردار پرچار ڪرڻ لاءِ جيڪا امداد پارٽيءَ طرفان يا شخصي طرح سائينجن کان ٿي سگهي، ته هن مرد ملنگ جي امداد ڪريو. ڇو ته انهيءَ تڪ ۾ سندس ڪاميابي يقيني آهي. بشرطيڪ زبردست پروپيگنڊا ۽ پرچار هجي. اميد ته سائينجن پنهنجو ذاتي اثر ڪم آڻي به هن قومي فقير جي امداد ڪرڻ فرمائيندا.

نياز مند،
عبدالڪريم گدائي.
سب ايڊيٽر ”صبح سنڌ“ ۽ جائنٽ
سيڪريٽري، ضلعي هاري ڪميٽي، جيڪب آباد.

(۲)

”امروز“ پندرهن روزه، جيڪب آباد

۲۵- نومبر، ۱۹۵۷ع

قبلہ محترم جناب سيد صاحب!

اميد ته سائينجن خوش خورم هوندا. صورت حالات هيءَ آهي ته قبلہ سائين، اڄڪلهہ مهينن کان بيڪار ويٺو آهيان. ”صبح سنڌ“ هفتيوار ان کان پوءِ ”فرنٽيئر گزيٽ“، آن بعد ”انقلاب“ هفتيوار ۽ آخرين طور ”امروز“ پندرهن روزه جي ادارت

۾ ڪي اهڙا مجاهد اڳواڻ هجن، جيڪي خدا جي ڏني مان انهن ورڪرن جي گهر ٻار جي گذاري وغيره جي ذميواري کڻي، ورڪرن کي ڪم ڪرڻ لاءِ سهوليتون ۽ آسانيون پيدا ڪري ڏين. ورنه هن ضلعي ۾ فقط وقتي طور تي چار پيسا خرچ ڪري، جلسا جلوس ڪوٺائڻ ڪان سواءِ ڪي پائي ڪي پارٽي تنظيم جو ڪم اصل ڪونه ٿيندو ۽ نه وري ٿي رهيو آهي. اها اميد ضلعي جي ڪنهن به صاحب دولت ۾ وڪڻ ته هُو پڻ چئن ورڪرن جي گذاري جو بار کڻندو، محال ته ڇا بلڪ ناممڪن آهي.

جيئن ته ايندڙ چونڊن ۾ وچي فقط هڪ سال رهيو آهي، اَن ڪري ضروري آهي ته ايندڙ چونڊن لاءِ عوام کي صحيح وطن دوست اميدوارن ۽ نمائندن کي ووٽ ڏيڻ لاءِ تيار ڪجي. ان ڪري ضروري آهي ته سنڌ نيشنل عوامي پارٽيءَ جا سرڪردا هن ضلعي جي گهٽ ۾ گهٽ ٽن ورڪرن جي گذاري جو بندوبست پارٽي فنڊ مان ڪن يا پنهنجي جيب خاص مان ڏين، جنهن تي گهٽ ۾ گهٽ چار سو روپيا ماهوار خرچ ايندو. هڪڙو ورڪر ڪنڊڪوٽ ۽ ڪشمور تعلقن لاءِ کپندو، هڪڙو ٺُل تعلقي لاءِ ۽ هڪڙو ورڪر جيڪب آباد ۽ ڳڙهي خيري تعلقن لاءِ. هي گهٽ ۾ گهٽ خرچ آهي، جو سائينجن جي گوش گذار ڪريان ٿو، جنهن تي غور ڪرڻ سائينجن جي اختيار آهي. باقي اسان جي ضلعي مان مسٽر غلام قادر بلوچ هجي، يا ڪو ٻيو، پنهنجي جيب مان خرچ ڪرڻ لاءِ ڪوبه تيار ڪونه ٿيندو. هڪڙي ڳالهه ضرور آهي ته جيڪڏهن بلوچ صاحب ۽ سنڌس ساٿي مير محمد خان کوسو وغيره به چار چٺا فند ڪٺي ڪرڻ جي ڪوشش ڪن، ته هڪ سال لاءِ پنج ڇهه هزار روپيا فند هڪ مهيني اندر گڏ ڪري ٿا سگهن. مگر بلوچ صاحب ذرا خود دار آهي، ان ڪري مون کي اميد ڪانهي ته هُو صاحب ڪنهن ٻئي اڳيان اهڙي فند لاءِ دست دراز ڪندو.

ڪانه آهي، نه ته روبرو ۽ خدمت ۾ حاضر ٿيان ها.

نياز مند،

عبدالڪريم "گدائي"

ابڙو بلڊنگ - نزد ميونسپل آفيس، جيڪب آباد.

(۳)

جيڪب آباد،

محترم قبله جناب جي. ايم. سيد صاحب .

قبلا سائين! نهايت ڏک اٿم، جو خط لکي اوهان صاحبن جي دردمند دل کي به ڏک ۽ ڪوفت پهچائڻ جو سبب بڻجان ٿو. مگر پنهنجي بزرگن کان حقيقتن کي لڪائڻ به ڪمال بي ايماني سمجهي صحيح حالات سائينجن جي ڏيان تي آڻيان ٿو.

قبلا سائين! اها حقيقت آهي ته اسان جي هن ضلعي ۾ ٻه چار ڪي مخلص قومي ورڪر به آهن، مگر پڇڙيوالي ۽ گهرو مالي مشڪلاتن سبب هُو پنهنجو وقت پيٽ جي فڪرات کان آجا ٿي، ٻاهرازين ۾ وڃي، عوام ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ بچائڻ کان معذور ۽ مجبور آهن. ان ڪري اسان جي ضلعي پارٽيءَ جي تنظيم بلڪل ڪانه آهي، يا وري اٿي ۾ لوڻ جي برابر آهي. انهيءَ ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته اسان جي هن سڄي ضلعي ۾ مسٽر غلام قادر بلوچ ئي هڪڙو ماڻهو آهي، جنهن کي ڪجهه نه ڪجهه قومي همدردي آهي ۽ آهو صاحب وقت بوقت پارٽيءَ جي تنظيم يا جلسن وغيره ڪرائڻ جي سلسلي ۾ دلچسپي وٺي ٿو ۽ ٿورو گهڻو وقتي خرچ وغيره ڪري ٿو. مگر آنهن وقتي جلسن جلوسن سان عوامي پارٽيءَ جي تنظيم عمل ۾ اچي نه ٿي سگهي. هتي ته آنهن مجاهد ڪارڪنن ۽ اڳواڻن جي ضرورت آهي، جي گهر ٻار جي فڪرات کان آزاد ٿي، پيٽ سان پٽي ٻڌي، ٻاهرازين ۾ ڪاهي پون، يا وري ضلعي

(۵)

ويڪلي ”مجاهد“، سئنيما روڊ، جيڪب آباد.

۱۰- مئي، ۱۹۵۸ع

محترم قبله جي. ايم. سيد صاحب!

قبلا سائين! ”نئين سنڌ“ ۾، سائينجن جو مسلم ليگ ۽ نعپ پارٽيءَ جي سمجهوتي بنسبت وضاحتي بيان پڙهي، قلب کي اطمينان حاصل ٿيو. در حقيقت سائينجن جي بيان جي سخت ضرورت هئي ۽ هينئر اميد ته سڀني ورڪرن جو اطمينان ٿي ويندو، جيڪڏهن سندن دلين ۾ خلوص آهي ته.

قبله محترم! ملڪ جي عوام جي دردناڪ حالتن کي ڏسي، کهڙو قوم ۽ وطن جو خيرخواه هوندو، جنهن جي دل نه ڪڙهندي هوندي. قبلا سائين! سائينجن پنهنجي وضاحتي بيان ۾ ايندڙ اليڪشن ۾ نعپ طرفان ڪامياب ٿيندڙ ميمبرن جي تعداد جو جيڪو اندازو ڪيو آهي، ۽ نهايت ڪليل لفظن ۾، ڪنهن به لڪ لڪاءَ کان سواءِ پارٽيءَ جي اسبابن، ذريعن ۽ مالي حالتن جي ڪميءَ نسبت جيڪي ڪجهه اظهار ڪيو آهي، سو سورنهن آنا سچ آهي ۽ بروقت به آهي. چو ته رکيو خوش فهمين ۾ وهڻ پاڻ نقصانڪار آهي.

سائين منهنجا، عام چونڊن جي تاريخن کي نزديڪ ايندو ڏسي، جتي ڪٿي عام طرح ۽ اسان جي ضلعي جي سردارن، جاگيردارن ۽ وڏيرن ۾ خاص طور تي يڪا يڪ هڪ چر پر ۽ هلچل پيدا ٿي ويئي آهي ۽ منجهانئن ڪترا ورهين جا وڙهيل پنهنجا باهمي ويڙها وساري، ڪم از ڪم ظاهري طور ٿي ته اليڪشن جيتڻ لاءِ پاڻ ۾ کير کنڊ ٿي، پاڪر پائي وهيا آهن، ۽ با اثر سردار ۽ مير پنهنجي ورهين جي مٿل جماعتن کي دوباره جيارڻ جي ڪم کي لڳي ويا آهن. ورڪرن کي ڇڪر ڏني پيئي وڃي، پاڻ ۾ وعدا وعيد ۽ انجام اڪرام ڪيا ٿا وڃن.

قبلا سائين، هن ضلعي جي صحيح حالات کان آگاه ڪرڻ پنهنجو فرض ڄاتم. آئيندي جيئن سائينجن کي مناسب نظر اچي، تيئن ڪندا. هيءُ خط برادرم گيانچندانيءَ کي ضرور ڏيندا، جو هن ضلعي جي حالتن جي ڪيس گهڻي پاڳي ڄاڻ به آهي، ۽ هُو صاحب اسان سڀني کي سڃاڻي.

نياز مند،

عبدالڪريم "گدائي".

(٤)

جيڪب آباد،
ايڙو بلڊنگ، لگ ميونسپل آفيس.
٢- جنوري، ١٩٥٨ع

جناب قبلہ محترم!

سائين منهنجا! اوهان صاحبن جو ١٦-١٢-١٩٥٧ع جو لکيل خط اچ پهتو، جنهن ۾ سائينجن لکيو آهي ته هڪ سؤ روپين جو چيڪ موڪليو ٿا.

جواب ۾ عرض ته لفافي ۾ فقط سائينجن جو خط پيل آهي، مگر چيڪ ڪونه آهي. اطلاع لاءِ عرض ڪريان ٿو. آئيندي لاءِ مالڪ آهيو.

٢- باقي سائينجن جي جيپ ۽ لائوڊ اسپيڪر واريءَ اتر سنڌ جي ٽن ضلعن واريءَ اسڪيم سان غلام شامل راهه آهي. پر آها به هڪدم عملي صورت وٺي، جو ته چونڊن ۾ فقط هڪ سال جو وقفو آهي، ۽ ڪم اٿاهه آهي.

جواب جو منتظر،

عبدالڪريم "گدائي".

وڏيرن ۽ سردارن کي سرگرم ٿيندو ڏسي، هيءَ گذارش ياد ڏهانيءَ لاءِ سائينجن جي خدمت ۾ عرض ڪري رهيو آهيان، جا سائينجن جي باريڪ غور ۽ فوري توجهه جي محتاج آهي.

وڌيڪ آداب ـ

جواب جو منتظر ـ نياز مند،

عبدالڪريم گدائي (ايڊيٽر ”مجاهد“).

جنرل سيڪريٽري، نيشنل عوامي پارٽي،

ضلعو جيڪب آباد .'

(٦)

جيڪب آباد.

دام الطافه'

محترم جناب قبلا جي. ايم. سيد صاحب،

قبلا سائين، مودبانه عرض ته سائينجن کان دعائون پني، خير سان پهُتس. سائينجن جي ارشاد مطابق پنهنجي ننڍي نينگر جون ٽي درخواستون، ڊائريڪٽر تعليم، انسپيڪٽر آف ايڊيوڪيشن خيرپور ڊويزن ۽ ڊسٽرڪٽ انسپيڪٽر آف اسڪولس جيڪب آباد جي نالن تي عرض رکان ٿو. فقط ايترو عرض ڪرڻ مناسب ٿو سمجهان ته مڊل اسڪول ۾ مقرريءَ جي حالت ۾ ضلعي جيڪب آباد جي ڪنهن به مڊل اسڪول ۾ ۽ پرائمري ماستريءَ جي حالت ۾ جيڪب آباد شهر، ٺل شهر يا جيڪب آباد تعلقي جي ڪنهن نزديڪي اسڪول ۾ مقرر ٿئي ته احسان ٿيندو.

ڪلارڪيءَ جي مقرريءَ جي حالت ۾ به جيڪب آباد ضلعي جي ڊسٽرڪٽ انسپيڪٽر جي آفيس يا شڪارپور ۾ مقرري ٿئي ته سهنج پريو ٿيندو. اميد ته سائينجن خوش خورم هوندا. سلام ۽ نياز خانصاحب غلام قادر خان جا مطالع فرمائيندا. مودبانه

وڏي سرمايو آهي، جيپون آهن، وسيع ذريعا آهن، بي ضمير ۽ قوم فروش ورڪرن لاءِ رشوتون آهن، جن جي زور تي کين يقين آهي ته هو عوام کي خريد ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا، ۽ ڪنهن به وطن دوست، قوم ۽ عوام جي خيرخواه ۽ تعليم يافته اميدوار کي اسيمبليءَ ۾ وڃڻ نه ڏيندا. اهو تماشو شروع ٿي ويو آهي ۽ اسان جهڙن حساس طبيعت ۽ درد دل رکندڙ وطن دوستن جي دلين تي بي وسيلي، بي پئسي هجڻ سبب، نانگ ليٽي رهيا آهن.

قبلا سائين، ضلعي جو عوام ۽ وچولو طبقو آنهن وڏيرن ۽ سردارن جي ظلم و ستم کان تنگ، نالان آهي ۽ رت آهي. ضرورت فقط هن ڳالهه جي آهي ته ٽي مهيني جي پهرين تاريخ کان وٺي ضلعي اندر پارٽي پروپيگنڊا جي ڪم کي لڳي وڃجي، ۽ جيڪڏهن ڇهه مهينا مسلسل پروپيگنڊا ٿيندي رهي، ته مرڪزي ۽ صوبائي اسيمبلين جي نشستن مان ڪم از ڪم ٻه سيٽون ضرور اسان جي پارٽي حاصل ڪري سگهندي. مگر افسوس، جو جيپن ۽ ٿوري سرمائي جي نه هئڻ سبب، اسين هٿ هٿ تي رکيو ويٺا، وڏيرن جي پلٽي بازين جو تماشو ڏسون. ڪجهه وقت ٿيو ته سائينجن جو ارادو هڪ جيپ ڏيڻ جو هو، مگر ان کان پوءِ وري سائينجن شايد مصروفيت سبب خاموش رهيا. هينئر تازو مسٽر غلام قادر بلوچ سان لاهور ۾ ملاقات جي دوران به سائينجن هڪ جيپ لائوڊ اسپيڪر سميت ڏيڻ لاءِ ڳالهه ٻولهه ڪئي هئي. قبلا سائين، جيڪڏهن هڪ چڱي حالت واري جيپ ۽ لائوڊ اسپيڪر سميت ۽ ڪجهه ماهوار فنڊ، پيٽرول، ورڪرن جي گذاري ۽ پبلسٽي وغيره لاءِ ميسر ٿي سگهي ۽ ٽي مهيني کان ئي مسلسل پروپيگنڊا شروع ڪجي، ته يقيناً اسين ٻه سيٽون ضلعي مان ڪڍي سگهنداسون. ٿي سگهي ته هڪ سيڪنڊ هينڊ مگر چڱيءَ حالت واري جيپ غلام قادر لاءِ به ميسر ٿي سگهي ته بهتر ٿيندو.

برڪت علي آزاد

برڪت علي آزاد هڪ نهايت جهونو ڪانگريسي ۽ قومي ڪارڪن آهي. ان سلسلي ۾ هن ڪئين تڪليفون ڏٺيون آهن- جيئن ته گذرسعاش جي تنگي، جيل جون صعوبتون ۽ مکيه ساٿين طرفان بي اعتنائي، ۽ بيماريون وغيره.

سندس زندگيءَ جو وڏيڪ احوال ”جنب گذاريم جن سين“ ۾ ڏيڻ گهريم ٿي، پر دير سان پهچڻ ڪري ان ۾ اچي ڪونه سگهيو. جيڪڏهن خدا ڪيو، ٻي ايڊيشن شايع ٿي، ته آن ۾ ان کي داخل ڪرڻ جي ڪوشش ڪبي. اها نهايت افسوس جي ڳالهه آهي ته هھڙن سرويچ، لائق ۽ محب وطن ساٿين جو احوال منهنجي ڪتاب ۾ نه اچي!

سندس ڪجهه خط هيٺ ڏيان ٿو.

(١)

ڪوئيٽا روڊ، جيڪب آباد،

١٨- اپريل، ١٩٦٦ع

حضرت شاهه صاحب قبله!

السلام عليڪم: معلوم هجي ته طيءِ ٿيل پروگرام مطابق مون کي اچڻو هو. مگر ساڳيءَ تاريخ تي ڪورٽ ۾ حاضري آهي ۽ انهيءَ ڪري مون کي افسوس آهي، جو خدمت ۾ اچي، سعادت حاصل نٿو ڪري سگهان. انهيءَ لاءِ مان پنهنجي بجاءِ پنهنجي دوست مسٽر گل بهار صاحب کي خدمت ۾ موڪليان

نياز سائين امداد لاءِ- ڪو هن پاسي لاءِ حڪم هجي تہ ارشاد فرمائيندا.

ماڻهوءَ جي ميلي جي موقعي تي ڪجهہ قطعا لکيا هئم، اهي سائينجن جي ملاحظي لاءِ عرض آهن.

نياز مند،

عبدالڪريم "گدائي".

موڪليندس. اوهان جو دم اسان لاءِ غنيمت آهي، نہ تہ غريب ماڻهن کي اڄ ڪير ٿو پڇي؟ اميد تہ اوهان جو ثقافتي پروگرام ڪافي ڪامياب ويو هوندو.

خدا جي مخلوق جي بهتريءَ لاءِ اوهين جيڪي ڪجهہ ڪريو، سو قابل قدر آهي. الله اوهان کي صحت ۽ عمر دراز عطا فرمائي. آمين!

صاحبزادن کي گهڻا سلام ۽ نياز. ٻارن لاءِ پيار.

زياده خير -

اوهان جو عقيدتڪيش،

برڪت آزاد.

(٣)

گين هوٽل،

برنس روڊ، ڪوئيٽا.

دام لطفہ!

حضرت شاهہ صاحب قبلہ!

نوازشنامو موصول ٿيو - يادآوريءَ لاءِ مهرباني. اوهان جي هن خط مان ڪجهہ شڪررنجي ظاهر پئي ٿي.

قبلہ سائين! اوهان جي شڪايت بلڪل بجا آهي، پر منهنجو بہ ايترو قصور نہ آهي. ١٢-١٤ ورهين جي عمرکان زندگيءَ جا مسلسل ٣٥-٣٦ سال مون پريشان حاليءَ ۾ گذاريا آهن ۽ هي اوهان جهڙين فقيدالمثال هستين جي محبت جو نتيجو آهي، جو باوجود پنهنجي ذاتي ڪمزورين جي آءٌ قومي زندگيءَ ۾ ڪڏهن بہ بي اصول نہ رهيو آهيان.

اوهان کي شايد چاڻ نہ آهي تہ اسان جهڙن رضاڪارن کي زندگيءَ ۾ هميشه ٻٽي (double) جدوجهد ڪرڻي پيئي آهي- هڪ پنهنجي اصولن ۽ نظرين تي ثابت قدم رهڻ جي

ٿو. آهو اوهان سان گڏجي هلندو. مان شام واريءَ گاڏيءَ ۾ انڙ واهه پهچندس ۽ خدمت ۾ اچي پيش ٿيندس.
منهنجي طرفان محمد امين خان سان معذرت ڪري ڇڏيندا، چاڪاڻ ته پهرئين موقعي تي به چار ڪلاڪ دير سان پهچندس،

اوهان جو عقيدتمند،

برڪت علي آزاد.

(۲)

ڪوئيٽا روڊ، جيڪب آباد،
۲۷- جون، ۱۹۶۶ع

قبله سائين!

السلام عليڪم: اميد ته هر طرح بعافيت هوندا.
سوانح حيات رواني ڪرڻ بابت اوهان جو خط اورينٽ هوٽل حيدرآباد مان لکيل بندي کي موصول ٿيو، جنهن جو بروقت جواب ڏيئي، سائينجن کان معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪيم ته گهربل سوانح حيات اوهان کي کهڙيءَ ائڊريس تي رواني ڪجي- ڪراچيءَ، ڳوٺ جي ائڊريس تي سن، يا ٻئي ڪنهن هنڌ؟ ڏهاڪو ڏينهن گذري ويا آهن، پر اوهان وٽان ڪوبه جواب ڪونه پهتو آهي، شايد اوهان هوٽل مان روانا ٿي ويا هوندا. اج آءٌ ٻارن سميت ڪوئيٽا روانو ٿيندس.
ازراه بنده . . . وري ورندڙ ٽپال ۾ احوال ڏيندا ته سوانح حيات اوهان کي کهڙيءَ ائڊريس تي موڪلي ڏيان. ڪوئيٽا جو پتو هن گڏ موڪليان پيو.
سوانح حيات اٽڪل ويهه پنجويهه صفحا فل اسڪيپ پني جا ٿيندي، سموري شايع ڪريو يا ان جو ڪو حصو- بهرصورت مسودو سنڀالي رکڻ جي مهرباني ڪندا. فوٽو به مواد سان گڏ

سالن کان آءٌ جيڪب آباد کان سکر منتقل ٿيڻ جا سانباها ڪري رهيو آهيان، پر گهر ۽ دڪان وغيره لاءِ نه پڳڙيءَ جا پنج ست هزار ڏين ٿا، ۽ نه آءٌ جيڪب آباد جي وڏيرڪي ۽ چاپلوسيءَ واري ماحول سان نڪري، ڪنهن ڪاروباري ۽ علمي مرڪز ۾ پهچي سگهان ٿو. سکر ۾ آءٌ سنڌي ڪتابن جي پبلشنگ جو ڪم ڪرڻ چاهيان ٿو ۽ جيڪڏهن حالات ڪجهه ساٿ ڏنو ته ڪا اخبار وغيره به جاري ڪبي. جيڪڏهن اخبار جو ڊڪليئريشن نه مليو، ته ٻارن لاءِ ڪو ماهانه با تصوير رسالو ڪيدي، هن ادبي مهم جي بسم الله ڪبي. ٻاراڻي رسالي تي آءٌ سمجهان ٿو ته حڪومت کي اعتراض ڪرڻ جو ڪو سبب نه هوندو. رسالي جو نالو ٿي ”ٻارن جي دنيا“ يا پيو ڪو اهڙو نالو هوندو. ساڳيءَ طرح ٻارن جي لاءِ با تصوير رنگين قسم جا ڪتاب ڪيڻ هن سلسلي جي ٻي ڪڙي هوندي. ان کان بعد بندي جو پيو قدم دنيا جو بهترين ڪلاسيڪل لٽريچر سنڌيءَ ۾ آڻڻ، خاص طرح سنڌي عوام جي فڪري جلا لاءِ مغرب ۽ مشرق جا بهترين شاهڪار پنهنجي ٻوليءَ ۾ منتقل ڪرڻ – هيگل، مارڪس، والٽيئر، روسو، ڊارون کان وٺي ابن سينا، ابن عربي، ابن رشد، امراءُ القيس مصري، حافظ، خيام، سعدي، ابن خلدون وغيره، توڙي موجوده دور جي مفڪرين جي خيالات ۽ فلسفي جي اشاعت، ۽ ان کان سواءِ پنهنجي شاعرن ڀٽائي ۽ سچل جي ڪلام ۽ پيغام کان دنيا کي روشناس ڪرڻ جي فڪري ڪوشش منهنجي باقي زندگيءَ جي جدوجهد جو اهم حصو هوندو، وغيره وغيره.

هاڻي اچان ٿو، اوهان جي حڪم جي تعميل جي ڳالهه تي، جنهن لاءِ اوهان سان هيءُ آخري وعدو ٿو ڪريان ته باقي مئٽر (Matter) هڪ هفتي اندر پورو ڪري، اوهان کي رجسٽرڊ پئڪيٽ جي ذريعي موڪلي ڏيندس. جيڪڏهن ٢٥- تاريخ جولاءِ تائين اوهان کي رجسٽر نه ملي ته پوءِ اوهان کي اختيار

جدوجهد ۾ ئي زنده رهڻ ۾ پنهنجي اهل و عيال جي خدمت جي فرض جي بجا آوري. مون کي مهيني جا ۳۰ ڏينهن ئي محنت مزوري ڪري، پنهنجن ٻچن جي گذر اوقات ڪرڻي پوي ٿي. ۽ اچوڪي مصيبت ۽ مهانگائيءَ جي دور ۾ ته اجا به وڌيڪ هٿ پير هڻڻا ٿا پون. جيڪب آباد کان اچڻ بعد ٻئي ڏينهن تي آءٌ مستونگ (قلات) هليو ويو هوس، جتي اسڪولن ۽ ڪاليجن ڏانهن منهنجا ڪي بل ڪتابن جا رهيل هئا. واپس آيس ته هتي پڻ ساڳي ڪار- هر اسڪول ۽ اداري ۾ ڪتاب ڏيکارڻ ۽ نيڪال ڪرڻ وغيره- وري جو گهر جو سودو، سبزي ڀاڄي ۽ ٻيون ضروريات زندگي، ٻارن جي پڙهائي ۽ ٻيو هرڪا نيڪي بدي- اها ساڳي حالت جيڪب آباد ۾ به هوندي آهي. اوهان کي محمد امين خان جي ڳوٺ ۾ اها خبر ملي هئي ته ڪيئن هڪ سرڪاري چمچي، غالب لطيف وٽ، جڏهن ڪتابن جي بل جا پئسا وٺڻ ويس ته هن بل جي ادائگي ته نه ڪئي، پر الٽندو مون تي جُلهه ڪري آيو ۽ منهنجي پنجاه سٺ روپين جي نظر جي عينڪ ڀڃي ڇڏي. نيٺ شيخ اياز صاحب وچ ۾ پئي، هن کان معافي وٺائي. هن بل جي ادائيگي ته ڪئي، پر عينڪ جا پئسا اجا ڪونه ڏنا اٿس. نتيجو هيءُ نڪتو آهي ته آءٌ گذريل ۵-۶ مهينن کان عينڪ کان محروم آهيان. هاڻي عينڪ نه هجڻ ڪري، نه چڱيءَ طرح پڙهي سگهان ۽ نه لکي ٿو سگهان. پر اهڙين پريشانيءَ جي حالتن ۾ به مون اچ تائين سوانح حيات جا فل اسڪيپ جا ۲۲ صفحا لکي پورا ڪيا آهن. باقي شايد ڏهاڪو کن پنا پيا لکڻا پوندا. جنهن گهر ۾ رهان ٿو، سو به مون جهڙا غريب ماڻهو آهن. گهر ۾ اليڪٽرڪ وغيره ڪانه آهي، بتيءَ جي روشنيءَ ۾ عينڪ کان سواءِ ڪم ٿي نٿو سگهي. اميد آهي ته ڏهن ڏينهن تائين عينڪ جا پنجاه سٺ رپيا بچائي سگهبا ۽ هيءُ مسئلو حل ٿي ويندو. ڪيترن

اسان نندڙن کي چاڪاڻ ته اوهان جهڙين برگزيده هستين جي صحبت جون چند گهڙيون نصيب ٿيون آهن، آن ڪري پاڻ پنهنجي مستقبل کان مايوس نه آهيون.

آيرنا ہے مٹ مٹ کے نقش حیات.

هيءَ هڪ ازلي دستور آهي، ان ڪري هيراسان ٿيڻ جو ڪو سبب ئي ڪونهي. آخر ته اوهان جا سپاهي آهيون.

بندي واري اڏوڪابريءَ لڪيل خود نوشت جو ڇا ٿيو؟ اوهان واري ڪتاب ۾ شايد دير سان موڪلڻ ڪري ڇپجي نه سگهي آهي. اها مهرباني ڪندا، جو بندي کي ازراه ڪرم آگاهه فرمائيندا ته مذڪور رام ڪهاڻي ڪنهن مصرف ۾ ڪار جي به آهي يا نه؟ محترم جويي صاحب کي عرض ڪيو هوم ته سائينءَ کان ورتيون اچجو. احوال ڏنائين ته آن جو نقل شايد اوهان وٽان عنايت ٿي سگهندو. جيڪڏهن واقعي هيءَ ڪا اگهڻ جهڙي شيءِ آهي ۽ ان کي شرف قبوليت ملي سگهي ٿو، ته پوءِ ازروي ذره نوازي ان جو نقل ڏياري منجدل جيئن قصي کي اڳتي هلائي، ان کي اختتام ڏائين پهچائجي - هيءَ فقط ۱۹۲۸ع کان ۱۹۴۰ع ڏائين جي روئداد آهي.

سائين منهنجا! ٻيو ڪهڙو حال احوال آهي؟ هن خادم کي ڪڏهن پنهنجي سپاجهڙي يادگيريءَ کان سرفراز ڪندا رهندا ته عين عنايت ۽ نوازش سمجهندس.

هڪ شعر ”سلام سنڌ“ جي عنوان سان روانه خدمت ڪجي ٿو. اميد ته هيءَ حقير نذرانو پسنديدگيءَ جي نظر سان ڏٺو ويندو.

زياده خير و السلام.

اوهان جو عقيدتمند،

برڪت علي آزاد، جيڪب آباد.

آهي ته اوهين پل پنهنجو ڪتاب ڇپائيءَ لاءِ ڏيئي ڇڏيو، جنهن لاءِ مون کي ڪابه شڪايت نه هوندي.

اوهان جنهن صبر ۽ ڌيرج سان ڪم ورتو آهي، سو اوهان جو ئي حصو آهي. مون کي باقي هڪ هفتي جي مهلت جيڪڏهن عنايت ڪندا ته انشاء الله نهايت معلومات افزا ۽ پنهنجي قسم جي رام ڪهاڻي خدمت ۾ رواني ڪري سگهندس. باقي فقط هڪ هفتي جي عنايت ڪيو، جنهن جي آخري تاريخ ٢٥- جولاءِ آهي، جنهن بعد اوهان بندي جو هرگز انتظار نه ڪندا.

فقط والسلام

اوهان جو عقيدتمند،

بنده آزاد.

(٤)

ڪوئيٽا روڊ، جيڪب آباد،

١٧- اپريل، ١٩٦٨ع

دام لطفه'!

قبلہ شاهہ سائين،

السلام عليڪم: عرصي دراز کان اوهان جي خوش خير و عافيت جو احوال نه مليو آهي، جنهنڪري سخت انتظار وهي ٿو. اميد ته اوهان جي طبيعت هينئر بحال ٿي ويئي هوندي، باقي زماني جون ستم ظريفيون، اوهان جهڙن عزم و عمل جي صاحبن جو ڇا بگاڙي سگهنديون؟

هرگز نه ميرد آنکہ، دلش زنده شد به عشق

ڪنهن اعليٰ مقصد جي جستجو ۾ زندگي گذارڻ، هيءَ هڪ اهڙو اعليٰ مقام آهي، جو سڀڪنهن کي هٿ اچڻ مشڪل هي. بقول مولانا محمد علي جوهر-

يہ مرتبہ بُلند ملا، جس کو مل گيا،

ڪتابن جو دڪان، جو جنوري ۱۹۷۰ع جي لساني فسادن ۾ اردوءَ جي نادان دوستن، محض ان ڪري سنڌي بورڊ لڳائڻ جي جُرم ۾، تباهه ڪري ڇڏيو آهي. هن عظيم تباهيءَ جي باوجود بندي جي اڄ تائين ڪنهن به ڪا مدد ڪانه ڪئي آهي. سکر ۾ هڪ مهاجر جي مسواڙي جاءِ ۾ اڃا سڪونت پذير آهيان. هن جاءِ جي مالڪ جي متعصبانه ۽ لالچي ذهنيت جي ڪري، آءٌ اڃا به وڏيڪ تڪليف ۾ اچي ويو آهيان. هن طرفان بندي جي خلاف ڪورٽ ۾ مسواڙ جي وصوليءَ جي سلسلي ۾ دعوا داخل ڪئي وئي آهي، جا ٻن سالن کان هلي رهي آهي. شروعات ۾ محترم شمس الدين شاهه ۽ سال ڏيڍ کان هڪ همدرد هندو وڪيل بندي جي مفت پيروي ڪري رهيو آهي. جاءِ جي مالڪ دولت ۽ رشوت جي زور تي، بندي کي هن جاءِ مان بيدخل ڪرايو، دڪان کي سيل مهر ڪرايو ۽ ٻيون انيڪ تڪليفون پهچايون.

مهاجرن جي هزارن جي انبوهه دڪان تي حملو ڪري، جيڪا تباهي آندي، ان باري ۾ مقامي دوستن ڪا مدد ڪانه ڪئي، پر ڪنهن اخبار ۾ اڄ تائين ڪا خبر يا تبصرو به ڪونه ڪيو ويو. چاڪاڻ ته آءٌ غريب ڪارڪن هوس، ڪنهن نام نهاد وڏي ماڻهوءَ سان اها ڪار ٿئي ها ته زمين آسمان هڪ ٿي وڃي ها. هن جاءِ مان بيدخل ٿيڻ بعد ڇهه مهينا هڪ اسڪول ۾ ٻارن ٻچن سميت، هڪ پناهگير جي حيثيت ۾ مقيم رهيو آهيان ــ ۽ اهو به هڪ مسلم ليگي محترم آغا بدرالدين ائڊووڪيٽ جي مهربانيءَ سان. ان بعد مسلسل ڇهه اٺ مهينا هڪ ٻن تعليمي ادارن بندي کان ڪجهه ڇڳي ڪتابن جي خريداري ڪئي، جنهن مان هڪ هزار ڪن روپين جي موڙي ٿاهي، سکر جي مهراڻ مرڪز ۾ ڪنڊيل اپريل ڏاري پوڻن ٽن

(۵)

ڪوئيٽا، گرين هوٽل،
۱۵- جون ۱۹۷۲ع

زعيم وطن! جناب شاهه صاحب قبله!

جيئي سنڌ! ڪافي وقت بعد سائينجن کي مخاطب ڪرڻ جو موقعو مليو آهي. ستم رسيده سنڌ لاءِ اوهان جون قابل قدر ۽ لازوال ڪوششون سنڌ جي تاريخ جو هڪ روشن باب آهي. بندي جيڪب آباد کي خيرآباد چئي، مستقل طور ٿي سکر ۾ رهائش محض ان لاءِ اختيار ڪئي آهي ته هڪ مرڪزي هنڌ (شهر) ۾ سڪونت اختيار ڪري ۽ ڪجهه ڇگو روزگار جو وسيلو هٿ ڪرڻ بعد پنهنجي مشن ۽ مقصد کي اڳتي وڌائڻ جي ڪوشش ڪجي. بندو پنهنجي باقي مانده زندگي فقط علم و ادب جي اشاعت لاءِ وقف ڪرڻ چاهي ٿو. خصوصاً دنيا جي مکيه ترقي يافته زبانن جو ڪلاسيڪل خواهه انقلابي لٽريچر آءٌ سنڌي ٻوليءَ ۾ منتقل ڪرڻ چاهيان ٿو. هن سلسلي ۾ بندو، هڪ غريب سپاهيءَ جي حيثيت ۾، هر قسم جي صعوبتن ۽ فقر ۽ فاقي جي باوجود، هڪ ڇگو ذخيرو انگريزي، اردو، فارسي، عربي ۽ هندي ڪتابن جو گڏ ڪري سگهيو آهي. پر مسلسل نقل مڪاني، تلاشين ۽ جيل و بند ۾ گذارڻ جي ڪري، منهنجي هن علمي ذخيري کي ڪافي نقصان به پهتو آهي. تڏهن به آءٌ سمجهان ٿو ته بندي وٽ ڪتابن جو ايترو سرمايو موجود آهي، جو آءٌ هرقسم جون تصنيفات، ٻارن، نوجوانن، عورتن ۽ خواهه سياسي ۽ سماجي موضوعات تي تيار ڪري سگهان ٿو. بندي وٽ تقريباً ويهن هزارن روپين جي قيمت جا ڪتاب موجود آهن، ۽ اها ئي منهنجي موڙي ۽ ملڪيت آهي. جيڪب آباد ۾ پنهنجي اباڻي ملڪيت (ٽي جايون)، هڪ پرنٽنگ پريس، ۽ سکر ۾ هڪ

بيهاري سگهندس، بلڪ هڪ اشاعت گهر ۾ آن سان گڏوگڏ قائم ڪري سگهندس. سڄيءَ سنڌ اندر ڪم از ڪم هڪڙو ته معياري پرچو اهڙو هجي، جو اردوءَ جي هفتيوار ”چٽان“، ”ليل و نهار“ ۽ ”اخبار جهان“ سان برميچي سگهي. اخبار با تصوير ٿيندي، جنهن لاءِ سڄيءَ سنڌ جي محب وطن ۽ ادب نواز شخصيتن جي بلاڪن جي ضرورت آهي. هن سلسلي ۾ اوهان جي جامع ڪتاب ”جنب گذاريم جن سين“ ۾ سوين بلاڪ سنڌ جي بزرگ ۽ چيده شخصيتن جا آيلَ آهن، اهي بلاڪ ازراهه مهرباني ۽ بنده پروري جيڪڏهن اخبار ”سنڌ“ ۾ وقت به وقت استعمال ڪرڻ لاءِ عنايت ڪربو، ته اها پڻ اوهان جي وڏي سرپرستي ٿيندي، ڇاڪاڻ ته بندو ايترن گهڻن بلاڪن جي خرچ کان ڇٽي پوندو. اهي بلاڪ، اوهان جي ملڪيت رهندا، رڳو خادم کي انهن جي استعمال جو حق ملڻ کپي. ان کان سواءِ اوهان جي ڪا هڪ اڌ تصنيف تازه بتازه جيڪڏهن بندي کي عنايت ٿيندي، ته اها پڻ اوهان طرفان وڏي مدد ٿيندي.

ان کان سواءِ ٻيا به ڪيترا طريقا ۽ ذريعا ٿي سگهن ٿا، جن متعلق اوهين پاڻ گهڻو ڪجهه سوچي سگهو ٿا. هن باري ۾ بندو سڄ جي اڳيان ڏيئو جهلڻ جي جرئت ساري نٿو سگهي. پرچو وڏ ۾ وڏ جولاءِ جي پهرئين هفتي شايع ٿي وڃڻ کپي، ڇاڪاڻ ته ۱۲- جولاءِ تي ٽي مهينا پورا ٿيندا ۽ قانوناً ٽن مهينن اندر پرچو هر حالت ۾ شايع ٿيڻ گهرجي. اوهين مناسب سمجهو ته ميان رحيم بخش سومري ۽ حاجي مولا بخش کي اخبار جي سرپرستي ڪرڻ لاءِ چوندا، يا خط لکندا. ڇاڪاڻ ته الهه بخش شهيد جي ياد ۾ نڪرندڙ پرچي کان هنن جو بي نياز رهڻ انتهائي ديده دليري ٿي سگهي ٿي. آءٌ ٻيا ڪهڙا الفاظ استعمال ڪريان. پرچي جي پهرين اشاعت لاءِ پنهنجو پيغام بلاڪ سان گڏ ورندڙ ڏپال ۾ روانو فرمائي، بندي جي همت افزائي ڪندا. محترم محمد

سون روپين جي ماهياني مسواڙ تي جاءِ هٿ ڪئي اٿم، جنهن ۾ جاءِ رهائش، اخبار جي آفيس، اشاعتي مرڪز خواهه ڪتابن جي ڏنڊي ڪرڻ جيتري گنجائش آهي. ۱۳- اپريل تي اخبار ”سنڌ“ جو ڊڪليئريشن مليو آهي اها اخبار مرحوم شهيد الهه بخش سومري جي ياد ۾ ڪڍڻ چاهيان ٿو. سندس ناخلف اولاد ۽ حاجي مولا بخش صاحب باوجود هزار وعدن جي اجا ڪابه مدد ڪانه ڪئي آهي. ٽن مهينن اندر اخبار جاري ڪرڻي آهي، جنهن جو مدو ۱۲ جولاءِ تي پورو ٿيندو. فقط احمد ميان سومري، ۲۰۰ رپين جي مدد ڪئي هئي. حالانڪ هڪ معياري اخبار ”ليل و نهار“ جي انداز جي طرز تي ماهيانو خرچ ڪم از ڪم به اڍائي هزار رپيا آهي ۽ انهيءَ حساب سان ڪم از ڪم ٽن مهينن تائين اخبار کي پنهنجي پيرن تي بيهارڻ لاءِ ڏهه هزارن جي خرچ جو تخمينو آهي. اخبار جي اجراءِ لاءِ گهٽائي هٿ پير پيو هڻان، پر اجا ڪا خاص ڪاميابي حاصل ڪانه ٿي آهي. آخر بي ڪا واهه نه ڏسي، اوهان جي جامع، همه گير بلڪ عالمگير شخصيت ڏانهن رجوع ٿيڻو پوي ٿو ته مهرباني ڪري اوهان ڪا واٽ ڏسيو ۽ رهنمائي ڪريو. سنڌ ۾ خدا جي فضل سان اوهان جا ڪيترائي چڱا خاصا خوشحال قسم جا عقيدتمند موجود آهن. جيڪڏهن ٿورو توجهه فرمايو ته آءٌ سمجهان ٿو ته اوهان جي هڪ پراڻي ساٿيءَ جي هڪ هفتيوار پرچي جو وجود ۾ اچي وڃڻ ڪا وڏي ڳالهه ڪانه آهي. مون کي فقط ٽن مهينن جي اخبار جي خرچ لاءِ ڏهه هزار رپيا کپن. ان بعد آءٌ انشاءالله پاڻ سر نه رکيو اخبار کي پنهنجي پيرن تي

سوڀو گيانچنداڻي

سوڀو گيانچنداڻي، لاڙڪاڻي ضلعي جو وڪيل، قومي ڪارڪن آهي. ان سلسلي ۾ ڪيترا ڀيرا جيل ۾ به رهي چڪو آهي. مون سان به ڪجهه وقت کان تعلقات رهيا اٿس.

هن وقت لاڙڪاڻي ۾ وڪالت ڪري رهيو آهي. حالتن کيس مجبور ڪيو آهي ته سياست کان رٽائر ڪري، خاموشيءَ سان وڪالت ۾ زندگي صرف ڪري. پر صحيح ۽ سالم دماغ جو ساٿو هئڻ ڪري هن جو وجود ئي قوم لاءِ نعمت آهي.

(١)

پوسٽ ڏوڪري،
٨- جولاءِ، ١٩٥٦ع

محترم شاه صاحب-

مان ٢٦ تاريخ ڪراچي ڇڏي، ۽ تڏهن کان ڳوٺ آهيان- ڪوئيٽا وڃڻ جو پروگرام به اڃا ڳهرڳهلو آهي. پڪ نه آهي ته ويندس يا نه، ڇو ته وهڻ جي جاءِ جو ڪو خاطر خواه انتظام اڃا نه ٿي سگهيو آهي.

توهان اميد ته پريس ۽ اخبار جي سلسلي ۾ ڳالهيون ڪنهن توڙ تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي هوندي. جنهن ماڻهوءَ لاءِ توهان سان ڳالهه ڪئي هيم، ته مئنيجر لاءِ تمام موزون ٿيندو، اهو بلڪل راضي نه ٿيو، ڇو ته هڪ ته کيس

امين خان کي به لکندا ته اوهان جو لکئو اجايو نه ويندو-
زياده ڇا لکجي؟ اوهين سڀ ڪجهه ڄاڻو ۽ سمجهو ٿا.

زياده خير و السلام.

اوهان جو خادم ۽ سپاهي،

برڪت علي آزاد،

ايڊيٽر ”سنڌ“ هفتيوار،

٥- بي ماڙ، مهراڻ مرڪز، سکر، سنڌ.

جواب سکر جي ائڊريس تي عنايت ڪندا.

جيڪڏهن ڪنهن به وقت منهنجي ضرورت هجي ته لکي موڪليندا، ته هڪدم پهچي ويندس.

توهان جو،
سوڀو گيانچنداڻي.

[ڪارڊ] (۲)

”نئين سنڌ“، ابراهيم منزل،
ميڪلوڊ روڊ، ڪراچي.
۲۵- ڊسمبر، ۱۹۵۶ع

محترم شاهه صاحب-

اڄ جويي ٻڌايو آهي ته ڪهڙي صاحب ڏهين جنوريءَ تي سنڌي ادبي بورڊ جي ميٽنگ رکي آهي ۽ ڪن ٻين مکيه ماڻهن سان ميمبرن کي ملاڻ جو به خيال اٿس. توهان ڏهين ۽ يارهين تاريخ لاڙڪاڻي ۽ شهدادڪوٽ ۾ ڪانفرنسون رکيون آهن. مان پوسٽر ڇپائڻ جي خيال کان اهو ڄاڻڻ ٿو چاهيان ته توهان ان صورت ۾ يارهين ۽ ٻارهين تاريخ تي لاڙڪاڻي ته نه پهچي سگهندا! احوال ڏيو ته تاريخون مٽائي ڇڏجن.

ٻيو سڀ خير-

توهان جو،
س- گ.

(۳)

ڪراچي،
۱۸- اپريل، ۱۹۵۷ع

محترم شاهه صاحب-

محمود علي قصوريءَ جو خط آيو آهي، جو توهان کي به مليو هوندو. جيڪب آباد وارن لکيو آهي ته چاڪاڻ ته ميان غلام قادر بلوچ کي ۱۳-۱۷ مئي تائين ڪورٽ جو

وڏيڪ اجورو ملندو آهي، ۽ پيو ته ڪيس اهو به خطرو پئي لڳو ته عوامي محاذ جي اخبار ۽ پريس لاءِ ڪم ڪندي، ڪيس اهو ئي سياسي خطرو لڳو رهي ها، جو هميشه اسان جهڙن لاءِ آهي ئي آهي. هڪ ٻئي ماڻهو لاءِ به ڪوشش ورتي هيم، آن به نه مڃيو. آن ڪري توهان کي پيو ڪو موزون ماڻهو سجهي، ته پل ان کي رکندا. في الحال جيڪڏهن پيو ڪو نه ملي ته ڪم کي هلائڻ لاءِ مان حاضر آهيان. پر بهتر اهو ئي ٿيندو ته اهڙي مئنيجمينٽ رکي وڃي، جو چڱو وقت مسلسل اها ئي مئنيجمينٽ رهي.

توهان جو ڪتاب ”قوميت جو مسئلو“ خيال سان پڙهي ويو آهيان. شڪر آهي، جو جيڪو خطرو اڳوات پئي ڀانيم سو آن ۾ ڪو نه آهي. ڪتاب جو ڀريون حصو تمام چڱو ۽ تفصيل سان لکيل آهي. البت ڪيترا حصا ڪمزور ۽ تشنه رهجي ويا اٿس. وڌيڪ تفصيل سان، اميد ته ان باري ۾ توهان کي روبرو پنهنجا خيال پيش ڪندس. گذريل ٽن سالن ۾ ڀانيان ٿو ته توهان ڪافي هڪ سائنٽيفڪ قومي نظريي جي قريب آيا آهيو ۽ باقي جيڪي پهلو اچا به هڪ سائنٽيفڪ قومي نظريي قائم ڪرڻ لاءِ ضروري آهن، تن تي به توهان غور ڪري هن تحريڪ جي ابتدا کان ئي صحيح رهنمائي ڪندا ته آئينده اهي مشڪلاتون نه ڏسڻيون پونديون، جيڪي قوميت جي صحيح جذبي کي غلط فسطائي طريقي سان ڪم آڻڻ مان پيدا ٿينديون ۽ پيدا ٿي رهيون آهن.

ڪتاب ”سنڌ جا مسئلا“ جون ٥٠ ڪاپيون يا اچا به وڌيڪ ڪنهن آئي وٽ يا پارسل ذريعي، تاج محمد ابڙي کي لاڙڪاڻي ۾ موڪلي ڏيندا، ته آهي توهان جي هدايت مطابق لائبررين ۽ پڙهيل ڳڙهيل طبقي اندر ورهائي ڇڏيون.

اهو چٺي آئينده هٿ موڪلي ڏيندا. ضرورت پوڻ تي، اسان اهو واپس ڏياري موڪليندا سون.

توهان جو مخلص،
سوڀو گيانچنداڻي.

(٥) [انگريزي]

پيارا شاهه صاحب!

آئيندي لاءِ نئين سنڌ پريس کي کهڙيءَ ريت هلائجي، تنهن بنسبت منهنجو، جو سمجهوتو ٿيو آهي، اهو هيٺ ڏيان ٿو:

منهنجي آخري ايسٽيميٽ، پريس تي قرض جي، ١٢ هزارن کان مٿي نه آهي.

ماهوار هزار روپين کان وڌيڪ نقصان نه پوندو. توهان ماهوار ٻن هزار روپين جي نقصان ڀرڻ جو وعدو ڪيو آهي.

آئيندي ڇهن مهينن ۾ سڀ قرض لاهڻا پوندا. توهان اهي رقمون هر مهيني جي پهرئين هفتي ۾ ڏيندا، جنهن جي شروعات جولاءِ ١٩٥٨ع کان ٿيندي. آءٌ ذمون ٿو کڻان ته مٿي ڏيکاريل انگ نه وڌندا ۽ ڪنهن به صورت ۾ ٻن هزارن کان وڌيڪ توهان کان پريس لاءِ گهُر نه ڪبي.

اوهان جو مخلص،
سوڀو گيانچنداڻي.

(٦)

”نئين سنڌ“،
ميڪلوڊ روڊ، ڪراچي.
٢٨- جون-

محترم شاهه صاحب!

مان پاڻ هفتي کان بيمار هيس، اڄ ڪُجهه هلڻ چلڻ جهڙو ٿيو آهيان. آن ڪري پريس جو ڪم به گهٽو رُلي ويو آهي.

ڪم آهي، ان ڪري هنن لاءِ ۱۳-۱۹ مئي جون تاريخون ٺيڪ نه ٿينديون. بهتر اهو ٿيندو ته هنن کي ۲۶ مئي کان پوءِ جون تاريخون موڪليو، جو ۲۰ کان ۲۶ تائين وري سکر وارن جو پروگرام آهي، جنهن جي باري ۾ هنن پڪ لکي موڪلي آهي. ٽنهي ضلعن گهُر ڪئي آهي ته ميان افتخارالدين، خان عبدالغفار خان ۽ شهزادي عبدالڪريم کي گهرائجي.

جيئن ته ميان هت آهي، سا ٽس پڪ ڪري سگهجي ٿي. خان عبدالغفار خان کي توهان اسان ٽي لکي موڪليندا ۽ شهزادي کي به.

قصوري صاحب تنظيمي ڪميٽيءَ جي ميٽنگ لاءِ لکيو آهي، سو جيڪڏهين ۱۳ کان ۱۹ مئي جي وچ ۾ تاريخ ڏيوس ته شايد ٺيڪ ٿيندو، ڇو ته جيڪب آباد جو رٿيل پروگرام رد ٿي ويو آهي. وري به پاڻ مالڪ آهيو.

اميد ته پهلاج راءِ کي رقم موڪلي هوندو.

رئيس اڃا تائين ڊرافٽ جو بندوبست نه ڪري ڏنو آهي. ڪاغذ ڪلهه بئنڪ کي موڪليا اٿس. بندوبست ۾ اڃا به ٻه ڏينهن لڳندا. ان وچ ۾ مزوور عيد لاءِ پيسا گهري رهيا آهن، ڏاڍو تنگ ٿيا آهيون. اميد ته اخبارون توهان کي اچڻ شروع ٿيون آهن.

توهان جو مخلص،
سوڀو گيانچنداڻي.

(۴) [انگريزي]

ديلي ”نئين سنڌ“،
ميڪلوڊ روڊ، ڪراچي.
۳۰- سيپٽمبر، ۱۹۵۷ع

پيارا شاهه صاحب!

مهرباني ڪري، اوهان وٽ جيڪو ٽائيپ رائيٽر آهي،

محمد عثمان ڏيپلائي

هيءُ ڏيپلي، ضلعي ٿرپارڪر جو ويٺل، هڪ پراڻو صحافي، ڪيترن ڪتابن جو مصنف ۽ قومي ڪارڪن آهي. سندس حياتيءَ جو بيان "جنب گذاريم جن سين" ۾ ڏنو اٿم.

هتي سندس ڪيترن خطن مان، ڪجهه خط پيش ڪريان ٿو.

(۱)

۱۱- فبروري، ۱۹۵۶ع

جي عرض،

بخدمت چيئرمن صاحب، سنڌي ادبي بورڊ

جناب عالي!

سائينجن جي حڪم موجب، مون بورڊ ۾ "پبليڪيشن اسسٽنٽ" جي چارج ورتي آهي ۽ اميد ته انهيءَ خدمت کي پنهنجو مقصود سمجهي، دلي چاهه سان بجا آڻيندس.

مگر ظاهر آهي ته انهيءَ طرح آءٌ پنهنجي ذاتي دارالاشاعت ڏي توجهه ڏيئي ڪونه سگهندس. منهنجا ڇوڪرا ننڍا آهن، منهنجو وڏيڪ هيڏانهن توجهه ڏيڻ سندن تعليم ۾ هرج وجهندو.

تنهنڪري منهنجو عرض آهي ته جيئن بورڊ مهرباني ڪري مسٽر هري سندر، سيڪريٽري، ڪوڙو مل سنڌي ساهتيه منڊل، کان سندس اسٽاڪ خريد ڪيو آهي، اهڙيءَ طرح منهنجي ڪتابن جو اسٽاڪ به ساڳين شرطن سان خريد فرمايو وڃي، ۽ پڻ منهنجيون

اڌ اسٽاف بيمار ٿي پيو آهي. ايڊيٽوريل واقعي ڦسڦسا آهن، پر ڇا ڪيان، مان پاڻ لاچار هوس تنهنڪري ٻين پٺي لڪيا.

ٻهرين تاريخ کان موتيرام کي پريس ۾ آڻيان ٿو، ڇوته جيتري دير ڪبي اوترو ڪم رلندو.

اڄ توهان کي تار ڪئي اٿم. خبر اٿم توهان خود تڪليف ۾ آهيو، پر اسان به لاچار ٿيو پئون. ماڙو جي پنهنجي وعدو پورو ڪندو، پر ڪيس ڪجهه ڏائيم لڳندو. ٺٽي کان، ۽ حيدرآباد ۾ ڪوڙل شاهه وڏان کي به ڪين پهتو آهي. هاٽي نيوز پرنٽ لاءِ ۵۰۰، سو ڪپڻ، ٻگهارن لاءِ اڍائي هزار، اي. پي. پي ۽ ڏيلي پرنٽر لاءِ ٽي هزار ۽ ڪجهه قرض باقي آهن.

توهان جي طرفان خط سپاڻ حيدرآباد، ٺٽي، جيڪب آباد، سکر موڪلرائي رهيو آهيان. اگر ڪو نه موڪلي سگهيس، جو جنهن ڏينهن اوهان ڪراچي ڇڏي، مان به اُن ئي ڏينهن کان وٺي اڄا بيمار رهيو آهيان. اميد ته توهان نوبنا هوندا. دوستن کي تاڪيد ڪرائيندا .

قصوريءَ کي تار موڪلي اٿم.

توهان جو،

س . گ .

سائينجن مون کي اخبار بابت به فرمايو هو، پر ڏٺم ته اوهين "نئين سنڌ" جون ڳالهيون ڪري رهيا هئا، ان ڪري خاموش رهيس. بهرحال، جيڪڏهن منهنجي اخبار جي ضرورت هجي ته حاضر آهي. جيئن به اوهان جي مرضي هوندي، تيئن ڪبو. آءٌ ايڊيٽريءَ جو به خواهان ڪونه آهيان، جيئن وٺيو تيئن هلايو. جيڪڏهن سون ڏي ڪا به ڊيوٽي ازخود رکندؤ ته بجا آڻيندس، نه ته بس - زياده خير.

مهرباني ڪري، منهنجي پنسن جي ترت عنايت فرمائيندا. بيحد لاچار آهيان.

نيازمند، محمد عثمان.

(۳)

روزانه "عبرت"، حيدرآباد سنڌ

هيڊ آفيس: الهندو ڪچو، حيدرآباد.

۹- مئي، ۱۹۵۷ع

دائم الطافهٗ-

بخدمت عاليجناب جي. ايم. سيد صاحب،

السلام عليڪم: باادب عرض ته

(۱) جناب ڊاڪٽر بلوچ صاحب ڏي اوهان جو هڪ لکيل ليٽر نظر مان گذريو. اڳاهه سياسي ۽ خانگي پريشانين وچان به ايڏي علمي اسڪيم رٿڻ جي جيتري تعريف ڪجي، اوتري گهٽ آهي. روشن هجي ته انهيءَ ساڳئي موضوع ۾ منهنجي به هميشه کان دلچسپي رهي ٿي. جيڪڏهن انهيءَ موضوع ڏي ڪو ڪتاب لکڻ منهنجي حوالي ڪندا ته نهايت چاهه ۽ دلي شوق سان تيار ڪندس. اميد آهي ته مون کي اهڙو سوقعو ڏيندا.

(۲) منهنجي پنسن بابت سائينجن کي باربار عرض ڪري

تصنيفات دوباره ڇپائڻ جي مهرباني به بورڊ فرمائي؛ ان لاءِ جيڪي به مناسب شرط هوندا، سي آءٌ قبول ڪندس.

مون کي يقين آهي ته هن طرح مدد ڪرڻ سان بورڊ مون کي وڌيڪ تندهيءَ سان پنهنجي خدمتن جو موقعو ڏيندو، جنهن ۾ سنڌي ادب جي بهتري ٿيندي.

زياده ادب-

نياز مند،
محمد عثمان ڏيپلائي،
پبليڪيشن اسسٽنٽ، سنڌي ادبي بورڊ،
حيدرآباد سنڌ.

(٢)

روزانه "عبرت"،
حيدرآباد سنڌ ۽ ميرپورخاص،
هيڊ آفيس: الهندو ڪچو، حيدرآباد سنڌ.
١٤- آگسٽ، ١٩٥٦ع

عاليجاها!

السلام عليڪم:

سائينجن وعدو فرمايو هو ته لاهور مان موٽڻ شرط توکي پئسا ڏيندس. ان موجب آءٌ ڪراچيءَ آيس، پر سائينجن آنهن پئسن بابت ڪو به رُخ ڪونه ڏنو، شايد پوڙن جي تباهيءَ جي فڪرن ۾ هئا. ان ڪري لاچار آءٌ بے صبر سان واپس موٽي ويس.

هاڻي عرض آهي ته منهنجي مالي حالت بيحد تشويشناڪ آهي. مهرباني فرمائي، وعدي مطابق پئسن جي عنايت ڪندا. آءٌ نهايت سخت مشڪلاتن ۾ گهيريل آهيان.

محمد عيسيٰ کي ڇڏيندو. و الله اعلم - جي ائين سچ هجي ته "نئين سنڌ" جو سنڌ مان نڪرڻ وڌيڪ اهميت وارو ٿيندو.

(۴) [ڪارڊ]

۲۴- مارچ، ۱۹۶۱ع

دام الطافه'-

بخدمت رفيع منزلت محترم شاهه صاحب،

السلام عليڪم، خيريت طرفين مطلوب.

مقصد معروض ته ڪراچيءَ ۾ جيڪو اعتراض اوهان سچل سرمست جي شعر "آشڪار چون شده دو دل تو عشقش" تان ورتو هو، سو اڄ لالا صاحب وارو رسالو کولي ڏٺم ته آن ۾ به "عشقش" لکيل هو. اگرچ درحقيقت موزون لفظ اهو ٿي پيو لڳي، جو اوهان فرمايو يعني "عشقے". پر ڇا ڪجي، جو ان کان ۾ مصرع اڳ هيءَ ٽُڪَ به آيل آهي:

صد هزاران طالبان باشند يڪ نيستم،
هست در ڪوي "تو" ڪردن جان قرباني مرا-

ته انهيءَ مناسبت سان "تو" جو جواب ٿي "ش" ۾ آيل آهي. ۽ "ش" صحيح آهي.

اوهان جو مفهوم 'غمدل' جي هن شعر ۾ آهي:

آيم عشق اديون، پرتئون پير پري،
ڏاج ڏکن جا ڏيندو، سورن جا ساٿ پري.

دراصل، جيئن اوهان کي معلوم هوندو، "عشق" هڪ ول آهي، جنهن جا ٻيج جنهن به وڻ کي پيا، وڻ جو گويا مئو ٿي ويو- شايد انهيءَ ول کي سنڌيءَ ۾ "وڻ ويڙهي" يا "ٻي پاڙي" چوندا آهن، ۽ اڪثر هر عشق جو نتيجو اهو ٿي نڪرندو آهي، جو ڪنهن شاعر چيو آهي ته

شرمسار ٿيان ٿو، پر ٻڌو اٿم ته اوهان جو ڪتاب ”سنڌ جا سياسي مسئلا“ ڪافي تعداد ۾ بچت اٿو. جيڪڏهن عنايت ڪري سگهو ته اهو منهنجي حوالي ڪندا ته آن مان جيڪي سو چار پيسا ڪڍي سگهندس. اگرچ مون کي ته تمام گهٽ پئسا هٿ ايندا، پر خريداون ڪان ۴-۴ روپيا ضرور نڪرندا ۽ هي ته لازمي آهي ته جيڪو ماڻهو ڪو ڪتاب پئسا ڏيئي وٺندو، سو ضرور ان کي پڙهندو، ۽ اهو به يقين آهي ته جن به ماڻهن کي مفت ڪتاب ملن ٿا، تن مان اڌ ڪان به گهٽ اهو مس ٿا پڙهن. ان ڪري جيڪڏهن منهنجو اهو عرض قبول فرمائيندا ته نهايت احسان.

زياده ادب -

نياز مند،

محمد عثمان ڏيپلائي.

قلم تازو: ٻڌو اٿم ته ”نئين سنڌ“ اخبار هر مهيني اٽڪل پنج هزار نقصان وجهي ٿي. پر جيڪڏهن اها ماڳي اخبار مسڪين حيدرآباد مان هلائي، ته پراين پريسن مان ڇپائيندي به به هزار نقصان مس وجهندي، ۽ چيف ايڊيٽر جو اٽڪل ٽي سؤ روپيه پگهار به آن نقصان اندر برداشت ڪندي. ڇو ته حيدرآباد ۾ خرچ گهٽ آهن. سنڌي ڪمپازيٽر خواه اسٽاف هتي سستو آهي. جيڪڏهن اتسي جي پريس ڪنهن سٺي اگهه تسي ٺيڪي تي ڏيئي، ۽ اخبار هتان هلايو ته شايد عوامي نقطي نگاه ڪان اهو وڌيڪ بهتر ٿيندو. ان ۾ مون تي ڪابه خدمت رکي ويئي، ته نهايت خوشيءَ مان بجا آڻيندس.

ٻڌجي ٿو ته حضرت مولانا حاجي خير محمد نظاماڻي صاحب به سنڌ ۾ اسلامي نقطي نگاه جي اشاعت ڪرڻ خاطر ”ڪاروان“ جو ايڊيٽر ٿيڻ وارو آهي- ”مهراڻ“ تي سندس خليفي

آن ٿي ڪل ميڙپ ڇهه هزار ٿي چُڪي آهي. پر بهرحال مستقبل سٺو اٿس.

پر هينئر ته پائيءَ پائيءَ لاءِ پريشاني آهي. آن ڪري مهرباني ڪري، هينئر هڪ سو روپيا ضرور ڏيندا.

نياز مند،

ڏيپلائي.

(٦)

قرآن پريس،
الهندو ڪچو، حيدرآباد.
٢٠- سپٽمبر، ١٩٦٥ع

حضرتا! السلام عليڪم- جيئي سنڌ!

اڄ حيدرآباد جي پٽين تي اشتهار پڙهي، ڏاڍي خوشي ٿي. آخرڪار اوهين به انهيءَ لسٽ ۾ اچي ويا، جنهن ۾ حضرت حيدر ڪرار، امام حسين، امام حسن، ابوذر غفاري، عبدالله بن زبير ڪان وٺي، ويندي شاهه ڀٽائي، سچل، بيدل، بيڪس، شاه ولي الله ۽ عبيدالله سنڌي به هئا. پر بقول شاعر

عمريست ڪه آوازه منصور ڪُهن شد.

ڪافي عرصي کان ڪفرسازي خاموش هئي، سا وري چالو ٿي ته سهي. هاڻي آهستي آهستي، يخرجون من دين الله افواجا جو ڪارنامو تيز ٿيندو ويندو ۽ پاڪستان ۾ به نه رهندو ڪو نالي جو مسلمان- سڀ فرقا هڪ ٻئي تي ڪفر جون فتوائون لڳائيندا، ڪافر بنائيندا ويندا، پوءِ بقول شاعر

ڏٺو جي چشم خونيءَ جو اثر آهسته آهسته!
وهي رت ٿي هليو ويندو جگر آهسته آهسته!

اوهان کي پنهنجي خاڪساريءَ واري زماني ۾ ياد ه

عاشقان را نه نشاني اي پسر!
رنگ زرد و آهه سرد و چشم تر،
کم خورد، کم خفتن و گفتار کم،
انتظاري، بيقراري ، بي صبر.

اميد ته اوهان جي طبيعت ۾ ڪجهه افاقو هوندو. شل ڏٽي تعاليٰ
ڪامل صحت سان وڏي عمر ڏئيو. و السلام -

نيازمند، ڏيپلائي.

(۵)

حضرتا!

با ادب عرض ته

۱- مون کي پڙهڻ لاءِ ڪو ڪم جهڙو سنڌي يا اردو
ڪتاب موڪليندا.

۲- مهرباني ڪري جويي صاحب کي وري به منهنجي
نوڪريءَ لاءِ چوندا. بورڊ ۾ هڪ ”تبليغي ادب“ يعني پراڻا
بمبئي ڇاپي وارا ڪتاب ڇپائڻ جي جڳهه موجود آهي- اهو ڏهراءُ
به اڳيئي پاس ٿيل آهي. مون کي انهيءَ لاءِ به رکي سگهن
ٿا، ۽ پڻ لوڪ ادب تي نظرثاني ڪرڻ لاءِ به رکي سگهن ٿا.
مون کي نوڪري ڏيڻ لاءِ ڪنهن اڳئين ملازم کي به ڪيڻ جي
ضرورت ڪانه آهي.

مگر جويي صاحب سان اها گفتگو ڪرڻ وقت منهنجو
حوالو نه ڏجو، جو هو انهيءَ ڪري رنج ٿئي ٿو.

۳- اڄ پنجين بجي واريءَ گاڏيءَ ۾ ويندس- منهنجو عرض
آهي ته مهرباني ڪري اڄ مون کي فقط هڪ سو رو پيا ڏيندا،
جو منهنجي لاءِ هينئر اهو سؤ به هزار برابر آهي. ”انسان“ اخبار
سان هينئر ظاهر طرح ته ڪمائي آهي، پر اشتهارن جو ڪوبه
بل اڃا نه مليو آهي، ۽ گذريل سال نقصان پيو آهي، ان ڪري

(۲) منهنجو ٻيو مشورو هيءُ آهي ته بجاءِ ڀهراڙين جي درگاهن جي في الحال اوهان هر مهيني هڪ ضلعي جي رفتار سان ڪنهن نه ڪنهن ضلعي جي هيڊ ڪوارٽر يا وڏي شهر جي بزم جي ثقافتي ڪچهري ڪندا ڪريو. شهر پاڻيهي ڀهراڙين کي پيغام رسائين ٿا ۽ هي ڪچهريون اهڙيون نه آهن، جن تي سرڪار کي ڪو اعتراض هجي، يا ۱۴۴ قلم جي زد ۾ اچن. پوءِ جڏهن اهو پيغام امن و محبت شهرن ڏانهن گهڻي قدر پهچي وڃي، آن بعد پل ڀهراڙين ڏي به ڪيڙيو.

(۳) منهنجو ٽيون مشورو هيءُ آهي ته بجاءِ انهيءَ جي، جو ورڪرن جي تربيت‌گاهه حيدرآباد ۾ کوليو، اوهين پنهنجي ڳوٺ ۾ هڪ ”سنڌي ڪاليج“ جي نالي سان تعليم‌گاهه کوليو. جنهن ۾ اديب فاضل ۽ بي-اي تائين تعليم هجي- وڏن لاءِ ٽي سال يا چار سال ۽ ننڍن لاءِ ۷ سالن جو ڪورس هجي. هن ۾ معلم آهي ٿي رکيا وڃن، جن کي قومي تعمير جو حقيقي فڪر هجي ۽ اوهين به وقت بوقت هنن کي سمجهاڻيون ڏيندا رهو. انهيءَ ۾ ڪوبه هرج ڪونهي، جيڪڏهن هن ڪاليج لاءِ سرڪار کان به گرانٽ وٺجي. ڇو ته هيءُ ڪاليج خواه اوهان جو ڪوبه ڪم سرڪار جي مخالف ڪونهي- ۽ اوهين هميشه بزم صوفياي سنڌ جي ورڪرن کي اها هدايت ڪندا رهو ٿا ته ڪوبه اهڙو قول، فعل، تحرير ۽ تقرير عمل ۾ نه آڻيو، جنهن سان ڪنهن به ڪاموري سان ٽڪر پيدا ٿئي، ته پوءِ سرڪار جي گرانٽ وٺڻ ۽ ان جي حاصل ڪرڻ ۾ ڪوبه هرج ڪونهي.
زياده خير.

نيازمند،

ڏيپلائي.

ته علامه مشرقي مرحوم هڪ ڪتابچو ”ڪفر زار اسلام“ شايع ڪيو هو. آن ۾ حضرت ابوبڪر کان وٺي اهڙي شاهي لسٽ ڏني هئائين، جنهن موجب ڇڻ ته دنيا ۾ نه ڪو مسلمان اول ۾ ٿي هو، نه ڪو اڄ به آهي. سو هاڻ انهيءَ لسٽ ۾ اوهان جو نالو به نمايان طور ٿي اچي ويو- بمصداق:

ڪفر آوردم و در عشق تو ايمان ڪردم.

ڏسجي ته اوهان کان پوءِ ڪنهن جو نمبر ٿو اچي!

والسلام- جيئي سنڌ.

نياز مند،

ڏيپلائي.

(٧)

الهندو ڪڇي،
حيدرآباد سنڌ.
٢٢- جون، ١٩٦٧ع

حضرتا! جيئي سنڌ!!

سون کي ”بزم صوفياي سنڌ“ ۾ ايترو درڪ ته حاصل نه آهي، جو مشورو پيش ڪريان، مگر صرف پنهنجي دل ۾ آئندڙ خيالن کان پيڇو ڇڏائڻ خاطر هيءُ نيازنامو عرض ڪري ڪان ڏيو. جيڪڏهن فرصت هجي ته پڙهندا، نه ته ڪو ضروري به نه آهي.

(١) منهنجو پهريون عرض هيءُ آهي ته اوهان ماهوار يا پندرهن روزه وسالو يا ڪتابي سلسلو شايع ڪندا ڪريو. جيئن محترم ماڏو واسواڻي ڪندو هو. هيءُ سلسلو مفت ڏيڻ جي ضرورت ڪانه آهي، پئسن سان ڏنو وڃي ۽ انهيءَ جو خرچ ازخود نڪري ايندو، صرف شروع ۾ ڪجهه پئسا لڳندا، پوءِ پاڻهي هلندو رهندو ۽ ميڙيل رقم به واپس ايندي. جيئن ڪِ پيا سلسلا هلن ٿا.

(۸) [ڪارڊ]

۸- جنوري، ۱۹۷۲ع

حضرتا!

السلام عليڪم: آزادي مبارڪ- نه صرف مائيمجن کي، بلڪ سڄي مُلڪ جي ڀلي لاءِ سوچيندڙن کي. شايد وري ڪڏهن به پائبندي نه پوندي!

براه ڪرم پروگرام کان واقف فرمائيندا، ته حاضر ٿي به مبارڪباد پيش ڪريان.

نيازمند،

ڏيپلائي.

مولانا غلام محمد "گرامي"

مولوي گرامي صاحب، سيهڻ تعلقي جو وينل آهي. وڏو اديب ۽ سٺو ليکڪ آهي. هن وقت سماهي "مهراڻ" سنڌي ادبي بورڊ جو ايڊيٽر آهي. تقرير ۽ تحرير جو سٺو ماهر آهي. سندس مون سان تعلقات گهڻي وقت کان هلندڙ آهن.

سندس آيل خطن مان ڪجهه هت پيش ڪريان ٿو.

(۱)

بمبئي بلڊنگ،
ڪراچي.

محترمي و مڪرمي جناب سيد صاحب!

السلام عليڪم:

منهنجو تعارف ذاتو تہ ڪجهہ نہ آهي، ڳاهم محترم ميان محمد شاهہ صاحب پہ اڪثر لکيا آهن. منهنجو سرمايہ حيات ڇا آهي؟ جوش و مستي، جذب و ذوق! بک وڏائون بگرين، اوتي پيتائون آج، ۽ پانهن ڦاڙو ڪنجرو منهنجي ڪچيءَ ۾ آهي. الجامعة العربيہ، حيدرآباد سنڌ، جو استاد بصورت 'شاگرد ناشاد' آهيان. موجوده سياسي تعطل ۽ ڪشمڪش متعلق اوهان جي پاليسيءَ کي پسند ڪريان ٿو. گذريل پارٽيءَ جي ميٽنگ ۾ اوهان جا دعوتناما مليا هئا، مگر افسوس جو ڪن ناگزير وجوهات سبب اچي نہ سگهيس.

محترمي! آن ميٽنگ متعلق ۽ آن پارٽيءَ متعلق چند



غلام محمد گرامي



شيخ مبارڪ اياز



غلام رباني آگرو



شهيد عبدالرزاق



تنوير عباسي



نياز همايوني

سليم القلب مومن ۽ سنوان سدا مسلمان، حق پرست ۽ حق گو، مڪر ۽ ريا، نمود ۽ نمائش کان دور آهيو. اهي صفات مومنانه اڄوڪي "بي ايمان" ماحول لاءِ موزون آهن- تنهنڪري هر قدم تي اها ئي سادگي ۽ ساده لوحي نتا ڇڏيو!

ڪيون ايسي سادگي پر نه مين مرجاؤن! اے خدا!
لڙتے هين مگر هاته مين تلوار ڀي نهين-

خير- اوهان ان قدم ۽ فيصلي کي ملتوي ڪريو، ڪجهه سوچيو ۽ سمجهو، توريو ۽ تڪيو، خاموش راتين ۾ رُنو ۽ رڙو! اوهان جي اشڪ فشاني ئي بصيرت جو باب پٽيندي! آسر جو دانهون ۽ آهون ئي ڪارآمد ثابت ٿينديون!

عطار هو، رومي هو، رازي هو، غزالي هو،
ڪڇ هاته نهين آتا، جز آه سحرگاهي!

—

آسر مَ لاهيج، سڄڻ سباجهو گهڻو!

سنڌ ۽ سنڌين جي حفاظت ۽ ترقيءَ جا نوان نوان رستا ۽ ذريعا ڳولجن، هٿ وٺي پاڻ کي گهٽو ڏئي مارڻ ڪهڙي نقطہ نظر سان صحيح آهي؟ اسان جو ڪم آهي زندگيءَ کي قوم لاءِ وقف ڪرڻ! ڪاميابي ۽ ناڪاميابيءَ تي اسان جي نظر نہ هئڻ گهرجي!

اها شڪست عين ڪاميابي آهي.

خونِ حسين عہ اصل مين مرگِ يزيد هے،
اسلام زنده هوتا هے هر ڪربلا ڪے بعد-

خير- هي شاعرانہ ڳالهيون آهن.

عملي طور انشاء الله جلد از جلد اوهان جي خدمت ۾ مفصل طور هڪ ڪم جو دستور العمل عرض رکبو. ان ۾ سنڌ ۽ سنڌي سياست، رياست، ادب ۽ تهذيب، تمدن ۽ معاشرت

اختلافي نُڪات هئا، جي اوهان جي خدمت ۾ عرض ڪرڻا هئا، مگر افسوس جو اهو موقعو نه ملي سگهيو. مان پنهنجي ڪم عمريءَ جي لحاظ کان جو ڪجهه اندازو لڳايو هو، سو حرف به حرف پورو ٿيو. آن پارٽيءَ کي خلاف قانون قرار ڏنو ويو آهي. آهو منهنجو نه فقط اندازو هو، بلڪ مان يقيني طور آن نُڪتي تي پهچي ويو هوس. آن گرفت ۽ وٺ پڪڙ کان پوءِ جا حالت ٿي آهي، اها معلوم آهي. ڪي جيلن ۾ آهن ته ڪي نظر بند آهن!

مان ڪلهه ڪراچيءَ آيو آهيان. اوهان سان ملاقات جو اشتياق آهي، پر افسوس جو اوهان هت ڪونه آهيو.

بهرحال اوهان کي ايترو عرض ڪندس ته اوهان، جو خيال ڪيو آهي ته ٽن مهينن کان بعد مان شهر مان- نڪرندس، يعني خلاف قانون ڪم ڪرڻ لاءِ تيار ٿيا آهيو، سو ان کي ملتوي ڪريو- ان ۾ حڪمت ۽ مصلحت آهي. ضرور ملتوي ڪريو، چو ته اوهان کي گرفتار ڪندي ويرم نه ڪندا. جيل ۾ وڃي بيڪار ٿي ويهڻ! بلڪل خاموش زندگي بسر ڪرڻ صحيح نه آهي. قفس ۾ جيترو به ڦڙڪڻ جو امڪان هجي اوترو ڦٿڪجي! هينئر اوهان کي ڦوڪي، سوچي سمجهي، قدم کڻڻ گهرجن. رڳو گرفتاري يا جيل ڪا عملي خدمت نه آهي ۽ نه اهو عملي منزل تي پهچڻ جو ذريعو آهي.

مودبانه استدعا آهي ته في الحال ان کي صفا ملتوي ڪريو، ورنه گهڻو نقصان ٿيندو. اهو ائين آهي، جيئن عين ميدان جنگ ۾ ڪمانڊر پاڻ کي گولي هٿي ماري ڇڏي!

مان اوهان جي مجبورين، دشوارين کي بخوبي سمجهان ٿو ۽ ڄاڻان ٿو، افسوس، جو اوهان کي ڪو رفيقِ ڪار ۽ طريقِ ڪار چڱو نه مليو آهي. اوهان ساده لوح، ساده دل،

مضمون اُن لاءِ شاهد آهن.

محمد شاهه، احمد شاهه، مهدي شاهه وارن سان اچڻ وڃڻ جهڙا تعلقات آهن، آنهن سان اوهان جا تعلقات تمام قريبي آهن. مگر اوهان نه ته پنهنجي فرزند جي شاديءَ تي ياد فرمايو ۽ نه ڪنهن ٻئي موقعي تي ياد ڪيو اٿوَ.

هينئر حال اهو آهي ته ”شاعر“ بند ٿي چڪو آهي.

آءٌ باعيال ماڻهو آهيان، حيدرآباد جي زندگي تمام گِران آهي، اسان ڪُل ٦ ڄڻا ڀاتي آهيون، اهڙي دور ۾ اسان جهڙن ماڻهن جي زندگي ۽ اُن جو بقاءُ به وڏو مسئلو آهي. اديب هميشه سڃو سکڻو ٿئي ٿو. اها ڳجهي دستي نه آهي— اهو عيب آهي اُن نا اهل سماج ۽ نظام جو، جنهن ۾ اديبن کي نظرانداز ڪيو ويو آهي. موجوده نظام ۽ سماج ۾ اهڙي گنجائش ۽ بصيرت ڪانه آهي، جو هُو اديبن جي شخصي ۽ انفرادي حق تسليم ڪن، آنهن جي زندگي ۽ فن کي زنده به رکي سگهن ۽ آنهن مان استفادو به حاصل ڪري سگهن. اڄ ڪلهه جون ڊگريون نهايت نمائشي آهن ۽ ٨٠ سيڪڙو اهڙن ماڻهن وٽ آهن، جي نه ته معياري عالم آهن ۽ نه ڪو آنهن ۾ فڪر ۽ مطالعو آهي.

سر سيد احمد، جمال الدين افغاني، سند يافته نه هئا. جي- ايم- سيد ۽ علامه آءِ- آءِ- قاضيءَ کي ڪهڙن ڪاليجن ۽ يونيورسٽين جون ڊگريون آهن؟ شاهه، سچل، سامي ۽ منصور ڪهڙن ادارن جا ساخته پرداخته هئا؟ مصيبت اها آهي ته اڄڪلهه جو قانون ۽ نظام، چند ڊگرين جي آڌار تي انسان جي علمي ۽ شخصي استعداد کي تورين ۽ پرکين ٿا.

اڄڪلهه مئٽرڪ واري کي ۽ گريجوئيٽ کي هڪ مخصوص پگهار حاصل ڪرڻ جو حق آهي- ڇا لاءِ ته وٽس ”سند“ آهي. پر ٻئي طرف ڪي لائق ۽ اهل ماڻهو آهن. جن جي ذاتي مطالعي ۽ فني حيثيت کي ’سند يافته‘ به مڃين ٿا، پر ڊگرين نه هجڻ

متعلق هڪ وسيع دائرو هوندو- ۽ ضروري اهو آهي، جو اهو محض علمي ۽ ادبي رنگ ۾ هوندو، جنهن ۾ نه سرڪار جي خلاف مئثر هوندو ۽ نه آن کي اعتراض جي گنجائش رهندي. ۽ هي اهو ڪم آهي، جنهن سان اوهان جي عمر جي دلچسپي ۽ وابستگي آهي ۽ انشاءالله اوهان کي پسند ايندو.

اسان اوهان جي تجربي، ايمانداري، ولولي ۽ قومي جذبي مان نفعو حاصل ڪرڻ گهرون ٿا. اوهان جي رهنمائيءَ ۽ پيشوائيءَ ۾ هر سفينو هلائڻ گهرون ٿا.

شال! ميد! ماڻ سنڌوءَ، پوربندو پهچا ڏين.

اميد ته اوهان پنهنجي آئيندي ارادي کان ضرور آشنا رکندا.

بندہ،

غلام محمد گرامي،

پيش امام، جامع مسجد، حيدرآباد سنڌ.

(۲)

غ. م. "گرامي" سنڌي

گاڏي کاتو

حيدرآباد سنڌ.

جناب جي- ايم- سيد مدظله-

محترمي مڪرمي ذوالمجد و الڪرم

السلام عليڪم: بعد دعائي گذارش اها آهي ته باوجود نيازمندانه ۽ ديرينه تعلقات آهن، تاهم هيءُ پهريون [؟] خط اوهان جي خدمت ۾ لکي رهيو آهيان،

اوهان جي شخصيت ۽ فڪر سان جو تعلق ۽ آنس آهي، اهو هر ڪنهن کي معلوم آهي. باوجود پري هجڻ جي به اسان اوهان جي نقطه نظر جا موئيد ۽ مبلغ آهيون. تحرير ۽ تقرير ۾ اوهان جي فڪر جي تبليغ ڪريون ٿا. هت جي اخبارن جا

اميد ته اوهان خوش خورم هوندا.

و السلام –

"گرامي".

(۳)

ماهنامه "شاعر"،

عاسل ڪالوني، امين منزل-۱۱۰

هيرآباد، حيدرآباد.

غلام محمد گرامي،

ڳاڏي ڪاتو - حيدرآباد!

قبله جي. ايم. سيد صاحب مدظله!

محترمي و مڪرمي ذوالمجد و الڪرم،

السلام عليڪم: بعد دعائي گذارش اها آهي ته هن ڪان اڳ هڪ عرضنامو عرض رکيو اٿم. اُن جو ڪو به جواب باصواب نه آيو آهي. ممڪن آهي ته شايد اجا نه پهتو هجي، يا اڄ سڀاڻي پهچي وڃي.

هڪ مجبور ۽ معذور ماڻهو، جو زندگيءَ جي اهم ۽ نازڪ مقام تي شڪست کائي ٿو، اُن جي تحرير ظاهري ۽ معنوي آداب ۽ لوازمات کان ممڪن آهي ته خالي آهي. اُن جو احساس ۽ اعتراف اٿم ته شايد منهنجو اڳيون عرضنامو، موجوده تڪلفات ۽ رسمي تعلق ۽ لفاظي، انشاپردازي ۽ رنگين بيانيءَ کان ايترو تهي دامن آهي، جنهن جي جواب لکڻ جو ڪو سوال ئي نٿو اُٿي سگهي! اگر اهو عرضنامو ڪراچيءَ جي محشر خيز يا هنگامه پرور فضا ۾ پَرُ ڪري اُڏامي ويو، ته پوءِ ڏاڍو چڱو ٿيو. پر جي پهتو هجي، ته پوءِ سمع خراشيءَ لاءِ معافيءَ جو خواستگار آهيان.

ڪري هو ”معاش ۽ سماج“ ۾ ڪو وزن نٿا رکن.

اوهان جي مطالعي، فڪر، انقلابي زندگي ۽ انقلابي خيالات کي ڏسڻ کان پوءِ اهو ٿي واضح ٿئي ٿو ته اوهان وٽ اسان ٻارن جو قدر ضرور آهي.

اوهان کي اها گذارش آهي ته اوهان منهنجي لاءِ ڪجهه ڪيو. آءٌ ’ادبي بورڊ‘ جي ڪم ڪار ۾ اچڻ گهران ٿو. آءٌ نه ڪو ”عالم“ آهيان، نه ڪو گجراتي! سنڌي ادب، سنڌي قوم ۽ وطن سان اهڙو ٿي مخلصانه ۽ والهانه تعلق آهي، جهڙو ٻين کي.

لهذا اوهان مهرباني ڪري ان سوال تي غور ڪريو. اوهان سان ايترو تعارف نه آهي، تاهم ”مهراڻ“ جي ’سوانح‘ نمبر لاءِ مون اوهان جي سوانح عمري ۲۰۰ صفحن تي مشتمل لکي ڏني هئي، جا نه معلوم ڪهڙن سببن ڪري نه شايع ٿي. ڪم از ڪم اوهان جويي صاحب کان آها گهرائي، هڪ نظر سان ڏسو ضرور. شايد طويل ۽ ضخيم مقالو هو، ۽ ”مهراڻ“ ۾ گنجائش نه هئي. تاهم اوهان مطالع ته ڪريو.

اوهان کي معلوم آهي ته مان اڳ پبليڪيشن اسسٽنٽ ۽ ”مهراڻ“ جو مئنيجنگ ايڊيٽر هوس. ان جاءِ تي ڏيپلائي صاحب آيو، ڪيس ۳۰۰ کان مٿي پگهار مليو، پر پوءِ آها جاءِ مصلحتاً بند ڪئي ويئي آهي. اگر اوهان توجهه ڪندا ته اها جاءِ کولي سگهندا-

شاهان چه عجب گر به نوازند گدارا!

آن سان گڏ اهو به عرض ڪريان ٿو ته حضرت مخدوم صاحب جن به روبرو ڪراچي اچي وهيا آهن. آهي به اوهان سان ان متعلق تبادله خيالات ڪندا. لهذا آنهن جي ماڻ کان اڳ ڪو آردو وغيره نه نڪرڻ گهرجي. روبرو فيصلي کان پوءِ-

سماج ۾ مظلوم آهي. هن شخص جون علمي ۽ فڪري ۽ ذهني صلاحيتون اهڙيون بالغ، ڪامل، صاف ۽ شسته آهن، جي هڪ جينيس ۽ عبقري شخصيت ۾ ڏسڻ ڏيون. سندس مطالعو ۽ منطقي ۽ استدلالي قوت قابلِ رشڪ آهي. اهڙي بيمثال اديب ۽ صاحبِ فڪر شخص جي هٿان ”مهراڻ“ جو ڪسجڻ هن دور جي ٽريجڊي آهي.

هرهنڌ اها شڪايت آهي ته ’ڪارآمد‘ ماڻهو ڪين آهن. هر اداري ۾ اها دانهن آهي. پر قبلا سائين، اسان وٽ ماڻهو به آهن، پر ظلم اهو آهي جو آهي صحيح مقام تي نه آهن — جوبو صاحب ته پنهنجي انفرادي ۽ ذاتي حيثيت سان هڪ زندگي بخش ’ادارو‘ آهي. مان ۽ منهنجا احباب سندس صحبت ۽ رهاڻ مان ڪافي استفادو ڪري چڪا آهيون. مان بنا ڪنهن تذبذب ۽ رک رکاءَ جي عرض ٿو ڪريان ته جويي صاحب جهڙي فرد کي اسان نه سڃاتو آهي ۽ نه سندس قدر ڄاتو آهي. اها به اسان جي سنڌي ادب جي محرومي آهي. هن شخص جي بالغ النظريءَ لاءِ ”مهراڻ“ يا ’بورڊ‘ جو نظام شاهد آهي. مگر افسوس اهو آهي ته چند بدباطن ۽ خبيثن جي غوغا آرائي ۽ خبث باطنيءَ جو شڪار ٿي ويو ٿو ڏسجي. چند غير محتاط جذباتي ۽ حاسد قسم جي ماڻهن وٺي مقالا لکيا ۽ اخبارن ۾ هنگامو مچايو. آن کان متاثر ٿي ڪري، ”مهراڻ“ جو نظام بدلائي، پنهنجي شڪست ۽ عدم استقامت جو ثبوت ڏنو ويو آهي. آنهن ماڻهن تنقيدون ڪيون، جي نه ته اديب هئا ۽ نه مخلص هئا، آهي ماڻهو مون کي معلوم آهن. آهي ذاتي مخاصمت جي ڪري، جويي صاحب جي خلاف ٿيا. جويي صاحب جي تبديل ٿيڻ کان پوءِ چپ ٿي ويا. اگر انهن ۾ اصلاح جو مخلصانه جذبو هجي ها، ته اڄ تائين ’ادب‘ جي خدمت ڪندا اچن ها. هنن جو مطمع نظر فقط جويو صاحب هو. لهاذا ان جي هٽائڻ کان پوءِ خوش رهيا.

منهنجي ناچيز راءِ آهي ته ”مهراڻ“ دوباره جويي صاحب

پيارا سائين! منهنجي گذارش اها آهي، ته مون کي 'بورڊ' ۾ دوباره آندو وڃي. ان سلسلي ۾ محمد شاهه، احمد شاهه ۽ مان خدمت ۾ اچڻ لاءِ تيار هئاسون. پر ان ساڳئي دور ۾ مان خود سخت بيمار هوس ۽ بواسير جو عارضو هو، ۽ احمد شاهه به بيمار هو، اهڙيءَ حالت ۾ ڊاڪٽر سفر کان منع ڪئي هئي، تاهم اوهان جي سوانح پڻ لکيم. جناب مخدوم صاحب جن به ۵ تاريخ ڪراچيءَ ايندا، اهڙو پروگرام گڏجي اچڻ جو آهي. اميد ته روبرو آهي به ملنداءِ مان به هوندس. جناب مخدوم صاحب جن منهنجي ماهوار وظيفي متعلق ڳالهه ٻولهه ڪندا.

"شاعر" جي ڪم ڪندي، مون کي ماهوار ۲۰۰ کان ۲۵۰ ۽ ڪڏهن ۳۰۰ تائين ڏيندا رهيا. ان کان سواءِ پيون ضرورتون به پوريون ڪندا رهيا. وڏي تنڊي ڏينهن، عيد برات تي به خاص عنايت ڪندا رهن ٿا. تاهم موجوده قحط ۽ گرانيءَ جي دور ۾ گذر اوقات تنگ آهي. خاص طور متوسط ۽ سفيد پوش طبقي لاءِ مشڪل زمانو آهي.

مان اڳ ۱۸۰ روپيا بورڊ ۾ کڻندو هوس. منهنجي جاءِ تي ڏيپلائي صاحب آيو. ان صاحب کي ۳۵۰ کن روپيا ڏنا ويا. شايد سال کن کان پوءِ پبليڪيشن اسسٽنٽ جي جڳهه بند ڪري، ڪيس ۱۸۴ تي آندو ويو. ان کان پوءِ ڏيپلائي ستت استعيفا ڏئي ويو.

ان کان پوءِ "مهراڻ" جون واڳون ڊاڪٽر دائود پوٽي ۽ راشدي صاحب جن کي سونپيون ويون، ۽ ڪين هڪ اسسٽنٽ ايڊيٽر شمشيرالحيدري ڏنو ويو. جنهن کي ۱۵۰ به پورو نٿو ڏنو وڃي. ان نئين نظام هيٺ ٻه رسالا "مهراڻ" جا شايع ٿيا آهن، انهن مان به هڪ جو مرتب ڊاڪٽر بلوچ صاحب آهي.

جناب جويي صاحب جي ايڊيٽريءَ واري دور ۾ رسالي جو معيار ۽ فڪري قدر پيو هو. جويو صاحب اسان وانگر هن

پنهنجي ماحول ۾ هوس، تاهم فڪري طور هڪ انقلاب پسند ۽ وطني جذبات وارو هوس. اهوئي سبب آهي، جو رجعت پسند ماحول ۾ مون جهڙو ماڻهو ڪو به ڪم ڪري نه سگهيو. مخدوم صاحب جن پنهنجي ذات ۾ حال آهر ته لائق فائق آهن، پر سندن ماحول ۾ ماڻهو، پنهنجي خيال ۾ حال جا رهن ٿا.

منهنجي گذارش آهي ته هڙهڙي دور ۾ مون کي ڪم از ڪم ٣٠٠ رپين جي جاءِ عنايت ڪئي وڃي. ان ۾ اصول ۽ قانون شڪنيءَ جي ڪا گنجائش نه آهي. اوهان جو حڪم قانون ساز آهي. اوهان جو اشارو ڪافي آهي. ان لاءِ اهوئي طريقو آهي ته پبليڪيشن اسسٽنٽ جي جاءِ دوباره کولي وڃي. ان جاءِ لاءِ اڳ ئي ٣٥٠ روپيا ڪن مقرر هو.

آءٌ روبرو اچان ها، پر سچ پچ ته مقروض ۽ مريض به آهيان ۽ هن وقت هٿين خالي ۽عيالدار آهيان، ورنه اچي نڪران ها ۽ روبرو عرض ڪريان ها.

اوهان مهرباني فرمائي، اهو احسان ضرور ڪندا، تادم حيات ممنونِ ڪرم رهندس. پيءُ حالت ۾ به خاموش رهندس، پر اوهان کي وقت بوقت پيو ستائيندس.

هت حيدرآباد ۾ ڪُل ٦ ڀاتي آهيون، مگر گرانيءَ جي وقت ۾ ٣ سو ڪن ڪجهه ڪين آهن. هت ڪڻڪ ٢٢ روپيا مڻ ۽ گيهه ٨ روپيا سير، ڀاڄها مرچ ٨ روپيا سير. ڪابه چيز خالص نٿي ملي. دوائون غائب! ۽ مرض حاضر! گذر اوقات مشڪل ٿي پيو آهي. اوهان خاص الخاص مهرباني ڪندا ۽ پنهنجي سفارش ۽ توجهه سان اهو ڪم ڪندا.

اوهان کي ياد هجي نه هجي ته سن ڪانفرنس ١٩٣٢ع ڪان وٺي، منزلگاهه تائين اوهان سان گڏ رهيو آهيان. جامعه عربيه جي دور ۾ ٣-٤ سال جدا رهيس. ان کان پوءِ اڄ تائين فڪري طور اوهان سان وابسته رهيو آهيان، اگرچه ملڻ جا موقعا گهٽ رهيا آهن.

جي حوالي ڪيو وڃي. آن جي صحتمند ۽ زندگي بخش ترڪيب ۽ خدمات ڪان ادب کي استفادي جو ذريعو ڪري ڏجي، ۽ ڊاڪٽر صاحب کي عرض ڪجي ته هو 'شاهه جو رسالو' مدون ڪن. سندن عمر جي تقاضا به اها آهي ته اهڙي بين الاقوامي ڪلام جي ترتيب به ڪن ۽ آن جي جامع ۽ مانع شرح به تيار ڪن، اهو ڪم پنهنجي جاءِ تي وڏو محنت طلب ۽ فني آهي. ڪين "مهراڻ" جي جهنجهٽ مان ذرا پاسيرو ڪيو وڃي ته چڱو رهندو. ان طرح راشدي صاحب کي به پنهنجي علمي ۽ تحقيقي ڪم لاءِ بلڪل فارغ ۽ مطمئن ڪرڻ گهرجي. هُو صاحب پنهنجي پنهنجي فن ۽ معيار آهر ڪم ڪندا رهن. باقي رسالو جويي صاحب کي ڏجي. سندن شهرت ۽ عظمت تصنيفات ۾ آهي ۽ نه ادارت ۾. ادارت لاءِ جويي صاحب ڪان وڌيڪ پيو ڪو به مناسب ماڻهو نظر نٿو اچي. مان به في نفسه ڪم ڪرڻ جهڙو نه آهيان، جيسين جويي صاحب جهڙو تجربيڪار ۽ پختہ ڪار اديب ايڊيٽر نه هوندو- مان آن جو البتہ معاون ٿي سگهان ٿو، جيئن اڳ سال ڪن هوس.

اوهان رنج نه ٿيندا. هي اوهان جا پنهنجا انتظامي امور آهن. آنهن متعلق منهنجي راءِ زني دخل در معقولات ۾ داخل آهي. تاهم هڪ سنڌي هئڻ جي حيثيت مان، اوهان جي خدمت ۾ لبڪشائيءَ کي اهڙو گناهه نٿو سمجهان. هن دور ۾ اسان جهڙن قلندرن جي دل جو حال به اوهان جهڙا رند ۽ مست قلندر ٿي پڌندا. مون هن سالن کان وٺي خاموشي اختيار ڪئي آهي، پر هاڻي خاموش رهڻ مناسب نه آهي.

سائين! اوهان تي وڏا بار آهن. سنڌ جي سياسي، ثقافتي، ادبي ۽ تهذيبي قافلي جا اوهان سالار آهيو. پيا سڀ اوهان جا خدمتگار آهن. اسان اوهان جا مداح، خادم ۽ معاون آهيون. اوهان جي فڪر ۽ مطمح نظر جا مبلغ ۽ مويد آهيون. آءٌ اگرچه

آهيو. ان لاءِ عرض اهو آهي ته اوهان جي ونجيدگي حق بجانب ٿي سگهي ٿي - پر 'سزا' کان اڳ، مجرم کان به سندس صفائي ته ٻڌڻ گهرجي ها! هر قانون ۾ انصاف پسند شخص وٽ اها مڃيل حقيقت آهي ته 'مجرم ۽ ملزم' جو هر پهلو هرحال ۾ ٻڌڻو آهي.

اسان ڪان کو ٻڌڻ لاءِ تيار نه هوندو ته پوءِ لاچار خاموش ٿي ويهي رهبو. خاموش رهياسون ۽ 'سزا' ڪاڏيسون. 'بورڊ' ۾ به اوهان ٿي آندو هو، هاڻي يڪطرفو فيصلو ڪري، اوهان ٿي هڪاليو ٿا! ماشاءالله.

گذارش اها آهي ته آخر سزا ڏيڻ کان اڳ پيو پهلو به ته جاچڻ گهرجي. مان اڪيلو ڪين آهيان، والدين ٧٠-٧٢ ورهين جا زنده، زال، ٤ ٻار، پاڻ سڀ منهنجي سر تي - ٻارن جي تعليم تربيت، گذر اوقات سڀ اڪيلي مون تي آهن. جيڪي مناسب ۽ حق سمجهو، پلي ڪريو. نيڪيءَ ۾ دير نه ڪرڻ گهرجي. اهڙيءَ اذيءَ تي ڪيئي قتل ٿي ويا. اوهان ۾ اسان ٻارا هزارين گگدام ۽ بي ڏوهي ماريا ويا، سوريءَ چاڙهيا ويا، مان به هڪ!

- غلام محمد گرامي.

(٥)

مخدوم منزل، گاڏي کاتو،
حيدرآباد.

ذوالمجد و الڪرم، سيد السادات، فخر اهاليان وطن!
قبلهام رفيع، الدوجات و منبع فيوضات،
جناب سيد غلام مرتضيٰ شاه صاحب مدظله.

السلام عليڪم و رحمة الله و برڪاته -

اي غائب از نظر ڪه شدي هم نشينِ دل
مي گويمت دعا و ثنا مي فرستمت (حافظ)

"شاعر" جو آخري پرچو به عرض رکيل آهي. آن جي 'گذارش' ضرور پڙهندا. اطمينان بخش جواب جي اميد آهي.

و السلام-

گرامي.

(۴)

مخدوم منزل، گاڏي کاتو، غ- م- گرامي.
حيدرآباد. ايڊيٽر ماهي "مهراڻ"، سنڌي ادبي بورڊ.
۱۸- مارچ، ۱۹۶۱ع

مد ظله'

محترم المقام، قبله سائين، جي- ايم- سيد

السلام عليڪم: عيد مبارڪ-

تازو سائين ميران محمد شاهه ۽ اسد الله شاهه سان گڏ سنَ اچڻ جو پروگرام هو، پر پوءِ معلوم ٿيو ته اوهان ميران محمد شاهه صاحب جن کي اطلاع موڪليو آهي، ۽ في الحال پروگرام ملتوي ڪيو آهي، تنهنڪري خدمت ۾ اچڻ ٿي نه سگهيو. "مهراڻ" جا پرچا پهتا هوندا.

مهيني جي نوٽيس تي مارچ جي آخر ۾ پرچو اچي رهيو آهي. آن ڪان اڳيون نمبر ۳۵۰ صفحن جو آهي.

ايڊيٽر جي ذميدارين ۾ مواد گڏ ڪرڻ، ترتيب ڪرڻ، چنڊڇاڻ ڪرڻ، ترميم تصحيح ڪرڻ، پريس لائق بنائڻ، پروفن جي صحت ۽ اديبن سان خط و ڪتابت ڪرڻ آهي. ان ڪان پوءِ ڇپائيءَ جو مرحلو پريس سان براه راست وابسته آهي. هن ڀيري وڌيڪ توجهه رهيو ته هڪ مهيني اندر ۵۰۰ سو صفحا ڇپيا آهن، باقي مشڪل، سو ته هر پرچي لاءِ هڪ هزار صفحا به ڏئي سگهجن ٿا.

ڪن دوستن ڪان معلوم ٿيو ته اوهان به قدري رنج

پوڙيو چڙدي ۽ پهڻن کي ڏاريو چڙدي. عقل و نظر جو اهو انقلاب معڪوس ظاهربين نظرن لاءِ خوش ڪُن ۽ نظرفريب ٿئي ٿو. پر اهل نظر ته پس پرده ڏسن ٿا ته ترقي معڪوس دراصل زوال لازوال ئي ٿئي ٿو.

هونءَ به فرد جي انفراديت جي بقا ڪڏهن يوسف وانگر جيل جي ديوارن ۾ ارتقا پذير ٿئي ٿي، ۽ ڪڏهن ڪوهه حرا جي دامن ۾ ۽ ڪڏهن يروشلم جي صليب تي، ۽ ڪڏهن دمشق جي سوريءَ تي، ۽ ڪڏهن جهوڪ جي ريگزار ۾، ڪڏهن جامع مسجد دهليءَ جي مناري جي پاڇي ۾!

اهي سڀ مثال ظاهر ۾ شڪستگيءَ جا آهن، پر باطن ۾ مردانگي آهي ئي اها!

شڪر لله ڪه نه مرديم، وسيديم به دوست،
آفرين باد بر اين همت مردانه ما.

پر اسان جي "لطيف" ته ان ساهر کي اهڙي وجداني انداز ۾ ڪوليو آهي، جنهن جو مثال پوري عالمي لٽريچر ۾ نٿو ملي. فرمائي ٿو:

ڳوليان ڳوليان مَ لهان، شال مَ ملان هوت،
من اندر جي لوچ، مڃڻ ملڻ سان مائي ٿئي.

شاهه صاحب فراق جو قائل آهي، نه وصال جو-

جيڪي فراقان، سو وصالان نه ٿئي!

قبلا! انساني زندگيءَ تي نظر ٿي ڪجي ته حيرت وٺيو ٿي وڃي. هڪ ذره بي مقدار ۽ ذره بي شعور، علم ۽ عقل، فهم ۽ جهد جي ڪيترين وسعتن ۽ بلندين کي مسخ ٿو ڪري. جڏهن انتهائي ڪمال تي ٿو پهچي، تڏهن سر بريز ٿو ڪيو وڃي- 'خاصن خليلن کي مارائڻ' آن ڏانهن شايد اشارو آهي.

ڪي ويڄها ئي ڏور، ڪي ڏور به اوڏا سپرين،
ڪي چڙهن نه چيت، ٿي، ڪي وسرن نه مور،
جئن مينهن ڪُنڍيءَ پور، تئن دوست وراڪا دل سين!
(شاهه)

اوهان جي ذات گرامي اسان جي دل جي آسودگين لاءِ زندگي، باميدگي، آسودگي ۽ تازگيءَ جو سبب آهي. اوهان جي مخلصانه جدوجهد، روح آفرين شخصيت ۽ زندگي بخش محبت اسان وندن ۽ قلندرن لاءِ وجهه طمانيت آهي.

جيستائين اسان جي دل ۾ حب الوطن ۽ ايمان آهن، اخلاص ۽ صداقت آهي، تيستائين اوهان جي تاريخي عظمت ۽ ياد اسان جي لوحِ قلب تي ثبت رهندي. غير صالح عناصر کي فطرت فنا ڪري ڇڏي ٿي، پر صالح ۽ ارتقا پذير عناصر کي جيئن پوءِ تيئن ترقي ۽ بقا ڏيندي رهي ٿي. 'بقا' جا به مختلف دور ۽ مختلف معيار ۽ قدر ٿين ٿا. ڪڏهن ته جدوجهد جي آخرين طور ناڪامي ئي "فتح" سمجهي وئي آهي. "حسين" يقيناً ڪامياب آهي، اگرچه بظاهر سندس جدوجهد ۽ جهاد کي، ڪربلا جي ريگزار ۾ منتشر ڪرڻ ۾ يزيد ڪامياب ٿيو.

ان طرح امام رباني اگر گواليار جي قلعي ۾ ڪجهه وقت لاءِ بند نه ٿئي ها، ته سندس قول موجب، زندگيءَ جا تلخ حقائق مٽس نه کلن ها، جي پاهرين زندگيءَ ۾ عقده لاينحل بڻيل هئا. مشاهير عالم جي تاريخ اهڙن واقعن سان پريل آهي. فطرت به عجيب غريب مشيت ۽ ارادو رکي ٿي. ڪڏهن ڪڏهن کي

معلوم نہ آهن، پر هن لاءِ تہ زخم تازا ٿين ـ الله ڪري زخم ميڙي نہ وڃن! منصور جا ڌٽ ڀر و ڏيائون، تڏهن تہ چيو هئائين تہ مون کي پيا بہ هٿ ڀر آهن!

آن ٿي ”شاهہ“

پيرين پنڌ وسار، رڙهہ روحاني مسئي!

چيو آهي. ان کي رسول اڪرم ”جهاد اڪبر“ چيو آهي.

”شاهہ“ چيو:

اصغر ڏي آهن گهڻا، اڪبر ڏي تون آءُ!

سو ان ڳالهہ وانگر تمام ٿورن برگزيده ٻانهن کي ’اڪبر‘ جو جهاد نصيب ٿئي ٿو. جنهن ۾ هُو وجداني واردات ۾ مسئلن کي حل ڪن ٿا. اهو بہ وڏو علم آهي، پر استدلال وارا ماٺهو ميڇين ڪين ٿا، حالانڪ روميءَ چيو:

گر بہ استدلال ڪار دين بودي
فخر رازي راز دارِ اين بودي
پائـے استدلاليان چـوبين بـود
پائـے چوبين سخت بـے تمڪين بـود

سو رب ڪريم مهربان ٿئي ٿو تہ ’اصغر‘ ۽ ’اڪبر‘ ٻنهي جو جهاد نصيب ڪري ٿو:

بڙے موذي ڪو مارا، نفس اماره ڪو مارا،
نهنگ و اژدها و شير نر مارا تو ڪيا مارا!

(ذوق)

سائين، معاف ڪجو، دل ڏاڍو ٿي گهري تہ پيو لکان، پلا پيو ڪنهن سان سور سلجن. اڄ تہ مارو جڳ تماشائي بڻجي چڪو آهي. اهل نظر آهي ٿي ڪونہ! شاعر چيو آهي تہ.

بزم سين اهلِ نظر ڀي هين تماشائي ڀي.

آءٌ گهڻي وقت کان اوهان جي خدمت ۾ اچڻ وارو هوس.

باوجود آن علم جي سرافرازي، ”سرمد“ جي چوڻ موجب، ’سرڪشتن‘ لاءِ ٺئي ٿي: خودي ۽ اناي حيات، يا فرديت ۽ ادراڪ هستيءَ جي آخري جدوجهد اها آهي ته مقتل تيار هجي، نغاري تي ڌاڪو هجي، تير و تفنگ جو شڪار هجي، خون جون ناليون پيون وهن، لاشن جي مٿان لاش هجن- سدائين پيا ڪرن، جيئن سنگ پيا لٽجن- سڄ نيزي پاند هجي، حق ۽ باطل جو معرڪو گرم هجي ۽ مجاهد،

هڻ پالا، وڙهه پاڪرين، آڏي ڀال مَ ڀار

جي حڪم موجب، پنهنجي جسم تي گهاوَ جهلي، ۽ مُنهانئيون تراويون کائي، پُٺ نه ڏئي، ڪٽ تي غر غر ڪري نه مرجي، ڊاڪٽرن جي ۽ ويڄن جي دارو درمل تي پاڙي اکيون نه ڦرڙائجن، پر مڙس ٿي مرجي- جيئن، منصور، سرمد، شاه عنايت جي مثالن ۾ ملي ٿو.

شاهه صاحب! مان ته ڀانيان ٿو ته ’موت‘ جو صحيح منظر آهي ئي آهو. بس ’موت ۽ حيات‘ آهي ئي مسلسل جدوجهد ۽ مجاهدانه انداز ۾ خاتمو! باقي وچ تي جو ڪجهه آهي، آهي آهن اٺسٺا ۽ وسيلا! ”شاهه“ کهڙو نه سهڻو چيو آهي:

ڪـهـڙو پڇو، منڌ مٺي، وسيلا ويـــا،
ڪيهان پـوءِ سڱا، سهڻيءَ سَڌ ميهار جـا.

”شاهه“ کي نه ڪو ملن جي جنازي نماز وٽي، نه هو ڪفن ڪوس ملن جي ڪريا ڪرم کي پسند ٿو ڪري، نه رسمي ختمو نه زباني درود!

ڪانڌي ڪنگ ٿياس، وهَڻ جنازو سهڻي،
ڀڳها جي پيٽن جـا، ڪُلها تـن ڏناس،
اکئين ملڪ ڏناس، ته بہ سَن ڪاڍو ميهار ڏي.

هي چند سوداءَ لکجي ويا، ان لاءِ نه ڪه اوهان کي

(٦)

٣- سول لائين،
حيدرآباد.
٢٨- سپٽمبر، ١٩٦٦ع

مدظلہ التعالي
سيد القوم جناب سائين جي- ايم- سيد
ذوالمجد و الڪرم، محترم المقام

السلام عليڪم و رحمة الله —
اميد تہ خوش باش هوندا.

اوهان جو مضمون ”محبت جا مرحلا“ جي عنوان سان ”مهراڻ“ ۾ شايع ٿي چُڪو آهي. آهو پرچو اميد تہ اوهان جي خدمت ۾ ڏينهن اڌ اندر پهچي ويندو.

عرض آهي تہ ان سلسلي ۾ ”مهراڻ“ جي ايندڙ پرچي لاءِ مقالي جي عنايت ڪندا اگر نقل جو ڪم هجي تہ پوءِ آهو هت ڪيو ويندو.

ان سلسلي ۾، اهڙا ہہ چار مقالا اسان کي گهرجن، جيئن ١٩٦٧ع جي پرچن ۾ آسانيءَ سان شايع ڪري سگهجن.
اميد تہ خوش بهار هوندا.

— غلام محمد ”گرامي“.

پر هتي جي نازڪ جوابدارين، ڪچڙي اهل عيال جي خدمت، اهڙو موقعو نہ ڏنو۔

اڄ سائين غلام شاهہ آيو آهي ۽ طبيعت ميرجي پئي آهي. حالانڪ ۱۵ ڏينهن جي بخار مان اڄ اٿي پئي اٿم. مانيءَ بہ ڪارن مرچن سان ٿو کاوان. ۱۰۴ ۱۰۵ درجا بخار رهيو اٿم.

سائين، اوهان جي سوانحعمري لکي اٿم، ڇپبي تہ ۳-۴ سو صفحا ٿي ويندي. اها اوهان کي ڏيکاوڻي آهي.

'بورڊ' ۾ اوهان جاءِ وترائي ڏني. اول شروعات ۱۸۰ روپين سان ٿي. اوهان انجام ڏنو تہ (۵۰۰) رپيا پگهار ڪنداسون، رڳو بہ ٽي مهينا ڪم ڪريو. هلندي هلندي، مارشل لا لڳي، ۽ ڊاڪٽر دائود پوٽي وفات ڪئي، ۽ اوهان سنت يوسفي کي ادا ڪندا رهيا. 'بورڊ' مون کي "مهراڻ" جو ايڊيٽر ڪيو. مخدوم صاحب، ميران محمد شاهہ، آغا عبدالنبي، مينهن مٿهنجو پگهار ۵۰۰ روپيا ڪرڻ گهريو. پر جويو صاحب، منهن ڪري بيٺو. وڙهي وڙهي ساڻا ٿي پيا. آخر ۵۰ رپيا وڌايائون. هينئر ۲۴۶ رپيا پگهار آهي، آن ۾ ۸-۹ ياتي پيا ڏکيا ڏينهن گذاريون. ان ڪان سواءِ اسان جهڙن صوفين سان، جويو صاحب ڪڏهن بہ صدق صفائيءَ سان نٿو هلي، مڙيئي پيو آهڪ ڪري. اوهان کي عرض آهي تہ سائين غلام شاهہ هٿان هڪ خط موڪليو، تہ پوءِ مان ڪيس هٿو هٿ ڏيان.

قول مردان جان دارد!

اوهان جو مون سان قول آهي، آن تي اوهان قائم هوندا. خط طويل ٿي ويو آهي.

و السلام—
غلام محمد گرامي.

ڪراچيءَ ۾ علي محمد شاهه راشديءَ جي جاءِ تي ڳالهه نڪتي ته اوهان ڏانهن جي خط لکيا اٿس، سي به ڇاپائجن. راشدي صاحب چيو ته مان مسودو نظر مان ڪڍي، اوهان کي پنهنجي راءِ کان واقف ڪندس. اوهان حسام الدين شاهه هٿ، جا ڪاپي ڪيس موڪلي هئي، سا وٽس آهي.

ڪراچيءَ راشدي صاحب جي دعوت تي ويٺا هئاسين، جويو، اياز ۽ مان. (اياز سکر مان پيو هڪ دوست رشيد ڀٽي، جو چڱو ترقي پسند اديب آهي، پڻ ساڻ وٺيون آيو هو.) راشدي صاحب جي رٿ آهي ته اهڙي ڪا تنظيم بنائجي، جو سنڌ ۾ ادبي ۽ ثقافتي زندگيءَ جي ڪنهن منظم نموني ۾ ڇر پر ٿئي، جنهن جو مقصد سنڌ ۾ قومي شعور پيدا ڪرڻ هجي. بروهي صاحب ۽ شيخ صاحب به مدعو هئا. راشدي صاحب جي جاءِ تي گڏجاڻي ٿي. ڳالهيون ٻوليون ٿيون. اڳتي ڏسجي ته نتيجو ڪهڙو نڪري ٿو.

جويي صاحب ۽ اياز شايد سنت اوهان ڏانهن اچڻ جو ڪو پروگرام رٿيو آهي. رني ڪوٽ گهمڻ جو شوق اٿن. ان موقعي تي مون کي شايد اوهان سان ملڻ جو شرف حاصل نه ٿي سگهي، ڇو ته بورڊ جي ساليانا گرانٽ جي ڪم سان لاهور وڃي رهيو آهيان. هفتو کن شايد آتي لڳي وڃي.

اميد ته اوهان هاڻي خوش و خورم هوندا.

والسلام—

اوهان جو،

غلام رباني.

غلام رباني آگرو

غلام رباني آگرو، ڪنڊياري جي پاسي جو ويٺل آهي. سٺو اديب، ڪهاڻيڪار ۽ قومپرست خيال جو ڪارڪن آ ي. سندس دوستي ياراڻي گهڻي آهي. هن وقت سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري آهي. سندس ڪيترن خطن مان ۳ خط هت پيش ڪجن ٿا.

(۱)

حيدرآباد،

۷- فيبروري، ۱۹٦۴ع

مٺا سائين،

ڪالهه طالب وٽان اوهان جو خط مليو. شاهه محمد نابينا جي حياتيءَ جي احوال ۾، خط ۾ ڄاڻايل دوستيون ڪيون وينديون، مطمئن رهندا.

ميران محمد شاهه جا خط ڇپجي رهيا آهن. اڌ ڪان وڌيڪ ڇپجي ويا آهن، فيبروريءَ جي آخر ڌاري ڇپائي پوري ٿي ويندي. مارچ ۾ ڪتاب شايع ٿي ويندو.

ان ڪان پوءِ "مشاهير سنڌ" جي ڇپائي شروع ٿيندي. هن مهيني جي ۲۰ تاريخ بورڊ جي ميٽنگ رکي اٿئون، ان ۾ اوهان جو ٽيون ڪتاب "شاهه جون ڪافيون" بورڊ جي آخرين منظوريءَ لاءِ پيش ڪنداسون. مخدوم صاحب ۽ ڊاڪٽر بلوچ، بورڊ جي ٺهراءَ موجب، مسودو نظر مان ڪڍي ڇڏيو آهي. ڇپائيءَ لاءِ ڪجهه صلاحون ڏنيون اٿئون.

بورڊ جو تازو شايع ٿيل ميرزا قليچ بيگ جو ڪتاب
پڻ شامل آهي.

تازو حيدرآباد ۾ پڻ هڪ نهايت شاندار جلسو ٿيو،
جنهن ۾ سمورا احباب شريڪ ٿيا. جلسي جو انتظام شاگردن
ڪيو هو.

ڪتاب جي ڇپائيءَ جي باري ۾، گذريل دفعي گفتگو
ڪندي اوهان فرمايو هو ته قومي شعر جو انتخاب ڇپائڻ گهرجي.
جنهن تي مون عرض ڪيو هو ته هڪ دوست اڳيئي اهي شعر
چونڊي هڪ هنڌ اتاريا آهن. اهو مسودو جويي صاحب ڪي
پهچايل آهي؛ هو ان کي ترتيب ڏيئي، ڇپائڻ جو انتظام ڪندو.
اميد ته اوهان هر طرح سان بعافيت هوندا.

والسلام،

خدمت ۾،
غلام رباني.

(٢)

حيدرآباد،

٣١- مارچ، ١٩٦٦ع

محترم سائين،

مبارڪون هجن آزاديءَ جون ۽ عيد جون!

هت چوٿينءَ تاريخ اوهان جي زيارت جو دلاسو مليو آهي. دل بهار بهار آهي.

علامہ آءِ. آءِ. قاضي صاحب ڪي اوهان ڪو خط لکيو هو، سو ڪالهہ ڪيس مليو آهي. جيئن تہ خاطري نہ هئس تہ نيپال رستي موڪليل خط اوهان ڪي وقت اندر پهچندو، سو مون ڪي فون تي چيائين تہ اوهان ڪي ماڻهوءَ هٿ سندس سلام پهچايان ۽ خط جي دير سان پهچڻ جو احوال ڏيان. سندس گهر واريءَ جي طبيعت خراب آهي، جنهنڪري گهڻو فڪرمند هو. چيائين تہ خدا ڪري جو چوٿينءَ تاريخ طبيعت ٺيڪ ٿي پوي تہ اهان ڪي مُنهن ڏيکارڻ جهڙا ٿي سگهون.

اهان لاءِ گهڻا گهڻا سلام ۽ دعائون چيائين.

اميد تہ اوهان هر طرح سان بعافيت هوندا.

والسلام-

غلام رباني.

(٣)

حيدرآباد،

٧- ڊسمبر، ١٩٦٧ع

محترم ۽ مٺا سائين!

هن ڳڏ محترم جويي صاحب جو هڪ خط ۽ اخبار "Holiday" جو پرچو، جنهن ۾ سکر واري جلسي جو احوال ڇپيل آهي، خدمت ۾ موڪليان ٿو.

ڪجھہ لکو تہ قرب ٿيندو.

سڪ مان،

کيرت ٻاٻاڻي.

(٢) [ڇهيل خط]

سنڌي ساهت منڊل، (بمبئي)

بمبئي ١٨-

١٠- مارچ، ١٩٦٥ع

پريہ متر،

اميد تہ بلڪل مزي ۾ هوندا-

سنڌي اديبن ۾ عام طور اهو احساس آهي تہ وقت آيو آهي، جو اسين گڏجي پنهنجن رچنا آتمڪ مسئلن تي کليءَ دل سان ۽ گنڀير نموني ۾ سوچيون. جيتوڻيڪ سنڌي ساهت سميلن جي موقعي تي هر سال اسان کي پاڻ ۾ گڏجڻ جو وجهہ ملي ٿو، پر ڏٺو ويو آهي تہ سميلن جي ڀُٽيل پروگرام مان اهڙي بحث لاءِ ايترو وقت ڪڍڻ مشڪل ٿيو پوي.

اُن ڪري ڪن سڄڻن جو ويچار آهي تہ سنڌي ساهتڪارن جو خاص سيڙ (Seminar) ڪوٺائجي، جتي ڪن مقرر وِشين جهڙوڪ "روايت ۽ سنڌي ساهتڪارن جا رچناآتمڪ مسئلا" يا "ساهت جو يوميءَ سان لاڳاپو" ۽ اُن نقطي نظر کان "سنڌي ساهت جو آئيندو" يا "اڄوڪيءَ دنيا ۾ ليکڪ جو رول" وغيره تي ٿڌي سيني سان ويهي سوچجي ۽ خيالن جي ڏي وٺ ڪجي.

تجربي طور سنڌي ساهت منڊل (بمبئي) هن سال پنهنجي ساهتڪارن کي نوتو ڏيئي، بمبئي گهرائڻ جو ساهس ڀڏو آهي. ان سلسلي ۾ ريلوي اختياريءَ وارن سان لکپڙهہ ڪري رعايت وٺڻ جو ويچار آهي ۽ ٻيا رهائش وغيره جا ٻہ ٻنڌ ڪبا. پر اِن ڏس ۾ ڪو قدم کڻجي، ان کان اڳ ۾ ادب دوستن جي صلاح مصلحت

ڪيرت ٻاٻاڻي

ڪيرت ٻاٻاڻي، ڀارت ۾ سنڌي ساهت جو وڏو گهڻگرو، سٺو ڪهاڻيڪار ۽ مخلص قومي ڪارڪن آهي.

سندس چند خط هت ڏجن ٿا.

(۱)

۳/۴۱ آدرش نگر،
ورلي، بمبئي ۸-
۲۳- آگسٽ، ۱۹۶۴ع

محترم ڀاءُ،

خط اوهان جو مليو، جنهن لاءِ اوهان جي نهايت مهرباني. افسوس اٿم، جو اوهان جي ڀڄاڙيءَ واري خط جي پهچ نه ڪئي اٿم. ڀاءُ آتم اوهان جو ڏوراپو پهچايو. افسوس اٿم. اوهان کي شايد معلوم نه هجي ته گذريل سال طبيعت تمام ناساز رهي، ان ڪري ڊاڪٽرن جي هدايت موجب ڪم ڪار ڪان پري هوس، ڀاءُ حشو ۽ منگهارام ملڪاڻيءَ کي اوهان جي ڪم لاءِ عرض ڪيو هوم، پر آتان به ڪم ڪونه ٿيو.

ڀاءُ اتم ڀهتو آهي ۽ ڏٺين کي احوال پهچايو اٿائين. گهربل نالن بابت حال احوال ڪٺو ڪري اوهان کي ضرور موڪليندو. ڀاءُ رباڻيءَ کي هڪ اڌ ڪتاب روانو ڪيو اٿائين.

ڪڏهن ڪڏهن يادگيري ڪندا رهجو، "سنڌو ڌارا" لاءِ

اوهان سياست کان ڪنارو ڪري ادبي ڪيتر ۾ سرگرم ٿيا آهيو، سا به منهنجي لاءِ خوشيءَ جو باعث آهي.

پيارا سائين، مان ته گذريل ويهن سالن کان ئي پنهنجي مشغولي ساهت ۽ سنڌي زبان کي بڻايو آهي. دراصل اسان جهڙي فطرت وارا شخص سياست لاءِ ٺيڪ نه آهن ۽ اڄ سياست ڪٿي پهتي آهي! ڪجهه به چوڻ ڏکيو ٿي پيو آهي. اوهان جي ادبي هر طرح جي سرگرمين ۾ اسان جي ڪافي دلچسپي رهندي. اوهين حال احوال ڏيندا رهجو.

"سنڌو ڌارا" اوهان کي ملندي هوندي. ڪڏهن ڪڏهن اگر وقت بچائي، هن لاءِ ادبي ۽ ڪلچرل ڳالهين تي ڪي مضمون موڪليو ته عنايت ٿيندي. هاڻي تنقيدي رسالو "ساهت سڱنڌ" ڪڍيو اٿئون. پهريون پرچو مليو هوندو، ٻيو ڇاپي هيٺ آهي، جلدي موڪلبو.

قرب سيني لاءِ،
اوهان جو پنهنجو،
ڪيرت پاپاڻي.

(٤)

پيارا ادا،

اميد ته ٺيڪ ٺاڪ هوندا.

اسين اوهان جي مشغولين، تحريڪ ۽ آدرشن بابت ٿورو گهڻو پيا پڙهون ۽ ٻڌون. الله اوهان کي توفيق ڏئي، جو سو پيارا ٿيو ۽ سنڌو ماتا جي سيند ۾ سنڌور قائم رهي.

اوهان جي ڪتاب جون ٻه ڪاپيون به موڪليون ٿا. اميد اٿئون ته اوهان تائين پهچي وينديون.

سيني لاءِ دعا سلام.
قرب مان،
ڪيرت پاپاڻي.

جي ضرورت آهي. اوهين قرب ڪري، خط پهچڻ شرط پنهنجي رائي ڪان واقف ڪندا، ۽ خاص طور تاريخ، وشيہ ۽ ٻين اهڙن سنبنڌي سوالن بابت پنهنجي صلاح ۽ تجويز موڪليندا، جيئن جلدي اهڙي ميڙ (Seminar) ڪوٺائڻ جي ڪم ڪي لڳجي.

اوهان جي خط جي انتظار ۾،

قرب مان،
ڪيرت ٻاٻاڻي،
پريزيڊنٽ، ساهت منڊل، بمبئي.

(٣)

٣/٤١ آدرش نگر،
ورلي، بمبئي- ٠١٦
٢٢- جنوري ١٩٦٧ع

پيارا ادا،

اوهان جو قربنامو مون کي بئنگلور سميلن تان موٽڻ بعد مليو، جنهنڪري نہ سڀني دوستن کي ڏيکاري سگهيس ۽ نہ سميلن وقت آن جو فيض وٺي سگهياسون. اوهان جون ساهت، ڪلچر ۽ سنڌي ڀاشا جي ترقيءَ بابت صلاحون ڪافي غور ۽ مطالع ڪرڻ جي لائق آهن ۽ اسين آنهن تي پنهنجن ويجهن حلقن ۾ ويچارن جي ڏي وٺ ڪري رهيا آهيون. بئنگلور سميلن مان اجهو هاڻي ميلو مڃائي موٽيا آهيون. سنڌي ڀاشا، ويهن سالن جي لڳاتار مٿا سونا هڻڻ بعد قومي زبان بہ ٿي ۽ ڀارت جي جوڙجڪ ۾ بہ داخل ٿيندي، پر هت آن جي ترقيءَ ۽ وڪاس لاءِ پنهنجي قسم جون تڪليفون ۽ دقتون آهن. سنڌين جي ڇڙوڇڙ حالت ۽ واپاري ذهنيت (هر ڳالهہ ۾ فائدو جاچڻ) اسان لاءِ وڏيون انڪون بڻجي رهيون آهن، ڏسجي تہ تاريخي وهڪرو سنڌين کي ڪيڏانهن ٿو گهليو وڃي!

گنگا رام سمراٽ

مسٽر گنگارام گيانچند سمراٽ سن ١٩٠٩ع ڌاري ڄائو. ورهاڱي بعد لڏي، ڀارت ۾ احمد آباد [سيج پور] ۾ وڃي ويٺو آهي. تاليف ۽ تصنيف ۾ مشغول آهي. پنهنجي وطني حب سان ڀريل آهي. وقت بوقت يادگيري ڪري، دوستانہ تعلقات کي زنده رکندو اچي ٿو. اڄڪلهہ اهڙا ڇٽا ماڻهو آهن، جو پري وڃڻ جي باوجود بہ ويجها پيا ڏسجن.

ڪي ويجهائي ڏور، ڪي ڏور بہ اوڏا سپرين!

سندس گهڻن ئي خطن سان ڪجهہ هتي پيش ڪجن ٿا.

[ڪارڊ] (١)

احمد آباد،

١٢- اپريل، ١٩٦٠ع

بخدمت جناب سيد صاحب،

احمد آباد مان نمستي گنگارام سمراٽ جي-

اميد تہ بلڪل خوش پرسن هوندا.

منهنجو نئون ڪتاب "ڀارت درشن" تازو ڇپيو آهي. هڪ ڪاپي، جدا رجسٽر پوسٽ رستي، موڪلي اٿم. ان ۾ هڪ ليک جي (Off-print) آهي، جيڪو "سنڌو" رسالي ۾ هتي ڇپيو آهي، سو بہ موڪليو اٿم- اميد تہ ضرور قبول فرمائيندا.

دلي خوشي ۽ ڪان سواءِ باقي هر طرح هتي خوش آهيون- اگر مناسب سمجهو، تہ ڪتاب جي پهچ ڏيندا تہ خاطري ٿيندي تہ

(ساڳئي خط تي نوٽ ۾)

پيارا ڀاءُ،

ڏٺي شال ڏينهن ڏئيو! سدا سلامت رهو.

اسان جون دعائون اسڙ سنڌ لاءِ ۽ اوهان لاءِ - شال پورهيا ثاب پونو.

پيارن مان،

پوهني هيرانندائي.

آن امڪان جي ته گهٽ ۾ گهٽ اِن مضمون تي اهو ڪتاب ڪارائتو ڪونه هوندو، مون گهرايو — پر مٿاڇرو ڏٺم. بلوچ لاءِ آن ۾ نيڪ جواب سمجهي، مون کي پاڻ خوشي ٿي ۽ چپ ڪري ويٺس. سنهنجو ان وشيه (Subject) تي گهرو اڀياس ڪيل آهي ۽ تاريخ ته منهنجو خاص شعبو آهي. ۱۵–۲۰ هزارن جي پنهنجي لئبرري به اٿم.

هاڻ جڏهن سمالوچنا (Review) جو سوال آيو، تڏهن اهو ڪتاب سچو ڏسڻو پيو. پر ايمانداريءَ جي ڳالهه اها آهي ته اڃا به سڄو ڪتاب ڪونه پڙهيو اٿم. هن جون ڪي غلط بيانيون اهڙيون هيون، جن مون کي بيزُ ڪيو. باوجود آن جي مون کي سراج لاءِ صدق هو. تڏهن ته لکيو اٿم ته ”هندستان ۾ ته ڪو اهڙو اوچي درجي جو سنڌي ساهتيه ڪونه ٿو نڪري، جنهن سان هن ڪتاب جي ڀيٽ ڪري سگهجي. باقي سنڌ ۾ جيڪو ساهت پئي نڪتو آهي، تنهن معيار کان هيءُ ڪتاب هڪ نئين حيثيت ٿو وٺي. سنڌي هڻڻ جو ناز ۽ سنڌي ٻوليءَ لاءِ پيار ليکڪ جي نَس نَس ۾ ايترو ته گهرو اوتيل آهي، جو اڪثري هندن جي مهراج دواوڪا پرشاد (جيڪو ۳ ڏينهن اڳ گذاري ويو آهي) کي به شهه ڏيئي ٿو وڃي. نوجوان ليکڪ جيڪا ڪوشش ڪئي آهي، سنڌيءَ کي نکاري بيهارڻ ۾ جا هن جي جدوجهد آهي، تنهن لاءِ هر سنڌيءَ کي نازهڻ گهرجي.“

۽ وري صفحي ۱۶۵ تي وڏيڪ خلاصو ڪيو اٿم- سخت لکڻ جو سوال ئي ڪونه هو ڇو ته هر ڳالهه ۾ مذهب جو دخل آتي آهي نه ڪِ هيتي، ۽ مون جيڪي لکيو هو سو هتي جي نقطي نظر کان - ۽ سچ پچ ته آن وقت ڏائين فقط ۱۶ ڪاپيون ايڏانهن سنڌ ۾ ”سنڌو“ رسالي جون موڪليون ويئون هيون، ۽ جيئن ئي توهان جو خط مليم ته باقي سڀ ڪاپيون ووڪائي ڇڏيم، جنهن ۾ توهان جو نالو به هو. مون ته چاهيو ته اها چيز اهڙن

سائينجن ڪي برابر مليو.

توهان جو،
سمراٽ
(گنگو گيانچند)

(٢)

سيج پور (احمد آباد)
٢٢- مئي، ١٩٦٦ع

پوڄيه سري سيد غلام مرتضيٰ شاه صاحب-
احمدآباد مان نمستي گنگا رام سمراٽ جي. خط توهان جو ٣ جو ١٢ تاريخ پهتو، ۽ ڏاڍي خوشي ٿي توهان جا اکر پسي.
توهان جو ڪجهه لکيو، پڙهي صدمو رسيو، جو منهنجي قلم جي ڪري توهان کي ڏک ٿيو.
بزرگ صاحب! حقيقت اها آهي ته مون کي نه ان لکڻ لاءِ ڪا غلط فهمي هئي ۽ نه ٿي بدنيتي. اها به خبر هيم ته بلوچ صاحب تمام تنگ نظريو ورتو هو. مگر ايترو نه سمجهيو هوم، جيترو هاڻ محسوس ٿو ڪريان؛ ڇو ته هاڻ ان ٿي ڪتاب تي Review ڪرڻو پيو اٿم. مون ڪجهه سال اڳ شري بلوچ جو مضمون ”مهراڻ“ ۾ ڏٺو هو؛ ان بعد ڪتاب (سندس) به نظر مان ڪڍيو هو. ساڳيءَ طرح شري سراج جو به - سراج جو پڙهي، مان خوش ٿيس ۽ هڪدم کيس ”نئين زندگي“ معرفت خط لکيم ته پنهنجو مضمون ڏياري موڪل ته ڏيان سان پڙهان، ڇو ته آهو مون ته اڌارو ڏٺو هو؛ پر هن نه جواب موڪليو، نه پهچ.
جڏهن موهن جي دڙو جي لکيتن پڙهڻ جو سوال ٿيو، ۽ خبر پيم ته اهڙو ”ڪتاب“ سنڌيءَ ۾ به نڪتو آهي، ته باوجود

ٿو. سنڌيءَ کي ته جڻ غلام ٻولي ٿو سمجهي، جنهن تي انيڪ ٻولين جو اثر ٿيو- جڻ ته عربي خواه ٻين ٻولين تي ٿيندو ئي ڪونهي. اگر نه ٿيو ته ٻوءِ قرآن شريف ۾ هندي اکر ڪٿان اچي ويا؟ هيڏي ساري ڪتاب ۾ فقط "سنڌيءَ تي ٻين ٻولين جو اثر "ٿي پيو، اهو اڪثر ڏيکاريو اٿائين؛ پر سنڌي ٻوليءَ جي سچ پچ تاريخ ڇا آهي، سو ته لکيو ڪونه اٿس. سمن سومرن جي زماني جي ٻولي پيش ڪرڻ بہ ڪا تاريخ ٿيندي آهي؟ جا سچ ته هُو ڪڏهين بہ ڪونہ لکي سگهندو.

اگر مذهبي تنگدلي ڇڏي ڏسبو ته شري ڀيرو مل جو لکڻ وڏيڪ ورنائتو آهي. ڇاڪاڻ ته 'سنڌي سنسڪرت مان نڪتي' لکيائين ته گناهه ٿيو ڇا؟ مگر هن جيڪي محنت ڪري لکيو آهي، سو سمجهڻ جهڙي ڳالهہ آهي. اثر ته اڪثر دنيا جي مڙني ٻولين جو هڪٻئي تي ٿيندو آهي، ۽ اهو بہ فقط لفظن جي ڏي وٺ سان، يا ڳالهائڻ جو لهجو بدلڻ تي- مثلاً هڪ لفظ کي ڏسو: عربيءَ ۾ الحشيش بمعنيٰ ڀنگ آهي. مشهور آهي ته عرب شيخ الجبل ماڻهن کي ڀنگ (خواه پست) پياري، نشي ۾ ڪري، ڪانئن قتل ڪرائيندو هو. ان طرح اصطلاح جي طور اهو الحشيش حشلشون يا حشاشہ تان اهو اکر "ڌوڪي سان قتل ڪرائڻ" جي معنيٰ وٺي بگڙيو ۽ عربن وسيلي يورپ ۾ پهتو ۽ اڄ بہ الي اسئسنيٽ (Assassinate) معنيٰ "ڌوڪي سان قتل ڪرڻ" لاءِ مروج آهي. هاڻ اهو لفظ اصل انگريزيءَ جو ناهي ۽ عربيءَ مان بگڙي ڪري آن وٽ پهتو آهي. ۽ ائين سڄيءَ دنيا ۾ پئي ٿيو آهي ۽ ٿئي پيو. دنيا جا نوان نو ان لفظ پيا اچن وڃن. ٻوءِ ان سڀ کي بہ فقط لفظن جي حد تائين متاثر ٿيڻ چئبو، نه ڪ بلوچ صاحب جيان اصل ٻولي بدلجي پيئي. ٻولي بدلبي ڪانهي، مگر بگڙندي آهي.

مذهبي جنونين جي هٿ نه چڙهي ۽ هو ان جو اجوڳ فائدو نه وٺن. هونئن به مون کي سراج لاءِ لکندي خود ڏک ٿيو پئي، تڏهن ته مضمون ۾ لکيو اٿم ته ”سندس سنڌيءَ لاءِ بي انتها محبت پڙهندي، مٿس هن طرح لکندي مون کي زخم ٿو ٿئي. گهٽ ۾ گهٽ هت هندستان ۾ ان معيار جو هڪ به سنڌي ڪتاب ڪونهي، جنهن جي آن سان ڀيٽ ڪري سگهجي.“ نه فقط ايترو ليڪن ختم ڪندي به لکيو اٿم، ”هن طرح جي سمالوچنا خواه تبصرو ڪرڻ منهنجي ضمير جي خلاف آهي“ ۽ چو ته ههڙي نوجوان کي رنجائڻ منهنجو مقصود ڪونه هو. مگر ڇا ڪريان ته جڏهين صحيح ۽ صحتمند تور تڪ ۽ ڇنڊڇاڻ جو وقت ٿو اچي ته پوءِ صورت ٿي ڦريو وڃي. باوجود آن سڀ جي مون اول سندس نيت ٿي ڏني هئي، ان ڪري ٿي سندس باري ۾ آهو ڪجهه به لکيم جو مناسب هو.

توهان جيڪو شاهه صاحب جو بيت دهرايو آهي، آهو مون تي فقط تڏهن عائد ٿي سگهي ٿو، جو مون اندر ۾ بغض رکي، بدنيتيءَ سان ۽ غلط نمونسي سڪجهه ڪيو هجي. آن ڪري عرض ڪندس ته هڪ وار وري اهو مضمون نئين سر پڙهو، ۽ جيڪي مان سمجهي لکيو آهي، ان نقطي نظر کان. اتي اهي ڪاپيون ۴ آيل آهن: ۱- نئين زندگي، ڪراچي، ۲- پروفيسر مجيد، سکر، ۳- ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ۴- سري سراج الحق، معرفت ڊاڪٽر بلوچ - باقي سڀ ڪاپيون روڪايون اٿم، ان طرف نه ايندڀون.

هاڻ ته بلوچ صاحب لاءِ ٿو لکان. هن کي ته مذهبي بنيادن تي ڪٽندس، جو هن مذهب کي ٿي اهميت ڏني آهي. هر ڳالهه ۾ هُو عرب جا بدوُ اوچا ٿو سمجهي، ڇاڪاڻ ته اسلام جو جنم منجهن ٿيو. باقي سنڌي خواه هندستان جي هر زماني جي مهذب قومن جي ٻوليءَ کي هو ڪجهه سمجهي ٿي ڪونه

سوڙهه ڪري، صفحن ۾ سيٽون وڌائي ۽ هڪ صفحو جدا هٽي، توهان جي ڪتاب ڏي لکيم.

مگر "سنڌو" رسالو آهي سري بولچند راجپال جو- ان کي ته ايڊيٽر جي طور ڪاپي ڏيٺي آهي، سو مون ڪيس پاڻ واري ڪاپي اڄ ڏني آهي. آن ڪري، مهرباني ڪري، ان ڪتاب جون ٢ ٻيون ڪاپيون ٽپال (رجسٽر) رستي موڪلي ڏيو: هي "سنڌو" ۾ سمالوچنا جو حق ڪونه ٿو چڪيان، مگر ڪتاب، جو سٺو آهي ته آهو پاڻ وٽ رکڻ چاهيان ٿو- ان ڪري عرض آهي ته عنايت ڪري سگهو ته ضرور ڪندا. اميد ته بلڪل خوش پرسن هوندا. مون لاءِ ڪار خدمت هجي ته حڪم فرمائيندا.

توهان جو سمرات.

[ڪارڊ] (٤)

١٦- آگسٽ، ١٩٦٧ع

بخدمت جناب شاهه صاحب!

احمدآباد مان نمستي گنگا وام سمرات جي.

اڄ، عرض ڪيل ٻه ڪتاب سائينجن جا موڪليل (ساڻ هڪ "بزم صوفياي سنڌ" جو ٻه) مليا- وڏي مهرباني.

مون ٻيو ڪارڊ به لکيو هو، جنهن ۾ توهان جي ٻن ٻين ڪتابن لاءِ لکيو هوم. سمجهان ٿو، بي واجبي تڪليف ڏني اٿم، آن ڪري اگر نه موڪليا هجو ته بس! نه موڪليندا.

ائين "سنڌو" جي شري راجپال ڳالهه ڪئي ته هاڻي وٽس ڪتاب جي ڪاپي آهي. اڳ پاڻ مون وٽ آيو هو، جو سنڌس پرپٽ يعني سنڌس چاڻ ڪان سواءِ ئي مون توهان جي ڪتاب جي سمالوچنا (Review) ڇپائي هئي، ۽ آن ڪري پريس ۾ اهو پروف ڏسي، ڪتاب ڏسڻ آيو هوو

اميد ته خوش پرسن هوندا.

۽ انئين وقت گذرڻ سان نئين صورت وٺندي آهي.

هُو تنگدل آهي ۽ گهڻو تنگدل آهي. عالم کي نه هندو، نه مسلمان ٺيڻ کپي، فقط انسان ٺيڻ کپي. ڇو ته ڏٺي تعاليٰ فقط انسان پيدا ڪندو آهي، نه هندو، نه مسلمان! ان ڪري جهڙي نوع ۾ هن لکيو آهي، آن پيالي ۾ ڪيس پيش ڪبو.

اميد ته بلڪل خوش پرسن هوندا. ڪڏهن ڪڏهن ۽ ا کر لکندا ڪريو. ڏاڍي خوشي ٿيندي آهي. اگر مٿي لکيل تي ڪجهه رنجش ٿئي ته معاف ڪندا ۽ ضرور ڪجهه لکندا. ضروت سارو ٿي خيالن جي ڏي وٺ ٿي پوندي. بزرگ آهيو. ايتري گستاخي ڪرڻ ٺيڪ به ڪانهي، ته به ادب سان هن علمي سوال تي لکڻ جي جرئت ڪئي اٿم. ڪابه خدمت سون لائق هجي ته لکندا، خادم آهيان.

ڏوهان جو سمرات (گنگو).

[نوٽ:- سراج جي ”سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ“ تي نقطه چيني ڪئي هئائين، ان تي ڏوراهو ڏنو هوسانس. ان جي جواب ۾ هي خط لکيو اٿس.]

(۳)

سيج پور (احمد آباد).
۱- آگسٽ، ۱۹۶٧ع

بخدمت جناب شاهه صاحب -

احمد آباد مان نمستي گنگا رام سمرات جي!

سوڪليل ڪتاب ”جديد سياست جا نو وٽن“ پهتو- ڏاڍو سٺو آهي، آن ڪري آن جي سمالوچنا (Review) ”سنڌو“ رسالي جي هن پرچي ۾ ڪئي اٿم: جيتوڻيڪ پيج جيڪي سون لاءِ مخصوص رکيل هئا، بلڪل پورا ٿي ويا هئا، ته به

ڪريو. ڏک ٿيو. مان ته تازي ڇهين نمبر کي نيپال لاءِ ائڊريس به وجهي رکي هئي. اهو ڪڏي ورتو اٿم، ۽ اڳيان ڪُل پنج ۽ هيءُ ڇهون، مڪمل سيٽ آفيس مان ڪڍي آيو آهيان ۽ سڀ پئڪيٽ ٺاهي رکيو اٿم. صبح جو رجسٽر ڪري موڪليندس. Aek due ڪندس. ان ڪري توهان پهچ نه ڏني ته به سُڻو. مگر هر پرچي ۾، منهنجي آلوچنا (تبصرو) آهي. خاص ڪري جلد ٽئين ۾ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي ڪتاب تي. انهن مٿي ڪي پڙهي، اگر رايو موڪليندا، ته خوشي ٿيندي.

بزرگن جا به اکر وڏي حوصلي افزائي ٿا ڪن- توهان جو هر پُرزو (خط) منهنجي خاص فائيل جو سينگار رهندو. ان ڪري مناسب سمجهو ته اهي تبصرا پڙهي، ضرور ڪجهه لکڻ جي عنايت ڪندا- پهچ جي بهاني سهي.

ٻوليءَ جي باري ۾، توهان جي دليل کي نه مڃڻ جي گستاخي نه ڪندي به گهٽ ۾ آن سان شامل راءِ نه ٿيندس. توهان جي لکيل ٻولي خالص پڙهيل طبقو ئي پڙهي سگهندو. عام ڳوٺ جو ويچارو نه پڙهي سگهندو. اگر پڙهندو ته سمجهندو ايترو ئي جهڙو ڪو به سنڌي شاهه صاحب جي سنڌي. اگر قديم سنڌيءَ جا اکر وسري ويل آهن، ته پوءِ سائينجن هن تازي ڪتاب جي ٽائيٽل (Title) جو پهريون ئي اکر ”جنب“ ڪهڙي مروج ٻوليءَ جو ڪتب آندو آهي. جنم جو جنب بگڙيل ڪير سمجهندو. جيستائين مضمون (Subject) جو واسطو آهي، ٻوليءَ کي ڏکيو ڪري سگهجي ٿو. پيءَ طرح ته مون کي اهو سختيءَ سان اکڙندو آهي. الائي ڇو ائين لڳندو آهي ته ائين ڪرڻ سان اسين شاه صاحب جي ورثي سان بيوفائي ٿا ڪريون. اکر مروج ٿيندا ڪونه آهن، ڪيا آهن - لکڻ وارا ئي ڪتب ڪونه آڻيندا، ڳالهائڻ وارا هچڪچائيندا، ته آهي رهي ڪيئن سگهندا! وشواس ڪندا، مان جڏهن به مجلس ۾ ڳالهائيندو

مون جڏهن سراج تي تبصرو ڪيو هو ته آءٌ ڪجهه ڪٽر مذهبي خوش ٿيا هئا، پر جڏهن بلوچ تي ڪيم ته آهي ڏي رنج ٿيا. جن مان سنڌ يونيورسٽيءَ جو هڪ جهڙئي ميان آهي، رکي رکي ڪيس جوش آيو آهي ۽ هاڻ مون کي آن جو ود ڪد ڏيڻ لاءِ بلوچ جي جواب ۾ هڪ مضمون (خواه جواب) اٿي ڪنهن مخزن ۾ ڇپڻ لاءِ ڏنو اٿس. اجا ڇپيو ڪونهي، ڇپجي ته ڏسندا. توهان وٽ ته سڀ مخزنون اينديون هونديون. عين ڪٽر پنٿي توهان سان به وير رکندا هوندا؟

ڪڏهن ڪڏهن به اکر لکڻ جي ته عنايت ڪندا ڪريو. مون لاءِ ڪابه خدمت هجي ته حڪم!

خادم،

سمرات.

(۵)

۳۱- آگسٽ، ۱۹۶۷ع

بخدمت جناب شاهه صاحب.

احمدآباد مان نمستي گنگارام سمرات جي.

وڏي عنايت ۽ لک ڀورا، جو پنهنجي تازي تصنيف ”جنب گذاريم جن سين“ جا ٻه جلد موڪلڻ جي نوازش ڪئي اٿو. اندر خط به مليو- مهرباني. ٻيا ٻه ڪتاب ڪهڙا؟ ”جديد سياست جا نو رتن“- اهي پهتا، پهچ ڏني اٿم. مون سمجهيو ”نئين سنڌ لاءِ جدوجهد“ ۽ ”پيغام لطيف“ لاءِ لکيو اٿو، جن جي موڪلڻ لاءِ عرض ڪيو هوم، ۽ وري نه لکيم، جو سمجهيم ته توهان کي تڪليف ٿو ڏيان.

رسالو ”سنڌو“ گذريل سال کان باقاعدي موڪليندو ٿو رهان. سنهنجي ليکي توهان کي برابر پهچي رهيو آهي، ۽ توهين پهچ ڏيڻ يا ان باري ۾ ڪجهه لکڻ جي عنايت نٿا

ڪرشن راهي

ڪرشن راهي سنڌ جو سکيه شاعر ۽ ڪهاڻيڪار آهي. جيڪي
ساٺهو پارت لڏي ويا آهن، ۽ آتي سنڌي ٻوليءَ کي زنده رکيو اٿن،
تن سان هيءُ هڪ سکيه ڪارڪن آهي.
سندس هڪ خط هت ڏجي ٿو.

[ڇپيل] (١)

سنڌي ساهت منڊل،
(بمبئي)
١٨- اپريل، ١٩٦٥ع

سڄڻ،

"سنڌي ساهت منڊل" بمبئيءَ جي طرفان هن سال بمبئيءَ ۾
جمعي، تاريخ ٢٨ مئي کان آرتوار ٣٠ مئي تائين، سنڌي ليکڪن
جو سيمينار ٿي رهيو آهي. جنهن جو دستوري اطلاع اوهان کي
ضرور مليو هوندو.

سيمينار ۾ پڙهجندڙ مقالن مان خاص بيٺڪ لاءِ سنڌي
ڪلچر تي (ڪنهن به پهلوءَ کان) مقالي لکڻ جي آس اوهان ۾
رکي اٿئون ۽ اميد ٿا ڪريون ته اوهان پنهنجي قيمتي وقت مان
ڪجهه وقت بچائي، اهو مقالو تيار ڪرڻ جي عنايت ڪندا ۽
هن خط جي پهچ کان هفتي اندر اهڙي قسم جي قبوليت جو اطلاع
ڏيڻ فرمائيندا.

خيال آهي ته ڪوشش ڪري، سڀ مقالا جي نه ته به گهٽ

آهيان، ڪڏهن صدر جي حيثيت سان، ڪڏهن مجلس ۾ ويٺل جي حيثيت سان، ته مهنجو ڳالهائڻ جو لهجو ادبي نه هوندو آهي، پر ڳوٺاڻو- اول ٿي چوندو آهيان ته يارو پاڻ آهيون ڳوٺاڻا، ٻولي ڳوٺاڻي، لهجو ڳوٺاڻو، ٺيٺ سنڌي نه سهي، مگر سنڌي ته ضرور!

ان ڪري توهان کي لکان ٿو. اياز لکي ٿو- چاهي ڏکي آهي، وٽندڙ آهي. مگر اهڙي ڏکي به نه هلي سگهندي، جيسين آن جو عام واهپو نه ٿئي. مان ڇرچي ۾ هتي گجراتين ۽ ٻين کي کوٻلو ۽ گهوٻاٽو چوندو آهيان ۽ زور سان، ڇو ته کوٻلا سمجهندا هوندا ٿي ڪونه، پر مون کي ته سنڌيءَ جي ناڻي ۾ مزو ايندو آهي. سنڌين کي وري به 'ديهان' چوندو آهيان.
اميد ته بلڪل مزي ۾ هوندا.
ڪڏهن به اڪر لکڻ جي عنايت ضرور ڪندا ڪريو.

توهان جو،
سمرات.

شيخ محمد مبارڪ "اياز"

شيخ اياز سنڌ جو مايہٴ ناز قومي شاعر آهي. هن جي قومي شاعريءَ سنڌ ۾ وڏي سجاڳي آندي آهي. ڪيترن ڪتابن جو مصنف آهي. قومپرست خيالن ڪري ڪيترا ڀيرا جيل وڃي چڪو آهي. سندس زندگيءَ جو احوال "جنب گذاريم جن سين" ۾ ڏنو ويو آهي.

سندس ڪيترن خطن مان ڪي هيٺ ڏيان ٿو.

(۱)

حيدرآباد،
۷- آگسٽ، ۱۹۶۷ع

پيارا سائين،

اوهان کي ياد هوندو تہ پيرزادو محمد عمر وڪيل، مون سان گڏجي اوهان وٽ ڪراچيءَ ۾ آيو هو. هن پيري منهنجي هن سان ڪراچيءَ ۾ ملاقات ٿي ۽ مون هن سان اوهان جي نظربنديءَ جي حڪم خلاف رٽ پٽيشن داخل ڪرڻ جي مصلحت تي ڳالهايو. هن اڳ بہ مير رسول بخش جو رٽ داخل ڪيو هو ۽ ائڊمٽ ڪرايو هو ۽ ان ڪان پوءِ آخر شنوائيءَ تي قصوريءَ ڪيس هلايو هو. هينئر بہ هو باقي بلوچ جي رٽ پٽيشن هلائي رهيو آهي. هو پنهنجو دوست ۽ همدرد آهي ۽ ڪافي ذهين آهي. هن وعدو ڪيو تہ جي اوهان پٽيشن داخل ڪيو تہ هو اوهان وٽ سڀ اچي، اوهان ڪان ڪيس جي تياريءَ لاءِ مڪمل حقيقت وٺي. مون هن کي پنهنجي

۽ گهٽ، چونڊ مقالا اڳواٽ ڇپايا وڃن ۽ سيمينار وقت ورهايا وڃن، جيئن بحث ۾ سهوليت ٿئي. آن ڪري تيار ٿيل مقالو سيمينار ٿيڻ کان هڪ هفتو اڳ اسان ڏانئين پهچائڻ جو احسان ڪندا.

هن باري ۾ اگر ڪا وڌيڪ خبرچار اوهان کي گهربل هجي، ته اهڙي قسم جو احوال ڏيندا.

شيوا ۾،

ڪرشن راهي،
جنرل سيڪريٽري.

مارو احوال ڏنو هونداٺون، مان ۸ تاريخ تي اوهان جي خدمت ۾ ڪراچيءَ پهچي ويندس.

وڌيڪ احوال روبرو.

جيئي سنڌ،

اوهان جو نيازمند،

ايـاز.

(۳)

سکر (سنڌ).

پيارا سائين!

هيءُ خط آڏينڊر بلڪل پنهنجو ماڻهو آهي ۽ جيئي سنڌ تحريڪ سان وابسته آهي. اوهان کي احوال روبرو ڏيندو. اميد ته اوهان هن کي هر ممڪن مدد ڪندا.

اوهان هن کي پنهنجو مارچ جو پروگرام به ٻڌائيندا ته جيئن مان مارچ ۾ اوهان سان ملي سگهان.

اوهان جو نيازمند،

اياز.

قلم ڏانوڻ: هيءُ خط، سون آن وقت لکيو هو، جنهن وقت اوهان ڍاڪا ويا هئا، ان ڪان پوءِ اوهان سان حيدرآباد ۾ ملاقات ٿي. جيڪڏهن تحريڪ جي باري ۾ ڪوئي ارشاد هجي ته هيءُ ماڻهو پنهنجو آهي، هن کي چٺي لکي ڏيندا.

— اياز.

(۴)

ڪئينس روڊ، سکر سنڌ

پيارا سائين،

اميد ته اوهان خوش هوندا.

مان جيل ۾ ڪافي بيمار هوس ۽ اڃا تائين پوريءَ طرح

ٻاران فيءَ جي آچ ڪئي، مگر هن فيءَ جو ذڪر ئي ناگوار سمجهيو ۽ ڇيو تہ هيءَ ڪم منهنجو بلڪل پنهنجو آهي ۽ جي سائين ارادو ٻڌي تہ مان پاڻ هن وٽ هليو وڃان.

هن وقت، جا متعلقہ قانون جي پوزيشن آهي، آن موجب اسان کي ڪيس ۾ ڪاميابيءَ جي ڪافي اميد آهي. سون سکر ۾ محمد امين کوسي کي بہ ڇيو تہ اوهان کي خط لکي ڪيس وجهڻ لاءِ آماده ڪري. منهنجو خيال آهي تہ جي اسان رٽ جي درخواست داخل ڪنداسين تہ آن جي هلندي اوهان جي نظربنديءَ جا ٻہ مهينا گذري ويندا ۽ حڪومت رِٽ جي ڊپ کان خود ئي ميعاد نہ وڌائيندي. جي اوهان مناسب سمجهو تہ پيرزادي جو فون نمبر ۽ اڊريس هيٺ لکيل آهي ۽ هن کي مون سان ڪيل گفتگوءَ جو حوالو ڏئي چوندا تہ هو اوهان ڏانهن سن هليو اچي. هو فون تي اٽڪل ٦ بجي شام تائين ملي سگهندو آهي.

اميد تہ اوهان جي صحت بلڪل ٺيڪ هوندي.

مون لاءِ ٻيو ڪوئي حڪم هجي تہ مان حاضر آهيان.

اوهان جو نيازمند،

ايـاز.

(٢)

سکر.

پيارا سائين!

مسٽر عبدالستار چوهاڻ پنهنجي تحريڪ سان وابستہ آهي. هُو منهنجو جونئر بہ آهي ۽ روهڙي ڪاليج ۾ پروفيسر بہ آهي. هُن کي مسٽر جواد حسين شاهہ موسويءَ لاءِ اوهان جـو خط گهرجي، اميد تہ اوهان هُن کي مدد ڪندا.

ٽيون ڏينهن رباني ۽ مجيب آيا هئا. اميد تہ اوهان کي

ڊاڪٽر نور نبي "تنوير" عباسي

ڊاڪٽر تنوير عباسي، سنڌ جي اعليٰ شاعرن مان آهي، قومي ڪارڪن، مخلص دوست ۽ خاموش ورڪر آهي.

سائس واقفيت گهڻي وقت کان رهي آهي. سنڌس ڪيترائي خط مون وٽ آهن. نموني طور ٻه خط پيش ڪريان ٿو:

(۱)

سنڌ هاسپيٽل،
خيرپور ميرس.
۱۰- مارچ، ۱۹٦۷ع

سائين،

انتهائي ادب مان عرض ته اوهان جا خط ۽ ڪتاب مليا، اوهان جي ياد ڪرڻ لاءِ ٿورائتو آهيان ۽ ورهائڻ شروع ڪيا اٿم.

هتي ڪانفرنس ڪوٺائڻ لاءِ ڪوشش ڪريان پيو. سچل ٿي ڪبي. هيءَ ملڪ آهي رياستي معاملو، آن ڪري ماڻهو ڪلچر ۽ ثقافت کان مڙيو ئي گهٽ واقف آهن. بهرحال مان به پنهنجي آهر پاڻ پتوڙي رهيو آهيان.

اميد ته ضرور ۽ جلد ڪانفرنس ڪوٺائبي. ان سلسلي ۾ ايندڙ هفتي، شهر جي ڪن بااثر ۽ معزز ماڻهن کي صلاح لاءِ سڏيو اٿم. آتي فيصلو ڪري، پوءِ سائينجن کي اطلاع عرض

صحتياب نه ٿيو آهيان. رهائيءَ کان پوءِ ڪارو باري مصروفيتون به وڌي ويون آهن. اڃا تائين سڪر کان ٻاهر ڪيڏانهن به نه ويو آهيان. اوهان کي منهنجي باري ۾ اجائي غلط فهمي ٿي آهي. اسان جا آدرش ساڳيا آهن ۽ منهنجي اوهان سان ڪائي جدائي نه آهي. هن وقت تائين مون ڪائي اهڙي ڳالهه نه ڪئي آهي، جا اوهان جي سياسي حالات جي تجزئي سان مطابقت نه رکندي هجي. مون حفيظ قريشيءَ معرفت به اوهان کي اهڙو نياپو موڪليو هو.

اوهان جي ذات سان جا عقيدتمندي آهي، آها ته سدائين رهندي آهي، ڇو ته اوهان ئي سنڌ کي پنهنجيءَ تقدير جو شعور ڏنو آهي. مان اڳ به ڪيترا ئي مهينا اوهان وٽ اچي نه سگهيو هوس ۽ اوهان منهنجي ڪتاب "ڪي جو پيچل پوليو" جي انتساب مان محسوس ڪيو هوندو ته منهنجيءَ عقيدتمنديءَ ۾ ان وقت به ڪوئي فرق نه آيو هو.

اوهان آهو يقين ڪيو ته ڪوئي به لوڀ لالچ يا خوف خطرو مون کي پنهنجي آدرش کان پريرو نه ڪري سگهندو.

مان ۽ منهنجي دوستن هتي، جو حالات جو تجزيو ڪيو هو ۽ جو طريقي ڪار اختيار ڪيو آهي، اهو ساڳئي آدرش جي ڏس ۾ وڃي رهيو آهي. جيئن ئي مون کي موقعو مليو، مان اوهان وٽ هليو ايندس ۽ مون کي اميد آهي ته مان اوهان کي مطمئن ڪري سگهندس ته اسان هن وقت به اوهان جي سياسي نصب العين کان نه هٽيا آهيون.

هيءُ خط آڻيندڙ جيئي سنڌ تحريڪ جو نهايت سرگرم ڪارڪن آهي. هن سان بيحد ظلم ٿيو آهي، جي هن جي ڪائي مدد ڪري سگهو ته ڏاڍو چڱو.

اوهان جو نيازمند، اياز.

ڪي ۽ ٻين مهمانن کي آرام ڏيارڻ جي پوري ڪوشش ڪنداسين. اڄ دعوتناما پوسٽ ڪريون پيا ۽ محترم عبدالغني ۽ عبدالله چنا ڏي به موڪليون پيا.

جيئن ته ٻيا مهمان ڪراچي ايڪسپريس ۾ ايندا، ان ڪري صرف اوهان لاءِ مون وٽ منجهند جي ماني جو انتظام آهي. مهرباني ڪري لکندا ته گهڻا ماڻهو اوهان سان گڏ هوندا؛ ۽ اوهان جي پرهيز متعلق پڻ منهنجي بيگم کي خبر ناهي، جو اڳئين دفعي اوهان پوري ريت نه کاڌو هئو. ان ڪري مهرباني ڪري پرهيز جي باري ۾ پڻ لکندا.

اميد ته ١١- تاريخ روبرو نياز حاصل ڪندس.

ڳالهيون ڪئي هڪ ٻه هن تر جا آهن؛ جي حيدرآباد مان هڪ به اچي سگهن ته ڏاڍو سٺو، رات رهڻ جو پروگرام ۽ ناشتو ڪوٽ ڏيجي ۾ آهي.

اوهان جو نيازمند،
تنوير.

رکيو ويندو.

قمر جا نياز رسن.

زياده خير و السلام—

اوهان جو مخلص،

تنوير عباسي.

(٢)

محترم سائين، شال وڏي حياتي مائيوا

عرض ته بزم صوفياء جي ڪانفرنس لاءِ، ١١ جون ١٩٦٧ع تي، اپڻ شاهه تي اهتمام ڪيو ويو آهي، ۽ اُن لاءِ جناب الهه بخش عباسي جن دعوت ڏني آهي. اپڻ شاهه ڪوٽ ڏيجيءَ کان ۴ ميل ڪن آهي. جيئن ته آلي ويل جو رستو ناهي، ان ڪري سڀني مهمانن کي هتي (خيرپور) پهچڻو پوندو ۽ هتان جيپن ذريعي ڪوٽ ڏيجيءَ هلبو.

منجهند جي ماني، خيرپور ۾ ۽ رات جي ماني ڪوٽ ڏيجيءَ ۾ ڪئي ويندي.

اميد ته اوهان هاڻي اسان جي طرفان ٿيل گهٽتائيءَ کي معاف ڪندا ۽ قدم رنج فرمائيندا.

اوهان جو مخلص،

تنوير عباسي.

(٣)

سنڌ هاسپيٽل،

خيرپور ميرس.

٦- جون، ١٩٦٧ع

محترم سائين، شال وڏي حياتي مائيوا

اوهان جو خط مليو، اوهان يقين ڪريو ته اسين اوهان

ڪابہ تعليم سياسي شعور کان سواءِ اڌوري رهي ٿي. انهيءَ ڪميءَ جي پورائيءَ لاءِ اوهان جون صحبتون واقعي غنيمت آهن ۽ منهنجي خوش نصيبي آهي جو زندگيءَ ۾ اهڙا موقعا ميسر ٿيندا اچن ٿا. شايد انهيءَ جي ڪري ئي توهان جي موجودگيءَ ۾ منهنجي زبان بلڪل بند رهي ٿي.

اوهان جا ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ ائين پيو پائنجي، ڄڻ سنڌ کي نئون جياپو نصيب ٿيندو پيو وڃي ۽ هاڻ هن ڌرتيءَ کي ڪوبہ غاصب يا غدار ماري مڃائي نٿو سگهي. پر جيڪڏهن اڃا بہ سنڌي قوم نہ سڌري ۽ سجاڳ نہ ٿي تہ پوءِ سنڌ تہ هوندي ليڪن سنڌين جو نشان ئي باقي نہ رهندو. خدا بہ آخر ڪيستائين اوهان جهڙا پيغمبر صفت انسان موڪلي حيوان جهڙن ماڻهن کي سڌين واهہ تي هلائڻ جا پيغام پيو اماڻيندو، ڇاڪاڻ تہ پاڻ ئي پيو چوي تہ مان تيستائين ڪنهن قوم جي حالت نٿو بدلايان، جيستائين اها پنهنجو پاڻ ۾ ڪا تبديلي نٿي آڻي سگهي.

توهان جو سياسي تدبر نہ صرف پنهنجي پيل سنڌين لاءِ رهنمائيءَ جو باعث آهي، پر اوري پري وارين انهن ننڍين قومن لاءِ پڻ رهبريءَ جي حيثيت رکي ٿو، جيڪي اقتصادي ۽ سياسي طور طاقتور غنيمن جون غلام رهن ٿيون. اوهان ماضيءَ ۽ حال جي مشاهدن ۽ تجربن جي روشنيءَ ۾ سنڌ ۽ ٻين اهڙن ملڪن جي آئيندي لاءِ جيڪي ڪجهہ سوچيو ۽ تجويز ڪيو آهي، اهو خاص ڪري انهيءَ خيال کان وڌيڪ اهم ۽ فائديمند ٿي سگهي ٿو تہ توهان موجوده دور جي عالمگير تحريڪ ۽ نظام جهڙوڪ اشتراڪيت ۽ سرمايہ داريءَ جي جدوجهد ۽ انهن مان پيدا ٿيندڙ ننڍين قومن جي مشڪل مسئلن بابت پوريءَ طرح وضاحت ڪري چڪا آهيو. ۽ حالتن جي تقاضا پڻ اها ئي هئي تہ زماني جي نئين صورتحال ۽ نون موجهارن کي نظر ۾ رکي، سياسي

”نياز“ همايوني

هيءُ ”همايون“ جو وينل، وڏو اديب ۽ شاعر آهي. باوجود اردو بورڊ ۾ نوڪريءَ ڪرڻ جي وڏيءَ همت وارو قوم‌پرست آهي. سندس شعرن ۽ مضمونن ۾ وڏي جوانمرديءَ جو اظهار ڪيل ڏسڻ ۾ اچي ٿو. سنڌ جي چوٽيءَ جي شاعرن سان آهي. جڏهين ٻيا شاعر ۽ اديب ملڪ جي ناسازگار حالتن ڪري هيسجيو وڃن، تہ بہ هيءُ مرد ميدان تي پنهنجي اصولن تي قائم آهي.

مون سان هن وقت تائين نهايت محبت ۽ اخلاص سان رهيو آهي. هن جو قوم تي ايڏو ٿورو آهي، جو اهو قرض جيڪڏهين سنهنجي هٿان سندس خطن ۽ تعلق جي اظهار ڪرڻ سان لهي سگهي، تہ آءٌ پاڻ ڪي خوش‌قسمت سمجهندس.

سندس هڪ خط نثر ۾ ۽ ٻہ شعر جي خط طور مون ڏانهن محبت جي اظهار لاءِ موڪليا اٿس، هيٺ ڏيان ٿو.

(١)

منهنجا سائين —!

اوهان جي حضور ۾ پهچڻ کان پوءِ، ڪيئي جتن ڪيا اٿم تہ پنهنجي عقيدت جو اظهار ڪريان، پر توهان جي فڪر ۽ فلسفي جي مجلس ۾ مون کان پنهنجو فن ۽ سخن و سري ويندو آهي.

منهنجي صحت هاڻ سڌرندي پئي وڃي. اوهان جون پيچائون پنهنجي درد جون دوائون ثابت ٿينديون رهن ٿيون.
مهرباني — جيئي سنڌ!
نيازمند نياز.

(٢)
شعر

سنڌڙيءَ جو سائين!

جيئينم تون، منهنجو سيد به تون،
منهنجي سنڌڙيءَ جو سائين به تون!
تون ئي سقراط، سرمد ۽ منصور تون،
تون ئي گانڌي ۽ آزاد، غفار تون؛
حيدر به تون، تون بلاول به تون—
منهنجي سنڌڙيءَ جو سائين به تون!
تون مسيحا انهيءَ قوم مرڻينگ جو،
جنهن کي پنهنجو به احساس ڪوئي نه هو؛
حاذق به تون، منهنجو هاتف به تون—
منهنجي سنڌڙيءَ جو سائين به تون!
تنهنجو پرتو پيو جنهن به ناذار تي،
عشق دولت عطا ڪئي انهيءَ يار کي؛
محبوب تون، منهنجو مرشد به تون—
منهنجي سنڌڙيءَ جو سائين به تون!
آئين ميدان ۾ سر تريءَ تي رکي،
تو جيئاريو وري ڪربلا کي اچي؛
غازي به تون، منهنجو هادي به تون—
منهنجي سنڌڙيءَ جو سائين به تون!

فڪر ۽ فلسفي کي به نئون رخ ڏياريو وجي. اوهان جي ڪتابن پڙهڻ کان اڳ مان پنهنجي ليکي ڪيترن ئي وسوسن ۽ وهمن ۾ مبتلا هوس، ڇاڪاڻ ته توهان جي مجلس ۾ وقت وڏي وڃڻ ڪري اوهان جي صحت جو لحاظ رکڻو پوندو هيو ۽ مجلس برخاست ٿيڻ تائين ڪيتريون ڳالهيون ۽ ڪيئي سوال رهجيو ويندا هيا. بهرحال هاڻ اوهان جي فڪر ۽ فلسفي کي ايتريقدر پڙهيو ۽ پرجهيو اٿم، جو سوچيو اٿم ته توهان جا ايندڙ ڪتاب به پڙهي پورا ڪري، اوهان جي سياسي تدبر جي شرح لکندس. اها ضرورت ان ڪري درپيش آئي، جو ڪيترين ڪچهرين ۾ عام خاص ماڻهن سان بحث مباحثا ڪندي، گهڻي ڇاڻ حاصل ٿي چڪي اٿم، ۽ هي خط به انهن جي اثر هيٺ، لکي رهيو آهيان.

سون کي وري به اوهان جي صحت جو خيال ستائي پيو ۽ اختصار کان ڪم وٺندي به توهان جي وقت سيڙائڻ جي لاپرواهي ڪري رهيو آهيان، پر اوهان جي قدمن کان پري هئڻ سبب توهان سان پنهنجي عقيدت جي اظهار جو پراڻو ارمان پورو پيو ڪريان. هيءَ صورت ۾ اوهان پاڻ هڪ ڪليل ڪتاب آهيو، توهان جي اڳيان پنهنجي دانائي ڏيکارڻ وڏي ناداني ٿي سگهي ٿي. پر جيئن ته اوهان جي ڪتابن اسان جي ننڊ ڦٽائي ڇڏي آهي ۽ توهان جي محبت اسان کان پنهنجا عشق فراموش ڪرائي ڇڏيا آهن، تنهنڪري اسان ديوانن جون ڪوتاهيون ۽ گستاخيون درگذر ڪيون وڃن.

تازو هڪ نظم اوهان جي عقيدت ۾ لکي چڪو آهيان ۽ هڪ ٻن هنڌن تي پيش به ڪيو اٿم. جڏهن توهان جي حضور ۾ پهتس ته روبرو به ساڳيءَ عقيدت سان ڏهرائيندس.

سچ ائين آهي ته هيلتائين اوهان جي عقيدت ۾ توهان جي عظيم شخصيت جي باري ۾ جيڪي شعر ۽ مضمون لکيا اٿم، ائين ٿو سمجهان ڇڻ اهي اجا ڪجهه به نه آهن.

ڌنهنجي مٽ ۾ محشر جهڙي، انت مچي مانداڻ ميان،
تنهنجا هيٺا حال ته ٻي تون موج پريو مهراڻ ميان!

سنڌڙيءَ ۾ نئون ساهه پيو، تو سيد جي سرڪار هٿان،
هاڻ نه ڏينديم مات ڪڏهن، ڪنهن غاصب يا غدار هٿان!

ننڊ نياڳ جي آخر سائين، ڪيستائين جنڊ ڪندي؟
نيٺ ته ڪاون ڪڪرن مان ڪا، ڪهري ڪنوڻ ڪڙڪاءُ ڪندي!

توڙي بارَ ۾ بانور توتي، هن سورن هاٽي سنڌڙيءَ جا!
تنهنجي سارَ سنواري ويندي، ڀاڳ نماڻيءَ سنڌڙيءَ جا!

آڏيءَ سانجهيءَ تنهنجي سنڌڙي، ڌنهنجا سپنا جيئي سنڌ!!
سنڌوءَ وانگهي سگهي سدوري، ڌنهنجي سائيا جيئي سنڌ!!

پنهنجو هاڙهي، پنهنجو هيرو، ساهه سيباڻو جيئي شال!
يار "نياز" اسان جو سائين، راڄ جو راڻو جيئي شال!

نياز همايوني،

١٤- ڊسمبر، ١٩٧٤ع
حيدرآباد سنڌ.

توکي ڏسندي ٿيو ويساهہ ڇاڪي خدا،
سنڌ جيئندي سدا، سنڌ جيئندي سدا،
دودو بہ تون، منهنجو دولهہ بہ تون-
منهنجي سنڌڙيءَ جو سائين بہ تون!

(٣)

شعر

آديسي تون امر الا، توکي نالو نيهي سنڌڙيءَ سان،
تون سائين، ماٺ ڏٺي، هن جيهي ڪيهي سنڌڙيءَ سان!

تنهنجو عشق سدائين باغي، هر جابر جي ذات اڳيان،
تنهنجو ڪنڌ جهڪڻ جو ناهي، ڪنهن ڀي لات منات اڳيان!

جو ڀي وقت جو وِير ٿي آيو، تنهن کي توسان وير ٿيو،
هيڏا هاڃا تنهنجي مٿان، تہ بہ تنهنجو ضمير نہ زير ٿيو!

آڏو آيا ڏاڍ گهڻا، تہ بہ توکي الڪو اوڏو ناهہ،
هر ڪنهن پنهنجو اصل ڇڏيو، پر تنهنجي اصول کي لوڏو ناهہ!

توکي ڪونہ لڪائي سگهيو، ڪوڪا نٿر ڪفر جي ڪکن ۾،
تون ئي سنڌ جو عاشق صادق، تون ئي وانجهو لکن ۾!

سنڌ جي عشق کي ڪفر چوڻ جو هوڏانهن پيو اعلان ٿئي،
هيڏانهن تنهنجي ڪفر کي ڏسندي، تازو پيو ايمان ٿئي!

سنڌڙيءَ ڪارڻ بند ۾ ٻر، ڇا ڇا نہ سٺو تو هانءَ مٿان،
منهنجا سيد، منهنجا سائين، مان صدقي تنهنجي نانءَ مٿان!

منصورن کان مٿي او سيد! تنهنجي رام ڪهاڻي آهہ،
هر ڪوئي مٺي کان پوءِ شهيد ٿو جيئري شهادت ماڻي آهہ!

سنڌ جي پيڙي سير تي هئي، پر تنهنجي سام بچائي وئي،
تو جا نيئهن نماز پڙهي، سا ڏوهہ مڙئي بخشائي وئي!

(۱)

۵- مارچ، ۱۹۷۳ع

پيارا سائين!

جيئي سنڌ!

مون کي نهايت افسوس، ارمان ۽ شرم آهي، جو اوهان جي حيدرآباد اچڻ وقت رو برو حاضر ٿي زيارت کان محروم رهيس. اڳئين پيري جڏهن اوهان سانگهڙ وڃڻ لاءِ حيدرآباد ۾ ترسيا، تڏهين مون کي خبر پئجي نه سگهي. ۽ هن دفعي جلسي ختم ٿيڻ کان پوءِ اوهان جو پروگرام معلوم ڪري سگهيو هو. نتيجي طور درياهه جي ڪپ تي پهچي به آجيو ڏيئي رهجي ويس. شايد اهڙي ئي موقعي لاءِ چيو ويو آهي ته

تهي دستان قسمت را چه سود از رهبر ڪامل
ڪه خضراز آبِ حيوان^ تشنه مي آرد سڪندر را!

باوجود انهيءَ جي منهنجي فڪر ۽ نظر تي اوهان جو جلوو هميشه رهي ٿو، ۽ پنهنجي وجود (سنڌي انسان جي حيثيت ۾) جي بقا لاءِ اوهان جي فلسفه زندگيءَ ۾ پاڻ کي گم ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان.

مون اوهان سان ملي ۽ اوهان جا ڪتاب پڙهي، ائين محسوس ڪيو آهي ته آءٌ اونداهيءَ جي ڪاري ۽ هيبتناڪ ڪُن مان نڪري، پُورنماسيءَ ۾ پهچي ويو آهيان. ’مولويت جو چولو‘ جيڪو آزاديءَ سان هلڻ ۽ سوچڻ لاءِ ٻيڙ ۽ زنجير ثابت ٿيندو پئي رهيو آهي، تنهن کي ماضي مرحوم جي کنڊرن ۾ اڇلائي ڇڏيو اٿم.

اوهان ته هن دور جي سنڌ لاءِ پهريون ۽ آخري سهارو آهيو، پر مان آزاديءَ ۽ حق لاءِ وڙهندڙ هر انسان جو مداح رهيو آهيان- پوءِ آهو ڪٿي جو به هجي ۽ ڪير به هجي!

مولوي عبدالواحد آريسر

هي ٿرپارڪر ضلعي جو ويٺل آهي. رواجي گمنام زندگيءَ سان هن اهڙي شهرت حاصل ڪئي آهي، جو ان جو مثال ملڻ مشڪل آهي. هي تقرير ۽ تحرير ۾ پنهنجو مثال پاڻ آهي.

منهس مضمونن ۽ تقريرن کان سرڪار ناراض آهي، جو ان جي خوف کان ڪن لڪائي لڪندو گهمي، ۽ ٻئي طرف شاگرد آهن، جي سندس پويان حيران ۽ سرگردان آهن ته هي سندن مجلسن کي رونق افروز ڪري. سنهنجو ڪيس چوٽ آهي ته گوشي ۾ ويهي تصنيف ۽ تاليف ۾ مشغول رهي.

هي ٻن پيڙين وچ ۾ آهي. خدا ڪيس لوسين، قوسين کان پناهه ۾ رکي ۽ ظالمن جي چنبي کان پري رکي. بدقسمتي اها آهي ته هي مظلوم قوم سنڌيءَ جو فرد ٿي پيو آهي؛ جي مهاجر ۽ پنجابين سان هجي ها، ته نه حڪومت کي سندس سحر بيانيءَ ڪري ڪيس قاسائڻ جي همت ٿئي ها، ۽ نه هي پاڻ روزگار جي تنگيءَ ۽ سرڪار جي خوف کان لڪي وقت گذارڻ لاءِ مجبور ٿئي ها.

سندس مون ڏي لکيل ڪيترن خطن سان هڪ هيٺ پيش ڪجي ٿو.

محمد ابراهيم "منشي" سومرو

ميان محمدابراهيم منشي جنهاڻ ڳوٺ جي پر جو ويٺل آهي.
هڪ غريب گهر جو معمولي تعليم يافته آهي. پر خدائي ذات هرويرو علم تي نه آهي. ڪجهه وقت کان هن جيڪي شعر چيا آهن، تن منڊ ۾ نئون روح ڦوڪي ڇڏيو آهي. جهڙو آهي عمدو شاعر تهڙو خوش الحان آهي. سچ جي اظهار ڪندي، ڪيئي دفعا جيل ڪاٽي آيو آهي.

هڪ طرف سرڪار جو ڏسر، ٻئي طرف پاڙيسرين جو ڏک، تن ڪيس گهڻيئي تڪليفون پهچايون آهن. بمصداق

تعذير جرم عشق هے بيڪار محتسب
بڑهتا هے اور ذوق گنه يان سزا کے بعد

وارو حال اٿس. خدا شل ڪيس حاسدن ۽ ظالمن جي مشڪلات کان پاسي رکي، ۽ همت قائم ۽ ايمان سلامت رکيس! اهڙن ماڻهن جو قدر صرف زنده ۽ آزاد قوم ڪري سگهي ٿي. باقي قومي بدحاليءَ ۽ غلاميءَ جي وقت قدر جي اميد اجائي آهي.

"الدنيا جنت الڪافرين و سجن المومنين" جو مقولو ٺيڪ پيو نظر اچي.

آءٌ چاهيان ٿو ته پنهنجي وس آهر توهان جو فڪر "پيغام" وسيلي سنڌ واسين تائين پهچائيندو رهان. انهيءَ ڪري اوهان پنهنجا مضمون، تقريرون، خط ۽ خطبا "پيغام" ۾ ڇپڻ لاءِ عنايت ڪريو ته مهرباني!

۲- جيڪي مضمون ڏيپلائيءَ نہ ڇاپيا هئا، سيءُ سنڌ اسيمبليءَ ۾ شهيد الهه بخش جي تقرير ۽ اوهان جون تازيون تقريرون، مهربانيءَ سان عنايت ڪريو ته نوازش ۽ ڪرم پروري!

عمرت دراز باد ڪہ تا دور مشتري
ما از تو برخوريم و تو از عمر برخوري

اوهان جي پير - ڀٽيءَ
عبدالواحد آريسر

ڏينهن هڪ ٿي ويندو ۽ سڀ سنڌ جي ڪاز سان سچا آهن. ليڪن تجربن مون تي جيڪو ڪجهه واضح ڪيو آهي، ان حالت ۾ منهنجي ايمان، ذهن، ضمير ۽ سوچ ۾ وڌيڪ پختگي پيدا ٿي آهي ۽ وڌيڪ سچائيءَ ۽ ڪوڙ جا طبقا منهنجي اڳيان روشن ٿي ويا آهن. لکان ته جيڪر تمام گهڻو لکي سگهان ٿو. ليڪن خط پهچڻ لاءِ يقين گهٽ اٿم. تنهنڪري وڌيڪ واضح نٿو ڪري سگهان.

فقط

اوهان جي پير جي پٽي،
منشي محمد ابراهيم سومرو.

(١)

١٩- جولاءِ، ١٩٧٤ع

منهنجا رهبر اعظم سائين جي. ايم. سيد!

جيئي سنڌ!

جناب اعليٰ! آءٌ اوهان کي ڇا لکي ٻڌايان، مون وٽ اهڙا الفاظ ڪونہ آهن. بهرحال، مختصر: جڏهن کان مون کي ڪجهہ سڌ ٻڌ پيئي ۽ مون اوهان جو لٽريچر پڙهيو، ان کان پوءِ هڪ رات ٻارهين بجي جو ارباب نور محمد ڀليجي جي اوطاق تي اوهان جو هڪ پيغام پڙهيم، جنهن ۾ پاڪستان جي باري ۾ ڪجهہ لکيل هو، ۽ مون ان کان متاثر ٿي، دل ۾ واعدو ڪيو تہ ڪنهن بہ وقت قائد اعظم کان قائد عوام ڏائين، اها ڳالهہ سر عام ضرور چوندس؛ جيڪو واعدو ڇاٽي ڇجهي پورو ڪيم، ۽ اُن جي سزا آءٌ ضرور ڀوڳي رهيو آهيان. ليڪن مون کي ان لاءِ ڏک نہ آهي.

سائين منهنجا! منهنجي زندگيءَ ۾ ڏنهنجي نظريات ۽ سچائيءَ جو ايترو دخل آهي، جو آءٌ سنڌ متيءَ جو قسم کڻي چوان ٿو تہ منهنجو پيءُ بہ توهان، منهنجو رهبر بہ توهان، منهنجو سڀڪجهہ توهان آهيو. ۽ هن کان اڳ منهنجا ڪافي ماڻهن سان واسطا وهيا هئا، ليڪن وقت جي تقاضا مون کي سڀڪجهہ ڏيکاري ۽ سيکاري ڇڏيو.

مون پنهنجي اڻ ڄاڻائيءَ ڪري، جنهن بہ ماڻهوءَ منهنجي اڳيان سنڌ جي ڳالهہ ٿي ڪئي، ان کي پنهنجو سمجهيو ٿي. اها منهنجي غلطي چئجي يا اڻڄاڻائي، ان لاءِ وڏيڪ ڇئي نٿو سگهجي.

مون پنهنجي ٻال ڀولائيءَ ڪري، هميشه ائين سمجهيو هو تہ جيڪو گروهہ اختلاف واءِ رکي ٿو، اهو اسان سان هڪ

۽ حيدرآباد ۾ اچڻ بعد اتي به قوم‌پرست تحريڪ جاري رکيائين. حيدرآباد ڪاليج ۾ تمام ٿورا سنڌي هئا، پر پوءِ به تحريڪ جو ڪم ڪندو رهيو. ان ڪري غيرسنڌين جي نظرن ۾ ٿي پيو ۽ ڪيس ڪيڏڻ جا منصوبا ٿيڻ لڳا. شهيد پنهنجي دائري اثر ۾ قليل عرصي ۾ قوم‌پرست تحريڪ کي پختي ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. غيرسنڌي شاگردن، هندو استادن ۽ شاگردن خلاف هنگاما ڪيا، جتي هن سنڌي شاگردن کي ميدان عمل ۾ آڻي، سنڌي هندن جو تحفظ ڪيو. هنگامن بعد ادارو بند ڪيو ويو. ۷- آگسٽ تي ادارو کلڻ شرط، سنڌ دشمنن هڪ جامع منصوبو رٿي، وڏي تعداد ۾ گڏ ٿي، سندس آفيس تي بزدلانه حملو ڪري، کيس شهيد ڪيو. سندس قرباني، سنڌ جي تاريخ ۾ سدا ياد رهندي!

هڪ سچي قوم‌پرست جي حيثيت ۾ مون سان عقيدت هيس; آن جو اظهار سندس هيٺ ڏنل خط مان ٿئي ٿو.

(۱)

حيدرآباد سنڌ. ۷۸۶

۳- جنوري، ۱۹۷۲ع جيئي سنڌ!

(۴۵-۱۰ رات)

منهنجو پُٽ اهو، جنهن جي ڇاتيءَ ۾ ڇرا،
گهايل ڪونهي جو، مون کي ماءُ نه مڃي سو،
ٻيج نه بخشيان آن کي، جيڪو چُپ ويٺو،
رنگ جنهن جو ريٽو، ماءُ انهيءَ جي آهيان!
(تنوير)

بخدمت جناب سيد صاحب!

السلام عليڪم:

سائين، سنڌ جا سيد، مان هيءُ خط اوهان ڏانهن ٻهريون دفعو لکي رهيو آهيان، جو اميد ته قبول پوندو.

شهيد عبدالرزاق سومرو

شهيد عبدالرزاق سومرو، موري جي درويش صفت ۽ صوفي منش سومري خاندان جو چشم چراغ هو.

سندس ڏاڏو ۽ پڙڏاڏو اجرڪن جي ڇَرَ جو ڪم ڪندا هئا. سندس والد محترم محمد سليمان ولد عبدالرحمان سومرو، ٦٥ سالن جو هڪ رٽائرڊ پرائمري ماستر آهي ۽ موري شهر ۾ درسي ڪتابن جو دڪان اٿس، جتي ڪتابن جا جلد ٻڌي ۽ فريم ٺاهي، وڪرو ڪري، گذران ڪندو آهي.

شهيد عبدالرزاق ٢٣- سيپٽمبر ١٩٤٧ع تي موري ۾ ڄائو. ابتدائي تعليم موري جي پرائمري اسڪول ۾ ورتائين. اٺين درجي جي امتحان ۾ ڪاميابي حاصل ڪري، اسڪالرشپ هولڊر ٿيو. ١٩٦٣ع ۾ميٽرڪ ڏنائين. سيپٽمبر ١٩٦٤ع ۾ پاليٽيڪنڪ انسٽيٽيوٽ خيرپور ۾ اليڪٽريڪل ڊپلوما ڪورس لاءِ داخلا ورتائين. ١٩٦٧ع ۾ ٽن سالن جو ڪورس مڪمل ڪري، مغربي پاڪستان ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن بورڊ مان سڀني مارڪون کڻي، فرسٽ ڪلاس ستون نمبر آيو.

امتحان بعد، ساڳئي ڪاتي ۾ نوڪريءَ لاءِ انٽرويو ۾ پهريون نمبر آيو. ٢٣- سيپٽمبر ١٩٦٧ع ۾ ڪراچي پاليٽيڪنڪ اداري ۾ جونئر انسٽرڪٽر مقرر ٿيو. ٽن مهينن بعد خيرپور بدلي ڪيو ويو، جتان ڏهن يارهن مهينن کان پوءِ حيدرآباد پاليٽڪنڪ اداري ۾ بدلي ٿي آيو. هن خيرپور پاليٽيڪنڪ ۾ ڪيترا قومپرست ڪارڪن تيار ڪيا



سيد غلام مرتضيٰ شاهہ سيد محمد شاهہ سنائي

عرف

جي.ايم. سيد صاحب

— هن ڪتاب جو لائق مصنف: سنڌس جنم ١٧- جنوري ١٩٠٤ع تي، ڇنڇر ڏينهن، سن جي ڳوٺ ۾ ٿيو.

پاڻ منياري سيدن مان، سيد شاهہ حيدر عليہ الرحمت جي اولاد مان چوڏهون نمبر سجاده نشين آهي. تعليم مڪاني طرح ورتائين.

١٤ ورهين جي عمر ۾ سن جي شهر ۾ "انجمن مسلمين سن" برپا ڪري، شاديءَ، غميءَ ۽ ٻين رسمن جي اصلاح ڪرايائين.

مارچ ١٩٢٤ع ۾، سنڌ جي سيدن جي تعليمي ۽ معاشرتي اصلاح ۽ تنظيم لاءِ سن ۾ منياري سادات ڪانفرنس سڏائي، "انجمن سادات منياري" قائم ڪرايائين.

ڊسمبر ١٩٢٤ع ۾، حيدرآباد ۾ ٿيل "سنڌ تعليمي ڪانفرنس" ۾ خاص حصو ۽ دلچسپي ورتائين.

آڪٽوبر ١٩٢٥ع ۾، ڪراچي ضلعي جي "آبادگارن ۽

سنڌ جا سرويچ، توهان کي لک لک مبارڪون هجن، جو اوهان تان نظربندي هٽائي ويئي آهي' مون کي نهايت ئي مسرت حاصل ٿي، جا لفظن ۾ سمائڻ کان ٻاهر آهي، پهريان ته اوهان ڏانهن صلاح پنهور سان گڏ اچڻ جو پروگرام ٿهيو، ته روبرو اچي قدمبوسي ڪجي- ڪن مجبورين جي ڪري، نه اچڻ ٿيو آهي ۽ هيءُ ناچيز ڪجهه الفاظ لکي رهيو آهي، جي قبول ڪندا.

سائين، مان جڏهن به نماز پڙهندو هيس، ته اوهان جي حق ۾ دعائون گهرندو رهيس، ته خدا تعاليٰ اوهان کي وڏي حياتي ڏئي ۽ اوهين اسان جوانن سنڌين جي صحيح رهبري ڪندا رهو!

سائين! اميد ته هڪ اڌ مهيني اندر زيارت ڪبي يا وري سالگره تي ضرور اچبو- اڳئين سالگره تي ڪراچيءَ آيو هيس.

جيڪڏهن زندگيءَ ساٿ ڏنو ته اوهان جو ضرور ديدار ڪبو.

سائين، مان هڪڙو عرض ڪري رهيو آهيان ته مهرباني ڪري هن ناچيز ڏانهن جيڪڏهن هڪ عدد پنهنجو فوٽو، جنهن تي اوهان جو لکيل قول ۽ اوهان جي صحيح هجي، ته موڪليندا، ته مان اوهان جو شڪرگذار رهندس- اميد ته جواب ضرور به ضرور ڏيندا.

سنهنجي ائڊريس هيءَ آهي:

عبدالرزاق سومرو،

جونئر انسٽرڪٽر، گورنمينٽ پولي ٽيڪنڪ انسٽيٽيوٽ، حيدرآباد سنڌ

١٩٣٠ع ۾ سيد ميران محمد شاهہ سان گڏجي، شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ميلي جي موقعي تي، ادبي ۽ ثقافتي ڪانفرنس ڪوٺائڻ جي شروعات ڪيائين.

ڪراچيءَ کان ڪوٽڙي رستو پڪو ڪرايائين، ۽ ڪراچي لوڪلبورڊ بلڊنگ، جنهن ۾ هن وقت ريڊيو پاڪستان ڪراچي آهي، ٺهرايائين.

١٩٣٠ع ۾، ميرپورخاص ۾ "سنڌ هاري ڪانفرنس" سڏايائين، جنهن جي استقباليہ ڪاميٽيءَ جو پاڻ چيئرمن هو. ڪانفرنس جي صدارت جمشيد ميهتا ڪئي. اتي سنڌ هاري ڪاميٽيءَ جو بنياد وڌو ويو. ان جا پهريان عهديدار هي هئا: پرنسيپال گوکلي، صدر؛ ۽ جيٺمل پرسرام، شيخ عبدالمجيد ۽ جي. ايم. سيد سيڪريٽري هئا.

١٩٣٠ع کان ١٩٣٦ع تائين، خانبهادر عظيم خان ۽ جمشيد ميهتا سان گڏ، ڪوآپريٽو تحريڪ ۾ ڪم ڪيائين. سنڌ ۾ جيٺمل پرسرام سان گڏ "صوفي سماگم" مجلسن سڏائڻ جو دستور وڌائين.

١٩٣١ع کان سنڌ ۾ ديسي هنرن جي زور وٺائڻ ۽ کاڌي تحريڪ کي زور وٺائڻ لاءِ ديسي نمائشن کي قائم ڪرڻ ۾ حصو ورتائين.

١٩٤٠ع ۾، سنڌ سرڪار جي وزير تعليم، انڊسٽريز ۽ ليبر ٿيڻ بعد، هيٺيان ڪم ڪيائين:

(١) سنڌ ۾ جدا يونيورسٽي قائم ڪرڻ لاءِ ميران محمد شاهہ جي صدارت هيٺ ڪميٽي مقرر ڪيائين.

(٢) سنڌي ادب کي زور وٺائڻ لاءِ "سنڌي ادبي صلاحڪار بورڊ" ميران محمد شاهہ جي چيئرمنيءَ هيٺ قائم

زميندارن جي ائسوسئيشن" برپا ڪرڻ ۾ سيٺ محمد جعفر خواجي سان گڏ مکيه حصو ورتائين.

١٩٢٦ع ۾، ڪراچي ضلعي لوڪلبورڊ ۽ اسڪولبورڊ جي ميمبريءَ وقت سن جي ڳوٺ ۾ زنانو اسڪول، انگريزي ڪلاس، ۽ شبينه اسڪول قائم ڪرايائين.

١٩٢٦ع ڌاري، سيد حيدر عليہ الرحمت جي درگاه تي، ساليانے ميلي جي موقعي تي، محال مانجهندن جي تعليمي ترقيءَ ۽ معاشرتي اصلاح لاءِ ڪانفرنس سڏائڻ جو دستور وڌائين، ۽ سنڌ جي ميلن کي انهيءَ طرح ڪتب آڻڻ لاءِ ٺهراءُ پاس ڪرايائين.

١٩٢٨ع ۾ ضلعي لوڪلبورڊ ڪراچيءَ جي پريزيڊنٽ چونڊجڻ بعد، ڪراچي ضلعي ۾ ڳوٺ سڌار هلچل شروع ڪرائي، ساري ضلعي ۾ جلسا سڏائي، ان جو پرچار ڪرايائين.

ڪراچي ضلعي لاءِ هيٺيون جماعتون ٺهرائي، انهن ذريعي سماجي خدمت ڪيائين:

١- ڪراچي ضلعو ڳوٺ سڌار ائسوسئيشن.	صدر: جمشيد ميهتا، سيڪريٽري: پاڻ.
٢- زالن جي بهتريءَ لاءِ جماعت.	صدر: مسز موسي ميهتا، سيڪريٽري: مس آڏواڻي.
٣- مالدارن جي بچاءَ لاءِ ائسوسئيشن.	صدر: حاجي مير محمد بلوچ، سيڪريٽري: پاڻ.
٤- ڪوآپريٽو انسٽيٽيوٽ.	صدر: جمشيد ميهتا، سيڪريٽري: پاڻ.
٥- مير بحرن جي حقن جي حفاظت لاءِ جماعت.	صدر: جمشيد ميهتا، سيڪريٽري: پاڻ.
٦- زميندار ۽ آبادگار جماعت	صدر: سيد حاجي عبدالرحيم شاه، سيڪريٽري: پاڻ.

قربانيون ۽ بي مثل ڪردار، پنهنجي ليکي، جديد سنڌ جي تاريخ جو هڪ روشن ترين باب آهي.

سنڌن هيٺيان ڪتاب تصنيف ڪيل آهن، جن مان ڪي ڇپيل آهن ۽ ڪي اڃا نه ڇپجي سگهيا آهن:

١- ”محال مانجهند جو تعليمي ۽ تنظيمي پروگرام“ ڇپيل
٢- ”انتظامي کاتي کان عدالتي کاتي جي جدائي“ ”
٣- ”پاڪستان ۽ مسلمان“ (ترجمو) ”
٤- ”نئين سنڌ لاءِ جدوجهد“ (سنڌي، انگريزي) (بندش پيل) ”
٥- ”پيغام لطيف“ ”
٦- ”موجوده سياسي مسئلا“ (بندش پيل) ”
٧- ”جيئن ڏٺو آهه مون“ (سنڌي، اردو. سنڌيءَ تي بندش پيل) ”
٨- ”جديد سياست جا نو رتن“ (بندش پيل) ”
٩- ”سنڌ جا سورما“ ”
١٠- ”جنب گذاريم جن سين“ (ٻه ڀاڱا) ”
١١- ”وهاڻ“- سيد ميران محمد شاه جا خط ”
١٢- ”شاه عبداللطيف جون ڪافيون ۽ وايون“ ”
١٣- ”سنڌ جي بمبئيءَ کان جدائي“ ”
١٤- ”سيد علي محمد شاه راشديءَ جا خط ۽ مضمون“ ”
١٥- ”ساهڙ جا سينگار“- علامه آءِ. آءِ. قاضيءَ جا خط ”
١٦- ”سنڌي ڪلچر“ ”
١٧- ”بزم صوفياءِ سنڌ جا خطبا“ ”
١٨- ”چونڊ سياسي مضمون ۽ تقريرون“ (١٩٦٢ع) ”
١٩- ”ديار دل ۽ داستان محبت“ (بندش پيل) ”
٢٠- ”پنهنجي ڪهاڻي پنهنجي زباني“ (خاڪو) ”
٢١- ”ادبي مضمون“ اڻ ڇپيل

ڪيائين، جنهن جو سيڪريٽري عثمان علي انصاري هو، جو پوءِ غلام نبي پٺاڻ جي تعليمي وزيريءَ جي ڏينهن ۾ وڌي، ١٩٥١ع ۾، "سنڌي ادبي بورڊ" نالي سان سڏجڻ لڳو.

(٣) اسڪولن ۾ راڳ، رقص ۽ مصوريءَ جي تعليم کي زور وٺائڻ لاءِ ڪميٽي مقرر ڪيائين.

(٤) سيڪنڊري تعليم جي زور وٺائڻ لاءِ ڪميٽي مقرر ڪيائين، جنهن آخر بدلجي "سيڪنڊري ايڊيوڪيشن بورڊ" جي صورت اختيار ڪئي.

(٥) ملن طرفان اڏاريل اسڪولن ۾ زوري مذهبي تعليم رائج ڪرڻ جي سوال تي غور ڪرڻ لاءِ هڪ ڪميٽي علامه آءِ. آءِ. قاضيءَ جي صدارت هيٺ قائم ڪيائين، جنهن سفارش ڪئي ته الڳ مذهبي تعليم جو اسڪولن ۾ لازمي رواج فائدي بدران نقصان جو ڪارڻ ٿيندو.

(٦) مزورن جي آرام ۽ ڪم جي وقت جي عرصي مقرر ڪرڻ لاءِ قانون پاس ڪرايائين.

(٧) "انڊين نئشنل پلئننگ ڪميشن" (پنڊت جواهر لعل نهرو جي صدارت هيٺ قائم ٿيل) تي ڪم ڪيائين.

"سنڌي ادبي بورڊ" جي ورڪنگ ڪميٽيءَ تي چيئرمن طور ١٩٥٣ع کان ١٩٥٨ع تائين ڪم ڪيائين.

"شاهه لطيف ڪلچرل بورڊ" قائم ڪرائي، ان تي ميمبر طور ڪم ڪيائين. شاهه لطيف جي درگاهه تي ثقافتي مرڪز جي تجويز تيار ڪري، ان کي بحال ڪرائڻ ۾ سندس مکيه هٿ هو.

معاشرتي ۽ تهذيبي کيتر ۾ سندن اهڙين عظيم حاصلاتن سان گڏ سياست جي ميدان ۾ پنهنجي وطن عزيز لاءِ سندن

ڀلنامون

صفحو	سٽ	غلط	صحيح
١١	٨	ٿوڙو	ٿوڙهو
٣١	٤	بي التفاقي	بي اتفاقي
٣١	٥	„	„
٣٣	١	پنهنجمي	پنهنجي
٣٩	٧	ڪٽ	هٽ
٤١	١٥	هالي	عالي
٤٣	آخري	هوند	هوندو
٤٥	١٨	ويو- هو	ويو هو-
٥٣	٢٠	٣- اپريل	٣٠- اپريل
٧٧	٢٤	منڌ	سنڌ
٨٩	١	آهن هن.	آهن. هن
١٠١	٤	نهايت ۽	نهايت محنتي ۽
١٠٣	٢٥	وقت لڳندو	وقت نه لڳندو
١٠٧	١	عبدالخالق	عبدالحق
١١٣	٥	ضلمن	ضلعن
١٦٦	٩	فراخدل طبع	فراخدل ۽ حليم طبع
٢٦٢	١٠	آ ۽ ڙ لوهه	آ ۽ لوهه
٣٠٠	٦	شيريف	شَريف
٣١٢	١٩	پنهنجمي	پنهنجي
٣١٢	٢٠	ڪو	ڪا
٣٤٣	١	غلام محمد لغاري	پرسرام ٿهلراماڻي
٣٥٦	٢٠	سڪم پٽري	سيڪريٽري
٣٨١	٢٠	اوهان لاءِ	اوهان ڪان

٢٢- ”جديد مشاهير عالم“ اڻ ڇپيل
٢٣- ”اسلامي سربراهي ڪانفرنس- تبصرو“ ”
٢٤- ”جناح سان لکپڙهه“ ”
٢٥- ”سنڌ ۽ هند جي مُک سياستدانن ۽ عالمن جا خط“ ”
٢٦- ”پنهنجي ڪهاڻي پنهنجي زباني“ (پنجن جلدن ۾) ”
٢٧- ”تاريخ متعلوي سادات، بمع شجره“ ”
٢٨- ”محمد امين کوسي جي خطن جو مجموعو“ ”
٢٩- ”سنڌ جي ساڃاهه“ زير تصنيف

- ۽ ٻيا ڪيئي مضمون ۽ ڪتابچا- ڪي ڇپيل ۽ ڪي اڻ ڇپيل.

هن وقت مٺن سنڌن ڳوٺ مِن ڪان ٻاهر نڪرڻ تي سرڪار طرفان بندش پيل آهي، ۽ پاڻ آتي فرصت جو سمورو وقت لکڻ پڙهڻ جي ڪم ۾ مشغول رهن ٿا.

سنڌي اديبن جي ڪوآپريٽو سوسائٽيءَ جا…

ڇپيل

۱. ڪپر ٿو ڪُن ڪري، شيخ اياز

۲. ڪنول پاڙون پاتار ۾، فتاح ملڪ ۴-۰۰

۳. سچ جا سنيها، محبوب علي جوکيو ۳-۰۰

ڇپائيءَ هيٺ

۱. شاهه جو رسالو

۲. سچل جو رسالو

۳. ساميءَ جا سلوڪ

۴. فڪر جي آزادي (ترجمو)، محمد ابراهيم جويو

۵. محبت جي راهه تي، ع. ق. شيخ

۶. گليلو جي زندگي (ترجمو)، محمد ابراهيم جويو

۷. ٻارن جا گيت، استاد بخاري

ملڻ جو هنڌ

۱- سنڌي اديبن جي ڪوآپريٽو سوسائٽي لميٽيڊ، ۸، ٽي - ماڙ، منظور چيمبرس، گاڏي ڪاتو، حيدرآباد سنڌ.

۲- ادبيات، اسپتال روڊ، حيدرآباد ۽ سنڌ جا ٻيا مشهور ڪتب فروش.